# قرآني آيتون ۽

# سائنسي حقيقتون


مصنف

**ڊاڪٽر هلوڪ نور باقي**

(Radio Therapy – Radiobiology Specialist)

سنڌيڪار

**احمد الدين شر بلوچ**


Sindhica
سنڌيڪا



ڪتاب نمبر

370

حق ۽ واسطا سنڌيڪا وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڇپريون ڇاپو: | 2015ع |
| ڪتاب جو نالو: | قرآني آيتون ۽ سائنسي حقيقتون |
| ليکڪ: | ڊاڪٽر هلوڪ نور باقي |
| سنڌيڪار: | احمد الدين شر بلوچ |
| ڇپائيندڙ : | سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي |
| قيمت : | 300/= رپيا |

ISBN 978-969-9866-11-1

**“Qurani Aayatoon Aen Science-e Haqeeqatoon”**
(Scientific Approach of Quran)
By: Dr Halook Noor Baqi
Translated in Sindhi By Ahmed Ud Din Shar Baloch
**Published by: Sindhica Academy,**
B-24, National Auto Plaza, Marston Road, Karachi-74400

**سنڌيڪا اڪيڊمي**B_24 ، **نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي**74400. **فون:** 021_32737290
**سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ،** 03352233802-
**سنڌيڪا بوڪ شاپ،** 19 **بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون:** 03352233803 -03013431537
**العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون:** 0212214521، 0300_343115
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي - ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، بخاري ڪتاب گهر، قادري بوڪ اسٽور، مهراڻ بوڪ اسٽور، مجاهد بوڪ اسٽور نيم ڪي چاڙهي سکر - ڀٽائي بوڪ هائوس حيدرآباد03223011560 - سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد - شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه - عثمانيه لائبريري، چنيهاٽي ڪنڊيارو، - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبربوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو - مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو - حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊيپو، سانگهڙ - سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد - ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز - حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه - ديدار بوڪ ڊيپو، ٽنڊوالهيار - رفعت بوڪ هائوس، ماتلي - مرچو لال پريمي، بدين - مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 0300-3319565، عطار ڪتاب گهر، بدين، مهراڻ ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو، وسيم ڪتاب گهر لکي در. سعيد بوڪ اسٽور، شڪارپور. سومرا بوڪ اسٽور ميهڙ، ساحر ڪتاب گهر، ڪوندي ميهڙ 0346-8948535 ، مڪتبه امام العصر گهوٽڪي، 03033695037



**لکپڙهه لاءِ**
**سنڌيڪا اڪيڊمي**
**B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي 74400**
**فون: 021-32737290، ويب سائيٽ: www.sindhica.org**
**اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com**




www.sindhsalamat.com

## مضمونن جي فهرست


مقدمو ........ 7

عرض مترجم (اردو) ........ 14

تعارف ........ 16

موضوع نمبر 1 آسماني فضا (ATMOSPHERE) جا راز ........ 19

موضوع نمبر 2 ڪائنات جون اڻ چاتل جايون ........ 27

موضوع نمبر 3 قرآن ۾ نوبل انعام ماڻيندڙ نظريي جو مرتبو ........ 32

موضوع نمبر 4 تيل جي باري قرآن جي شاهدي ........ 37

موضوع نمبر 5 مينهن جا راز ........ 43

موضوع نمبر 6 جوهري مرڪز ........ 49

موضوع نمبر 7 طرفن جا راز ........ 53

موضوع نمبر 8 قرآن زمين جي گردش کي ظاهر ڪري ٿو ........ 57

موضوع نمبر 9 قرآن جي اها آيت جنهن ڪوسٽو کي سڌي واٽ وٺائي ........ 61

موضوع نمبر 10 زمين ۾ قوت جو راز ........ 65

موضوع نمبر 11 وضو سٺي صحت لاءِ بهترين نسخو آهي ........ 73

موضوع نمبر 12 حمل (ڳيجڻ) جي باري ۾ دلچسپ حقيقتون ........ 79

موضوع نمبر 13 پاڻي ۽ زندگيءَ جي سگهه ........ 84





موضوع نمبر 14 ۽ جڏهن هر ماڻهو روزو رکندو ........ 89

موضوع نمبر 15 ماءُ جي ڳنڀيرڻ ۾ ٿي اوندا هيون ........ 95

موضوع نمبر 16 قرآن ۾ آڪيسجن بابت ڪيل اڳڪٿي ........ 100

موضوع نمبر 17 الله تعاليٰ جي حيرت ۾ وجهندڙ مخلوق، ماڪيءَ جي مک .... 105

موضوع نمبر 18 شراب، انسان جو وڏي ۾ وڏو دشمن ........ 112

موضوع نمبر 19 وقت جو سائنسي رخ ........ 120

موضوع نمبر 20 ڪائنات جي پيدائش ........ 125

موضوع نمبر 21 هڪٻئي مٿان ست آسمان ........ 132

موضوع نمبر 22 عبادت ۽ ذهني صحت ........ 140

موضوع نمبر 23 اُٺ ۾ لڪيل راز ........ 147

موضوع نمبر 24 ڪائنات جا پنا ........ 152

موضوع نمبر 25 حضرت عيسيٰ ۽ حضرت آدم جي تخليق ........ 155

موضوع نمبر 26 زمين جي بيضوي شڪل ........ 166

موضوع نمبر 27 صمد جا اسرار ........ 169

موضوع نمبر 28 جبلن جا راز ........ 173

موضوع نمبر 29 پروگرام ۽ تقدير ........ 176

موضوع نمبر 30 پکڙندڙ ڪائنات ........ 179

موضوع نمبر 31 قادر مطلق جي ڪمپيوٽري مرڪز ۾ نديڙي ڪائنات جو رڪارڊ 182

موضوع نمبر 32 الله تعاليٰ ﷻ جي جهانن جو پالڻهار هجڻ وارو اسرار ....... 188


www.sindhsalamat.com

# مقدمو

انهيءَ ڳالهه تي سڀئي متفق آهن تہ قرآن بنيادي طور تي هڪ هدايت جو ڪتاب آهي. مطلب تہ اهو فڪر ۽ عمل، معاشرت ۽ معيشت جي انداز ۽ انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي سڀني پاسن ۾ انسانن جي اهڙي طرح رهنمائي ڪري ٿو جو انسان هن دنيا ۾ هڪ مطمئن ۽ خوشگوار زندگي گذاري سگهن ۽ آخرت جي دائمي زندگي ۾ بہ فلاح ۽ ڪاميابي جا مستحق ٿي سگهن. انهيءَ جي بنيادي دعوت اها ئي آهي جيڪا سڀئي نبي سڳورا، قرآن کان اڳ وارن آسماني ڪتابن ۾ ڪٺي آيا. يعني توحيد ۽ آخرت جو عقيدو ۽ جنن، ملائڪن ۽ ڪائنات جي خلقڻهار ۽ پالڻهار ۽ ان جي آخري رسول ﷺ جي فرمانبرداري ۽ نيڪ عمل اختيار ڪرڻ.

پر آدم جي پيدائش واري قصي ۾، قرآن جي پهرين سيپاري ۾ سورتِ بقره جي شروعات ۾ ذڪر آهي تہ الله تعاليٰ جنهن بنياد تي ملائڪن کان آدمؑ کي سجدو ڪرايو سو ان جو "شين جي علم" ۾ برتريءَ جي ڪري هو، جيڪو ملائڪن جي محدود علم جي مقابلي ۾ گهڻو وڌيڪ هو. "وَعَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا"(البقره، آيت ٣١). گهڻن ئي قديم ۽ جديد مفسرن موجب "اسماء" يعني نالن جو هتي مطلب ڪائنات جون سڀئي شيون آهن ۽ ويهين صدي جي شروع ۾ مصر جي عظيم مفسر قرآن مفتي عبده مطابق علم جي اها طاقت رڳو ابو البشر حضرت آدمؑ کي عطا نہ ٿي هئي پر سموري انسانيت جي فطرت ۾ شامل ڪئي وئي هئي ۽ انهيءَ جي ئي بنياد تي انسان کي سموري مخلوق مان سڀ کان افضل ۽ اشرف قرار ڏنو ويو.

وَ لَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ وَ حَمَلْنٰهُمْ فِي الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ وَ رَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَ فَضَّلْنٰهُمْ عَلٰى كَثِيْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِيْلًا ﴿٧٠﴾

"۽ بيشڪ آدم جي اولاد کي شرف ڏنوسون ۽ کين خشڪيءَ ۽ سمنڊ ۾ (سوارين تي) کنيوسون ۽ کين سٺين شين مان روزي ڏني سون ۽ جيڪي خلقياسون تن مان گهڻن کان کين زياده مانَ وارو ڪيوسون"

(سورتِ بني اسرائيل، آيت ٧٠)

ڪائنات ۽ حياتيءَ جي باري ۾ قرآن ۾ ايتريون تہ رمزون ۽ حقيقتون بيان ڪيون ويون آهن جو انهن کي شمار ۾ آڻڻ مشڪل آهي. جيئن جيئن انسان جو علم وڌندو



www.sindhsalamat.com



ويندو تيئن تيئن انهن حقيقتن جا راز ظاهر ٿيندا ويندا. ڇو تہ قرآن ۾ زمين تي هلندڙ توڙي ريڙهيون پائيندڙ هر جيت جڻي ۽ ٻن پرن سان اڏامندڙ هر پکيءَ کي، انسانن وانگر قومون سڏيندي فرمايو ويو آهي: "مَا فَرَّطْنَا فِي الْكِتٰبِ مِنْ شَيْءٍ" يعني "اسان پنهنجي ڪتاب ۾ هر شيءِ جي ذڪر ۾ ڪابہ کوٽ نہ رکي آهي." (سورت الانعام، آيت ٣٨)

انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ ڪائنات ۽ حياتي جي باري ۾ سڀئي اصولي ڳالهيون قرآن ۾ بيان ڪيون ويون آهن.

شروع واري زماني جي مسلمانن کي اهڙين ئي سائنسي حقيقتن رياضياتي، طبعياتي، فلڪياتي ۽ حياتياتي علمن ڏانهن متوجہ ڪيو ۽ اڄ کان هن سؤ سال اڳ يوناني ۽ هندي علمن جي يلغار جي سامهون نہ تہ اهي بيوس ٿيا ۽ نہ ئي اهي علم انهن جي ايمان کي لوڏي سگهيا. اجا بہ قرآن انهن علمن ۾ کين حيرت ۾ وجهي ڇڏڻ جي حد تائين انهن کي ترقيءَ ۾ هٿي ڏني.

محمد بن موسيٰ الخوارزمي، جيڪو عباسي خليفي مامون واري دؤر، يعني نائين صدي عيسوي جي شرعات ۾ هڪ نمايان رياضي دان، ماهر فلڪيات ۽ جاگرافي نويس هو ۽ جنهن کي اسلام ۾ الجبرا جو ابو آدم سمجهيو ويندو آهي، سو پنهنجي مشهور ڇاپيل عربي ڪتاب "الجبر والمقابلہ" ۾ چوي ٿو تہ آئون هي ڪتاب انهيءَ لاءِ لکي رهيو آهيان تہ وراثت ۽ واپار جي جن مسئلن جو ذڪر قرآن ۾ آهي، تن کي آسانيءَ سان حل ڪري سگهجي. انهيءَ ڪتاب، جيڪو وچين دؤر ۾ لاطيني ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيو، يورپ وارن کي اُن علم سان روشناس ڪرايو ۽ انهيءَ بنياد تي اُن جو نالو ئي "الجبرا" پئجي ويو، جيڪو اصل ۾ انهيءَ عربي لفظ "الجبر" جي بگڙيل شڪل آهي ۽ انهيءَ جي نالي تي حساب جي هڪ خاص طريقي کي لاطيني ۾ alogorismus ۽ انگريزيءَ ۾ ڦيرائي algorithm لکيو ويو. اهي سڀئي الخوارزميءَ جون بگڙيل شڪليون آهن. اهڙيءَ طرح چوٿين صدي هجري ۾ ابوالعباس فرغاني ۽ ان کان پوءِ ساڳي صدي ۽ پنجين صدي هجري جي شروعات ۾ ابو ريحان البيروني دنيا جي عظيم ترين سائنسدانن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ البيروني تہ پنهنجي علمي ڄاڻ ۽ وسعت جي ڪري انهن سڀني مان نمايان سائنسدان هو. ان جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ هو پنهنجي سائنسي ڪتابن ۾ بہ قرآني آيتن کي ڪثرت سان استعمال ڪندو هو. ان جو هڪ مثال قيمتي پٿرن ۽ ڌاتن جي باري ۾ سندس مشهور ۽ عظيم ڪتاب "الجماهر في معرفة الجواهر" آهي. مسلمان سائنسدانن کي جيتوڻيڪ قرآن ۽ سائنسي علمن ڏانهن راغب ڪيو، پر انهن جو موضوع قرآن نہ هو. جيستائين اسان جي قديم مفسرن جو تعلق آهي، انهن قرآن ۾ موجود ڪائنات جي باري ۾ آيل آيتن اندر زمين ۽ آسمان جي تخليق، سج ۽ چنڊ، تارن ۽ ڪتين، رات ۽ ڏينهن جي ڦير گهير، سمنڊن، فضائن، خشڪي ۽ پاڻيءَ جي مخلوق وغيره جي تفسير

ڪندي انهيءَ ئي معلومات کي ذڪر ڪري ڇڏيو. جيڪو يوناني علمي ورثي جي ترجمي جي نتيجي ۾ انهن کي مليو هو. بطليموسي فلڪياتي نظام، جيڪو ٻين صدي عيسوي کان سترهين صدي عيسوي تائين يورپ ۾ رائج هو، سو ئي مسلمانن ۾ به مجيل هو ۽ انهيءَ بنياد تي قرآني آيتن جي اهڙي تفسير ڪئي وئي ته زمين ڪائنات جو مرڪز ۽ غير متحرڪ آهي ۽ سج ۽ چنڊ تارا انهيءَ جي چوڌير گردش ڪن ٿا. جڏهن ته قرآن ۾ اهڙي قسم جي ڪابه ڇنڊائي موجود نه آهي. پنجين صدي جي شروعات ۾ هڪ مسلمان رياضيدان ۽ انجنيئر اهو نظريو پيش ڪيو هو ته سج اسان جي نظام جو مرڪز آهي ۽ زمين ۽ ٻئي سيئي گرهه انهيءَ جي چوڌير چڪر هڻندا رهن ٿا. پر افسوس جو اهو نظريو، جيڪو پنهنجي وقت کان گهڻو اڳ هو، اُن وقت مڃوتي حاصل نه ڪري سگهيو. ابو ريحان البيروني پنهنجي بي مثال ڪتاب ”الآثار الباقيہ“ ۾ انهيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان پوءِ ڪوپرنيڪس ۽ گاليليو جي تحقيقن جي نتيجي ۾ آخرڪار سترهين عيسوي ۾ انهيءَ نظريي عام قبوليت حاصل ڪئي. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي فلڪيات جي ماهرن کي پنهنجي انهيءَ کوجنا جي نتيجي ۾، جيڪا قديم مسلمان عالمن جي نظرين تي ٻڌل هئي، يورپ وارن جي طرفان ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو.

بغداد جي زاول کان پوءِ عام طور تي مسلمان علم ۽ تحقيق جي ميدان ۾ پستي جو شڪار رهيا. ڪڏهن ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ ڪو اهڙو عالي دماغ پيدا ٿيندو رهيو، جنهن ڪنهن خاص علمي ميدان ۾ نين حقيقتن جو انڪشاف ڪيو ٿي، جيئن چوڏهين صدي ۾ غرناطہ ملڪ جو وزير لسان الدين الخطيب، جنهن تجربي ۽ مشاهدي سان علمي طور اهو ثابت ڪيو ته ڪوڙهه هڪ وچڙندڙ مرض آهي ۽ انهيءَ جو علاج ممڪن آهي. جڏهن ته ان وقت تائين يورپ ۾ اهو مرض هڪڙي آسماني آفت سمجهيو ويندو هو ۽ ان جو انهن وٽ ڪوبہ علاج نه هو. يا وري ارڙهين صدي عيسوي ۾ اسلامي هندستان جو شاهه ولي الله، جنهن قومن جي عروج ۽ زوال جي سببن تي مجتهداڻو بحث ڪيو ۽ هڪ Orignal نظريو پيش ڪيو.

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ هڪ مصري عالم طنطاوي جوهري (1870ع – 1940ع)، جنهن جامعہ ازهر ۾ تعليم پرائي ۽ ان کان پوءِ انگريزي ٻولي پڙهي ڪجهه مغربي علمن جو به مطالعو ڪيو هو، پنهنجي ضخيم تفسير ”الجواهر في تفسير القرآن“ ۾ ڪائنات ۽ اُن جي تخليق جي باري ۾ آيل آيتن تي انتهائي تفصيل سان ۽ سائنسي انداز ۾ روشني وڌي آهي. پر هڪ ته هو سائنسدان نه هو. ٻيو ته سندس هڪ شاگرد استاذ حنفي احمد چواڻي هُن انهيءَ ۾ ”ايترو ته مبالغي کان ڪم ورتو آهي جو ڪيترين ئي قرآني آيتن جي اهڙي معنيٰ بيان ڪئي اٿن جيڪا حقيقت ۾ ايئن نه هئي.“ اهو ئي سبب آهي جو ٿورڙي ئي عرصي کان پوءِ ان جي انهيءَ



تفسير جي مقبوليت ختم ٿي وئي. هو پنهنجي انهيءَ تفسير جو مستقل اثر نه ته عالمن تي ڇڏي سگهيو ۽ نه ئي وري سائنسدانن تي.

ويهين صدي جي مصري سائنسدانن مان ڪيميسٽري جي پروفيسر محمد احمد الغمراوي (فارميسي ڪاليج، قاهره يونيورسٽي) ۽ هڪ ميڊيڪل ڊاڪٽر عزيز پاشا پنهنجن ڪتابن ۾ قرآن جي ڪجهه اهڙين آيتن تفسير جن جو تعلق سائنس يا ميڊيسن (طب) سان هو. انهن مان پهرين پنهنجي ڪتاب ”سنن الله الڪونيتہ“ (الله تعاليٰ جو نظامِ ڪائنات) ۾ قرآن جي ڪجهه اهڙين آيتن جي عمدي سائنسي ۽ تفصيلي تفسير بِيان ڪئي، جنهن جو تعلق Meteorology سان آهي. جڏهن ته ٻئي وري پنهنجي ڪتاب ”الاسلام و الطب الحديث“ (اسلام ۽ جديد طب) ۾ ڪائنات جي باري ڪجهه آيتن جي تفسير ڪندي انهن کي قرآني معجزو سڏيو آهي.

ان ڪانسواءِ ترڪي جي هڪ اهم شخصيت غازي احمد مختار پاشا (1832ع – 1919ع)، جيڪو ترڪ فوج جو اعليٰ آفيسر هو ۽ پوءِ سلطنت عثمانيہ ۾ صدر اعظم (وزير اعظم) جي عهدي تي رهيو. پاڻ ترڪي ٻوليءَ ۾ پنهنجي ڪتاب ”رياض المختار“ ۾ ڪائنات جي باري ۾ سائنسي انداز سان ڪجهه آيتن جي تفسير ڪئي اٿن. پر عربي ٻوليءَ ۾ ڪائنات جي باري ۾ لڳ ڀڳ هڪ سائنسدان جي قلم سان سيني قرآني آيتن جي ڪيل تفسير آهي ”التفسير العلمي للآيات الڪونيتہ في القرآن“ (ڪائنات جي باري ۾ قرآني آيتن جي سائنسي تفسير). انهيءَ جو لکندڙ استاذ حنفي احمد آهي، جنهن پنهنجي مصري تعليم ڪانسواءِ برطانيا جي درهم (Durham) يونيورسٽي مان به سائنس ۾ بي – اي آنرز ڪيو هو ۽ پوءِ مصر ۾ ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن ٿي رهيو. هن جي اها تفسير جيڪا وڏي سائيز جي 454 صفحن تي ٻڌل آهي، ويهين صديءَ جي آخري اڌ ۾ قاهره جي سڀ کان مشهور اشاعتي اداري دار المعارف وارن طرفان ٻہ دفعا ڇپجي چڪي آهي. مون وٽ انهيءَ جو ٻيو ڇاپو موجود آهي جيڪو ٽي سال اڳ مون قاهره مان خريد ڪيو هو. افسوس آهي جو ڪتاب ۾ اشاعت جي تاريخ جو ڪوبہ ذڪر نه آهي. منهنجي نظر ۾ هن وقت تائين انهيءَ موضوع تي لکيل ڪتابن ۾ اهو سڀ کان پلو ڪتاب آهي ۽ مان گهڻو ڪري انهيءَ مان لاڀ فائدو حاصل ڪندو رهندو آهيان.

پر جڏهن کان مون پنهنجي محترم دوست سيد فيروز شاهه گيلاني صاحب جي مهربانيءَ سان ڊاڪٽر نور باقي جو ڪتاب ”قرآني آيتون ۽ سائنسي حقيقتون“ ڏٺو آهي، تڏهن کان منهنجي سامهون ڄڻ ته هڪ نئين دنيا کُلي پئي آهي. ڊاڪٽر نور باقي، جيڪو هڪ Oncologist آهي، جنهن اونهائي ۽ جامعيت سان قرآن ڪريم جي انهن پنجاهه آيتن جي سائنسي تفسير ڪئي آهي، جيڪا زمين ۽ آسمان جي پيدائش، انسان جي پيدائش، زمين، جبلن، ستن آسمانن ۽ هوائن ۾ لکيل

www.sindhsalamat.com

اسرارن، ماءُ جي ڳنڀيرڻ، پاڻي حياتياتي قوت، دل جي حقيقت وغيره جهڙن پنجاهه موضوعن بابت آهي. اهڙي تحقيق اڄ تائين ڪنهن به سائنسدان نه ڪئي آهي. مصري ليکڪ احمد حنفي جو ڪتاب جيتوڻيڪ ڊاڪٽر نور باقي جي لکيل ڪتاب جي پيٽ ۾ تمام وڏو آهي، پر احمد حنفي جي معلومات ڊاڪٽر نور باقي جي معلومات جي پيٽ ۾ ڪافي پراڻي ٿي چڪي آهي. ٻيو اهو ته جن موضوعن تي ڊاڪٽر نور باقي بحث ڪيو آهي ۽ قرآن جي جن آيتن کي پنهنجي جاکوڙ ۽ بحث جو محور بڻايو آهي، انهن تي مٿي ذڪر ڪيل مصري ليکڪ ڪا به روشني نه وڌي آهي.

ٻي ڳالهه اها ته گذريل چاليهن پنجيتاليهن سالن ۾ ڊاڪٽر نور باقي چواڻي: Astrophysics جي نالي سان هڪ نئون علم وجود ۾ آيو آهي. اهڙي طرح Radiology ۽ Radiotherapy جهڙا نوان علم ۽ علاج جا نوان طريقا وجود ۾ آيا آهن. ڊاڪٽر نور باقي انهن نون علمن کي نظر ۾ رکندي منتخب ڪيل قرآني آيتن جي سائنسي تفسير ۾ تمام گهڻو لاڀ پرايو آهي.

ليکڪ جيڪا ٻي مثال ڀرين ابتدائي تحقيق پيش ڪئي آهي، ان ۾ سورتِ الاعليٰ جي آيت نمبر ٥ (فَجَعَلَهٗ غُثَآءً اَحْوٰى ﴿٥﴾) ۾ قرآن جي تيل جي باري ۾ پيشن گوئي ٿيل آهي. اهڙي طرح سورتِ يٰس جي آيت نمبر ٣٦ (مِّنَ الشَّجَرِ الْاَخْضَرِ نَارًا) ۾ آڪسيجن جي باري ۾ قرآني پيش گوئي آهي. ساڳي طرح سورتِ الحجر جي آيت نمبر ١٩ (وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْزُوْنٍ) ۾ زمين جي حيرت انگيز ڪمپيوٽري نظام جو استنباط ۽ ٻيا انتهائي اهم موضوع آهن.

نه رڳو ايترو پر ڊاڪٽر نور باقي نج مذهبي يا اسلامي عقيدن کي به سائنسي انداز ۾ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ هو انتهائي ڪامياب نظر اچي ٿو. انهن ۾ وضو، روزي، دوزخ، جنت جي اسرارن، الله تعاليٰ جي رب العالمين هئڻ جا اسرار ۽ سورتِ العصر جي تفسير ۽ حضرت عيسيٰ ۽ آدمؑ جي تخليق وغيره جهڙا موضوع شامل آهن. اها ڳالهه به ياد رکڻ جهڙي آهي ته ترڪي ۾ ڪمال اتاترڪ جي زماني کان قرآن جي عربيءَ ۾ ڇپائيءَ جي منع ٿيل هئي ۽ قرآن لاطيني حرفن ۾ ڇاپيو ويندو هو. سن 1950ع ۾ جڏهن ڪمال اتاترڪ جي چونڊن ۾ هارجي وڃڻ کان پوءِ صدر جلال بايار ۽ وزير اعظم عدنان مندريس جي حڪومت قائم ٿي ۽ ڪيترن ئي سالن کان پوءِ پهريون دفعو عربيءَ ۾ آذان جو آواز گونجيو ته مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي ته انهيءَ خوشيءَ ۾ هڪڙي ترڪ مسلمان دم ڏنيءَ حوالي ڪيو هو. انهيءَ زماني ۾ مان مڪي مڪرمه ۾ رهيل هيس. ان سان گڏوگڏ ترڪيءَ ۾ عربي ٻولي سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهڻ جي اجازت ملي. انهيءَ کان ٽيهه پنجٽيهه سالن کان پوءِ هڪ وڏي عمر واري ترڪي خطاط حامد الآمدي عربيءَ ۾ انتهائي خوبصورت خط ۾ قرآن لکيو ۽ اهو 1974ع کان وٺي ترڪيءَ ۾ ڇپجي رهيو



آهي ۽ هاڻي ترڪيءَ ۾ هڪ نئون نسل پيدا ٿي ويو آهي جيڪو اصل عربيءَ ۾ قرآن پڙهي سگهي ٿو ۽ هزارين قرآن جا حافظ ٻيهر پيدا ٿي پيا آهن. ڊاڪٽر نور باقي گهڻو ڪري انهيءَ ئي نئين ٿهي منجهان آهي. بنيادي طور تي جيئن مون پهريان به عرض ڪيو آهي ته هو نه رڳو هڪ سائنسدان، پر ميڊيڪل سائنس جي هڪ نئين مضمون Oncology ۾ ماهر آهي. ان سان گڏوگڏ هو الله تعاليٰ جي فضل سان قرآن جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪندڙ ۽ هڪ ايمان وارو ماڻهو آهي.

انهن سڀني ڳالهين جي باوجود اصل ڪتاب ۾ موضوع نمبر 33 ۾ ليکڪ کان هڪ ڀل ٿي وئي آهي. اها هيءَ ته هن عاد جي قوم ۽ هودؑ جي قوم کي الڳ الڳ قوم ڪري ڄاڻايو آهي، جڏهن ته هود هڪڙي نبيءَ جو نالو آهي ۽ عاد وري ان جي قوم جو نالو آهي. انهيءَ باري ۾ جيڪا قرآن جي آيت آئي آهي، انهيءَ ۾ ليکڪ کي لوطؑ ۽ هودؑ جي قوم جي باري ۾ مونجهارو ٿي پيو آهي. اهي ٻئي قومون هڪ ئي عذاب يعني مينهن جي ذريعي تباهه نه ٿيون هيون. لوطؑ جي قوم پٿرن جي مينهن سان تباهه ڪئي وئي هئي جڏهن ته هودؑ جي قوم، جنهن کي قرآن ۾ عاد جي قوم جي نالي سان سڏيو ويو آهي، سا انتهائي تيز ٿڌي آنڌاري يا ڪن مطابق گرم طوفان سان تباهه ٿي.

لوطؑ جي قوم، جنهن تي پٿرن جو اهڙي طرح مينهن وسيو جو الله تعاليٰ زمين جي مٿاڇري کي مٿي ڪري ان کي اونڌو ڪري ڪيرايو هو، انهيءَ جو ذڪر سورت هود جي آيت نمبر 82 ۾ انهن ئي لفظن ۾ آهي. اهو سدوم جو شهر هو جيڪو اردن جي اولهه ۾ مردار سمنڊ جي ويجهو آهي ۽ سمنڊ جي سطح کان 500 ميٽر اونهو آهي ۽ ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته مردار سمنڊ (Dead Sea) انهيءَ عذاب واري واقعي جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو هو.

هن ڪتاب جي گذريل ڇاپن ۽ اصل انگريزي ڪتاب ۾ انهيءَ باري ۾ جيڪو لکيو آهي ته لوطؑ جي قوم جا بت پرست ڪڪر ڏسي خوش ٿيا هئا، سا ڳالهه صحيح نه آهي. انهيءَ حوالي سان قرآن (سورتِ الاحقاف آيت ٢٤) عاد قوم جو ذڪر ڪيو آهي. موجوده ڇاپي ۾ انهيءَ جي اصلاح ڪئي وئي آهي. ڪتاب جي انهيءَ صفحي تي ڪيترين ئي قومن جي تباهيءَ جو سبب قرآن جي حوالي سان هڪ سخت آواز جي ڌماڪي کي ڄاڻايو ويو آهي، سا ڳالهه به صحيح نه آهي. قرآن جي مطابق (سورتِ هود، آيت ٦٧ ۽ ٻيون آيتون) قوم ثمود کي سخت آواز جي ڌماڪي سان برباد ڪيو ويو هو، جڏهن ته نوحؑ جي قوم، لوطؑ جي قوم وغيره مختلف قسمن جي عذابن سان تباهه ڪيون ويون.

صفحي نمبر 185 تي (سورتِ الحاقه آيت نمبر٦) جي حوالي سان سخت ٿڌي ۽ تيز طوفان ذريعي قومِ عادم جي تباهيءَ جي لاءِ ليکڪ کي وچ اوڀر ۾ انتهائي يخ ٿڌي هوا جي وجود کي ثابت ڪرڻ لاءِ سائنسي تحقيق جو هڪ تڪليف ڏيندڙ سهارو وٺڻو پيو آهي. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته ڪيترن ئي قديم ۽ جديد مفسرن قرآن جي

www.sindhsalamat.com

لفظ (ريح صرصر) جو مطلب سخت ٿڌي هوا يا طوفان ورتو آهي، پر گڏوگڏ ٻين مفسرن جهڙوڪ زفخشري وغيره ان جون ٻئي معنائون بيان ڪيون آهن. انهيءَ سورت جي آيت نمبر ٧ ۾ آهي ته اُن سخت طوفان جي ڪري، جيڪو ست ڏينهن ۽ اٺ راتيون ساندهه هلندو رهيو، سيئي ماڻهو ڪجيءَ جي ٿڙن وانگر زمين تي مئا پيا هئا. ڪجهه مفسر انهيءَ جي معنيٰ گرم هوا به لکن ٿا ۽ اُن جي تائيد انهيءَ صحيح حديث مان به ٿئي ٿي جنهن ۾ ”نصرت باصبا و اهلکت عاد بالدبور“ يعني الله تعاليٰ طرفان صبح جي ٿڌڙي هير جي ذريعي منهنجي تائيد ڪئي وئي ۽ عاد وارن کي واهوندي هوا جي ذريعي تباهه ۽ برباد ڪيو ويو ۽ اها اولهه کان لڳندڙ هوا ڏاڍي گرم ٿيندي آهي. اهڙيءَ طرح مسئلو هوا جي ٿڌ جو نه پر انتهائي تيز رفتار طوفان جو هو، جنهن پوري وسندي کي پٽ ڪري ڇڏيو هو ۽ اهڙيون گرم هوائون وچ اوپر ۾ گهلنديون رهنديون آهن. خدائي عذاب جي ذريعي انهن ۾ ايتري حد تائين تيزي ۽ هڪ هفتي جو تسلسل پيدا ڪيو ويو هو جنهن انهيءَ قوم کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو.

ڊاڪٽر نور باقي جو هي ڪتاب پهريون دفعو سن 1985ع ۾ ترڪي ۾ ڇپيو هو. اصل ڪتاب ترڪي ٻولي ۾ هو. اُن جو انگريزي ترجمو ترڪي جي هڪ مذهبي اداري طرفان شايع ٿيو هو. پاڪستان ۾ سيد فيروز شاهه گيلاني صاحب انهيءَ جو انگريزي ترڪي ترجمو ڇپرايو ۽ پوءِ اُن تان اردو ترجمو پڻ ڪيائين. اهڙي طرح هن ڪتاب کي پاڪستان ۾ به روشناس ڪرايو. هو اسان جي شڪرگذاري جو مستحق آهي جو هن اهڙي بينظير ۽ لاڀائتي ڪتاب کان پاڪستان وارن کي واقف ڪيو. پاڻ اردو ترجمي ۾ هڪ اهم واڌارو اهو ڪيو اٿائون جو ڪتاب ۾ اصل قرآني آيتون به ڏنيون اٿائين.

هن ڪتاب جي پڙهڻ سان هڪ احساس اهو به پيدا ٿئي ٿو ته هن جي لکندڙ جي دل هڪ سداحيات ايمان سان ڀريل آهي ۽ انهيءَ ئي ايمان ليکڪ جي لاءِ ڪائنات جي رازن کي سمجهڻ سؤلو ڪري ڇڏيو آهي. سن 1950ع جي ڏهاڪي ۾ آمريڪا جي اڪيڊمي آف سائنس جي چيئرمين اي سي موريسن (Morison) جو ڪتاب Man does not Stand Alone ڇپيو هو، جنهن جو عربي ترجمو ”العلم يدعو الى الايمان“ (سائنس ايمان جي دعوت ڏئي ٿي) جي نالي سان ڇپيو هو. هن ڪتاب ۾ ليکڪ ڪائنات جي سوين مظهرن ۽ حيوانن جي عجيب ڳالهين کي پيش ڪري ثابت ڪيو ته اهو سڀ ڪجهه سمجهه کان وڌيڪ سگهه رکڻ واري خالق جي تخليق کان سواءِ ممڪن نه آهي. هن ڪتاب ۾ سيئي ڳالهيون قرآني حقيقتن طور ثابت ڪيون ويون آهن ۽ اها ئي انهيءَ جي خاص ڳالهه آهي. وفوق کل ذي علم عليم.

**پروفيسر سيد رضوان علي ندوي**

20 ڊسمبر 1998ع



بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# عرض مترجم (اردو)

مسلمان هئڻ جي ناتي اسان سڀني لاءِ اها ڳالهه لازم آهي ته اسان اُن دين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون جيڪو اسان جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جو بنياد آهي. اسان دنيا ۾ هزارين قسم جا ڪتاب پڙهندا آهيون، وڏيون وڏيون ڊگريون حاصل ڪندا آهيون، پر هڪ انتهائي اهم ڪتاب قرآن مجيد ڏانهن اسان جو ڌيان ئي نه آهي. اهو منهنجو تجربو ۽ مطالعو آهي ته جيڪو ماڻهو جيترو وڌيڪ تعليم يافته آهي، ان کي قرآن مجيد اوترو ئي وڌيڪ سٺي نموني سمجهه ۾ ايندو آهي. ڊاڪٽر نور باقي جا هي پاڪيٽ ايڊيشن ڪتاب جيڪي انگريزي ٻوليءَ ۾ آهن، مون انقره ۾ خريد ڪيا ۽ ترڪي ۾ بسن جي ذريعي سير سپاٽي واري ڊگهي مسافري دوران پڙهندو رهيس. انهيءَ سفر دوران ڪيترن ئي جرمني ۽ آمريڪا جي ساٿي سيلانين به اهي ڪتاب مون کان اڌارا وٺي ٿوري دير لاءِ پڙهيا، جنهن کان پوءِ ڪين پهريون دفعو حيرت سان قرآن جي عظمت جو احساس ٿيو. مان پنهنجي لاءِ اهو ديني ۽ علمي فرض سمجهان ٿو ته منهنجا هم وطن هن عظيم ڪتاب، يعني قرآن جي باري ۾ هڪ مؤمن انسان جي تحقيق مان لاڀ پرائين. هن ڪتاب کي پڙهڻ کان پوءِ يقين ٿي وڃي ٿو ته ڪائنات جو سائنسي علم هڪ مؤمن مسلمان جي ميراث آهي، جنهن کي هو بدقسمتيءَ سان ڪيترين ئي صديون اڳ وڃائي ويٺو آهي. قرآن ۾ 750 دفعا مسلمانن جو ڌيان سائنسي حقيقتن ۽ مشاهدن ڏانهن ڇڪايو ويو آهي. اچو ته انهيءَ گم ٿيل ميراث کي ڳولي لهڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ الله تعاليٰ جي رضا پوري ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڌريون.

اِن معاملي ۾ علامه اقبالؒ جو مؤقف پڻ اهو هو ته ”موجوده دؤر ۾ اسلام جي علم الڪلام جو بنياد به جديد تجرباتي علمن جي کوجنا تي آڌاريل هئڻ گهرجي. ڇو ته انهن جا نتيجا قرآن ۾ بيان ڪيل حقيقتن سان هڪجهڙائي رکن ٿا. اهڙيءَ طرح دين جو سائنسي علم موجوده زماني جي مسلمانن جي اعتقاد کي پڪو ۽ پختو بڻائيندو.“ پاڻ وڌيڪ فرمايائون:

”ڪلاسيڪي فزڪس پنهنجو پاڻ ٻه پنهنجي بنيادي مفروضن تي تنقيد ڪرڻ سگهي ورتي آهي. انهيءَ جي نتيجي ۾ ماديت جو اهو قسم، جنهن کي شروع ۾ انهيءَ بنياد تي بيهارڻ ضروري سمجيو ويندو هو، تيزيءَ سان غائب ٿي رهيو آهي ۽ اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن مذهب ۽ سائنس پنهنجو پاڻ ۾ انهيءَ هڪجهڙائيءَ کي ڳولي لهندا، جنهن جو هن وقت تائين تصور به نٿو ڪري سگهجي.“ (ديباچو، ريڪنسٽرڪشن ليڪچرز)

هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر نور باقي جي تحقيق حضرت علامہؒ جي پيش گوئيءَ کي حيرت انگيز حد تائين صحيح ثابت ڪندي نظر اچي پئي.

ڊاڪٽر علي شريعتي پنهنجي مشهور مقالي ”مستقبل جي تاريخ تي هڪ نظر“ ۾ چيا ته ڳالهه ڪئي آهي ته ”جيڪو مذهب سائنسي معيار کان هيٺ آهي، تعليم يافته شِڪرن لاءِ اهو هڪ ڊونڊ وانگر آهي ۽ اهو مذهب جيڪو سائنس کان ايترو مٿاهون آهي جو ان تائين سائنس جون اوچائيون به پهچي نه سگهيون، سو ئي اڄ جي دنيا جي وڏن وڏن مفڪرن جو آهي.“ڊاڪٽر صاحب چوي ٿو ته ”انتهائي عجيب ۽ فڪر انگيز اتفاق آهي جو ميڪس پلينڪ، ڪيرل، آئن اسٽائن جي لکڻين ۾ هر هنڌ قرآني لفظ يا قرآن فهمي ذريعي حاصل ڪيل تعبيرون ملن ٿيون. بحرانن جي ذريعي انهن لا الاهيت جو دؤر ڏٺو آهي. آخرڪار اهي رياضت ڏانهن موٽ جي منزل تي پهتا.

دنيا ۾ نئين دؤر جي شروعات ٿي چڪي آهي، انهيءَ ۾ اهڙن مذهبن جي حڪمراني هوندي جيڪو سائنس کان پلو ۽ مٿاهون هوندو ۽ سائنس جنهن جي برتري کي مڃيندي اهو مذهب اسلام ۽ قرآن هوندو.“

مونکي پنهنجي ڄاڻ جي ڪوٽ جو شدت سان احساس آهي. جيڪڏهن ترجمي ۾ ڪا خامي رهجي وئي هجي ته انهيءَ لاءِ مان الله تعاليٰ ۽ پڙهندڙن کان معافي جو طلبگار آهيان.

**سيد محمد فيروز شاه گيلاني**



# تعارف

جيڪڏهن دنيا جا سيئي انسان ملي ڪري قرآن جي عظمت کي پوريءَ طرح بيان ڪرڻ گهرن ته به انهن جي لاءِ اها ڳالهه ناممڪن ٿيندي. قرآن الله تعاليٰ جو ڏنل شاهڪار آهي جيڪو لوح محفوظ ۾ لکيل آهي. جڏهن اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ کان پڇيو ويو ته ”اي الله جا رسول! هر پيغمبر جو ڪونه ڪو معجزو هو، توهان جو ڪهڙو معجزو آهي؟“ ته پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ”الله تعاليٰ ﷻ جو قول يعني قرآن مجيد.“ قرآن ڪريم ڪا عام ڳالهه يا معمولي حڪمن جو مجموعو نه آهي پر اهو آخري ۽ سڀ کان وڏي سچ جو سرچشمو آهي. انهيءَ ڪري قرآن جي جيئري جاڳندي سچ هجڻ جو راز هر عام ذهن رکڻ واري لاءِ ڳجهو آهي. اِن جي مڪمل سمجهه ڪا سؤلي ڳالهه نه آهي.

قرآن ڪريم ڪانسواءِ باقي سڀني لکڻين جو آهستي آهستي بي اثر ٿي وڃڻ انهن جي قسمت ۾ لکيل آهي. هر شيءِ جي هڪ حد هوندي آهي، پر اها ڳالهه وري وري ثابت ٿيندي رهي آهي ته هر گذرندڙ ڏينهن قرآن جي حقيقتن جو سدا حيات ۽ قائم دائم هئڻ جو ثبوت پيش ڪري ٿو. جيتوڻيڪ انهيءَ جو آيتون سدا حيات ۽ موجود آهن، پر اسان جي سمجهه کي انهيءَ راز جو ادراڪ مخصوص وقت جي اندر محسوس ٿئي ٿو. هر نسل پنهنجي آدرش کي نئين انداز سان ڏسي ٿو. بيشڪ اها حقيقت ايندڙ سڀني نسلن جي باري ۾ به صحيح ثابت ٿيندي رهندي.

هڪ آيت جي معنيٰ کي گلاب جي گلن سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي. اهي تهه در تهه پنکڙين سان ڍڪيل رهندا آهن. هر پنکڙي جي جدا ٿيڻ سان هڪ نئين معنيٰ نظر اچي ٿي. انهيءَ ڪري ئي هڪ آيت جون مختلف توجيهون ۽ معنائون هونديون آهن. اها ڳالهه پڪ سان غلط هوندي ته ڪنهن آيت جو رڳو هڪڙو ئي مطلب ورتو وڃي ۽ پوءِ چيو وڃي ته هن آيت جو اهو ئي آخري مطلب آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته قرآني آيتن جي معنيٰ کليل ذهن سان ڪڍي وڃي. مثال طور هن طرح چوڻ گهرجي ته هيءَ ۽ هيءَ معنيٰ به هن آيت جي ٿي سگهي ٿي.

آيتن جي تشريح کان پهريان پڙهندڙن جو ڌيان آيتن جي معنيٰ ۽ تشريح جي

www.sindhsalamat.com

وچ ۾ هڪ ننڍڙي فرق کي ظاهر ڪرڻ ڏانهن ڇڪائڻ گهران ٿو. ترجمي جو مطلب آهي ڪنهن هڪ ٻوليءَ کان ٻي ٻوليءَ ۾ مطلب بيان ڪرڻ. جڏهن ته تشريح جو مطلب ساڳي ئي ٻوليءَ ۾ وضاحت ڪرڻ. انهيءَ سلسلي ۾ ڪجهه اصول هي آهن:

1. ترجمو ٻنهي ٻولين جي مڃيل اصولن موجب هئڻ گهرجي. تشريح کي متن ۾ شامل نه ڪرڻ گهرجي.

2. جنهن لفظ جي اصل ۽ بلڪل اها ئي معنيٰ نه ملندي هجي ته پوءِ انهيءَ جي لاءِ ثانوي ۽ متبادل معنيٰ نه ڳولي وڃي، پر اصل لفظ کي پنهنجي جاءِ تي قائم رکندي، تشريحي حصي ۾ اُن جي وضاحت ڪرڻ گهرجي.

3. جيڪڏهن هڪ لفظ جون هڪ کان وڌيڪ معنائون هجن، ته پوءِ ٻي معنيٰ کي به تشريح ۾ بيان ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڳالهه جي لاءِ وڌ ۾ وڌ احتياط ڪرڻ گهرجي ۽ مترجم جي پنهنجي پسند واري تشريح کي نه ٿاڦيو وڃي. اِن سلسلي ۾ نيت پلي ڪيتري ئي پلي ڇونه هجي، الله جو لفظ ٿورڙي به بي احتياطي برداشت نٿو ڪري سگهي.

سڀ کان سٺي تشريح اها آهي جيڪا ٻين قرآني آيتن کي، نبي ڪريم ﷺ جي حديثن ۽ اصحابن سڳورن جي لفظن کي سامهون رکي ڪري ڪئي وئي هجي. انهيءَ سلسلي ۾ عربي ٻوليءَ جي پنهنجي بيهڪ، انهيءَ جي گرامر جا اصول، ان جي فصاحت ۽ بلاغت کي به اهميت ڏيڻ گهرجي. پوءِ به مٿي ڄاڻايل ذريعا ڪنهن آيت جي تشريح ۾ ناڪافي ٿي سگهن ٿا. اهڙي موقعي تي سائنسي ترقي ۽ ٽيڪنيڪي ايجادون انتهائي لاپائتي رهنمائي ڪري سگهن ٿيون. قرآن ڪريم جي اندر ڪيترين ئي اهڙيون آيتون موجود آهن جيڪي طبعيات (Physics) ۽ ڪائنات جي باري ۾ آهن، سي ڪنهن به هڪ جاءِ تي گڏ نه ڪيون ويون آهن ۽ نه ئي وري انهن جون تسليءَ جوڳيون تشريحون پيش ڪيون ويون آهن. انهيءَ ڏکيائيءَ کي جزوي طور پورو ڪرڻ لاءِ مون پنجاهه آيتن جي تشريح ۽ تدوين جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ڪم لاءِ سالن کان تياري ڪري رهيو آهيان، اهي پنجن ڪتابڙن ذريعي ڏهن ڏهن آيتن جي حساب سان ترتيب ڏنيون پيون وڃن.

موجوده دؤر ۾ طبعيات (Physics) ۽ فلڪي طبعيات (Astrophysics) تي ڇاپيل مواد تي نظر وجهندي مون سائنس جي مڃيل حقيقتن کي قرآن جي سائنسي معجزن سان گڏ پڙهندڙن جي لاءِ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. طبعيات ۽ فلڪي طبعيات جي موجوده دؤر جي منجهيل مسئلن ۽ نظرين کي سامهون رکندي، ڪجهه جاين تي منهنجي لاءِ وڌيڪ سادي تشريح ناممڪن بڻجي وئي آهي. اِن جي لاءِ مان پڙهندڙن کان معافي جو طلبگار آهيان ڇو جو اها مجبوريءَ واري حالت آهي.



منهنجو رڳو هڪڙو ئي مقصد آهي ته مان پنهنجي علم ۾ پنهنجي پائرن کي شريڪ ڪريان. تشريحن ۾ غلطين جي باري ۾ مان پنهنجي پڙهندڙن کان معافي گهران ٿو. اسان جا آسماني ڪتاب هر قسم جي غلطي يا ڪمزوريءَ کان گهٽو مٿاهان آهن. جيڪڏهن ڪٿي ڪا غلطي آهي ته اها رڳو منهنجي ئي آهي. مان پنهنجو ڪم شروع ڪندي الله تعاليٰ در، جيڪو سموري ڪائنات جو مالڪ آهي، معافي ۽ سندس ٻاجهه جو آهيان. منهنجي دعا آهي ته الله تعاليٰ پنهنجي مهربانيءَ سان اسان کي نيڪ عملن جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 1

# آسماني فضا (ATMOSPHERE) جا راز

ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَآءِ وَ هِيَ دُخَانٌ فَقَالَ لَهَا وَ لِلْاَرْضِ ائْتِيَا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا ؕ قَالَتَآ اَتَيْنَا طَآئِعِيْنَ ﴿۱۱﴾ (حٰمٓ السجدة ۱۱)

”پوءِ هو آسمان ڏانهن متوجه ٿيو جيڪو ان وقت دونهون هو. هن آسمان ۽ زمين کي چيو (ته هڪ جاءِ تي) اچو سرهائي سان توڙي ارهائي سان. ٻنهي چيو ته اسان (سرهائي سان) فرمانبردارن وانگر آياسين.“

ان کان اڳ جو مان قرآن جي هنن آيتن جي تشريح ڪريان، مختصر طور سورتِ فصلت يا حٰم سجده ڏانهن توهان جو ڌيان ڇڪايان ٿو. جيئن ته هرڪو ماڻهو ڄاڻي ٿو ته هيءَ سورت قرآن ۾ اهڙي ٻيو نمبر سورت آهي جيڪا ”ح“ ۽ ”م“ سان شروع ٿئي ٿي. هيءَ هڪ انتهائي اهم سورت آهي، جنهن کي نبي ڪريم ﷺ گهڻو ڪري پڙهندا رهندا هئا.

اسلام جي عظيم مفڪرن ۽ دانشورن پنهنجي لکڻين ۾ لکيو آهي ته قرآن ۾ جيڪي ست دفعا ”ح – م“ آيا آهن انهن ۾ ڪائنات (UNIVERSE) جي باري ۾ ڪي خاص راز رکيل آهن. هتي اهو ٻڌايو ويو آهي ته ست ”ح – م“ سورتِ حٰم سجده جي تشريح جي سلسلي ۾ خاص راز رکن ٿا.

آيت نمبر 10 دنيا جي پيدائش جي باري ۾ تشريح ڪري ٿي ۽ ڪائنات جي مادي اصليت تي تمام سهڻي انداز ۾ روشني وجهي ٿي. بيشڪ هن آيت جون به ڪيتريون ئي معنائون ۽ تشريحون ٿي سگهن ٿيون. مان هن آيت جي معنيٰ زميني طبعيات (GEOPHYSICS) جي روشنيءَ ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

1. اسان کي هن آيت کي وري وري پڙهي، هن جي اهم نڪتن کي سمجهڻ



گهرجي. انهيءَ معاملي ۾ عام معنيٰ کان ڪجهه اڳتي ۽ انتهائي احتياط سان ڏسڻ گهرجي. مان پڙهندڙن جو ڌيان هيٺ ڏنل نڪتن ڏانهن ڇڪائڻ گهران ٿو.

الف: پوءِ هو دونهين واري آسمان ڏانهن متوجه ٿيو

بيان جو اهو انداز هڪ خاص راز کي ظاهر ڪري ٿو. ڇو ته جڏهن الله تعاليٰ ڪجهه ڪرڻ گهرندو آهي ته هو رڳو ايئن چوندو آهي ”ٿي وڃ“ ته اهو ٿي پوندو آهي. پوءِ هيءَ آيت ڇاجي ڪري خاص طرح سان بيان ڪري ٿي ته ”هو آسمان ڏانهن متوجه ٿيو؟“ اها حقيقت اسان جو ڌيان ان پاسي ڇڪائي ٿي ته هتي هڪڙو اهم سائنسي نُڪتو بيان ڪيو پيو وڃي.

ب: هو (الله) حڪم ڏئي رهيو آهي ته زمين ۽ آسمان پنهنجي عمل ۾ اتفاق ۽ هڪجهڙائي پيدا ڪن.

هو انهن کي حڪم ڏئي ٿو ته اهي اچن ۽ پاڻ ۾ گڏجي عمل ۾ اتفاق ڪن، ارهائي سان توڙي سرهائيءَ سان. الله تعاليٰ جي مخلوق ۾ نافرمانيءَ جي ته طاقت ئي نه آهي. زمين ۽ آسمان جي ”طوعا و ڪرها“ اچڻ جو مطلب اهو آهي ته اِن عمل جي اتفاق ۾ عام طور تي ڪا نه ڪا ڏکيائي ضرور آهي. وڌيڪ اها ڳالهه به ظاهر ٿئي ٿي ته آسمان، جنهن کي زمين سان هڪجهڙائي ڪرڻي آهي، سو زمين کي سڀ کان وڌيڪ ويجهو به آهي.

اچو ته هاڻي زمين ۽ ان جي سڀ کان وڌيڪ ويجهي آسمان جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريون جيڪا موجوده دؤر جي علم رياضي، طبعيات، ارضي طبعيات جي تناظر ۾ حاصل ٿي آهي. هن کان اڳ ڪجهه عرصي تائين اهو مفروضو عام هو ته زندگيءَ جو وجود زمين جي ڪنهن به گرهه تي هڪ خاص گرميءَ پَد تي ٿي سگهي ٿو، پر موجوده ڪجهه سالن ۾ فضا جي تسخير ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ته زمين جي ڪنهن گرهه (PLANET) جي لاءِ فضا (ATMOSPHERE) جو حصول ۽ ان جي موجودگي کي قائم رکڻ انتهائي ڏکيو ڪم آهي. ٻين لفظن ۾ زمين جي ڪنهن به گرهه ۽ ان جي سڀ کان ويجهي آسمان جي وچ ۾ تمام گهڻي مخالفت (ٽڪراءُ) موجود آهي. اِن جو سبب اهو آهي ته فضا ايٽمي گيسن تي ٻڌل آهي. تمام وڏن گرهن ۾ اهي ايٽمي ذرڙا گرهن جي سطح ۾ جذب ٿي ويندا آهن، جڏهن ته ننڍڙن گرهن ۾ ڪشش ثقل جي طاقت (GRAVITATIONAL FORCE) ايٽم کي پاڻ سان گڏ جوڙي رکڻ لاءِ اڻپوري هوندي آهي. انهيءَ ڪري اهي ايٽمي گيسون فضا ۾ ڳري وينديون آهن ۽ گرهه غيرآباد يا خالي ٿي ويندو آهي.

هاڻي اچو ته هن آيت پاڪ کي انهيءَ مختصر معلومات جي روشنيءَ ۾ ٻيهر پڙهون. خاص ڪري هن جي ٻئي حصي (توهان ٻئي سرهائي توڙي ارهائي سان اچو.) تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي.

www.sindhsalamat.com

ايٽمي ذرڙا ۽ وزني گيسون فضا ۾ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪنديون رهنديون آهن. جڏهن ته اسان جي زمين انهن کي گرفتار يا پنهنجي اندر جذب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهندي آهي. ٻين لفظن ۾ زمين ۽ آسمان (فضا) جي اها پاڳي پائيواري انهن جي مرضيءَ جي خلاف آهي، اجا ٻه مجبوري يعني ”طوعا و كرها“ آهي. هن آيت سڳوريءَ جي سائنسي حقيقت انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿي ته اهو ڪائناتي راز اڄ کان چوڏهن صديون پهريان انسانيت کي ٻڌايو ويو هو، جڏهن ته اڄ کان پنجاهہ سال اڳ تائين ٻه ڪير انهيءَ حقيقت کان خبردار نہ هو.

هن آيت پاڪ جي اندروني ۽ اونهي معنيٰ تائين پهچڻ جي لاءِ اچو ته اسان ارضياتي طبيعات جي علم ۾ گهڙي ڏسون ته هڪ گرهہ تي فضا جي پڪيڙ جي لاءِ ڪهڙي شيءِ جي ضرورت ٿيندي آهي؟ انهيءَ لاءِ زمين کي اسان مثال طور وٺون ٿا.

هوا يا فضا جي بڻاوت جي لاءِ ضروري آهي ته انهيءَ چرپر (Motion) کي، جيڪا ذرڙن کي ڳاري ٿي، زمين جي ڪشش ثقل سان متوازن رکيو وڃي ته جيئن ڳري وڃڻ واري عمل کي روڪي سگهجي. اها ڳالهہ لڳ ڀڳ ناممڪن نظر اچي ٿي. هن نظر ايندڙ ڪائنات ۾ انهيءَ ڳالهہ جو ٿي پوڻ سموري ڪائنات جي گرهن مان هڪ ارب جي مقابلي ۾ هڪ کان وڌيڪ نٿو ٿي سگهي. انهيءَ ئي حقيقت کي هن سورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته: ”۽ پوءِ هو آسمان ڏانهن متوجہ ٿيو.“

اهو بيان انهيءَ راز ڏانهن توجهہ ڏياري ٿو ته ڪهڙي طرح الله تعاليٰ هڪ ناممڪن شيءِ کي ممڪن بڻائي ٿو. ارضي طبعيات جي نقطہ نظر کان اها انتهائي توازن واري صورت تمام اهم خاصيتن جي گهرجائو آهي. اِن لاءِ هيٺ ڏنل خاصيتن جو موجود هئڻ ضروري آهي:

1. فضائي گرمي پد
2. زمين جي متوازن ڪشش ثقل
3. فضا جي شعاعي توانائي جي اهڙي سگهہ موجود نہ هئڻ جو انهيءَ نازڪ توازن کي بگاڙي سگهي. اها توانائي مادي جي غير موجودگيءَ ۾ ٻہ قائم رهندي آهي.

هاڻي اچو ته اسان مٿين ٽنهي خاصيتن جي باري ۾ وڌيڪ ڪجهہ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريون:

## 1. فضائي گرمي پد (Atmospheric Temperature)

ايٽمن يعني انتهائي ننڍڙن ذرڙن جي گم ٿي وڃڻ جو دارومدار تپش (Heat) تي هوندو آهي ۽ اوسي پاسي جي تپش کي هِنن خاصيتن جي پيروي ڪرڻي پوندي آهي:



الف — زمين جو سج جي نسبت سان مفاصلو: جيڪڏهن زمين سج جي گهڻو ويجهو هجي ها ته فضا ۾ اڀڙس جي گهڻائي جي ڪري سڀئي ننڍڙا ذرڙا ٿڪي غائب ٿي وڃن ها. انهيءَ جي برخلاف جيڪڏهن زمين سج کان ٿورو وڌيڪ پري هجي ها ته ننڍڙن ننڍڙن ذرڙن جي چرپر انتهائي گهٽجي وڃي ها ۽ اهي ڄمي وڃن ها ۽ جلد ئي زمين ۾ ملي ڪري پنهنجو وجود ئي وڃائي ويهن ها.

ب — زمين جيڪا سج کان تپش وٺي ٿي، انهيءَ کي زمين جي فضا ۾ هڪجهڙائيءَ سان ورڇجڻ گهرجي. ان مقصد جي لاءِ زمين کي پنهنجي مدار ۾ هڪ خاص رفتار سان چڪر ڪاٽڻو هوندو آهي. جيڪڏهن انهيءَ جي گردش جي رفتار گهٽو گهٽجي وڃي ته جنهن جاءِ تي اونداهي هوندي اتي اوچتو سخت ٿڌ ٿي وڃڻ جي ڪري فضا زمين جي انهيءَ اونداهي حصي ۾ ملي ختم ٿي ويندي پر جيڪڏهن زمين جي پنهنجي مدار ۾ گهمڻ جي رفتار تيز ٿي ويندي ته زمين جي ڪيترن ئي حصن کي مناسب گرمي نہ ملي سگهندي.

انهيءَ جي لاءِ ضروري آهي ته زمين پنهنجي موجوده رفتار سان ئي چڪر ڪاٽيندي رهي. جيتوڻيڪ اها متناسب گردش اُڀڙس جي سوال جو ڪو تسلي ڏيندڙ جواب نہ آهي. زميني خط استوا، جيڪا سج کان وڌ کان وڌ تپش وٺي ٿي، سا گرم ٿيڻ شروع ٿي وڃي ٿي. جڏهن زمين جا قطب (Poles) وڌيڪ ٿڌا ٿيڻ شروع ٿي وڃن ٿا اُن جي نتيجي ۾ اتي ڳوراڻ يعني اها ڪيميائي تبديلي پيدا ٿيندي آهي، جنهن سان ٻہ يا ان کان وڌيڪ ذرڙا ايٽمن جي ڄمي وڃڻ ۽ جذب ٿي وڃڻ واري عمل (Absorption) جي ڪري فضا پاڻ ٻہ جذب ٿي ويندي آهي. انهيءَ جي لاءِ ضروري آهي ته زمين جا محور (Axis) سدائين جهڪيل رهن ۽ زمين جي گرم ٿيل علائقن کي لڳاتار مناسب طريقي سان اندروني تبديليءَ جي عمل ۾ بدلي سدلي (Interchange) ڪندا رهن. اهو ئي سبب آهي جو زميني محور 23.5 ڊگري تي جهڪيل آهي.

آيت ڪريمہ جي آخر ۾ اهو اعلان ته ”اسان اچي وياسون فرمانبردارن وانگر،“ مٿي ڏنل معنيٰ جي ترجماني ڪري ٿو. الله تعاليٰ جو اهو حڪم ته ”اچو سرها ٿي توڙي ارها ٿي“ زمين جي پاڻمرادو جهڪاءُ ۽ انهيءَ جي متناسب گهمڻ (Rotation) جي عمل ڏانهن اشارو ڪري ٿو. مطلب ته زمين هڪ خاص حالت ۾ پنهنجي مادي حيثيت کي برقرار رکڻ جي لاءِ الله تعاليٰ جي حڪم جي ئي پابند آهي.

ج — زمين جيڪا تپش حاصل ڪري ٿي، ان کي هڪ خاص وقت تائين قائم رکڻو پوندو آهي. ٻين لفظن ۾ زمين کي هڪ قسم جي سَوَڙِ جي ضرورت آهي. اها سوڙ هوا ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ميسر ڪري ڏني آهي. پر فضا جي پيدا ٿيڻ کان پهريان ارضي تپش جي عمل کي متناسب رکڻ جي لاءِ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ڪٿي

www.sindhsalamat.com

هئي؟ اسان ارضي طبعيات جي مطالعي منجهان ڄاڻي ورتو آهي ته زمين جي شروعاتي فضا بنيادي طور تي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ تي مشتمل هئي. آيت پاڪ انهيءَ راز کي هن طرح سان ظاهر ڪري ٿي ته ”پوءِ هو آسمان ڏانهن متوجه ٿيو جو ان وقت دخان (دونهون) هو.“ اها هڪ مجيل سائنسي حقيقت آهي ته شروع ۾ زمين جي فضا گهڻو تڻو دونهين (ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ) تي مشتمل هئي. زمين جي تپش کي قائم رکڻ انهيءَ شروعاتي گيس (دونهين) تي منحصر آهي ۽ انهيءَ جي ڪري ئي زمين جي موجوده فضا قائم آهي.

## 2. زمين جي متناسب ڪشش ثقل

(The Properly Proportioned Gravitation of Earth)

جديد طبعيات زميني ڪشش ثقل کي هن  طرح بيان ڪري ٿي ته اها ايٽم (Atom) جي ان هر دم تيار ڪشش يا ڇڪڻ وارين قوتن جو ميڙ آهي جيڪي زمين جي وجود ۾ موجود آهن. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته جيڪڏهن فضا جي ڳري وڃڻ کي ڪشش ثقل يا ٻي طرف فضا جي مڪمل طور جذب ٿي وڃڻ واري عمل کي روڪڻو هجي ته زمين کي هڪ خاص مقدار ۾ گهاٽائي (Volume & Density) وارو هئڻ گهرجي. اها ڳالهه آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي ٿي ته جيڪڏهن زمين هڪ خاص مقدار ۾ گهاٽائي رکي ته بنا ڪنهن ڏکيائي جي فضا مهيا ٿي سگهي ٿي، پر انهيءَ سموري عمل ۾ نه مڃڻ جوڳيون نزاڪتون ۽ باريڪيون نظر اچن ٿيون. انهن ڳالهين کي هيٺين ريت بيان ڪري سگهجي ٿو:

الف – زمين ۾ مختلف مادا هڪ خاص مناسبت سان هوندا آهن. اها ڳالهه ضروري آهي ته زمين جي اندر مناسب مقدار ۾ ڌاتن جو ذخيرو هئڻ گهرجي ته جيئن زمين تي زندگي، تهذيب ۽ تمدن قائم رهي سگهي. اِن سان گڏوگڏ غير ڌاتوئي شين جو ذخيرو به تمام ضروري آهي. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته زمين جو مقدار ڪو سادو حساب نه آهي، پر اهو هڪ انتهائي منجهيل حساب ڪتاب آهي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت ڪيترين ئي اهم شين جو حساب رکڻو پوندو آهي.

ب – زمين ۾ ڪشش جو توازن اهڙي طرح هئڻ گهرجي جو جڏهن مالڪيولز يعني فضائي ذرڙا جسماني طور متوازن صورت ۾ هجن ته بلڪل انهيءَ ئي وقت اهي زمين جي سطح تي ڪيميائي طور تي هڪ جاءِ تي ٽڪيل به هجن. يعني زمين جو ڪوپو (Crust) مٽي، جبل ۽ سمنڊ هڪ اهڙي وجود ۾ هجن جو فضا جي گيسن جي مناسب رد عمل جو سبب بڻجن. ٻين لفظن ۾ اهي فضا کي پنهنجي اندر جذب نه ڪري ڇڏين. مثال طور جيڪڏهن زمين جو ڪوپو ڪاربان جو بڻيل هجي ها ته اهو هڪ پاسي آڪسيجن کي ڪيميائي رد عمل جي ڪري ختم ڪري ڇڏي ها ته



ٻئي پاسي وري اهو نائٽروجن کي جذب ڪري وٺي ها پر زمين جو ڪوپو سليڪان جي مرڪبن منجهان اهڙي طرح بڻيل آهي جو اهو ان کي فضا جي اندروني ڪوپي اندر هڪ جاءِ تي ٽڪيل ۽ ڇميل رکي ٿو. اهڙي طرح زمين ۾ فضا جو توازن قائم رهي ٿو.

ٻ – وڌيڪ ٻه اهم نڪتا زمين جي ڪشش ثقل جي نسبت سان مادي جي بناوت جي باري ۾ آهن. پهرين ڳالهه اها ته زمين جي مادي گهاٽائي جي اندر چقمقي مادن جهڙوڪ لوهه جي متناسب ورڇ جو هئڻ ضروري آهي. ٻي ڳالهه اها ته زمين جي بلڪل اندر پگهريل چقمقي مادن ۽ اڌ پگهريل ڌاتن جو زمين جي ڪوپي سان گڏ، تناسب سان قائم رهڻ به تمام ضروري آهي. اهڙي طرح اسان ڏسون ٿا ته زمين جي ڪشش ثقل تمام گهڻن صحيح اندازن ۽ بيشمار حسابن جي گهرجائو آهي. اهي حساب ڪتاب (Calculations) ايترا ته گهڻا ۽ نازڪ آهن جو رڳو انهن جو اندازو لڳائڻ جي لاءِ به ديو قامت ڪمپيوٽر گهرجن.

## 3. فضا جو استحڪام ۽ فضائي ويڪر ۾ شعاعي توانائين جو توازن

(Inviolability of Atmosphere)

ان ڳالهه کي ڇڏي ڪري ته فضائي ويڪر ڪيتري حد تائين هڪجهڙائي ۾ نظر اچي ٿي، فضائي ويڪر ۾ مختلف قسم جي ٽڪرن ۽ ذرڙن جو ايترو ته سخت وسڪارو ٿيندو رهندو آهي جو، اهو فضا جو توازن ئي بگاڙي ڇڏي ٿو ۽ اهو انتهائي ننڍڙن ذرڙن کي سخت قسم جي تير ڦرندڙ رفتار (Velocity) به عطا ڪري ٿو.

الف – هڪ چقمقي علائقو (Magnetosphere) زمين کي هر پاسي کان گهيريون بيٺو آهي. انهيءَ جو قطر هڪ سؤ زمينن جي قطر برابر آهي. اهو زمين ڏانهن فضا مان اچڻ وارن هر قسم جي ذرڙن ۽ توانائين جي خلاف هڪ ڍال وارو ڪم ڏئي ٿو. انهيءَ جو تفصيل هڪ ٻي آيت ڪريمه جي تشريح جي سلسلي ۾ به پيش ڪيو ويندو.

ب – سمجهيو وڃي ٿو ته ڪاريون غارون (Black Holes) زمين کان هڪ خاص وٿي تي موجود آهن. ڪاريون غارون، جن جي اندر تمام گهڻي ڪشش ثقل هوندي آهي، انهن سيني توانائين کي، جيڪي ستارن جي جهرمٽن ۽ ثريائن مان نڪرن ٿيون، پنهنجي اندر جذب ڪري وٺنديون آهن. انهيءَ جو سبب رڳو انهن ڪارن غارن جي اندر موجود تمام گهڻي ڪشش ثقل جو هجڻ ئي آهي.

ٻ – وڌيڪ اهو ته فضا پنهنجي وجود اندر مٿاهن علائقن کان هيٺاهين وارن علائقن ڏانهن، پنهنجي بناوت جي لحاظ کان، پنهنجو پاڻ کي محفوظ ڪري رکيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ فضائي تهه (Ozone Layer) هڪ ڇاٽيءَ جو ڪم ڏئي ٿو،

www.sindhsalamat.com

جنهن ۾ ذرڙا ڇڏي ڪري اچن ٿا. اهڙي طرح نائٽروجن جا قطرا (Isotopes) به اِن جي حفاظت جو سبب بڻجن ٿا.

انهيءَ حقيقت کي آسانيءَ سان مڃي سگهجي ٿو ته فضا جي باري ۾ ڪيترين ئي حقيقتون اڃا تائين پوري طرح سان انسان جي ڄاڻ ۾ نه اچي سگهيون آهن، پر اصل ڳالهه اها آهي ته سائنس هر روز الله تعاليٰ جي معجزن جو علم حاصل ڪري ٿي ۽ اهڙي طرح ان تي شاهد ٿيندي رهندي آهي.

جڏهن سورت فصلت جي آيت نمبر 11 ۾ آسمان جي تشريح ڪريون ٿا ۽ آيت نمبر 12 ۾ زمين ۽ آسمان جي تشريح ڪريون ٿا ته اهڙيون ئي حقيقتون اسان جي سامهون اچي وڃن ٿيون.

اهو به ممڪن آهي ته آسمان جي باري ۾ توجيهه عام فهم معنيٰ ۾ ڪئي وڃي ۽ ان جي تشريح مختلف پاسن کان ڪئي وڃي. قرآن ڪريم ستن آسمانن جي وجود جو ذڪر ڪري ٿو. انسانيت هن وقت تائين ان جي خاص مادي بناوت جي باري ۾ ڄاڻ نٿي رکي. اِن معاملي ۾ اسان ان جي ماپ، جسامت، ڊيگهه، ويڪر ۽ ان جي وچ واري مفاصلي جي باري ۾ ڪا به ڄاڻ نٿا رکون. مان انهيءَ حقيقت جي تشريح اڳتي هلي انهيءَ آيت پاڪ جي سلسلي ۾ ڪندس جنهن ۾ ستن آسمانن جو ذڪر آهي.

هاڻي توهان هن موضوع جي آيت پاڪ کي پيهر ۽ ٻيهر انهن سڀني سائنسي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ پڙهو. هاڻي اسان کي دلچسپي پيدا ٿيندي ته ڪيئن نه هن آيت ڪريمه جي اندر حيرت ۾ وجهندڙ ۽ عظيم الشان سائنسي حقيقتن جو اظهار ڪيو ويو آهي.

جيستائين فضا جي سڀ کان وڌيڪ خاصيتن جو تعلق آهي، ته اسان ڏسون ٿا ته ڪنهن شيءِ يا  ذرڙي جي غائب ٿيڻ جي لاءِ ٻاهرين رفتار (Escape Vilocity) 11.3 ڪلوميٽر في سيڪنڊ آهي. فضا جي عام ڪيفيت کي هڪ خاص توازن سان قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي. اهڙي طرح فضا جا ذرڙا انهيءَ رفتار تائين نٿا پهچي سگهن.

پروفيسر ڊي ليماڪ سپسٽر (Prof. De Lymak Spitser) چواٿي:

زمين پنهنجي ضرورت موجب فضا جي هڪ حصي کي خاص ڪري نائٽروجن طور جذب ڪري وٺندي آهي، پر آڪسيجن جي چست ۽ تمام تيز خاصيت کي فضا ۾ نائٽروجن جي ذريعي متناسب رکيو ويو آهي. وڌيڪ اهو ته فائديمند گيسون (Noble Gases) جيڪي هيليم (Helium)، ارگون (Argon)، نيون (Neon)، ڪرپٽون (Crypton)، زنون (Xenon) ۽ ريڊون (Radon) آهن، اهي به فضا ۾ تمام ٿورڙو پر مناسب مقدار ۾ موجود آهن. اهي نائٽروجن ۽



آڪسيجن گيسن کي هڪ ٻئي وچڻ کان روڪين ٿيون، خاص ڪري ان وقت جڏهن ڪنوڻ ڪرندي آهي. فضا سدائين نائٽروجن ۽ آڪسيجن جي توازن کي، جيڪو 5:1 جي نسبت سان هوندو آهي، قائم رکندي آهي.

هن عظيم الشان ارضي طبعياتي نظام جي شروعات ئي انهن رازن منجهان آهي، جيڪي هن آيت ۾ اسان تي ظاهر ڪيا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 2

# ڪائنات جون اڻ ڇاتل جايون

فَلَآ اُقۡسِمُ بِمَوٰقِعِ النُّجُوۡمِ ﴿۷۵﴾ وَ اِنَّهٗ لَقَسَمٌ لَّوۡ تَعۡلَمُوۡنَ عَظِيۡمٌ ﴿۷۶﴾

(الواقعة: ۷۵ ۽ ۷٦)

”پوءِ نہ، قسم آهي ستارن جي واقعي واري جاءِ جو. ۽ جيڪڏهن توهان سمجهو تہ اهو تمام وڏو قسم آهي.“

سپ ڪان پهريان مان سورت واقعہ جي مختصر تشريح ڪرڻ گهرندس. واقعہ جو مطلب آهي ڊيڄارڻ وارو. واقعہ يا وقوع جو مطلب آهي ماجرا يا حادثو. ڪنهن شيءِ جو اوچتو ٿي پوڻ. ڪيترن تفسيرن ۾ واقعہ جو مطلب قيامت جو ڏينهن ورتو ويو آهي. بهرحال موت جي گهڙي يا ٻي ڪا وحشت ڀري گهڙي ”واقعہ“ طور سڃاڻپ ۾ اچي ٿي.

هن آيت ۾ جنهن طريقي سان لفظ استعمال ٿيا آهن، سي حيرت ۾ وجهندڙ حد تائين دلچسپ آهن. انهن جي شروعات لفظ ”ف“ سان ٿيڻ عربي صرف ۽ نحو جي لحاظ کان پوري آيت کي گهيري ٿي. ”لا“ جي هتي جيڪا معنيٰ نڪري ٿي سا آهي:

الف – لفظن جو حسن ترتيب ۽ هڪجهڙائي

ب – طاقت يا مدد پهچائڻ

ج – لا وجوديت جو حقيقي ذرو

اهڙي طرح آخرڪار انهن لفظن جي معنيٰ اها ٿئي ٿي تہ ”وڌيڪ ڪجھ چوڻ جي ضرورت نہ آهي.“ انهيءَ مان اها ڳالھ سمجھ ۾ اچي ٿي هتي اهو چيو پيو وڃي تہ ”وڌيڪ ڪجھ چوڻ جي ضرورت نہ آهي، قسم آهي ستارن جي ٺيڪ جاءِ تي هجڻ جو، هائو! جيڪڏهن توهان سمجهو تہ اهو هڪ وڏو قسم آهي.“



هن آيت ۾ اسان جنهن شيءِ ڏانهن توجھ ڇڪائڻ گهرون ٿا سو آهي ”ستارن جي پوري جاءِ تي هجڻ واري خاصيت.“ فلڪي طبعيات ۾ ڪجھ اهڙا مثال هن طرح آهن:

الف – اهي جايون جتان اهي ايري ۽ لهي ويندا آهن.

ب – انهن جا اوير ۽ اولھ. انهن جون حدون ۽ موجودگيءَ جون جايون.

ج – اها جاءِ جتان شهاب ثاقب (Meteors) ظاهر ٿيندا آهن.

د – اها جاءِ جتان هڪ ستارو لڪي ويندو آهي.

اچو تہ هاڻي ڀيهر هن آيت پاڪ جي اندر لڪيل باريڪين جي خلاصي تي نظر وجهون.

الف – قسم جي شروعات نفيءَ جي لفظ سان ٿئي ٿي. انهيءَ نموني جي قسم مان خبر پوي ٿي تہ ڪو تمام اهم راز ظاهر ڪيو پيو وڃي. اها ڳالھ ان وقت خاص طرح سان وزنائتي ٿئي ٿي جڏهن جملي جي شروعات ”ف“ سان ٿئي.

ب – ستارن جي جاءِ جو قسم ڪنيو پيو وڃي. اهڙا قسم ٻين آيتن ۾ بہ موجود آهن، پر ستارن جي جڳهن جو قسم رڳو هن ئي آيت ۾ ڪنيو ويو آهي.

اهو چئي سگهجي ٿو تہ الله تعاليٰ پنهنجي عظيم دانائي ۾ هي جو قسم ڪنيو آهي تہ ضروري نہ آهي تہ ڪنهن غير معمولي شيءِ جي باري ۾ هجي، پر ٻي آيت انهيءَ خيال جي نفي ڪري ٿي.

ٻ – ”جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا تہ اهو هڪ عظيم قسم آهي،“ اهو بيان اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اسان ستارن جي جڳهن واري نظريي کي آسانيءَ سان سمجهي نٿا سگهون، ڇو تہ اِن جون عظيم ۽ لڪيل معنائون آهن.

هيءَ آيت انهن مان آهي جيڪي پلي نموني ظاهر ڪن ٿيون تہ سائنس جي ترقي سان گڏوگڏ ڪهڙي طرح قرآن جون نيون توجيهون ۽ تفسيرون ڪري سگهجن ٿيون.

اچو تہ هاڻي اسان انهن حقيقتن کي هڪ جاءِ تي آڻي ڏسون تہ ڪهڙي طرح فلڪي طبعيات جي علم، گذريل پندرهن سالن ۾، ستارن جي جڳهن جي باري ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ڪوجنائون ڪيون آهن؟

ڪائنات ۾ اهڙيون جايون آهن، جن کي روسي سائنسدان ”ستارن جون جڳهون“ سڏين ٿا، جڏهن تہ اولھ جا سائنسدان انهن کي اڇيون غارون (White Holes) يا ڪاريون غارون (Black Holes) سڏين ٿا. فلڪي طبعيات جي علم ۾ ترقي جي ڪري گذريل پندرهن سالن ۾ سائنس اسان کي ستارن، گرهن يا ڪيرڏارائن جي ڪائنات جي باري ۾ چڱي خاصي معلومات پهچائي آهي. انهيءَ باري ۾ ٻن قسم جون جايون يا جڳهون ملن ٿيون جيڪي ستارن جون خاصيتون نٿيون رکن.

www.sindhsalamat.com

1. اڇيون غارون (White Holes) يا ڪوئزرز (Quasars)
2. ڪاريون غارون (Black Holes)

### اڇيون غارون (White Holes)

اهي ستارن جي جاءِ تي هڪ نہ مڃڻ جوڳي مقدار ۾ توانائيءَ جو ذخيرو هونديون آهن. اهو ائين آهي جيئن بي پناهہ توانائيون ڪائنات ۾ هڪ جاءِ تان ڇڏيون وڃن ، جيڪي لکين نوري سالن جي مفاصلي تائين پهچن ٿيون. اهي ايتريون تہ سگهاريون آهن جو کير ڌارائن يا اربين ستارن جو جهڳٽو جوڙي وٺنديون آهن. ڪجهہ سائنسدان انهن ڪوئزرن کي کير ڌارائن جو ٻج سمجهن ٿا، جن مان اڳيا بہ ڪي وڏيڪ آسماني جسم نڪرندرهندا آهن.

### ڪاريون غارون (Black Holes)

انهن ٻنهي مان وڌيڪ دلچسپيءَ واريون ڪاريون غارون آهن. اهي ان جاءِ جي نشاندهي ڪن ٿيون، جيڪا انهيءَ ستاري جي فنا ٿي وڃڻ جي ڪري خالي رهجي ويندي آهي. جڏهن ڪو ستارو فنا ٿي يا مري ويندو آهي تہ ڇا ٿيندو آهي؟ انهيءَ سوال جو جواب ڄاڻڻ ڪانسواءِ انهن غارن يعني ستارن جي دنيا جي انهن ڄڳهن جن کي هن آيت ڪريمہ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، سمجهڻ ناممڪن آهي.

اها ڄاڻ تہ موجود آهي تہ ستارا اڻ ڳڻين ايٽمن يا جوهرن تي مشتمل هوندا آهن. اليڪٽران يا ڪاٽو بجلي ذرڙا ايٽم جي مرڪز جي چوگرد ڦرندا رهندا آهن. انهيءَ ڪري ئي هر ستارو پنهنجو هڪ خاص مقدار رکندو آهي. ستارن جي فنا ٿي وڃڻ يا مري وڃڻ جو مطلب اهو آهي تہ اها توانائي، جيڪا انهيءَ جي مقدار کي قائم رکيون پيئي آئي سا ختم يا خرچ ٿي وئي آهي. جيئن ئي ڪو ستارو مرندو آهي تہ اهو پنهنجي ئي ڪشش ثقل جي ڪري سسي يا دٻجي ايترو تہ ننڍو ٿي ويندو آهي جو اتي رڳو ايٽمن جا مرڪز (Nuclei) ئي رهجي ويندا آهن. پوءِ جڏهن مرڪز هڪ ٻئي جي مٿان جمندا تہ ستارو سسي ويندو آهي ۽ هڪ مرندڙ ستارو پنهنجي اصل قد ڪاٺ کان، پنهنجي مقدار (Mass) ۾ ڪا خاص تبديلي ڪرڻ ڪانسواءِ ئي، ڪيترائي لک دفعا ننڍو ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن مرڻ وارو ستارو ننڍي قد ڪاٺ وارو، يعني اسان جي سج جيترو آهي، تہ اهو هڪ پلسر (Pulsar) (يعني هڪ اهڙو ستارو، جيڪو انيڪ باقاعده وٿين سان ريڊيو تعدد بجلي ۽ چقمقي شعاع خارج ڪندو آهي) بڻجي ويندو آهي. اها پلسر هڪ ايڪو آهي، جيڪو هر 0.03 سيڪنڊ جي وقفي سان ايڪس ريز(X-Rays) خارج ڪندو آهي. اهو ستارو پنهنجي ئي چوگرد ڪروڙين ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان گهمندو آهي. انهيءَ جي



باوجود بہ اهو ايترو تہ سسي چڪو هوندو آهي جو نظر ئي نہ ايندو آهي. انهيءَ جو وجود رڳو ان جي بجلي وارين چقمقي لهرن جي موٽ سان محسوس ڪري سگهجي ٿو. اهڙي طرح اهو مڪمل نجي جاءِ يا ٽڪاٽو بڻجي وڃي ٿو.

جيڪڏهن مرندڙ ستارو وڏو آهي تہ ثقلي ڇڪ ڏاهہ ايتري تہ شديد هوندي آهي جو اهو مرڪز جي سطح تي نٽو رڪجي، پر اها ڇڪ ڏاهہ ان وقت تائين جاري رهي ٿي جيستائين سمورو مادو ۽ توانائي ايترا سسي نٿا وڃن جنهن کي هڪ ايڪو (Singularity) چوندا آهن. انهيءَ کي ڪائناتي ڪاريون غارون (Black Holes) سڏيو ويندو آهي. اهي غارون ڪنهن بہ ريت ڏسي نٿيون سگهجن. انهن کي رڳو هيٺين خاصيتن جي ذريعي ئي سڃاڻي سگهجي ٿو.

1. اهي غارون انهيءَ تابڪاري (Radiation) ۽ ستارن کي ڳڙڪائي وڃن ٿيون جيڪي انهن جي ويجهو گذرن ٿا.
2. اهي گاما ريز ۽ ايڪس ريز کي اڻ سڌي طرح خارج ڪن ٿا.
3. سندن ويجهو وقت اوچتو ڳري وڃي ٿو.

ٻين لفظن ۾ اها ڪاري غار هڪ ستاري جي حيرت ۾ وجهندڙ قبر آهي. اها مادي شين ۽ وقت کي ڇڪي پنهنجي اندر لڪائي ڇڏي ٿي.

پهريان پهريان پرنسٽن يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ريمو روفيني (Remo Ruffini) ڪارين غارن جي موجودگيءَ جي باري ۾ نظريو قائم ڪيو. هن سائنسدان انهن جاين کي ستارن جي جاءِ (Star Location) سڏيو. ان کان پوءِ جان وهيلر (John A. Wheeler) انهن جاين کي ڪارين غارن جو نالو ڏنو.

مادي جي نقطي نظر کان اهي جايون ثقلي جهٽڪي يا ڇڪ ڏاهہ جا علائقا آهن. هر شيءِ انهن جي ويجهڙائيءَ ۾ فنا ٿي غائب ٿي وڃي ٿي. آئن اسٽائن جي پيروڪارن ۾ اوپن هائمر Oppenheimer ۽ سنائڊر (Snyder) انهن جون سائنسي توجيهون ڪيون آهن ۽ انهن جاين کي ڪائنات ۾ توازن جا علائقا سڏيو آهي.

هڪ ستاري جو توازن هڪ طرف نيوڪلائي رد عمل جي ڪري پڪڙيل ۽ ٻئي پاسي شديد ڪشش ثقل جي موجودگيءَ جي ڪري قائم هوندو آهي. ڪائنات ۾ اربن ڪربن جي تعداد ۾ ستارن جو توازن هڪ سمجهہ کان مٿي ڪمپيوٽري نظام تي قائم آهي. هڪ نظريي موجب نيوڪلائي رد عمل بہ ڪيترن ئي ٿريائن يعني ستارن جي جهرمٽن جي لاءِ ٻج جو ڪم ڏيندو آهي.

اچو تہ هاڻي ٻيهر سورتِ واقعہ جي آيت نمبر 75 تي اچون.

”پوءِ نہ، قسم آهي ستارن واري جاءِ جو ۽ جيڪڏهن توهان سمجهو تہ اهو هڪ وڏو قسم آهي.“

انهيءَ سان گڏ ئي پنهنجي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جي انهيءَ ارشاد

www.sindhsalamat.com

ڏانهن تہ ڌيان ڌرڻ گهرجي جيڪو پاڻ هن سورت جي باري ۾ فرمايو هئائون:

”پنهنجي ٻارن کي سورتِ واقعہ پڙهايو ۽ اهي پنهنجي ٻارن کي پڙهائن.“

ڇا اللّٰہ تعاليٰ جو اهو معجزو هاڻي صاف نظر نٿو اچي؟ هن سورت کي پڙهو ۽ هن آيت کي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين پڙهايو، آخرڪار هي انتهائي اهم ڪائناتي راز وائکو ٿي ويندو.

هن سورت مبارڪ جو نالو ئي هن آيت جي تشريح ۾ خدائي طور تي اثر انداز آهي. اسان مٿي هن آيت کي ڪائناتي طبعيات جي نقطي نظر سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڪائنات ۾ مخلوقن جي هجوم ۽ ڪربين ستارن جا راز انساني ذهن جي لاءِ قياس کان ٻاهر نہ آهن پر قرآن ڪريم ۾ انهن جي مقدار ۽ بناوت کي ڪٿي تفصيل سان ۽ ڪٿي مٿاڇري طرح بيان ڪيو ويو آهي. رڳو هڪڙو ئي سوال آهي ۽ هڪڙو ئي راز: اهو هي تہ قرآن ڏانهن دل وارين اکين کي کليل رکيو وڃي. مثال طور، ٿي سگهي ٿو تہ اسان ڏسون تہ هڪ جاڳندڙ دل رکندڙ مؤمن هن آيت کي پڙهي ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي، جيتوڻيڪ هو عربي نٿو ڄاڻي ۽ نہ ئي وري هن کا طبعيات پڙهي آهي. هو پنهنجي حالت کان پاڻ بہ غافل ٿي سگهي ٿو، پر دل جي اک کي هڪ راز ٻڌايو ويو آهي، جيڪو ان جي سچار ۽ پاڪباز هئڻ جي ڪري آهي.



**موضوع نمبر 3**

# قرآن ۾ نوبل انعام ماٽيندڙ نظريي جو مرتبو

سُبْحٰنَ الَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ وَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَ مِمَّا لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٦﴾ (يٰس: ٣٦)

”پاڪ (عظيم) آهي اها ذات جنهن سڀني قسمن جا جوڙا پيدا ڪيا، پوءِ ڀلي اهي زمين جي ٻوٽن مان هجن يا انهن جي پنهنجي جنس مان يا انهن شين مان جن کي اهي اڃا ڄاڻن بہ ڪونہ ٿا.“

هن آيت ڪريمہ ۾ لڪيل پيغام کي سمجهڻ جي لاءِ اسان کي انهيءَ جي متن کي وري وري پڙهڻ گهرجي.

الف — اللّٰہ تعاليٰ پنهنجي عظمت جا راز بيان ڪرڻ کان پوءِ اعلان ڪيو تہ مخلوق جوڙن ۾ موجود آهي. اللّٰہ تعاليٰ پاڻ ڪنهن بہ جوڙي يا برابري کان مٿاهون آهي. هيءَ پاڪ آيت، جيڪا اهڙي طرح شروع ڪئي وئي آهي، انهيءَ جو مقصد اهو آهي تہ مخلوق جي جوڙن ۾ موجودگي جي اندروني معنيٰ ظاهر ڪئي وڃي.

جوڙن ۾ موجودگي هڪ ئي وقت مخالف ۽ گڏوگڏ مشابهت کي ظاهر ڪري ٿي. انهيءَ جو سڀ کان ظاهر ظهور مثال نر ۽ ماديءَ جي موجودگي آهي. سائنسي نقطي نظر کان جوڙن جي خلقت مشابهاتي مخالف (Similar Opposites) جي معنيٰ رکي ٿي. گرمي ۽ سردي بہ هڪ جوڙو آهي. ٻہ شيون هڪٻئي سان ملندڙ جلندڙ هجڻ جي باوجود بہ پنهنجي خاصيت ۽ اثر جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان مخالف ٿي سگهن ٿيون.

ب — هن آيت ڪريمہ جو سڀ کان وڌيڪ دلچسپ رخ اهو آهي، جتي اها جوڙن جو مثال اهو ڄاڻائيندي پيش ڪري ٿي تہ ”اسان مخلوق کي جوڙن ۾ پيدا ڪيو.“ هتي اللّٰہ تعاليٰ ٽي مثال ڏنا آهن:

www.sindhsalamat.com

1. جوڙا – اهي جوڙا جن کي زمين اپائي ٿي.
2. مخلوق جا پاڻ ۾ جوڙا
3. ڪيترائي ٻيا خلقيل جوڙا جن جي اسان کي ڄاڻ ئي ڪانهي.

اڃو تہ هاڻي هن آيت جي رازن کي ڄاڻڻ جي لاءِ ڏسون تہ سائنس انهيءَ سلسلي ۾ ڪهڙيون نيون کوجنائون ڪيون آهن.

ماهر طبعيات اينڊرسن (Anderson) جي مثبتہ يا مثبت اليڪٽرون (Positron) جي کوجنا انهيءَ سلسلي ۾ هڪ منزل جو ڏس ڏيندڙ ۽ اهم موڙ آهي. ان سان گڏوگڏ موريس ڊيراڪ (Maurice Dirac) بہ اهو سائنسدان هو جنهن مخلوق ۾ جوڙن جي هئڻ جو سڀ کان پهريان تصور ڀڌايو هو. اهو تصور طبعيات ۾ بنيادي اصول آهي. ڪائنات جي هر ذري جو هڪ بجلي بار (Charge) ۽ چڪر (Spin) هوندو آهي. جڏهن هڪ جوهر ٽٽندو آهي تہ ان جو مخالف جاڙو (Opposite Twin) بہ ٽٽي ويندو آهي. جيڪي شيون جوڙن ۾ جڙنديون آهن انهن ۾ وڌيڪ مشهور هي آهن:

The Positron antiparticle of electron.
The Antiproton, antiparticle of proton.
The Antineutron, antiparticle of neutron.
The Antineutrino, antiparticle of neutrino.

نيوڪليائي طبعيات جي بنيادي اصولن مان اهو بہ هڪ اصول آهي تہ هر جوهر يا ذري جو هڪ مخالف جاڙو بہ موجود هوندو آهي. انهيءَ موضوع تي اڳتي هلي ڪجھ تفصيلي گفتگو ٿيندي.

اهڙي طرح آيت نمبر 36 جي ذريعي چوڏهن صديون اڳ، تخليق جي بنيادي قانون جي تعليم ڏني وئي آهي، جنهن ۾ چيو ويو تہ ”اسان ڪيترائي اڻجاتل جوڙا پيدا ڪيا آهن.“

هاڻي آيت ڪريم جي مجموعي تشريح ڪريون ٿا: آيت جي شروعات ۾ اهو چوڻ تہ ”پاڪ (عظيم) آهي الله تعاليٰ جي ذات“، انهيءَ حقيقت کي ظاهر ڪري ٿو تہ رڳو الله تعاليٰ ئي بنا ڪنهن جوڙ يا مثال جو آهي. اسان کي ان وقت ڏکيائي پيدا ٿئي ٿي جڏهن اسان الله کانسواءِ ڪنهن مثال جي تصور ڪندا آهيون. اسان جي هر شيءِ کي ان جي مشابهت يا مثال سان يا ان جي مخالف جي حوالي سان ڄاڻڻ جي عادت پختي ٿي وئي آهي. پر هر شيءِ جنهن جو ڪو مخالف يا مثل آهي، انهيءَ جي هڪ حد آهي ۽ اهو فنا ٿيندڙ آهي. هُن الله تعاليٰ انهيءَ کان پاڪ (عظيم) آهي. هو بنا ڪنهن مثال جي آهي. جڏهن تہ انهيءَ ئي سڀني شين کي جوڙن جي شڪل ۾ پيدا ڪيو آهي.



### 1. اهي جوڙا جيڪي زمين پيدا ڪري ٿي

ڪجھ عالمن آيت جي انهيءَ حصي کي رڳو ٻوٽن جي سلسلي ۾ ئي سمجهيو آهي، پر اِن لاءِ اها تشريح ناڪافي آهي. ڇو تہ الله تعاليٰ جيڪڏهن گهري ها تہ اهو نہ چوي ها تہ ”سڀئي شيون جيڪي زمين پيدا ڪري ٿي“ پر رڳو ٻوٽن جو ئي ذڪر ڪري ها. اهڙي طرح هيءَ آيت ٻين شين سان گڏوگڏ ٻوٽن جي جوڙن جي موجودگيءَ ڏانهن بہ اشارو ڪري ٿي. اڃا بہ آيت جو پهريون حصو ان جي ٽئين حصي جي وضاحت بہ ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪو انهيءَ فقري جي تشريح تہ ”اسان ٻيا بہ ڪيترائي جوڙا پيدا ڪيا جن جي توهان کي ڄاڻ نہ آهي،“ اهڙي طرح ڪري تہ اهو رڳو بجلي يا زميني ڇقمقيت جي باري ۾ تہ هو غلطي تي هوندو، ڇو تہ انهيءَ جو جوڙو زمين پيدا ڪيو آهي. زمين جي پيدا ڪيل جوڙا هيٺ ڏئي سگهجن ٿا.

الف – هڪجهڙا (Similar) جوڙا، جيڪي پنهنجي مادي ۽ ڪيميائي خاصيتن ۾ مختلف هوندا آهن، مثال طور ڌاتو ۽ غير ڌاتو.

ب – حياتياتي (Biologically) طور تي مخالف جوڙا، مثال طور ٻوٽن ۽ جانورن جون نر ۽ ماديون.

ج – مادي طور تي مخالف جوڙا، مثال طور واڌو ۽ ڪاٽو بجلي سگهن يا جوهرن جو گروهہ (Ions) ۽ ان طرح جي برقي چارج جو الٽو هجڻ (Polarity) وغيره.

د – زمين ۾ زندگيءَ جي تاجي پيٽي تي اثرانداز ٿيڻ وارو تجزيو (Analysis) ۽ عنصرن جو گڏ ٿيڻ (Synthesis)، جيئن ٻوٽن ۾ جراثيمن (Bacteria) جي مدد سان روح ڦوڪڻ، جيڪو نائٽروجن کي بہ ٺاهي ٿو. جراثيمن جي اها خاصيت جنهن سان نامياتي (Organic) شين کي ٽوڙٽو ۽ تباهہ ڪرٽو آهي جنهن سان سڙڻ ۽ بيڪار ٿي وڃڻ جو عمل پيدا ٿيندو آهي ۽ اهڙي قسم جا ٻيا مثال، جهڙوڪ ڇقمقي مخالف جوڙا يا ڇقمقي قطب يعني اتر ۽ ڏکڻ قطب وغيره.

### 2. پنهنجا ئي جوڙا (Pairs of Theirselves)

”اسان انهن جا پنهنجا جوڙا پيدا ڪيا“ يعني مخالف جاڙا جوڙا.
آيت جي هن حصي جون مختلف معنائون ڪڍي سگهجن ٿيون. جهڙوڪ:
الف – مرد ۽ عورت جا مخالف جوڙا
ب – امدادي شخصي خاصيتون، مثال طور ظالمر ۽ همدرد، دلير ۽ ڊڄڻو، سخي ۽ ڪنجوس وغيره.
ج – خاصيتون جي مشابهت تہ رکن ٿيون، پر مخالف اخلاقي فيصلي

www.sindhsalamat.com

(Value Judgement) واريون هونديون آهن، جهڙوڪ وحشي پڻو ۽ بهادري، منافقت ۽ لحاظ، حلم يا نرمي ۽ سادگي وغيره. انهن مان ڪجھ لفظن جو ترجمو ۽ تشريح تمام ڏکي آهي. ڪنهن حد تائين مناسب معنيٰ ڪدي سگهجي ٿي.

## 3. اهي جوڙا جن کي اسان نٿا ڄاڻون

هڪجهڙائيءَ وارو قانون Law of Parity مادي ۽ توانائي جي نظرين جو احاطو ڪري ٿو. اهو هن طرح جو قدر (Quanta) ۽ اهو نظام جيڪو انهيءَ مان جڙي ٿو، پنهنجو پاڻ کي مخالف جوڙن ۾ ظاهر ڪن ٿا. ڪوانٽم نظريي موجب توانائي واضح ايڪن ۾ هوندي آهي جيڪا پورن عددن ۾ ٿي سگهي ٿي.

الف – توانائي جي خارج ۽ ڄرڻ يا جذب ٿيڻ جي عمل کي طبعيات جي علم ۽ ڪائناتي طبعيات جديد دؤر ۾ ميچي ورتو آهي. پوءِ بہ اسان کي انهيءَ عمل جي رازن کي اڃا بہ وڌيڪ سمجهڻ جي ضرورت آهي. باقي هاڻي اسان انهن ڪارن غارن کي ڄاڻڻ لڳا آهيون جتان توانائي خرچ ٿي فنا ٿي ويندي آهي ۽ تارن جي انهن جهرمٽن کي بہ سمجهڻ شروع ڪيو ويو آهي جيڪي نہ مڃڻ جي حد تائين توانائيءَ کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪن ٿا. اهي علائقا بہ اهڙا آهن جيڪي پاڻ جاڙن جي شڪل ۾ آهن، پر هڪ ٻئي جي سلسلي ۾ پوريءَ طرح مخالف اثراندازي جون خاصيتون رکن ٿا.

ب – ڇڪ ۽ ڌڪار واريون قوتون. خاص طور تي ڪشش ثقل جون قوتون، مرڪز گريز قوتن جي ڪري متوازن ٿي ويندڀون آهن. جيڪڏهن انهن ٻنهي قوتن ۾ اها مخالفت موجود نہ هجي ها تہ پوءِ يا تہ سڀئي ستارا پنهنجن پنهنجن سِجن ۾ ڪري پون ها يا وري ٻاهرين علائقي ۾ گم ٿي وڃن ها.

ڪائنات ۾ ڪشش ثقل ۽ گردشي چرپر هڪ نہ وسهڻ جوڳو توازن قائم ڪري ڇڏيو آهي. اهو عجوبو اڃا بہ حيرت ۾ وجهي ڇڏي ٿو جڏهن اسان ان کي پنهنجي زمين ۽ ڪائنات جي تناظر ۾ ڏسون ٿا. زمين سان گڏ شمسي نظام بنائڻ کان سواءِ اسان جا گرهہ بہ هن قسم جو گردشي توازن پنهنجي پنهنجي سيٽلائيٽ سان قائم رکن ٿا. اهي ننڍڙا ننڍڙا نظام سج جي چوڌاري چڪر جو هڪ ٻيو نظام جوڙين ٿا. اهڙي طرح نَوَ (9) سيٽلائيٽ يا گرهہ ۽ وري انهن جا ڪيترائي گرهہ سج جي چوڌاري مختلف مدارن ۾ گردش ڪن ٿا. اهڙي طرح اهي ڪائناتي جسم سج ۾ ڪري فنا ٿي وڃڻ کان بچي وڃن ٿا. ٻئي پاسي سج انهن جسمن کي انهن جي مدارن ۾ توازن ڏئي ٿو تہ جيئن اهي فضائي ويڪر (Space) ۾ گم نہ ٿي وڃن. ڳالھ اتي ئي ختم نٿي ٿئي پر هڪ وڏيڪ گردشي نظام بہ آهي جنهن ۾ ستارن جي ڪير ڌارا (Milky Way Galaxy)، جنهن ۾ اسان جي زمين بہ شامل آهي، اسان جي سج سميت هڪ ٻئي مدار ۾ گردش ڪري رهي آهي. هر گردش جو سفر پنجويهن ڪروڙ



سالن ۾ پورو ٿيندو آهي.

اهڙي طرح اسان قرآني معجزن جي رازن جوڙن جا اهڙا مثال ڪدي ڏنا آهن جن کي ڪالھ تائين سان نہ ڄاڻيندا هئاسين.

اسان جون ڪيرڌارائون پاڻ بہ وڏيڪ ڪير ڌارائن جي مرڪز جي چوگرد هڪ عظيم سفر تي روان دوان آهن. اهڙي طرح اسان جي زمين بہ ڇڪڻ ۽ ڌڪار وارين جاڙين قوتن جي وچ ۾ توازن قائم رکڻ جي ڪوشش ۾ ڇئن مختلف مدارن تي گهمندي، ڇئن مختلف سفرن تي روان دوان آهي جنهن جو ڳاڻيٽو اربين سالن تي ٻڌل آهي.

موضوع نمبر 4

# تيل جي باري قرآن جي شاهدي

وَ الَّذِیۡۤ اَخۡرَجَ الۡمَرۡعٰی ۪ۙ﴿۴﴾ فَجَعَلَہٗ غُثَآءً اَحۡوٰی ؕ﴿۵﴾ (الاعليٰ: ٤ ۽ ٥)

”جنهن (الله) ٻوٽا اپايا ۽ پوءِ انهن کي ڪاري ڪچري (ٻوڏ) ۾ تبديل ڪيائين.“

هنن آيتن کي پڙهڻ کان پوءِ اهڙو ماڻهو جيڪو زميني علم (Geology) جي باري ۾ ڄاڻي ٿو، سمجهي ويندو ته اهو جملو تيل جي باري ۾ حقيقت ٻڌائي رهيو آهي. پڪ سان اهم ڳالهه اها آهي ته اهو علم قرآن ڪريم ۾ اڄ کان چوڏهن صديون اڳ بيان ڪيو ويو هو.

هنن آيتن کي وري وري پڙهڻ گهرجي ۽ زميني ڄاڻ کي، پوءِ پلي اها ٿورڙي ئي چونه هجي، پنهنجي ذهن ۾ آڻجي. زمين جو هي گولو شروعات ۾ ٻوٽن ۽ ديوقامت وڻن ۽ گهاٽي گاهن جي ميدانن ۽ ٻيلن تي ٻڌل هو. اهي عظيم ٻيلا زمين جي گولي تي زندگيءَ جي آثارن مان هئا. اڳتي هلي وڏين زميني تبديلين جي ڪري اهي عظيم ٻيلا زمين جي اندر هليا ويا ۽ هڪ خاص ڪيميائي عمل جي ڪري تيل جي شڪل اختيار ڪري ويا. انهيءَ جو تفصيل هاڻي توهان جي اڳيان بيان ڪبو.

سورتِ الاعليٰ اسان جي پياري نبي ڪريم ﷺ جي پسنديده سورتن مان آهي. اهو به چيو وڃي ٿو ته پاڻ ﷺ جن پنهنجي آخري نماز ۾ انهيءَ ئي سورت جي تلاوت فرمائي هئي. سورت الاعليٰ ڪائنات جي شروعات بابت صاف انداز ۾ تشريح پهرين پنجن آيتن ۾ ڪري ٿي جيڪي هن طرح آهن:

”تنهنجو پالڻهار جنهن پيدا ڪيو (۽) جنهن تناسب قائم ڪيو ۽ جنهن رستو ڏيکاريو.“ (الاعليٰ: 2-3)



اهي آيتون ڪائنات جي تخليق جي باري ۾ بنيادي قانون ٻڌائن ٿيون. هتي اها ڳالهه ڌيان طلب آهي ته اسان جي موضوع جي باري ۾ آيتون هنن آيتن کان يڪدم پوءِ اچن ٿيون. اهڙي طرح زمين تي زندگيءَ جي پهرين دؤر کي بيان ڪيو پيو وڃي.

عظيم ٻوٽا ۽ عظيم ٻيلا هن زمين جي گولي تي ايترا ته هئا جو جيڪڏهن اهي هن وقت تائين قائم هجن ها ته فضا ۾ آڪسيجن ايترو ته وڌي ۽ بي قابو ٿي وڃي ها جو ان جي ڪري ڪنهن به وقت سيڪجهه سڙي رک ٿي وڃي ها.

آيت نمبر 3 ۾ پهريان کان مقرر ڪيل مقدار ۽ تناسب جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن موجب اهي عظيم ٻيلا ۽ ديوقامت ٻوٽا زمين ۾ ان وقت دفن ڪيا ويا، جڏهن انهن جو ڪم پورو ٿي ويو هو. اهي غثاء يعني تيل ۾ تبديل ٿي ويا، جيڪو عظيم زميني تبديلين جي ڪري ئي ممڪن ٿي سگهيو. اهڙي طرح جن مضمونن تي ڪتابن جا ڪتاب لکي سگهجن ٿا، انهن جي عمل کي هنن مختصر آيتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

هاڻي آئون مختصر طور ڪجهه انهن ڳالهين جو ذڪر ڪندس جيڪي زمين جي زمانن (Geological Periods) جي نشاندهي ڪن ٿيون. انهيءَ وچ ۾ مان انهن بي دينن ۽ دهرين جي بدحواسي ۽ جهالت جو به ذڪر ڪندس جيڪي چڙوا ڳي پکيڙين ٿا.

زميني علم جي لحاظ کان زمين کي، جڏهن ان جي اصل حالت هڪ باهه جي گولي واري هئي، پنج ارب سال ٿي چڪا آهن. اُن وقت کي ڇهن مستند حصن ۾ ورهايو وڃي ٿو. ان جي وڏيڪ ورڇ ڪيترين ئي مدتن يا وقفن ۾ ڪئي ويندي آهي. زمين جي مٿين سطح جي ڄمي وڃڻ وارو زمانو انهن ڇهن حصن کان جدا آهي. اهو زمانو ساڍن ڇهن ارب سالن تائين قائم رهيو.

پهريون دؤر لڳ ڀڳ اڍ ارب سالن تي ٻڌل آهي. عام طرح اهو زمانو تمام وڏن ٻوٽن ۽ ٻيلن وارو زمانو هو. پيٽرول به انهيءَ دؤر ۾ جڙيو. انهيءَ ڳالهه تي سڀني جو اتفاق آهي ته ٻيو دؤر سترهن ڪروڙ سالن تي ٻڌل آهي. ٽيون دؤر ساڍن ڇهن ڪروڙ سالن تي مشتمل آهي ۽ چوٿون دؤر زمين جي موجوده شڪل آهي جيڪو پنجويهه لک سالن تي مشتمل آهي. انهيءَ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪيترائي طريقا استعمال ڪيا ويا آهن، جن کي هيٺ بيان ڪندس.

تيل عام طرح پاڻي يا سمنڊ جي ڪنارن تي پيدا ٿيل تمام وڏن وڻن جي ڳرڻ ۽ سڙڻ واري عمل جي نتيجي ۾ پيدا ٿيو، جيڪي ڇپُن جي سلسلن ۾ ڦاسي پيا، انهن ٻوٽن تي مختلف قسم جي جراثيمن جي عمل سان اهو پيدا ٿي پيو. تيل جي جوڙجڪ ۽ گڏ ٿيڻ جي باري ۾ ڪيترائي نظريا آهن. جيتوڻيڪ انهن مان ڪو هڪ به حتمي طرح ثابت ٿي نه سگهيو آهي. اهو چيو وڃي ٿو ته سمنڊ جي اندر پيدا ٿيندڙ ٻوٽا به

انهيءَ سلسلي ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. اهو نظريو بہ هن آيت ڪريمہ سان هڪجهڙائي رکي ٿو. پر پوءِ وارا نظريا وڌيڪ اهميت رکندڙ آهن، جن مطابق تيل جي جوڙجڪ سامونڊي ٻوٽن ۽ ڪنارن تي پيدا ٿيل ٻيلن جي ڳرڻ ۽ سڙڻ سان ٿي. ان کان پوءِ اهو زميني تهن ۾ گڏ ٿي دريائن وانگر وهڻ لڳو. اهڙيءَ طرح تيل جون زمين جي اندر ڍنڍون ٺهجي ويون. ڄاڻايل تهن ۾ ڪٿي ڪٿي ننڍن ننڍن سامونڊي جانورن جا پيڃرا يا حصا بہ مليا آهن.

اچو تہ ساڳي آيت سڳوريءَ کي ٻيهر پڙهون.

”۽ انهن کي ڪاري (ڪچري واري) ٻوڏ ۾ تبديل ڪري ڇڏيوسون.“

ها، عزيز دوستو! اهو رڳو اسان جي ئي هن دؤر ۾ حتمي طرح ثابت ٿيو آهي تہ تيل هڪ ڪاري پٽڙي مادي وانگر زمين هيٺ ڪارن دريائن جي شڪل ۾ وهي رهيو آهي. آيت ڪريمہ ۾ لفظ ٻوڏ ڪليل طرح تيل جي وهڪري ڏانهن اشارو ڪري ٿو. انهيءَ وهڪري کي پيٽروليم جي صنعت ۾ تيل جي هجرت (Oil Migration) سڏيو ويندو آهي، جنهن جي باري ۾ قرآن اڄ کان چوڏهن صديون اڳ ئي اشارو ڪري ڇڏيو هو.

جيتوڻيڪ انهيءَ موقعي تي اسان پوري جي پوري سورت الاعليٰ تي وڌيڪ ڳالهہ نہ ڪري رهيا آهيون، پر مان پنهنجي پڙهندڙن کي گذارش ڪندس تہ اهي هن سموري سورت کي وري وري انتهائي ڌيان سان پڙهن. اهڙي طرح پڙهندڙ کي پاڻ بہ تيل جي باري ۾ پنهنجو نظريو قائم ڪرڻ ۾ مدد ملندي. جيڪڏهن دنيا، خاص ڪري مسلمان ملڪن ۾ تيل نہ هجي ها تہ مسلمانن جي حالت ڇا هجي ها؟

مان هاڻي زمين جي جوڙجڪ جي باري ۾ ڪجهہ اختلافي تاويلن تي ڳالهائيندس.

اسان جي زمين جي عمر جي باري ۾ ڪيترائي نظريا پيش ڪيا ويا آهن. حقيقت ۾ مٿي مون پاڻ بہ زميني زمانن جو ذڪر ڪيو آهي، جن جي تاريخ بہ هن وقت تائين بنيادي طرح رڳو اندازن تي ٻڌل آهي. جيتوڻيڪ انهن مان ڪن تي تہ سنجيده قسم جي سائنسي تحقيق بہ ڪئي وئي آهي، پر انهن مان ڪيتريون قياس آرائيون غير سنجيده آهن، جيڪي پڪ سان بي دينن جون شرارتون آهن.

زميني عمر ڄاڻڻ جا ڪيترائي طريقا آهن، انهن مان هڪڙو اهو آهي جيڪو انهيءَ وقت جي نشاندهي ڪري ٿو جيڪو ڇپُن جي ڪيميائي جوڙجڪ ۾ لڳي ٿو. اهي گهڻو ئي قياس کي ويجها طريقا آهن.

ٻيو طريقو ڪاربن جي ريڊيون آئسوٽوپ جي مقدار جي پيمائش (Radio Carbon Dating) سان حاصل ٿيندو آهي. جيڪڏهن ٻنهي طريقن کي سامهون رکون تہ علم طبعيات (Physics) جي لحاظ کان ٻيو طريقو وڌيڪ صحيح



نشاندهي ڪري ٿو. جيتوڻيڪ انهيءَ طريقي جي استعمال ۾ ڪيتريون ئي ڏکيائيون بہ آهن، جن جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن نتيجا غلط بہ ٿي سگهن ٿا. خاص ڪري ان وقت جڏهن وقت جو شمار پنجاهہ هزار سالن کان وڌيڪ هجي. انهيءَ سلسلي ۾ علم طبعيات کان وڌيڪ تعصب وچ ۾ اچي وڃي ٿو.

انهيءَ طريقي جو بنياد مادي جي تابڪاري جي ڪري سڙي ڳري وڃڻ آهي. ان کي اڌ زندگي (Half Life) بہ چيو ويندو آهي. زمين جي هيٺ ٿيندڙ واقعي جي عمر يا وقت معلوم ڪرڻ جي لاءِ انهيءَ نسبت کي ڏٺو ويندو آهي جيڪا تابڪاري جي ان سطح سان معلوم ٿيندي آهي، جيڪا انهيءَ جاءِ تي بچي ويندي آهي.

تابڪاري ڪاربان جي اڌ عمر 5570 سال هوندي آهي. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ ڪاربان ڪاٽو چوڏهن (14-)، جيڪا ٻاويهہ هزار سالن ۾ بچي ويندي آهي، انهيءَ جو مقدار پنهنجي اصل مقدار جو ڇهہ سيڪڙو رهجي ويندو آهي، جڏهن تہ حسابي نسبت ٽيهٺ هزار سالن ۾ هڪ هزار ۾ ڇئن جي نسبت سان پوئتي رهجي ويندي آهي. جڏهن ڪير ڪروڙين سالن جو حساب ڪري رهيو هجي تہ نموني ۾ هڪ هڪ ننڍڙي غلطي لکين سالن جو فرق پيدا ڪري ڇڏيندي آهي. اهو انهيءَ ڪري ٿيندو آهي جو پراڻو ڪيميائي طريقو هن وقت تائين بہ پسنديده سمجهيو ويندو آهي جتان زميني زمانو شروع ڪرڻو هوندو آهي.

زميني دؤرن کي ماپڻ جي لاءِ ڪابہ ڏکيائي نہ آهي. پر هتي آئون انهن هٿ ٺوڪين ڪهاڻين جو ذڪر ڪرڻ گهرندس، جيڪي انساني ارتقا جي باري ۾ پکيڙيون ويون آهن. مادي پرست ماڻهن اهي ڪهاڻيون مٿي بيان ڪيل سائنسي حقيقتن جي برخلاف گهڙيون آهن. اهو اسان جو فرض آهي تہ انهن سڀني هٿ ٺوڪين نظرين کي وائکو ڪريون جيڪي سائنس جي نالي تي پکيڙيا ويا آهن. مثال طور زمين جي انسان جي ظاهر ٿيڻ واري زماني کي ڏهہ لک سال کان بہ اڳ ڏسيو پيو وڃي، جنهن جي لاءِ ڪابہ سند نہ آهي. جڏهن تہ ٻئي پاسي سمجهہ ڀريا سائنسدان انهيءَ زماني کي ڏهن کان پنجاهہ هزار سالن تائين ڏسين ٿا پر بي دين ماڻهو اِن انساني ظهور کي انهيءَ کان گهڻو اڳ ڏسن ٿا. انهيءَ جو مثال اهو سائنسي ڪوڙ آهي، جنهن کي پلٽ ڊائون مين (Pilt Down Man) جو نظريو سڏيو ويندو آهي.

1912ع ۾ انگليند جي جڳ مشهور برٽش ميوزيم ۾ هڪ انساني کوپڙي جي نمائش ڪئي وئي هئي، جنهن جي هيٺان لکيل هو (Pilt Down Man). انهيءَ تختي تي اهو بہ لکيل هو تہ اها انسان سان ملندڙ جلندڙ مخلوق جي کوپڙي آهي جيڪا پنج لک سال اڳ جيئري هئي ۽ اها مخلوق اڄوڪي انسان جي پيڙهہ هئي. سڄا سارا چاليهہ سال انهيءَ کوپڙيءَ تي بحث ٿيندو رهيو ۽ ڪانفرنسون ڪوٺايون ويون ۽ انهيءَ تي ڪتاب لکيا ويا. اهو سڀڪجهہ بي دينن لاءِ هڪ قيمتي

سرمايو بڻجي ويو پر جڏهن ماپ جو ريڊيو ڪاربان طريقو ايجاد ٿيو ته اهو انڪشاف ٿيو ته اها کوپڙي اصل ۾ ڪنهن انسان جي ئي هئي، جڏهن ته ان جي ڄاڙي ڪنهن باندر (Ape) جي هئي. انسان جو مٿو هڪ سؤ پنجاهه سال پراڻو هو جڏهن ته باندر جي ڄاڙي رڳو سٺ سال پراڻي هئي. اهو اصل ۾ هڪڙو اعليٰ درجي جو انساني اسڪينڊل هو. پوءِ کوپڙي کي يڪدم انهيءَ جاءِ تان هٽايو ويو، پر حيرت جي ڳالهه اها آهي ته انهيءَ بنياد تي جيڪي بحث مباحثا ٿيا ۽ ڪتاب لکيا ويا تن کي ڪوڙو به نه چيو ويو. انهن مان ڪيترائي ماڻهو يا انهن جا پيروڪار اڄ به آفريڪا ۾ کوپڙين تي هٿ ٺوڪيون کهاڻيون ٺاهڻ ۾ رُڌل آهن.

آخر ۾، آئون هن موقعي تي وقت جي باري ۾ ڪجهه حقيقتن تي بحث ڪرڻ گهرندس. ماضي ۾ اهو سمجهيو ويندو هو ته وقت رڳو گهڙين ۽ ڪيلينڊرن مان ظاهر ٿيندو آهي پر هاڻي ٻن عظيم سائنسدانن انهيءَ باري ۾ چٽا پٽا طبعياتي نظريا ڏنا آهن. پروفيسر نڪولائي ڪوزيرو وقت کي ڄميل توانائي (Frozen Energy) سڏي ٿو. ڪائنات ۾ وقت جي گذرڻ جي رفتار مختلف جاين تي مختلف آهي. اهو حرڪت ڪندي، شين جي نسبت سان مختلف آهي. اها حقيقت ڪائناتي شعاعن جي ڳرڻ (Decay) جي عمل دوران ثابت ٿي؛ يعني اهو معلوم ڪري ته انهن ڪيترو مفاصلو طئي ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح جيتوڻيڪ زميني تخمينا صحيح به هجن ته هڪ اهم سوال، اڻ جوابيل ئي رهجي وڃي ٿو ته ڇا وقت پراڻي دؤر ۾ به انهيءَ ئي رفتار سان گذري رهيو هو، جنهن جي مدت يا قيام جو بيان لکين، اربين سالن ۾ ڪيو ويندو آهي؟

جواب اهو آهي ته انهيءَ ۾ تمام گهڻا شڪ  شبها آهن. اهو تصور ڪري سگهجي ٿو ته وقت جي رفتار ان وقت، انهن زمانن ۾ تمام گهٽي هئي. جيڪڏهن انهيءَ سلسلي ۾ وقت جي رفتار تي نظر رکي وڃي ته شايد جنهن کي اسان پنج ارب سال سڏيون ٿا سو حقيقت ۾ ويهه لک سال ئي هجي يا انهيءَ کان به گهٽ! مان قرآن جي معجزاتي آيتن جي تشريح ڪندي ڪنهن ٻي جاءِ تي انهيءَ باري ۾ تفصيلي بحث ڪندس.

جڏهن سائنسي شين جو مطالعو ٿي رهيو هجي ته سوچ ۽ تجربي کي فضا ۽ وقت جي خاص پس منظر ۾ پرکڻ گهرجي. ٻي ڏين تحقيق ڪار عام طور هڪ قائم ٿيل سائنسي نتيجي کي وٺي، ماضي ۾ اربين سالن تي پکيڙي ڇڏين ٿا،  اهڙي طرح اڻگا ۽ غلط نتيجا پيش ڪن ٿا. اها غلطي گهڻو ڪري فضا ۽ ڪائنات جي باري ۾ ورجائي وڃي ٿي. مثال طور هڪ ستاري جي روشنيءَ جي باري ۾ ڪيتريون ئي کهاڻيون گهڙيون وينديون آهن جيڪا اربين ۽ کربين ڪلوميٽرن کان اچي رهي هوندي آهي. جڏهن ته حقيقت ۾ ڪائنات ۾ ٻيا به ڪيترائي واقعا ۽ حالتون پڻ ٿي



سگهن ٿيون. حقيقت ۾ اها مڃيل ڳالهه آهي ته هڪ ستارو جيڪو لکين سال اڳ تباهه ٿي چڪو آهي، انهيءَ جي روشني اڃا به اسان تائين پهچي رهي هوندي آهي.

اهڙي طرح دنيا جي پيدائش جي باري ۾ تخمينا ڪڏهن به اندازي يا خيال کان وڌيڪ نٿا ٿي سگهن. نتيجي طور انهن کي نظريا يا دعوائون نٿو چئي سگهجي. جيتوڻيڪ اهو به ممڪن آهي ته ان ۾ وقت جا وڏا وڏا زمان ملوث هجن، پر اسان ڪنهن خاص نظريي جي بنياد تي اهو نٿا چئي سگهون ته انهن زمانن ۾ وقت ڪيتري رفتار سان گذريو. آئون پڙهندڙن کي ياد ڏيارڻ گهران ٿو ته وقت جي نقطهٔ نظر کان، جيڪو زمين ۽ ڪائنات جي جوڙجڪ ۾ لڳو، قرآن کي ڪنهن به صورت ۾ ڪوڙو نٿو چئي سگهجي.اهو وقت جيڪو زمين جي شروعاتي تخليق ۽ اهو وقت جنهن ۾ زمين پنهنجي موجوده صورت کي پهتي، سي ٻه مختلف ڳالهيون آهن،  جن جو تقابلي جائزو ايندڙ آيتن ۾ ورتو ويندو.

www.sindhsalamat.com

**موضوع نمبر** 5

# مينهن جا راز

وَ الَّذِیۡ نَزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ ۚ فَاَنۡشَرۡنَا بِهٖ بَلۡدَةً مَّیۡتًا ۚ كَذٰلِكَ تُخۡرَجُوۡنَ ﴿۱۱﴾ (الزخرف: ١١)

”جنهن (الله) هڪ خاص مقدار ۾ آسمان مان پاڻي لاٿو، انهيءَ جي ذريعي مئل زمين کي جيئرو ڪيو. اهڙي طرح توهان به ڪڍيا ويندؤ.“

هيءَ آيت فضائي طبعيات جي نقط نظر کان انتهائي اهم آهي. پنجاهه سال اڳ رهڻ وارو ماڻهو هن آيت ۾ ڪا غير معمولي ڳالهه نه ڏسي سگهيو.

اڻويهين صدي جي مادي پرستن جي لاءِ مينهن جو مطلب پاڻيءَ جي ڦڙن جو اوچتو ڪري پوڻ هو. اهي مينهن جي لاءِ دعا گهرڻ وارن تي ٺٺوليون ڪندا هئا ۽ انهن جي دعويٰ اها هئي ته اهي بنا ڪنهن دير جي مينهن پيدا ڪري سگهن ٿا. انهن کي خبر نه هئي ته مينهن وسائڻ آسان ڪم نه آهي. ڇو ته ملحد ماڻهن جي خيالن تي جرح نه ٿيندي هئي. هيٺ ڏنل سوالن جو ڪو به جواب نه ڏنو ويندو هو.

1. پاڻي جا ڦڙا، جنهن کي گيس وارو پاڻي سمجهيو ويندو هو، ڪهڙي طرح پنهنجي اصلي حالت ۾ اهڙين جڳهن تي، جهڙوڪ سائبيريا جي فضا ۾ جتي گرمي پد ڄمڻ پد کان به چاليهه ڊگرين کان هيٺ تائين به قائم رهي سگهندو هو؟ اهو هڪ برف جي سر بڻجي انهن ماڻهن جي مٿان ڇونه وسيو جيڪي ان قسم جون ڪوڙيون دعوائون ڪندا هئا.

2. مينهن جي ڦڙن هڪ خاص سائيز جو روپ ڌاري ورتو. اهي قطرا ڪهڙي طرح توازن سان زمين تي ڪريا؟ اهڙو ڪهڙو بنياد هو جنهن سان اهو آرامده ۽ دل کي خوش ڪندڙ مينهن ڦڙين ۾ بدلجي ويو؟



3. هڪ ڪڪر ڪهڙي طرح اڏامي ويندو آهي؟ ڪهڙي طرح ۽ ڪيئن ڪڪرن ۾ لوڻ به شامل ٿي ويندو آهي، جڏهن ته پاڻي جي ٿهڪڻ پد تي به اهو لوڻ پاڻي ۾ شامل ٿي اڏامي نٿو سگهي؟

رڳو گذريل ويهن سالن ۾ عقلي طور، جيتوڻيڪ رڳو ڪنهن حد تائين، انهن حيرت ۾ وجهندڙ سوالن جا جواب حاصل ٿي سگهيا آهن. اچو ته وري انهيءَ آيت ڪريمه کي پڙهي ان سان لاڳاپيل ڳالهين ڏانهن اچون.

الف – الله تعاليٰ مينهن کي انهيءَ مادي حقيقت سان مشابهت ڏني آهي، جيئن مردي کي ٻيهر جيئرو ڪرڻ. ان ڪري ئي سندس ارشاد آهي ته ”انسانن کي به ائين ئي زمين مان ڪڍيو ويندو جيئن آسمان مان پاڻي هڪ خاص مقدار ۾ لاٿو ويندو آهي.“

ب – مينهن جي باري ۾ قرآن احتياط سان متناسب مقدار ۾ پاڻي جي لاهڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ لفظ ”بقدر“ استعمال ڪيو آهي. هي لفظ هڪ خاص سوچيل سمجهيل ماپ کي، رياضي جي نظم سان تعبير ڪري ٿو.

ٻ – قرآن موجب ”مينهن مئل زمين ۾ حياتي پيدا ڪري ٿو.“ اهو بيان جيڪو آيت جو مرڪزي نقطو آهي، ڪا معمولي ڳالهه نه آهي. انهيءَ ڪري ئي فرمايو ته اسان مئل زمين کي زندگي ڏيون ٿا. اهو نه چيو ويو ته انهيءَ سان ٻوٽا پيدا ڪريون ٿا. انهيءَ فرمان جي اندروني معنيٰ ٿوري دير ۾ بيان ڪنداسين. اهڙي طرح هيءَ آيت ڪريمه گڏيل طور تي پنهنجي اندر اهڙا راز رکي ٿي، جيڪي سائنس جي دنيا ۾ عظيم ماپي تي عجوبي جو درجو رکن ٿا.

اچو ته هاڻي مينهن جي معجزي کي سائنسي نقطي نظر سان ڏسون. سڀ کان جديد سائنسي تحقيق پاڻي، ڪڪرن ۽ مينهن جي باري ۾ اهڙين ڪيترين ئي حقيقتن تي روشني وڌي آهي، جيڪي هن کان اڳ اڻڄاتل هيون. اهي نتيجا هڪ طرح سان هن آيت جي معجزاتي تعبير کي ظاهر ڪن ٿا، جن جو تت هيٺين ريت آهي.

1. هڪ تحقيق ۾ آمريڪا جي سائنسدان ونسٽن جي شيفر (Schafer) ٻڌايو آهي ته پاڻي جا ڦڙا، جڏهن اهي تمام ننڍڙا ۽ خالص هجن ته ڪاٿو چاليهه ڊگري تائين به نٿا ڄمن پر جيڪڏهن پاڻي ناخالص ۽ وڏي مقدار ۾ به هجي ته ٻڙي ڊگري تي به ڄمي ويندو آهي.

ڪڪر جي هڪ خاص مادي بناوت آهي جيڪو ٻاڦ سان ٺهي ٿو، پر جلد ئي پاڻيءَ جي ننڍڙن ڦڙن ۾ بدلجي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري اهو عام پاڻيءَ کان مختلف هوندو آهي. فضائي ڪڪر ڄمندو نه آهي ۽ نه ئي ڪاٿو سينٽي گريڊ (ڄمڻ پد کان هيٺ) زمين تي ڪرندو آهي.

2. پاڻيءَ جا ننڍڙا ڦڙا لوڻ يا ڪائناتي ڌوڙ جي چوڦير گڏ ٿي ڪڪر بڻجندا

www.sindhsalamat.com

آهن. اهي گڏ ٿي ڪري مينهن پيدا ڪندا آهن. نہ رڳو اهو تہ اجا تائين ڪائناتي ڌوڙ (Cosmic Dust) جي اصل بنياد جي ڄاڻ حاصل نہ ٿي سگهي آهي پر اها بہ خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ ڌوڙ جا ذرڙا ڪهڙي طرح ڪڪرن ۾ پنهنجي بيهڪ قائم رکندا آهن. بهرحال اهو ڄاڻڻ ضروري آهي تہ سمنڊ ۾ کارو پاڻي، بخارن جي عمل ۾ شامل ٿي، لوڻ جي ڦڙن کي ڀاڪ ۾ شامل ڪري ڇڏي ٿو.

3. ڪڪر جي جوڙجڪ ۾ اندازاً هڪ مڪعب سينٽي ميٽر ۾ پاڻي جا ننڍڙا ڦڙا هڪ ارب جي تعداد ۾ هوندا آهن. مينهن جا ڦڙا ڪڪر ۾ 50 کان 500 في مڪعب سينٽي ميٽر هوندا آهن. اها انتهائي غور ۽ ڌيان طلب ڳالهہ آهي تہ 1950ع تائين برگرمين فنڊيسن (Findeisen) جو مينهن جي ڦڙن تي نظريو ئي اهم سمجهيو ويندو هو. انهيءَ موجب پاڻيءَ جا ننڍڙا ڦڙا پهريان هڪ گهاٽائي وارو مرڪز (Condensation Nuclei) جوڙين ٿا، جنهن کان پوءِ مينهن جا ڦڙا ان سان مربوط ٿي وڃن ٿا.

4. موجوده دؤر جي تحقيق موجب وقت جي نسبت سان ڪڪر جا ڦڙا مختلف حالتن جي ڪري ظاهر ٿيندا آهن. پاڻي جو هڪ ڦڙو نيوڪليائي حالت (Nuclear State) بڻجي ڪاٿو چاليهہ ڊگري کان گهٽ واري حالت کي بہ برداشت ڪري سگهي ٿو ۽ مينهن کي هڪ تمام پيچيده مساوات سان پيدا ڪري ٿو جيڪا هن طرح آهي:

$$(S^{-1})\frac{2\,r\,M}{P_{2L}RT_r}\quad\frac{8.6M}{M_1R_3}$$

$$\frac{dr}{dt}\quad r\quad : \quad ________________$$

$$\frac{L_3M_pL}{PRT_2}\quad\frac{PLRT}{DMP\infty}$$

مينهن جي پيدائش ۾ اهي ننڍڙا ذرڙا پهريان گهاٽائي واري مرڪز جي چوگرد گڏ ٿيندا آهن. پوءِ پاڻي جا ڦڙا وڏا ٿيڻ شروع ٿيندا آهن ۽ انهن جي سطح ان وقت وڌڻ شروع ٿي ويندي آهي جڏهن اهي زمين جي ويجهو پهچندا آهن. واڌ جي انهيءَ عمل ۾ مينهن ڦڙي تي هوا جي رڳڙ جي نتيجي ۾ ان جي رفتار ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي ويندي آهي. نتيجي ۾ مينهن آرام سان زمين تي پهچندو آهي. اهو متوازن طريقو الله تعاليٰ جو معجزو آهي. زمين تائين پهچندي پهچندي مينهن ڦڙن جي رفتار پيراشوٽ (Parachute) جي عمل وانگر گهٽجي ويندي آهي. لهڻ ۽ توازن جي اها رياضياتي مساوات هن طرح آهي:



$$\frac{dr}{dt}\quad\frac{EW}{4P_4}\ (V\text{-}v)$$

اچو تہ انهن سائنسي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ هن آيت ڪريمہ جو پهريون حصو ٻيهر پڙهون.

”اهو (الله) آسمان کان پاڻيءَ کي هڪ خاص مقدار ۾ لاهي ٿو.“

اهو سڀ ڪجهہ ظاهر ڪري ٿو تہ مينهن جو نازل ٿيڻ هڪ تمام نازڪ معاملو آهي جنهن ۾ ڪيترا ئي حساب ڪتاب رکيل آهن. جيڪڏهن هن کي آيت ڪريمہ جي آخري حصي سان ملايو وڃي تہ هي سائنسي معجزو مردي کي جيئرو ڪرڻ وانگر اهميت رکي ٿو.

اڄڪلهہ جي فضائي طبعيات (Atmospheric Physics) بہ انهيءَ حقيقت کي مڃي ورتو آهي تہ مينهن جو راز هڪ حيرت ۾ وجهندڙ معجزو آهي. ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب انهيءَ موضوع تي لکيا ويا آهن. جن کي ذوق هجي تن کي گهرجي تہ اهي ان سلسلي ۾ رابرٽ بائيرز جي ڪتاب Elements of Cloud Physics جو مطالعو ڪن.

هاڻي اسان آيت ڪريمہ جي ٻئي حصي ”انهيءَ سان اسان مئل زمين کي جيئرو ڪندا آهيون.“ ڏانهن اچون ٿا.

الف – جڏهن زمين خشڪ هوندي آهي تہ انهيءَ جي هيئان هڪ مئل دنيا لڪيل هوندي آهي. اصل ۾ زمين جيئري هوندي آهي پر انهيءَ جي زندگي مينهن جي ڪري جاڳي پوندي آهي. ان معاملي ۾ سائنس ڇا ٿي چوي؟ زميني مٽيءَ جي هڪ گرام ۾ ڪربن جي تعداد ۾ جراثيم هوندا آهن. جڏهن هڪ ڊگهي عرصي تائين مينهن نہ پوندو آهي تہ جراثيم (Bacteria) بي حرڪت هوندا آهن. مطلب تہ اهي هڪ غير حياتياتي جيني ڪوڊ (Genetic Code) رکندا آهن. يعني اهي تمام ننڍڙا جسم (Microbes) مينهن پوڻ تي جيئرا ٿي نائٽروجني عمل (Nitrogen Fixation) جي مدد سان هڪ وڏي پيداواري مهم شروع ڪري ڏيندا آهن. اهو عمل هزارين ننڍڙن جسمن يعني جاندار شين جهڙوڪ جانورن يا ٻوٽن جي پيداوار جو سبب بڻجندو آهي. اهو ائين آهي جيئن هڪ زمين هيٺ مئل شهر ۾ زندگي اچي وڃي. ان سان پاڻ نهندو آهي ۽ اڻ ڳڻين ٻوٽن جا ٻج جيئرا ٿي پوندا آهن ۽ زمين ۾ پنهنجي پاڙن سان اهڙا تہ رستا کوليندا آهن جهڙوڪر هڪ شهر جون گهٽيون. ان کان پوءِ ننڍڙا جيت جڻيا ۽ کوليون پنهنجا گهر جوڙڻ لاءِ اهڙي تہ ڪوتائي ڪندا آهن جيئن هڪ وڏي شهر ۾ ٿيندو آهي. اهڙي طرح ”مئل زمين“ جي جيئري ٿيڻ جو اهو عمل جاري ٿي پوندو آهي.

ب – مينهن سان زندگي ڏيڻ جو ڪهڙو راز آهي؟ مينهن انهيءَ حياتياتي سلسلي کي ڪيئن طاقت ڏئي ٿو؟ آيت ڪريمہ جو هيءُ حصو مينهن ۽ پاڻيءَ سان

زندگيءَ جي لاڳاپي کي ظاهر ڪري ٿو.

جيئرين شين جا بنيادي ڪيميائي جزا هائيڊروجن جي هڪ پل هوندا آهن، جنهن سان هڪ عضوي جي زندگي قائم رهندي آهي ۽ انهن کي هائيڊروجن بنڊڻ (Hydrogen Bond) به چوندا آهن. اهو هائيڊروجن گهٽو ڪري بدلجي نوان بنڊڻ ناهيندو آهي ۽ اهڙي طرح قوت کي بدلائيندو رهندو آهي. اهو هائيڊروجن جو متبادل، رڳو پاڻي جي وهڪري سان پيدا ٿيندڙ هائيڊروجن سان ممڪن ٿي سگهي ٿو، انهيءَ ڪري پاڻي زندگيءَ جي لاءِ اٹٽر آهي.

اهو اصول سڀني جيئرين شين جي لاءِ صحيح آهي. پاڻيءَ کان انڪاري عضوو هڪ سڪل پچري وانگر آهي. جيتوڻيڪ اهو DNA ۽ جينياتي فارمولي (Genetic Code) کي محفوظ رکيون ايندو آهي، تنهن هوندي به انهيءَ مان نه ته وڌيڪ ڪا تخليق ٿي سگهي ٿي ۽ نه ئي اهو پنهنجي جاءِ تان چري سگهندو آهي. جڏهن پاڻي ايندو آهي ته انهيءَ کي پنهنجي H ۽ OH آئن سان هائيڊروجن ميسر ڪندو آهي. ايئن پوءِ حياتياتي فارمولا اوچتو ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. اهو خوردبين سان نظر ايندڙ جاندارن ۾ خاص طرح سان نظر ايندو آهي. وڌيڪ ترقي يافته وڏن زنده جانورن يا ٻوٽن ۾ اها سگهه واپس نٿي آٽي سگهجي، پوءِ پلي پاڻي پهچي به وڃي. ڇو جو تاندورن (Tissues) جا ته پاڻي نه هجڻ جي ڪري تباهه ٿي ويندا آهن. ”مئل زمين جي جيئري وجڻ“ ۾ انهن ئي عظيم حياتياتي قانونن جو بيان آهي. جيڪڏهن گذريل ٽن صدين ۾ اسان قرآن کي صحيح طرح سمجهيو هجي ها ته اسان اڻ ڳڻين سائنسي کوجنائن جي ڊوڙ ۾ سڀني کان اڳتي هجون ها.

هاڻي اسان آيت ڪريمه جي آخري حصي ”اهڙي طرح توهان به اٿاريا ويندؤ“ تي اچون ٿا. اسان جو ٻيهر جيئرو ٿيڻ الله تعاليٰ جي حڪم موجب اسان جي زندگيءَ جي قانونن وانگر آهي، جيڪي زمين ۾ باقي رهن ٿا. هتي اهو اعلان ڪيو پيو وڃي ته جهڙي طرح مينهن مئل زمين مان نامياتي ڪوڊ کي ڪم آڻي ٿو ۽ زمين ۾ يڪدم زندگي ڊوڙڻ شروع ڪري ٿي، اهڙي طرح الله تعاليٰ جي انهيءَ حڪم يا مرضيءَ سان انساني ڪوڊ به هڪ ڪمپيوٽر جي رفتار سان ٻيهر زنده ٿي پوندو ته ”جيئرا ٿي پئو ۽ اٿي پئو.“ جهڙي طرح الله تعاليٰ مينهن جي ذريعي زمين جي هيٺ موجود زندگيءَ کي جاڳائي ٿو، اهڙي طرح هو جڏهن گهرندو اسان کي ٻيهر جيئرو ڪري ڇڏيندو.

حضرت آدم؏ جي وقت کان لڳ ڀڳ ڏهه ارب انسان دنيا ۾ رهي چڪا آهن. هر انسان جو ڪوڊ هڪ مائيڪرون (سائيز ۾ هڪ ميٽر جي ڏهه لکهوٽي حصي) جي برابر آهي. جيڪڏهن انهن سڀني کي گڏ ڪيو وڃي ته انهن سان هڪڙو گلاس به پرجي نه سگهندو. جيڪڏهن الله تعاليٰ سڀني انسانن جي پيدائشي ڪوڊ (Genetic



Code) کي زمين تي پکيڙي حڪم ڏئي ”ٿي پئو“ ته اک ڇنڀ ۾ سمورا انسان پيدا ٿي پوندا.

اِهي اُهي تشبيهون آهن، جيڪي الله تعاليٰ پنهنجي هن آيت ڪريمه ۾ بيان فرمايون آهن. اهي انهن ماڻهن جي لاءِ آهن جيڪي ڪليل ذهن رکن ٿا ۽ تعليم يافته آهن. اصل ۾ هتي اهو اعلان ڪيو پيو وڃي ته جهڙي طرح مينهن جي هڪڙي ڦڙي سان مئل ۽ بي جان زمين کي زندگي عطا ڪئي وئي آهي، اهڙي طرح اسان جي لاءِ توهان جي حياتياتي پيدائشي ڪوڊ (Biological Genetic Code) کي ٻيهر زندگي ڏيڻ ڪا ڏکي ڳالهه نه آهي.

موضوع نمبر 6

# جوهري مرڪز

فَلَآ اُقْسِمُ بِالْخُنَّسِ ﴿١٥﴾ الْجَوَارِ الْكُنَّسِ ﴿١٦﴾ (التڪوير: ١٥ ۽ ١٦)

"مان قسم کڻان ٿو پلٽو کائڻ وارن ۽ لڪي وڃڻ وارن ستارن جو."

هي آيتون قرآن مجيد جي تمام مشڪل آيتن مان آهن. ڇاڪاڻ ته اهي آيتون عظيم الشان طبعياتي حقيقتن کي ظاهر ڪن ٿيون. انهيءَ کان سواءِ هيءَ سورت ٻيهر پيدا ٿيڻ واري عمل کي عام طريقي کان هٽي ڪري پيش ڪري ٿي، جنهن جو سمجهڻ آسان به نه آهي. آيت نمبر 1 کان 14 ٻيهر زندگيءَ بابت تفصيل جي باري ۾ آهي، جڏهن ته آيت نمبر 14 ۽ 15 ڪائنات ۽ آسماني فزڪس (Astrophysics) جي بنيادي اصولن کي بيان ڪري ٿي. اهڙي طرح هيءَ سورت انهيءَ ڳالهه تي زور ڏئي ٿي ته طبعيات جي باري ۾ گهرو مطالعو ڪريون ته جيئن ٻيهر جيئري ٿيڻ جو نظريو ڪنهن حد تائين سمجهه ۾ اچي سگهي.

ٻنهي آيتن کي چڱيءَ طرح سمجهڻ کان اڳ "خنس" ۽ "ڪنس" جي معنيٰ سمجهڻي پوندي جنهن لاءِ صدين کان ڪوشش ڪيون ويون آهن. انهن جي پهرين تشريح خليفة الرسول حضرت عمر رضي الله عنه ڪئي هئي. اهو هڪ ٻيو عجوبو آهي ته چوڏهن صديون اڳ هنن آيتن ۾ طبعيات جا بنيادي اصول ٻڌايا ويا.

"خنس" يعني وهڪري جو مخالف، لهڻ، لڪڻ وارو ستارو.

"ڪنس" هڪ خاص رستو يا مدار. ڪنهن هلندڙ شيءِ ۾ لِڪي يا ڇُپي وڃڻ واري.

ٻنهي لفظن جو مطالعو ڪندي هن اهم اعلان ته "نه، قسم آهي" يا "فلاٽو قسم" جيڪو ٻنهي آيتن جي هڪ جهڙي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو، ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجي. اها حقيقت آهي ته آيتن جو هڪڙو سلسلو جوڙيو ويو آهي ۽ ٻيهر زندگيءَ



جي باري ۾ نظريو ڏنو ويو. ايتري تائين جو آيت نمبر 15 ۾ الله تعاليٰ قسم جي ڳالهه ڪري ٿو. اهو ظاهر ڪري ٿو ته هڪڙو تمام اهم بيان ڏنو پيو وڃي. اچو ته هاڻي طبعيات جي بنيادي نڪتن تي توجهه ڏيون ۽ ڏسون ته انهن مان ڪهڙو "خنس" ۽ ڪهڙو "ڪنس" جون خاصيتون رکي ٿو.

الف – هڪ جوهر يا ايٽم جي بناوت ڇا هوندي آهي؟ هڪ اهڙو مرڪز، جنهن جي اندر بي پناهه توانائي ويڙهيل هوندي آهي، يا گڏ ٿيل هوندي آهي (خنس) ۽ اهي اليڪٽران جيڪي پنهنجي مدار يا آڪيرن ۾ ان جي چوڌاري هلن ٿا ڪنس آهن. اهو هڪ اهڙو دوزخ وارو نظام آهي جيڪو پنهنجي اندر خنس ۽ ڪنس جو راز رکندڙ آهي. ڪهڙو انصاف پسند ماڻهو انهيءَ تشريح کي غير مستند چئي سگهي ٿو؟ ۽ انهيءَ ڳالهه کي 15 ۽ 16 نمبر آيتن کان سواءِ ڪهڙي طرح سمجهي سگهي ٿو؟

پڪ سان الله تعاليٰ مادي جو ننڍڙي ۾ ننڍڙو مثال ايٽم جو ڏئي ٿو ته ڪهڙي طرح ٻيهر جيئرو ٿي اٿڻ کان پهريان عظيم تباهي ايندي. ڏسو ته ڪهڙي طرح خنس ۽ ڪنس جا راز هڪٻئي کي متوازن ڪري رهيا آهن. انهيءَ جو مطلب آهي ته "جيڪڏهن اسان چئون ته الڳ الڳ ٿي وڪري وڃو" ته ڇا انهيءَ خوفناڪ تباهيءَ جو اندازو ڪري سگهون ٿا جيڪي اهڙيءَ طرح ايندي؟

ب – هاڻي اچو ته طبعيات جي هڪ ٻئي حصي ڏانهن ڌيان ڏيون. مقدار (Quantities) ۽ انهن جي طرف ۽ ڏيگهه ۽ ويڪر کي ڏسون. موجوده زماني جي طبعيات جي لحاظ کان ڪوائنٽم نظريو، يعني زندگيءَ جو بنيادي عنصر، ڊيگهه ۽ ويڪر جو رستو پنهنجي توانائيءَ جي حساب سان اختيار ڪندو آهي.

ڊيگهه ۽ ويڪر (Directions) بنا ڪنهن چرپر جي، پراسرار ۽ پوئتي رهجي وڃڻ وارا طرف آهن. مطلب ته "ڪنس." جڏهن ته ڪوانٽا (Quanta) توانائي ۽ زوردار چرپر کي ظاهر ڪن ٿا پر هڪ خاص چينل (ٽيلي مواصلات ۾ بجلي وارن اشارن کي پهچائڻ جي لاءِ رستو) "خنس" انهيءَ مقدار کي ظاهر ڪندو آهي جيڪو انهيءَ چينل (آڪيري) کان لنگهندو آهي. ڇاڻايل حقيقتن جي روشنيءَ ۾ هنن آيتن مان اهو راز ظاهر ٿئي ٿو: "قسم آهي موٽ ڪائيندڙ خنس (پوئتي هٽڻ واري (Receding) ايڪن جي سگهه جو) ۽ ان ڪنس (قدرن (Quanta)) جو (جيڪي پنهنجي محور ۾) هلندي لڪي ويندا آهن.

ٻ –آسماني جسمن جي مطالعي جي نقط نظر سان، جيڪو پهريان بيان ڪيو ويو آهي، مٿل ستارن جون به جڳهون آهن. اسان جو مطلب آهي ڪارا غار جيڪي ايترو ته سسي ويا آهن جو خلا مان گم ٿي ويندا آهن. يعني "خنس"، پر ان سان گڏوگڏ ستارن جي جهرمٽن جا گروهه به عظيم توانائي وارا هوندا آهن. ان جو مطلب آهي نَوَ عظيم ستارا "ڪنس." پهريان يعني "خنس" اصل معنيٰ ۾ اهي

www.sindhsalamat.com

جايون يا علائقا آهن جيڪي عظيم توانائين کي پنهنجي اندر جذب ڪن ٿا، پر اهي پاڻ هڪ جاءِ تي بيهجي ويندا آهن. ايتري تائين جو اهي زمان ۽ مڪان کان مڪمل طور تي آزاد ٿي ويندا آهن. ٻئي پاسي نجمي شيون (ستارا) آهن جيڪي اربين ثقلي خط مرئي ڪنس (يعني پروجيڪٽائل جي رستي) سان ڳڻ حرڪت ڪندا آهن. سورت تڪوير ۾ ٻيهر جيئرو ٿيڻ جي اصل معنيٰ کي سمجهڻ لاءِ الله تعاليٰ اسان کي انهيءَ طرف مائل ڪري ٿو تہ اسان ”خنس“ ۽ ”ڪنس“ جي راز کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ ستارن جي ٿريائن ۽ جهرمٽن جو مطالعو ڪريون.

الله تعاليٰ قرآن پاڪ جي سورت التڪوير جي آيت نمبر 1 کان 15 جي ذريعي مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ جو راز سمجهائي ٿو ۽ اسان جو ڌيان شدت سان ڇڪائڻ لاءِ قسم جي طور تي بيان ڪري ٿو ۽ اهو نقطو ”خنس“ ۽ ”ڪنس“ جي ذريعي بيان ٿيو آهي. اهو ضروري نہ آهي تہ مٿي ڏنل ٽيئي مثال هڪ مڪمل نظام جي سلسلي کي بيان ڪن. اهي آيتون رڳو انهن ٽنهي مثالن ۾ ئي نہ پر ٻين بہ ڪيترين ئي مادي حقيقتن ڏانهن ڌيان ڏيارين ٿيون. اصل ۾ اهي آيتون طبعياتي پيدائش کي سمجهڻ جي لاءِ بنياد مهيا ڪن ٿيون.

جهڙي طرح قوت ثقل هڪ توانائيءَ جي حيثيت ۾ ستارن ۽ ايٽمن ۾ موجود آهي، اهڙي طرح ”خنس“ ۽ ”ڪنس“ جا راز بہ سڀني مادي نظامن ۾ موجود آهن. اهو هڪ پل جو ڪم ڏيندو، جنهن جي مدد سان ٻئي مادي قانون سمجهه ۾ ايندا. انهن مان هڪ هي بہ آهي.

مقدار جي سطح تي ڪيترائي ٻئي درجي جا جوهري ذرڙا (Subatomic Particles) يعني جوهر کان بہ ننڍڙا ذرڙا جهڙوڪ اليڪٽران (Electron)، پروٽان (Proton)، نيوٽران (Neutron) وغيره چڪر (Spin) وارا هوندا آهن. هڪ خاص ماپ وارا جسم انهن جا اهي چڪر يا چرپر هڪ چقمقي اثر پيدا ڪن ٿا. خاص بيان ۾ اهي جسم ڏڪندا آهن جن سان چقمقي نفاذ (Magnetic Field)، جن کي چقمقي فلڪس بہ چيو ويندو آهي، پيدا ٿيندو آهن. جيتوڻيڪ انهن سڀني کي عام ٻوليءَ ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي پر اهي آيتون پڪ سان انهيءَ سچائيءَ کي بيان ڪن ٿيون. پيمائشي جسامت جو راز پوئتي هٽندڙ ڳجهي توانائي آهي. قدريي (Quantum) جي حرڪت، خنس جي راز کي بيان ڪري ٿي. جڏهن تہ فضا پاڻ بہ خنس وارو راز رکي ٿي. انهيءَ ڪري ئي الله تعاليٰ انهن سڀني طبعياتي قانونن جو قسم کڻي ٿو جيڪي سموري ڪائنات جي وسعتن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. جنهن ڏانهن هنن پاڪ آيتن ۾ اشارو ڪيو ويو آهي.

آيت نمبر 15 ۽ 16 روحانيت واري علم جي لحاظ کان وڏي اهميت رکن ٿيون. جيتوڻيڪ انهيءَ موضوع کي اسان هن ڪتاب ۾ بحث هيٺ نٿا آڻيون.



هرڪا مخلوق هڪ ’خنس‘ ۽ هڪ ’ڪنس‘ جي حالت ۾ آهي. هڪ سهٽي نموني تي ٿهيل هڪجهڙائي، رواني يا وهڪ آهي، جڏهن تہ ٻيو هٽندي پردو ڪرڻ وانگر آهي، جڻ تہ موت جي ماٽري ۾ هليو وڃڻ. طبعيات جي لحاظ کان اسان انهن کي رفتار يا حرڪت ۽ ڳجهي بيهڪ يا وقفو چئي سگهون ٿا ۽ حقيقت ۾ فلڪي جسمن جي سائنس (Cosmogenesis) جا بلڪل نوان نظريا انهيءَ بنيادي نظريي کي ظاهر ڪن ٿا.

الف – مارٽن رايل (Ryle) ۽ ايلن سينڊيج (Sandage) موجب ڪائنات جي جوڙجڪ 20 ارب سال اڳ انتهائي تيز حرڪتن ۽ جهٽڪن سان ٿي. انهيءَ کي بگ بينگ نظريو چون ٿا. جيڪي توانائيون انهيءَ جاءِ تي ڳڻ ٿيل ۽ ٻڌل هيون اهي ۽ عظيم وڪيري ڇڏڻ واريون طاقتور حرڪتون پاڻ ۾ برابر هيون.

ب – آندري سخاروف (Sakharov) جي نظريي موجب موجوده ڪائنات انهيءَ ڪائنات جو رد (Antiuniverse) آهي، جيڪا پوئتي هٽندي هٽندي گم ٿي وئي آهي. اها هاڻي جمي ڪري، موجوده حرڪت ڪندڙ ڪائنات کي توازن مهيا ڪري رهي آهي.

عزيز پڙهندڙؤ! 15 ۽ 16 نمبر آيتن جي عظمت انهيءَ حقيقت مان ظاهر آهي تہ الله تعاليٰ حقيقت ۾ اهو اعلان ڪيو آهي ”انسانو! مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ تمام ضروري آهي تہ توهان پوئتي هٽي غائب ٿي وڃڻ واري ۽ هلندڙ ڦرندڙ ظاهري ۽ حرڪت ڪندڙ ڪائناتن جو مطالعو ڪريو.“ اهو اعلان ڪندي الله تعاليٰ ان جي شروعات ئي قسم سان ڪري ٿو تہ جيئن ڪائنات جي پيدائش جي عظيم راز جو انسان کي احساس ٿي وڃي.

اهڙيءَ طرح چوڏهن سؤ سال اڳ ڪائنات جي ابتدا جي ڄاڻ ۽ طبعيات جو حيرت ۾ وجهندڙ راز اسان جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو آهي، جنهن ڏانهن اسان جو مڪمل توجهه هئڻ گهرجي، تڏهن وڃي اها ڳالهه اسان کي سمجهه ۾ ايندي.

”نہ! قسم آهي انهن جو جيڪي لڪي وڃڻ وارا آهن ۽ انهن جو جيڪي پنهنجي مدارن ۾ هلي رهيا آهن.“

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 7

# طرفن جا راز

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا وَ رَبُّ الْمَشَارِقِ ﴿٥﴾ (الصافات: ٦)

”اهو زمين ۽ آسمانن جو ۽ انهن سڀني شين جو مالڪ آهي جيڪو زمين ۽ آسمان ۾ آهي ۽ سمورن اوڀرن جو مالڪ آهي.“

سورت الصافت جي شروع وارين آيتن ۾ ڪائنات ، انسان، فضا ۽ ملائڪن جي باري ۾ قرآني نظريا بيان ڪيا ويا آهن. مطالعي هيٺ آيل آيت کي سمجهڻ جي لاءِ پهريان انهيءَ جي ترتيب ۽ تسلسل تي غور ڪرڻ گهرجي. آيت جي منڍ ۾ ئي اعلان ڪيو ويو آهي ته رڳو الله تعاليٰ ئي سڀني جو معبود آهي. آسمانن جو، زمين جو ۽ جيڪو ڪجهه انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي. اسان جي محدود ڄاڻ مطابق هتي الله تعاليٰ جي ربوبيت جو اظهار ڪيو ويو آهي. جيئن ته زمين، آسمان ۽ جيڪو ڪجهه انهن جي وچ ۾ آهي، تنهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ته انهيءَ جو مقصد هڪ خاص حقيقت ۽ فضا جي باري ۾ ڄاڻ جو تسلسل بيان ڪرڻ آهي. اِها آيت اِتي ئي ختم نٿي ٿئي، اڃا به هتي هڪ نئين نظريي جو واڌارو ڪيو ويو آهي. جڏهن چيو ويو ته ”اهو (الله) سمورن اوڀرن جو مالڪ آهي.“ اهڙي طرح زمين، آسمان ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ جيڪو ڪجهه آهي، انهيءَ ڪان سواءِ اسان وٽ هاڻي اوڀرن جو نظريو به آهي. عربيءَ ۾ جمع جو صيغو ٽن يا ان کان وڌيڪ شين جي باري ۾ استعمال ٿيندو آهي. اهڙي طرح الله تعاليٰ گهٽ ۾ گهٽ ٽن اوڀرن يا ان کان وڌيڪ جو مالڪ آهي. هيءَ آيت هڪ قسم جو سائنسي نظريو پيش ڪري رهي آهي. هن آيت تي وڌيڪ ڳالهائڻ کان اڳ اسان کي سائنس جي بنيادي حقيقتن کي ذهن ۾ آڻڻ گهرجي.

عام طور اسان فضا جو تصور ٽن طرفن (Three Dimensions) ۾ وٺندا آهن. ڪنهن شيءِ جو وجود انهيءَ مان ثابت ٿيندو آهي ته اهو ڪيتري جاءِ والاري ٿو ۽ انهيءَ جي نسبت ڏکائي، ويڪر ۽ اوچائي سان ڪهڙي آهي ۽ انهيءَ جي جاءِ يا علائقو ڇا آهي.



پر ڇا ڪائنات رڳو انهن ٽن طرفن جي خاص جاءِ تي ئي مشتمل آهي؟ آئنسٽائن جي اضافيت واري نظرئي (Theory of Relativity)، موجب مطلق چرپر جو تعين ناممڪن آهي ۽ وقت جو اندازو به مطلق نه آهي. ڪان اڳ سائنسدانن جو خيال هو ته ڪائنات ٽن طرفن يا پاسن تي مشتمل آهي پر جڳ مشهور طبعيات جي ماهرن ثابت ڪيو آهي ته حسابن جي ڄاڻ جي بنياد تي ڳڻپ ڪرڻ سان فضا ۾ ٽن کان وڌيڪ پاسا يا طرف ملن ٿا. چئن، پنجن يا اڃا به وڌيڪ تعداد ۾ طرف ٿي سگهن ٿا، جيڪي فضا بابت نظرين ۾ اڃا به واڌارو ڪري سگهن ٿا. آئنسٽائن چواٽي: چوٿون طرف وقت آهي، بلڪل ائين جيئن اوچائي، ويڪر ۽ ڊيگهه جا طرف آهن. اهو (وقت) ٻين طرفن (Dimensions) سان گڏ گڏ موجود آهي. اسان جي ڏسڻ واري حس جيتوڻيڪ رڳو ٽن طرفن جو ادراڪ ڪري سگهي ٿي. اصل ۾ ڪجهه جاندار ته اونهائيءَ واري طرف کي به ڏسي نه سگهندا آهن. مثال طور ڪرڙيون ۽ نانگ پنهنجي اوسي پاسي رڳو ٻن طرفن (Two Dimensions) ۾ ئي ڏسي سگهن ٿا، جيئن ڪو فوٽو يا فلمي ڪارٽون نظر ايندو آهي.

علم طبعيات جي انهيءَ جاءِ تان اسان کي فضائن جو مشاهدو انهن نظرين کان الڳ طريقن سان ڪرڻو پوندو، نه انهيءَ طريقي سان جنهن ۾ اسان پنهنجي اوسي پاسي، فضا ۽ ڪائنات کي ڏسون ٿا. فضائن اندر هڪ خاص طرف ۾ چرپر جي رفتار مختلف هوندي آهي، وقت مختلف هوندو آهي، عمل مختلف هوندو آهي ۽ اهڙي طرح مفهوم ۾ هڪ نقطي تي گڏ ٿيڻ جا طريقا (Convergence) ۽ موٽ (Regression) به مختلف هوندي آهي. انهيءَ ڪري قرآن پاڪ ۾ دنيائن بابت ڄاڻايل نظريو انهن متضاد فضائن جي تشريح ڪري ٿو. آسماني زندگي، جنت، دوزخ ۽ روحن جي زندگي، اهي سڀ انهيءَ ڪائناتي وجود ۽ موجود حقيقتن کي ظاهر ڪندا آهن. ڪين تصور ۾ آڻڻ لاءِ اسان جي اصل ڏکيائي هن دنيا ۾ موجود ٽن طرفن (Three Dimensions) واري نظام جي ڪري آهي.

هن سائنسي حقيقت کي سامهون رکندي هاڻي اسين ٻيهر ساڳي آيت ڪريمه جي آخري حصي ڏانهن اچون ٿا. ”اهو الله سڀني اوڀرن جو مالڪ آهي.“ حقيقت هيءَ آهي ته اوڀر هڪ طرف جو بيان آهي جيڪو هڪ ماپ آهي. اها سڃاڻ ان وقت سامهون آئي جڏهن پهريون دفعو سج جي باري ۾ حقيقتون ڳوليون ٿي ويون. جيئن ته لفظ موقعو محل يا طرف (Orientation) به اوڀر جي نسبت سان انهيءَ طرف کي ظاهر ڪري ٿو، جيڪو پهرين ماپ (Dimension) آهي. جيتوڻيڪ قرآن ۾ ٻي جاءِ تي رب المشرقين ۽ رب المغربين جا لفظ استعمال ٿيا آهن، پر هن آيت ڪريمه ۾ رڳو رب المشرقين جو ذڪر آهي، انهيءَ ڪري هن تي تفصيلي سوچ ويچار جي ضرورت آهي.

www.sindhsalamat.com

اصل نقطو هي آهي تہ اوڀرن جو ذڪر ڪن طرفن جي سلسلن جي باري ۾ آهي، جيڪو هتان جي موجودات ڪان، جن ڪي اسان زمين ۽ آسمان سڏيون ٿا، مختلف آهي. هن آيت جي ذريعي اللّٰه تعاليٰ اسان جو ڌيان انهن جهانن ڏانهن ڇڪائي رهيو آهي جن جا طرف ۽ ماڻ ماپا ان جهان ڪان مختلف ۽ الڳ آهن جنهن ڪي اسان هن دنيا ۾ ڄاڻون ٿا. هڪ طرح سان اللّٰه تعاليٰ اهو چوندي محسوس پيو ٿئي تہ ”مان اوڀرن جو پالڻهار آهيان“ تہ جيئن هو اڻ ڪٿ ماپن ۽ مفاصلن ڪي بيان ڪري، جن جي باري ۾ موجوده دؤر جي طبعيات ويجهڙائيءَ ۾ ئي ڪجھ کوجنائون ڪيون آهن. پر سوال پيدا ٿئي ٿو تہ آخر اوڀر ئي ڇو؟ انهيءَ جو جواب هي آهي تہ ماپ جي سڃاڻپ يا تشريح ڪرڻ وقت سڀ ڪان پهريان اوڀر ئي اچي ٿو، جڏهن تہ اولھ تہ رڳو اوڀر واري ماپ جي مخالف طرف ۾ هڪ پکيڙ يا واڌارو آهي. اسان اهو بہ چئي سگهون ٿا تہ هيءَ آيت اڻ ڪٿ قالب يا سانچي ۾ هزارين فضائن ۽ دنيائن جي ڪليل طرح سان نشاندهي ڪري ٿي.

جيئن تہ مان پهريان بہ چئي چڪو آهيان تہ مٿين معنائن ڪانسواءِ بہ ڪيتريون ئي معنائون پڻ ٿي سگهن ٿيون. انهن مان آءٌ اهڙين ٻن وڏيڪ معنائن جو ذڪر ڪرڻ گهران ٿو.

”مشارق“ جو لفظ اڻ سڌي معنيٰ ۾ ”پيدائش“ جي مفهوم ۾ بہ ظاهر ٿيندو آهي جيڪو هڪ مختلف سائنسي حقيقت جي نشاندهي ڪري ٿو. اوڀر، جيڪو سج جي اڀرڻ جو طرف آهي، انهيءَ ڳالھ ڏانهن اشارو ڪري ٿو تہ هي اهو پاسو آهي جنهن طرف زمين سج جي چوگرد گهمي ٿي، تہ ائين اسان رڳو هڪڙو اوڀر ڏسون ٿا، يا اهو تہ هن ڪائنات جي اها هڪڙي ئي حرڪت آهي؟ انهيءَ جو جواب ناڪاري آهي.

جڏهن تہ زمين سج جي چوگرد گهمي رهي آهي تہ انهيءَ وقت سج بہ پنهنجن ٻين ستارن سان گڏ ستارن جي ثريا جي چوگرد چڪر ڪاٽي رهيو آهي. ستارن جي اها ثريا وري وڏيڪ عظيم تر ثريا جي مرڪزي مدار جي چوگرد چڪر لڳائي رهي آهي. انهيءَ مفهوم ۾ اسان ٽن مختلف اوڀرن جي ڳالھ ڪرڻ جي قابل ٿي ويا آهيون.

رب المشرقين ۾ لڪيل اها معنيٰ ڪائنات جي باري ۾ انهن انتهائي دلچسپ حقيقتن ڪي پوريءَ طرح ثابت ڪري ٿي جتي رب العالمين چوي ٿو ”اسان ڪيترن ئي اوڀرن جا مالڪ آهيون.“ اها حقيقت تہ هن آيت مان اولھ اوڀر جو جانشين نہ ٿيندو آهي، انهيءَ جي تصديق آهي. اسان ايندڙ آيتن جي تشريح جي سلسلي ۾ ڏسندا سين تہ اهڙا ڪيترائي بيان آهن جن ۾ زمين جي گردش جو ذڪر آهي. انهيءَ ڪري ئي اوڀر زمين جي گردش سان تعلق رکي ٿو، جنهن ڪي جمع جي صيغي ۾ بيان ڪيو ويو آهي. اها ڳالھ ظاهر ڪري ٿي تہ زمين جا اهي چڪر ڪيترين ئي مختلف سطحن تي آهن.



جيڪڏهن اسان انهيءَ آيت ڪي زمين تي طرف جي لحاظ ڪان ڏسون تہ ان جي گولي تي اوڀر هر جاءِ جي نسبت سان مختلف هوندو. ترڪي جو اوڀر مغربي علائقن جي نسبت سان انهن لاءِ اوڀر آهي، جڏهن تہ ترڪي جو اهو ئي اوڀر وري ايران جي لاءِ اولھ آهي، ڇو تہ اولھ جو نظريو زمين جي گولي جي هر علائقي ۾ مختلف آهي ۽ اهي نظريا اوڀرن جو مجموعي تاثر پيدا ڪن ٿا. اها حقيقت هڪ گولي جي سطح ڪي، جاميٽري جي حساب سان پيش ڪري ٿي.

اچو، هاڻي هن آيت ڪريمہ ڪي ٻيهر پڙهون تہ جيئن سائنس جا مشاهدا وڌيڪ صحيح طور ثابت ٿي سگهن. ”اهو (اللّٰه) زمين ۽ آسمانن ۽ انهن سڀني شين جو مالڪ آهي جيڪي انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهن. اهو سڀني اوڀرن جو مالڪ آهي...“ ڪيترائي آسمان، جن ڪي اسان ايندڙ آيتن ۾ ڏسنداسين، سي حقيقت ۾ مختلف علائقا آهن، پر اهو ارشاد ”جيڪو زمين ۽ آسمانن جي وچ ۾ آهي“ سو ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو؟ اها تہ حقيقت آهي تہ ٽٽندڙ تارو (شهاب ثاقب)، ستارا، ملائڪ ۽ ڪيتريون ئي اڻ ڄاتل مخلوقات آسمان جي مختلف سطحن تي موجود آهن، پر اهي آهن ڇا؟ جيستائين اسان ٻڌائي سگهون ٿا تہ اهي اڻ ڏٺل شعاع آهن جيڪي مادي ۽ توانائي جي جوڙجڪ ۾ بنياد بڻبا آهن. اهي شعاع ڪجھ عرصو اڳ تائين هڪ ئي نالي يعني آسماني شعاع (Cosmic Rays) جي نالي سان ڄاتا ويندا پر اڄڪلھ جي نئين طبعي علم جي لحاظ ڪان انهن جا مختلف نالا ۽ قسم آهن جن جو تعلق نيوڪليئان (Nucleons)، بيران (Baryons)، ليپٽان (Leptons) ۽ فرميان (Fermions) جي ورڇ جي بنياد تي آهي. اهي سڀئي مادي ۽ توانائي جي زير جوهرن (Subatoms) جو مرڪب هوندا آهن.

”اهو مالڪ آهي انهن سڀني شين جو جيڪي آسمانن ۽ زمين جي وچ ۾ آهن“ انهيءَ ارشاد جي مدد سان اللّٰه تعاليٰ سمجهايو آهي تہ توانائيءَ جا اهي سڀئي ٽڪرا ۽ شعاع، هڪ پکڙيل مادي نظام جي جوڙجڪ رڳو انهيءَ نقطہ نظر سان ڪن ٿا تہ اهي سڀئي اللّٰه تعاليٰ جي ملڪيت آهن.

جديد فزڪس جي علم جي لحاظ ڪان اهي سمجھ ڪان ٻاهر توانائيون ۽ شعاع ڪائنات جي تباهيءَ جو سبب نظر اچن ٿا پر انهيءَ نظريي جي خلاف هيءَ آيت مبارڪ ظاهر ڪري ٿي تہ اللّٰه تعاليٰ جي نگراني ۾ اهي شيون هڪ عظيم الشان مادي توازن جو سبب آهن.

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 8

# قرآن زمين جي گردش کي ظاهر ڪري ٿو

وَتَرَى الۡجِبَالَ تَحۡسَبُهَا جَامِدَةً وَّ هِىَ تَمُرُّ مَرَّ السَّحَابِ ؕ صُنۡعَ اللّٰهِ الَّذِىۡۤ اَتۡقَنَ كُلَّ شَىۡءٍ ؕ اِنَّهٗ خَبِيۡرٌۢ بِمَا تَفۡعَلُوۡنَ ۝۸۸ (النمل:۸۸)

”توهان جبلن کي ڏسو ٿا ۽ سمجهو ٿا ته اهي هڪ جاءِ تي ڄميل آهن پر اهي به ڪڪرن وانگر وڃن ٿا. اها الله جي قدرت جي ڪاريگري آهي جنهن هر شيءِ کي حڪمت سان بيهاريو آهي، هو چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه توهان ڪريو ٿا.“

اچو ته پهريان انهن نڪتن جي نشاندهي ڪريون جيڪي هن آيت سڳوريءَ جي سائنسي دليل بازي جي سلسلي ۾ مدد ڏيندا.

1. جبل جيتوڻيڪ هڪ جاءِ تي ڄميل نظر اچن ٿا، پر اهي چرپر ۾ آهن.

2. جبلن جي اها چرپر ڪڪرن جي چرپر وانگر آهي.

3. جبلن جي چرپر ڪا تصوراتي يا ڪا نسبتي نه آهي پر اهو الله تعاليٰ جي ڪاريگريءَ جو مظهر آهي.

مان هن آيت پاڪ جي سائنسي تشريحن جي سلسلي ۾ ٻن اهم نڪتن جي نشاندهي ڪري سگهيو آهيان. حقيقت ۾ اِهي اُهي معجزا آهن، جيڪي هر کليل ذهن رکڻ واري سائنسدان کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندا.

الف – جيڪڏهن اسان زمين جي ارضياتي خاڪي کي غور ڪري ڏسنداسين ته خبر پوندي ته اها مٽي ۽ پٿرن جي ٿهيل اُن سنهڙي ته وانگر آهي، جيئن سنگتڙي جي ٻاهران ڇلر هوندو آهي. زمين جي قطر جو گهٽو حصو پگهريل ڌاتن ۽ ڇپُن، جن کي ميگما (Megma) سڏيو ويندو آهي، جو جڙيل هوندو آهي. اهڙي



طرح زمين جي اندر هڪڙو پٽڙو ڍانچو آهي جنهن جي چوگرد مختلف قسم جا سخت ته آهن ۽ آخر ۾ مٽي ۽ ڇپون آهن. ٻين لفظن ۾ ٻاهرين پاسي کان جبل آهن.

جيئن ته هيءَ آيت ڪريمه ظاهر ڪري ٿي ته اها مڪمل طور قدرت جي ڪاريگري آهي، انهيءَ نقطي نظر سان ڏٺو وڃي ته ڳالهه يڪدم سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي ته زمين جو غلاف پنهنجي مضبوطي جي باوجود هڪ تمام سست حرڪت جو راز رکندڙ آهي. اها چرپر، جيڪا ته جي ڪنارن ويجهو وڏيڪ چٽي هوندي آهي، تنهن کي زمين جي طبقن ۾ رنڊڪ (Fault) چوندا آهن، جيڪا ٻرندڙ جبلن ۽ زلزلن جي لاءِ زمين جو دروازو کليل رکندي آهي.

جيتوڻيڪ آيت موجب زمين الله تعاليٰ جي حڪم سان هڪ مضبوط بناوت رکي ٿي، پر انهيءَ جو ڍانچو (Core) انتهائي سست چرپر رکندڙ هوندو آهي جيڪو پاڻياٺ جسمن (Static Fluid) تحت هوندو آهي. اسان جي زمين جي مضبوطي، جيڪا پنهنجي ڍانچي تائين مختلف جسمن جي تهن تي ٻڌل آهي، پنهنجو پاڻ ئي الله تعاليٰ جو معجزو آهي.

ب – ”هائو، جبل به ايئن ئي وڃندا آهن جيئن ڪڪر وڃندا آهن.“ جيئن ته ڪڪر آسمان تي هلندا آهن، تيئن جبل به فضائي طرفن ۾ وڃندا آهن. جيڪڏهن آيت سڳوريءَ کي وري ڏسون جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ”توهان ڇا ٿا سمجهو ته اهي هڪ جاءِ ڄميل آهن،“ ڄميل هئڻ جو مطلب آهي مادي يا جسماني طور هڪ ئي جاءِ تي بي ست ۽ بي حرڪت رهڻ. پوءِ سوال آهي ته جبل ڪهڙي طرح ڪڪرن وانگر فضا ۾ چرپر ڪرڻ جي قابل هوندا آهن؟

انهيءَ جي رڳو هڪڙي ئي صورت آهي جنهن ۾ اها چرپر ممڪن ٿي سگهي ٿي؛ ۽ اها آهي زمين جي چرپر سان گڏ چرپر. حقيقت ۾ اهو آيت پاڪ جو اهم معجزو آهي ته ڪڪر جيڪي هوا سا گڏ تيزي سان چرپر ڪن ٿا، انهن جي رفتار لڳ ڀڳ ايتري ئي هوندي آهي جيتري زمين جي پنهنجي چڪر جي هوندي آهي. جبل به ڪڪرن وانگر ٽن طرفن (Three Dimensions) ۾ اڳتي وڃندا آهن ۽ اها چرپر مضبوط توازن واري خدائي ڪاريگريءَ جو نمونو آهي.

هن آيت ۾ سمايل ڏاهپ جي باريڪين کي هڪ دفعو وري ڏسو، جن ۾ جبلن جي فضائي واڌاري جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. يعني انهيءَ لحاظ کان زمين جي چرپر بيان ڪري ٿي جيڪا قدرت جي ڪاريگريءَ ۽ آسماني نظم جي مضبوط قانون جو هڪ حصو آهي. اهو قانون قدرت جي ڪهڙي ڪاريگري آهي؟ انهيءَ سوال جي جواب ۾ آسماني فزڪس (Austro Physics) چوي ٿي ته ڪائنات ۾ موجود سڀئي ستارا ۽ گرهه پنهنجي موجودگي کي ٻن متوازن قوتن جي هڪجهڙائيءَ سان قائم رکن ٿا. انهن مان هڪ ڪشش ثقل جي طاقت (Gravitational Force) آهي

www.sindhsalamat.com

جيڪا ايڪي واري قانون جو نتيجو آهي. سمورا مقدار يا ڏيگ هڪ ٻئي کي پنهنجو پاڻ ڏانهن ڇڪي هڪ وڏي ڍير ۾ بدلائڻ جي اصول جي پيروي ڪن ٿا. ٻي طاقت جيڪا انهن جي قائم رهڻ لاءِ ضامن هوندي آهي اها آهي ڦرندڙ حرڪت سان پيدا ٿيڻ واري مرڪز گريز قوت *(Centrifugal Force) . آيت ڪريم انهيءَ قانون ڏانهن توجهه ڏياري ٿي ۽ اهو اشارو به ڪري ٿي ته جبلن جي ڪڪرن ڏانهن فضائي حرڪت مضبوطي جو اصول آهي. الله تعاليٰ ﷻ جو قرآن ڪريم ۾ اهو چوڻ ته ”هن آيت جهڙي ڪا آيت آڻي ڏيکاريو، اجا به ڪو هڪڙو لفظ ئي آڻي ڏيکاريو.“ ان (الله) جي اهڙي قسم جي ڪمالن ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو.

آيت ڪريم جي ٻئي حصي جي تشريح جو تت هن طرح آهي:

پهرين ڳالهه: توهان سمجهو ٿا ته جبل هڪ جاءِ تي ڄميل آهن.

ٻي ڳالهه: اهي ڪڪرن وانگر فضا ۾ وڌندا رهن ٿا.

ٽين ڳالهه: ڦرندڙ حرڪت، ثقلي قوتن کي نازڪ توازن ۾ رکندي، انهيءَ عمل يا طريق (Process) ۾ مضبوطي پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ٿيندي آهي.

چوٿين ڳالهه: ڦرندر حرڪت، جيڪا ڪائنات جي بنيادي قانونن مان آهي، الله تعاليٰ جي ڪاريگريءَ جو شاهڪار آهي.

اهو سڀ ڪجهه چوڏهن سؤ صديون اڳ ان وقت ٻڌايو ويو. جڏهن انسانن جي ذهنن ۾ عجيب غريب قسم جا سوال پيدا ٿيندا هئا. وڌيڪ اهو ته اهي سڀئي حقيقتون ماڻهن کي اهڙي ته بهترين انداز ۾ ٻڌايون ويون جو انهن جي سادن ذهنن ۾ ڪنهن به قسم جو مونجهارو پيدا نه ٿيو، نه ته انهيءَ جي ڪري انهن جي لاءِ ذهني طور تباهي به اچي پئي سگهي. اهو ئي قرآن جو فن ۽ قرآن جو معجزو آهي.

جيتري تائين هن آيت جي آخري حصي جو تعلق آهي ته اها هڪ ٻي عظيم آسماني سچائيءَ جو اظهار به آهي؛ يعني ”هو هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه توهان ڪريو ٿا.“ الله تعاليٰ جنهن سڀني ڪائناتن کي هڪ مادي فن جي ذريعي پيدا ڪيو، هر شيءِ ۽ ڪائنات جي هر جاءِ تي حڪومت ڪري ٿو، بلڪل ائين جيئن ڪمپيوٽرن جي هڪ عظيم الشان نظام کي ڪم آندو ويو هجي. اهو نظام ظاهر ڪري ٿو ته ڪائنات جو هر واقعو حسابي لحاظ کان پاڻمرادو لکجي وڃي ٿو.

هر پلڪ اهڙيءَ طرح ترتيب ڏنل پروگرام الله تعاليٰ جي قدرت جو مظهر آهي. ٿورو عرصو اڳ تائين اسان کي اهي ڳالهيون سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي، پر اڄ موجوده دؤر جي نين کوجنائن جي ڪري، خاص ڪري اليڪٽراني ذهن ۽ ڪمپيوٽرن

*اها ظاهري قوت جيڪا ڪنهن مرڪز جي چوڦير ڦرندڙ شيءِ جي ٻاهرين پاسن کان عمل ڪري.



جي سلسلن جي ڪري، اسان جي سمجهه جو دائرو انتهائي وسيع ٿي ويو آهي. حقيقت ۾ اسان تشبيهن جي دنيا ۾ رهون ٿا. جڏهن اسان بهشت جي ڳالهه ڪريون ٿا ته اسان کي گلن، باغن ۽ وهندڙ ندين جو خيال ايندو آهي. اسان بهشت کي هن دنيا جي خوبصورت شين جي مثال يا تشبيهه سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون.

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 9

# قرآن جي اها آيت جنهن ڪوسٽو کي سڌي واٽ وٺائي

مَرَجَ الۡبَحۡرَيۡنِ يَلۡتَقِيٰنِ ﴿١٩﴾ بَيۡنَهُمَا بَرۡزَخٌ لَّا يَبۡغِيٰنِ ﴿٢٠﴾ (الرحمٰن: ١٩ ۽ ٢٠)

”ٻن سمندن کي انهيءَ الله وهايو، جي پاڻ ۾ گڏجي ٿا وهن. پوءِ بہ انهن جي وچ ۾ اوٽ آهي جنهن ڪري اهي (هڪٻئي تي) چڙهت نٿا ڪن.“

هن آيت ۾ ٻن اهم نڪتن کي بيان ڪيو ويو آهي.

1. ٻن سمندن جو هڪ سنهڙي آبناءِ* جي ذريعي پاڻ ۾ ملڻ هڪ معمولي ڳالهہ آهي.

2. اها حقيقت تہ ٻہ سمنڊ، هڪ خاص قسم جي رڪاوٽ جي ڪري مڪمل طور پاڻ ۾ نٿا ملن.

اچو تہ انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان پهريان سائنسي خاصيتن جو مطالعو ڪريون. فرانسيسي سائنسدان جيڪ وي ڪوسٽو، جيڪو سمنڊ جي اندر پاڻي تي تحقيق جي حوالي سان مشهور آهي، اها کوجنا ڪئي تہ رومي وڏو سمنڊ (Mediterranean) ۽ ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ ڪيميائي ۽ حياتياتي لحاظ کان هڪ ٻئي کان مختلف آهن. صاحب موصوف انهيءَ حقيقت کي بيان ڪرڻ لاءِ آبناءِ جبل الطارق جي ويجهو سمنڊ ۾ تحقيق ڪري اهو ٻڌايو تہ جبل الطارق جي ڏاکڻين ڪنارن (مراڪش) ۽ اترين ڪنارن (اسپين) تي بلڪل ئي غير متوقع طور مٺي ۽ تازي پاڻيءَ جا چشما ڦٽن ٿا. اهي سامونڊي پاڻي ۾ هوندا آهن. اهي تمام وڏا چشما هڪ ٻئي ڏانهن 45 ڊگري جي ڪنڊ تي تيزي سان وڌندي هڪ ڊيم وانگر ڪنگيءَ جي ڏندن

---

*آبناءِ – پاڻي جو سنهو رستو جيڪو خشڪيءَ جي ٻن وڏن حصن کي جدا ڪري ۽ پاڻي جي ٻن حصن کي پاڻ ۾ گڏي.



واري شڪل اختيار ڪري وٺندا آهن. اِن عمل جي ڪري رومي وڏو سمنڊ ۽ ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ اندران هڪ ٻئي سان گڏمڏ نہ ٿيندا آهن.

انهيءَ تحقيق ڪان پوءِ جڏهن ڪوسٽو کي اهي آيتون ڏيکاريون ويون تہ هو تمام گهڻو حيران ٿيو ۽ قرآن جي عظمت جي واڪاڻ ڪندي مسلمان ٿي ويو.

هن حيرت ۾ وجهندڙ آيت ڪريمہ ۾ جبل الطارق (جبرالٽر) جي اوٽ کي بلڪل چٽيءَ طرح بيان ڪيو ويو آهي. اچو تہ ٻيهر انهن آيتن کي سورت الرحمان جي عمومي تناظر ۾ ڏسون. اها حقيقت آهي تہ هن سورت جو موضوع الله تعاليٰ جي خوبصورت عنايتن ۽ تخليق جي لاءِ اڻٽڪ دانائي، حڪمت ۽ ڪاريگريءَ جو نمونو آهي.

هن آبناءِ ۾ ٻن سمندن جي اوٽ جي اندروني معنيٰ بہ آهي، اها ڇا آهي؟ سمنڊ ۾ جيئري مخلوق جو تعداد زمين جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهي. ان ۾ اڻ ڳڻيا جراثيم (Organisms) آهن. هن ۾ قسمين قسمين ٻوٽا ۽ ٻوٽڙا آهن. مطلب تہ الله تعاليٰ جي قدرت جا عظيم شاهڪار انهيءَ ۾ موجود آهن. اها هڪ حقيقت آهي تہ مختلف قسم جا جراثيم مختلف ماحول ۾ ملن ٿا. اهو بہ هڪ قدرتي سبب آهي جو الله تعاليٰ جي قدرت سمندن کي پاڻ ۾ ڳنڍجي وڃڻ نٿي ڏئي.

اها معنيٰ اسان کي آيت نمبر 22 ڏانهن بہ متوجہ ڪري ٿي، خاص ڪري سمنڊ جي بناوت ڏانهن ۽ ساموندي ٻوٽن ۽ مڇين جي ورڇ ڏانهن، جيڪي گرمي پد ۾ تبديلين جي ڪري بدلجي وينديون آهن. هي آيتون ٻنهي سمندن ۾ موتين ۽ خوبصورت ساموندي پٿرن جي موجودگيءَ جو اعلان بہ ڪن ٿيون. اهڙي طرح جدائي رڳو ڪيميائي جزن جي نقطي نظر جي ڪري ئي نہ پر موتين ۽ مٽين ۽ بہ ڪيميائي جزن جي ڪري بہ ٿيندي آهي جيڪي ڪٿي هوندا آهن ۽ ڪٿي نہ هوندا آهن، انهيءَ صورت ۾ ٻن سمندن جي گڏمڏ نہ ٿيڻ جي ڪري، انهن سمنڊ جي اندر ايترا تہ باغ آهن ۽ ايترن ئي قسمن ۽ نوعن جون مڇيون آهن جو انهن کي پنهنجي قدرتي ماحول ۾ ڏسي لامحدود خوشي ۽ حيرت جو احساس ٿيندو آهي.

سمنڊ ۾ خاص قسم جا گل ڏسجن ٿا جيڪي ڪيترن ئي مختلف قسم جي ٻوٽن سان ڍڪيل هوندا آهن، جن جو مثال خشڪي تي نٿو ملي. ڪيترائي خاص قسم جا گل هوندا آهن جن جو زمين تي تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. اهڙا گل سمنڊ جي تهہ ۾ بہ آهن. سمنڊ جي تهہ ۾، اهڙا وڻندڙ ۽ سينگاريل ڪيڙا ماڪوڙا ۽ جيت جڙيا آهن جن جي خوبصورتي ڏسڻ وٽان آهي، سي پنهنجي وجود کي هزارين ميٽر اونهائيءَ ۾ راڊار (Radar) جهڙي صلاحيت جي ڪري قائم رکيو پيا اچن.

سمنڊ جي اندر هڪ اهڙي مڇي بہ آهي جنهن کي Acan Thurus Triostegus جو نالو ڏنو ويو ٿو. انهيءَ جي ڳاڙهي جسم تي فلوريٽ جا گول

www.sindhsalamat.com

نشان هوندا آهن جن مان خوبصورت روشني نڪرندي آهي ۽ پنهنجي اوسي پاسي ڪي چمڪائي ڇڏيندي آهي. سمنڊ جي اٿاهه اونهائين وارين اونداهين ۾ لڳ ڀڳ ٽيهن رنگن جي روشني ڏيندڙ اڻ ڳڻيون مڇيون ملن ٿيون. اها مخلوق الله تعاليٰ جي خوبصورت ۽ عظيم ڪاريگريءَ جو خاص نمونو آهي ۽ سمنڊ جي پاڻ ۾ ملي نه پوڻ جي اندروني معنيٰ کي ظاهر ڪري ٿي. جيئن ته آيت پاڪ مان ظاهر ٿئي ٿو ۽ سائنسي تحقيق مان به خبر پئي آهي ته آبناءِ جبل الطارق جي ٻنهي پاسن ۾ بيشمار سامونڊي ڇپن ۽ تهن ۾ اهڙا ته خوبصورت ۽ مختلف جيت جڻيا موجود آهن، جو اڄ جي ڪمپيوٽري دؤر ۾ به انهن جو ڳاڻيٽو ناممڪن آهي.

اهڙي طرح هر رنگ ۽ نموني جا گل ٻنهي سمنڊن ۾ آهن. مثال طور ڪي اهڙا جهڙا نانگ ڦڻ ٿوهر ۽ ڪي ٻيا جن جا رنگ نيرا، هيڊا ڳاڙهسرا آهن. پر ٻنهي سمنڊن ۾ انهن جا قسم جدا جدا آهن. اهڙي طرح سمنڊ جي اٿاهه اونهائيءَ ۾ روشني ڇڏيندڙ نيري رنگ جي ڪوريئڙن هڪ قسم جو طلسماتي ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي.

انهيءَ سامونڊي مخلوق جي بيان سان اسان جو هڪ مسئلو حل ٿي وڃي ٿو. سمنڊ جي اٿاهه اونهائين ۾ جتي اک ڪجهه به نٿي ڏسي سگهي، اتي انهن خوبصورت جيتن جڻن ۽ نظارن جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ سورت الرحمان جي آيت نمبر 19 کان 25 اسان جي حقيقي معبود جي اڻ کٽ خوبصورت مخلوق جو بيان آهي. وري چوڏهن صدين ڪان پوءِ انهيءَ سامونڊي مخلوق جي باري ۾ اٽلس جا ڪتاب ڇپيل آهن. اهڙي طرح جڏهن اسان ان ۾ ڏنل بيشمار خوبصورت مخلوق کي ڏسون ٿا ته هن آيت پاڪ جا راز ظاهر ٿيڻ شروع ٿي وڃن ٿا. انهن ٻنهي سمنڊن جي پاڻ ۾ گڏجي نه وڃڻ جي مصلحت ۾ اسان ٻنهي پاسن کان مختلف مخلوقن جو مشاهدو ڪريون ٿا جن ۾ اها مڇي به شامل آهي جنهن جي منهن وٽان اهڙي ته روشني چمڪي ٿي جو چڻ ته اهو ڪو طلسماتي دنيا ۾ هڪ واٽ ڏيکاريندڙ رهنما هجي.

اڄ جي نئين علم جي روشني ۾ اسان ڪجهه اهڙا تفصيل به ڏسنداسين ته زمين جي گولي تي زندگي ڪيئن ظاهر ٿي ۽ مختلف آيتن ۾ زندگيءَ جو وجود ڪهڙي طرح ظاهر ڪيو ويو آهي. اڻويهين صدي جي شروع کان زمين تي زندگيءَ جو سوال سائنسدانن جي لاءِ سڀ کان وڏي دلچسپي بڻجي ويو آهي. شروع ۾ نامياتي ڊانچن (Organic Chemistry) تي کوجنائون ڪيون ويون ته جيئن اهو ڄاڻي سگهجي ته جاندار ۽ غيرجاندار شين ۾ ڪهڙو ڪيميائي فرق آهي. اڳتي هلي انهيءَ علم ڪيميا جي هڪ شاخ طور عضوياتي ڍانچي (Organic Sturcture) واري علم جي صورت وتي.

شروعاتي نتيجن مان اها ڄاڻ ملي ته نامياتي ڍانچن ۾ خاص ڳالهه اها هئي ته انهن ۾ جوهري ڪاربان (Carbon Atoms) ڪاٽو بجلي چارج (Negative Electric Charge) وارا هئا. جيتوڻيڪ قدرت جي نظام ۾ ڪاربان ڇئن جي حساب سان ملي ٿو پر نامياتي يا جيئرين شين ۾ اهو ڪاٽو چارج جو روپ وٺي ٿو ۽ اهڙي طرح هائيڊروجن سان ملي، مرڪبن جي هڪ زنجير وانگر بڻجي وڃي ٿو. ان کان پوءِ جاندار جيو گهرڙن ۾ نائٽروجن جي اهميت به ڏٺي وئي. ان کان سواءِ اهڙيون شيون جهڙوڪ نامياتي مرڪب (Amino Acid) لڌي وئي جيڪا پڪ سان غير جاندار شين ۾ موجود نه هئي.

اها سموري ڄاڻ آخرڪار جيمز واٽسن جي جيئرين شين ۾ ڊي اين اي (D.N.A) جي موجودگيءَ واري کوجنا تي ختم ٿي. بهرحال زندگيءَ جي بنيادي ڍانچي جي کوجنا ٿي وئي. 1950ع ۾ نامياتي ڍانچن جي مطالعي تي ڌيان وڌي ويو، جنهن سان اها کوجنا سامهون آئي ته D.N.A ۾ هائڊروجن ايٽم Ions پاڻ ۾ غير مستقل پُلن جي صورت ۾ ڳنڍيل هوندا آهن. هاڻي رڳو هڪڙو سوال رهجي وڃي ٿو: اهو هي ته جيڪڏهن سيئي ننڍڙا جسم (Orignisms)، يعني ڳاهه کان وٺي دماغي نسون (Neurons) ۽ هزارين ٻيا ننڍڙا جسم هڪ ئي جيو گهرڙي منجهان جڙن ٿا، ته پوءِ زندگيءَ ۾ ايتري گهڻ پاسائين رنگيني ڇو آهي؟ انهيءَ سوال جو جواب ڳولڻ لاءِ سڀ کان پهريان جيو گهرڙي ۽ انهن جوڙن جي وچ ۾ لاڳاپي ڏانهن ڌيان ڏنو ويو آهي پر اهي سيئي ڪوششون اهو ڄاڻڻ ۾ ناڪام ويون آهن ته انهيءَ فرق جو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو، جنهن جي حساب سان هڪ جيو گهرڙو (Cell) هڪ پاسي ته صفرا (Bile) بڻائي ٿو ته ٻئي پاسي اهو ئي جيو گهرڙو وري اک جي پردي تي روشنيءَ کي بجليءَ ۾ تبديل ڪري ٿو.

آخر ڪار سائنسدان اِن نتيجي تي پهتا ته جيوگهرڙو حقيقت ۾ زندگيءَ جي هڪ پيچيده رياضياتي پروگرام جو حصو آهي. يعني هر قسم جي عضون کي هڪ طرح جي ڪمپيوٽري نظام هيٺ جوڙيو ويو آهي: بلڪل هڪ ننڍڙي ڪيسي ۾ رکڻ واري ڪلڪيوليٽر وانگر. اهو ئي سبب آهي جو قرآن جي ڪيترين ئي آيتن ۾ الله تعاليٰ اعلان ڪيو آهي ته ”اسان تخليق ڪيو ۽ شروع کان ئي ترتيب ڏنو.“

اهڙن سائنسي نظرين کي سامهون رکندي هاڻي اسان ڪنهن حد تائين انهيءَ لائق ٿي سگهون ٿا ته تخليق جي سلسلي ۾ مينهن جي پاڻيءَ سان پريل ڪڌ جي ڪناري واري مٽي (Quickening of Soil) کي سمجهي سگهون. الله تعاليٰ زمين کي مادي شڪل ۾ پيدا ڪرڻ کان پوءِ مٽي ۽ پاڻيءَ ۾ زندگي پيدا ڪرڻ جي لاءِ حڪم ڏنو ۽ زندگيءَ جي ننڍڙي ذري کي هڪ پروگرام (نظم) عطا ڪيو.

موضوع نمبر 10

# زمين ۾ قوت جو راز

وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ الْمَيْتَةُ ۖۚ اَحْيَيْنٰهَا وَاَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ يَاْكُلُوْنَ ﴿٣٣﴾

"انهن ماڻهن جي لاءِ مئل زمين هڪ نشاني آهي. اسان انهيءَ کي جيئرو ڪيو ۽ انهيءَ مان اَن ڪڍيو جنهن کي اهي کائن ٿا." (يٰس: ٣٣)

ان کان اڳ جو اسان هن آيت جي اصل موضوع تي بحث ڪريون، اچو ته پهريان انهن نڪتن جي نشاندهي ڪريون ٿا جيڪي هن آيت ۾ سائنس جي باري ۾ آهن.

1. هن ۾ لفظ "مئل زمين" استعمال ٿيو آهي نه ڪي "مئل مٽي." مطلب جي اصل ۾ اشاري طور زمين جي سيني قسمن جي مٽي ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

2. آيت ۾ اهو فرمان ته "اها نشاني آهي" الله تعاليٰ جي حڪمت ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو.

3. اسان جي ڄاڻ موجب شروعاتي قدرتي حالت ۾ زمين ڪنهن به قسم جي جاندار مخلوق کان خالي هئي.

4. هن آيت سڳوريءَ جي ذريعي اهو اعلان ڪيو پيو وڃي ته مٽي، جيڪا پنهنجي سطح تي مئل نظر اچي ٿي، اصل ۾ جيئري آهي. رڳو انهيءَ کي هڪ نظر سان ڏٺو وڃي ته هيءَ آيت پنهنجو پاڻ ئي هڪ معجزو آهي. جو ته اڄ کان رڳو هڪ سؤ سال اڳ ئي اها ڪوجنا ٿي ته مٽيءَ جي اندر جيئري مخلوق يعني انتهائي ننڍڙا جسم (Organisms) ملن ٿا. اها رڳو چاليهه سال اڳ جي ڳالهه آهي ته اها به ڪوجنا ٿي ته لڳ ڀڳ سموري زميني مٽي جو 80 سيڪڙو، بيڪٽيريا جراثيمن تي ٻڌل آهي. اهڙي طرح اها مٽي جيئري مخلوق جو ڳڙهه آهي.

5. آيت جي ٻئي حصي جي حساب سان حباً مان سايون پاڄيون، خاص ڪري اَنُ مراد آهي، جيتوڻيڪ حباً عام طور هڪ ننڍڙي جسم يا ذري کي ظاهر ڪري ٿو.



اسان آيت جي اندروني معنيٰ انهيءَ پاسي کان ڏسنداسين.

6. هيءَ آيت سڳوري اهو به اعلان ڪري ٿي ته مٽيءَ جي ذريعي زندگي ٻوٽن تائين پهچي ٿي ۽ اتان کان اها اسانجي زندگين جي آهي جيڪا حياتياتي ڪيميا (Biochemistry) جي نقطي نظر کان تمام اهم ڳالهه آهي.

جيتوڻيڪ هن آيت جو لفظ "حباً" عام مفهوم ۾ استعمال ٿيو آهي پر اهو ته انهيءَ کي ڪاڏو نه ويندو آهي. جڏهن ته وات جي وسيلي اها خبر پوي ٿي ته انهيءَ کي ڪاڏو ويندو آهي، انهيءَ جي ٻوٽن مان حاصل ٿيندڙ خوراڪ کي ثابت ڪيو ويو آهي.

هن آيت پاڪ کي، انهيءَ جي بارڪين سميت سمجهڻ جي لاءِ اسان کي زندگي ۽ توانائي جي بنيادي نظرين کي، سڀ کان پهريان سمجهڻ گهرجي. جو ته گذريل ڪجهه سالن ۾ توانائيءَ جو زندگيءَ بابت نظريو گهڻي ڀاڱي بدلجي، پنهنجي اندر لڪيل معنيٰ جي بلڪل ويجهو اچي ويو آهي. ماضيءَ وارو حياتياتي علم هاڻي گهڻو پوئتي رهجي ويو آهي.

زندگي هڪ رياضياتي پروگرام آهي جيڪو تمام وڏي ڪيميائي ماليڪيول تي لکي ڇڏيو ويو آهي. قرآن اها حقيقت، جيڪا هاڻي معلوم ٿي آهي، چوڏهن سؤ سال اڳ انهيءَ ارشاد جي ذريعي ظاهر ڪري ڇڏي هئي ته "اسان ان کي پاڻيٺ جي هڪ ڦڙي مان پيدا ڪيو. اسان انهيءَ کي صورت ڏني." (سورت عبس، آيت نمبر19)

الله تعاليٰ مٽيءَ ۾ نائٽروجن مهيا ڪري سڀ کان پهريان جراثيم (Bacteria) پيدا ڪيو. ڪيميائي لحاظ کان هي ليباٽري جا محلول (Synthesis) آهن. يعني اهي هوا کان نائٽروجن وٺي گرفت يعني جوهري ميلاپ جي طاقت استعمال ڪندي، مرڪبَ تيار ڪرڻ جو عمل آهي. اهي جراثيم نائٽروجن کي اهڙي طرح استعمال ڪن ٿا جو هائيڊروجن سان ملي هڪ ٿي ويندا آهن. انهيءَ مقصد جي لاءِ انهن کي پاڻي ۽ مينهن جي ضرورت ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري اسان ڏسون ٿا ته مينهن وسندي ئي مٽيءَ مان جڻ ته زندگي ڦٽي پوندي آهي.

ٻئي قسم جا زميني جراثيم (Bacterias)، جن کي تجزياتي گروپ (Analytical Group) چوندا آهن، قدرت جي نظام موجب هڪ خاص عمل ڪن ٿا. اهي هر شيءِ کي، جيڪا زمين تي ڪري ٿي، ٽوڙي مروڙي، محلول ٺاهي جراثيمن جي لاءِ مرڪب تيار ڪرڻ (Synthesizing) جو رستو ٺاهيندا آهن. نتيجي طور مٽي هڪ عظيم ڪيميائي ڪارخاني سان هڪجهڙائي رکي ٿي. جيڪڏهن ان مان پاڻيءَ کي ڪڍيو وڃي ته مٽي جي هڪ گرام جو گهڻو حصو جراثيمن (Microbes) تي مشتمل هوندو آهي.

ٻوٽن جي علم ۾ مٽي کي مڪمل طور تي هڪ جيئرو ڍانچو سمجهيو ويندو

www.sindhsalamat.com

آهي؛ يعني زمين تي زندگيءَ جي شروعات کان ئي مٽي کي هڪ زنده حقيقت طور مڃيو ويو آهي. هن آيت پاڪ جو هڪ معجزو اهو به آهي ته هن اسان کي اها ڄاڻ چوڏهن سؤ سال اڳواٽ ئي ڏئي ڇڏي هئي.

جيئن ته هاڻي زندگيءَ جو نظريو سمجھ جوڳو ٿي ويو آهي، تنهن ڪري هاڻي مان پنهنجي بحث کي هڪ ٻئي اهم موضوع ڏانهن ڪٽي وڃان ٿو.

جيئن توهان ڄاڻو ٿا ته غير مسلم ۽ بي دين ماڻهو ڪيئن نه حقيقتن کي ٽوڙي مروڙي، مختلف جيتن جڻين ۽ جراثيمن جي پيدائش جي باري ۾ ماڻهن جي ذهنن کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏين ٿا. بي دينن چواڻي: زمين تي مخلوق جي شروعات هڪ جيو گهرڙي (Cell) کان ٿي ۽ ارتقا جي ذريعي پيدائش جو عمل ٻوٽن ۽ مختلف قسمن جي جاندارن جي پيدائش جي صورت ۾ وڌندو ويو. انهيءَ کي ارتقا جو نظريو (Theory of Evolution) سڏيو ويندو آهي. انهيءَ جي ڪري ڪيترائي ئي اٻوجھ ذهن حيران ٿي وڃن ٿا. الله تعاليٰ جا بيان ڪيل زندگيءَ جا ڪم، جيڪي مٽيءَ کي جيئرو ڪن ٿا ۽ اهڙي طرح ٻجن مان ٻوٽن جي پيدائش، ارتقا جي نظريي جي بلڪل خلاف آهي. قرآن ۾ ڏنل حقيقتون بلڪل صحيح آهن، جڏهن ته ٻيا نظريا بلڪل غلط آهن.

پيدائش جو ارتقائي نظريو اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ پيش ڪيو ويو هو. جيئن ته اڳي ئي بيان ٿي چڪو آهي ته اهو سمجهيو ويندو هو ته زنده مخلوق مختلف ڪيميائي ڍانچن تي مشتمل هئي. ننڍي مخلوق ننڍن ڪيميائي مرڪبن واري هئي، جڏهن ته وڏيڪ ڏکيائين واري مخلوق جي لاءِ اهي مرڪب مختلف هئا. جيو گهرڙي (Cell) جي اندر رياضياتي پروگرام جو موجود هئڻ ڪنهن جي به علم ۾ نه هو. جيتوڻيڪ حياتياتي ڍانچي جي ارتقا پهرين وک سمجهيو ويندو هو پر حقيقت ۾ مخلوقات جي وڌڻ جي سلسلي ۾ اختلاف هڪ رياضياتي پروگرام ۾ موجود هئا. انهن پروگرامن جي بلڪل بي عيب هئڻ ۾ ڪوبه سوال نه آهي ۽ نه ئي انهيءَ مان ڪنهن ارتقا جو ثبوت ملي ٿو. جڏهن ته هڪ جيو گهرڙو صفرا (Bile) جي مدد سان ۽ زمين ۾ نائٽروجن ٺاهڻ وارا جراثيم پنهنجو پنهنجو عمل ڪن ٿا ته اهو چوڻ ڏکيو نه آهي ته انهن مان ڪهڙو وڌيڪ اهم عمل ڪري ٿو. بهرحال علم  ڪيميا جي حساب سان نائٽروجن کي هائيڊروجن سان ڳنڍڻ يا ملائي هڪ ڪري ڇڏڻ گهڻو ڏکيو عمل آهي. اهڙي طرح بيڪٽيريا کي سڀ کان سادي مخلوق سمجهيو ويندو آهي، پر ان جو ڪم نه ته تنتي نظام ئي ڪري سگهي ٿو، جيتوڻيڪ اها جراثيمن جي ترقي يافته شڪل آهي؛ ۽ نه ئي ڪا انساني ڏاهپ. مثال طور جڏهن ڪيڙن مار دوا DDT جو تمام گهڻو استعمال ماحول ۾ تمام گهڻي تباهي مچائي رهيو هو، عام گهريلو مک، جنهن کي سادي، ننڍي پيماني واري مخلوق سمجهيو ويندو آهي، تنهن پنهنجي تنتي



نظام ۾ اهڙو پاڻٽيٽ پيدا ڪري ورتو جو انهيءَ دوا سان مک کي مارڻ ناممڪن بڻجي ويو. جيڪڏهن انساني دماغ ۾ هڪ تنت پنهنجي طور تي هزارين سال به جاکوڙيندي رهي ته به اهڙي قسم جو علاج ۽ احتياط پيدا نه ڪري سگهندي.

هاڻي ٻڌايو، ڪهڙو جيو گهرڙو ارتقائي عمل ۾ مصروف آهي؟ بيشڪ انسان سمورين مخلوقن مان سڀ کان پٺي ۾ پلي مخلوق آهي پر جيئن قرآن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هو آسماني پروگرام کان ٻاهر ڪجھ نٿو ڪري سگهي جيڪو سندس لاءِ مخصوص آهي، نه ته هو ڪيئن هڪڙي مک کان هارائجي ويو؟

اهڙيءَ طرح هاڻي جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته اهو ثابت ٿي وڃي ٿو ته ارتقا جو نظريو اصل ۾ انسان جي پنهنجي ذهن جي گهڙيل ڳالهه آهي. سمنڊن جي تهن ۾ چمڪندڙ عضون واريون مڇيون لکين سالن کان تري رهيون آهن. جهڙي طرح چمڙا راڊار واري خاصيت جي ذريعي قديم زماني کان اڏامي رهيا آهن. اهو ته موجوده دؤر ۾ ئي ٿيو آهي جو انسان انهن خاصيتن کي ڳولي پنهنجي فائدي جي لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي.

جديد حياتياتي علم ۾ زندگيءَ جي باري ۾ سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته مخلوقات جي جيني فارمولي (Genetic Code) جي وراثتي هئڻ جي باوجود ڪنهن جي اندر صلاحيتون ڪيئن رکيون وينديون آهن، جڏهن حياتياتي نظام پنهنجي پيءُ ماءُ کان سيئي خاصيتون وراثت ۾ حاصل ڪندو آهي؟ اهو ڪهڙي طرح سمجھ ۽ سوچ کان پري صلاحيت حاصل ڪري پنهنجي زندگيءَ جي تسلسل کي جاري رکندو آهي؟ جيڪڏهن جيئري مخلوق هڪ ڪمپيوٽر جهڙي نظام کي ظاهر ڪري ٿي ته پوءِ هيءُ نظام يا پروگرام ڪهڙي طرح بنا ڪنهن نقصان جي هڪ نسل کان ٻئي نسل کي ملي ٿو؟

انهيءَ سوال جي جواب ۾ جديد علم حياتيات (Biology) مڃي ورتو آهي ته هڪ خاص پروگرام جهڙو جيني فامولا (Genetic Code) هر ڪروموزوم (Chromosome) تي اڪريل هوندو آهي ۽ پاڻمرادو ئي هڪ فامولو هڪ نسل کان ٻئي نسل ۾ منتقل ٿيندو آهي. اهو جيني نقطو جيتوڻيڪ جيو گهرڙن ۾ به گهَرَي نظر سان هڪ جهڙو نظر ايندو پر حقيقت ۾ انهن جيو گهرڙن ۾ جيڪي جنيني (Embryonic) هوندا آهن، انهن ۾ ۽ ٻئي پاسي هڏي جي مِک وارن جيو گهرڙن جي پاڻ ۾ لاڳاپي کي صحيح طور تي بيان نٿو ڪري سگهجي.

الله تعاليٰ اعلان ڪيو آهي ته ”اهو ئي انهن سڀني ميون کي ڄاڻي ٿو جيڪي پنهنجن ڇڳن مان نڪرندا آهن، اهو ئي ڄاڻيندو آهي ته ڪهڙي مادي ڍڪي ٿي آهي.“ (سورت حٰم السجده، آيت نمبر 47). هن آيت سڳوريءَ جي هن حصي جي معنيٰ هيءَ آهي ته رڳو الله تعاليٰ جي طرف کان ئي هر جيو گهرڙي کي هڪ ترتيب

www.sindhsalamat.com

سان رياضياتي پروگرام ڏنو ويندو آهي.

مٿين آيتن مان گڏيل طور اهو مفهوم نڪري ٿو ته زندگي ۽ توانائيءَ جا ٻه مختلف پاسا آهن. ماليڪيول يعني جيڪي ننڍڙا جسم (Organism) جوڙيندا آهن، اهي ان جي مادي حصي کي ترتيب ڏيندا آهن. جڏهن ته انهيءَ ۾ رياضياتي پروگرام مهيا ڪرڻ جھڙڪر ڪمپيوٽر جو پروگرام ترتيب ڏيڻ آهي. هڪڙي طرح سان هي پروگرام جاندار يعني مخلوق جي قسمت آهي.

قسمت جي نظريي ۾ اسان اها ڳالھ ڏسڻ جا عادي بڻجي ويا آهيون ته هر واقعي کان پوءِ حتمي طور تي انهيءَ جو نتيجو به هوندو آهي. جيئن ته سورتِ يٰسين جي آيت نمبر 12 اسان کي هڪ عظيم راز ٻڌائي ٿي ته سموري مخلوق جي باري ۾ لوح محفوظ اندر انهن جي ذاتي صلاحيتن کي لکيو ويو آهي. اهو اعلان زندگيءَ جي لاءِ به اٽل قانون آهي. هر شيءِ هڪ ٺاري جو جيو گهرڙو آهي. هڪ گل يا هڪ مٿاني جو جيو گهرڙو ڪهڙي طرح عمل ڪندو؟ انهيءَ جو هڪڙو فارمولو ۽ پروگرام جوڙي الله تعاليٰ جي قدرت سان هڪ جيو گهرڙي جي جڙيل ڪمپيوٽر ۾ لکيو ويو آهي.

هن آيت سڳوريءَ جي، جنهن کي اسان سمجھڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، ٻئي حصي ۾ زندگيءَ جي تسلسل جو اصول بيان ڪيو ويو آهي. هتي اهو اعلان ڪيو ويو آهي ته مٽيءَ ۾ زندگيءَ جي شروعات ڪري ۽ زمين ۾ لازمي حياتياتي مواد گڏ ڪري، الله تعاليٰ ٻوٽا پيدا ڪيا جيڪي ٻي جاندار مخلوق جي لاءِ بنيادي ڍانچو مهيا ڪن ٿا.

جيئن ته هر ڪنهن کي خبر آهي ته هن آيت سڳوريءَ ۾ "حباً" يعني اَنَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هڪ پاسي اهو هڪ ٻوٽي جو ٻج آهي ۽ ٻئي پاسي هڪ مڪمل جيو گهرڙي جو ساز و سامان آهي. يعني اهي سيئي مادي جزا جيڪي هڪ جاندار کي ٺاهين ٿا، انهيءَ ۾ موجود آهن. اها حقيقت ويجهي ماضي ۾ به انسان جي ڄاڻ ۾ نه هئي. انهيءَ جي ڪنهن کي به پڪ نه هئي ته هڪ داڻي ۾ هڪ ئي وقت نشاستو (Carbohydrate) ۽ پروٽين جي اندر، جيڪي سيني جاندارن جي لاءِ انتهائي اهم هوندا آهن ۽ جسم جي واڌ ويجھ ۽ بيمارين جي ڪري پيدا ٿيڻ واري ڪمزوريءَ جي تلافي ڪندا آهن: سٽ، حياتين (Vitamins) ۽ معدنيات ملن ٿيون. ايتري تائين جو ڪجھ عرصو اڳ تائين ته اهو سمجھيو ويندو هو ته ڪٽڪ ۽ انهيءَ قسم جي ٻين ٻوٽن مان طاقت واري خوراڪ حاصل نٿي ڪري سگھجي پر اَنُ "حباً" اصل ۾ اهي بنيادي جزا رکندڙ هوندو آهي جيڪي زندگيءَ جي لاءِ ضروري هوندا آهن.

اها حقيقت به چڱيءَ طرح ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ٻوٽن ۽ جانورن جا جيو گهرڙا هڪ طرح سان هڪجھڙيون عمارتي سرون (اڏاوتي خام مال) آهن. منجهن فرق



سندن ڦهريان کان ترتيب ڏنل پروگرامن ۾ هوندو آهي.

هن آيت جي اندروني معنائن مان هڪ اها به آهي ته الله تعاليٰ جي حڪم سان طاقت واري مٽي هڪ آري گهر (Incubator) جو ڪم ڏيندي آهي، جنهن ۾ جسميا بڻجندا آهن. اهو راز آيت جي ٻئي حصي ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

گرمي ورتل (Fertilized) آنو ٽن بنيادي طريقن سان ترقي ڪندو آهي:

1. ڪنهن ٻوٽي وانگر زمين جي اندر.
2. هڪ آني جي کوپي اندر، جيئن عام طور تي جانورن جي باري ۾ آهي.
3. ماءُ جي ڳيپرڻ ۾، جيئن کير ڏيڻ وارن جانورن (Mammals) ۾ ٿيندو آهي.

حقيقت ۾ سائنسي نقطہ نظر سان ان جو هڪ ئي مقصد، يعني جسميي ۾ زندگيءَ کي آهستي آهستي مستحڪم ڪرڻ آهي. هڪ گرمي ورتل آني جي واڌ ويجھ لاءِ هڪ خاص مدت گهربل هوندي آهي، ته جيئن انهيءَ مان هڪڙو نئون جسميو بڻجي سگهي. علم حياتيات جي حساب سان اهو هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن ۾ ٻج جا جراثيم (Cells) پاڻ ۾ نسل جي واڌ ويجھ واري عمل ۾ اهڙي طرح مصروف رهندا آهن جو هڪ نئون جسميو وجود ۾ اچي ويندو آهي. انهيءَ وچ ۾ ٻج کي حفاظت جي ضرورت ٿيندي آهي جنهن لاءِ ان کي پنهنجي ٻاهرين ماحول مان خاص ڪيميڪل ۽ بجلي پارا (Ions) پاڻ ڏانهن ڇڪي ڪم آڻڻا پوندا آهن، جنهن جي باري ۾ اسان هن وقت تائين پڪ سان ڪجھ نٿا چئي سگهون. اهڙي طرح سان اهو هڪ خاص پروگرام مطابق زندگيءَ کي جياري وٺندو آهي.

هن آيت سڳوريءَ ۾ الله رب العالمين انهيءَ ڳالھ تي زور ڏنو آهي ته هُن ئي زمين کي اها خاصيت عطا ڪئي آهي. زمين جي رڳو هڪڙي خاصيت جي ڪري داڻي جي واڌ ويجھ ظاهر ڪئي وئي آهي.

اصل ۾ زمين جي اها خاصيت قيامت جي ڏينهن ڏانهن به ڌيان ڇڪائي ٿي ۽ اهو به رياضياتي انداز ۾ ته هن آيت ڪريمہ جون رمزون ٻيهر ظاهر ٿينديون ۽ مردا اوچتو جيئرا ٿي پوندا.

هن آيت جي ذريعي آدم جي مٽيءَ مان پيدائش به ٻن طريقن سان ظاهر ٿئي ٿي. جيئن ته هرڪو ڄاڻي ٿو ته حضرت آدمؑ کي مٽيءَ جي گپ واري حالت مان پيدا ڪيو ويو هو. هن آيت جو انهيءَ موضوع جي حوالي سان مطالعو اڳتي هلي ايندو، في الحال جيڪا اهم ڳالھ آهي سا هيءَ ته الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سان مٽي کي زندگيءَ جي خاصيت عطا فرمائي. آيت جي ٻن حصن مان بلڪل ظاهر ٿي وڃي ٿو ته الله تعاليٰ مٽيءَ کي زندگيءَ سان گڏوگڏ اها توانائي به عطا ڪئي، جنهن جي مدد سان وڌيڪ زندگيون وجود ۾ اچن ٿيون ۽ وڌن ويجھن ٿيون، جنهن جو مثال ان جي

نڪرڻ جو راز آهي.

سورت يٰسين جي آيت نمبر 32 ۾ جهڙي طرح سيني ماڻهن جو قيامت جي ڏينهن ٻيهر پيدا ٿيڻ بابت ٻڌايو ويو آهي، هيءَ آيت ڪريمہ هڪ طرح سان قيامت جي ڏينهن ٻيهر پيدا ٿيڻ واري راز جو سلسلو، مٽيءَ مان زندگيءَ کي جيئرو ڪرڻ واري راز سان ملائي ٿي.

جديد دؤر ۾ اسان زميني حياتيات (Biology) جي باري ۾ گهڻو ڪجھ سکيو آهي. مان هن ڄاڻ جو هڪ تت قيامت جي نسبت سان پيش ڪريان ٿو. جيئن تہ پهريان بيان ٿي چڪو آهي تہ مٽيءَ ۾ اهي سڀئي خاصيتون موجود آهن، جيڪي هڪ ٻج جي ذريعي هڪ جسميو ٺاهڻ جي لاءِ ضروري آهن. يعني مٽي هڪ زرخيز ٿيل جسميي کي اهڙي طرح زندگي ڏئي ٿي، جيئن ماءُ جي ڳڀيرڻ ۾ زرخيز بيضو زندگي حاصل ڪري ٿو. هڪ زرخيز ٿيل آنو (Fertilized Egg) ۽ ٻج هڪٻئي سان ايتري تہ هڪجهڙائي رکن ٿا جو اهي ٻئي جيني ڪوڊ (Genetic Code) وارا ٿيندا آهن ۽ نئين سري سان پيدائش جي لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. جيني ڪوڊ، زندگي ۽ خاصيت جو اهو راز هوندو آهي، جيڪو پيدا ٿيڻ واري جسميي ۾ داخل ٿيڻ هوندو آهي. اهو جيني ڪوڊ مقدار ۾ هڪ سينٽي ميٽر جي ڏهين حصي جيترو ٿيندو آهي. انهيءَ لاءِ جيڪڏهن حيرت ۾ وجهڻ جي لاءِ انهن سڀني انسانن، جيڪي هن وقت تائين جيئرا رهي چڪا آهن، انهن سڀني جا جيني ڪوڊ گڏ ڪيا وڃن تہ اهي پاڻي پيئڻ واري هڪڙي گلاس کي بہ ڀري نہ سگهندا.

انهيءَ ڳالھ ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ نہ هئڻ گهرجي تہ جيڪڏهن الله رب العزت گهري تہ اهو انساني ٻج کي مٽيءَ ۾ بہ تيار ڪري سگهي پيو. بيشڪ، الله هن آيت ۾ ارشاد ڪيو آهي تہ: ”انهن جي لاءِ بي جان زمين بہ هڪ نشاني آهي. اسان انهيءَ کي زندگي بخشي ۽ اناج ڪڍيو،“ هڪ سائنسي قانون بيان ڪري ٿو. اها آيت صاف ظاهر ڪري ٿي تہ ڪهڙي طرح قيامت ۾ ٻيهر پيدائش جو عمل، علم حياتيات جي استدلال سان هڪجهڙائي رکي ٿو.

آيت سڳوريءَ ۾ بيان ڪيل حقيقتن ۽ سائنسي نتيجن جو تت هيءُ آهي تہ:

1. مئل زمين ۾ زندگيءَ جي واڌ ويجھ ڪو معمولي واقعو نہ پر هڪ انتهائي عاليشان معجزو آهي. واقعن جي اها ترتيب جنهن کي اسان زندگيءَ جو نالو ڏيون ٿا، مٽيءَ ۾ زندگيءَ جي راز مان ظاهر آهي.

2. قيامت بہ ٻيهر جيئرو ٿيڻ واري راز سان ويجهڙائيءَ کان لاڳاپيل آهي. قيامت جي باري ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ شبهو رکندڙ ماڻهو جيڪڏهن زمين ۾ الله تعاليٰ جي طرف کان رکيل نئين سر زنده ٿيڻ ۽ انساني حياتيءَ جي رمزن تي ويچار ڪري ڏسي تہ ان کي خبر پئجي ويندي تہ سندس شڪ شبها بي بنياد آهن.



3. زندگيءَ جو وجود سڀ کان پهريان بنيادي طور پهريان کان ترتيب ڏنل رياضياتي پروگرام آهي. قديم ۽ ترقي يافتہ جاندارن جو فرق پنهنجي مرضيءَ ۽ ظالماڻين دعوائن تي آڌاريل آهي. هر جاندار هڪ مڪمل پروگرام جي نمائندگي ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ئي زندگيءَ جي ارتقا جي باري ۾ نظريو بنيادي اصولن جي لحاظ کان رڳو هڪ شڪ شبهو ۽ ڏوڪو آهي.♣

♣انساني زندگيءَ جي ارتقا جي نظريي (Theory of Evolution) جي غلط هئڻ تي مختلف وقتن تي شهادتون ملنديون رهيون آهن. اڄ جي سائنس جي مدد سان اهو نظريو پنهنجي بنيادن سوڌو لڏي ويو آهي. مثال طور قديم جرمني ۾ نيندر ٿل (Neander Thal) جيڪو موجوده انسان جي اڏ انساني آبادي جو وڏو ابو ڏاڏو سمجهيو ويجي ٿو، جي باري ۾ 62 هزار سال اڳ جي ڄاڻ حاصل ٿي آهي. ان موجب ذهني ۽ جسماني طور ان وقت ۽ موجوده دؤر جي انسان ۾ ڪوبہ بنيادي فرق نہ مليو اهي. اجا بہ عراق جي شنيدر غار مان مليل انساني پڃرن مان خبر پئي آهي تہ قديم زماني جو انسان همدردي ۽ سماجي معاشري تي مشتمل هو. مثال طور هڪ اهڙي انسان جو پڃرو مليو آهي، جيڪو جسماني طور اپاهج هو. ان جو هڪڙو پير نہ هو ۽ ٻانهن بہ ساڻي هئي. ان جي باوجود بہ هو ٽن سالن جي ڄمار کي پهتو. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ ايتري وقت تائين انهيءَ معاشري ان جي سار سنڀال پئي ڪئي. انهيءَ زماني جي انسان جو دماغ بہ اڄ جي انسان جي دماغ کان ڪجھ وڏو هو، اها ٻي ڳالھ آهي تہ هن انهيءَ کان ڪم گهٽ ورتو هو. اها تحقيق هارورڊ يونيورسٽيءَ جي دماغي بناوت جي ماهر ٽيرنس ڊيڪن (Terrence Deacon) ڪئي آهي. اهڙي طرح موجوده اسرائيل ۾ نزرٿ (Nazareth) جي ويجهو، قغزه جي غارن مان بہ قديم انسان جي باري ۾ معلومات حاصل ٿي آهي. انهيءَ موجب پڻ ارتقا جو نظريو غطل ثابت ٿيو آهي. فرانسيسي يونيورسٽي بورڊ (Bordeauzx) جي علم الانسان جي ماهر برنارڊويندبر ميش (Bernard Vandermeerch) چواڻي: قديم انسان بہ وڏو ترقي يافتہ هو. هو غارن ۾ پٿرن جا هٿيار ناهڻ جا ڪارخانا هلائيندو هو. پنهنجي جسم ۽ لباس تي مختلف قسم جا رنگ استعمال ڪندو هو. پنهنجي مري ويلن کي دفن ڪندو هو ۽ پنهنجي اپاهج ماڻهن جي سار سنڀال لهندو هو. مائونٽ سينائي ميڊيڪل سينٽر جي ڊاڪٽر جيفري ليٽ مين (Laitman) جو چوڻ آهي تہ قديم انسان جي باري ۾ ويهين صديءَ جي شروع ۾ اهو نظريو تہ هو موڳو ۽ وحشي هو.

شيرون بگلي (Sharon Begley) ۽ فيونا گليزز (Fiona Gleizes) جي چوڻ موجب وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي تہ جيئن قديم انسان جي باري ۾ صحيح نظريو قائم ڪري سگهجي، نہ تہ جيئن پوگو (Pogo) چيو هو تہ اسان نيندر ٿل يعني انسان جي سڀ کان قديم شڪل سان مليا آهيون ۽ اهي ”اسان“ ئي آهيون. اهڙي طرح قرآن جو نظريو وري وري ثابت ٿئي، جڏهن تہ ڊارون ۽ ٻيا بي دين انسان وري وري غلط ثابت ٿي رهيا آهن. (مترجم)

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 11

# وضو سٺي صحت لاءِ بهترين نسخو آهي

اِذَا قُمۡتُمۡ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغۡسِلُوۡا وُجُوۡهَكُمۡ وَ اَيۡدِيَكُمۡ اِلَى الۡمَرَافِقِ وَ امۡسَحُوۡا بِرُءُوۡسِكُمۡ وَاَرۡجُلَكُمۡ اِلَى الۡكَعۡبَيۡنِ ؕ وَاِنۡ كُنۡتُمۡ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوۡا ؕ (المائدة: ٦)

”اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ اٿو تہ پنهنجي منهن ۽ پنهنجي هٿن کي ٺونٺين تائين ڌوئو ۽ پنهنجي مٿن تي مڪ ڪريو ۽ پنهنجا پير پيڏين تائين ڌوئو. ۽ جيڪڏهن توهان مٿي ميرا هجي تہ پوءِ سڄو بدن پاڪ ڪريو.“

قرآن جي ڪيترين ئي حيرت ۾ وجهندڙ حقيقتن مان هتي هڪ عظيم طبي نسخو بيان ڪيو پيو وڃي. هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جڏهن غير مسلم بہ انهيءَ پاڪائي يا وضوءَ جو نقل ڪندا جنهن جون برڪتون، اسان گذريل چوڏهن صدين کان حاصل ڪري رهيا آهيون.

قرآن جي هن آيت جي فائدي يعني جسماني پاڪائي جي برڪتن جي ڄاڻ بہ ويجهي ماضيءَ ۾ ئي حاصل ٿي آهي. اهڙا معاشرا جيڪي پنهنجو پاڻ کي تهذيب يافتہ سڏائن ٿا، انهن بہ رڳو گذريل سترهن سالن کان منهن ۽ جسم کي ڌوئڻ شروع ڪيو آهي. اسان انهن جي مقابلي ۾ انهيءَ نعمت مان چوڏهن سؤ صديون اڳ ئي فائدو ماڻڻ سگهي ورتو هو. انهيءَ سلسلي ۾ سائنسي حقيقتن تي علم حياتيات جي ماهرن گذريل ويهن سالن ۾ ڪيتريون ئي ڪوجنائون ڪيون آهن. اچو ڏسون تہ پاڪائي ۽ وضوءَ سان ڪهڙي طرح انساني صحت کي فائدو پهچي ٿو.

وضو جا ٽي اهم فائدا آهن:

## الف – رت وارين شريانين جي ڪم تي وضوءَ جا اثر

رت جي شريانين جي ڪم وارو نظام ٻن وڏن حياتياتي اصولن تي قائم



آهي. پهريون اصول دل جو اهو ڪم آهي، جنهن سان رت کي خلياتي ريشن، يا ان کان بہ اڳتي، خاص طرح سان هر جيو گهرڙي تائين پهچائڻ آهي. ٻيو اصول جسم ۾ استعمال ٿيل رت کي دل تائين واپس پهچائڻ آهي. جيڪڏهن هڪ فعو بہ رت جو اهو ٻہ طرفو چڪر بگڙي وڃي تہ ڊائسٽالڪ (Diastolic) رت جو دٻاءُ وڌي ويندو آهي. ڊائسٽالڪ دل جي ڌڙڪڻ جو اهو عمل آهي، جنهن سان دل جو ماس چڪ کان پوءِ ڍلو ٿي ويندو آهي، جنهن جي ڪري دل ۾ شريانين مان واپس ايندڙ رت ٻيهر ڀرجي ويندو آهي. رت جي انهيءَ دٻاءَ جي وڌڻ سان ڪراڙپ جي عمل ۾ تيزي اچي ويندي آهي، اهڙي طرح ماڻهو موت کي ويجهو ٿي وڃي ٿو.

انهيءَ ٻہ طرفي رت جي چڪر جو سڀ کان اهم پاسو ڪهڙو آهي؟

انهيءَ سوال جو جواب ڪيترائي سال اڳ ملي چڪو آهي. اهو انهن رڳن يا شريانين جو صحتمند عمل آهي، جنهن سان رت کي دل کان شاهہ رڳ تائين پهچايو ويندو آهي ۽ پوءِ وار کان بہ وڌيڪ سنهين نالين ۽ شريانين مان رت کي ٻيهر دل تائين پهچايو ويندو آهي. رت جون سنهيون ناليون يا نسون انهن لچڪدار ٽيوبن سان هڪجهڙائي رکن ٿيون جيڪي دل مان نڪري سموري بدن ۾ پکڙجي وڃن ٿيون. جيئن جيئن انهن جو فاصلو وڌي ٿو، تيئن تيئن انهن جون شاخون سنهيون ٿي وڃن ٿيون. جيڪڏهن اهي ٽيوب رڳو هڪڙو دفعو ئي سخت ٿي پنهنجي لچڪ گهٽائي ڇڏين تہ دل تي دٻاءُ وڌي ويندو آهي. انهيءَ کي طبي علم جي اصطلاح ۾ (Arteriosclerosis) يا شريانين جو سخت ٿي وڃڻ چيو ويندو آهي.

اسان جي زندگي جا مختلف پاسا، انهن شريانين جي سخت غير لچڪدار ۽ سسي وڃڻ جي ڪري ٿيندا آهن. طب جي علم ۾ اهو مضمون جيڪو تيزيءَ سان ٿيندڙ ڪراڙپ ۽ ڪمزوريءَ جو بنياد آهي، هڪ جدا ۽ تحقيق طلب شعبو آهي. غير مناسب غذا ۽ اعصابي رد عمل رت جي شريانين ۽ سنهين رڳن تي انتهائي نقصان ڪار طريقي سان اثر ڪندو آهي. جيڪڏهن رت جو رڳن جي سخت ٿيڻ واري عمل جو غور سان مطالعو ڪيو وڃي تہ ڇا ڪو اهڙو عملي طريقو اختيار ڪري سگهجي ٿو، جنهن سان انهيءَ زوال يا ڪوٺ کي روڪي يا گهٽائي سگهجي؟

رت جي نالين جو سخت، غير لچڪدار يا سسي وڃڻ ڪو اوچتو عمل نہ هوندو آهي، پر اهو سلسلو هڪ ڊگهي مدت تي ٻڌل هوندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اهي ناليون جيڪي دل کان پري هونديون آهن، جهڙوڪ دماغ، هٿن ۽ پيرن جون ناليون، وڌيڪ اثر وٺنديون آهن. غير لچڪدار ٿي وڃڻ ۽ سسڻ جو عمل ٿورڙي رفتار کان شروع ٿيندو آهي جيڪو وقت گذرڻ سان تيزي سان وڌندو ويندو آهي.

پر اسان جي روزاني جي زندگي ۾ هڪ خاص شيءِ آهي جيڪا هڪ طرح سان رت جي نالين کي متبادل طريقي سان ڦهلجڻ ۽ سسڻ واري عمل جي ذريعي

ورزش مهيا ڪري ٿي. اها خاص شيءِ آهي پاڻي. پاڻي جيڪو گرمي پد گهٽ وڌ ڪندو آهي، گرم پاڻي رت جي نالين کي، جيڪي دل کان ڪجهه وٿيءَ تي هونديون آهن، کولي يا ويڪرو (Dilate) ڪري لچڪ ۽ طاقت مهيا ڪندو آهي. اهڙي طرح ٿڌو پاڻي انهن کي سسڻ جي عمل مان گذاري ٿو. اهڙي طرح ورزش جو اهو عمل انهن غذائي شين جي، جيڪي نسن ۾ رت جي سست رفتار چڪر جي ڪري جمي وينديون آهن، ٻيهر رت جي دؤري ۾ شامل ڪري ڇڏيندو آهي. اهو سڀ ڪجهه گرمي پد ۾ تبديليءَ جي ڪري ئي ممڪن ٿيندو آهي. انهن سائنسي ۽ طبي حقيقتن کي ڄاڻڻ کان پوءِ هاڻي اهو ممڪن بڻجي ويو آهي ته آيت سڄيءَ ۾ ڏنل انهيءَ نصيحت کي چڱيءَ طرح سان سمجهي سگهجي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته وضوءَ ۾ هٿن پيرن ۽ منهن کي ڌوتو وڃي. ڇا اهو پنهنجو پاڻ ئي هڪ معجزو نه آهي؟ خاص ڪري ڇا آيت سڄيءَ جي ٻئي حصي کي راز سمجهڻ ناممڪن آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ”الله توهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪري؟“

الله تعاليٰ اسان کي رت جي دوري جهڙو املهه انعام عطا ڪيو آهي. اُن جو ارشاد آهي ته اسان وضوءَ جو عمل ڪريون ته جيئن اسان تي الله تعاليٰ جي نعمت ايئن هجي جو رت جو دؤرو اهڙي طرح متناسب طريقي سان قائم رهي جو اسان مڪمل طور تي صحتمند رهون.

پيارا پڙهندڙؤ! وضوءَ جي اڻ ڳڻين برڪتن مان هي رڳو هڪڙو تحفو آهي. اهو ناممڪن آهي ته انهيءَ حقيقت کي نظرانداز ڪيو وڃي ته وضوءَ جو عمل جسماني ۽ ذهني ڪمزوري ۽ ڏبرائپ کي گهٽائي ٿو، جيڪا دماغ ۾ رت جي نسن جي سخت ۽ غير لچڪدار ٿيڻ جي ڪري ٿيندي آهي. وضو جون برڪتون سڀ کان وڌيڪ انهيءَ ماڻهوءَ جي صحت تي نظر وجهڻ سان محسوس ٿينديون جيڪو ننڍپڻ کان ئي انهيءَ جو عادي آهي.

## ب — وضوءَ جو وچڙندڙ بيمارين کان محفوظ رکڻ واري نظام تي اثر

لمفي (Lymphatic) دؤري تي وضوءَ جو اثر

رت جڏهن دؤرو ڪائيندو آهي ته انهيءَ ۾ ڳاڙهن جزن (Red Blood Cells) سان گڏوگڏ اڇا جزا (Leucocytes) به هوندا آهن. اڇن جزن کي دؤري ۾ رکڻ وارو نظام (Vessels) انهيءَ نظام کان ڌهوڻ تي سنهو (Thinner) هوندو آهي، جيڪو ڳاڙهن جزن کي دؤري ۾ رکندو آهي. انهيءَ بي رنگ مادي کي اسان ڪنهن ننڍڙي ڦٽ يا رهڙ جي ڪنارن کان ڳڙندي ڏسي سگهون ٿا. هاڻي اها گردش جسم جي سيني جاين کي محفوظ رکڻ واري نظم هيٺ، پنهنجي جاءِ تي قائم رکي ٿي. هڪ جراثيم هڪ اڻ ڄاتل شيءِ يا ڪينسر جو جيو گهرڙو، جنهن جو سبب



معلوم نه هجي، جڏهن جسم تي حملو ڪندو آهي ته جسم جو مدافعتي نظام، جيڪو رت جي دؤري ۾ شامل هوندو آهي، انهيءَ کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. جسم ۾ ڪينسر جهڙي موذي مرض جي ظاهر ٿيڻ جو دارومدار انهيءَ محفوظ رکڻ واري نظام جي خرابي تي هوندو آهي.

اهو دؤري ۾ رکڻ وارو نظام (Vessels) ڪيئن ڦهلبو ۽ سسندو آهي؟ انهيءَ جي باري ۾ اڃا تائين پوري طرح معلوم نه ٿي سگهيو آهي. پر پوءِ به ايترو معلوم ٿي چڪو آهي ته ٿڌ انهيءَ نظام تي اثرانداز ضرور ٿيندي آهي. عام نزلي ۽ زڪام دوران ڪنهن موذي مرض جو لڳي وڃڻ اهو ظاهر ڪري ٿو ته سسڻ جي ڪري مدافعتي مادو مناسب مقدار ۾ انهيءَ جاءِ تائين نه پهچي سگهيو، جتي جسم تي نقصان پهچائڻ وارو جراثيم يا جيو گهرڙي حملو ڪيو آهي.

جسم جي مدافعتي نظام جي دؤري جو سلسلو عام طور تي وضوءَ جي ذريعي اپارڻ واري عمل سان جڙيل آهي. جسم جي مدافعتي نظام کي، جيڪو بيمارين جي خلاف هڪ ڍال وارو ڪم ڪري ٿو، وضوءَ سان سگهه ملندي آهي. اهڙي طرح آيت جي آخري حصي ۾ جنهن نعمت جو ذڪر ڪيو ويو آهي سو پوريءَ طرح ظاهر ٿي وڃي ٿو.

هِن موقعي تي اهو اعتراض به ڪري سگهجي ٿو ته جيڪڏهن رت ۾ حفاظت ڪرڻ وارو (Lymphatic) نظام وضوءَ سان سگهه حاصل ڪري ٿو، ته اهو هڪ اتفاقي ۽ بنا ڪنهن خاص ارادي جو نتيجو آهي. پر آيت ڪريمه وضوءَ جي لاءِ صاف ۽ سڌي سنئين حڪم جي ذريعي انهيءَ خيال کي غلط ثابت ڪري رهي آهي. مان اعتماد سان چوان ٿو ته جهڙي طرح وضو ڪيو ويندو آهي، انهيءَ جو مقصد جسم جي مدافعتي نظام کي سگهارو ڪرڻ آهي. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته:

1. جسم کي تحفظ ڏيڻ واري لمفي (Lymphatic) نظام جي صحيح طور عمل پيرا ٿيڻ جي لاءِ ضروري آهي ته جسم جي ڪنهن ننڍڙي حصي کي به نظرانداز نه ڪيو وڃي. وضو انهيءَ ڳالهه جي ضمانت ڏئي ٿو.

2. جسم ۾ مدافعتي نظام کي چورڻ جي لاءِ مرڪزي جاءِ نڪ جي پويان ۽ نڙ ۾ هوندي آهي. وضوءَ ۾ انهن جاين جو ڌوئڻ خاص طرح سان شامل هوندو آهي.

3. ڪنڌ جي ٻنهي پاسن کان وضو جي ذريعي چرپر پيدا ڪرڻ، مدافعت واري لمفي (Lymphatic) نظام کي ڪم آڻڻ ۾ انتهائي اهم آهي.

مٿي ڏنل حقيقتن جي ڪري ڪو به اهو نٽو چئي سگهي ته وضوءَ جو مقصد انساني جسم جي حفاظتي نظام کي سگهارو ڪرڻ نه آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هڪڙي مثال جي مدد سان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ته ڪيئن وضو ڪرڻ جو عمل انساني جسم جي مدافعتي نظام کي انتهائي مضبوط بڻائي ٿو ۽ اهڙي طرح الله

پنهنجي مهربانيءَ جي مڪمل ثبوت جو اظهار ڪري ٿو.

انساني جسم جا سڀ کان سگهارا ۽ ويڙهاڪ جيو گهرڙا جن کي لمفي (Lymphocytes) چون ٿا، جسم جي پراهين جاين تي پهچن ٿا ۽ سخت حياتياتي سختين مان گذري جسم جي هر جاءِ تي هڪ ڏينهن ۾ ڏهه دفعا چڪر ڏين ٿا. انهيءَ دوران جيڪڏهن انهن جي ويڙهه ڪنهن جراثيم يا ڪينسر وغيره جهڙي موذي جيو گهرڙي سان ٿئي ٿي ته اهي ان کي يڪدم تباهه ڪري ڇڏين ٿا. ڇا اها الله تعاليٰ جي طرفان انتهائي اعليٰ درجي جي نعمت نه آهي؟

جيڪڏهن ڪنهن وقت رت جي دؤري ۾ ڪنهن قسم جو ڪو نقص پيدا ٿي پوي ٿو ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي وضوءَ جي عادت جي ذريعي ان کي ختم ڪري سگهو ٿا ته ڇا اهو قدرت جي عظيم مهربانيءَ جي تڪميل ڪانسواءِ ٻي ڪا شيءِ ٿي سگهي ٿي؟

## ٻ – وضوءِ جسم جي بيٺل بجلي (Static Electricty)

جسم ۾ بيٺل بجلي جو هڪ توازن موجود هوندو آهي ۽ هڪ صحتمند جسم جي ڪم ڪار (Physiology) جو انهيءَ بجلي واري توازن سان گهاٽو لاڳاپو آهي.

فضائي حالتون ۽ پلاسٽڪ مان ٺهيل پوشاڪون ۽ ضرورت جون شيون، جيڪي اڄڪلهه هڪ تمام وڏو مسئلو آهن، انهيءَ توازن کي خراب نموني سان متاثر ڪن ٿيون. تڪليف ڏيندڙ بيماريون، چمڙي جون بيماريون ۽ منهن جا گهنج انهيءَ جون چٽيون خاصيتون آهن. اسان مان ڪيترائي ماڻهو هاڻي انهيءَ بجليءَ جي باري ۾ ڄاڻن لڳا آهن. انهيءَ جو اثر خاص ڪري ان وقت ٿيندو آهي جڏهن اسان پنهنجي موٽر ڪار مان ٻاهر نڪري رهيا هوندا آهيون يا جڏهن ڪنهن پلاسٽڪ جي ڪار ۾ ويٺا هجون. طوفاني موسم جو به اهڙي ئي قسم جو اثر هوندو آهي. اڪوپنڪچر (Acpuncture) جنهن کي سئين سان علاج پڻ سڏيو ويندو آهي ۽ رڳن جي مڇن جي علاج سان انهيءَ بجلي جي توازن ۾ ڪوٺ جو علاج ڪيو ويندو آهي اسان انهيءَ قسم جي تڪليف ڏيندڙ علاج کان بچي سگهون ٿا جيڪڏهن اسان ڏينهن ۾ پنج دفعا وضو ڪريون.

بيٺل بجلي جي مسئلن مان ڪيترن ئي قسم جون نفسياتي (Psychosomatic) بيماريون به پيدا ٿينديون آهن. انهن جي باري ۾ آءٌ تفصيل ۾ وڃڻ نٿو گهران. مان رڳو خوبصورتي جي باري ۾ ڳالهائيندس ڇاڪاڻ ته اڄڪلهه فيشن به اهم موضوع بڻجي چڪو آهي.

بيٺل بجلي جو سڀ کان وڌيڪ نقصانڪار اثر کل جي اندران ويجهڙائي کان



ماس تي اهڙي تسلسل سان پوندو آهي جو آخرڪار اهو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو وقت کان اڳ ئي گهنج پوڻ شروع ٿي ويندا آهن جن جي شروعات منهن کان ئي ٿيندي آهي. اهو عمل سموري جسم تي به اثر ڪندو آهي. هن موقعي تي پڙهندڙن انهن ماڻهن جي روشن منهن جو راز سمجهي ورتو هوندو، جيڪي سموري زندگي وضو ڪرڻ جا عادي رهيا آهن. جيڪو به ماڻهو پاڻ ۾ وضوءَ جي عادت وجهي ٿو، سو پڪ سان صحت مند ۽ وڌيڪ خوبصورت ڪَل وارو هوندو.

اسان جي زماني ۾ اهو هڪ معجزو ئي آهي جو انهيءَ خوبصورتي جي لاءِ ڪروڙين رپين جا خرچ ڪيا پيا وڃن پر انهيءَ ڪان ڏهوڻ تي وڌيڪ خرچ به وضو جي برڪتن جو مقابلو نٿو ڪري سگهي.

هڪ ٻيو سوال، ڇا وضوءَ جي متبادل يعني تيمم جو به بيٺل بجلي سان ڪو تعلق آهي؟

هائو! بلڪل تعلق آهي. آيت سڳوريءَ جو اهو حصو جيڪو وضو جي متبادل جي باري ۾ آهي، انهيءَ حقيقت کي چٽو ڪري ٿو ته بيٺل بجلي جي خلاف الله تعاليٰ جي نعمت بلڪل پوري آهي. انهيءَ ڪري وضو جو متبادل به بيٺل بجلي کي گهٽي ياگَي گهٽائي ڇڏي ٿو.

هن جاءِ تي اسان قرآني معجزي جي هڪ ٻئي رخ کي به ڏسون ٿا. ڇو ته وضو جي متبادل جي اهميت کي صدين تائين نه پيو ڄاڻي سگهجي ۽ نه ئي ڪير اهو ٻڌائي سگهيو هو ته اهو اصل وضوءِ جي جاءِ ڪهڙي طرح والاري سگهي پيو؟

جيئن ته آيت مبارڪ ڪليل طرح سان بيان ڪري ڇڏيو ته وضوءَ جو پاڪائي ۽ صفائي وارو عمل پنهنجو پاڻ ئي علم طب جو هڪ شاهڪار آهي. پڪ سان اسان جي وقت ۾ ڪو ماڻهو اهو چئي سگهي ٿو ته مان ته اڳي ئي پنهنجو منهن ۽ هٿ ڌوئيندو رهيو آهيان. پر اسان کي اهو به وسارڻ نه گهرجي ته انهيءَ عادت جي عمر ته رڳو ستر سال ئي آهي. انهن قومن ۾ به جيڪي پنهنجو پاڻ کي دنيا جون سڀ کان وڌيڪ مهذب قومون سمجهن ٿا، انهيءَ کان سواءِ اها صفائي جيڪا رڳو هڪ تاڪيد تي ٻڌل هجي، اها ڪڏهن به اهڙي طرح لڳاتار ۽ باقاعدي نٿي ٿي سگهي، جيڪا عبادت جي اصل نظم و ضبط سان حاصل ٿيندي آهي.

اها فطري ڳالهه آهي ته وضوءَ جون برڪتون ۽ فائدا رڳو طبي حقيقتن تي ئي ختم ٿي ويندا آهن. اسان جو هي ڪتاب رڳو سائنسي تشريحن تائين محدود آهي، جڏهن ته انهيءَ جا بي حساب روحاني فائدا اڃا به وڌيڪ آهن.

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 12

# حمل (ڳيڀڻ) جي باري ۾ دلچسپ حقيقتون

اِلَيۡهِ يُرَدُّ عِلۡمُ السَّاعَةِ ؕ وَ مَا تَخۡرُجُ مِنۡ ثَمَرٰتٍ مِّنۡ اَكۡمَامِهَا وَ مَا تَحۡمِلُ مِنۡ اُنۡثٰى وَ لَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلۡمِهٖ ؕ وَ يَوۡمَ يُنَادِيۡهِمۡ اَيۡنَ شُرَكَآءِىۡ ۙ قَالُوۡۤا اٰذَنّٰكَ ۙ مَا مِنَّا مِنۡ شَهِيۡدٍ ﴿٤٧﴾ (حٰمٓ السجدة ٤٧)

”انهي (الله) ڏانهن موٽائي ويندي آهي انهيءَ وقت جي ڄاڻ. ۽ نٿو نڪري ڪو ميوو پنهنجي ڳپين مان ۽ نٿي ڍڪي ٿئي ڪا مادي ۽ نٿي ڦر ڄڻي انهيءَ جي ڄاڻ ڪانسواءِ. ۽ جنهن ڏينهن الله انهن کي سڏيندو ته ڪٿي آهن منهنجا ڀائيوار؟ اهي چوندا اسان عرض ڪريون ٿا (پڪ ڏياريون ٿا ته) اسان مان ڪوبه (انهيءَ باري ۾) شاهدي نه ڏيندو.“

اسان ڪوشش ڪنداسين ته هن آيت جي وچين حصي جي حيرت ۾ وجهندڙ سائنسي تشريح بيان ڪري سگهون.

”انهيءَ جي ڄاڻ ڪانسواءِ ڪوبه ميوو پنهنجي ڳپ مان نٿو نڪري ۽ نه ڪا مادي ڍڪي ٿئي ٿي ۽ نه ڦر ڄڻي ٿي.“

گذريل آيتن وانگر اسان کي هن آيت جي غير معمولي سببن جي به نشاندهي ڪرڻ گهرجي. ڇو ته ڪائنات ۾ هر واقعي جو بنياد ۽ سبب الله تعاليٰ جي اڪيلي ذات پاڪ ۽ ان جي مرضي هوندي آهي. ته پوءِ اسان جي پالڻهار خاص طور انهن ٽن حياتياتي عجوبن جو ذڪر ڇو ڪيو آهي؟ ۽ اهو ته انهن جو ظاهر ٿيڻ رڳو قادر مطلق جي خاص مرضيءَ سان ئي ڇو ٿو ٿئي؟ انهيءَ راز کي سمجهڻ جي لاءِ اهو ئي ڪافي ٿيندو ته انهن واقعن جي حياتياتي پاسن جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪريون.

اچو ته سڀ کان پهريان حمل (پيٽ) ٿي وڃڻ واري عجوبي جي باري ۾ تفصيلي تحقيق ڪريون، جيڪو ظاهر آهي ته هڪ ماديءَ جو پيٽ سان ٿيڻ آهي.



ڪي ٿورڙا سال اڳ تائين پيٽ ٿيڻ واري عجوبي کي علم حياتيات جو هڪ عام دنياوي واقعو سمجهيو ويندو هو، جنهن ۾ پيءُ ۽ ماءُ جي طرفان جين يا ورثي وارا جراثيم هڪ جيترا ڀائيوار ڄاڻايا ويندا هئا. جيئن جيئن سائنسي علم ترقي ڪئي ته اهو ظاهر ٿي پيو ته پيٽ ٿيڻ وارو عمل هڪ انتهائي پيچيده عمل آهي.

هڪ ماديءَ ۾ ٻج (بيضي) جو جيو گهرڙو هڪڙو ايڪو آهي جيڪو پنهنجي انهن سٺ هزار (60000) حياتياتي خاصيتن جو اڌ رکندو آهي جيڪي هڪ انسان ۾ هونديون آهن. جيتوڻيڪ انهن جيو گهرڙن جي خاص قسم جي ڀيچ ڊاهه کي ميوسس (Meiosis) چوندا آهن، پر ماديءَ جو ٻج (Ovum) بنا ڪنهن ترتيب جي پنهنجي اندر انهن سٺ هزار خاصيتن جو اڌ رکندو آهي. اهي وڏيڪ ٽيويهه (23) چرندڙ جسمن (Choromosomes) تي سوار هوندا آهن ۽ مردن ۾ ڇائيتاليهن (46) جي تعداد ۾ هوندا آهن. مان انهيءَ غيرمعمولي واقعي کي هڪ مثال جي مدد سان ٻڌائڻ گهران ٿو.

فرض ڪريو ته هڪ انسان جي نمائندگي انهيءَ جيني ڪوڊ (Genetic Code) سان ڳنڍيل آهي جيڪو سٺ هزار جي تعداد مان هڪ کان وٺي سٺ هزار جي ترتيب سان ماءُ جي جيو گهرڙن ۾ موجود آهي پر ماءُ جا ڪارڊ هڪ کان وٺي ٽيهن هزارن تائين هڪ خاص ترتيب ۾ نه آهن. سٺ هزار ڪارڊن جي تعداد مان ماءُ جي ٻج (Ovum) ۾ ٽيهه هزار ڪارڊ بنا ڪنهن ترتيب جي موجود آهن. مثال طور اهي ٽيهه هزار هن ترتيب سان موجود آهن: 1-2-3-8-165-4340-11840-24114-38111-47617-57514.... وغيره، اهي ماءُ جي ٻج ۾ ٿي سگهن ٿا. ماءُ جي مهانڊي پيدا ٿيڻ واري ٻار جون خاصيتون به پنهنجي مرضيءَ جون هونديون. ان جو اڪيون به بلڪل هڪجهڙيون هجن، اهو ضروري نه آهي، جڏهن ته ان جا پرون متناسب ٿي سگهن ٿا. ان جا ننهن به هڪجهڙا هجڻ ضروري نه آهن، جڏهن ته ان جي آڱرين جي بناوت هڪجهڙي ٿي سگهي ٿي.

پر اسان کي هڪ اهم نڪتي کي وسارڻ نه گهرجي. اهو هيءُ ته هڪ نئين پيدائش جي لاءِ ضروري آهي ته انهيءَ جا گم ٿيل ڪارڊ يا فارمولا ملي وڃن. اهي ڪارڊ قدرتي طور پيءُ جي نطفي ڪان آيل هوندا آهن. پيءُ جو نطفو به اهڙي طرح پنهنجي اندر مختلف قسم جا ٽيهه هزار (30000) ڪارڊ يا فارمولا رکندو آهي. فرق رڳو اهو آهي ته نطفي جا پنجويهه ڪروڙ جيو گهرڙا ماءُ جي رڳو هڪ بيضي (Ovum) جي مقابلي ۾ آيل هوندا آهن.

هائو، عزيز پڙهندڙؤ! اها ئي اها جاءِ آهي جتان عقل ڪان مٿاهون واقعو ٿي پوندو آهي. ماءُ جي بيضي کي نطفي جي رڳو هڪڙي متناسب ۽ مڪمل ڪرڻ واري جيو گهرڙي جي چونڊ انهن پنجويهه ڪروڙ جيو گهرڙن مان ڪرڻي هوندي آهي، جن

www.sindhsalamat.com

مان هر هڪ وڏيڪ ٽيهه هزارن جي تعداد ۾ ڪارڊن تي مشتمل هوندو آهي. انهيءَ ڪي اهو عظيم ڪم رڳو هڪ ڪلاڪ جي اندر اندر ڪرڻو هوندو آهي.

انهيءَ موقعي تي زندگيءَ جي انهيءَ عظيم الشان ڳجهارت ڪي صحيح تناظر ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ آءٌ انهيءَ جي تشريح هڪ ٻئي مثال سان ڪرڻ گهران ٿو.

فرض ڪريو ته توهان کي ٽيهه هزار ڪارڊن جو هڪڙو سيٽ ڏنو وڃي ٿو. انهن مان هر هڪ ڪارڊ هڪ کان وٺي سٺ هزار تائين جي ڳٽپ جو هڪ نمبر رکندڙ آهي. اِن کان پوءِ توهان کي پنجويهه ڪروڙ ٿيلهيون ڏنيو وڃن ٿيون. هاڻي توهان انهن مان هڪڙي ئي خاص ۽ صحيح ٿيلهي ڳولي پنهنجو سيٽ مڪمل ڪرڻو آهي.

هاڻي توهان ڇا ڪندؤ؟

فرض ڪريو ته توهان هر هڪ ڪارڊ جي هڪ سيڪنڊ ۾ ڇنڊڇاڻ ڪريو ٿا. اهڙي طرح توهان کي پنجويهه ڪروڙ جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۾ 30000X250000000 سيڪنڊ لڳندا، يعني پورا ٻه مهينا!

پر ماءُ جي بيضي کي نه رڳو انهن سيني نمبرن جي تعداد کي گم ٿيل ڪارڊ جي ڳولا لاءِ جهاڳڻو پوندو آهي پر ان کي انهن سيني خاصيتن مطابق نامياتي مرڪبن يعني امينو ايسڊ (Amino Acid Base) جي بنياد جو به تعين ڪرڻو هوندو آهي ته جيئن اهڙو ماحول پيدا ڪري سگهي، جنهن ۾ پنهنجو پاڻ ۾ ڳانڍاپي وارا پاسا برقرار رهي سگهن. انهيءَ جاءِ تي اسان مونجهاري جي انهيءَ سطح تي پهچي وڃون جو جيڪڏهن توهان ليبارٽرين سان پوري طرح تيار ٿي حياتيات جي هڪ هزار ماهرن کي به انهيءَ ڪم تي لڳائي ڇڏيو، ته اهي جلد ئي ڳيجندڙ بيضي (Ovum) ۽ ان جي اوسي پاسي پنجويهه ڪروڙ نطفن جي جيو گهرڙن جي انبار مان بلڪل صحيح مطابقت رکندڙ جيو گهرڙن جي چونڊ ڪن، ته انهيءَ ڪم لاءِ انهن کي سالن جا سال لڳي ويندا. جڏهن ته ڳيجڻ واري انهيءَ عمل کي رڳو هڪڙي ڪلاڪ جي اندر مڪمل ٿيڻ گهرجي. هتي هڪ اهڙي عظيم ڳجهارت سامهون اچي ٿي، جنهن کي پجڻ ناممڪن آهي پر اها ناممڪن ڳجهارت هڪ ڏينهن ۾ لکين دفعا پڄندي رهي ٿي، يعني هن پوري دنيا ۾ لکين ماديون ڳڀيون ٿينديون رهن ٿيون.

انهيءَ ڊگهي بحث کان پوءِ اسان ڪهڙي نتيجي تي پهچون ٿا؟

اها ڳالهه بلڪل ئي ناممڪن سمجهه ۾ اچي ٿي ته موجوده حياتياتي قانونن جي ڄاڻ موجب اهو ڄاتو وڃي ته ڪهڙي طرح هڪ مادي پنهنجي بيضي اندر پنهنجي گم ٿيل جيني ڪارڊ يا ساٿي جي سڃاڻ ڪري سگهندي جيڪا ڳڀي ٿيڻ جي لاءِ ضروري آهي. ٻين لفظن ۾ جديد ۽ عقلي سائنس ته اسان کي اهو ٻڌائي رهي آهي ته انهيءَ طرح ڪا مادي ڳڀي ته ٿي ئي نٿي سگهي.

آيت ڪريمه نمبر 47، جيڪو اعلان ڪري رهي آهي، انهيءَ موجب چوڏهن



صديون اڳ جيڪا ڄاڻ ڏني پئي وڃي، انهيءَ جو مطلب ڪجهه هن طرح آهي: الله تعاليٰ جو ارشاد ٿي رهيو آهي ته ”اي انسانو! اهو رڳو منهنجي مرضي ۽ منهنجي عطا ڪيل سائنسي علم جي بنياد تي ئي ٿي رهيو آهي جو ماديءَ جو بيضو ڪڏهن به نه سمجهه ۾ ايندڙ راز ۽ ڳجهارت کي پڄي سگهي ٿو.“

هن آيت ڪريمه جي مقابلي ۾ جديد سائنس انهيءَ حقيقت جي رڳو تائيد ڪري سگهي ٿي. رڳو هن هڪڙي آيت جي معاملي ۾ حياتياتي ۽ سائنسي ڄاڻ قرآن جي نقش پاڪ تي هلي سگهي ٿي. قرآن جيڪي راز چوڏهن سؤ سال اڳ بيان ڪري ڇڏيا هئا، انهن جي باري ۾ ڪجهه سوچ ويچار هاڻي اچا هيئنر ئي شروع ٿيو آهي.

تنهن ڪري پيارا پڙهندڙؤ! الله تعاليٰ جو هي معجزو ايترو ته اهم آهي جو انهيءَ جي تناظر ۾ رڳو الله تعاليٰ جي ڪائناتي پالڻهاريءَ جو اظهار نٿو ٿئي، پر انهيءَ سان گڏوگڏ قرآني آيتن جي سائنسي اهميت ۽ نشانيون به ظاهر ٿين ٿيون. ڏُڪي ٿيڻ وارو عجوبو روزمره جي سائنسي ڄاڻ جي لاءِ هڪ عظيم شاهدي آهي. اها هن طرح ته جيڪڏهن اهو فرض ڪيو وڃي ته الله تعاليٰ جو وجود نه آهي ته سائنس اسان کي ٻڌائي ٿي ته ڪابه مادي ڳڀي نٿي ٿي سگهي پر اها حقيقت آهي ته هزارين، اڃا به سمورن جاندارن جو تصور ڪيو وڃي ته ڪروڙين ماديون هر ڏينهن ڳڀيون ٿينديون رهن ٿيون. اهڙي طرح اها حقيقت پڌري ٿي وڃي ٿي ته:

”مان ان ڳالهه جي شاهدي ڏيان ٿو ته الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيو ڪوبه معبود نه آهي.“

وڏيڪ اهو ته جيئن ته قرآن چوڏهن صديون اڳ انهيءَ حقيقت جو سائنسي عجوبي طور، بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي اظهار ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ڪري:

”مان انهيءَ ڳالهه جي به شاهدي ڏيان ٿو ته محمد ﷺ جن الله تعاليٰ جا پيغمبر ۽ رسول آهن.“

هاڻي مان هن آيت ۾ لڪيل ٻئي راز ڏانهن اچان ٿو:

”ڪابه مادي الله جي مرضي کانسواءِ ڳڀي نٿي ٿي سگهي.“

ڳڀي ٿيڻ کانپوءِ پيدائش جي عمل لاءِ بيضي کي هڪڙي ڦر آڻيندڙ بيضي، جنهن کي زائگوٽ (Zygote) چوندا آهن، جي مرحلي مان گذري هڪ ٻچي جي صورت اختيار ڪرڻي پوندي آهي. اهو ڪهڙي قسم جو سائنسي عجوبو آهي؟

ڦر آڻيندڙ بيضو يا زائگوٽ وڏيڪ ٻيج ڊاهه جي هڪ اهڙي مرحلي مان گذرندو آهي، جو ان جا جيو گهرڙا هڪ مان ٻه، ٻن مان چار، چئن مان اٺ، اٺن مان سورهن .... ايتري تائين جو هڪ مڪمل ٻار جيڪو لڳ ڀڳ ٽيهه ارب جيو گهرڙن تي مشتمل هوندو آهي، ٺهي پوندو آهي. ڳالهه اتي ئي ختم نٿي ٿئي، پر انهيءَ ٻيج ڊاهه جي عمل دوران انهن سٺ هزار خاصيتن کي به هڪ مستحڪم صورت ۾ داخل

ٽيڙو هوندو آهي. مثال طور جڏهن جيو گهرڙن جو تعدا 256 تائين پهچندو آهي تہ ان وقت اک جي ماڻڪين جي رنگ، ۽ کن جي ڪُري هڏي جو تعين ٿي ويندو آهي، جتي اهي 256 جيو گهرڙا پنهنجي بيهڪ وٺندا. مثال طور ڄڀ جي ڪَل جون خاصيتون ۽ ٻڪين جو خاصيتون جيو گهرڙي نمبر 221 ۾ گڏوگڏ قائم رهي سگهن ٿيون. جيڪڏهن انهن جي وچ واري مفاصلي ۾ هڪ سينٽي ميٽر جي ڪروڙين حصي جيتري بہ غلطي ٿي ويندي تہ نتيجي ۾ يا تہ انساني ڄڀ وٽان پيشاب وهڻ شروع ٿي ويندو يا وري پيٽ مان ڄڀ نڪري ايندي.

اهو اتفاق تہ بنا ڪنهن غلطيءَ جي اهي خاصيتون هڪ جيو گهرڙي مان ٽيهہ ارب جيو گهرڙن تائين جاميٽري جي تناسب سان گذرنديون، جيڪو هن طرح آهي $6X10^{-32}$. ان کان اڳتي اهو اتفاق تہ هڪ خاص خاصيت (Trait) پنهنجي جاءِ تي، صحيح پاسو ۽ صحيح ترتيب تي قائم هوندي، هن نسبت سان آهي $6X10^{-128}$ جيڪو رياضيءَ جي حساب ۾ ٻڙي جي برابر هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ اها اڻ ٽيٽي ڳالهہ آهي تہ الله تعاليٰ جي حڪم کانسواءِ ڪو پريل بيضو ٻچو بڻجي سگهي. وري ٻچو ڄمڻ وقت ويم جي سور جو حڪم ڪهڙي طرح ملي ٿو؟ ڪهڙي سائنسي ڪاميٽي گگ ٺاهڻ واري (پيچوٽري) گنڍ (غدود) جي لاءِ فيصلو ڪندي آهي تہ ڦر جي جسم جو حياتياتي ڍانچو ڊڪي ٽيڻ جي چاليهن هفتن کان پوءِ مڪمل ٿي چڪو آهي. ڪهڙي تحقيقاتي ليبارٽري ماءُ جي دماغ کي اطلاع موڪلي ٿي تہ ٻار پوري طرح تيار ٿي ويو آهي، تہ جيئن ڄڻڻ جو حڪم ڏئي سگهجي؟

اهو سڀ ڪجهہ خدائي حڪم کانسواءِ ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟

حقيقت ۾ اتفاق سان ٿيڻ وارا واقعا يعني وقت کان اڳ پيدائش ٻار جي بناوٽ ۾ عيب ۽ ڊڪپڻ جي وقت پوري ٿي وڃڻ باوجود بہ ويم جا سور نہ ٿيڻ، قدرت جي طرفان انسان کي چند ڪڏڻ ۽ چينبڻ سان گڏ گڏ ڊڪي ٿيڻ ۽ ٻار جي پيدائش جي حياتياتي معجزي جي يادگيري ڪرائڻ هوندو آهي.



**موضوع نمبر** 13

# پاڻي ۽ زندگيءَ جي سگهہ

اَوَ لَمۡ يَرَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَنَّ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ كَانَتَا رَتۡقًا فَفَتَقۡنٰهُمَا ؕ وَ جَعَلۡنَا مِنَ الۡمَآءِ كُلَّ شَىۡءٍ حَىٍّ ؕ اَفَلَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۳۰﴾ (الانبياء: ٣٠)

”ڇا اهي ماڻهو جن (نبيءَ جي ڳالهہ مڃڻ کان) انڪار ڪري ڇڏيو آهي، غور نٿا ڪن تہ اهي سيئي آسمان ۽ زمين پاڻ ۾ مليل هئا. پوءِ اسان انهن کي جدا ڪيو ۽ پاڻي جي ذريعي هر جيئري شيءِ کي پيدا ڪيو. ڇا اهي (اسان جي انهيءَ پيدائش کي) نٿا مڃن؟“

”(ڇا اهي غور نٿا ڪن تہ) اسان پاڻي مان هر جيئري شيءِ کي پيدا ڪيو؟ ڇا اهي نٿا مڃن؟“ هن حصي ۾ اسان آيت جي آخري حصي جي تشريح ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. آيت جي پهرين حصي جي باري ۾، جيڪو فضا بابت آهي، موضوع نمبر 10 ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

جيئن تہ ظاهر آهي تہ هن آيت کي سمجهڻ جي لاءِ پهريان اسان کي زندگيءَ جي عجوبي جي ڄاڻ هئڻ گهرجي.

هڪ جسميہ (Organisms) جي سڃاڻ ۽ تشريح ويهين صديءَ جي ٻئي اڌ حصي تائين تمام گهڻن مختلف طريقن سان ڪئي پئي وئي آهي. جيمس ڊي واسٽن جي 1950ع ۾ ڊي. اين. اي (DNA) کي ڳولي لهڻ کان پوءِ، جسميہ جي صحيح سڃاڻ ۽ وڌيڪ چٽي تشريح ممڪن ٿي سگهي. چئي سگهجي ٿو تہ زندگي انهيءَ ڊي اين اي تي دارومدار رکي ٿي جيڪو ڪنهن جسميہ ۾ پهريان کان موجود هجي.

زندگي ۽ سگهہ ۾ هڪڙو تمام ننڍڙو فرق آهي. زندگي هڪ طرح سان خاصيتن وارو ڍانچو هوندو آهي، جڏهن تہ زندگيءَ جي سگهہ کي انهيءَ ڍانچي جو مقرر ڪيل ڪم ڪرڻو هوندو آهي. اهو نظريو جيڪو ڪنهن حد تائين ڏکيائيءَ سان

www.sindhsalamat.com

سمجھ ۾ ايندو آهي، هڪ مثال وسيلي آسانيءَ سان سمجھائي سگھجي ٿو.

زمين ۾ ڪجھ وائرس ۽ ڪجھ بيڪٽيريا پنھنجي اوسي پاسي جي حالتن جي ڪري پنھنجو ڪم ڪار ظاهر نہ ڪري سگھندا آهن. يعني نہ اهي چرپر ڪري سگھندا آهن ۽ نہ ئي وڌيڪ تخليق ڪري سگھندا آهن. جڻ ڪا ڄميل زندگي هوندا آهن. ڪن خاص حالتن ۾ اهي پنھنجي چرپر واري صلاحيت حاصل ڪري وٺندا آهن ۽ تخليقي عمل بہ شروع ڪري ڏيندا آهن. هتي اهو سمجھي ڇڏڻ گھرجي تہ زندگي وائرس ۽ بيڪٽيريا جي بيٺل ۽ چرپر ڪندڙ حالت تي دارومدار رکي ٿي، جڏهن تہ زندگيءَ جي سگھہ (Vitality) جو مطلب رڳو ان جي چرپر واري حالت ئي آهي.

آيت ڪريمہ ۾ جيڪو لفظ استعمال ٿيو آهي، اهو زنده هجڻ آهي، جيڪو زندگيءَ جي سگھہ (Vitality) واري معنيٰ رکندڙ آهي.

اچو تہ هاڻي ٻيھر آيت ڪريمہ ڏانھن موٽون. انھيءَ جي اصل معنيٰ هن طرح آهي: ”اسان سڀني زنده شين کي پاڻي مان پيدا ڪيو آهي.“ اچو تہ هاڻي هن آيت جي اهم نڪتن جي نشاندهي ڪريون.

الف – پندرهن صديون اڳ زندگيءَ جو تصور جانورن تائين محدود هو. ڪجھ علائقن ۾ ٻوٽن کي بہ انھيءَ ٽولي ۾ شامل سمجھيو ويندو هو. ٻئي پاسي هيءَ آيت بلڪل چٽائيءَ سان جانورن ۽ ٻوٽن کان متاهون نظريو پيش ڪري ٿي: ”سڀني زنده شين“ جي عنوان هيٺ ”شيءِ“ جي نظريي سان زندگيءَ جي سگھہ ڪيترن ئي قسم جي شين کي پنھنجي گھيري ۾ آڻي ٿي. قرآن جي انھيءَ هڪڙي بيان سان زندگيءَ جي سگھہ واري نظريي کي ايتري تہ وسعت ملي وڃي ٿي جو اهو وائرس ۽ (DNA) ماليڪيول وغيره کي بہ پنھنجي گھيري ۾ آڻي ڇڏي ٿو. اهڙي طرح هڪ سائنسي حقيقت چوڏهن صديون اڳ ئي انسانيت کي ٻڌائي وئي هئي.

ب – زندگيءَ جي سگھہ پاڻي مان ئي نڪري ٿي ۽ پاڻي مان ئي توانائي حاصل ڪري ٿي. آيت مبارڪ تخليق جي سلسلي ۾ ”خلقنا“ نٿي چوي پر ”وجعلنا“ يعني ”سگھہ ڏني“ چوي ٿي.

ٻ – انھيءَ کان پوءِ اها آيت هِن اعلان تي ختم ٿئي ٿي تہ ”پوءِ اهي ڇو نٿا مڃين؟“ اهو اشارو ڪافرن ڏانھن آهي. هيءَ آيت خاص ڪري اسان جي موجوده دؤر جي ڪافرن جي لاءِ آهي. ڇو تہ رڳو ويھہ سال اڳ ئي تہ زندگيءَ جي سگھہ جي لاءِ پاڻي جي لازم هئڻ واري حقيقت کي مڃيو ويو آهي.

اچو تہ هاڻي غور ڪريون تہ ويجھڙائيءَ ۾ ئي علم حياتيات جي قانونن جي ڪوجنائن مطابق زندگيءَ جي سگھہ جي لاءِ، پاڻيءَ کي ئي ڇاجي ڪري اٽتر سمجھيو ويو آهي؟

اسان پھريان ئي ڏسي چڪا آهيون تہ زندگيءَ جو بنيادي ايڪو يعني انھيءَ



جو نمائندو هڪ سالمو آهي، جنھن کي (DNA) چون ٿا. زندگيءَ جي سگھہ رڳو انھيءَ سالمي ۾ هوندي آهي. جيڪڏهن اهو سالمو رڳو پاڻي جي سالمي ئي مان پيدا ٿئي ها تہ پوءِ اها آيت هن طرح هجي ها ”اسان سڀني زنده شين کي پاڻي مان پيدا ڪيو“ جڏهن تہ زندگيءَ جي سگھہ هڪ نئين ۽ هڪ جھڙن ئي سالمن جي بناوت آهي، جنھن نامياتي ڪيميا اصلي يا شروعاتي سالمي مان حاصل ڪئي هوندي آهي.

جديد علم حياتيات اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ پاڻي جا سالما $H^+$ ۽ $OH^-$ اٽن (هلندڙ بجلي چارج جي جوهر يا جوهرن) جي ذريعي پيدا ٿي سگھن ٿا. خاص طور تي (ATP)، جيڪو فارسفورس، امينو ايسڊ ۽ ڪنڊ جو مرڪب هوندو آهي، جي ڳار جي عمل ۾ پاڻي $H^+$ آئن ئي استعمال ٿيندو آهي. تابڪار هائيڊروجن (Tritium) سان تجربن اها ڳالھہ ظاهر ڪري ڇڏي آهي تہ ڊي اين اي جا سالما هائيڊروجن آئن رڳو پاڻيءَ مان ئي حاصل ٿيندا آهن. انھيءَ تجربي اهو بہ ظاهر ڪري ڇڏيو تہ هائيڊروجن آئن، جنھن کي ”حرڪت ڪندڙ هائيڊروجن“ چوندا آهن، رائبوز، ڪنڊ ۽ امينو ايسڊن ڪلائيڊ جي وچ ۾ هڪ لڳاتار بجلي ميدان پيدا ڪندو آهي. اهڙي طرح اهو بنياد تيار ٿيندو آهي جنھن تي زندگيءَ جي سگھہ برقرار رهندي آهي. جيئن تہ آءٌ مينھن واري موضوع تي پھريان بہ بيان ڪري چڪو آهيان تہ زندگيءَ جي سگھہ ان وقت چرپر ۾ اچي ويندي آهي جڏهن اهو بجلي جو ميدان بيڪٽيريا هڪ جيئرو پر ننڊ جي حالت ۾ هوندو آهي. يعني بيڪٽيريا چرپر ڪندي وڌيڪ پيدائش جي عمل ۾ لڳي ويندو آهي.

اهو اصول هر قسم جي ننڍڙن جسمن (Organisms) جي باري ۾ بہ ائين ئي آهي. يعني جيو گھرڙا (Cells) رڳو هائيڊروجن جي مدد سان ئي پنھنجون مصروفيتون يا چرپر جاري رکي سگھن ٿا. جيوگھرڙن جي بناوت تي تحقيق اهو ظاهر ڪيو آهي تہ سڀئي بجلي سلسلا جيو گھرڙي ۾ لائسوسوم (Lysosome) ۽ پاڻي جي بجلي چارج (Ions) جي مدد سان قائم رهندا آهن. وڌيڪ اهو تہ سڀئي ڪيميائي سلسلا، جيو گھرڙن جي ليبارٽري، جنھن کي اسان مائٽو ڪونڊريا (Mitochondria) چئون ٿا، پاڻي جي آئن جي وسيلي ئي ڪم ڪار جي لائق هوندا آهن.

”ڳري پاڻي“ سان تجربن ۾ جتي هائيڊروجن کي آئسوٽوپس ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، اتي اهو ثابت ٿيو آهي تہ پاڻيءَ جو سالمو جسم ۾ سٽن کان چوڏهن ڏينھن تائين رهندو آهي، ان کان پوءِ نڪري ويندو آهي ۽ پاڻيءَ جا نوان آئن انھن جي جاءِ والاريندا آهن. اهڙي طرح پاڻي نئين ۽ تازي زندگيءَ جي سگھہ مهيا ڪرڻ جو سبب بڻجندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جسميا پاڻي جي ختم ٿي وڃڻ (سخت اڃ) کي برداشت نہ ڪري سگھندا آهن.

www.sindhsalamat.com

پاڻي ۽ زندگيءَ جي سگهه جو پاڻ ۾ لاڳاپو اتي ئي ختم نٿو ٿئي. عام معنيٰ ۾ زندگيءَ جي قوت لاءِ توانائيءَ جي لڳاتار ضرورت رهندي آهي. اها توانائي آئن جي مٽاسٽا سان حاصل ٿيندي آهي. ڪاڏي ڪائڻ جو عمل ڪيميائي ڳانڍاپي ۽ ڪن سالمن جي ڀڃڻ سان پيدا ٿيڻ واري بجلي سان هڪجهڙائي رکندڙ عمل پيدا ڪندو آهي. انهن سڀني چست عملن ۾ $H^+$ ۽ $OH^-$ آئن مٽاسٽا جو بنياد مهيا ڪندا آهن، بلڪل ائين جيئن ڪنهن بين الاقوامي واپار ۾ ناڻي جي مٽاسٽا ٿيندي آهي. هڪ جيو گهرڙو ان وقت صحتمند هوندو آهي جڏهن پاڻي جا اهي آئن، جيڪي ان کي گهيري ۾ آڻي رکندا آهن، پاڻ توازن ۾ هجن؛ ٻي صورت ۾ يا ڪا بيماري لڳي پوندي يا وري جاندار مري ويندو آهي.

اهڙي طرح پاڻي، زندگيءَ جي جين (Genesis) ۽ زندگيءَ جي سگهه جو بنياد آهي ۽ هيءَ آيت ڪريمہ انهيءَ چٽي حقيقت کي اهڙي تہ خوبصورتيءَ سان بيان ڪري ٿي جو انهيءَ سلسلي ۾ قرآني معجزي کي ڪڏهن بہ نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. اها انهيءَ حقيقت کي ٻيهر انتهائي زوردار طريقي سان بيان ڪري ٿي تہ ”ڪهڙي طرح اهي ايمان نٿا آڻين.“

جيو گهرڙي جو ساهہ کڻڻ يعني سگهہ ڏيندڙ شين جو خرچ، آئن جي مٽاسٽا جو هڪ خاص عجوبو آهي جيڪو پاڻي جي آئن سان لاڳاپو رکي ٿو. پاڻي ۽ زندگيءَ جي سگهہ جي وچ ۾ عظيم تعلق کي اجا تائين تسلي واري طريقي سان ظاهر نٿو ڪري سگهجي. مثال طور اليڪٽرو ڪيميسٽري (Electrochemistry) ۽ بائيو ڪيميسٽري (Biochemistry)، اهي ٻئي پوريءَ طرح سان نٿيون ٻڌائي سگهن تہ هڪ خاص وقت کان پوءِ پاڻي جا سالما ڇاجي ڪري زيان ٿي ويندا آهن. وڏيڪ اها ڳالهہ تہ هڪ جيو گهرڙو ڪهڙي طرح پاڻيءَ جو ذخيرو ڪندو آهي؟ انهيءَ باري ۾ اجا تائين صحيح طرح ڪوجنا نہ ٿي سگهي آهي. اسان رڳو اهو ڄاڻون ٿا تہ جيو گهرڙي ۾ ڪائڻ واري لوڻ يا سوڊيم ڪلورائيڊ جي استعمال جو مقصد سالمن ۾ پاڻي جي خرچ ۽ انهن جي گڏ ٿيڻ جي باري ۾ آهي.

حقيقت ۾ هر ننڍڙو جسم پنهنجي ننڍڙي ليبارٽريءَ ۾ پاڻي کي هٿو هٿ خرچ ڪندو آهي جنهن ڪري اسان جي جسم جي غدودن ۾ خاص قسم جا هارمون پيدا ٿيندا رهندا آهن جيڪي جيو گهرڙن جي پنهنجي اندر ۽ هڪٻئي جي وچ ۾ پاڻيءَ جي مٽاسٽا ڪندا رهندا آهن. جسم ۾ موجود ڪيترائي مرڪز، بدن جي رطوبت کي جدا ڪرڻ وارن غدودن سان هڪڙي ڪمپيوٽر جهڙي نظام سان ڳنڍيل آهن. مثال طور بخار کان پهريان فالتو پاڻي نڪري ويندو آهي جيڪو اهو ظاهر ڪندو آهي تہ جسم انهيءَ قسم جي مدافعتي جنگ ۾ مصروف آهي جنهن ۾ بيڪٽيريا جي موجودگي يا حملو ڏکيو ٿي وڃي. اسان جو جسم هاڃيڪار جراثيمن



کي جيئرو رهڻ جي مهلت نہ ڏيندو آهي. ائين پيو محسوس ٿيندو آهي تہ اهو عمل هن آيت ڪريمہ جي راز جي احساس هيٺ ئي ڪم ڪري رهيو آهي.

اهڙي طرح اها عظيم معنيٰ الله تعاليٰ جي هن ڪلام ۾ لڪيل آهي تہ ”اسان سڀني جيئرن شين کي پاڻي جي ذريعي پيدا ڪيو.“

www.sindhsalamat.com

**موضوع نمبر** 14

# ۽ جڏهن هر ماڻهو روزو رکندو

يَآيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ
لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٨٣﴾ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ
فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ وَعَلَى الَّذِيْنَ يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِيْنٍ ؕ فَمَنْ تَطَوَّعَ
خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ ؕ وَاَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٤﴾

(البقرة: ١٨٣ ۽ ١٨٤)

”اي ايمان وارؤ! توهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن جهڙي طرح توهان کان اڳين نبين جي پيروڪارن تي فرض ڪيا ويا هئا. انهيءَ مان اميد آهي ته توهان ۾ پرهيزگاري جي صفت پيدا ٿيندي. روزا ڳاڻيتا ڪجهه ڏينهن جي لاءِ آهن. جيڪڏهن توهان مان ڪو بيمار هجي يا سفر تي هجي ته ٻين ڏينهن ۾ اوترو ڳاڻيٽو پورو ڪري. جيڪي ماڻهو روزو رکڻ جي سگهه نٿا رکن (۽ نه رکن) ته پوءِ فديو ڏين. هڪ روزي جو فديو هڪ مسڪين کي کاڌو کارائڻ آهي ۽ جيڪو پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڪجهه وڌيڪ ڀلائي ڪري ته اها ان لاءِ (اجا به) ڀلي (ڳالهه) آهي. جيڪڏهن توهان سمجهو ته توهان جي لاءِ ڀلائي انهيءَ ۾ ئي آهي ته توهان روزو رکو.“

”جيڪڏهن توهان سچ کي سمجهو ته توهان جي لاءِ ڀلي ڳالهه اها ئي آهي ته ڏکيائي جي باوجود به توهان روزو رکو.“

اسان سيئي ڄاڻون ٿا ته سورت البقره جي 183 کان 187 آيتن ۾ اسان جي دين جي هڪڙي اهم رڪن روزي بابت حڪم ڏنو ويو آهي ۽ ان ۾ سيئي تفصيل ٻڌايا



ويا آهن. اسان آيت نمبر 184 جي آخري حصي ۾ بيان ڪيل حقيقتن جو طبي نڪتي نظر کان مطالعو ڪنداسين. هن حصي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته روزو هڪ تمام ڀلو عمل آهي جنهن مان ڪيترائي فائدا حاصل ٿيندا آهن. انهيءَ ڳالهه جو به اعلان ڪيو ويو آهي ته اسان انهيءَ مان حاصل ٿيڻ وارين رحمتن کي سمجهي سگهون ٿا پر ان لاءِ شرط اهو آهي ته اسان سچ کي سڃاڻي سگهون.

ڪجهه عرصو اڳ تائين اهو سمجهيو ويندو هو ته روزو ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي ته انهيءَ سان هاضمي واري نظام کي آرام ملي ٿو. جيئن جيئن طبي علم ترقي ڪئي، انهيءَ حقيقت جي آهستي آهستي ڄاڻ حاصل ٿي ته روزو هڪڙو طبي معجزو پڻ آهي. انهيءَ ڪري آيت ڪريمه جي آخري حصي ۾ چيو ويو ته ”جيڪڏهن توهان سمجهو ته.“

اچو ته هاڻي اسان سائنسي تناظر ۾ ڏسون ته ڪهڙي طرح روزو اسان جي چڱيلائيءَ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو.

## الف – روزي جو هاضمي جي نظام تي اثر

هاضمي جو نظام، جيئن ته اسان ڄاڻون ٿا ته هڪٻئي سان ويجهڙائيءَ ڪان مليل ڪيترن ئي عضون تي مشتمل هوندو آهي. اهم عضوا، جهڙوڪ وات، ڄاڙين ۾ ٿُڪ (ٿُڪ) پيدا ڪرڻ وارا غدود، چپ، نڙي، قوت ڏيندڙ نالي (Alimentary Canal) (يعني نڙيءَ ڪان معدي تائين کاڌو کٽي وڃڻ واري نالي)، معدو، ننڍو آنڊو، وڏو آنڊو، جيرو، لبلبو، پتو ۽ آنڊن جا مختلف حصا وغيره. سيئي انهيءَ نظام جا حصا آهن. هن نظام جو سڀ ڪان اهم حصو اهو آهي ته اهي سيئي پيچيده عضوا پاڻمرادو هڪ ڪمپيوٽري نظام سان پنهنجو ڪم ڪن ٿا. جيئن ئي اسان ڪجهه کائڻ شروع ڪريون ٿا يا کائڻ جو ارادو ڪريون ٿا، ته اهو سمورو نظام چرپر ۾ اچي وڃي ٿو ۽ هر هڪ عضوو پنهنجو مخصوص ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏئي ٿو. ظاهر آهي ته اهو سمورو نظام چوويهه ڪلاڪ ڊيوٽي تي رهڻ ڪانسواءِ اعصابي دٻاءَ ۽ غلط قسم جي کاڌي جي ڪري هڪ طرح سان جهڻ ته گسي وڃي ٿو.

روزو هڪ لحاظ کان هن سموري هاضمي واري نظام لاءِ هڪ مهيني تائين آرام جو بندوبست ڪري ٿو وٺي پر حقيقت ۾ انهيءَ جو حيرت ۾ وجهندڙ اثر خاص ڪري جيري تي پوي ٿو. چو ته جيري جا کاڌي کي هضم ڪرڻ ڪانسواءِ وڌيڪ پندرهن ڪم ٻيا به هوندا آهن. اهو ايترو ته ٿڪجي پوي ٿو جو جڻ ڪو چوڪيدار سڄي ڄمار پهرو ڏيڻ لاءِ بيٺو هجي. انهيءَ ڪري ئي صفرا (Bile) جي رطوبت، جنهن جو نڪرڻ هاضمي جي لاءِ هوندو آهي، مختلف قسم جا مسئلا پيدا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ٻين ڪمن تي به اثرانداز ٿيندو آهي.

www.sindhsalamat.com

ٻئي پاسي روزي جي ذريعي جيري کي ڇئن کان پنجن ڪلاڪن تائين آرام ملي ويندو آهي. اهو سيڪجھ روزي ڪانسواءِ بلڪل ئي ناممڪن آهي. ڇو تہ تمام ٿورڙو کاڌو، ايتري تائين جو هڪ گرام جي ڏهين حصي جيترو کاڌو بہ جيڪڏهن معدي ۾ داخل ٿي وڃي تہ هاضمي جو سمورو نظام پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏيندو آهي، جنهن جي ڪري جيرو بہ يڪدم پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويندو آهي. سائنسي نقطہ نظر کان اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي تہ هن آرام جو وقفو هڪ سال ۾ هڪڙو مهينو تہ ضرور هئڻ گهرجي.

جديد دؤر جو انسان جيڪو پنهنجي زندگيءَ جي غير معمولي قيمت مقرر ڪري ٿو، ڪيترن ئي طبي معائنن جي ذريعي پنهنجو پاڻ کي محفوظ سمجهڻ شروع ڪري ڇڏي ٿو پر جيڪڏهن جيري جي جيو گهرڙي کي ڳالهائڻ جي سگھہ ملي وڃي تہ جيڪر هو انسان کي چوي ها تہ ”تون مون تي هڪ تمام وڏو احسان رڳو روزو رکڻ جي ذريعي ئي ڪري سگهين ٿو.“

جيري تي روزي جي برڪتن مان هڪ اها آهي جيڪا رت جي ڪيميائي عمل تي اثرانداز ٿئي ٿي. جيري جي تمام ڏکين ڪمن مان هڪ ڪم آهي انهيءَ توازن کي برقرار رکڻ جيڪو اڻ هضم ٿيل کاڌي ۽ ڳري ويل کاڌي جي وچ ۾ هوندو آهي. ان کي يا تہ هر گرهہ کي اسٽور ۾ رکڻو هوندو آهي يا وري رت جي ذريعي ان کي هضم ٿي ڳري وڃڻ جي عمل جي نگراني ڪرڻي هوندي آهي. روزي جي ذريعي جيرو توانائي ڏيندڙ کاڌي کي اسٽور ڪرڻ جي عمل کان گهٽي ياڳي آجو ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح جيرو پنهنجي توانائي رت ۾ گلوبلن (Globulin)، جيڪو جسم جي مدافعتي (Immune) سرشتي کي طاقت ڏيندو آهي، جي پيداوار تي خرچ ڪندو آهي. روزي جي ذريعي نڙي ۽ کاڌي واري نالي جي تمام گهڻن حساس عضون کي جيڪو آرام نصيب ٿيندو آهي، تنهن تحفي جو ڪو ملهہ ئي ڪٿي نٿو سگهجي.

انساني معدو روزي جي ذريعي جيڪي بہ اثر حاصل ڪندو آهي، اهي انتهائي فائديمند هوندا آهن. انهيءَ سان معدي مان نڪرڻ واريون رطوبتون بہ بهتر طور تي متوازن ٿي وينديون آهن. انهيءَ جي ڪري روزي جي دوران تيزابيت (Acid) گڏ نہ ٿيندي آهي، جڏهن تہ عام قسم جي بک سان اها وڌي ويندي آهي پر روزي جي نيت ۽ مقصد هيٺ تيزابيت جي پيداوار بيهجي ويندي آهي. اهڙي طرح معدي جو ماس ۽ معدي جي رطوبت پيدا ڪرڻ وارا جيو گهرڙا، رمضان جي مهيني ۾ آرام جي حالت ۾ هليا ويندا آهن. جيڪي ماڻهو زندگيءَ ۾ روزا نٿا رکن، انهن جي دعوائن جي برخلاف اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ هڪ چڱو ڀلو معدو شام جو روزو ڇوڙڻ کان پوءِ وڌيڪ ڪاميابيءَ سان هاضمي جو ڪم ڪندو آهي.



روزو آنڊن کي بہ آرام ۽ توانائي مهيا ڪري ٿو. اهي صحتمند رطوبت جي ٺهڻ ۽ معدي جي رڳن جي مچن جي چرپر سان ٿيندو آهي. آنڊن جي شريانين جي پردي هيٺان (Endothelium) مدافعتي سرشتي جو بنيادي عنصر هوندو آهي جيڪو آنڊن جي ڄار وانگر هوندو آهي. روزي رکڻ سان انهن کي نئين توانائي ۽ تازگي حاصل ٿيندي آهي. اهڙي طرح اسان انهن سيني بيمارين کان محفوظ ٿي ويندا آهيون، جيڪي هضم ڪرڻ وارين نالين تي ٿي سگهن ٿيون.

## ب – روزي جا رت جي دؤري تي مثبت اثر

ڏينهن ۾ روزي جي ڪري رت جي مقدار ۾ ڪوٽ ٿي پوندي آهي. اهو اثر دل کي وڏو فائدو ۽ آرام ڏيندو آهي. اڃا بہ وڌيڪ اهم ڳالهہ اها آهي تہ جيو گهرڙن جي وچ ۾ (Intercellular) پاڻيٺ جي مقدار ۾ بہ ڪوٽ جي ڪري ٽاندورن (Tissues) تي دٻاءُ گهٽجي ويندو آهي. ٽاندورن تي دٻاءَ يا عام فهم ۾ ڊائسٽالڪ (Diastolic) دٻاءُ دل جي لاءِ تمام وڏي اهميت رکندڙ هوندو آهي. روزي رکڻ سان ڊائسٽالڪ پريشر گهٽ سطح تي هوندو آهي. يعني ان وقت دل آرام جي حالت ۾ هوندي آهي. وڌيڪ اهو تہ اڄ جو انسان جديد زندگي جي خاص حالتن جي ڪري سخت ڪشمڪش يا هائپر ٽينشن (Hypertension) ۾ ڦاٿل آهي. رمضان جي هڪ مهيني جا روزا خاص طرح سان ڊائسٽالڪ پريشر کي گهٽائي، انسان کي تمام گهڻو فائدو پهچائن ٿا. روزي جو سڀ کان گهڻو اثر رت جي دؤري تي انهي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ ان سان رت جي شريانن تي ڪهڙو اثر ٿيندو آهي. انهيءَ حقيقت جي ڄاڻ هاڻي عام آهي تہ رت ۾ شريانن جي ڪمزوري ۽ هيٺائي جي سڀ کان اهم سببن مان هڪ سبب رت ۾ پنهنجي رهجي ويل مادن (Remnants) جو پوري طرح ڳري نہ سگهڻ آهي. جڏهن تہ ٻئي پاسي روزي ۾، خاص طرح سان روزي کولڻ جي ويجهي وقت تائين رت ۾ موجود غذائيت جا سيئي ذرڙا ڳري چڪا هوندا آهن. انهن مان ڪجھ بہ بچندو نہ آهي. اهڙي طرح رت جي شريانين جي پٽين تي چربي يا ٻيا جزا ڄمي نہ سگهندا آهن. اهڙي طرح شريانيون سسڻ کان محفوظ رهنديون آهن. اهو بہ تہ موجوده دؤر جي انتهائي خطرناڪ بيمارين مان شريانين جي پٽين جي سختي (Arteriosclerosis) سڀ کان نمايان آهي، تنهن کان بچڻ جي سڀ کان پهلي تدبير روزو ئي آهي.

جيئن تہ روزي رکڻ سان بڪيون، جن کي رت جي دؤري جو ئي هڪ حصو سمجهيو ويندو آهي، آرام جي حالت ۾ هونديون آهن. انهيءَ ڪري جسم جي انهن اهم عضون جي سگھہ بہ روزي جي برڪت سان بحال ٿيندي آهي.

www.sindhsalamat.com

## ٻ – جيو گهرڙي (Cell) تي روزي جو اثر

روزي جو سڀ کان اهم اثر جيو گهرڙن ۽ ان جي اندروني پٽڙن مادن جي وچ ۾ توازن قائم رکڻ سان آهي. جيئن تہ روزي رکڻ سان مختلف پٽڙا مادا گهٽجي ويندا آهن، انهيءَ ڪري جيو گهرڙن جي عمل ۾ بہ وڏي حد تائين سڪون پيدا ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح لعاب دار جهلي جا مٿين سطح سان لاڳاپيل جيو گهرڙا، جن کي ايپي ٿيليل (Epithelial) جيو گهرڙا بہ چيو ويندو آهي ۽ جيڪي جسم جي رطوبت جي لڳاتار ڪڍڻ جا ذميوار هوندا آهن، انهن کي بہ رڳو روزي جي ذريعي ئي آرام ۽ سڪون ملندو آهي، جنهن سان انهن جي چڱيلائي ۾ واڌارو ٿيندو آهي. جيو گهرڙن جي ڄاڻ جي نقط نظر سان اهو چئي سگهجي ٿو تہ لعاب (ٿڪ) بنائڻ وارا (Pituitary) غدود، ڪنڌ جا غدود ٿيموسيہ (Thyroid) ۽ لبلبي (Pancreas) جا غدود انتهائي بي چينيءَ سان رمضان جي مهيني جو انتظار ڪندا آهن تہ جيئن روزي جي برڪت سان ڪجهہ آرام جو موقعو حاصل ڪري سگهن ۽ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي توانائين کي نئين طاقت ڏئي سگهن.

## پ – روزي جو اعصابي نظام تي اثر

انهيءَ حقيقت کي پوري طرح سمجهڻ گهرجي تہ روزو رکڻ سان ڪن ٿورڙن ماڻهن ۾ پيدا ٿيندڙ چڙ ۽ تيسي ۽ بي دلي جو اعصابي نظام سان ڪوبہ واسطو نہ هوندو آهي. انهيءَ قسم جي صورتحال انهن ماڻهن اندر انانيت (Egotistic) يا طبيعت جي سختي جي ڪري ٿيندي آهي. انهيءَ جي برخلاف روزي رکڻ سان اعصابي نظام مڪمل طرح سڪون ۽ آرام جي حالت ۾ هوندو آهي. عبادتن جي بجاآوري سان حاصل ٿيڻ وارو سڪون اسان جي سيني نفرتن ۽ ڪاوڙ کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ وڌيڪ خشوع ۽ خضوع ۽ الله تعاليٰ جي مرضي جي اڳيان پنهنجو ڪنڌ جهڪائڻ جي ڪري تہ اسان جون پريشانيون بہ ختم ٿي وينديون آهن. اهڙي طرح اڄوڪي دؤر جا سخت مسئلا، جيڪي اعصابي دٻاءَ جي شڪل ۾ هوندا آهن، لڳ ڀڳ مڪمل طرح ختم ٿي ويندا آهن.

روزي رکڻ سان اسان جون جنسي خواهشون جيئن تہ محدود وينديون آهن، انهيءَ ڪري بہ اسان جي اعصابي نظام تي ناڪاري اثر مرتب نہ ٿيندا آهن.

روزي ۽ وضوءَ جي گڏيل اثر سان جيڪا مضبوط هڪجهڙائي پيدا ٿئي ٿي، انهيءَ سان دماغ ۾ رت جي دؤري جو بي مثال توازن قائم ٿي ويندو آهي جيڪو صحتمند اعصابي نظام جي نشاندهي ڪندو آهي. جيئن تہ مان پهريان بہ بيان ڪري چڪو آهيان تہ اندروني غدودن کي جيڪو سڪون ملندو آهي، اهو پوري طرح



اعصابي نظام تي اثر ڏيکاريندو آهي، جيڪو روزي جو انهيءَ انساني نظام تي هڪ ٻيو احسان آهي.

انساني تحت الشعور، جيڪو رمضان جي مهيني ۾ عبادتن جي مهربانين سبب صاف، اڇو اجرو ۽ سڪون ۾ اچي ويندو آهي، اعصابي نظام مان هر قسم جي ڪشمڪش ۽ مونجهاري کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو آهي.

## ت – رت جو ٺهڻ واري عمل تي روزي جو اثر

رت هڏين جي مک ۾ ٺهندو آهي. جڏهن بہ جسم کي رت جي ضرورت ٿيندي آهي تہ هڪ پاڻمرادو ڪم ڪرڻ وارو نظام هڏي جي مک کي چرپر (Stimulate) ۾ آڻيندو آهي. ڏٻرن ۽ هيڻن ماڻهن ۾ اها مک سست حالت ۾ هوندي آهي. اها ڪيفيت وڏن وڏن شهرن ۾ رهڻ وارن ماڻهن ۾ گهڻو ڏٺي وئي آهي، جنهن ڪري منهن ڦڪو ٿي وڃڻ واري مرض ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيندو پيو وڃي.

روزي رکڻ سان، جڏهن رت ۾ غذائي مادا بلڪل گهٽ سطح تي هوندا آهن، هڏين جي مک حرڪت ۾ اچي ويندي آهي. انهيءَ جي نتيجي ۾ ڏٻرا ماڻهو روزو رکي آسانيءَ سان پنهنجي اندر گهڻي رت پيدا ڪري سگهن ٿا. بهرحال اها ڳالهہ تہ ظاهر آهي تہ جيڪو ماڻهو رت جي ڪنهن پيچيده بيماري ۾ ڦاٿل هجي، تہ ان کي طبي معائنو ۽ ڊاڪٽر جي تجويزن کي ڌيان ۾ رکڻو ئي پوندو. جيئن تہ روزي رکڻ سان جيري کي ضروري آرام ملي وڃي ٿو، اهو هڏي جي مِک جي لاءِ ضرورت موجب ايترو مواد مهيا ڪري ڏيندو آهي، جنهن سان آسانيءَ سان ۽ وڌيڪ مقدار ۾ رت پيدا ٿي سگهي.

اهڙي طرح روزي جي باري ۾ ڪيترين ئي قسمن جي حياتياتي برڪتن جي ذريعي هڪ ڏٻرو ماڻهو پنهنجو وزن وڌائي سگهي ٿو. اهڙي طرح ٿلها ۽ چرٻي چڙهيل ماڻهو بہ روزي جي عام برڪتن جي ذريعي پنهنجو وزن گهٽائي سگهن ٿا.

هائو مهربان پڙهندڙؤ! اچو تہ هاڻي ٻيهر آيت نمبر 184 جي آخري حصي کي ياد ڪريون ۽ قرآن پاڪ جي معجزي جي خوبين مان مزو ماڻيون.

”جيڪڏهن سمجهو (يعني جيڪڏهن توهان جسم جي حياتياتي ڄاڻ کي سمجهو) تہ توهان جي لاءِ ڀلو انهيءَ ۾ آهي تہ توهان روزو رکو پوءِ ڀلي چونہ انهيءَ ۾ توهان کي ڏکيائي محسوس ٿئي.“

www.sindhsalamat.com

**موضوع نمبر 15**

# ماءُ جي ڳڀيرڻ ۾ ٽي اونداهيون

خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَ اَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ الْاَنْعَامِ ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ؕ يَخْلُقُكُمْ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ خَلْقًا مِّنْۢ بَعْدِ خَلْقٍ فِيْ ظُلُمٰتٍ ثَلٰثٍ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ﴿٦﴾ (الزمر:٦)

”انهيءَ ئي توهان کي هڪ جيءَ مان پيدا ڪيو. پوءِ اهو ئي آهي جنهن انهيءَ جيءَ جو جوڙو بڻايو. ۽ انهيءَ ئي توهان جي لاءِ چوپاين مان اٺ قسم نر ۽ ماديون پيدا ڪيا. اهو توهان جي مائرن جي پيٽن ۾ ٽن ٽن اونداهن پردن جي اندر توهان کي هڪ کان پوءِ ٻي شڪل ڏيندو وڃي ٿو. اهو ئي الله توهان جو رب آهي، بادشاهي انهيءَ جي ئي آهي. اُن کانسواءِ ٻيو ڪوبہ معبود نہ آهي. پوءِ توهان ڪيڏانهن ڦيرايا پيا وڃو؟“

”اهو توهان کي سلسليوار ماءُ جي ڳڀيرڻ ۾ موجود ٽن اونداهين ۾ پيدا ڪري ٿو. هڪ شروعات (Zygote) کان ٻئي مرحلي ڏانهن ....“

جيئن تہ آيت پاڪ جي اِن حصي ۾ هڪ تمام اهم حياتياتي راز کي بيان ڪيو پيو وڃي. مان هن آيت پاڪ جي انهيءَ حصي کي ڪجھ وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

جيئن تہ آيت جو هيءُ حصو هڪ انسان جي بڻاوت جي لاءِ ماءُ جي پيٽ ۾ ٽن مختلف اونداهين جو ذڪر ڪري ٿو. انهيءَ ڪري اهو انهيءَ حقيقت کي ظاهر ڪري ٿو تہ هڪ زرخيز ٿيل بيضي جو جيو گهرڙو يا (Zygote) ٽن اونداهين حالتن يا صورتن مان گذرندو آهي. پندرهن صديون اڳ، اجا بہ هڪ صدي پهريان تائين اهو سمجهيو ويندو هو تہ هڪ انسان جي پيدائش جو عمل رڳو ماءُ جي پيٽ ۾ موجود ڳنڀيرڻ ۾ ٿيندو آهي يعني رڳو هڪڙي اونداهي حالت ۾.



هن آيت ڪريم کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾، ماءُ جي ڳنڀيرڻ ۾ انسان جي نهڻ کي آهستي آهستي ٿيندڙ عملي سلسلي جي باري ۾ جديد طبي سائنسي ڄاڻ جو تت پيش ڪرڻ گهرندس.

هڪ بيضي وارو جيو گهرڙو (Ovum) ماءُ جي بيضيداني (Ovary) ۾ وڌندو ويجهندو آهي. ان کان پوءِ اهو سڌو سنئون ڳنڀيرڻ ۾ نہ ڪرندو آهي، پر اهو پهريان پيلوڪ ڪيوٽي(Pelvic Cavity) ۾ ايندو آهي. ماءُ جي ڳنڀيرڻ جي مٿانهين پاسي کان سڄي پاسي ڏانهن بہ ننڍڙيون ناليون هونديون آهن جن کي فلپين ٽيوب يا يوٽرين ٽيوب (Uterine Tube) سڏيو ويندو آهي. پيلوڪ ڪيوٽي جي پاسن کان انهن نالين جا ڇيڙا گلن وانگر ڪليل هوندا آهن. اهڙي طرح اهي بيضيداني (Overy) کي گهيريون بيٺا هوندا آهن. جيئن ئي بيضو پيلوڪ ڪيوٽي ۾ ڪرندو آهي تہ انهن نالين جا گلن وانگر کليل منهن ان کي پڪڙي هڪ پاٽيءَ ڇڪڻ واري پچڪاري جهڙي نالي ۾ اندر ويڙهي ڇڏيندا آهن ۽ انهيءَ ناليءَ ذريعي ڳنڀيرڻ جي ٻئي ڇيڙي کان ان ۾ داخل ڪري ڇڏيندا آهن. بيضي وارو جيو گهرڙو انهيءَ ناليءَ ۾ زرخيزي حاصل ڪندو آهي. هڪ خاص مدت کان پوءِ اهو انهيءَ ناليءَ جي ڊيگھ مان گذاريو ويندو آهي ۽ ڳنڀيرڻ جي اندر هڪ ليسدار جهليءَ جي مٿانهين سطح، جنهن کي ولي (Villy) سڏيو ويندو آهي، جيڪا وارن جهڙي سطح سان هڪجهڙائي رکندڙ هوندي آهي، بيضي واري جيو گهرڙي جي نقطي نظر کان ان جو مثال ڪنهن ٻيلي ۾ هڪ وڻ جي هيٺان هڪ خاص جاءِ سان ڏئي سگهجي ٿو: زائگوٽ جيو گهرڙي جي ٻن حصن ۾ ورهائجڻ ۽ پوءِ لڳاتار اها ورهاست يا پيچ ڊاھ جو عمل جنهن کي ڪليويج چوندا آهن، جي عمل کي انهيءَ ماحول ۾ جاري رکندا آهن ۽ پوءِ غير جيو گهرڙن جي ڪيپسول ۾ ڍڪي ٽيڻ جو عمل ٿيندو آهي. يعني (Zona Pellucida) پستانن جي بيضن جي اوسي پاسي مڙهيل جهلي جي شڪل ۾ هوندو آهي. هاڻي اها حقيقت چڱيءَ طرح چٽي ٿي وڃي ٿي تہ شروعاتي اميدن جي برخلاف انسان جي بناوت ماءُ جي پيٽ ۾ رڳو هڪ مرحلي ۾ نہ، پر ڪيترن ئي مرحلن مان گذري پوري ٿيندي آهي.

هاڻي اسان هن آيت ڪريم جي انتهائي اهم معنيٰ سمجهائي سگهون ٿا هاڻي اسان ماءُ جي ڳنڀيرڻ ۾ ٽن مرحليوار اونداهن حصن يا طبقن جي، علم حياتيات جي روشني ۾ نشاندهي ڪنداسين.

## الف — پهريون اونداهون علائقو (طبقو)

هيءُ پهريون مرحلو آهي جڏهن بيضي وارو جيو گهرڙو ڳنڀيرڻ جي ٻن نالين يا فلوپين ٽيوب (Salpinx) ۾ زرخيزي حاصل ڪندو آهي. زميني زندگيءَ جي

www.sindhsalamat.com

شروعات جو تجربو هن پيدائشي جيو گهرڙي (Zygote) تي هن پهرئين اونداهي طبقي ۾ ٿيندو آهي.

اصل ۾ هڪ بيضي وارو جيو گهرڙو ڪهڙي طرح هن نالي ۾ زرخيز ٿيندو آهي؟ هن وقت تائين ان جي تشريح نہ ٿي سگهي آهي. جيئن تہ مان هن کان اڳ ٻين آيتن جي تشريح جي سلسلي ۾ بيان ڪري چڪو آهيان تہ جيو گهرڙي جو زرخيز ٿيڻ بہ هڪ نہ وسهڻ جوڳو رياضياتي معجزو آهي. اهو رڳو الله تعاليٰ جي مرضيءَ سان ئي ٿيندو آهي جو هن نالي يا ٽيوب ۾ اهو واقعو ظاهر ٿيندو آهي. اها جاءِ يا علائقو ماءُ جي ڳنڀيرڻ ۾ انتهائي منفرد ۽ نازڪ جاءِ هوندي آهي. وڌيڪ اهو تہ انهيءَ جاءِ تي مڪمل طور سازگار ماحول ۾ پيءُ ۽ ماءُ جي طرف کان جيني فارمولا (Genetic Code) هڪ ٻئي سان اختلاف ڪندا آهن ۽ انهيءَ ئي جاءِ تي هڪ پيدا ٿيڻ واري انسان جي جسماني بناوت جي شروعات ٿيندي آهي. هن آيت ڪريمہ ۾ سمايل معنيٰ جي روشنيءَ ۾ پهرين شڪل انهيءَ اونداهي علائقي يا طبقي کان شروع ٿيندي آهي.

اهو سنهڙو جيو گهرڙو ئي آهي جنهن ۾ هر شيءِ تيار ٿيندي آهي. اسان جي ايندڙ بالغ ۽ مڪمل زندگي جا تفصيل بہ انهيءَ ئي جاءِ تي مقرر ٿي ويندا آهن. هن جاءِ کان اڳتي اهو ٻئي اونداهي علائقي يا طبقي ۾ پهچايو ويندو آهي تہ جيئن اهو هڪ مقرر ڪيل جسماني بناوت جي پورائي ڪري سگهي ۽ اهڙي طرح اهو قدرت جي عطا ڪيل فارمولي کي انهيءَ مواد جي مدد سان پورو ڪري ٿو، جيڪو اُن جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ماءُ جي ڳنڀيرڻ ۾ موجود ٿيندو آهي ۽ جنهن جي پهچ اڻ کٽ آهي.

هن جاءِ تي مان ٽيسٽ ٽيوب ٻارن جي باري ۾ انهيءَ ڄاڻ تي مختصر طور تبصرو ڪرڻ گهرندس جيڪا ڪيترن ئي ماڻهن غلط طرح سان پڪيڙي آهي.

ماءُ جي ڳنڀيرٽيءَ ۾ اها نالي يا ٽيوب جيڪا پيدائش يا زرخيزي (Fertilization) جي لاءِ انتهائي اهم هوندي آهي، ڪڏهن ڪنهن سوڄ يا ڦٽ جي ڪري بند ٿي ويندي آهي. انهيءَ ڪري زرخيزي نہ ٿي سگهندو آهي. تنهن ڪري زرخيزي حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيضي واري جيو گهرڙي کي ماءُ جي پيٽرو واري حصي کان ڌار ڪري انهيءَ کي پيءُ جي پيدائشي جيو گهرڙن سان ليبارٽرين ۾ ملايو ويندو آهي. طب جي ٻوليءَ ۾ انهيءَ کي "ٽيسٽ ٽيوب ٻيبي" وارو قدرت جو مظهر سڏيو ويندو آهي ۽ حقيقت ۾ "ٽيسٽ ٽيوب ٻيبي" جو ٿي پوڻ هن آيت ڪريمہ جي ذريعي ٻڌايل هن معجزي جو انڪار نہ ڪري سگهڻ جهڙو ثبوت پڻ آهي، جنهن سان انسانيت کي پهرين اونداهي جاءِ يا طبقي سان روشناس ڪرايو ويو آهي.

ڪجھ بي دينن "ٽيسٽ ٽيوب ٻيبي" جي نظريي کي غلط طور تي پيش



ڪري، انهيءَ سوچ کي پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جنين يا ڇئن مهينن تائين ڪچي ٻار (Embryo) کي ليبارٽري ۾ ئي تيار ڪيو ويندو آهي. اها هڪ مڪمل طور تي غلط ڳالھ آهي تہ اهو بيضي وارو جيو گهرڙو، جيڪو ٻاهر زرخيز (Fertilized) ڪيوويندو آهي، انهيءَ کي ٻيهر ماءُ جي ڳنڀيرڻ ۾ رکيو ويندو آهي جتان اهو پيدائش جي شروعاتي عمل کي جاري رکي سگهندو آهي.

پنهنجي اصل موضوع ڏانهن واپس ايندي اسان ڏسون ٿا تہ اهو ٻار جيڪو ماءُ جي ڳنڀيرڻ جي نالي يا ٽيوب ۾ زرخيزي حاصل ڪندو آهي، اهو هاڻي ٻين اونداهن علائقن يا طبقن ۾ پهچي ويندو آهي.

## ب — ٻيو اونداهو علائقو يا طبقو

زرخيز ٿيل بيضي جو جيو گهرڙو ڳنڀيرڻ جي ليسدار جهليءَ ۾ پهچي ٿو، جنهن کي (Endometrium) بہ چوندا آهن، هي ٻيو اونداهون علائقو يا طبقو آهي جيڪو هڪ ٻئي سان هڪجهڙائي رکي ٿو. اهو انهيءَ ۾ هڪ طرح سان پاڙ هڻي ويندو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي اتي مناسب جاءِ تي ٻيهڪ وٺرائيندو آهي. اها جاءِ يا حصو هڪ سرنگھ ۾ هوندو آهي، جيڪا ٻار جو کاڌو ماءُ جي جسم مان مهيا ڪرڻ لاءِ ذميوار هوندي آهي.

زائگوٽ انهيءَ جاءِ تي ورهاست جو عمل شروع ڪري ڏيندو آهي. اها شروعاتي ورهاست انتهائي اهميت واري هوندي آهي. انهيءَ ڪري جنين يعني ٻچي جي شروعات (Embryo) جي پهرين مرحلي ۾، سيني عضون جي جوڙجڪ جي شروعات بہ انهيءَ ٻئي اونداهي علائقي ۾ شروع ٿيندي آهي. حقيقت ۾ ڦر آڏيندڙ بيضي جي تخليق جي شروعات (Genesis) جو اهو پهريون مرحلو هوندو آهي، جڏهن تہ جيو گهرڙن جي شروعاتي ورهاست انهيءَ ٻئي مرحلي جي جوڙجڪ ڪندا آهن. جينياتي واقعن ۾ زبردست اهميت وارو عمل، يعني مختلف انساني خاصيتن جو پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃڻ، انهيءَ پهرين مرحلي ٿيندو آهي، جڏهن تہ مختلف عضون جي بنيادي ڍانچي جي جوڙجڪ ٻئي مرحلي ۾ يا علائقي ۾ شروع ٿيندي آهي.

ٻئي جينياتي (Organogenesis) علائقي يا مرحلي ۾ سموري انساني جسم جي شڪل جيو گهرڙن جي هڪ ڊرنپ وانگر هوندي آهي. انهيءَ مرحلي تي ان کي رت جي دڳ جهڙن تاندورن سان ٻيڻي سگهجي ٿو ۽ حقيقت ۾ قرآن انهيءَ مرحلي کي ٻين آيتن ۾ "رت جي دڳ" واري مرحلي جو نالو ڏنو آهي. اسان انهيءَ موضوع تي، ايندڙ آيتن جي تشريح جي موقعي تي ايندا سين.

انساني جسم جي انهيءَ تاندوري يا ٽشوءَ جي واڌي ويجھ جي هڪڙي مرحلي تي ٻيو اونداهو علائقو ايندو آهي. شروعاتي جسم ايمبريو (Embryo)،

جيڪو شروع ۾ هڪ ئي تاندوري جهڙو لڳندو آهي، انهيءَ جي لاءِ نئون مرحلو شروع ٿي ويندو آهي جيڪو اونداهيءَ جو ٻيو حصو يا علائقو هوندو آهي.

### ٻ – اونداهيءَ جو ٽيون علائقو يا طبقو

هتي هڪ ننڍڙي ڳنڍڙي يعني امينوٽڪ سيڪ (Aminotic Sac) انسان جي شروعاتي شڪل يا ايمبريو جي اوسي پاسي هڪ خاص پاڙيٽ جي صورت ۾ پيدا ٿي ويندي آهي. پوءِ اسان جا عضوا ۽ ٻيو حياتياتي نظام انهيءَ ننڍڙي ڳنڍڙيءَ جي اندر ارتقا جا مرحلا طئي ڪندو آهي؛ هيءُ ٽيون اونداهو علائقو هوندو آهي. اهڙي طرح انسان جي بناوت جو سلسلو ماءُ جي پيٽ ۾ ٽن مختلف علائقن ۾ هڪ ٽہ-پاسائين ڪهاڻي بيان ڪندو آهي. سڀني ظاهري شاهدين سان انهن ٽن اونداهين کي جدا جدا محسوس ڪرڻ ناممڪن آهي، پر جيڪڏهن اسان هڪ جيو گهرڙي جي شڪل ڏاهي، انهن ٽنهي اونداهن علائقن کي ڳولڻ لاءِ نڪري پئون تہ اسان کي جلد ئي خبر پئجي ويندي تہ ڪهڙي طرح اهي ٽئي هڪ ٻئي کان مختلف ۽ جدا جدا آهن. هڪ ابتدائي جيو گهرڙي جي نقطي نظر کان پهريون اونداهو مرحلو هڪ ديو قامت ۽ اونداهي سرنگهہ جي ياد ڏياري ٿو، جڏهن تہ ٻيو اونداهو علائقو هڪ ڪاري ۽ روشنيءَ کان خالي ٻيلي وانگر آهي ۽ ٽئين اونداهي علائقي جو مثال هڪ انتهائي ڪاري سمنڊ جي تري وانگر آهي.

اهڙي طرح هيءَ آيت ڪريمہ انهن سڀني سائنسي حقيقتن کي ظاهر ڪري ٿي جن جي مدد سان هاڻي ويجهڙائيءَ ۾ اهڙيون کوجنائون ٿيون آهن، جي بلڪل صحيح انداز ۾ حياتياتي معجزو بيان ڪندي نظر اچن ٿيون ۽ انساني جسم جي ارتقا کي جينياتي طور مڪمل صورت ۾ ظاهر ڪن ٿيون. ان ڪانسواءِ هيءَ آيت هڪ للڪار سان پنهنجي پڄاڻي تي پهچي ٿي تہ ”توهان ان کي ڪهڙي طرح ڪوڙو چئي سگهو ٿا؟“ هيءَ پڪ سان قرآن جي عظمت جي نشاندهي آهي تہ هن آيت ماءُ جي پيٽ ۾ انسان جي بناوت جي هڪ اهڙي ڪهاڻي پندرهن صديون اڳ اهڙي طرح کولي بيان ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ان وقت ارتقائي مرحلن جي باري ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڄاڻ موجود نہ هئي. انسان جي هڪڙي مرحلي کان ٻئي مرحلي ۾ منتقلي پنهنجو پاڻ ئي پيدائش جي عمل جو هڪ نہ سمجهہ ۾ ايندڙ راز آهي. هڪ شروعاتي جيو گهرڙي جو ٻئي اونداهي مرحلي ۾ منتقل ٿيڻ ۽ پوءِ اتان کان عضون واري مرحلي ۾ هڪ ننڍڙي ڳنڍڙي جهڙي اونداهيءَ جاءِ ۾ منتقل ٿيڻ هڪ طرح سان هڪ ڪمپيوٽر جو پروگرام محسوس ٿئي ٿو، سو ڪهڙي طرح هڪ مرحلي پوري ٿيڻ کان پوءِ پاڻمرادو ٻئي مرحلي ڏانهن ارتقا شروع ٿي وڃي ٿي. آيت ڪريمہ جو هڪ مرحلي کان ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿي وڃڻ وارو بيان هڪ انڪار نہ ڪري سگهڻ جهڙي حقيقت جو اظهار آهي.



موضوع نمبر 16

## قرآن ۾ آڪسيجن بابت ڪيل اڳڪٿي

الَّذِیْ جَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الشَّجَرِ الْاَخْضَرِ نَارًا فَاِذَاۤ اَنْتُمْ مِّنْهُ تُوْقِدُوْنَ ﴿۸۰﴾

”اهو ئي (الله) آهي جنهن توهان جي لاءِ سائي وڻ مان باهہ پيدا ڪئي ۽ توهان انهيءَ سان باهہ ٻاريندا آهيو.“ (يٰس: ۸۰)

جيئن تہ اسان ڄاڻو ٿا تہ سورت يٰسين جي هيءَ آيت مبارڪ باغي انسانن جي بي ديني ۽ انهيءَ سان پيدا ٿيڻ واري بگڙيل استدلال جي خلاف هڪ خدائي اعلان آهي. ”ڇا ڳري، سڙي ۽ وکري وڃڻ واريون هڏيون ٻيهر پنهنجي اصلي حالت ۾ وجود ۾ اچي وينديون.“

سورت يٰسين جي آيت نمبر 78 جي شروعات کان الله تعال جي قدرت ۽ معجزن جو بيان ڪيو ويو آهي. آيت نمبر 80 جي بيان جي ذريعي مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ جو آفاقي ثبوت مهيا ڪيو ويو آهي. جيئن تہ شروع وارين آيتن جي سلسلي ۾ اسان ڏٺو آهي تہ هن آيت جون ڪيتريون ئي توجيهون ۽ تفسيرون ماضي ۾ ڪيون ويون آهن. اهو سڀ ڪجهہ اسان جي لاءِ تعظيم لائق آهي پر پلو ائين ٿيندو تہ انهيءَ جي انتهائي عظيم ۽ حيرت ۾ وجهندڙ معنيٰ ڏانهن ڌيان ڏيون جيڪا ٽڪرا ٿي وڃڻ کان پوءِ هڏي جي ٻيهر نئين زندگيءَ کي ثابت ڪري ٿي.

اڄ کان چوڏهن صديون اڳ ڪافرن جي لاءِ اهو ناممڪن هو تہ اهي انهن عظيم الشان حياتياتي رازن کي سمجهي سگهن ها، جيڪي هن آيت ڪريمہ ۾ بيان ڪيا ويا آهن. ڇو تہ مادي جو آڪسيجن سان ملي گرمي، روشني ۽ اُلو پيدا ڪرڻ جي صلاحيت يعني ساڙڻ (Combustion) جي کوجنا ان وقت تائين نہ ٿي هئي. ڪيترين ئي صديون پوءِ، هاڻي وڃي انهيءَ حقيقت جي پروڙ پئي آهي تہ سڙڻ جو

www.sindhsalamat.com

عمل مواد ۾ آڪسيجن ۽ ڪاربان جي ميلاپ سان ٿئي ٿو. انهيءَ ڪان پوءِ اها ڪوجنا ٿي تہ آڪسيجن ٻوٽن ۽ ساون وڻن مان وجود ۾ ايندي آهي.

سڙڻ جو سڀ ڪان اهم جوهر ساون وڻن مان پيدا ٿيندو آهي. اهو واقعو جنهن کي اسان "باھ" جو نالو ڏيندا آهيون، عمل تڪسيد (Oxidation) تي مشتمل هوندو آهي. سڙڻ جو عمل آڪسيجن ڪانسواءِ نٿو ٿي سگهي، تنهن ڪري باھ جو ظاهر ٿيڻ ساون وڻن مان آڪسيجن جي نڪرڻ سان لاڳاپيل آهي.

"توهان جيڪا باھ ٻاريو ٿا سا ساون وڻن مان پيدا ٿيندي آهي."

رڳو انهيءَ هڪڙي نقطي نظر سان هيءَ آيت ڪريمہ هڪ تمام وڏي معجزي جي بنياد تي آڪسيجن ۽ انهيءَ مان پيدا ٿيڻ وارين شين جي باري ۾ اسان کي چوڏهن سؤ سال اڳ ئي ڄاڻ ڏئي ٿي. اهو ناممڪن آهي تہ ڪو بہ ڪيميا جو ماهر يا علم حياتيات جو ڄاڻو، جنهن جي دل ۾ سائنس جي ٿورڙي بہ عزت هجي، سورت يٰسين جي هن آيت مبارڪ جي ايمان افروزيءَ جي ذريعي سمجھ حاصل نہ ڪري.

انهيءَ ڪان سواءِ بہ هيءَ آيت سڄوري پنهنجي اندر تمام گهٽيون سائنسي حقيقتون رکي ٿي. ڇو تہ هيءَ قيامت جي ڏينهن جي موقعي تي ٻيهر جيئرو ٿيڻ واري عمل تي بہ روشني وجهي ٿي. هاڻي آئون انهن سائنسي حقيقتن جو تت پيش ڪندس.

الف – هيءَ آيت انهن ڪافرن کي، جيڪي هڏين کي مٽيءَ جي ذرڙن ۾ ڳرندي ڏسي، قيامت جي ڏينهن تي ننئوليون ڪن ٿا، سمجهائي ٿي تہ هن آيت ۾ سائنس جو هڪ تمام اهم نڪتو لڪيل آهي:

"توهان سمجهو ٿا تہ جڏهن ڪا بہ شيءِ ساڙي وڃي تہ انهيءَ جي هر شيءِ فنا ٿي ويندي آهي. يعني اهڙي سخت رد عمل سان هڏيون چورو ٿيڻجي، عضوا سڙي زندگيءَ ڪان خالي ٿي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۾ بدلجي ويندا آهن. پر نہ! سائو وڻ انهيءَ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گيس کي پنهنجي اندر جذب ڪري، ان جي عضون لاءِ هڪ بنيادي مرڪب تيار ڪندو، جنهن کي کنڊ (Sugar) چوندا آهن ۽ اها ئي کنڊ آخر ڪار ٻين عضون تائين پهچي ان کي زندگي عطا ڪري ٿي. وڌيڪ اهو تہ کنڊ ناهڻ جي عمل ۾ هڪ ٻوٽو آڪسيجن کي ٺاهيندو آهي، جنهن سان توهان ساڙڻ جي عمل ۾ مدد وٺي سگهو ٿا."

هتي حياتيات جي هڪ بنيادي قانون کي ظاهر ڪيو پيو وڃي. الله تعالىٰ ئي ٻوٽن جي ذريعي باھ (آڪسيجن) پيدا ڪندو آهي، جيڪا سڙندي آهي. اها اسان کي جانورن جي ذريعي حياتياتي تاليف (Biosynthesis) جي عجوبي جي يادگيري ڏياريندي آهي. اها انهيءَ حقيقت کي ظاهر ڪري ٿي تہ قوت پنهنجو پاڻ جوهر جي ڪاربان جي ميلاپ يا گرفت ۾ تبديلين سان پيدا ٿيندي آهي. اها انهيءَ ڳالھ تي بہ زور ڏيندي آهي تہ سموري ڪائنات ۾ هر شيءِ الله تعالىٰ جي حڪم سان



آسانيءَ سان ٿي پوندي آهي. اهڙي طرح آيت سڄوري ائين چوندي محسوس ٿئي ٿي تہ:

"انهن ڳريل سڙيل هڏين ڏانهن ئي نہ ڏسو، پر حياتياتي تاليف (ٻيهر ٿي پوڻ) جي آسماني راز ڏانهن ڌيان ڏيو. ڏسو تہ الله تعالىٰ جي لاءِ زندگي عطا ڪرڻ ڪيترو نہ سئولو آهي."

ب – ساون وڻن جو مثال ڏئي الله تعالىٰ هڪ ٻئي قسم جي سمجھ عطا ڪري ٿو. ڄڻ چيو ويندو پيو هجي تہ "ڇا توهان نٿا ڏسو تہ جڏهن هڪ وڻ مڪمل طور تي سڪي ويندو آهي، اهو هڪ ڳريل هڏي ڪان مختلف نہ هوندو آهي. الله ئي بهار جي موسم ۾ پنهنجي مرضيءَ سان انهيءَ کي زندگي عطا ڪري ٿو ۽ انهيءَ جي ذريعي آڪسيجن ٺاهي توهان کي ڏئي ٿو تہ جيئن توهان انهيءَ مان ٻارڻ جو ڪم وٺي سگهو."

اها هڪ رد نہ ڪري سگهڻ جهڙي حقيقت آهي تہ مٽي ۾ زندگيءَ جو وجود قيامت جي ڏينهن ٻيهر جيئرو ٿيڻ جو سڀ ڪان وڏو ثبوت آهي. جيئن مون ٻي آيت جي تشريح واري حصي ۾ بيان ڪيو آهي تہ زميني مٽي پنهنجي عاليشان ليبارٽري ۾ هر انهيءَ مئل شيءِ جو چڱيءَ طرح سان تجزيو ڪندي آهي، جيڪا انهيءَ ۾ داخل ٿيندي آهي. يعني اهڙي طرح اها انهيءَ شيءِ جي سڀني جزن کي ان جي بنيادي حصن ۾ پيچي پوري ڇڏيندي آهي. ان ڪان پوءِ انهيءَ زميني ليبارٽري جا ڪارندا، يعني انتهائي ننڍڙا جراثيم، جن کي مائيڪروبس (Microbes) سڏيو ويندو آهي، اهڙو ڪيميائي مرڪب جوڙيندا آهن جنهن سان ٻوٽي جي نئين زندگيءَ جي شروعات ٿي ويندي آهي. علم حياتيات ۾ آڪسيجن پيدا ڪرڻ واري سائي وڻ ڏانهن اشارو هڪ ڳهري مطالعي جو مضمون آهي جيڪو انهن سڀني حقيقتن جو تفصيلي جائزو پيش ڪري ٿو.

زندگيءَ جي سگھ ۽ ٻيهر زندگي حاصل ڪرڻ، الله تعالي جي طرف ڪان، زميني مٽيءَ ۾، زندگيءَ جي وجود واري راز وسيلي شعور ۽ القاء جو هڪ ذريعو آهي. جڏهن جهانن جي پالڻهار جو حڪم ٿيندو آهي تہ ڳريل سڙيل ۽ زرڙن ۾ وکريل هڏيون بہ حشر جي ميدان ۾ بي عيب شڪل ۾ واپس اچي وينديون آهن.

ٻ – هڪ ٻيو دلچسپ ۽ اکيون کوليندڙ مثال، جيڪو وڻن ۽ هڏين ۾ ساڳيو آهي، اهو هيءُ تہ ٻئي پنهنجي اندر زندگيءَ جي سگھ جا بنيادي راز رکن ٿا. هڏيون ۽ انهن جي اندرين مک جي اندر اهو راز هوندو آهي جيڪو رت جي جيو گهرڙڻ جي بناوت جي سلسلي ۾ انتهائي آهي ۽ جنهن سان زندگيءَ جي سگھ جاري رهي ٿي. جيستائين ساون وڻ جو تعلق آهي تہ اهي باھ (آڪسيجن) کي ٺاهيندا آهن ۽ اهڙي طرح زمين تي زندگيءَ جي هڪ بنيادي جوهر جي موجودگيءَ جي ضمانت

www.sindhsalamat.com

مهيا ڪندا آهن.

مٿي ڄاڻايل ٽن نُڪتَن ۾ جيڪي حقيقتون بيان ڪيون ويون آهن، اهي پاڻ ۾ الله تعاليٰ جي انهيءَ حڪم هيٺ مضبوطيءَ سان ڳنڍجي ونديون آهن، جنهن ۾ بلڪل چٽائيءَ سان سورت يٰسين جي آخر ۾ فرمايو ويو آهي ته ”پاڪ آهي اهو (الله) جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جو مڪمل اقتدار آهي.“

ڄاڻايل سائنسي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ اسان حيرت ۽ سرهائيءَ سان انهيءَ ڳالهه جو مشاهدو ڪريون ٿا ته هڪ مرندڙ انسان تي سورت يٰسين جي تلاوت ڪرڻ جو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو.

جيئن ته سورت حٰم سجده ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪافرن جي خاص نشانين مان هڪ اهم نشاني انهن جو قيامت ۽ جزا ۽ سزا جي ڏينهن ويساهه نه هئڻ آهي. جزا ۽ سزا ۾ ويساهه جو نه هئڻ هميشه موت جي عجوبي جي غلط توجيهه سان پيدا ٿيندو آهي. مطالعي هيٺ آيل آيت ڪريمه موت جي باري ۾ اصل سچائي بيان ڪري ٿي، جيڪو حياتياتي نقطي نظر سان شڪل ۽ صورت جي تبديليءَ جو ٻيو نالو آهي. انهيءَ ڪري ساون وڻن مان باهه جي نڪرڻ جو مثال ڏنو ويو آهي. علم حياتيات موجب موت ته رڳو انهن ڪيميائي مادن ۾ گرفت يا جوڙن جي (Valence) ۾ ردوبدل جو ٻيو نالو آهي، جيڪو جسميي يا عضون جي بناوت جو بنياد هوندا آهن.

اسان انهيءَ جو مشاهدو ڪري سگهون ٿا ته دنيا ۾ ڪيترائي جسم، جهڙوڪ ٻوٽا، جانور ۽ جراثيم يعني بيڪٽيريا، جيڪي اسان کي نظر ايندا آهن تبديليءَ جي هڪ اڻ کٽ سلسلي يا موت ڏانهن وڌي رهيا آهن. پر هڪڙو مرڻ وارو ڪيڙو، مثال طور زميني مٽيءَ جي ليبارٽري ۾ تجربي هيٺ اچي ٿو، سو وکري وڃي ٿو ۽ آخرڪار هڪڙي گل جي شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي ۽ انهن گلن مان ڪيترائي جيت جٽيا زندگي ۽ وجود حاصل ڪندا آهن.

سڙي وڃڻ قدرت جو هڪ عجيب مظهر آهي جيڪو جسميي جي مڪمل تباهيءَ جي عڪاسي ڪندو آهي. اهو سڙڻ جي سخت عمل جي ذريعي تباهه ٿيندو آهي، پر انهيءَ جي دونهين مان، جيڪا ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ نڪرندي آهي، هڪڙي پن ۾ زندگيءَ جو نشان بڻجي ويندي آهي. انهيءَ حقيقت کي بيان ڪرڻ لاءِ آيت ڪريمه انتهائي وڻندڙ انداز ۾ ساون وڻن مان پيدا ٿيڻ واري باهه (آڪسيجن) جو مثال پيش ڪيو آهي. جيتوڻيڪ اهو بار بار ورجاءُ پيو ڏسڻ ۾ اچي، پر اسان کي انهيءَ حقيقت کي پوريءَ طرح سمجهڻ گهرجي. اصل ۾ سورت يٰسين جو آخري حصو پيدائش جي شروعات وارن رازن کي بيان ڪري ٿو. پڪ سان آيت نمبر 77 اعلان ڪري رهي آهي ته ” ڇا انسان نٿو ڏسي ته اسان اُن کي هڪ نطفي مان پيدا ڪيو.“ اهڙي طرح انساني حياتيءَ جي شروعاتي مرحلي کي بيان ڪيو ويو آهي.



وري آيت نمبر 80 حياتياتي تعلق کي ٻيهر ورجائي ٿي، جڏهن آيت نمبر 79 ۾ اهو اعلان ڪيو ويو  ته اهو (الله) سڀني جو پيدا ڪرڻ وارو آهي. اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو ۽ پيدائش جي لاءِ انهيءَ (الله) جو علم اڻ کٽ آهي.

اهڙي طرح اي انسان! تون ته سائي وڻ جي تازگيءَ جا نشان ئي سمجهين ٿو، پر اهو باهه جي هڪ فيڪٽري يا قدرت جو ڪارخانو آهي. الله تعاليٰ انهيءَ سان آڪسيجن پيدا ڪري ٿو جيڪا زندگيءَ جي ٻَلَ جو سرچشمو ۽ ذريعو آهي.

انهيءَ خدائي دانائيءَ جي سامهون ڪوبه بي دينيءَ وارو نظريو قائم نٿو رهي سگهي. ڪوبه بي دينيءَ تي ٻڌل نظريو ڳريل سڙيل هڏين جو مثال پيش نٿو ڪري سگهي ۽ نه ئي قيامت جي ڏينهن جي باري ۾ وڌيڪ شڪ ۽ شبهي جو سبب ٿي سگهي ٿو.

هن عظيم الشان راز کي بيان ڪرڻ کان پوءِ الله تعاليٰ ڪائنات جي بناوت جو احوال سورت يٰسين جي آيت نمبر 81 ۾ بيان ڪري ٿو ۽ انهيءَ جي عظمت ۽ شان اهڙي طرح بيان ٿئي ٿو، جيئن آيت نمبر 82 ۾ چيو ته ”اهو جڏهن به ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪندو آهي ته انهيءَ لاءِ حڪم ڏيندو آهي ”ٿيءُ“ ته اها ٿي پوندي آهي.“

هاڻي اسان صحيح طرح سان سمجهي سگهون ٿا ته ڪهڙي طرح جڏهن ڪو مؤمن انسان پنهنجي دنياوي زندگيءَ جا آخري پساهه کڻي رهيو هوندو آهي ته اُن جي لاءِ سورت يٰسين جي تلاوت ڪئي ويندي آهي.

اهو مؤمن انسان ٻي دنيا ۾ هليو وڃڻ وقت ڪيترين ئي سچائين کي سمجهي ويندو آهي، جڏهن ان کي سورت يٰسين جي خوبصورت ترتيب ۽ هڪجهڙائيءَ جي ذريعي قيامت ۽ حساب ڪتاب جي خوشخبري ڏني ويندي آهي. هو ٻي دنيا ۾ اهڙي طرح داخل ٿيندو جو هُن جي چپن تي مُرڪ هوندي. ائين انهيءَ سورت جي تلاوت آخري پساهه کڻندڙ انسان لاءِ خوبصورت ڏِڍ هوندي آهي.

موضوع نمبر 17

# الله تعاليٰ جي حيرت ۾ وجهندڙ مخلوق، ماکيءَ جي مک

وَ اَوۡحٰی رَبُّکَ اِلَی النَّحۡلِ اَنِ اتَّخِذِیۡ مِنَ الۡجِبَالِ بُیُوۡتًا وَّ مِنَ الشَّجَرِ وَ مِمَّا یَعۡرِشُوۡنَ ﴿۶۸﴾ ثُمَّ کُلِیۡ مِنۡ کُلِّ الثَّمَرٰتِ فَاسۡلُکِیۡ سُبُلَ رَبِّکِ ذُلُلًا ؕ یَخۡرُجُ مِنۡۢ بُطُوۡنِہَا شَرَابٌ مُّخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُہٗ فِیۡہِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ ؕ اِنَّ فِیۡ ذٰلِکَ لَاٰیَۃً لِّقَوۡمٍ یَّتَفَکَّرُوۡنَ ﴿۶۹﴾ (النحل: ٦٨ ۽ ٦٩)

”۽ ڏسو، تنهنجي پالڻهار ماکيءَ جي مک تي اها ڳالهه الهام ڪئي ته جبلن ۾ ۽ وڻن تي ۽ جن شين مان ڇتيون جوڙيندا آهن تن ۾ پنهنجو مانارو ٺاهه. ۽ هر قسم جي گلن جو رس چوس ۽ پنهنجي پالڻهار جي پڪڙيل رستن تي هلندي رهه. انهيءَ ماکيءَ جي پيٽ مان رنگا رنگي پيئڻ جي شيءِ نڪرندي آهي، جنهن ۾ ماڻهن جي لاءِ شفا آهي. پڪ سان انهيءَ ۾ انهن ماڻهن لاءِ هڪ نشاني آهي جيڪي غور ۽ فڪر ڪندا آهن.“

جيئن اسين ڄاڻون ٿا ته هيءَ هڪ وڏي سورت آهي جيڪا 128 آيتن تي مشتمل آهي، ماکيءَ جي مک جي نالي النحل تي آهي، جنهن ۾ ماکيءَ جي مک ۽ ماکيءَ جي باري ۾ اهم سائنسي حقيقتون ڄاڻايل آهن.

کير جي باري ۾ آيت نمبر 65 ۾ جيڪو لهجو يا انداز ملي ٿو، ان کان يڪدم پوءِ 69 نمبر آيت ۾ ماکيءَ جي باري، انسان جي لاءِ قدرت جي انهن بي انتهائي قيمتي انعامن جي اهميت، چٽائيءَ سان بيان ڪئي وئي آهي. اهڙي طرح اچو ته پهريان هن آيت سڳوريءَ جي آخري فقري تي توجهه ڏيون جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ”پڪ سان انهيءَ ۾ هڪ نشاني آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر ڪن ٿا.“



اچو ته هاڻي ماکيءَ جي مک جي خاصيتن تي سائنسي کوجنائن جي روشنيءَ ۾ نظر وجهون.

الف — ماکيءَ جي ماناري يا ماکيءَ جي گهر جي بناوت ڇهه ڪنڊي ۽ مخروطي شڪل جي هوندي آهي. اهو اڏاوتي فن جو هڪ اهڙو ته شاهڪار آهي جيڪو رڳو خدائي هدايت ۽ ذهانت جي روشنيءَ ۾ ئي تيار ٿي سگهي ٿو. اها جاميٽري جهڙي شڪل واري بناوت، اڏاوت جي بهترين استعمال کي ظاهر ڪري ٿي، جيڪو هڪ وڏي مقدار واري شيءِ کي ٿوري ۾ ٿوري جاءِ استعمال ڪندي، محفوظ رکڻ جي فن جو اظهار هوندو آهي. وڌيڪ اهو ته انهيءَ جي اڏاوت ۾ استعمال جي لاءِ رڳو انهيءَ ڪئونر يا پڪ جي چوند ڪئي ويندي آهي جيڪا انساني صحت جي لاءِ انتهائي موزون هوندي آهي. انهيءَ چوند ۾ تمام گهڻو احتياط ڪيو ويندو آهي.

ب — ماکيءَ جي مکين جو مانارو پنهنجي جاءِ تي هڪ حيرت ۾ وجهندڙ حقيقت آهي. هڪ ماکيءَ جي مک خاص ۽ جدا جدا قسمن جي آوازن ۽ پڙاڏن جي مدد سان پنهنجي جسماني بناوت جي تڪميل ڪندي آهي ۽ ماناري تائين واپس پهچڻ جي لاءِ پنهنجي واٽ به ڳولي سگهندي آهي. هن آيت ڪريمه ۾ اها حقيقت هڪ خاص سهولت طور بيان ڪئي وئي آهي. ماکيءَ جي مک جي ماناري جوڙڻ جي مهارت، واٽ ڳولڻ جي خاصيت ۽ انهيءَ جي زندگيءَ جي طور طريقن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن. جيڪي پڙهندڙ انهيءَ باري ۾ وڌيڪ تفصيلي ڄاڻ حاصل ڪرڻ گهرن، سي انهيءَ مان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

ٻ — اچو ته هاڻي ماکيءَ جي بناوت ۽ انهيءَ جي خاصيتن جي باري ۾ غور ڪريون. ماکيءَ جي مک جي ماناري جي اڏاوت ئي اهو ٻڌائڻ لاءِ ڪافي آهي ته ماکيءَ جي مک ڪيتري نه ماهر مخلوق آهي. انهيءَ جي جسماني زندگي جي باري ۾ تمام اهم تفصيل ظاهر ٿيا آهن. اها ڪهڙي قسم جي آوازن جي لهرن جو استعمال ڪندي آهي، پنهنجو پاڻ ئي هڪ خوبصورت ڪهاڻيءَ جو بيان آهي. پر ڇا ماکيءَ جي مک رڳو پنهنجي ضرورت جي لاءِ ماکي تيار ڪندي آهي؟ بلڪل نه! ڇو ته تيار ڪيل ماکيءَ جو هڪ سئون حصو به سندس ذاتي استعمال لاءِ تمام ججهو مقدار هوندو آهي. پوءِ ڇا اها ڳالهه تصور ۾ اچڻ جهڙي آهي ته ايتري اڏاوتي ماهر ۽ انجنيئر ماکيءَ جي مک، پنهنجي ضرورت کان ڪافي وڌيڪ مقدار ۾ ماکي تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ ايتري وڏي غلطي ڪندي؟

ڪجهه بي دين خيالن وارا سائنسدان دعويٰ ڪندا آهن ته ڪوئي ٻوٽو انهيءَ لاءِ ميوا جهليندو آهي ته جيئن جاندار مخلوق کي انهن جي ڍانچي ۾ پهچڻ جي لاءِ رهنمائي مهيا ڪري سگهي. اسان انهن گمراهه ڪندڙ نظرين تي اڳتي هلي بحث ڪنداسين، پر اها ڳالهه طئي ٿيل آهي ته ماکيءَ جي مک جي باري ۾ گمراهه ڪندڙ

نظريا، پنهنجي بيان تي ذري جيترو بہ پورو نٿا لهن. ڇو تہ ماکيءَ جي مک کي ڪنهن ٻئي جسميي جي ضرورت نہ هوندي آهي. پوءِ اها ڇاجي لاءِ ايتري مقدار ۾ ماکي تيار ڪري؟ اهڙي طرح جيئن هن آيت سڳوريءَ ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ ماکي اصل ۾ انسانن جي لاءِ الله تعاليٰ جي طرف کان هڪ خاص قسم جو تحفو آهي.

## ماکيءَ جي تياريءَ واري عمل جون حيرت ۾ وجهندڙ حقيقتون

هڪ جسميي (Organism) کي پنهنجي زندگيءَ جي قيام لاءِ کنڊ ۽ نشاستي جي ايتري تہ ضرورت هوندي آهي جو ان جي خوارڪ جو بنياد سمجهي ويندي آهي. اها مختلف قسم جي ٻوٽن مان حاصل ٿيندي آهي ۽ زندگيءَ جي سگهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ان کي اهو ٻارڻ جي طور استعمال ڪندو آهي. هڪڙو مختصر حصو رائبوز جي بناوت ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي جيڪو ڊِي اين اي لاءِ هڪ بنيادي عنصر هوندو آهي.

رائبوز هڪ خاص قسم جي (Cyclic) کنڊ هوندي آهي. اها جسميي جي لاءِ هڪ بنيادي ڍانچي جو ڍير هوندي آهي. هاڻي حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ اها آهي تہ سيني قسمن جي خوراڪن مان رڳو ماکي ئي آهي، جنهن ۾ رائبوز ملي ٿي. جڏهن جسم جي نَون جيو گهرڙن جي بنائڻ جي ضرورت ٿيندي آهي، جيڪا ڪنهن بيماري کان پوءِ يا واڌ ويجهہ يا رت ٺاهڻ جي عمل ۾ هوندي آهي تہ رائبوز انهن سيني جي لاءِ انتهائي اهميت حاصل ڪري وٺندو آهي. انهيءَ باري ۾ عجب جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ ماکيءَ جي مکين ۾ راڻي مک کان سواءِ ٻين سيني مکين لاءِ پيدائش جي عمل تي پابندي هوندي آهي، انهيءَ ڪري هڪ عام ماکيءَ جي مک کي رائبوز جي بلڪل بہ ضرورت نہ هوندي آهي.

ماکيءَ جي اندر پاڻيءَ ۾ ڳري وڃڻ واريون سيئي وٽامن موجود هونديون آهن. وڏيڪ اهميت واري ڳالهہ اها آهي تہ ان ۾ وٽامن B-13، B-14 ۽ BT موجود هونديون آهن، جيڪي ٻيو ڪنهن بہ خوارڪ ۾ نہ هونديون آهن. اهي جسمين جي جيري ۾ بہ ملنديون آهن. اهي وٽامن جيو گهرڙن جي DNA ٺاهڻ واري عمل ۾ انتهائي پيچيده طريقي سان اثر ڏيکارينديون آهن.

ماکيءَ ۾ ان کانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي مرڪب هوندا آهن، جهڙوڪ فاسفورس جا ڪيميائي جوهر، جيڪي جيو گهرڙي جي ٻيج ڊاهہ لاءِ ضروري هوندا آهن، وٽامن بي ڪمپليڪس، Folic Acid وغيره.

## شاهي جيلي (Royal Jelly)

ماکيءَ جي مک جي واڌ ويجهہ ۾ هڪ خاص قسم جي هارمون جو ميلاپ



هوندو آهي، جيڪو حياتياتي مادن ۾ انتهائي سنهو ۽ حيرت ۾ وجهندڙ هوندو آهي. انهيءَ کي شاهي جيلي جو نالو ڏنو ويندو آهي. اهي هارمون ماکيءَ جي مک جي راڻيءَ جي لاءِ تيار ڪيا ويندا آهن. انهيءَ جي کائڻ کان پوءِ اها راڻي عام مکين کان گهڻو وڏي جسم واري ٿي پوندي آهي. بهرحال جيڪي هارمون خارج ٿيندا آهن، انهن جو مقدار راڻي مک جي ضرورت کان ڪيترائي سؤ دفعا وڌيڪ هوندو آهي. وڌيڪ اهو تہ ٻين سيني ماکيءَ جي مکين کي انهيءَ جيليءَ جي کائڻ جي منع ٿيل هوندي آهي. اهڙي طرح ماکيءَ جي مکين جو ضرورت کان وڌيڪ مقدار ۾ ماکي پيدا ڪرڻ ڪنهن غلطيءَ جي ڪري نہ ٿيندو آهي، پر اها الله تعاليٰ جي مرضي پوري ڪندي انسان جي ڀلائيءَ لاءِ ضرورت کان وڌيڪ مقدار ۾ ماکي پيدا ڪندي آهي.

ماکيءَ ۾ موجود مٿي بيان ڪيل هارمونن جي موجودگي، انهيءَ کي پراڻين بيمارين ۽ جسماني ڪمزوريءَ جو بي مثال علاج بڻائي ڇڏيندي آهي.

هن موقعي تي مان اهو ٻڌائڻ گهرندس تہ جسماني طور تي ڪمزور ماڻهن کي ڪجهہ عرصو اڳي، ٽِري پچائي علاج طور ڪارائي ويندي هئي. پر نہ ٽري ۽ نہ ئي وري جيرو کائڻ ڪمزوريءَ جو ڪو خاص علاج آهي. انهيءَ جي برخلاف ڏٻرن ماڻهن جي لاءِ جديد علاج طور اڻ رڌل ٻاڄيون، خاص ڪري سايون ٻاڄيون، ماکي ۽ زيتون جو تيل پلي ۾ پليون غذائون مڃيون ويون آهن. زيتون جي تيل ۾ وٽامن اِي هوندي آهي ۽ پنهنجو پاڻ بہ قرآن جو هڪ معجزو آهي. سورت التين ۾ خاص طرح زيتون جو ذڪر ٿيل آهي.

## ماکيءَ ۾ موجود ڪي ٻيا جوهر

ماکيءَ جي مک مختلف قسمن جي پوکن ۽ ٻوٽن مان طبي نقطہ نظر سان تمام ڪارائتا ۽ املهہ جوهر گڏ ڪندي آهي، پوءِ انهن کي ماکيءَ ۾ ملائي ڇڏيندي آهي. انهيءَ ڪري ئي مختلف علائقن ۾ ٺهندڙ ماکي، مختلف خاصيتن جي ڪري خاص قسم جي بيمارين جي لاءِ فائديمند هوندي آهي. اهڙي قسم جوهرن جي اها خاصيت هوندي آهي تہ اهي اهڙين بيمارين، مثال طور اعصابي بيمارين، دل جي بيمارين، نڙيءَ ۾ ساهہ وارين نالين سان لاڳاپيل بيمارين ۽ معدي جي ورم (Gastritis) جي لاءِ انتهائي فائديمند هوندا آهن. آيت ڪريمہ ۾ ماکيءَ جي تندرستي عطا ڪرڻ وارن رازن جو لاڳاپو، انهن ئي خاصيتن سان واڳيل آهي.

اچو تہ هاڻي هن آيت مبارڪ ۾ بيان ڪيل سهڻائين کي ورجايون. انهيءَ سلسلي ۾ مان آيت نمبر 68 ۽ 69 جي آخر ۾ بيان ڪيل حقيقتن جو ذڪر سڀ کان پهريان ڪندس.

الف – ڀڪ سان انهيءَ ۾ هڪ نشاني (حيرت ۾ وجهندڙ سائنسي حقيقتن

www.sindhsalamat.com

مان هڪ حقيقت) آهي، انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر ڪن ٿا.“

تنهن ڪري اهو ثابت ٿيو تہ اسان کي اها صلاح ڏني پئي وڃي تہ ماکي ۽ ماکيءَ جي مک سان لاڳاپيل رازن تي پورو توجهہ ڏيون ۽ غور سان معائنو ڪريون. ڇو تہ انسان، جيڪو هر شيءِ ۾ تجسس ظاهر ڪندو آهي، ڪائنات جي انهن رازن کي ڳولي لهي. هو گهڻو ڪري ڪيترن ئي واقعن مان غلط نتيجا پيو ڪڍندو آهي ۽ پوءِ باغي ٿي ويندو آهي، انهيءَ ڪري قرآن جي روشنيءَ ۾ غور ۽ فڪر جي صلاح ڏني پئي وڃي. اهڙي طرح جيڪڏهن ماکيءَ جي مک جي باري ۾ چڱيءَ طرح ويچاريو وڃي تہ سڀئي حقيقتون صحيح طرح سان سمجهہ ۾ اچي وينديون. جيئن تہ مان پهريان بيان ڪري چڪو آهيان تہ اهو الله تعاليٰ جي قدرت جي حيرت ۾ وجهندڙ ڪاريگري آهي جو ماکيءَ جون مکيون پنهنجي ضرورت کان ڪيترائي سؤ دفعا وڌيڪ مقدار ۾ ماکي ٺاهين ٿيون. اهو اِن جي باوجود آهي تہ سندن ڪمپيوٽر جهڙيون صلاحيتون هڪ انجنيئر کان بہ پليون هونديون آهن ۽ انهن جو پاڻ ۾ رابطو بہ وڏي آواز وارين (Ultrasonic) لهرن جي مدد سان ٿيندو آهي. اهي بئي حقيقتون آيت نمبر 68 ۾ ڪليل نموني بيان ڪيون ويون آهن. هن موقعي تي مان اهو چوندس تہ ملحد ۽ بي دين ماڻهن جي دعوائن ۾ مونجهارو ۽ افراتفري انهيءَ جي ڪري آهي جو اهي سمجهن ٿا تہ سموري دنيا هڪ عظيم اتفاق سان وجود ۾ آئي آهي، جڏهن تہ اها حقيقت تہ الله تعاليٰ ماکيءَ جي مکين کي جڏهن حڪم ڏئي ٿو تہ اهي پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ ماکي تيار ڪن، جيڪا انسان جي فائدي جي لاءِ آهي، تہ اها ڳالهہ اهڙن هوڏي بي دينن کي چپ ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهي. اهو ئي سبب آهي جو آيت مبارڪ انهيءَ ڳالهہ تي ختم ٿئي ٿي تہ ”ماکيءَ جي مک ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر ڪن ٿا.“

ب – آيت سڳوريءَ جو ٻين حقيقتن بابت زوردار اظهار ماکيءَ جي انهن سيني خاصيتن بابت آهي جيڪي ان جي چڱيلائيءَ بنسبت آهن. اهو اظهار تہ ”انهيءَ جي پيٽ ۾ پيئڻ جي رنگا رنگي شيءِ نڪرندي آهي.“ (آيت نمبر 69) ماکيءَ ۾ موجود مختلف قسمن جون ڪيميائي خاصيتون انهيءَ ئي ڳالهہ ڏانهن اشارو آهن، جن مان ڪجهہ ڪيميائي شيون رڳو طبي خاصيتون رکندڙ هونديون آهن. ماکيءَ جي خاصيتن مان واڌ ويجهہ ڏيارڻ وارا هارمون، جهڙوڪ شاهي جيلي اڇي رنگ جي هوندي آهي. رائبوز هلڪي ڦڪي رنگ جي هوندي آهي ۽ وٽامن بي-12 ڦڪي رنگ جي هوندي آهي. ڪجهہ لاک (نامياتي مرڪب) ۽ کي صحت بخش ڪيميائي جزا نارنگي رنگ جا هوندا آهن. فاسفورس جا ڪجهہ مرڪب ۽ ڪجهہ قسم جا خمير ڳاڙهي پوري پاٽيٽ جي صورت ۾ هوندا آهن.

هڪڙي اهم ڳالهہ اها آهي تہ هيءَ آيت مبارڪ بيان ڪري ٿي تہ اهو ”جيڪو



انهيءَ جي اندران (پيٽ مان) نڪرندو آهي“ سو انهيءَ حقيقت کي زوردار طريقي سان بيان ڪرڻ آهي تہ ماکيءَ جي مک جيڪو ڪجهہ حاصل ڪندي آهي، تنهن کي انهيءَ ئي شڪل ۾ ماکيءَ ۾ تبديل نہ ڪندي آهي پر اها انهن سڀني ڪيميائي جزن کي، جن کي اها مختلف گلن مان گڏ ڪندي آهي، هڪ خاص طريقي واري عمل جي ذريعي ماکيءَ ۾ بدلائيندي آهي. جڻ تہ هڪ ليبارٽريءَ ۾ مختلف جزن کي خاص فارمولي هيٺ ملائي محلول تيار ڪيو ويندو آهي.

ب – ماکيءَ جون اهي خاصيتون جيڪي ڦٽن کي ڇُٽائڻ ۽ چڱيلائيءَ لاءِ انتهائي فائديمند هئڻ سان لاڳاپيل آهن، تن تي ڪنهن بہ طبي بحث مباحثي جي ضرورت نہ آهي.

## جيو گهرڙن جي ٻيهر نهڻ واري عمل تي اثر

ماکي سڀني قسم جي پراڻين بيمارين جي لاءِ ڏاڍي ڪارائتي آهي، خاص ڪري سنڌن جي پراڻي سور، جسماني ڪمزوري، وزن ۾ کوٽ، معدي ۽ آنڊن جي ڦٽن يا ناسور (السر)، چمڙيءَ وارين پراڻين بيمارين ۽ بخار کان پوءِ چڱيلائيءَ جي بحال ٿيڻ جي وچ واري وقفي ۾ اها تمام ئي ڪارائتي ثابت ٿيل آهي. ماکيءَ جو اهو اثر (رائبوز، فاسفورس، فولڪ ايسڊ، مڪمل طرح سان حل ٿي وڃڻ وارين وٽامن (Vitimins) ۽ ڪيميائي خمير (Enzymes) جي ڪري آهي جيڪي ماکيءَ جا اهم جزا هوندا آهن.

## مختلف علائقن مان حاصل ٿيندڙ ماکيءَ جو اثر ۽ خاصيتون

اهڙن علائقن ۾ جتي سَرو جي وڻن جا ٻيلا هجن، ماکيءَ ۾ هڪ مسڪن دوا (جيڪا سُورَ کي گهٽائڻ جي صلاحيت رکندي آهي) وانگر اثر هوندو آهي، جڏهن تہ ٻين علائقن جي ماکي دل کي طاقت ڏيڻ وارو اثر رکندي آهي. اها ڳالهہ ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ ماکيءَ ۾ موجود وٽامن بي (Vitemin B) جا مرڪب رائبوز ۽ ليولوز (Levulose) کنڊ، دل جي ماس لاءِ تمام اهم غذا جو ڪم ڏيندي آهي. انهيءَ حقيقت جي بہ ڄاڻ حاصل ٿي چڪي آهي تہ دل جو خاص اعصابي نظام، ماکيءَ سان ۽ خاص ڪري انهيءَ ۾ موجود وٽامن بي جي گروپ ۽ فاسفورس سان، تمام گهڻو فائدو حاصل ڪندو آهي. وڌيڪ اهو تہ دماغ جي لاءِ بہ ماکيءَ ۾ موجود رائبوز، وٽامن بي ۽ فاسفورس انتهائي ڪارائتا آهن.

هن موقعي تي هڪ اهم نڪتو اهو بہ آهي تہ هن آيت ڪريمہ جي حساب سان وجدان (Intution) ۽ الهام (Insiration) ۾ فرق ظاهر ٿي وڃي ٿو. جيئن تہ مان پنهنجي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ بيان ڪري چڪو آهيان تہ وجدان هڪ ڪائناتي ادراڪ

www.sindhsalamat.com

يا ڪائناتي ذهن جو پرتوو هوندو آهي، جنهن جي ذريعي جاندار پنهنجي زندگي گذاريندا آهن. جڏهن ماکيءَ جي مک انسانيت جي خدمت جي لاءِ هڪ خاص الاهياتي الهام حاصل ڪندي آهي ۽ انهيءَ جي مدد سان انتهائي حيرت ۾ وجهندڙ طريقي سان، جڻ ته دوائن ۽ حياتياتي ڪيميا جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندي هجي.

قرآن پاڪ ۾ انهيءَ جو اعلان موجود آهي ته ڪيترن ئي قسمن جا جسميا، ويندي مئل شيون به الله تعاليٰ جي طرفان ڪيل حڪم يا الهام کي ٻڌنديون ۽ انهيءَ موجب عمل ڪنديون آهن. الله تعاليٰ جسمين کي الهام جي ذريعي مختلف قسم جا ڪم حوالي ڪندو آهي، جيڪي انهيءَ وجدان کان جدا هوندا آهن. اهو الله تعاليٰ مرضيءَ سان ئي آهي جو ماکيءَ جي مک کي، جيڪا رڳو هڪڙي جيت جو معمولي قسم آهي، حيرت ۾ وجهندڙ راز اهڙي طرح ملي ويندا آهن جن سان معجزاتي اثر ظاهر ٿيندا آهن. ماکيءَ جي مک، جيڪا انجنيئرن جي لاءِ هدايت ۽ لاڀ حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، انهن جيتن مان هڪ آهي، جن کي اهي راز عطا ڪيا ويا آهن. الله تعاليٰ ان جي ذهن کي، جيڪو هڪڙي پن چڪيءَ جي چوٽيءَ کان به ننڍڙو هوندو آهي، اهڙي هدايت ۽ راز رکڻ وارو بنائي ڇڏيو آهي جنهن جو ڪوبه مثال پيش نٿو ڪري سگهجي. اهو ئي سبب آهي جو هن عظيم الشان سورت جو نالو ئي ”نحل“ يعني ماکيءَ جي مک رکيو ويو آهي. انهيءَ جو مثال ائين آهي جيئن ماکيءَ جي مک پنهنجي اندر داخل ڪيل رازن جي ذريعي بي دين، مادي پرستن ۽ ڪافرن جي زبان کي پنهنجي ڏنگ سان ڏنگي رهي آهي.



**موضوع نمبر** 18

# شراب، انسان جو وڏي ۾ وڏو دشمن

يَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْخَمْرِ وَ الْمَيْسِرِ ؕ قُلْ فِيْهِمَآ اِثْمٌ كَبِيْرٌ وَّ مَنَافِعُ لِلنَّاسِ ۫ وَ اِثْمُهُمَآ اَكْبَرُ مِنْ نَّفْعِهِمَا ؕ وَ يَسْئَلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ۬ؕ قُلِ الْعَفْوَ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۱۹﴾ (البقرة: ۲۱۹)

”پڇن ٿا ته شراب ۽ جوئا جي باري ۾ ڇا حڪم آهي؟ چوين ته انهن ٻنهي شين ۾ وڏي خرابي آهي، جيتوڻيڪ انهن ۾ ماڻهن جي لاءِ ڪجھ فائدو به آهي، پر انهن جو گناھ (نقصان) انهيءَ فائدي کان گهڻو وڌيڪ آهي.“

دنيا ۾ صحت ۽ صفائيءَ جي مشهور ماهر پروفيسر هرش انهيءَ موضوع تي لکيل پنهنجي ڪتاب ۾ چيو آهي ته ”شراب تي پابندي، جيڪا تهذيب يافته آمريڪا پندرهن سالن ۾ لاڳو نه ڪري سگهيو، اسلام گذريل چوڏهن سالن ۾ ڪاميابيءَ سان لاڳو ڪري رکي آهي. اهڙي طرح اسلام تهذيب، تمدن ۽ انسانيت کي گهڻو اڳي بچائي رکيو آهي.“

قرآن ۾ شراب تي پابندي جو ذڪر ٽن اهم سورتن ۾ آيو آهي، انهن مان موجوده سورت، جيڪا انهيءَموضوع تي ترتيب جي لحاظ کان پهرين سورت آهي، تنهن جي باري ۾ اسان هتي تشريح ڪنداسين. ٻي سورت جيڪا شراب تي پابندي جي باري ۾ آهي، اها سورت النساء جي آيت نمبر 13 آهي. ٽين جاءِ تي پابندي جو حڪم سورت المائده جي آيت نمبر 90 ۽ 91 ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ٿورڙن مفسرن جي راءِ موجب شراب تي پابندي قرآن ۾ آهستي آهستي نافذ ٿي، جڏهن ته ٻين عالمن جو خيال اهو آهي ته اهي ٽئي سورتون بنيادي طور تي هڪ ٻئي کان مختلف نه آهن. جيتوڻيڪ ظاهر ۾ انهن ٽنهي جا بيان جدا جدا محسوس ٿين ٿا، پر حقيقت ۾ اندروني ۽ اصل معنيٰ جي نقطہ نظر کان انهن ۾ ڪوبه فرق نه آهي.

www.sindhsalamat.com

مان پاڻ بہ ٻئي نظريي سان متفق آهيان، ڇو تہ شراب جي اجازت يا انهيءَ جي موجودگي کي برداشت ڪرڻ جي ڳالهہ انهن ٽنهي سورتن ۾ ڪٿي بہ موجود نہ آهي ۽ نہ ئي وري ڪنهن ٻي جاءِ تي قرآن مجيد ۾ انهيءَ قسم جي ڪا اجازت ڏني وئي آهي. انهن ٽنهي سورتن پنهنجي پنهنجي انداز ۾ شراب تي پابندي لڳائي آهي. اڃا بہ شراب مان پيدا ٿيڻ وارن خطرن کي جدا جدا طريقن سان بيان ڪيو ويو آهي. هيءَ آيت سڄوري بہ خاص طور شراب جون خرابيون مادي پاسي کان بہ بيان ڪري ٿي. جيئن تہ اسان هن موقعي تي قرآني آيتن جو سائنسي علم جي تناظر ۾ جائزو وٺي رهيا آهيون، اِن اسان هن آيت جي خاص طور سائنسي نقطہ نظر کان تشريح ڪنداسين.

انهيءَ کان اڳ جو انساني صحت تي شراب جي زهريلن اثرن جو پوري طرح سان جائزو وٺون، اسان کي ان جي ڪيميائي جزن جي باري ۾ ڪجھ ڄاڻ حاصل ڪرڻ گهرجي.

علم ڪيميا جي حساب سان اسان کي اها خبر آهي تہ شراب (Alcohol) ڳارڻ يا حل ڪرڻ جي لاءِ، خاص طرح سان چربي جي لاءِ، هڪ طاقتور محلول آهي. غذائي اصطلاح ۾ هاڪا حل ڪرڻ واري شيءِ نہ، پر پيچ ڊاهہ جو هڪڙو عمل آهي. ٻين لفظن ۾ بنيادي خوراڪ، يعني ڪنډ کي بيڪٽيريا يا جراثيمن جي وسيلي هضم ڪرڻ جي سلسلي ۾ پيدا ٿيڻ واري هيءَ هڪ ڪيميائي ماتحت خوراڪ (By Product) آهي. انهيءَ جي ڪري شراب انساني جسم جي لاءِ هڪ نقصان ڏيندڙ ڪيميڪل مڃيو ويو آهي ۽ انساني جيرو انهيءَ کي يڪدم ٽوڙي ڇڏي ٿو. يعني انهيءَ جي زهريلن اثرن کي ختم ڪرڻ ۾ لڳي ويندو آهي. انهيءَ عمل کي (Detoxified)) چوندا آهن. اهڙي طرح شراب جي پڪ سان ڪابہ غذائي اهميت نہ آهي، جنهن جي دعويٰ اڪثر ڪري ان جا شوقين ڪندا رهندا آهن. جڏهن اهو جسم ۾ اندر پهچندو آهي تہ، ٻي هر قسم جي خوراڪ جي برعڪس، ضابطي کان ٻاهر تيزي سان هضم ٿي ويندو آهي. رڳو اهو هڪڙو ئي فائدو آهي جيڪو هن آيت ڪريمہ ۾ ٻڌايو ويو آهي.

هاڻي اسان شراب جي انساني جسم تي پوندڙ خراب اثرن تي اچون ٿا.

## الف – شراب جو هاضمي جي نظام تي اثر

شراب جي عادي ماڻهن جا ڏند انتهائي تيزيءَ سان خراب ۽ بيڪار ٿي ويندا آهن. وات کان پوءِ نڙي ۽ کاڌي واري نالي (Esophagus) جو وارو اچي ٿو. اهي ٻئي عضوا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندا آهن. اهو تمام ڏکيو ڪم ڪن ٿا ۽ انهن تي انتهائي حساس ليپي (Mucous membrance) جو تهہ هوندو آهي. شراب جي اثر جي ڪري، انهيءَ حساس تهہ تي خراب اثر پوي ٿو، جيڪو ساڙي جو سبب ٿئي



ٿو. نتيجي ۾ انهن ٻنهي عضون جي اندر ڪمزوري پيدا ٿيڻ شروع ٿي وڃي ٿي ۽ انهن عضون ۾ ڪينسر جو سبب بہ شراب ئي ٻڌايو وڃي ٿو. حقيقت ۾ اهي ادارا، جيڪي ڪينسر جهڙي موذي مرض جي خلاف جنگ جوٽيون ويٺا آهن، اهي 1980ع کان وٺي شراب جي خلاف تمام اثرائتا ۽ سنجيده قدم کڻي رهيا آهن.

اها تہ سڀني کي خبر آهي تہ شراب جي ڪري معدي ۾ خطرناڪ قسمن جون بيماريون جهڙوڪ Gastritis پيدا ٿي پوندي آهي. ڇو جو اها رت ۾ موجود لائيپڊ (Lipid)، جيڪا هڪ خاص قسم جي چربي هوندي آهي، شراب جي استعمال سان ڳري ويندي آهي. اها لائيپڊ هڪ طرح سان حفاظتي تهہ مهيا ڪندي آهي، جنهن تي تيزابيت يعني هائڊرو ڪلورڪ ايسڊ جو نقصان ڏيندڙ اثر نہ ٿيندو آهي. انهيءَ تهہ جي ڪري معدو پنهنجي خوراڪ کي بہ هضم نٿو ڪري سگهي. جيتوڻيڪ في الحال اهو پوري طرح ثابت نہ ٿيو آهي تہ جهڙي طرح شراب نڙي ۽ خوراڪ واري ناليءَ ۾ ڪينسر جو باعث بڻجندو آهي، معدي جي باري ۾ بہ ائين ئي آهي، پر انهيءَ خيال کي سگهہ ملي رهي اهي تہ معدي ۾ ڪينسر جو ٿيڻ بہ شراب جي ڪري ئي ٿئي ٿو.

شراب جو سڀ کان گهڻو اثر وڏي آنڊي (Dodenum) تي ٿيندو آهي. انهيءَ جاءِ تي انتهائي نازڪ ڪيميائي اثر پيدا ٿي پوندا آهن. شراب ان جي انهيءَ خاصيت کي متاثر ڪري ٿو جيڪا خاص طرح سان هاضمي واري رطوبت خارج ڪرڻ جي صلاحيت سان لاڳاپو رکندي آهي ۽ ان جي ڪيميائي حساسيت تي اثر ڪندي آهي. هاضمي جي لاءِ انهيءَ اهم رستي جي تباهي کان پوءِ شراب جيري مان پيدا ٿيڻ واري هاضمي جي رطوبت (Bile) جي اخراج تي بہ اثر ڪندو آهي. سڀني شراب پيئندڙن جو وڏو آنڊرو ۽ پتي جي جهلي سدائين بيماريءَ جو شڪار هوندا آهن يا وري گهڻو ڪري اهي صحيح نہ پيدا ڪندا آهن. اها حالت هڪ شرابيءَ کي گيس ۽ بدهاضمي جي ذريعي مصيبت ۾ وجهي رکندي آهي. معدي جي اها تڪليف آنڊن کي بہ متاثر ڪندي آهي. اهڙي طرح هاضمي جو نظام، جيڪو ڪمپيوٽر وانگر سهڻي نموني ڪم ڪري ٿو، سو تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو آهي. جيتوڻيڪ هڪ چڱو ڀلو انساني جسم هر انهيءَ شيءِ کي هضم ڪري ويندو آهي جنهن جي ان کي ضرورت هوندي آهي. اهو هاضمي جي نظام کي هڪ خاص قسم جون هدايتون جاري ڪرڻ سان ٿيندو آهي. گهڻو ۽ لڳاتار شراب پيئڻ وارن جي معاملي ۾ اهو ڪنٽرول ختم ٿي ويندو آهي ۽ هضم ڪرڻ وارو عمل بنا ڪنهن رڪاوٽ ۽ بنا ڪنهن سڃاڻ جي جاري رهندو آهي، جنهن جو نتيجو ٿولهہ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. ڇو جو تمام گهڻو هاضمي جو عمل انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪجھ بہ نٿو ڪري سگهي تہ جيو گهرڙن جي وچ واري جاءِ (Interstices) ۾ چربي کي گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏئي. حقيقت ۾ چربي جو اهو تمام گهڻو مقدار دل جي ماس واري نظام

www.sindhsalamat.com

۾ مايو ڪارڊڪ ٽشو (Myocardic Tissue) تي ڇانئجي ويندو آهي، اهڙي طرح دل جون خطرناڪ قسم جون بيماريون ٿي پونديون آهن.

شراب جو سڀ کان وڏيڪ هاڃيڪار اثر جيري تي ٿيندو آهي. انساني جيرو هڪ حساس قسم جي ليبارٽري آهي، جيڪو شراب جي هڪ تمام ننڍي کان ننڍڙي بوند  کي بہ زهر وانگر محسوس ڪندو آهي. جيري تي شراب جو اثر ٻن طريقن سان ٿيندو آهي.

1. شراب پيئڻ جي صورت ۾ جيري جا جيو گهرڙا الڪوحل کي ختم ڪرڻ جي ذميواري ۾ پوري طرح جنبي ويندا آهن. اهڙي طرح اهي پنهنجي ٻين ڪمن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن.

جيري جو ڪيميائي عمل جيڪو انتهائي حساس هوندو آهي، شراب جي بنا رنڊڪ واري اثر جي ڪري بگڙجي ويندو آهي. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ جيري کي هڪڙو ئي عمل وري وري ورجائڻو پوندو آهي. اهڙي طرح تمام سخت ۽ لڳاتار ضرورت کانسواءِ محنت ۽ ڪشالي جي ڪري جيرو ڪمزور ٿي ويندو آهي.

اهي اثر جيري جي لاءِ خطرناڪ نتيجا پيدا ڪندا آهن. انهن اثرن مان سڀ کان وڏيڪ مشهور اثر جيري جو سسي وڃڻ (Cyrrhosis) هوندو آهي، جيڪو انهيءَ ڳالھ جو جيئرو جاڳندو ثبوت هوندو آهي تہ جيري جي بربادي شروع ٿي وئي آهي. وڏيڪ خطرناڪ امڪانن مان اهو بہ آهي تہ شراب جي استعمال سان هڪ هڪ ڪري جيري جا سيئي ڪم ناڪام ٿي ويندا آهن.

اهڙن ڪمن ۾ پهريون ڪم اهو آهي جنهن ۾ جيرو انهن جزن کي پيدا ڪندو آهي، جن سان رت جو عمل ظاهر ٿيندو آهي. جيئن تہ جيرو انهن جزن کي پيدا نٿو ڪري سگهي يا انهن جي پيداوار ۾ تمام گهٽي ڪوٽ اچي ويندي آهي، انهيءَ ڪري شراب جا عادي ماڻهو اندروني طرح ڪمزور (Anaemic) هوندا آهن. جيتوڻيڪ انهن جي منهن جي رت وارين نالين جي ڪلي وڃڻ يا وڏي وڃڻ جي ڪري اهي هشاش بشاش نظر ايندا آهن، پر انهن جي هڏين جي مِک (Bone Marrow) تباھ ٿي چڪي هوندي آهي؛ يعني حقيقت ۾ رت جي پيداوار جو عمل ختم يا بلڪل ئي ڪمزو ٿي چڪو هوندو آهي.

شراب جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن جيرو اوچتو پنهنجو ڪم ڇڏي ڏيندو آهي، انهيءَ صورتحال ۾ شرابي بيهوش ٿي مري ويندو آهي. اهڙي صورتحال کي جيري جو ڏيوالو نڪرڻ بہ چيو ويندو آهي. جيري جي باري ۾ اهڙو ڪوبہ مثال نٿو ملي جنهن ۾ ان تي شراب جي نقصانن جي اثر جو ثبوت نہ ملندو هجي. انهيءَ نڪتي کي مان ان کان وڏيڪ شدت سان بيان نٿو ڪري سگهان.



## الف — شراب جو رت جي دؤري واري نظام تي اثر

رت جي دؤري واري نظام تي شراب ٻن طرحن سان اثر ڪندو آهي. هڪ تہ اڻ سڌو جيري تي، جڏهن تہ ٻيو دل جي تاندورن تي جن کي ميو ڪارڊڪ ٽشو (Mycocardic Tissue) چوندا آهن. سڌي سنئين اثر جي ذريعي جيري جو رت ۾ چرٻي کي ڳارڻ ۾ سڀ کان اهم ڪم ڪندو آهي، ان ۾ ڪمزوري ۽ خرابي پيدا ٿي ويندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ رت ڪٽي وڃڻ واريون نسون سخت ٿي وينديون آهن، جن کي Arteriosclerosis چوندا آهن. انهيءَ سان رت جي دٻاءَ بلڊ پريشر يا Hypertension جو مرض ٿي پوندو آهي. ٻئي پاسي شراب جي تيزيءَ سان سڙي وڃڻ واري عمل سان رت جي دؤري جي خصوصيت، جنهن کي اسان رت جي دؤري جي رفتار چوندا آهيون، انهيءَ ۾ خرابي پيدا ٿي پوندي آهي. ان جي نتيجي ۾ دل جي ڪم ۾ سستي پيدا ٿي پوندي آهي. وڏيڪ اهو تہ شراب جي ڪري دل ۾ چرٻيءَ جا ذرڙا گڏ ٿي ويندا آهن، اهڙي طرح اعصابي نظام تي بہ نقصان ڏيندڙ اثرن جي ذريعي دل جي عمل ۾ خلل پئجي ويندو آهي. اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ هڪ عادي شرابي آخر ڪار يا تہ جيري جي ڪم ۾ خلل يعني سيروسس يا هارٽ فيل ٿيڻ جي ڪري مري ويندو آهي.

اهو ماڻهو جيڪو دل جي مرض ۾ مبتلا هجي، انهيءَ جي لاءِ شراب جو هڪڙو ڦڙو واپرائڻ بہ ائين آهي ڄڻ هو پنهنجي حياتيءَ تان هٿ کڻي وينو آهي ۽ هن کي پنهنجي جسم جي عضون جي ڪنهن بہ نقصان جي ڪا پرواھ نہ آهي.

شراب جي باري ۾ ڪجھ ماڻهن جا اهي خيال بہ آهن تہ ٿوري ۽ مناسب مقدار ۾ شراب پيئڻ سان دل جي گهبراهٽ ۾ آرام ملي ٿو. اهو ظاهري طرح تہ شراب جي فائدن مان هڪ فائدو نظر ايندو آهي، پر سائنسي طور تي انهيءَ خيال جي ڪابہ اهميت نہ آهي. جيتوڻيڪ طبي لکڻين ۾ انهيءَ قسم جي ڪابہ ڳالھ لکيل نہ آهي، پر بدقسمتيءَ سان ڪيترائي اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي انهيءَ جي برعڪس سوچيندا يا محسوس ڪندا آهن.

انساني بڪيون، جن کي رت جي دؤري واري نظام جي آخري جاءِ سمجهيو ويندو آهي، انهن کي بہ شراب جي استعمال سان سخت نقصان پهچندو آهي. چو تہ بڪيون تمام حساس ڪيميائي جوهر جي ميلاپ (Valence) جي جاءِ تي ڇاڻي جو ڪم ڏينديون آهن، پر شراب انهن جي نازڪ عمل کي بہ هيٺ مٿي ڪري ڇڏيندو آهي. اها مڃيل حقيقت آهي تہ اهو شراب جنهن ۾ الڪوحل جو مقدار گهٽ هوندو آهي، بڪين جي لاءِ ايترو نقصان ڏيندڙ نہ هوندو آهي. اهڙي طرح وڏيڪ مقدار ۾ شراب پيئڻ وارن جون بڪيون گهڻو ڪري خراب هونديون آهن.

www.sindhsalamat.com

لمف واري (Lymphatic) نظام جي انساني جسم ۾ تمام گهڻي اهميت آهي. انهيءَ نظام جون رت واريون ناليون شراب واپرائڻ سان تمام وڏو نقصان کٽنديون آهن. چاڪاڻ ته چربي ناهڻ وارن نامياتي مرڪبن لائپڊس (Lipids) جو انهيءَ نظام ۾ تمام گهڻو حصو هوندو آهي. شراب جو نقصان ڏيندڙ اثر، هن حيرت ۾ وجهندڙ حد تائين حفاظت پهچائڻ واري نظام کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندو آهي.

جيڪڏهن الله تعاليٰ، جيئن مختلف آيتن ۾ بيان فرمايو آهي، پنهنجي پلائين جي ذريعي انساني زندگيءَ کي حفاظت جي بين طريقن سان نه نوازيو هجي ها ته اسان کي وڌيڪ چٽائيءَ سان نظر اچي ها ته شراب ڪيترو نه نقصان ڏيندڙ ٿي سگهي ٿو.

## ب – شراب جو اعصابي نظام تي اثر

شراب اعصابي جيو گهرڙن جي انهيءَ سنهڙي جهلي ۾ داخل ٿي ويندو آهي، جيڪا نامياتي چربيءَ جهڙي مرڪب يعني لپڊس (Lipids) جي حفاظت ۾ هوندي آهي. اهڙي طرح انهيءَ نظام جي بجلي واري رابطي (Electrical Communication) ۾ خلل پيدا ڪندو آهي. اها خرابي ٻن مختلف ذريعن سان ظاهر ٿيندي آهي. ان جو پهريون اثر نشي جي اوچتي حملي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي.

پر انهيءَ جو گهڻي دير تائين قائم رهڻ وارو اثر تمام خطرناڪ هوندو آهي. شراب اعصابي نظام کي ڏينهون ڏينهن نقصان پهچائيندو آهي جنهن سان قسمين قسمين بيماريون پيدا ٿيڻ شروع ٿي وينديون آهن. وڌيڪ اهو ته جيڪڏهن شروع ۾ شراب جو خراب اثر معمولي يا غير واضح ٿي هجي تڏهن به انهيءَ جا خراب اثر شروع کان ئي ظاهر ٿيندا رهندا آهن. اهڙي طرح ڪجهه ماڻهن جون اهي دعوائون ته ”مون کي شراب سان نشو نٿو ٿئي، مون تي شراب جو اثر نٿو ٿئي.“ رڳو ٻاراڻي تسلي ۽ پاڻ کي دوکو ڏيڻ جي برابر آهي.

شراب جا خراب اثر جواني، خاص ڪري ٻاروتڻ ۾ حد کان وڌيڪ هوندا آهن. عام طور تي جاتل سڃاتل بيماريون جهڙوڪ وڦلڻ (Delirium)، رڦڻي (Tremen)، پلائنو رائٽس (Plyneurtis) ۽ ڪورساڪوف جون گڏيل علامتون (Korsakof Syndrome) شراب واپرائڻ جي ڪري ئي ظاهر ٿينديون آهن. انهيءَ جو خراب اثر اعصابي نظام جي مرڪز تي لاعلاج حد تائين هوندو آهي. لفظن جو وسري وڃڻ (Amnesia) ۽ هٿن جي ڏڪڻي انهيءَ اعصابي نقصان جون نشانيون هونديون آهن.



شراب، جنهن ۾ چربي کي ڳارڻ جي صلاحيت هوندي آهي، پيدائشي جيو گهرڙن (Reproductive Cells) ۾ داخل ٿي، انهن کي تمام گهڻو نقصان پهچائيندو آهي. ان جي عام سمجهه ۾ ايندڙ مثالن ۾ نئين نسل جي ذهني ڪوت ۽ عيبدار واڌ ويجهه (Dystrophy) شامل آهن. ڳُوڙهن مطالعن ۽ سروي ۾ اها حقيقت ظاهر ٿي آهي ته ذهني طور تي ڏڏ ٻارن جا پيءُ ماءُ گهڻو ڪري تمام گهڻو شراب پيئندڙ هئا. اهو به ڏٺو ويو آهي ته شراب عورت جي بيضي (Ovum) ۽ حياتياتي بيضي (Egg Cell) جي جيو گهرڙي کي تمام گهڻو نقصان پهچائيندو آهي. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو شراب پيئندڙ مائرن جا ٻار گهڻو ڪري موروثي طور دماغ يا دل جي صدمي (Shock) جو شڪار ٿي ويندا آهن. شراب پيئندڙ پيءُ طرفان اهڙن واقعن جو تعداد ٽيهه فيصد کان وڌيڪ هوندو آهي.

## شراب جو سماجي نفسيات تي اثر

اها حقيقت بار بار ثابت ٿي چڪي آهي ته ڪهڙي طرح شراب معاشرتي لاڳاپن ۽ انهن جي مضبوطيءَ تي اثر انداز ٿئي ٿو. هيٺ مان انهن مان ڪن خاص اثرن جو ذڪر ڪندس.

1. شرابين تي سخت ڪاوڙ جو فوري حملو ٿي پوندو آهي جنهن ڪري اهي معاشري ۾ اڻ ڳڻين جهيڙن جهڳڙن ۾ الجهيل رهندا آهن.

2. اڻ ڳڻيون طلاقون معاشري جي بنيادي ڊانچي کي تباهه ڪري ڇڏين ٿيون. نتيجي ۾ ڏوهاري سوچ رکندڙ ٻارن جي وڌندڙ تعداد جي ڪري سمورو معاشرو خطرناڪ حد تائين متاثر ٿيندو آهي. طلاقن ۾ لڳاتار واڌارو شراب پيئڻ جي ڪري ئي ٿي رهيو آهي.

3. مختلف قسم جا ڪم ڪرڻ وارن مزدورن ۽ ڪاريگرن تي شراب جي ڪري ظاهر بي دلي ۽ سستيءَ جو غلبو ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح انهن جي ڪارڪردگي ۽ مهارت تي خراب اثر پوندو آهي، جنهن جو نقصان آخر ڪار معاشري کي پهچندو آهي.

4. شراب جي ڪري انسانن ۾ هڪ ٻئي سان خود غرضي وارا جذبا پيدا ٿيندا آهن، جنهن جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو قومي فڪر، معاشرتي ٻڌي ۽ معاشرتي مسئلن جي خلاف جهاد جو جذبو مڪمل طور تي ختم ٿي ويندو آهي.

مٿي بيان ڪيل چئن ئي قسمن جي مسئلن اولهه جي سماجيات جي ماهرن کي ايترو ته فڪرمند رکيو آهي جو انهن ڪيترائي دفعا پنهنجي حڪومتن جو توجهه انهيءَ ڳالهه ڏانهن ڇڪايو آهي ته جيڪڏهن اهڙي طرح شراب جو استعمال وڌندو رهيو ته انهن ملڪن ۾ قومي جذبو بلڪل ختم ٿي ويندو.

www.sindhsalamat.com

قرآن ڪريم انهيءَ مسئلي کي پاڙئون پٽي ڇڏيو آهي، جنهن جي لاءِ معاشري ۽ ڪنهن فلاسافر دانشور ۾ ايتري جرئت نہ هئي تہ اِن مسئلي کي بي ڏڙڪ حل ڪري ها. يعني شراب پيئڻ جو اهو مسئلو انهن معاشرن جي بنيادن کي آهستي آهستي اڏوهيءَ وانگر ڪائي رهيو آهي، جڏهن تہ اللّٰه تعاليٰ جي انهيءَ حڪم اسان جي معاشري کي صدين کان انهيءَ مصيبت کان محفوظ رکيو آهي.



**موضوع نمبر** 19

# وقت جو سائنسي رخ

يُدَبِّرُ الْاَمْرَ مِنَ السَّمَآءِ اِلَى الْاَرْضِ ثُمَّ يَعْرُجُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗۤ اَلْفَ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ﴿۵﴾ ذٰلِكَ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿۶﴾ (السجدة: ٥ ۽ ٦)

آسمان کان زمين ڏانهن هر ڪم جي رٿا ڪندو آهي، وري (اُها تدبير) اُن ڏينهن ۾ ڏانهس مٿي ويندي آهي، جنهن ڏينهن جو اندازو هزار ورهيہ جيترو اُنهيءَ (ليکي) مان آهي، جو (توهان) ڳڻيندا آهيو. اِها (سندس وصف) آهي، جو ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ غالب مهربان آهي.

تَعْرُجُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَ الرُّوْحُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ ﴿۴﴾

”جنهن ڏينهن جي ڊيگھ پنجاهہ هزار ورهيہ آهي، تنهن ۾ ملائڪ ۽ جبرئيل اللّٰه ڏانهن (عرش عظيم تي) حاضر ٿي ويندا آهن.“ (المعارج:٤)

اچو تہ اسان انهن پيغامن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون، جيڪي هنن آيتن جي ذريعي اسان تائين پهچايا پيا وڃن.

1. سورت المعارج جي آيت نمبر 4 ۾ اهو اعلان ڪيو پيو وڃي تہ جبرئيل امين ۽ ٻيا ملائڪ ايترو وڏو سفر هڪ ڏينهن ۾ ڪن ٿا جنهن جو ڳاڻيٽو دنيا جي ماپي سان پنجاهہ هزار سالن تي ڦهليل آهي. هتي بہ اهم پيغام ملن ٿا. پهريون اهو تہ انهن جو هڪڙو ڏينهن اسان جي ڏينهن جي 365X50,000=18,250,000 ڏينهن جي برابر آهي. طبعياتي مواد جي خاص طرف ۾ چرپر جي شرح (Velocity) جي حد، روشنيءَ جي رفتار جيتري آهي، جنهن کي ”C“ سان تعبير ڪيو ويندو آهي ۽ C=300,000 ڪلوميٽر في سيڪنڊ. جيڪڏهن هڪ ليڪ ۾ منظم (Linear) تشريح ممڪن هجي تہ انهيءَ جو مطلب ٿيندو تہ ملائڪن ۽ روحن جي آخري رفتار هيءَ ٿيندي:

www.sindhsalamat.com

$C_n = 250,000\ C$

ٻيو پيغام ٻڌائي ٿو تہ وقت جو نظريو نسبتي (Relative) آهي. ٿورو وقت اڳ تائين وقت جو مطلب هوندو هو ٻانهن ۾ ٻڌل گھڙيءَ سان وقت ٻڌائڻ. پر هيءَ آيت مبارڪ ظاهر ڪري ٿي تہ وقت مختلف موجودات جي لاءِ مختلف قسم جي لچڪ رکي ٿو. تفسيرون لکڻ وارن عالمن جي گھٽائي انهن آيتن جو مطلب اهو ورتو آهي تہ الله تعاليٰ جي مرضيءَ سان پيدائش ۽ واپسي هڪ ڏينهن ۾ ٿيندي آهي ۽ اهو هڪڙو ڏينهن اسان جي هزارين سالن جيترو آهي.

2. سورت السجدة جي آيت نمبر 5 ۽ 6 جي تشريح گھٽي ڏکي آهي، انهن ۾ هڪ ٻئي قسم جو پيغام ڏنل آهي. جنهن نظريي جي هتي ڳالهہ ٿي رهي آهي، انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ زمين تي وقت انتهائي آهستگيءَ سان هلي ٿو. انهن ٻنهي آيتن ۾ ۽ سورت المعارج جي آيت نمبر 4 ۾ تمام چٽائيءَ سان زور ڏئي انسانن کي ٻڌايو ويو آهي تہ ڌرتيءَ جي گولي تي وقت جي موجودگي تمام سست انداز واري آهي.

ب – سورت السجدة جي آيت نمبر 6 وقت جي انهيءَ سست رفتاريءَ جو اظهار هِن طرح ڪري ٿي تہ ”اهو ئي الله هر لڪيل ۽ ظاهر جو ڄاڻيندڙ آهي.“ اهڙي طرح وقت جي پڪيڙ (سستي) سان گذرڻ جي رفتار ۽ ظاهري ۽ ڳجهي طرز سان لاڳاپيل آهي. هن جاءِ تي مان وضاحت ڪندس تہ ڪهڙي طرح اها سمجهہ علم طبعيات جي هڪ نئين قانون کي ظاهر ڪري ٿي.

ٻ – هن سورت جي شروعاتي آيتن جي مطالعي مان اها حقيقت ظاهر ٿي پوي ٿي تہ دنيا جي ڏاهڻ ۾ ٻنهي جو مطلب اسان جي ڪلينڊر وارا ڏينهن بلڪل نہ آهن، جن جو اسان جي روزمره جي ڪمن ڪارين سان لاڳاپو آهي. سڀني آسماني ڪتابن ۾ اهو بيان ملي ٿو تہ دنيا ڇهن ڏينهن ۾ ٺهي. هن آيت مبارڪ ۾ قرآن انهيءَ حقيقت کي چڱيءَ طرح سان چٽو ڪري ڇڏي ٿو تہ هتي لفظ ”ڏينهن“ جو مطلب اسان جي روزمره وارن ڏينهن کان گھڻو مختلف آهي.

3. جڏهن ٻنهي سورتن جي آيتن کي سامهون رکيو وڃي تہ اسان کي هيٺيان سائنسي پيغام حاصل ٿين ٿا.

الف – روح ۽ ملائڪ نہ نظر اچڻ واري مخلوق آهن، ڇو تہ انهن جي رفتار، اسان کي نظر ايندڙ سڀني مادي شين جي رفتار کان وڌيڪ هوندي آهي.

ب – ڪائنات جي مختلف جاين تان وقت گذرڻ جي رفتار بہ مختلف هوندي آهي.

ٻ – جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن شيءِ کي خلقڻ جو ارادو ڪندو آهي تہ اها شيءِ اولڙو بنجي الله تعاليٰ ڏانهن واپس پهچندي آهي.

پ – شين ۽ مخلوقات جو نظر اچڻ اصل ۾ رفتار سان لاڳاپو رکي ٿو. زمين



تي جتي وقت جي رفتار سست آهي، اتي شيون ڏسڻ ۾ اچي يا محسوس ٿي سگهن ٿيون. ڪنهن شيءِ جي نظر اچڻ جو دارمدار روشنيءَ جي رفتار (Velocity) تي آهي. (سورت السجده، آيت نمبر 6)

اچو هاڻي ڏسون تہ انهن شروعاتي حقيقتن واري علم جي روشنيءَ ۾ جديد علم طبعيات جا وقت، رفتار ۽ مادي نظارن جي باري ۾ ڪهڙا خيال يا تصور آهن.

آئن اسٽائن ۽ لورنز (Lorentz) بنيادي طبعيات جي قانونن هيٺ اسان جي شعور ۾ اچڻ وارين شين جي رفتار جو اندازو ٽي لک ڪلوميٽر في سيڪنڊ ڪيو آهي. انهيءَ حقيقت جي روشنيءَ ۾ ڪجهہ مادي پرست ماڻهن ڪائنات جي آخري حدن جو اندازو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ڊيراڪ (Dirac) ۽ هائزن برگ (Heisenberg) انهن حدن جي نشاندهي جي انهيءَ راند کي روڪي ڇڏيو آهي.

مادي (Matter) جي رفتار تي پابندي يا رڪاوٽ انهيءَ جي ڪري ٿي جو هر انهيءَ شيءِ جو مقدار تمام گهٽو وڌڻ شروع ٿي ويندو آهي، جڏهن انهيءَ جي رفتار روشنيءَ جي رفتار جي ويجهو پهچي ويندي آهي. بهرحال ڪولمبيا يونيورسٽي جي فزڪس جي پروفيسر جيرالڊ فائنبرگ اهو نظريو پيش ڪيو آهي تہ رفتار جي اها حد، جيڪا ڪائنات ۾ شين سان لاڳاپيل آهي، حقيقت ۾ وڌيڪ وڌائي سگھجي ٿي. ڪائناتي طبعيات ۾ محققن اهڙا مثال پيش ڪيا آهن، جن جي لحاظ کان اهڙيون مادي شيون سامهون آيون آهن، جن ۾ توانائيون ختم ٿي ويون آهن ۽ اهڙيون توانائيون سامهون آيون آهن، جن جو مادو ختم ٿي ويو آهي. پروفيسر فائنبرگ رياضياتي ايڪن جي مدد سان اهو نظريو ثابت ڪيو آهي تہ اهڙا شعاع بہ موجود آهن جيڪي اسان جي مادي سان لاڳاپيل تصورن جي تابع نہ هوندا آهن. انهن شعاعن کي ٽڪيان (Tackyon) جو نالو ڏنو ويو آهي. جيئن تہ انهن شعاعن جي رفتار ڄاتل حد کان وڌي وڃي ٿي، انهيءَ ڪري انهن کي عام مادو نٿو چئي سگھجي. جيڪڏهن انهن جي رفتار ۾ گهٽتائي اچي وڃي تہ اهي مقدار واريون ٿي وينديون ۽ مادي شڪل ۾ واپس اچي وينديون ۽ اهڙي طرح ڏسڻ وارن کي نظر اچڻ شروع ٿي وينديون. اهڙي طرح اهي ذرڙا جيڪي تحقيق جي مادي وسيلن جي تناظر ۾، انهيءَ رفتار سان حرڪت ڪن ٿا جو انهن جي رفتار روشنيءَ جي رفتار کان بہ وڌي وڃي، تہ اهي پروٽانن (Protons) جي ظاهر ٿي پوڻ جو سبب بڻجندا آهن. انهيءَ عجوبي کي ان جي کوجناڪار جي نالي جي نسبت سان ”سيرينڪو شعاع نڪرڻ“ (Cerenkov Radiation) جو نالو ڏنو ويو آهي.

جيڪڏهن روشنيءَ جي رفتار کي ”C“ سمجيو وڃي تہ انهن شعاعن جي رفتار واري حرڪت جي شرح (Velocity) مثال طور 2C يا 10C ٿي سگھي ٿي. اِن صورت ۾ انهيءَ جي لاءِ وقت ايتري قدر وسيع ٿي (Dilate) ويندو. اها حقيقت

تہ ڪائناتي شعاعن تي تحقيق اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ ڪائنات جي مختلف علائقن ۾ وقت جي وهڪري يا گذرڻ جي رفتار تبديل ٿيندي رهندي آهي. علائقي جي حساب سان يا تہ گهٽجي ويندي آهي يا وري وڌي ويندي آهي.

ٽڪيان شعاعن جي موجودگي ٻن طريقن سان ٿيندي آهي. پهريون طريقو ٽبڪي وانگر هوندو آهي، جتان اهو شعاع مادي فضا ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ ڪيترائي ٽبڪا هڪ ليڪ تي ٽنگيل هوندا آهن. ٻئي طريقي ۾ اهو هڪ بلڪل پيچيده سطح تي پکڙيل نظر ايندو آهي. اها فطري آمد قرآن ۾ ذڪر ڪيل ملائڪن جي تصور کان مختلف نہ آهي. ملائڪن جو نظر نہ اچڻ پڪ سان انهيءَ انتهائي تيز رفتاري جي ڪري هوندو. حقيقت ۾ ائين سمجهہ ۾ ايندو آهي تہ اهي آيتون انهيءَ ڳالهہ جي ڪليل طرح سان تشريح ڪندي نظر اچن ٿيون.

اچو تہ هاڻي اسان علم طبعيات جي جديد نظرين جي روشنيءَ ۾ هنن پاڪ آيتن جي اندر موجود پيغامن جو مطالعو ڪريون ۽ قرآن جي سائنسي معجزن جو الله تعاليٰ جي واکاڻ ڪندي مشاهدو ڪريون.

1. هي آيتون ڇا ٿيون پيون ٻڌائين؟

ملائڪ نظر نٿا اچن. انهن جي رفتار (Velocity) مادي رفتار جي لحاظ کان ڪجهہ هن طرح هوندي Cn=18,250,000 C. وقت جيڪو اسان جي مادي دنيا ۾ آهستي ۽ سست رفتاريءَ سان گذري ٿو، انهن ملائڪن جي لاءِ ڪابہ معنيٰ نٿو رکي.

سائنس ڇا ٿي چوي؟

ڪائنات ۾ موجود اهي شيون جن جي رفتار ٽي لک ڪلوميٽر في سيڪنڊ هوندي آهي، اهي نظر نٿيون اچي سگهن. وقت جو عام وهڪرو يا گذرڻ انهن جي لاءِ ڪابہ معنيٰ نٿو رکي ۽ اها رفتار پنهنجو پاڻ بہ ڪائنات ۾ هر جاءِ تي مختلف هوندي آهي.

اها سائنسي طور تي مڃيل ڳالهہ انهيءَ حقيقت جو بہ اعتراف آهي تہ ملائڪ ۽ روح فضائي حدبندي کان مٿانهان آهن.

2. آيتون ڇا ٿيون ٻڌائين؟

”الله جي مرضي نظر نہ اچڻ وارين توانائين جي انتهائي تيز رفتار مان ظاهر ٿئي ٿي ۽ انهن جي واپس ورڻ جو وقفو هڪ ڏينهن جو هوندو آهي، جيڪو توهان جي لحاظ کان هڪ هزار يا ڪيترن ئي هزار سالن تي پکڙيل هوندو آهي.“

سائنس ڇا ٿي چوي؟

ٽائيڪون شعاعن جون ليڪون، جيڪي ايتريون تہ تيز رفتار هونديون آهن جو انساني ذهن انهن جو اندازو نٿو ڪري سگهي، غير مرئي توانائين جون نشانيون



آهن. اهي مادي دنيا ۾ بہ اچن ٿيون ۽ پوءِ انهن ڏانهن موٽي وڃن ٿيون جتان کان آيون آهن.

فزڪس جون جديد ترين ڪوجنائون ۽ تصور هاڻي ويجهڙائيءَ ۾ ئي قرآن پاڪ جي آيتن جي تشريح جي ويجهو پهتا آهن، جڏهن تہ دنيا کي انهن جي ذريعي چوڏهن سؤ سال اڳ ئي سمجهہ عطا ڪئي وئي هئي.

انهن ٻنهي آيتن ۾ اهڙيون تہ سمجهاڻيون موجود آهن جو انهن جي مدد سان ڪائنات جي پيدائش جي باري ۾ ڪيترا ئي راز ظاهر ٿي سگهن ٿا. وڏيڪ اهم اها حقيقت آهي تہ انهن آيتن جي مدد سان غير مرئي ملائڪن جي موجودگي تي ايمان آڻڻ علم طبعيات جي لاءِ اڻٽر آهي.

ملائڪن جي باري ۾ اِن نظرئي کي اسان ايمان جي بنيادي رڪنن مان هڪ سمجهندا آهيون، انهيءَ تي اوپر ۽ اولهہ ۾ بي دينن ۽ ڪافرن ڪيترن ئي سالن تائين اعتراض واريا ۽ انهن تي ٺٺوليون پئي ڪيون آهن. پر اڄ سائنس انهن هستين جي موجودگيءَ جي حقيقت کي مڃڻ شروع ڪيو آهي ۽ انهن کي قرآن جي حساب سان معجزو مڃيو ويو آهي، جنهن جي شاهدي علم طبعيات جي اندر رفتار جي نون نظرين پيش ڪئي آهي. اسان جي موجوده (مادي پرست) دؤر ۾ انهيءَ قسم جي سمجهہ ۽ ادراڪ جو ظاهر ٿي پوڻ پنهنجو پاڻ بہ قرآن پاڪ جو هڪ ٻيو عظيم معجزو آهي.

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 20

# ڪائنات جي پيدائش

تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرۡنَ مِنۡ فَوۡقِهِنَّ وَ الۡمَلٰٓئِكَةُ يُسَبِّحُوۡنَ بِحَمۡدِ رَبِّهِمۡ وَ يَسۡتَغۡفِرُوۡنَ لِمَنۡ فِی الۡاَرۡضِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿۵﴾ (الشوريٰ: ٥)

”ويجهو آهي جو آسمان مٿان کان ڦاٽي پوي. ملائڪ پنهنجي پالڻهار جي ساراهه سان تسبيح پڙهندا آهن ۽ زمين وارن جي حق ۾ معافي جي درخواست ڪندا رهندا آهن. آگاهه ٿي وڃو، حقيقت ۾ الله ئي بخشڻهار مهربان آهي.“

اَوَ لَمۡ يَرَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَنَّ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ كَانَتَا رَتۡقًا فَفَتَقۡنٰهُمَا ؕ وَ جَعَلۡنَا مِنَ الۡمَآءِ كُلَّ شَیۡءٍ حَیٍّ ؕ اَفَلَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۳۰﴾ (الانبياء: ٣٠)

”ڇا اهي ماڻهو جن (نبيءَ جي ڳالهه) جو انڪار ڪيو غور نٿا ڪن ته اهي سڀئي آسمان ۽ زمين پاڻ ۾ مليل آهن. پوءِ اسان انهن کي جدا ڪيو ۽ پاڻيءَ جي ذريعي هر جيئري شيءِ پيدا ڪئي. پوءِ به اهي ايمان نه آڻيندا؟“

جيئن ته مٿيون ٻئي آيتون هڪ ٻئي جي تشريح ڪن ٿيون، انهيءَ ڪري مان انهن جي معنيٰ هڪ ئي وقت گڏائي بيان ڪندس. هي پاڪ آيتون، انهن ڪيترن ئي مسئلن تي روشني وجهن ٿيون، جن کي جديد علم طبعيات اڃا تائين حل ڪري نه سگهيو آهي. انهن تشريحن دوران اسان پنهنجو پاڻ کي قرآن حڪيم جي غير معمولي انڪشافن جي وچ ۾ ڏسنداسين. پر انهن کي مان آسماني طبعيات تي بحث جي وقت تائين بيان ڪري ڇڏيندس. جو ته اسان کي جاڻ ٿي چڪي هوندي ته چوڏهن سؤ سال گذرڻ جي باوجود ڪجهه نظارا ۽ شيون ته اسان جي اچڻ واري مستقبل تي به



پڪڙيل آهن. اهي انهن ئي مضمونن جي باري ۾ آهن جن جي باري ۾ آسماني طبعيات جي علم به هاڻي ئي سمجهڻ شروع ڪيو آهي ۽ شايد ان جي صحيح سمجهه، ايندڙ ويهن سالن ۾ سامهون اچڻ لڳندي.

ڄاڻايل آيتن جي غور سان مطالعي کان پوءِ هيٺين ڳالهين جي ڄاڻ ملي ٿي.

1. سڀئي آسمان ۽ ڪائناتون زمين سان جڙيل هيون. الله تعاليٰ انتهائي سهڻائيءَ سان آسمان ۽ زمين کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڇڏيو.

2. ڪائناتون (Heavens) جن کي بهشتَ به چيو ويندو آهي ۽ جيڪي آسمان جا خاص حصا آهن، هڪ کان پوءِ ٻيو هڪڙي پٺيان ٻئي تهه جي صورت ۾ موجود آهن. اهي هڪ تمام گهٽي ڇڪ يا ممڪن اختلاف (Potential Difference) سان وجود ۾ آنديون ويون آهن. پر اهو ئي مضبوط نظام يا ڇڪ ئي آهي، جنهن جي ڪري اهي ڪائناتون پنهنجي جاءِ تي موجود ۽ قائم آهن. انهيءَ ڇڪ کي الله تعاليٰ جي قدرت ئي خلائي وقت ۾ تسلسل سان برقرار ۽ قائم ڪري رکيو آهي.

انهن پاڪ آيتن جي باري ۾ وڌيڪ حقيقتون هاڻي هيٺ بيان ڪيون وينديون. اسان وڌيڪ مطالعي جي ذريعي اهو به ڏسنداسين ته هڪ ڌماڪي سان الڳ ڪرڻ وارو عمل، جنهن جي وسيلي هيءَ ڪائنات جڙي يا موجوده صورت ۾ وجود ۾ آئي، اصل ۾ انهيءَ حقيقت کي ظاهر ڪري ٿو ته اِن سلسلي ۾ رڳو هڪ ئي ڇڪ (Tension) يا نظم نه آهي، پر وڌيڪ ڪيترين ئي ڇڪون يا نظام به آهن.

الف — ڪيترن ئي ڏاهن جي غور ويچار ۽ تحقيق کان پوءِ علم طبعيات ۽ ڪائناتي طبعيات جي ماهرن اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته ڪائنات جي حقيقت کي سڀ کان صحيح نموني رڳو ”عظيم ڌماڪي“ (Big-Bang Theory) واري نظرئي ئي بيان ڪيو آهي. اهو نظريو ٻن سائنسدانن مارٽن رائيل ۽ ايلن سينڊيج دنيا جي سامهون پيش ڪيو هو. انهيءَ نظرئي مطابق ڪائنات هڪ سمجهه کان مٿي گهاٽي دونهين واري جاءِ يا ٽٻڪي کان ڦاٽي وجود ۾ اچي وئي. انهيءَ جاءِ يا ٽٻڪي کي ايڪي (Singularity) جو نالو ڏنو ويو. ڪائنات جي ٺهڻ واري پهرئين مرحلي ۾ اهو ايڪو ايترو ته گهٽي گرم حالت ۾ هو جو انهيءَ جي تپش جو رڳو قياس جي بنياد تي اندازو ڪرڻ به اجايو آهي. هڪ سيڪنڊ جي سوين حصي ۾ اهو ايڪو هڪ شروعاتي باهه جي گولي جي صورت ۾ پڪڙجي ويو ۽ انهيءَ جو گرمي پد لڳ ڀڳ هڪ سؤ ارب ڊگري ڪيلون (Delvin) تائين هو. انهيءَ جي ڳاڙهي شورٻي جهڙي وجود مان ان وقت تائين پروٽان (Proton) ۽ نيوٽران (Neutron) نڪري پڪڙجي نه ويو هو ۽ نه ئي مشهور چارئي اندروني مادا هڪٻئي سان عمل (Physical Interactions) ذريعي ٻاهر آيا هئا. تڏهن انهيءَ جون ڳاڙهي شورٻي جهڙيون

www.sindhsalamat.com

شيون يعني مادو ۽ توانائي لڳاتار هڪ ٻئي ۾ ڳري رهيا هئا ۽ چارئي اندروني مادا هڪٻئي سان هڪ خاص عمل (Interactions) ذريعي مضبوطي سان جڙيل هئا.

جيئن جيئن اهو انتهائي گرم ۽ دونهين سان ڏٽيل باهه جو گولو ڦهلجڻ شروع ٿيو ته اهو آهستي آهستي ٿڌو به ٿيڻ لڳو. اهڙي طرح هڪ مڪمل ترتيب جي صورت پيدا ٿيڻ شروع ٿي وئي. سڀ کان پهريان ڪشش ثقل جي قوت يا مخالف هڪٻئي سان عمل (Interaction) وسيلي الڳ شڪل ۾ جدا ٿي وئي ۽ ان کان پوءِ سگهاري ۽ هيٺي بجلي واري ڪشش جا هڪٻئي سان (Electromagnetic Interaction) مخالف عمل به انهيءَ ئي ترتيب سان پيدا ٿيا. اهڙي طرح آسمانن ۽ زمينن جو ڏماڪي سان الڳ ٿيڻ ظاهر ٿيو ۽ ترتيب جي ٽٽي وڃڻ جي ڪري ۽ ابتدائي ترتيب ڏنل اختلاف هڪٻئي سان عمل (Symmetrical Interactions) جي الڳ ٿي وڃڻ جي ڪري علم طبعيات جا چار چاتل سڃاتل ”مخالف هڪٻئي سان عمل“ پيدا ٿي پيا. ٻين لفظن ۾ نه رڳو ابتدائي ايڪو ڪائنات کان ٽٽي جدا ٿيو، پر انهن قانونن جي الڳ سڃاڻ به انهيءَ قسم جي عمل سان ظاهر ٿي.

پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي تمام وڏي ۽ اڻ ڪٿ شان جي صدقي  ڪائنات کي هڪڙي ٽِڪي يا جاءِ کان چڱيءَ طرح پکيڙي ڇڏيو. جنهن ڇڪ جي ذريعي اهو عمل پيدا ٿيو، ان کي سورت شوريٰ جي آيت نمبر 5 ۾ بيان ڪيو ويو آهي. الله تعاليٰ آسمانن کي ترتيب ڏنو، پوءِ انهيءَ ڇڪ جي ذريعي زمين کي قائم ڪيو. اهڙي طرح اڄوڪي نظر ۾ اچڻ واري ڪائنات ۽ ان جي قانونن کي پيدا ۽ جاري ڪيو.

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻيو اهم نڪتو آسمانن ۽ زمين جي شروعاتي ميلاپ ۽ گڏجي وڃڻ جي باري ۾ آهي جيڪو سورت الانبياء جي آيت نمبر 30 ۾ بيان ڪيو ويو آهي. مشهور سائنسدان آئن اسٽائن جو جڳ مشهور نظريو يعني اضافيت وارو نظريو (Theory of Relativity)، انهيءَ ڳالهه جو ثبوت ڏئي ٿي ته مادو ۽ توانائي هڪ وقت ۾ هڪ ئي شيءِ هئا. مادو پنهنجو پاڻ توانائيءَ جي گهاٽي (Condensed) شڪل آهي. جڏهن ته توانائي پنهنجي جاءِ تي هڪ آزاد ٿيل مادو آهي. هو اهو ثابت ڪرڻ ۾ به ڪامياب ويو ته آسماني گرهه ۽ وقت هڪٻئي کان الڳ نٿا ڪري سگهجن. اهي ٻئي هڪ خلا ۽ وقت جي تسلسل ۾ ڳنڍيل آهن. وڌيڪ اهو ته ان جي ڪوجنائن اهو به ٻڌايو ته ڪشش ثقل ۽ انهيءَ ڪري مقدار به انهيءَ تسلسل ۾ رڳو هڪ ڏوڙ (Curvature) آهي. ٻين لفظن ۾ مادي جي بناوت خلائي وقت جي تسلسل کي ڏوڙو ڪرڻ يا جهڪائڻ سان ٿي. انهيءَ عمل ٿيڻ ۾ هڪ اهڙي ڇڪ کي دخل آهي، جنهن حقيقت ۾ آسمانن ۽ زمين کي ڏماڪي سان الڳ ”فتق“ ڪري ڇڏيو.

ب – هاڻي جڏهن ڪائنات وجود ۾ اچي وئي، ته اها ايتري ڇڪ سان قائم رهي آهي جو  انهيءَ جي وجود ۾ اچڻ جي معاملي ۾ اها ڇڪ مددگار ٿي. هڪ طرح



سان اها ڇڪ پنهنجو پاڻ به پنهنجي پاسي ڇڪ (Attraction) ۽ ڌڪڻ يا اڇلائڻ (Repulsion) جي هڪٻئي سان عمل مان ظاهر ۽ ثابت ٿيندي آهي. بجلي جي معاملي ۾ اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته مخالف چارجون هڪٻئي کي پنهنجي پاسي ڇڪينديون آهن. جڏهن ته ساڳيون چارجون هڪٻئي کي ڌڪينديون آهن. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن جي وسيلي جوهر (ايٽم) ۽ ٻئي مادي جي موجودگي ثابت ٿئي ٿي. وڌيڪ اهو ته ڪشش ثقل جي سموري سگهه انهيءَ مرڪز کان پري ڀڄڻ واري سگهه جي مدد سان توازن ۾ آهي جنهن کي لوڪس (Locus) چوندا آهن، جيڪا گرهن ۽ ستارن جي نظام کي قائم رکندي آهي. اهڙي طرح هر شيءِ جو قائم رهڻ، يعني ننڍي ۾ ننڍي جوهر (ايٽم) کان وٺي ستارن جي نظام تائين قائم رهڻ جي ضمانت به انهيءَ ڇڪ جي ذريعي مهيا ڪئي وئي آهي.

جتي الله تعاليٰ سورت جي شروع ۾ پنهنجي ڪامل قدرت جي ذريعي ڪائنات جي مادي ۽ رياضياتي بناوت جو اعلان ڪيو آهي، انهيءَ کان يڪدم پوءِ الله تعاليٰ جي ٻاجهاري ۽ مهربان هئڻ واري گڻ کي بيان ڪيو ويو آهي. الله تعاليٰ جو ٻاجهه سان ڏسڻ، ان جي سموري مخلوق ۽ سموري ڪائنات تي ڪمال جي مهربانيءَ جو اظهار آهي. انهيءَ ٻاجهه ۽ مهربانيءَ جي گڻن ۾، انهن سڀني جي لاءِ الله تعاليٰ جي پيار، پناهه ۽ حفاظت جو تصور موجود آهي.

ڪشش ثقل، جنهن سان سڀئي شيون هڪٻئي کي پنهنجي پاسي ڇڪين ٿيون، الله تعاليٰ جي پيار جي نشاني جو اظهار آهي. ٻئي پاسي سڀني شين جو چڪر جي صورت ۾ گهمڻ يعني چرپر (Rotational Motion) آهي، انهيءَ ۾ پڻي سج جي چوگرد گهمڻ وارا ستار هجن يا هڪ ذرڙي يعني مرڪز (Nucleus) جي چوگرد گهمڻ وارا اليڪٽران هجن، ڪائنات اندر سموري مادي کي ڪشش ثقل جي سگهه جي ذريعي هڪ جاءِ تي گڏ ٿي فنا ٿي وڃڻ واري عمل سان روڪي رکيو آهي. اها گهمڻ واري حرڪت انهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي ته ڪائنات ۾ موجود اهي سڀئي شيون پنهنجي پالڻهار جو شان ۽ عظمت بيان ڪن ٿيون، انهيءَ جو شڪر ادا ڪن ٿيون ۽ انهيءَ جي واکاڻ ۽ تسبيح ڪن ٿيون. اهڙي طرح مادي ڪائنات ۾ الله تعاليٰ جي پيار ۽ محبت جو هڪ اظهار ڪشش ثقل واري سگهه جي موجودگي آهي. جڏهن ته انهيءَ جو رحم ۽ ٻاجهه جو عمل هُن جي پيدا ڪيل ننڍي ۾ ننڍڙي ڪائنات (Microcosmos) ۽ وڏي ۾ وڏي ڪائنات (Macrocosmos) ۾ موجود ڦرندڙ رفتار (Rotational Velocity) ۾ نظر اچي ٿو.

ٻ – جيئن ته اضافيت واري نظرئي ۾، جنهن جي باري ۾ مٿي اشارو ڪيو ويو هو، خالي جاءِ يا گرهه بلڪل خلا (Vacum) نه هوندو آهي. اڃا به ان کي جديد طبعيات ۾ پلينم (Plenum) چيو ويندو آهي. سائنسدان هائزن برگ جي ”اصول

غير يقيني واري نظريي“مطابق خالي جاءِ يا خلا وقت جي اندر گھٽبو ۽ وڌندو يا ٽڙندو رهندو آهي. هائزن برگ جي بيان ڪيل اصول جي تناظر ۾ جيڪي حدون مقرر ڪري سگھجن ٿيون، انهن ۾ مادي ۽ توانائي جي حفاظت انهيءَ حد کان لنگھي ويندي آهي، جيڪو سمجھ ۾ بيان کان مٿاهون هوندو آهي ۽ توانائيءَ جي چٽن ايڪن ”ڪوانٽا“ کي اڻ هوند مان هوند ۾ آٽي سگھجي ٿو. ان کان اڳ جو اهي محفوظ ٿي يا وجود حاصل ڪن، اهي يڪدم ٻئي لمحي فنا ٿي ويندا آهن. اهڙو ذرڙو جيڪو حقيقت ۾ ظاهر ٿئي ٿو، پوءِ اُن ئي لمحي غائب ٿي ويندو آهي، اهو مجازي ذرڙو (Virtual Particle) سڏيو ويندو آهي. ٻئي پاسي جيڪڏهن انهن جِنن واريون خاصيتون رکندڙ ذرڙن تائين مناسب مقدار ۾ توانائي پهچائي وڃي ته انهن کي ڪم ۾ آٽي سگھجي ٿو، يعني ڪين جيئرو ڪري سگھجي ٿو. رڳو ”ڪوانٽا“ سان وجود ۾ آڻڻ واري عمل جو ته هاڻي سائنسي ليبارٽرين ۾ ئي مشاهدو ڪري سگھجي ٿو.

مشهور سائنسدان ڊيراڪ جي ابتدائي نظريي يعني خالي سمنڊ (Vacuum Sea) وارو خيال، جنهن ۾ هڪ غائب ذرڙي (Antiparticle) کي هڪ ذرڙي جو ڇڏيل ڦاٽ سمجھيو ويندو آهي، قرآن ۾ ٻڌايل ”فتق“ جي چٽيءَ طرح سان نشاندهي ڪري ٿو. انهيءَ جي مخصوص جاءِ کان اُن جو اهڙو عمل، يعني موجوده مثال ۾ خلا (يا ويڪيوم) ۾ انهيءَ جي اها هيئت، جيڪا پري کان هڪ جهڙي ۽ بنا ڪنهن ڪنڊ جي نظر اچي، پر جيڪڏهن مائيڪرو اسڪوپ سان ڏٺو وڃي ته اهي ذرڙن ۽ غير ذرڙن (Antiparticles) جي لاءِ ٻڙڪندي، تيز چڪر هڻندي هڪ سمنڊ وانگر، انهيءَ ئي پلڪ اندر، جوڙن ۾ ٺهڻ وارن غير ذرڙن جي شڪل اختيار ڪري يڪدم فنا ٿي ويندا آهن. اهو نہ مڃڻ جوڳو خيال انهيءَ وقت مادي طور تي ثابت ڪيو ويو، جڏهن سائنسدان ولس ليمب انهيءَ حقيقت کي ڳولي لڌو جنهن کي اڄڪلھ علم طبعيات ۾ ليمب شفٽ (Lamb Shift) سڏيو ويندو آهي.

ليمب، هائيڊروجن جوهرن (ايٽمن) جي جِنَ يا روح وانگر مختصر جاءِ جي تبديليءَ (Shift) جي ماپ حاصل ڪرڻ جي قابل ٿي ويو هو. اهو بہ ظاهر ٿيو تہ انهيءَ جاءِ جي تبديلي جو عمل مجازي ذرڙن جي جوڙن جي مرڪز ۽ ڪاٽو بجلي چارجن جي وچ ۾ خالي علائقي يا خلا ۾ لڳاتار پيدائش ۽ فنا ٿي وڃڻ واري عمل جي ڪري هو. اهي بجلي ميدان جيڪو ڪاٽو بجلي چارجن کي مدار ۾ ٻڌي رکندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن خالي جاءِ جي سمنڊ مان ڪاٽو بجلي چارج ۽ واڌو بجلي چارج (يعني اليڪٽران ۽ پازيٽران) جو جوڙو بنائي ٿو ۽ پوءِ يڪدم اهو جوڙو فنا ٿي ويندو آهي. اهو عمل جنهن کي ويڪيوم پولارائزيشن (Vacuum Pola-risation) چوندا آهن، ايتري وقت لاءِ موجود رهندو آهي جنهن ۾ اها منفي بجلي چارج (اليڪٽران) جي مدار ۾ چڪر ڪائيندي توانائيءَ ۾ جاءِ جي تبديلي (Shift) پيدا ڪري وٺي.



اهڙي طرح اهو بجلي واري ميدان جي ڇڪ جو وجود ئي آهي، جيڪو انهيءَ صورت ۾ مجازي ذرڙن جي جوڙن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي قائم رکندو آهي.

آسماني طبعيات جي حيرت ۾ وجهندڙ ڪارين غارن (Black Holes) جي باري ۾ انگريز ماهر طبعيات اسٽيفن هاڪنگ اها ڳالھ ڳولي لڌي تہ ڪاريون غارون چرپر ۾ هونديون آهن ۽ شعاعن (Radiations) جي اڻ سڌي اخراج جو ذريعو بڻجنديون آهن. افق تي ڪارين غارن جي پيدائش وارن حدن جي ويجھو، تمام سخت ثقلي ميدان، مجازي ذرڙن جي جوڙن جي پيدائش جو سبب بڻجندو آهي ۽ انهن جو فنا ٿي وڃڻ برقي ڇقمقي شعاعن (Electromagnetic Radiations) جي نڪرڻ جي ڪري ٿيندو آهي. انهن جو نظر اچي وڃڻ ممڪن آهي ۽ انهن جو اڻ سڌو مشاهدو ڪري سگھجي ٿو. موجوده مطالعي هيٺ معاملي ۾ ثقلي ميدان جي سخت ڇڪ ۽ ڪشش ئي آهي جنهن سان خالي جاءِ جي ورڇجي وڃڻ جي عمل سان مادي ۽ توانائيءَ جي تشڪيل ٿيندي آهي. يونيورسٽي آف نيو ڪاسل جي ماهر طبعيات پال ڊيويز پنهنجي تازي ڪتاب، جنهن جو نالو ”خدا ۽ نئين طبيعيات“ (God And New Physics) آهي، ۾ چيو آهي تہ آزاد خلا يا بلڪل عدم مان وجود جي صورت، اللّٰه تعالىٰ جي دخل اندازي (مرضي) ڪانسواءِ ناممڪن آهي.

مٿي بيان ڪيل حقيقتن جي روشنيءَ ۾، مان اهو بہ ٻڌائڻ گھرندس تہ بجلي ۽ ثقلي ميدانن ڪانسواءِ هڪ سخت ڇقمقي ميدان جي ڇڪ بہ ذرڙن جي اوچتو وجود ۾ اچي وڃڻ جو سبب ٿي سگھي ٿي. اهو ئي اهو ميدان آهي جيڪو ڪائنات جي هر جاءِ تي موجود آهي، جيڪو حتمي ڳالھ جي لاءِ حڪم ڪري ٿو، انهيءَ جي شڪل ۽ صورت ٺاهيندو آهي. انهيءَ جا تھ مٿان تھ چاڙهيندو آهي ۽ ان کي قائم رکندو آهي، جنهن جي باري ۾ اسان ايندڙ موضوع ۾ ڏسنداسين. منهنجي ذهن ۾ جيڪا ڳالھ آهي، اها خاص طور آسمان جي ستن طبقن جي باري ۾ آهي. ٻين لفظن ۾ ست آسمان انهيءَ ئي ميداني ڇڪ جو سهارو وٺي بيٺل آهن.

پ – ڪاريون غارون اهي جايون آهن جن جي باري ۾ سورت الشوريٰ جي آيت نمبر 5 ۽ سورت الانبياء جي آيت نمبر 30 جي اندر، انهيءَ ۾ موجود ڇڪ جي نشاندهي ڪري ان جي اصليت کي ثابت ڪيو ويو آهي. ڪشش ثقل جو ميدان اهڙي طرح مرڪوز آهي ۽ هر جاءِ تي ايترو تہ گھاٽائي ۾ موجود آهي جو انهيءَ جي وچان نڪري وڃڻ اڻ ٿيڻي ڳالھ ٿيندي. هڪ گھڻ خطرناڪ پر وڻندڙ خوش ڪندڙ سطح تي پروٽانز ۽ اليڪٽرانز انهيءَ ڇقمقي طوفان ۾ وهي پيا ويندا آهن جيڪو سج ۾ آيل (شمسي طوفان) آهي. زمين تي پهچڻ سان اهي حيرت ۾ وجهندڙ سهڻي نموني قطبن تي چڪر ڪاٽيندي لهندا آهن. انهيءَ عجوبي کي ”اورورا بوريلس“ (Aurora-Borealis) چوندا آهن. اهڙي طرح انهيءَ عجوبي جي شروعات ۽ انهيءَ جي پڄاڻي

چقمقي ميدانن جي چڪ ۾ لڪيل آهي.

سورت الانبياءَ جي آيت نمبر 30 ۾ بلڪل صحيح پڇيو ويو آهي ته انهن تمام وڏين نشانين جي موجودگيءَ ۾ ڪهڙي طرح ڪو ماڻهو ڪافر ۽ انڪاري رهي سگهي ٿو؟ مون پهريان به ذڪر ڪيو آهي ته ح – م سان شروع ٿيڻ واري هر سورت پيدائش جي مختلف قانونن کي ظاهر ڪري ٿي. اسان ستن آسمانن جي تشريح واري باب تي پهچي ڪري ڏسنداسين ته اها ئي ڇڪ ڪهڙي طرح سان پاڻ ۾ مليل آسمانن ۽ زمين کي چيري الڳ ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿي ۽ ڪهڙي طرح اها ساڳي ئي ڇڪ ڪيترن ئي آسمانن جي پاڻ ۾ توازن، انهن کي تاءُ ڏيڻ ۽ قائم رکڻ ۾ استعمال ٿئي ٿي. اهڙي طرح جيڪا آيت ڪريمه (فتق) يعني چيرجي جدا ٿيڻ جو اعلان ڪري ٿي، اها ئي وري ڪائنات جي ورهاست ۽ تفاوتن کي به ظاهر ڪري ٿي.

هڪ ڊگهي عرصي کان بي دين ۽ ملحد ماڻهو، بي ترتيب ۽ اونڌين ابتين شين کي ئي ڪائنات جي جوڙجڪ جو ذريعو ڏسيندا رهيا آهن پر اهي اهو نه سمجهي سگهيا ته انهن سڀني کي ترتيب ڏيڻ واري هڪ عظيم هستيءَ کانسواءِ، هِنن هيٺاهين مٿاهين کي هڪ مڪمل ڪائنات جي شڪل نٿي ڏئي سگهجي، هونئن نه ته اهي سدائين جي لاءِ بي ترتيب صورت ۾ ئي رهن ها.

وڏيڪ اهو ته جيڪڏهن عظيم انتظام ڪندڙ (الله تعاليٰ ) جو وجود ڪائناتن کي هر وقت ۽ هر جاءِ تي سنڀالي نه رکي ها ته اهي ڇڙوڇڙ ٿي بي ترتيبيءَ جو شڪار ٿي وڃن ها ۽ اها بي ترتيبي هڪ سيڪنڊ جي هڪ ارب هين حصي جيتري وقت ۾ ٿي وڃي ها پر الله جي قائم ڪيل ڇڪ جي ڪري ئي ڪائنات جي هر جاءِ تي هڪ اعليٰ قسم جو نظم ۽ ضبط موجود آهي. سورت الشوريٰ جي آيت نمبر 5 الله تعاليٰ جي انهيءَ قوت کي ظاهر ڪري ٿي جيڪا فضا جي هر جاءِ کي گهيريون پئي آهي. انهيءَ عظيم الشان نظم ۽ ضبط ۽ طاقت کي، جيڪا سموري ڪائنات ۾ جاري ۽ ساري آهي، سورت الملڪ ۾ چٽيءَ طرح سان بيان ڪيو ويو آهي. آيت نمبر 4 ۾ وري هن طرح فرمايو ويو آهي ته ”پوءِ مڙي ڏسو، ڪٿي توهان کي ڪا بي ترتيبي نظر اچي ٿي؟ وري وري نظر ڪري ڏسو، توهان جي نظر توهان ڏانهن موٽي ايندي.“

سورت الانبياء ۾ وري اهڙيءَ طرح اهو سوال ڪري ته ”پوءِ به اهي ايمان نه آڻيندا ڇا؟“ الله تعاليٰ چٽائيءَ سان اهو اعلان ڪري رهيو آهي ته ڪفر انتهائي محدود ترين ڄاڻ سان به مطابقت نٿو رکي. اها اڻ مطابقت بي دينن جي مڪمل اڻ ڄاڻائيءَ جو نتيجو آهي. حقيقت اها آهي ته اسان جي زماني ۾ طبعيات ۽ ڪائناتي طبيعيات، قرآن جي انڪار جي سڀني امڪانن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي طرح الله تعاليٰ جي وجود جي انڪار کي به ناممڪن بنائي ڇڏيو آهي. اِن ريت هڪ بي دين ماڻهوءَ کي ته ”سائنس جي شهر“ ۾ داخل ٿيڻ کان ئي روڪيو ويو آهي.



موضوع نمبر 21

# هڪٻئي مٿان ست آسمان

اَللّٰهُ الَّذِىۡ خَلَقَ سَبۡعَ سَمٰوٰتٍ وَّ مِنَ الۡاَرۡضِ مِثۡلَهُنَّ ؕ (الطلاق: ١٢)

”الله اهو آهي جنهن ست آسمان ٺاهيا ۽ زمين به انهن وانگر آهي.“

ڪيترين ئي آيتن ۾ قرآن پاڪ اندر، جيڪو هڪ عظيم الشان ڪتاب آهي، ڪائنات ۾ ستن آسمانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سائنس گذريل ٻه سؤ سالن ۾ ڪائناتي فضا (Cosmos) جو مطالعو ڪندي رهي آهي پر اڃا تائين انهيءَ موضوع تي ڪابه چٽي معلومات حاصل نه ڪري سگهي آهي. اهو رڳو گذريل پنجويهن سالن ۾ ممڪن بڻيو جو آسماني طبعيات (Astrophysics) جي ميدان ۾ تمام دلچسپ کوجنائون اهڙي طرح سامهون آيون جو قرآن جا معجزا بلڪل پڌرا ٿي پيا آهن. هن وقت تائين سائنس جيڪي کوجنائون ڪيون آهن، اهي سمنڊ منجهان هڪڙي بوند کان وڌيڪ ڪجهه به نه آهن. پر انهن گذريل ٻه سؤ سالن جي غلطين کي گهٽ ۾ گهٽ ميجڻ شروع ڪيو آهي.

اچو ته سڀ کان پهريان قرآن پاڪ جي انهن آيتن جو گڏيل طرح مطالعو ڪريون، جن جو تعلق ستن آسمانن سان آهي. ان کانپوءِ اسان انهن جي سائنسي توجيهن کي ڏسنداسين، جنهن سان اسان کي خبر پئجي ويندي ته اهي ڪهڙي طرح هڪٻئي سان مطابقت کي ظاهر ڪن ٿيون.

الف – سورت الملڪ جي آيت نمبر 3

ترجمو: ”اهو ئي (الله) آهي جنهن طبقا طبقا ست آسمان ٺاهيا.“

ب – سورت البقره جي آيت نمبر 29

ترجمو: ”اهو (الله) ئي ته آهي جيڪو آسمانن ڏانهن متوجه ٿيو ۽ انهن کي ست (آسمان) برابر ڪري بيهاريائين ۽ اهو هر شيءِ جي ڄاڻ رکندڙ آهي.“

www.sindhsalamat.com

ب — سورت بني اسرائيل جي آيت نمبر 44

ترجمو: "انهيءَ جي پاڪائي (۽ عظمت) تہ ست ئي آسمان ۽ زمينون ۽ اهي سموريون شيون بيان ڪري رهيون آهن جيڪي زمين ۽ آسمانن ۾ آهن، ڪابہ شيءِ اهڙي نہ آهي جيڪا ان جي واکاڻ سان ان جي تسبيح نہ ڪري رهي هجي پر توهان انهن جي تسبيح نٿا سمجهو، سو حقيقت اها آهي تہ اهو وڏو ئي بردبار ۽ درگذر ڪرڻ وارو آهي."

پ — سورت نوح جي آيت نمبر 15

ترجمو: "ڇا توهان نٿا ڏسو تہ الله تعاليٰ ڪهڙي طرح ست آسمان طبقا طبقا ڪري ٺاهيا."

ت — سورت الانبياء جي آيت نمبر 12

ترجمو: "۽ (الله) توهان جي مٿان ست مضبوط آسمان قائم ڪيا."

ٽ — سورت المؤمنون جي آيت نمبر 17

ترجمو: "۽ توهان جي مٿان اسان ست رستا ٺاهيا. بناوت جي ڪم ۾ اسان ڪي اڻڄاڻ نہ هئاسون."

اچو تہ هاڻي اسان ٿورو غور ڪري ڏسون تہ جديد آسماني طبعيات فضا ۽ ڪائنات جي نظام جي باري ۾ اسان جي ڄاڻ ۾ ڪهڙو واڌارو ڪيو آهي.

ويجهي ماضيءَ ۾ سائنسدانن جو اهو مفروضو هو تہ ڪائنات ۾ لڳ ڀڳ ويهہ لک ستارا آهن پر آسماني طبعيات جي ڄاڻ ۽ کوجنائن جي ڪري اهو مفروضو بلڪل ئي بي بنياد ثابت ٿيو آهي. جديد سائنسدانن ڪائنات جي نظام (Cosmos) کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

ڪائنات جو نظام مختلف قسمن پر ساڳي مرڪز وارن چقمقي تهن کي ظاهر ڪري ٿو. وچ وارو پٽو (Band) ستارن جي انهيءَ جهڳٽي تي مشتمل آهي جنهن جي اندر سج بہ هوندو آهي جنهن کي ڪير ڌارا (Galaxy) بہ چوندا آهن. انهيءَ کان سواءِ ٻين بہ ڪيترين ئي ڪير ڌارائن جا جهڳٽا هوندا آهن. انهن ۾ ستارا اڻ ڳڻيا تعداد ۾ هوندا آهن. ان جي مٿان يا ٻاهران هڪ ٻيو ميدان هوندو آهي جنهن ۾ مختلف چقمقي خاصيتون هونديون آهن ۽ جيڪو ڪيترن ئي ڪوٿرن (Quasars) وارو ميدان هوندو آهي. اهي ستارن جي ٻج واري مشينون يعني ستارن جي ٻجن جون هيچريون (Hacheries) هونديون آهن، جن انهيءَ ميدان کي گهيري رکيو هوندو آهي. هڪ ٽين چقمقي پٽي ڪائنات جي اجا اڳتي وارن علائقن تي ٻڌل هوندي آهي.

سڀ کان اندريون دائرو، خاص ڪري اسان جو پنهنجو نظام شمسي پنهنجي ستارن جي ڪٽنب سميت وڌيڪ آسانيءَ سان نظر اچڻ جي ڪري مطالعي هيٺ اچي سگهي ٿو. هن نظام اندريون ڍانچو ٽن جدا جدا چقمقي ميدانن تي مشتمل هوندو



آهي. سڀ کان پهريان، هر فلڪي جسم (ستارو) جيڪو سج جي چوگرد ڦرندو آهي، هڪ چقمقي ميدان رکندڙ هوندو آهي ۽ ان جي پنهنجي هڪ فضا بہ هوندي آهي. انهيءَ جو لاڳاپو سياري جي اوسي پاسي وارن علائقي سان هوندو آهي. انهيءَ کان پوءِ اهو سيارو پنهنجي نظام شمسي سان ڳنڍجي هڪ ٻيو چقمقي ميدان ٺاهيندو آهي. هڪ ثريا ۾ هر شمسي نظام هڪ جدا چقمقي علائقو ٺاهيندو آهي ۽ رڳو اسان جي ستارن جي روشن پٽي واري ڪير ڌارا ۾ ئي هڪ سؤ ارب ستارا يا سج آهن ۽ ان سان مٿاهين درجي تي ڪيرڌارائن جي جهڳٽن جي اندر هڪ ٻئي سان ويجهيون ڪيرڌارائون ملي هڪ ٻئي چقمقي ميدان جي ماتحت ٿينديون آهن.

اهڙي طرح جڏهن توهان ڌرتيءَ يا ڪنهن ٻئي سياري کان آسمان يا فضائي ويڪر ۾ نظر ڪندا آهيو تہ توهان انهن ستن چقمقي ميدانن ۾ گهيريل هوندا آهيو، جيڪي پوئتي هٽندي ۽ سڪڙجندي فضائي ويڪر جي بي انت Infinity تائين پهچندا آهن. زمين تان ڪائنات جي نظام (Cosmos) جو مشاهدو هن ريت آهي.

1. اهو فضائي ميدان (Spatial Field) جيڪو اسان پنهنجي شمسي نظام سان ملي ڪري ٺاهيندا آهيون، اهو آهي "پهريون آسمان."

2. اسان جي ثريا (ڪير ڌارا) جو فضائي ميدان "ٻيو آسمان" ٺاهيندو آهي. اهو چقمقي ميدان، جيڪو ستارن جي روشن پٽي ڪير ڌارا (Milky way) جي بلڪل اندر "مغز" کي ٺاهي ٿو، سو ويجهڙائيءَ ۾ ئي لڌو ويو آهي.

3. ثريائن جو اسانجو علائقائي جهڳٽو (Local Cluster) ٽيون آسمان ٺاهيندو آهي.

4. ڪائنات جو اهو وچ وارو چقمقي ميدان جيڪو ثريائن جي جهڳٽي جي هيڪڙائي (Collectivity) کي ظاهر ڪندو آهي اهو "چوٿون آسمان" آهي.

5. اها ڪائناتي پٽي (Cosmic Band) جيڪا ڪوٿرز کي ظاهر ڪري ٿي، سان "پنجون آسمان" آهي.

6. ڦهليل ڪائنات جو اهو ميدان جيڪو پوئتي هٽندڙ ثريائن کي ظاهر ڪري ٿو سو "ڇهون آسمان" آهي.

7. سڀ کان ٻاهر (ڏُوري) وارو ميدان آهي جيڪو ڪائنات جي بي انت هجڻ جو مظهر آهي، سو "ستون آسمان" آهي.

اهڙي طرح تهہ در تهہ ستن آسمانن جي نشاندهي ٿئي ٿي جن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ چوڏهن سؤ سال اڳي ڪيو ويو هو.

اهو معجزو جيڪو سچ پچ بہ ذهن کي لوڏي ڇڏي ٿو سو اهي آيتون آهن جيڪي مٿي بيان ڪيل حقيقتن تي روشني وجهن ٿيون ۽ جن کي سائنس هلندڙ ڏؤر ۾ ئي ثابت ڪيو آهي، جن مان ڪن جو اسان اڳي ئي ذڪر ڪري چڪا آهيون. انهن

www.sindhsalamat.com

جو تت مٿاچري طرح ڀيھر ورجايون ٿا:

الف – سورت الشوريٰ جي آيت نمبر 5 جي لحاظ سان ڪيترائي آسمان، سخت چقمقي ميدانن جي پيدا ڪيل تمام گھٽي دٻاءَ ۽ ڇڪ جو شڪار آهن.

ب – سورت الذاريات جي آيت نمبر 47 ۾ چيو ويو آهي تہ ”آسمان کي اسان زور سان ڦهلايو“ (يا پکيڙيو). انهيءَ جي تشريح اڳتي موضوع نمبر 30 ۾ ايندي.

ٻ – سورت الانبياء جي آيت نمبر 106 ۾ فرمايو ويو آهي تہ ”اسان ڪائنات کي ڪتاب جي ورقن وارو بنايو جنهن کي اسان ويڙهي ڇڏيندا آهيون.“

ڀ – سورت الانبياء جي آيت نمبر 30 ۾ فرمايو ويو: ”سيئي آسمان ۽ زمينون پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا، پر اسان انهن کي الڳ ڪيو.“

انهن آيتن جي جدا تشريح ايندڙ صفحن ۾ بيان ڪئي ويندي پر هن موقعي تي اهم ڳالهہ اها آهي تہ قرآن ستن آسمانن جو رڳو ذڪر ڪري انهيءَ موضوع کي اڌورو نٿو ڇڏي ڏئي، پر ڪائناتي طبعيات جي تناظر ۾ سڀ کان جديد مادي تشريحن تي بہ روشني وجهي ٿو.

ستن آسمانن جي نظريي کي سٺي نموني سمجهڻ لاءِ مان آسماني طبعيات جي باري ۾ ڄاڻ جو وڏيڪ تت پيش ڪرڻ گهرندس.

مٿي بيان ڪيل آسمانن جي تهن جو مطلب تصور کان بہ مٿي مفاصلن جو معاملو آهي. پهريون آسماني تهہ لڳ ڀڳ ساڍا سٺ ڪرب ڪلوميٽر ويڪرو آهي. ٻيو تهہ يا اسان جي ثريا (Galaxy) جو قطر هڪ لک ٽيهہ هزار نوري سال* آهي. ٽيون آسمان يا اسان جي ثريائن جو علائقائي جهڳٽو ويهہ لک نوري سالن تي ٻڌل آهي. چوٿون آسمان جيڪو ثريائن جو جهڳٽو آهي ۽ جيڪو ڪائنات جو بلڪل اندريون مغز يا مرڪز آهي، ان جو قطر هڪ ڪروڙ نوري سالن جي برابر آهي. پنجون آسمان هڪ ارب نوري سالن جي مفاصلي تي آهي. ڇهون آسمان ويهہ ارب نوري سال پري آهي. هڪ آسمان کان ٻئي آسمان تائين ڪابہ مادي سواري يا شيءِ نٿي پهچي سگهي. ان جو هڪ سبب تہ انهيءَ باري ۾ رفتار جو معاملو آهي. ٻيو اهو تہ رستي ۾ موجود چقمقي ميدانن کي پار نٿو ڪري سگهجي. ٽيون اهو تہ انهن آسمانن تائين پهچڻ جي لاءِ يا انهن جي وچان گذرڻ جي لاءِ اهو ضروري آهي تہ جنهن رفتار سان سفر ڪيو وڃي سو روشنيءَ جي رفتار کان بہ وڏيڪ هجي. انهيءَ جو مطلب آهي تہ مادي جي دنيا مان ئي نڪري وڃڻو پوندو.

---

*اهو مفاصلو جيڪو روشني هڪ سال ۾ پورو ڪري انهيءَ مفاصلي کي هڪ نوري سال مفاصلو سڏيو ويندو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ روشني هڪ سيڪنڊ ۾ لڳ ڀڳ ٽي لک (300000) ڪلوميٽر مفاصلو طئي ڪندي آهي. (سنڌيڪار)



جيئن تہ اسان موضوع نمبر 2 ۾ بيان ڪيو آهي تہ قرآن ڪريم مفاصلن جي ننڍڙن رازن کي بہ بيان ڪيو آهي. ڪجهہ سائنسدانن جي خيال ۾ ستارن جي جهڳٽن جي وچ ۾ ڪاريون غارون هڪ جهڳٽي کان ٻئي جهڳٽي ڏانهن ٽپنگ ڏيڻ (Jumps) جي مرحلي ۾ مددگار هوندا آهن. هڪ ڪاري غار جو وجود گليڪسي M87 جي ذريعي تصور ۾ آڻي سگهجي ٿو. اها سمجهاڻي قرآن پاڪ جي سورت ”واقعہ“ ۾ اسان کي ملي ٿي. قرآن پاڪ ستن آسمانن جي ڳالهہ ڪري آسماني طبعيات سان لاڳاپيل سمورين حقيقتن کي بيان ڪري ڇڏيو آهي.

اچو تہ هاڻي ستن تهن وارن آسمانن جي اصولن تي شروع ۾ ڏنل آيتن جي روشنيءَ ۾ تحقيق ڪريون.

اها ڳالهہ بلڪل پڌري آهي تہ ستن تهن واري آسمان جي باري ۾ هڪ مڪمل نظم ۽ انهن جو مضبوط مادي وجود ئي اهو پهريون نڪتو آهي، جنهن تي هنن آيتن ۾ زور ڏنو ويو آهي. ٻيو اهم نڪتو جيڪو هنن آيتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي سو هيءُ آهي تہ سيئي شيون جيڪي انهن آسمانن ۾ آهن، سي الله تعاليٰ جي واڪاڻ ۽ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪن ٿيون. ٽيون اهم نڪتو هيءُ آهي تہ الله پاڪ انهن آسمانن ڏانهن انهن جي خالق هئڻ جي حيثيت ۾ توجهہ ڏنو ۽ پنهنجي رضا ۽ پنهنجي پاڪ طاقت سان ڪين هڪ خاص شڪل ۾ قائم ڪيو. اهو الله تعاليٰ جو هر جاءِ تي موجود هئڻ جو ثبوت آهي، جنهن آسمانن جي چقمقي قوت ۽ خاصيتن جي شروعات ڪئي.

جيستائين سورت المؤمنون جي آيت نمبر 17 جو تعلق آهي، انهيءَ ۾ ستن آسمانن، يعني ستن رستن جو ذڪر آيو آهي. سيني مفسرن وٽ ستن رستن جو مطلب ست آسمان ئي آهي ۽ حقيقت بہ اها ئي آهي. هتي اهم ڳالهہ اها آهي تہ ستن آسمانن کي ست رستا (طريقا) انهيءَ ڪري چيو ويو آهي تہ جيئن اسان ستن ميدانن کي آسانيءَ سان سمجهي سگهون. اهڙي طرح قرآن پاڪ ۾ رستن جو ذڪر ڪري جسماني ماپ، آسماني مفاصلن ۽ لامحدود رفتارن کي قرآني زبان ۾ اهڙي طرح بيان ڪيو ويو آهي جو انهن کي سمجهڻ آسان ٿي وڃي ٿو.

هاڻي اسان هنن مبارڪ آيتن جي انهن تشريحن تي اچون ٿا جيڪي حقيقت ۾ ستن آسمانن جي نظريي تي وڏيڪ روشني وجهن ٿيون.

”سبع سموات طباقا“

لفظ طباقا جو مطلب آهي هڪ ٻئي سان مطابقت يا اتفاق رکڻ. اها معنيٰ ظاهر ڪري ٿي تہ ست جدا جدا چقمقي ميدان هڪ ٻئي سان هڪجهڙائي ۽ سهڻي ترتيب سان ڳنڍيل آهن. ساڳئي وقت اها هڪجهڙائي انهن آسمانن جي بنيادي جوڙجڪ جي ڍانچن جي اختلاف ڏانهن بہ اشارو ڪري ٿي. پر جيڪڏهن ست ئي آسمان هڪجهڙن ڍانچن وارا هجن ها تہ خاص طرح اهو چوڻ جي ضرورت ئي نہ هئي

ته اهي پاڻ ۾ هم آهنگ آهن.

مادي نقط نظر سان اها هڪجهڙائي ظاهر ڪري ٿي ته آسمانن جا اهي ميدان، جن جون چقمقي خاصيتون ۽ صلاحيتون جدا جدا آهن، پنهنجي سرحدي نقطن يا جڳهن تي مناسب خاصيتن سان جڙيل آهن. وڌيڪ جيئن هن کان اڳ به بيان ٿي چڪو آهي ته سورة الشوريٰ جي آيت نمبر 5 اعلان ڪري ٿي ته انهن آسمانن جي انتهائي سگهاري حيثيت واري طاقت، انهن جي ٻاهرين سرحد تي تمام گهٽي هوندي آهي. انهيءَ نقطي نظر سان جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته توانائيءَ جي مدارن ۽ بيضوي چقمقي ليڪن جو پاڻ ۾ هڪجهڙائي رکڻ سمجهه ۾ اچڻ واري ڳالهه آهي. انهيءَ ڪري هي آيتون اهڙن امڪانن کي ممڪنات کان خارج سڏين ٿيون، ڇو جو مٿاهين سرحد تي موجود سخت مخالفت واريون توانائيون ڪنهن به طرح آسمانن جي انهيءَ نظام کي درهم برهم ڪري سگهن ٿيون. اهو انهيءَ لاءِ جو ستن آسمانن جي وچ ۾ هر جاءِ تي هڪجهڙائي موجود آهي.

هڪڙي آسمان کان ٻئي آسمان تائين گذري وڃڻ ۾ اها هڪجهڙائي جدا جدا خاصيتون رکي ٿي. ڇڻ ته ست ئي آسمان پنهنجو پاڻ ۾ هڪجهڙائيءَ جو مظاهرو ڪن ٿا. پر هڪڙي آسمان کان ٻئي آسمان تائين ٽپي وڃڻ جو رستو رڳو ڪارين غارن (Black Holes) يا فضا ۾ انهيءَ قسم جي ”ڪيڙي جي گذري وڃڻ وارن رستن“ جهڙن سوراخن مان ئي لنگهي ٿو.

(ب) ”طباقاً“ جي معنيٰ هڪ قسم جو تهه به ٿي سگهي ٿي. ائين هيءَ آيت سڳوري آسمانن جي تسلي بخش نوعيت تي زور ڏيندي نظر اچي پئي. جيتوڻيڪ قرآن جون اڳاٽيون تفسيرون طبقي مان ”طباقا“ جي مٿي بيان ڪيل معنائن ڏانهن ڪا چٽيءَ طرح همٿ افزائي نٿيون ڪن، پر جڏهن اهي تفسيرون لکيون ويون هيون ان وقت تائين چقمقي تهن ۽ ميدانن جي دريافت به ڪونه ٿي هئي.

انهيءَ ڳالهه کان هٽي ڪري ته لفظ تهن ۽ هڪجهڙائيءَ جي ڪهڙي معنيٰ ورتي وڃي ٿي، اهم ڳالهه اها آهي ته فضائي ويڪر ۾ چقمقي ميدانن جي وچ ۾ موزونيت، تسلسل ۽ مطابقت موجود آهي. آيت ڪريمه جي معنيٰ اهو ظاهر ڪري ٿي ته اهي ٽيئي خاصيتون ستن آسمانن ۾ موجود ۽ روان دوان آهن.

ستن آسمانن جي سلسلي وارين آيتن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم اها آيت آهي جيڪا بلڪل ئي مختلف قسم جي رازن کي بيان ڪندي نظر اچي ٿي. اها آيت ڪريمه سورت الطلاق جي آيت نمبر 12 آهي، جنهن ۾ ارشاد ٿيو آهي ته الله تعاليٰ اهو آهي جنهن ستن آسمانن کي بڻايو ۽ زمين جو قسم به انهيءَ وانگر آهي (يعني زمينون به ايتري تعداد ۾ آهن) انهيءَ جو ئي حڪم هلي ٿو.

جوهر يا ايٽم جي باري ۾ اها ڳالهه ڪيترائي ماڻهو ڄاڻيندا هوندا ته اهي دنيا



جي اڏاوت ۾ سر واري حيثيت رکن ٿا. ايٽمن جي بناوت کي مختصر طرح هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو ته اهي هڪ اهڙي مرڪز وارا آهن جنهن جي اوسي پاسي اليڪٽرانن جو حرڪت ڪندڙ ڪڪر ڇانيل هوندو آهي. اليڪٽرانن جو اهو ڪڪر خاص اليڪٽرانن جي توانائيءَ جي نوعيت کي ظاهر ڪندو آهي. شروع شروع ۾ هڪ ايٽم جي ڍانچي يا بناوت کي نظام شمسي سان ڀيٽي سگهجي پيو پر اڳتي هلي خبر پئي ته اها هڪ غلط ڀيٽا هئي ۽ گمراهه ڪندڙ پڻ هئي، ڇاڪاڻ ته هيءُ نظام مشابهت ۾ نظام شمسي بنسبت ستن آسمانن جي نظام سان وڌيڪ هڪجهڙائي رکندو آهي. انهيءَ جو سبب اهو آهي ته اليڪٽرانن جو هجوم ڪنهن اهڙي مدار واري ڪوپي جو، پنهنجو پاڻ ئي بنا ڪنهن پروگرام جي چونڊ نٿو ڪري سگهي. اجا به انهن کي اٽن يا مرڪزن کي گهيريل بلڪل ٺيڪ ۽ مخصوص توانائي جي سطح جي تابع ٿيڻو پوي ٿو.

هائو، منهنجا دوستو! ايٽمي مرڪزن کي گهيريل ست ئي مدارن وارا ڪوپا آهن، جن کي اليڪٽرانن جي نسبت سان ئي مداري ڪوپا سڏيو وڃي ٿو. هڪ اليڪٽران ۾ جيڪڏهن مناسب توانائي هجي ته اهو انهن مدارن مان ئي هڪڙي جي اندر حرڪت ڪندڙ ٿي سگهي ٿو. اهڙي صورت ۾ هيءَ آيت سڳوري پنهنجو پاڻ ئي هڪ سائنسي معجزو ثابت ٿئي ٿي. ڇو ته اها اسان کي انهيءَ حقيقت جو شعور ڏئي ٿي ته آسمانن جي عظيم ڪائناتن، يعني ميڪرو ڪوسموس ۾ موجود ستن چقمقي ميدانن، زميني ايٽم جي ڪائنات (مائيڪرو ڪوسموس) ۾ به اهڙي طرح موجود آهي ۽ پهرين جو عڪس ٻئي ۾ نظر اچي ٿو.

تمام ننڍڙي اليڪٽراني دنيا ۾ انهن ننڍڙن ننڍڙن ڪوپن جا تهه وڏي اهميت وارا آهن. هڪڙي مدار کان ٻئي مدار ڏانهن منتقلي جي لاءِ وڏو توانائيءَ جو مقدار گهرجي. هر مرڪز يا نيوڪلس، اليڪٽرانن جي سڀني ستن ڪوپن ۾ قيد نٿو ڪري سگهي. اهو اليڪٽرانن کي رڳو انهيءَ حد تائين ئي قائم رکي سگهي ٿو جيستائين بجلي وارو چقمقي پڃرو (Electromagnetic structure) يعني پروٽرانن جو تعداد انهيءَ جي اجازت ڏئي ٿو. انهيءَ سموري بحث جو نچوڙ اهو آهي ته جيڪڏهن اسان هڪ انتهائي ننڍڙي ايٽمي مرڪز تي زندگي گذارڻ جي لاءِ مجبور هجون ها، تڏهن به جيڪڏهن اسان آسمان ڏانهن ڏسون ها ته اسان کي ست ئي آسمان نظر اچن ها ۽ اليڪٽرانن جي موجودگي اسان جي لاءِ گرهن وارو منظر پيش ڪري ها.

ستن آسمانن جي باري ۾ هڪ ٻيو نظريو اڻ ڪٽ جسماني ماپ (Infinite Dimensions) واور به آهي. جيڪڏهن اسان موضوع نمبر 7 ۾ بيان ڪيل درجي به درجي گهٽجندڙ فضائي ويڪر کي ذهن ۾ رکون ته اهو ظاهر ٿي ويندو ته ڪائنات ۾ فضائي ويڪر مختلف طرفن ۽ ماپن سان ملي ڪري وجود ۾ آئي آهي. اوله جي

ڪيترن ئي سائنسدانن، جن ڪي اسان آئن اسٽائن جي نظرين ڪي مڃڻ وارا چئي سگھون ٿا، اها ڳالھ مڃي ورتي آھي تہ چئن ڪان وڌيڪ طرف ھن ڪائنات ۾ موجود آھن.

ھاڻي اسان ڏسنداسين تہ مختلف آسمانن ۾ مختلف ماپ واري بناوت رکندڙ جدا جدا طرف ھن فضا ۾ ڪھڙي طرح موجود آھن. انھيءَ معنيٰ ۾ ستن مختلف آسمانن وارو نظريو ستن جدا جدا ڪائناتي موجودات (Continua) جو احاطو ڪري ٿو. جيئن تہ اسان چوٿين طرف يعني وقت ڪان اڳتي ڪجھ بہ تصور نٿا ڪري سگھون ، تنھن ڪري اسان پنھنجي موجوده زماني ۾ انھن ماپن جو ڪو تفصيل بہ نٿا ڏئي سگھون. اسلام جي عظيم مفڪرن ۽ عالمن جي خيالن ۽ لکڻين ۾ انھن ماپن جي سلسلي ۾ مختلف جھانن جو ذڪر ملي ٿو. سندن بيان ڪيل مثالن ۾ ملائڪن جي جھان ۽ روحن جي جھان جھڙا ذڪر موجود آھن.

اسان ڪي گھرجي تہ اسان عقلي سائنس جي ذريعي اڄ تائين حاصل ڪيل سمجھ جي اندر نہ رڳو ستارن جي جھرمٽن ۽ مادي ڪائنات جي باري ۾ غور فڪر ڪريون، پر ستن آسمانن جي نظريي سان وڌيڪ جسامتي ماپن جي باري ۾ بہ تحقيق ڪريون. ھڪ ٻيو اھم پر ڏکيو مطالعو ۽ تحقيق ايٽمن جي مختلف توانائيءَ جي پٽين جي باري ۾ آھي. جيئن تہ مون موضوع نمبر 20 ۾ الله تعاليٰ جي ڪامل قدرت جو آسمانن ڪي چيري جدا ڪرڻ ۽ انتھائي سخت چڪ (نظم) قائم ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آھي. قرآن ڪائناتن جي طبعي علمن ڪي اسان جي اکين اڳيان پکيڙي ڇڏيو آھي تہ جيئن اسان آسانيءَ سان انھن جو مطالعو ڪري سگھون.



**موضوع نمبر** 22

# عبادت ۽ ذھني صحت

الَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡغَيۡبِ وَ يُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ يُنۡفِقُوۡنَ ۙ﴿۳﴾ وَ الَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَ مَاۤ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِكَ ۚ وَ بِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ يُوۡقِنُوۡنَ ؕ﴿۴﴾ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنۡ رَّبِّهِمۡ ٭ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۵﴾ (البقرة: ٤ ۽ ٦)

”جيڪي غيب تي ايمان آڻين ٿا، نماز قائم ڪن ٿا، جيڪو رزق اسان انھن ڪي ڏنو آھي انھيءَ مان خرچ ڪن ٿا. جيڪو ڪتاب توتي نازل ڪيو ويو آھي (يعني قرآن ڪريم) ۽ جيڪي ڪتاب توھان ڪان پھريان نازل ڪيا ويا ھئا، انھن سڀني تي ايمان آڻين ٿا ۽ آخرت تي يقين رکندا آھن. اھڙا ئي ماڻھو پنھنجي پالڻھار جي طرف ڪان ڏسيل سنئين واٽ تي آھن ۽ اھي ئي ڪامياب ٿيندڙ آھن.“

جيئن تہ اھا ڳالھ ھر ھڪ مسلمان ڄاڻي ٿو تہ اسان جي دين ۾ عبادت جي بنيادي شڪل نماز آھي. نماز اصل ۾ ھڪ ٻانھي جي طرف ڪان پنھنجي مالڪ جي اڳيان شڪرگذاري ۽ ٻاڏائڻ جي ھڪ شڪل آھي. انھيءَ پاڪ رستي تي ھڪ انسان جو اھو سفر ئي ان ڪي الله تعاليٰ جي ويجھو ڪري ڇڏي ٿو. نماز اندر الله تعاليٰ جي اڻ ڪٿ دنيا ۾، سورت فاتحہ جي رمزن وسيلي، الله تعاليٰ جي مھربانين ۽ معافيءَ جو ذڪر آھي.

اھڙن سببن جي بنياد تي ڪابہ سائنس انھيءَ لائق نہ آھي تہ اھا نماز جي رازن تائين پھچي وڃي يا انھن جو احاطو ڪري سگھي. خاص ڪري جيڪڏھن نماز ڪي رڳو ھڪڙي جسماني ورزش سمجھيو وڃي تہ اھا اھڙي چريائپ واري ڳالھ ٿيندي جنھن جو ٻيو مطلب اھو تہ ڪائنات ۾ ھن ھوا ڪانسواءِ، جنھن ۾ اسان ساھ کڻون ٿا، ٻيو ڪجھ بہ نہ آھي. لاڳاپيل سائنسي کوجنائن بابت ڪتاب ۾ اسان پنھنجي دماغ جي دري رڳو انھن حقيقتن ڏانھن کوليندا سين، جيڪي نماز جي ڪري سڀ ڪان اھم

www.sindhsalamat.com

پاسن کي چٽو ڪن ٿيون ۽ جيڪي دماغي صحت تي نماز جي معجزاڻن اثرن جي تصديق ڪن ٿيون. پڙهندڙن کي انهيءَ ۾ دوکو نہ کائڻ گهرجي تہ نماز جا فائدا رڳو اهي ئي آهن جيڪي هنن ٿورڙن صفحن تي تحرير ڪيا ويا آهن. انساني نفسيات تي انهيءَ جو لاپائتو اثر تہ ان جي هزارين فائدن مان رڳو هڪڙي ئي فائدي کي ظاهر ڪري ٿو.

سورت العنڪبوت جي آيت نمبر 45 ۾ هن طرح فرمايو ويو آهي:

”اي نبي (ﷺ) انهيءَ ڪتاب جي تلاوت ڪر جيڪو توڏانهن وحي جي ذريعي موڪليو ويو آهي ۽ نماز قائم ڪر. بيشڪ، نماز بڇڙن ۽ بي حيائي وارن ڪمن کان روڪيندي آهي ۽ الله جو ذڪر تہ ان کان بہ وڏي ڳالھ آهي. الله تعاليٰ اهو سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ اوهين ڪريو ٿا.“

اها هڪ عام سمجھ ۾ ايندڙ حقيقت آهي تہ قرآن پاڪ ۾ عبادت سان لاڳاپيل ڪيتريون ئي آيتون موجود آهن، جن مان اسان مٿي نقل ڪيل آيتن جي چونڊ رڳو انهيءَ لاءِ ڪئي تہ جيئن عبادت جي فائدن جي تشريح، رڳو نفسياتي صحت تي ئي مرڪوز ڪري سگهون. بهرحال، سڀ کان پهريان مٿين آيتن سڳورين جي تشريح کان اڳ مان پنهنجي پڙهندڙن جو ڌيان هڪ تمام اهم نقطي ڏانهن ڇڪائڻ گهران ٿو. سائنسي علمن جي اها شاخ جنهن کي اولھ ۾ علم نفسيات يا سائيڪالوجي چون ٿا، انهيءَ جو حقيقت ۾ انساني روح سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. اسلامي سائنس جي نقطي نظر کان علم جو اهو ميدان جيڪو اسان جي روين جو مطالعو ڪري ٿو، اصل ۾ اسان جي اندر يعني ”نفس“ جي تشريح جو هڪڙو وسيلو آهي. اسان جنهن کي ذهني صحت جو نالو ڏيون ٿا سا انهيءَ کان ڪجھ مختلف آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ جو دارومدار بہ گهڻو ڪري نفس تي ئي هوندو آهي، پر اولھ وارن جا سائنسي علم، جن جو لاڳاپو ذهني روين سان آهي، انهيءَ معاملي ۾ وڌيڪ ٻن شاخن ۾ ورهائجي وڃن ٿا، جن کي دماغي مرضن جو علاج (Psychiatry) ۽ ذهني تندرستي جو نالو ڏنو ويو آهي، جيڪو اسان جي سموري ڪردار جو مطالعو ڪري ٿو.

اسان جي پوري شخصيت جو ڍانچو اسان جي ئي جسم، روح ۽ دل جي آخري پيداوار يا نتيجو آهي، جنهن ۾ نفس سڀ کان اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. انهيءَ موضوع تي وڌيڪ بحث کان سواءِ مان تشريحن ڏانهن وڃڻ گهران ٿو. اهو موضوع حقيقت ۾ انتهائي اهم آهي ۽ مسلمان سائنسدانن کي انهيءَ جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪرڻ گهرجي. هن وقت جيڪا شيءِ مان توهان کي سمجهائڻ گهران ٿو سا اها آهي تہ حقيقت ۾ ذهني صحت مان اسان جو مطلب روح جو روايتي تصور يا نظريو نہ آهي پر انهيءَ جو مطلب اسان جي مطلبي شخصيت آهي.

مٿين آيتن مان اسان کي جيڪو پيغام ملي ٿو، ان جو تت هيٺن نڪتن



ذريعي پيش ڪجي ٿو.

(الف) جيڪو بہ ماڻهو عبادت ڪري ٿو سو ڇوٽڪاري جو حقدار بڻجي ٿو.

(ب) جيڪو بہ ماڻهو عبادت ڪري ٿو، تنهن کي پناھ ملي وڃي ٿي ۽ ان کي بڇڙائي ۽ بيحيائيءَ کان ڇوٽڪارو ملي وڃي ٿو.

اچو، هاڻي ڏسون تہ نفسياتي نقط نظر کان مختلف انسان ڪيئن نظر اچن ٿا؟

اسان جي موجوده دؤر ۾ لڳ ڀڳ سمورا انسان مشيني زندگيءَ واري ڦيٿي جي تارن ۾ ڄڻ تہ ڦاسي پيا آهن ۽ بي ديني ۽ مادي پرستي جي ڪري جيڪو نتيجو نڪتو آهي، انهيءَ ۾ ڪيترن ئي انسانن پنهنجو ذهني سڪون وڃائي ڇڏيو آهي. اِن جو نتيجو اهو آهي تہ انسانن ۾ پريشاني ۽ ناراضپو عام ٿي پيو آهي. اهڙي طرح سيئي ماڻهو مختلف جهيڙن جهٽن ۽ الجهنن ۾ ڦاسي، ڪيترين ئي قسمن جي مصيبتن ۽ نقصانن جو شڪار ٿيندا رهندا آهن جن مان ڪن جو مختصر طور ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

(الف) پريشانين جو هارمون پيدا ڪرڻ وارن غدودن تي جيڪو نقصانڪار اثر پوندو آهي، انهيءَ سان معدي جون ڦرڙيون يا السر پيدا ٿي پوندي آهي. ان کان سواءِ دل جي شريانين واري نظام کي هاجو رسندو آهي ۽ هاضمي وارو نظام خراب ٿي پوندو آهي. نفسياتي دٻاءَ ۽ ذهني پيڙا جو اثر اسان جي جديد دؤر جي بيماري يعني ڪيڪڙي (ڪينسر) جي شڪل ۾ نمايان ٿيندو آهي. اهڙي طرح انساني نسل جي گهڻائي ذهني انتشار جي ڪري مادي جسماني بيمارين جو شڪار رهندي آهي.

(ب) انتشار جي ڪري ئي لڳ ڀڳ انسانيت جو پنجون حصو ججهي مقدار ۾ شراب پيئڻ جي جهڙين خرابين (Alcoholism) ۽ ٻِي خطرناڪ نشي خوريءَ جو شڪار ٿي چڪو آهي.

(ٻ) ترقي يافتہ امير ملڪن ۾ نفسياتي دٻاءُ روزانو جي ڳالھ ٿي پئي آهي. اڄ ڪلھ گهڻا ماڻهو پنهنجي ڪيسي ۾ ”سن شائن پلز“ جون گوريون کنيون ٿا وتن. اهي گوريون ننڍ ڏياريندڙ زهريلين دوائن کان گهٽ هاڃيڪار هونديون آهن، پر پوءِ بہ اهي هاڃيڪار ضرور آهن.

(پ) وڌيڪ اهو تہ اولھ وارن ملڪن ۾ گڏ ڪيل انگ اکر ظاهر ڪن ٿا تہ نوجوان نسل ۾ پڪ سان ٿيھ سيڪڙو ماڻهو ذهني پريشانيءَ جو شڪار آهن. نہ رڳو اهو پر ذهني مرضن ۾ انتهائي تيزيءَ سان واڌارو ٿي رهيو آهي.

ان کان بہ وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ ۽ افسوسناڪ حالت اوڀر وارن معاشرن جي آهي جيڪي ظلم ۽ ناانصافي جي حالت ۾ رهي رهيا آهن. گهٽ ترقي يافتہ غريب ملڪ ڏڪر جهڙن عذابن ۾ گرفتار آهن، جيئن سورت العصر ۾ پڻ ان ڳالھ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي تہ ”حقيقت ۾ انسان خساري ۾ آهي.“

www.sindhsalamat.com

اهڙي صورتحال ۾ الله تعاليٰ جو سورت البقره جي آيت نمبر 5 ۾ اهو ارشاد ته ”اهي ئي ڇوٽڪارو ماڻڻ وارا آهن“ ۽ سورت الجمعة جي 110 نمبر آيت ۾ بخشش ڏانهن سڏڻ، ٻئي آيتون قرآن جو هڪ تمام ئي وڏو معجزو آهن. جو ته قرآن انهيءَ ڳالھ جو اعلان ڪري ٿو ته  اي انسانو! توهان سراسر ٽوٽي ۽ نقصان ۾ آهيو. جيڪڏهن توهان ڇوٽڪارو، خوشي ۽ روحاني طاقت حاصل ڪرڻ گهرو ٿا ته پوءِ نماز ڏانهن اچو.

اچو، هاڻي ڏسون ته عبادت اسان کي ڪهڙي قسم جو ڇوٽڪار عطا ڪري ٿي؟ جڏهن اسان الله تعاليٰ جي اڳيان بيهندا آهيون ته اسان الله تعاليٰ سان واعدو ڪندا آهيون ته اسان دنيا جي تڪليفن ۽ پريشانين کي پوئتي ڇڏي ڏينداسين ۽ بانگ ٻڌڻ شرط اسان پنهنجي سيني پريشانين کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن منٽن لاءِ ئي سهي، پنهنجو پاڻ کان جدا ڪري ڇڏيندا  آهيون. ان کان پوءِ اسان الله تعاليٰ جي واکاڻ ۽ ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهيون. مطلب ته اسان الله تعاليٰ جي وڏائيءَ جي واکاڻ ڪندا آهيون ۽ پوءِ سورت الفاتحہ جي تلاوت شروع ڪندا آهيون.

سورت الفاتحہ جيڪا هڪ حيرت ۾ وجهندڙ مرهم آهي، انسان جي اندروني دنيا جي فڪرن ۽ غلطين کي ميساري ڇڏيندي آهي ۽ ان جاءِ تي هڪ نئين دنيا وجود ۾ اچي ويندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن سورت کي سورت الشفا به سڏيو ويندو آهي. ڪنهن انسان جي حالت ڪيتري ئي پريشان ڪندڙ ڇو نه هجي، سورت الفاتحہ ان کي اهڙي مدد ڏيڻ جي قابل آهي، جنهن سان هو پنهنجي اندروني آنڌ مانڌ مان ڇوٽڪارو ماڻي سگهي ٿو ۽ ان کي هيءَ سورت سڌي واٽ ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿي. هيءُ اهو رستو آهي جيڪو سچ ۽ سونهن ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو. ائين سورت فاتحہ اسان جي عبادت جو بنياد بڻجي ٿي. اچو ته انهيءَ ڏس ۾ مختصر تشريح ڪريون.

1. ”سڀ ساراهه الله تعاليٰ جي لاءِ ئي آهي جيڪو سموري ڪائنات جو پالڻهار آهي.“
2. ”نهايت ئي ٻاجهارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي.“
3. ”بدلي واري ڏينهن جو مالڪ آهي.“
4. ”اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا.“
5. ”اسان کي سڌو رستو ڏيکار.“
6. ”انهن ماڻهن جو رستو جن تي تو انعام ڪيو.“
7. ”جن تي نه ته تنهنجو عتاب آيو ۽ نه ئي گهمراهه آهن.“

ڇا دماغ يا دل جي ڪابہ بيماري اهڙي ماڻهوءَ کي جڪڙي سگهي ٿي جيڪو ڏينهن ۾ چاليهه دفعا انهن آيتن جي، جيڪي خوبصورت نسخو آهن، تلاوت ڪندو



هجي ۽ گڏوگڏ عبادت ۾ چاليهه دفعا رڪوع ۽ سجدا بہ ڪندو هجي؟

پاڪ آيتن مان هر هڪ آيت ۾ سورت الفاتحہ انساني نفسيات (Psyche) کي هڪ معجزاتي حقيقت ۽ سچ سپرد ڪري ٿي ۽ اسان جي وجود مان هر هڪ غلطيءَ کي مٽائي ڇڏي ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ مختصر جائزو ثابت ڪري ڇڏيندو ته انهيءَ دعويٰ ۾ ڪا بہ ڊاڙ واري ڳالھ نہ آهي.

(1) سڀ ساراهہ الله تعاليٰ جي لاءِ ئي آهي جيڪو سموري ڪائنات جو پالڻهار آهي.

اي انسان! الله تعاليٰ جي واکاڻ ڪر ۽ ان جو شڪر ادا ڪر، جنهن ڪائنات جي اندر هڪ اڻ ڪٽ نظم ۽ ضبط پيدا ڪيو آهي ۽ جيڪو انهيءَ کي هر گهڙي پنهنجي ضابطي هيٺ رکي ٿو (جيڪو ربوبيت جو شاندار مظهر آهي). ڪنهن شيءِ کان نہ ڊڄو ۽ نہ مونجها يا پريشان ٿيو، ڇو تہ جنهن الله جي توهان واکاڻ ڪريو ٿا سو:

(2) انتهائي ٻاجهارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي.

الله تعاليٰ نہ رڳو سموري مخلوقات کي پنهنجي رحم ۽ شفقت سان خلقيو آهي پر اُن جا شڪرگذار ۽ وفادار انسان ان کان خاص قسم جو رحم، شفقت، بخشش ۽ معافي حاصل ڪندا آهن. انهيءَ حقيقت کي بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ سموري دنيا جو بنياد ئي شفقت ۽ رحم تي رکيو ويو آهي. اصل ۾ آسماني گرهہ ان جو شڪر پنهنجي مدارن ۾ گردش ڪرڻ واري عمل سان ادا ڪن ٿا ۽ اهڙي طرح ايٽم ۽ ان جا مرڪز بہ، جن جو وجود ئي ڪشش جي ڪري آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪو بہ پنهنجي محبت ۽ الله تعاليٰ جي ساراهہ ۽ واکاڻ کان منهن موڙي ٿو تہ اهو تباهہ ۽ برباد ٿي وڃي ٿو. هيءَ آيت ڪريمہ انهيءَ ڳالھ جو اعلان ۽ اظهار ڪري ٿي تہ جسيتائين رحمت جي سرچشمي مان توانائي ۽ قوت نہ حاصل ڪئي وڃي تيستائين ڪابہ زندگي قائم نٿي رهي سگهي ۽ اهو سرچشمو ٻاجھ ۽ رحم ئي آهي.

(3) الله تعاليٰ ٻيهر جيئرو ڪرڻ واري ۽ بدلي واري ڏينهن جو مالڪ آهي.

اهو ڪڏهن بہ نہ وساريو تہ توهان جو حساب ڪتاب بہ ٿيندو ۽ انهيءَ ڪري:

(4) اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا.

انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ هيءَ آيت ماڻهوءَ کي انهن سيني مصيبتن ۽ پريشانين کان بچائي ٿي جيڪي مٿس هن دنياوي زندگيءَ ۾ اچي سگهن ٿيون. اهو ماڻهو جيڪو پيسي، طاقت ۽ نفعي خوريءَ جو غلام نہ آهي، اُن جي آزاديءَ جي ضمانت ڏني وئي آهي ۽ اهو هر قسم جي اڻ ڪٿيل دنياوي تڪليفن کان محفوظ رهندو. اهو ماڻهو جيڪو رڳو الله تعاليٰ جي ئي عبادت ڪري ٿو ۽ ان کان مدد جو طلبگار ٿئي ٿو، تنهن لاءِ جيڪڏهن ڪا بہ ڳالھ ان جي اميد جي خلاف ٿي بہ پوي تہ بہ ان کي ڪنهن قسم جي ڳڻتي يا پريشاني نہ ٿيندي. اها شيءِ ان لاءِ تڪليف ڏيندڙ نہ

www.sindhsalamat.com

ٿيندي، اجا بہ تڪليفن ۽ ڏکيائين جي مقابلي ۾ هو پنهنجي سموري سگهہ سان مقابلو ڪندو ۽ انهيءَ جو نتيجو اللّٰه تعاليٰ جي ذات تي ڇڏي ڏيندو.

جيڪو بہ ماڻهو سورت الفاتحہ جي انهن ڇئن آيتن جي سچيءَ دل سان تلاوت ڪندو، تنهن ڪي ذهني دٻاءَ يا مايوسيءَ ڪان ڇوٽڪارو ملي ويندو. جيڪو ماڻهو انهن آيتن جي ڏينهن ۾ چاليهہ دفعا تلاوت ڪندو ۽ ان کي لڳاتار پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ جاري رکندو يعني جيڪو باقاعدگي ۽ سچائيءَ سان نماز کي جاري رکندو، سو انهن خوشنصيبن ۾ شامل ٿي ويندو، جن کي هر طرح جي آزادي حاصل ٿي ويندي آهي. انهيءَ ڪري جنهن کي اهڙي آزادي ملي ويندي آهي سو هر قسم جي زيادتين ۽ برائين ڪان بچي ويندو آهي.

ماڻهن جا جذبا، جن جو بنياد معاشي ضرورتن جو بهانو هوندو آهي، اصل ۾ هڪ وڏي غلطي آهي ۽ جيڪو دنياوي دولت جي غلاميءَ جو نتيجو هوندو آهي.

آيت نمبر 5 ڪان ست تائين: ”اي سڀ ڪان مٿا اللّٰه! اسان پنهنجو پاڻ ڪڏهن بہ سڌي واٽ تي نٿا پهچي سگهون، انهيءَ ڪري تون اسان جي مدد فرماءِ. اسان تي پنهنجو ڪرم فرماءِ ۽ اسان کي سچ واري واٽ ڏيکار. اسان کي تڪليفن ۽ پريشانين ۾ نہ ڇڏي ڏي جيڪي گمراهہ ماڻهن جي نصيب ۾ آهن.“

اهڙي طرح ڏينهن ۾ چاليهہ دفعا، پنجن مقرر ڪيل وقتن ۾، اسان ذهني پريشانين ۽ غمن ڪان پاڪ ٿي سگهون ٿا.

عبادت ۾ رڪوع ۽ سجدن جي دوران گوڏن تي جيڪو لڪيل Esoteric جو اثر ٿيندو آهي سو هن وقت اسان جي مضمون ڪان ٻاهر آهي.

جڏهن نماز جماعت سان گڏ ادا ڪئي ويندي آهي تہ پوءِ اسان کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ انهيءَ نظم ۽ ضبط کي لاڳو ڪرڻ جي لاءِ پڻ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جماعت سان نماز ادا ڪرڻ سان اخلاقي غلطين ۽ ان قسم جي ٻين برائين ڪان بچڻ جي سگهہ پڻ پيدا ٿي سگهندي. ان ڪان پوءِ اسان اهڙي طرح وضوءَ جي جسماني ۽ روحاني قوتن ۽ برڪتن جا فائدا پڻ حاصل ڪري سگهنداسين.

هاڻي توهان کي خبر پئجي وئي هوندي تہ ڪهڙي طرح اسان ايندڙ وقت ۾ پنهنجي خوشين ۽ ڇوٽڪاري واري واٽ پنهنجي زندگين ۾ ئي ڳولي لهي سگهون ٿا.

عبادت يا نماز هڪ اهڙي پاڪ مهر آهي، جيڪا انسان جي اندر جي زندگي ۽ انسان جي روح تي لڳي ٿي. ان جو پهريون اثر اسان کي هڪ انسان جي ذهني سڪون جي شڪل ۾ نظر اچي ٿو. انهيءَ جاءِ تي اهڙو ماڻهو انڌو ئي تہ هوندو جيڪو ڇوٽڪاري ۽ خوشين جو ڇيد نہ ڪري سگهي. جيڪڏهن اسان ڪن ماڻهن ۾ انهيءَ جو اثر نٿا ڏسون تہ اصل ۾ انهيءَ جو سبب هڪ پاسي نمائشي عمل يا ڏيکاءُ آهي



جنهن ۾ ڪابہ سچائي نہ هوندي آهي.

اها حقيقت آهي تہ نماز انسان جي جسماني نظام کي هڪ قسم جو ڇوٽڪارو ڏياري ٿي. اللّٰه تعاليٰ اعلان ڪري ٿو تہ انهن کي ڇوٽڪارو ملي ويو. يعني انهن ماڻهن جي لاءِ آزادي آهي، تحفظ آهي، شفا آهي ۽ پوءِ خوشي ۽ اطمينان آهي. جهڙي طرح هڪ نمازيءَ جي جسم جا سيئي سَنڌَ صحتمند هوندا آهن، اهڙي طرح انهيءَ جي ذهني ۽ روحاني صحت جي پڻ حفاظت ٿيندي آهي. اڄ جي دؤر ۾ مادي پرست ماڻهو بہ انهيءَ حقيقت جو اقرار ڪن ٿا تہ سَنڌَن جي آرام ۽ انهن جي ڀلائيءَ لاءِ نماز ڪان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ نسخو نہ آهي. ساڳئي وقت اها انهن جي بدنصيبي آهي جو اهي پنهنجي دماغن تي پيل پردا هٽائي نٿا سگهن ۽ ڇوٽڪاري جي انهيءَ واٽ کي ڏسي نٿا سگهن، جيڪا اسان جي روحاني دنيا جي لاءِ اللّٰه تعاليٰ پنهنجي ٻاجهہ سان، اڄ ڪان چوڏهن سؤ سال اڳ عطا ڪئي آهي. اهڙي طرح اهي بدنصيب ماڻهو ايمان حاصل نٿا ڪري سگهن. ايمان هڪ تمام وڏو تحفو آهي. اللّٰه تعاليٰ جي طرف ڪان هدايت آهي ۽ انهيءَ هدايت جو مرڪز دماغ ۾ نہ پر دل ۾ هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com

**موضوع نمبر 23**

# اُٺ ۾ لڪيل راز

اَفَلَا يَنۡظُرُوۡنَ اِلَى الۡاِبِلِ كَيۡفَ خُلِقَتۡ ﴿۱۷﴾ (الغاشية: ١٧)

”ڇا توهان اٺ جي بناوٽ ڏانهن نٿا ڏسو ته ان کي ڪيئن ٺاهيو ويو آهي؟“

سورت الغاشيہ جي شروعاتي سورهن آيتن ۾ بي دينن ۽ ڪافرن جي، قيامت جي ڏينهن تي ايمان نه آڻڻ بابت، انهن جي انهيءَ ڪوتاهه نظري ۽ جهالت کي بيان ڪيو ويو آهي، جيڪا ڪان ايمان وارن جي مخالفت ۾ آهي. 17 ڪان 20 نمبر آيتن تائين الله تعاليٰ جي قدرت ۽ خلقت جي عجائبات جو بيان ڪيو ويو آهي. پهريون عجوبو اٺ جي خلقت جي باري ۾ آهي. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اٺ جي شروعات ۽ پيدائش ۾ به قدرت جي دانائيءَ جون رمزون آهن. وڌيڪ اهو ته اهي رمزون بي دين ڪافرن جي لاءِ انهن جي نظرين جو ڪليل جواب آهي، جنهن جي ذريعي انهن کي آگاهه ڪيو ويو آهي ته قيامت جي ڏينهن اهي پنهنجي غلطين کي پنهنجي سامهون ڏسندا.

اچو هاڻي ڏسون ته اٺ جي خلقت ۾ ڪهڙا راز بيان ڪيا ويا آهن؟ ۽ خاص ڪري اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته رڳو اٺ کي ئي انهيءَ مقصد لاءِ ڇو چونڊيو ويو آهي؟

1. اٺ جي وجود ۾ اهڙيون خاصيتون موجود آهن جيڪي ڪائنات جي ارتقا واري نظريي کي ان جي بنيادن تائين مڪمل طور تي غلط ثابت ڪن ٿيون، جيڪي هن طرح آهن:

(الف) اٺ گاهه ۽ ٻوٽا کائيندڙ هڪ وڏو جانور آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن اٺ، ڪير پيارينڌڙ جانورن جي سلسلي ۾ هڪ نمائيندو هجي ها، جيئن ارتقا واري



نظريي کي مڃيندڙ چوندا آهن، ته اهو پڪ سان ٻيلن ۾ رهندڙ هجي ها پر جيڪڏهن اهو ڪنهن غلطي جي ڪري بيابانن يا پٽن ۾ ڦاسي پوي ها ته زمين جي مٿاڇري تان اهو ڪيترائي سال اڳين گم ٿي وڃي ها جيئن ڊائناسار ۽ ٻيا وڏي جسامت وارا جاندار غائب ٿي ويا. ڇو ته ارتقا واري نظريي کي مڃيندڙن وٽ اها ڳالهه عام آهي ته جڏهن وڏا ٻيلا ختم ٿي ويا ته اهي وڏي جسامت وارا جانور به ڌرتيءَ تان ختم ٿي ويا. اهڙي طرح اٺ جي موجودگي ارتقا واري نظريي جي ”قدرتي چونڊ واري نظريي“ کي گاهه ۽ پن کائڻ وارن وڏن جانورن جي سلسلي ۾ مڪمل طور تي رد ڪري ٿي. انهيءَ ڪانسواءِ ڊائناسار ۽ ٻين وڏي جسامت وارن جانورن جو ڌرتيءَ تان غائب ٿي وڃڻ ته اصل ۾ آڪسيجن جي توازن سان تعلق رکي ٿو. انهيءَ باري ۾ موضوع نمبر 8 ۾ تفصيل سان بيان ٿي چڪو آهي.

(ب) ارتقا واري نظريي جي حامين مطابق جن جاندارن جو دماغ نه هوندو آهي سي پنهنجي زندگي بچائڻ واري ڇڪتاڻ ۾ ختم ٿي ويندا آهن. جڏهن ته اُٺ جي لاءِ ڪوبه قدرتي دفاع نه آهي، اُن جي باوجود بيابانن ۾ گوشت خور شينهن جي هوندي ۽ انهن سان گڏ رهندي سالن ڪان وٺي موجود رهيو آهي.

(ٻ) جيتوڻيڪ اٺ جو هاضمي وارو نظام اها خاصيت رکندو آهي ته ڪنڊن (جن کي هو کائيندو آهي) جي ڳر (Cellulose) کي به نشاستي (Carbohyderate) ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي پر اهو پنهنجي جسماني بناوت ۽ نظم ۾ ٻين گاهه ۽ پن کائيندڙ جانورن ڪان جدا نه هوندو آهي. رڳو انهيءَ ڳالهه جي ڪري به اٺ کي ته گهاٽن ٻيلن ڏانهن گهٽو اڳ لڏ پلاڻ ڪري وڃڻ گهرجي ها.

(ڀ) گوشت خور جانور جيڪي بيابان ۾ رهندا آهن، انهن جو هڪڙو حياتياتي مقصد آهي. اهو مقصد انهن جانورن جي خوراڪ بنائڻ هوندو آهي جيڪي اتي موجود هوندا آهن پر اٺ جي لاءِ اهڙو ڪو به مقصد نه آهي. بيابان ۾ اهو جيڪا خوراڪ کائي سگهي ٿو، سي آهن اتان جا ڪنڊا. ”حياتياتي مقصد“ واري نظريي جو بهانو جيڪو ارتقا واري نظريي جا حامي پيش ڪندا آهن ۽ جنهن جو مقصد ڌرتيءَ تي موجود جاندارن جي وڌڻ ويجهڻ جو ذريعو ٻڌائيندا آهن، سو اٺ تي لاڳو نٿو ٿئي.

اٺ هڪ اهڙي مخلوق آهي جنهن جي ذمي انسانيت جي خدمت جو ڪم آهي ۽ پنهنجي ڄمار جي هر گهڙيءَ ۾ هيءُ جانور پنهنجي ڇٽين اچين اکين، سان ارتقا واري نظريي تي ٺٺولي ڪندي نظر اچي ٿو.

2. اٺ تمام دلچسپ حياتياتي خاصيتون رکي ٿو.

(الف) سڀئي جاندار هڪ ٻئي سان وٽامنن (Vitamins) جي مٽا سٽا ڪندا آهن ۽ جانور، خاص ڪري ٻوٽن مان وٽامن حاصل ڪندا آهن. ٻئي پاسي اٺ وري

www.sindhsalamat.com

هڪ اهڙو جانور آهي جيڪو پنهنجو پاڻ ئي وٽامن پيدا ڪندو آهي.

(ب) پاڻي جا ننڍڙا ذرڙا (Molecules) سيني جانورن جي جسمن ۾ ستن کان چوڏهن ڏينهن تائين موجود رهندا آهن پر جيڪڏهن انهن جي جاءِ پاڻي جا ٻيا ننڍڙا ذرڙا انهيءَ عرصي ۾ نٿا والارين ته پوءِ انهيءَ صورت ۾ جاندار جي موت جو حڪم جاري ٿي ويندو آهي. هائيڊروجن جي تابڪار همزاد (Tritium) تي تجربن اها حقيقت چٽي ڪري ڇڏي آهي. پر اٺ جي جسم ۾ پاڻيءَ جو ذرڙو ته سمجھ کان ٻه پري، پنهنجي آئيوني (Ionic) خاصيت جي ڪري لاڳيتو پنجاهه ڏينهن تائين محفوظ رهندو آهي.

(ٻ) انهيءَ ۾ ياداشت کي محفوظ رکڻ يا ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت ٻه ٻين جانورن جي ڀيٽ ۾ تمام وڌيڪ آهي. هو جيڪو ڪجھ ڏسندو آهي، تنهن کي ڪڏهن ٻه ناهي وساريندو. هڪ طرح اهو زندگيءَ جي رستي جو نقشو تيار ڪري وٺندو آهي. الله تعاليٰ ان کي اها صلاحيت انهيءَ لاءِ عطا ڪئي آهي ته جيئن هو انسان جي سٺي نموني خدمت ڪري سگھي.

(ڀ) پنهنجي وڏي جسامت جي باوجود ٻه اٺ انتهائي حساس ۽ فرمانبردار ٿيندو آهي. ان جي تخليق جي اها خاصيت ٻه بياباني زندگيءَ سان هر لحاظ کان هڪجهڙائي رکي ٿي. بيابان ۾ رهندڙ مخلوق کي تمام مضبوط هڏ ڪاٺ وارو هئڻ سان گڏوگڏ هر قسم جي جذبن کان ٻه خالي هئڻ گھرجي، جيئن تتر ۽ شينهن هوندا آهن. اٺ، جنهن کي الله تعاليٰ انسانذات جي خدمت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي، انهيءَ خاصيت جي ذريعي ئي ٻي دينن ۽ ارتقا واري نظريي کي مڃيندڙن کي ڪيتري وقت کان چيڙائيندو پيو اچي.

اهڙي طرح جڏهن الله تعاليٰ سورت الغاشيه ۾ پنهنجي تخليق جون حيران ڪندڙ خاصيتون بيان ڪري ٿو تڏهن هُن جي اها تمهيد ”ڇا اهي اٺ ڏانهن نٿا ڏسن ته اُن کي ڪيئن ٺاهيو ويو آهي؟“ هڪ طرح سان اسان جي دور جي ٻي دينن ۽ ارتقا واري نظريي جي حاميتن لاءِ هڪ اطلاع ۽ چيلنج آهي. قادر مطلق جي طرف کان هيءُ هڪ اهڙي قسم جو اعلان آهي ته ”ڏسو اٺ ڏانهن ، ته ان کي ڪيئن خلقيو ويو آهي.“ ڪنهن ٻه مقصد جي لاءِ مان جيئن گھران ٿو، ان کي تخليق ڪريان ٿو. جيتوڻيڪ هڪ جانور ته پنهنجي لاءِ ساون ستابن ميدانن جي خواهش رکندو آهي، پر هن اٺ پنهنجي ذمي لڳايل خدمت کي قبوليندي بيابان جي زندگيءَ کي صبر ۽ شڪر سان قبول ڪري ورتو آهي.“

اٺ جو مثال بيان ڪرڻ جو هڪ ٻيو مقصد اهو ٻه نظر اچي ٿو ته اُن جو ڏکيو سفر ٻه سندس زندگيءَ واري ڪهاڻيءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿو.

اٺ جي ڪيترين ئي خاص خوبين منجهان ٻه اهم گڻ هي آهن:



(الف) ان جو صبر: سيني جانورن مان اٺ ۾ صبر جو خاص گڻ موجود آهي.

(ب) اٺ جو ٻيو خاص گڻ اهو آهي ته هو موسيقيءَ جو شوقين آهي. اوسي پاسي کان ايندڙ وڻندڙ آوازن مان سرور وٺندو آهي يا وري انساني آواز جو گرويده هوندو آهي.

الله تعاليٰ اٺ کي اهي گڻ ان جي حيواني تخليق کان وڌي ڪري ڏنا آهن. يعني ان جو صبر، ان جي ثابت قدمي، ان جو حافظو ۽ موسيقيءَ جو شوق عام جانورن کان بلڪل ئي الڳ شيون آهن. ان سان گڏوگڏ انسانيت جي لاءِ وفاداري ۽ خدمت وارو جذبو هن جو نرالو گڻ آهي.

اسلامي نقطہ نظر کان سموري مخلوق ۽ خاص طور تي هر جيئري مخلوق انسان جي خدمت لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي. علم حياتيات ۾ هڪ مخصوص ۽ عجيب قسم جو رويو موجود آهي جيڪو تمام ڏکيائيءَ سان سمجھ ۾ اچي ٿو. اهو انهيءَ ڪري جو ائين ٿو سمجھ ۾ اچي ته سمورا حياتياتي واقعا هڪ خاص مقصد لاءِ ظاهر ٿين ٿا. يعني ايٽم کان وٺي ننڍڙن ذرڙن تائين ۽ ان کان ٻه اڳتي DNA تائين، جيڪو حياتيءَ جي اڏاوتي سر واري حيثيت رکي ٿو، انهيءَ عجوبي کي اڃا تائين مادي پرست ماهر سمجھڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگھيا آهن.

اسان جي دنيا ۾ جاندار شيون يعني جانور، ٻوٽا ۽ ننڍڙو ۽ آزاد وجود رکندڙ مخلوق هڪ نازڪ فن پاري جو نقش چٽيندا آهن ۽ ان جي تاجي پيٽي مان انهيءَ مقصديت جو ثبوت ملي ٿو، جيڪا هڪ ايٽم کان وٺي انسان جي سموري وجود تي پکڙيل آهي. جيئن ته اهو بنيادي حياتياتي ادراڪ انسان جي لاءِ اٺ جي خدمت کان ٻه وڏي ڳالھ آهي، مان انهيءَ موضوع تي اڃا ٻه ڪجھ وڌيڪ ڳالهائڻ گھرندس.

هڪڙي صوف جو مثال وٺو. ان جي اندر وٽامن سي جو ايترو مقدار هوندو آهي جيترو انساني جسم کي روزانو گھرج هوندي آهي. انهيءَ کي محفوظ رکڻ جي لاءِ صوف پنهنجي اندر موجود فروٽ ايسڊ کي ڪاربونيٽ آئن جي لوڻ وسيلي متوازن رکندو آهي. وڌيڪ اهو ته فولاد جنهن جي جوهر جي ميلاپ جي طاقت يا پڪڙ (Valence) ٻه هوندي آهي ۽ جيڪو انسان جي لاءِ تمام اهم هوندو آهي، سو ٻه انسان جي روزانو جي گھرج جيترو هڪڙي صوف ۾ موجود هوندو آهي. جيتوڻيڪ صوف جي اندر موجود اهي سيئي جزا، پنهنجو پاڻ ئي انهيءَ فروٽ يا ان جي نسل جي لاءِ فائدو نٿا رکن. جيڪڏهن صوف ۾ اهي خاصيتون موجود نہ ٻه هجن ها ته ٻه اسان صوف ۾ موجود فرڪٽوز (Fructose) حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي پوکي ڪريون ها. اهو مٺو حل ٿيڻ جوڳو قلمي مرڪب، مٺن ۽ پڪل ميون، گلن ۽ ماکيءَ ۾ ملي ٿو.

انهيءَ قسم جي صورتحال اسان ماکيءَ جي باري ۾ پڻ ڀَسون ٿا (جنهن

جوذڪر موضوع نمبر 17 ۾ اچي چڪو آهي). اهڙيءَ طرح اهو بہ ثابت ٿي چڪو آهي تہ جيڪي جانور ڪير ڏيندا آهن، اهي پنهنجي ٻچن جي ضرورت کان ٽيڻ کان ٽيهوڻ تي وڌيڪ ڪير ڏيندا آهن. انهيءَ کان بہ وڌيڪ دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ ڪيئي مائيڪروب يا انتهائي ننڍڙا خوردبين سان نظر اچڻ وارا جراثيم بہ انسان جي خدمت جي لاءِ هڪ ٻئي کان گوهہ کڻڻ لاءِ پنهنجو پاڻ ۾ مقابلو ڪندا آهن. اسان جي آندن ۾ موجود اربين بيڪٽيريا يعني جاندار سيل اسان جي استعمال جي لاءِ ڪيترين ئي قسم جون رطوبتن جون يا انزائيم ۽ وٽامن مائيڪروب تيار رهندا آهن. مثال طور ڏؤنري جي تياري ۾ اهي بيڪٽيريا ايترو تہ گهڻو خمير ۽ حياتين تيار ڪندا آهن جو انهيءَ عمل ۾ اهي پنهنجو پاڻ کي ئي تباهہ ڪري ڇڏيندا آهن.

ايئن اسان جو عظيم ڪتاب يعني قرآن مجيد جڏهن اسان جو ڌيان اُن جي تخليق وارن رازن ڏانهن ڇڪائي ٿو تہ انهيءَ جو مقصد انساني توجهہ کي انهن سڀني واقعن ۽ تخليقن ڏانهن ڇڪائڻ بہ هوندو آهي جن جون عظيم معنائون هونديون آهن. انهيءَ جو مطلب انسان کي اها دعوت ڏيڻ آهي تہ هو پنهنجي غفلت واري ننڊ مان سجاڳ ٿي الله تعاليٰ جي عظيم نعمتن مان لاڀ پرائي.

اُن جا اهي گڻ الله تعاليٰ ﷻ جي طرف کان ڄڻ تہ هڪ خاموش دعوت ڏئي رهيا هجن تہ:”اي انسانو! جيڪڏهن اُن کي پنهنجي مرضيءَ واري زندگي گذارڻي هجي ها تہ هو رڳو ٿڌن ۽ ساون ستابن ٻيلن ۾ ئي ملي ها پر اهو تتل ۽ ڪڙاهيءَ وانگر ڪڙهندڙ بيابانن جي سختين ۾ بہ توهان جي خدمت ڪرڻ لاءِ سڙي ٿو ۽ پنهنجي تمام وڏي جسامت جي باوجود بہ هو پنهنجو پاڻ کي انسان اڳيان فرمانبردار رکيو اچي. پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو توهان پنهنجي پالڻهار جي نافرماني ڪريو ٿا؟“

”پوءِ توهان ڇا جي ڪري الله تعاليٰ جي مرضيءَ جي خلاف بغاوت ۽ ڇڙواڳيءَ جو اظهار ڪريو ٿا، جيتوڻيڪ توهان ڏسو ٿا تہ ڪهڙي تہ طرح هڪڙو حيوان بہ صبر ۽ شڪر جو نمونو آهي؟.“



موضوع نمبر24

# ڪائنات جا پنا

يَوْمَ نَطْوِى السَّمَآءَ كَطَيِّ السِّجِلِّ لِلْكُتُبِۗ كَمَا بَدَاْنَآ اَوَّلَ خَلْقٍ نُّعِيْدُهٗۗ وَعْدًا عَلَيْنَاۗ اِنَّا كُنَّا فٰعِلِيْنَ ۝١٠٤ (الانبياءَ:١٠٤)

”انهيءَ ڏينهن جڏهن آسمان کي اسان اهڙي طرح ويڙهينداسين جيئن ڪاغذ جا پنا ويڙهيا ويندا آهن. جهڙي طرح اسان توهان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو هو، ائين ئي اسان توهان کي ورائي پيدا ڪنداسين. اهو هڪ واعدو آهي جيڪو اسان جي ذمي آهي ۽ اهو ڪم اسان کي هر حال ۾ ڪرڻو آهي.“

قرآن کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ ڏکين آيتن مان هيءَ آيت بہ هڪ آهي جيڪا آسمان جي تهن کي هڪ ڪتاب سان ڀيٽي ٿي. ڪائنات مان هتي اسان جو مطلب مادي ڪائنات آهي ڇو جو مادي ڪائنات کي آسمانن سان ڀيٽيو ويو آهي.

هيءَ آيت سڄوري آسمانن جي تهن کي ڪتاب جي پنن سان ڇو ٿي تشبيهہ ڏئي؟ بيشڪ، انهيءَ ڀيٽ جا ڪيترا ئي سبب آهن جن مان ڪن جو تفصيل مان هيٺين سٽن ۾ بيان ڪندس.

(الف) آسماني فضائن جون اڳي ئي مقرر ڪيل جايون لوح محفوظ جي هر هڪ پني تي لکجي چڪيون آهن. اهي پنا هڪڙي سپر ڪمپيوٽر جي ٽيپ وانگر هڪ ڪڏهن بہ نہ خراب ٿيندڙ نظم يا پروگرام ۾ رڪارڊ آهن.

(ب) آسمانن جي وچ ۾ چقمقي صلاحيتن ۾ اختلاف کي پنن سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. هر هڪ فضا يا خلا الله تعاليٰ جي جوڙيل هڪ جدا نظام سان پنهنجي

www.sindhsalamat.com

خاص ڪيفيتن سان جڙندي آهي.

(ٻ) آسماني فضائون هڪ پاڪ حڪم هيٺ ڪلنديون ۽ بند ٿينديون آهن، بلڪل ائين جيئن ڪتاب جا پنا ڪلندا ۽ بند ٿيندا آهن. انهن جي مفاصلن ۾ واڌارو، ڪوٽ يا انهن جو بلڪل ئي ختم ٿي وڃڻ رڳو الله تعاليٰ ﷻ جي مرضيءَ تي ئي دارومدار رکي ٿو.

(پ) آسمان جي تخليق ۽ مادي خلائن کي ڪتاب جي پنن سان تشبيهه ڏيندي هيءَ آيت سڳوري مادي حيات جي بنيادي ڪيفيتن کي چٽو ڪري ٿي، يعني پڪيڙ ڪي. ٻين لفظن ۾ مادي زندگي جو مختلف فاصلن تي وجود ڪائناتي چڪ يا نظم جي ڪري اهڙي طرح ثابت ٿيندو آهي، جڻ ڪنهن ڪتاب جا پنا اٿلايا پيا وڃن. اِتان ڪان مان هن آيت جي تشريح شروع ڪرڻ گهرندس. مادي حياتي يا وجود ڪهڙي قسم جي طبعي مظهرن يا عجوبن تي آڌاريل آهي؟

اها يڪدم سمجهه ۾ اچي وڃڻ واري ڳالهه آهي تہ مادي وجود جو مطلب آهي فضا ۾ هڪ جاءِ جو ٻرجڻ ۽ اتي هڪ خاص طرح جو واڌارو ٿيڻ آهي. هن آيت ڪريمہ جي اندر انهيءَ انوکي ڳالهه جو مثال موجود آهي، جنهن جي ذريعي هن تشريح کي هڪ ڪتاب جي پنن کُلندي ڄاڻايو ويو آهي. آيت جي ٻئي حصي ۾ اهو بيان آهي تہ جهڙي طرح اسان جي پهرين پيدائش ٿي... اُن کي انهيءَ جاءِ تي واضح ڪري ٿو. اچو تہ هاڻي انهيءَ باري ۾ ڪجهه مثالن تي غور ڪريون.

(1) هڪ گرهہ (Planet) ڪهڙي طرح پنهنجو وجود قائم رکي ٿو ۽ اهو انهيءَ مفاصلي کي قائم رکڻ جي ڪوشش ۾ اُن مرڪز جي چوڦير گهمي ٿو. ڇا اسان جي دنيا بہ انهيءَ ئي اصول جي پابندي ڪندي قائم نہ آهي؟ هيءَ ئي اها خاص جاءِ آهي جنهن کي هن هڪ خاص مفاصلي ڪان ٻري ڇڏيو آهي. بلڪل ائين جيئن ڪنهن ڪتاب جا پنا هوندا آهن.

(2) هڪڙي ايٽم جو وجود ڪيئن هوندو آهي يا قائم رهندو آهي؟ ڇا اهو اهڙو نظام نہ آهي جتان ڪاٽو برقي ذرا (Electrons) مرڪز ڪان هڪ خاص مفاصلي تي ڪشش جي مرڪز جي نسبت سان فضا ۾ هڪ خاص جاءِ تي قابض يا موجود هوندا آهن.

(3) ڪوانٽم ويوڪل (Quantam Vavicle) جنهن هستي جو بنياد سمجهيو ويندو آهي سو ڇا آهي؟ اهو زمان ۽ مڪان (Space & Time) جي تاڃي پيٽي ۾ هڪ مستقل لهر جو نمائندو آهي جنهن جي اوچائي ۽ اونهائيءَ جي شڪل هڪٻئي پٺيان پنن وانگر آهي.

اهِڙي طرح مادي شين فضائي ويڪر ۾ ڪيترن ئي چقمقي سطحن کي اهڙي طرح ٻري ڇڏيو آهي جو ڄڻ ڪي ڪتاب جا پنا ترتيب سان کُلي رهيا آهن.



جيڪڏهن الله تعاليٰ ﷻ جي مرضي انهيءَ وڌاري کي رڪجي وڃڻ جو حڪم ڏئي ٿي تہ مادو انهيءَ ئي گهڙيءَ ۾ ڄمي وڃي ٿو پر جيڪڏهن الله تعاليٰ ﷻ گهري تہ نيون هستيون، نون وٿين سان وجود ۾ اچي وڃن ٿيون. اِها ئي اُها طبعي حقيقت آهي جنهن جو ادراڪ انتهائي ڏکيائيءَ سان ٿيندو آهي.

اچو تہ هاڻي هن آيت جي گڏيل انداز ۾ تشريح ڪريون. اها قيامت جي باري ۾ انسانن جي ٻڌتر جي مقابلي ۾ هڪ اهڙي صورت پيدا ڪري ٿي، جيڪا خدائي فال يا علامت آهي. قيامت اصل ۾ ڪائنات جي سيني جزن جو هڪ ٻئي قسم جي زندگي يا موجودات ۾ بدلجي وڃڻ جو نالو آهي. قرآن ۾ انهيءَ حوالي سان ڪجهه مثال ۽ تشريحون موجود آهن. انهيءَ باري ۾ آيل پاڪ آيتن مان اسان کي اها ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي تہ قيامت جي باري ۾ پهريون مرحلو مڪمل تباهي ۽ ڊاهہ ڊوهہ آهي. ان ڪان پوءِ اسان سڀئي هڪڙي نئين وجود ۾ داخل ڪيا ويندا سين. هيءَ آيت انهيءَ تباهي ۽ نہ سمجهہ ۾ ايندڙ رياضياتي ۽ طبعي حقيقتن جي ڪان آگاهہ ڪري ٿي. انهن مفاصلن کي سسڻ ۽ فضائي ويڪر جي ويڙهجي وڃڻ سان اهڙي طرح تعبير ڪيو ويندو آهي جڻ هڪ ڪتاب کي بند ڪيو وڃي. ان جي برعڪس اها حياتيءَ جي واڌ ويجهہ جي تعبير اهڙي طرح ڪرائي ٿي جيئن مفاصلن جو پکيڙڻ ۽ فضائي ويڪر جو ويڙهيل حالت ۾ کُلڻ. يعني بلڪل ائين جيئن هڪ ڪتاب کي کوليو وڃي. انهيءَ مثال جي تناظر ۾ هر فضا جي وجود ۾ اچڻ جو حڪم ڪتاب جي هڪ پني وانگر آهي. سمورو جهان اهڙين ڪائناتن تي آڌاريل آهي جيڪي انهيءَ هڪڙي ڪتاب جي پنن وانگر پاڻ ۾ جڙيل آهن، جيڪو جهانن جي پالڻهار جي سامهون آهي. جيڪڏهن هو گهري تہ انهيءَ واڌ کي ممڪن بنائي ڇڏيندو آهي جنهن سان ڪيترن ئي تهن واريون دنيائون ۽ آسمان وجود ۾ اچن ٿا. پر جيڪڏهن هو گهري تہ انهن مفاصلن کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ سڀئي وجود رکندڙ شيون هڪ ٻئي پني تي تهہ ٿي وينديون آهن.

هن آيت ڪريمہ جو هڪ ٻيو اهم نظريو جنت ۽ دوزخ جي باري ۾ بہ آهي. هڪ طبعي مادي ڪائنات ۾ جديد انسان بہ جنت ۽ دوزخ جي ڳولا ۾ خاص طرح اُبهرو آهي. بهرحال هيءَ آيت پاڪ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ الله تعاليٰ ﷻ جي هن ڪائناتي صفحي تي هڪ ٻي بہ جنت موجود آهي. اسان جي موجوده جاءِ جي نسبت سان اها نہ تہ پري آهي ۽ نہ ئي ويجهو آهي. اها تہ رڳو هڪ ٻئي صفحي تي موجود آهي ۽ جڏهن الله تعاليٰ ﷻ انهيءَ ڪتاب جو پنو اٿلائيندو تہ نہ ڪو ڪائناتي فرق ۽ نہ ئي ڪو مفاصلو اسان جي ۽ ان جي وچ ۾ باقي رهندو.

موضوع نمبر 25

# حضرت عيسىٰ عليه السلام ۽ حضرت آدم عليه السلام جي تخليق

اِنَّ مَثَلَ عِيْسٰى عِنْدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ؕ خَلَقَهٗ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۵۹﴾ (آل عمران:۵۹)

”الله وٽ عيسيٰؑ جو مثال آدمؑ جي مثال جهڙو آهي. الله ان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ۽ حڪم ڏنو ”ٿيءُ“ ته هو ٿي پيو.“

قرآن ڪريم ۾ حضرت عيسيٰؑ جو ذڪر چوڏهن آيتن ۾ ٿيو آهي. قرآن کان اڳ وارا ڪتاب بيان ڪن ٿا ته حضرت آدمؑ کي مٽيءَ مان ٺاهيو ويو هو پر قرآن انهيءَ خلقت جي باري ۾ چٽائيءَ سان جيڪو بيان ڪري ٿو، تنهن بابت هيٺ ڪجھ سٽن ۾ تشريح ڪرڻ گهرندس.

سورت المؤمنون جي آيت نمبر 12 ۾ فرمايو ويو آهي ته ”اسان انسان کي مٽيءَ جي سَتَ يا جوهر مان بڻايو آهي.“

سورت السجده جي آيت نمبر 7 ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ”جيڪا به هن جوڙي آهي سا ڏاڍي سٺي نموني جوڙي آهي. هن انسان جي خلقڻ جي شروعات مٽيءَ جي گاري کان ڪئي.“

سورت الصفٰت جي آيت نمبر 11 ۾ چيو ويو آهي ته ”ان کي ته اسان چيڪي گاري مان پيدا ڪيو آهي.“

سورت ص جي آيت نمبر 71 ۽ 72 ۾ هن طرح فرمايو ويو:

”مان مٽيءَ مان هڪڙو بشر ٺاهڻ وارو آهيان. پوءِ جڏهن ان کي چڱيءَ طرح ٺاهي وٺان ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان ته توهان ان جي اڳيان



سجدي ۾ ڪري پئجو.“

سورت الرحمان جي آيت نمبر 14 ۾ فرمايو ويو ته ”انسان کي انهيءَ الله ٺڪريءَ جهڙي سڪل سڙيل گاري مان ٺاهيو.“

سورت نوح جي آيت نمبر 17 ۾ هن طرح فرمايو: ”۽ الله تعاليٰ جل جلاله زمين ۾ توهان کي اهڙي طرح پيدا ڪيو جهڙيءَ طرح توهان انهيءَ مان ڦٽا آهيو.“

اچو ته هاڻي آدمؑ ۽ اهڙي طرح انسان جي تخليق جي سلسلي ۾ قرآن جي حڪم کي سامهون رکي هڪ گڏيل تشريح ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ پوءِ ان جي اندر لڪيل مضمون کي سائنسي نقطہ نظر سان ڪجھ تفصيل سان بيان ڪريون ۽ ڏسون ته انهن سڀني آيتن ۾ ڪهڙو گڏيل حڪم نظر اچي ٿو؟

(الف) حضرت آدمؑ کي الله تعاليٰ جل جلاله جي حڪم سان مٽيءَ مان بڻايو ويو. الله تعاليٰ جل جلاله چيو ته ”ٿي پئو“ ته هو ٿي پيو. اصل ۾ مٿي ڏنل سڀئي آيتون آدم جي خلقت جي باري ۾ عظيم سائنسي سچائين جو اظهار ڪن ٿيون پر بدقسمتيءَ سان جديد انسان جي ذهن ۾ ارتقا جي ڪهاڻي ان کي بلڪل ئي بگاڙي ڇڏيو آهي، يعني ڄڻ ته ان کي ”برين واش“ ڪري ڇڏيو آهي. ايئن سڀ ڪان پهريان اسان کي انهيءَ ڪوڙ ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي. ڇو ته جيستائين انساني ذهن ۾ اها فرضي ڪهاڻي ويٺل هوندي تيستائين انسان جي حقيقت سمجھ ۾ ئي نه اچي سگهندي ۽ نه ئي قرآن ۾ پورو ۽ پڪو ويساهه ٿي سگهندو.

## ارتقا جي فرضي ڪهاڻي ڇا ٿي ٻڌائي؟

لڳ ڀڳ هڪ سؤ سال اڳ ڪيمبرج جي ڪرائسٽ ڪاليج مان هڪڙي پادري چارلس ڊارون گريجوئيشن مڪمل ڪئي ۽ ان جو علم حياتيات يا ميڊيسن (طب) ۾ پهريان ڪوبہ تجربو ڪونہ هو. هُن دعويٰ ڪئي ته انسان هڪ جانور هو، جنهن جي ارتقا هڪ ماليڪيولي جاندار کان ٿي ۽ ان جا ابا ڏاڏا پولڙا هئا. ڪيترائي سائنسدان بنا سوچي سمجهي گمراهہ ٿي انهيءَ ڪوڙ تي ٻڌل ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي پيا. ٿورڙي ئي عرصي ۾ ارتقا وارو مفروضو تمام زور ۽ شور سان هر هنڌ ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو. اهو نظريو ڪيترن ئي سالن تائين علمي ادارن ۾ اهڙيءَ طرح پڙهايو ويو ڄڻ ته اهو واقعي ڪا سائنسي حقيقت هجي.

هڪ جديد سائنسدان دوان گش (Duane Gish) چواڻي: ارتقا (يعني انسان جو جانور مان ارتقا ڪري وڏڻ) ته هڪڙو فلسفياڻو خيال آهي ۽ اصل ۾ انهيءَ جو ڪوبہ سائنسي بنياد نہ آهي. آر – بي – گولڊشمڊٽ (R.B. Gold Schmidt) جيڪو علم حياتيات جو پروفيسر آهي ۽ ارتقا واري نظريي جو پرجوش حامي آهي، سو ايتري حد تائين ديانتدار آهي ته بقول ان جي، ارتقا جي حق

۾ هن وقت تائين ڪابہ شڪ ۽ شبهي ڪان مٿاهين سائنسي شهادت نہ ملي سگهي ۽ اهو تہ اهو رڳو سوچ جو هڪڙو انداز آهي. آڪسفورڊ ڊڪشنري چوي ٿي تہ ڪنهن نظريي جي سائنسي حقيقت بنجڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ اهو نظر اچڻ واريون حقيقتون رکندو هجي ۽ جيڪو عام قانونن هيٺ ثابت ٿيندو هجي.

## ترقي پسند ارتقا جا سڀ ڪان وڏيڪ حامي

انهيءَ ڳالھ کي هرڪو نٿو سمجهي تہ ڊارون جي نظريي يعني ڊارون ازم ۽ نيو ڊارون ازم جي خلاف سائنسي شاهدين جو ڍير لَڳي ويجي ٿو. اهڙا نظريا سدائين ڏنگي سوچ رکندڙن جون وٽندڙ مشغوليون رهيا آهن. انهيءَ نظريي تي تنقيد جي سلسلي ۾ گذريل ڪجھ سالن دوران اهم حياتيات جي ماهرن جي تعداد ۾ لڳاتار واڌارو ٿي رهيو آهي. ارتقائي مفروضي جي خلاف جيريمي رفڪن (Rifkin) جي تازن اهم مقالن ۾ انهيءَ ڳالھ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي تہ علم حياتيات ۽ حيوانات جي مجيل ماهرن، جهڙوڪ سي ايچ واڊنگٽن پئي، پال گراسي – (Pierre Paul Grasse) ۽ ايتري تائين جو اسٽِيفن جي گولڊ (Gould) بہ ارتقا واري نظريي کي مجيندڙ سائنسدانن (سوڊو سائنسدان) جا پول پڌرا ڪري ڇڏيا آهن. گريس تہ کين "نيم سائنسدان" سڏيو آهي. پروفيسر گولڊ سمٿ ۽ پروفيسر ميڪبٿ (Macbeth) بلڪل ڪليل طرح چيو آهي تہ ارتقا واري نظريي جو ڪوبہ سائنسي ثبوت نہ آهي. ايئن ارتقا جي حامين پنهنجي ڪتابن ۾ جيڪي تصويرون ڇاپرايون آهن، سي بہ سڀ هٿ ٺوڪيون آهن. انهن سڀني شروعاتي حقيقتن جي باوجود بہ مان انهيءَ اصل ڪهاڻيءَ جو ذڪر ڪرڻ گهرندس جيڪا اهڙو حياتياتي معاملو آهي، جنهن کي ارتقا جا حامي پنهنجي نظرين جو بنياد سمجهن ٿا.

(1) 1955ع کان پوءِ انهيءَ ڳالھ جو احساس ٿي ويو هو تہ جيو گهرڙن جي بناوت 99 سيڪڙو تائين هڪجهڙي ئي آهي. DNA جي لاءِ جيڪي ڪيمياوي تعميراتي بلاڪ آهن، تن جو قدر 100 سيڪڙو آهي. جيو گهرڙن جي وچ ۾ فرق انهن جي رياضياتي پروگرامن ۾ آهي. مطلب تہ هڪ ٻوٽي جي جيو گهرڙي جو اهو پروگرام ايئن آهي تہ هو آڪسيجن کي عمل ۾ آڻي يا پروسيس ڪري. جڏهن تہ جيري جي جيو گهرڙي جو اهو ڪم آهي تہ هو بائيل (جيري جي الڪلائن، جيڪا سٽڀ کي هضم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي) پيدا ڪري. جيئن تہ انهن ڪمپيوٽري پروگرامن کي، جيڪي مختلف قسمن جا ڪم ڪندا آهن، قديمي يا ارتقائي نٿو چئي سگهجي. مطلب تہ انهن ۾ لڳاتار پختگي آئي. انهيءَ ڪري انهن جي باري ۾ ارتقا وارو نظريو ڪا خاطري نٿو ڪرائي سگهي. ايئن ارتقائي نظرين کي مجيندڙ ماڻهن کي جيو گهرڙي ۽ ان جي رياضياتي پروگرامن جي باري ۾ پنهنجو ذهن صاف



ڪرڻ گهرجي.

(2) ارتقا واري نظريي جي حامين وٽ اڄ ڪلھ ارتقا جي سلسلي جو نظر نہ اچڻ انهيءَ ڪري آهي جو اهو انتهائي آهستي لڳاتار عمل لکين ڪروڙين سالن ۾ عمل هيٺ ايندو آهي. پر 1965ع ۾ آئيس لينڊ ويجهو سمنڊ جي اندر زلزلي ۽ لاوي نڪرڻ جي عمل سان هڪڙو نئون ٻيٽ جنهن کي سرٽسي (Surtsey) سڏين ٿا، ظاهر ٿي پيو ۽ انهيءَ تي هڪ سال جي اندر ئي هزارين قسم جا ڪيڙا ماڪوڙا، ۽ ٻوٽن جا ڪيترا ئي قسم پيدا ٿي پيا، جنهن لاءِ اڃا تائين معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ اهي سڀئي اتي ڪٿان ۽ ڪيئن اچي ويا؟

(3) ارتقا جو نظريو رکندڙن وٽ ارتقا جو عمل ڦير گهير (Mutation) جي ذريعي ٿيو. يعني اهو جينياتي خاصيتن ۾ تبديليءَ جي ذريعي ٿيو. اها دعويٰ سچ کي بگاڙڻ جو مڪمل ۽ پڌرو مثال آهي. تبدل ڪڏهن بہ تعميري نہ هوندو آهي پر اهو هڪ تخريبي عمل آهي. ملر (Muller)، جنهن ڦير گهير وارو قانون ڳولي لڌو، تنهن جي تجربن مان اها ڄاڻ ملي آهي تہ جيني تبديليءَ جو ڪوبہ وجود نہ آهي، پر اها اصل ۾ جيني تباهي (Gene Destruction) ئي هوندي آهي. اها حقيقت ڦير گهير تي ڪيل پوءِ وارن تجربن مان بہ ثابت ٿي آهي. ڪنهن جون خاصيتون (ٽريٽس) تبديل نہ پر تباھ ٿينديون آهن، جنهن جو نتيجو ڪينسر يا موت جي شڪل ۾ ظاهر ٿيندو آهي، يا وري بگڙيل خاصيتون وڏيڪ ڪمزور جاندار جي تخليق جو باعث بڻجنديون آهن (جيئن ملر جي سائي اک واري مک). اڄ تائين ڪيل هزارين تجربن جي باوجود بہ ڦير گهير جي ذريعي جاندار جو ڪوبہ نئون يا ان سان ملندڙ جلندڙ پروگرام حاصل نہ ٿي سگهيو آهي. انهيءَ جي برخلاف هڏي جي مِک اندر هر لمحي اباڻي جيو گهرڙي (Parent Cell) جي وسيلي نوان جيو گهرڙا ڪيترن ئي لکن جي تعداد ۾ پيدا ٿيندا رهندا آهن. جيڪڏهن تبدل (Mutation) جي نظريي ۾ ٿورڙي بہ حقيقت هجي ها تہ هن وقت تائين اهو عجوبو مڪمل طور تي ثابت ٿي چڪو هجي ها.

(4) ارتقائي نظريي کي مجيندڙن جي اها دعويٰ آهي تہ قديمي وجود ۽ موجوده انسان کي ڳنڍڻ واري ڊانچي جو وجود موجود آهي. انهن مان پلٽ ڊائون مين (Pilt Down Man) سڀني کان گهڻو مشهور آهي پر ان جي ٺڳي بہ ريڊيو ايڪٽو تجربن جي ذريعي ثابت ٿي چڪي آهي ۽ ان کي فضول ڪتابن سان گڏ برٽش عجائب گهر مان ڪڍي اڇلايو ويو آهي.

وڏيڪ اهو تہ قديمي مخلوق (Primate) جي دماغ جو وزن 130 گرام آهي، جڏهن تہ انسان جي دماغ جو وزن 350 گرام هوندو آهي. ارتقا واري نظريي موجب انهن جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏھ جاندار هئڻ گهرجن. اها هڪ نہ مڃڻ جهڙي ڳالھ

www.sindhsalamat.com

آهي ته انهن مان ڪو هڪ به نه بچيو هجي. ايئن اهو ضروري آهي ته ارتقا واري نظريي جي مڃيندڙن کان اهو سوال ڪيو وڃي ته جيئن ته پولڙو پنهنجن سمورن قِسمن سان اڄا تائين موجود آهي ته قديمي انسان کان وٺي هاڻوڪي انسان تائين پهچڻ واري رستي تان اهي ڏهه قسم يا جاندار ڪيڏانهن غائب ٿي ويا؟

(5) ارتقا واري نظريي ڪي مڃيندڙ ايترو ته اڳتي وڌي ويا جو انهن وٽ انسان جي آنڊرن ۾ موجود اپنڊڪس وارو آنڊو ارتقا جي سلسلي جي هڪ بي مقصد باقيات آهي. جڏهن ته حقيقت ۾ جسم ۾ اپنڊڪس سڀ کان وڌيڪ چست عضون مان هڪ آهي، جيڪو هيٺئين پيٽ يا ڏڙ جي لاءِ هڪ غدود (Tonsil) جو ڪم ڏيندو آهي. اهو آنڊن جو رس ڇڏي ٿو ۽ آنڊن جي جراثيمن يا بيڪٽيريا جي قسمن ۽ تعداد ۾ باقاعدگي پيدا ڪري ٿو. انساني جسم ۾ ڪوبه عضوو فضول يا بي مقصد نه آهي. ان جي برخلاف هر هڪ عضوو هڪ ئي وقت ۾ مختلف قسم جا ڪم ڪندو آهي.

(6) هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ارتقا واري نظريي جو مقصد ڇا آهي؟ ارتقا واري نظريي ڪي مڃيندڙ الله تعاليٰ ﷻ جي وجود ڪي نٿا مڃن، اڃا به ارتقا ۾ ئي مقصديت جي ڳولا ڪن ٿا. پنهنجي نظر ۾ اهي قديمي مخلوق ۽ ترقي يافته مخلوق جي زنجير ۾ ڏينهون ڏينهن پيچيدگي ۽ تڪميل جي مفروضي تي عمل ڪن ٿا. انهيءَ ترقي يا ارتقا جي سلسلي ۾ انهن جا مفروضا رڳو انهن جي پنهنجن ئي ذهنن جي پيداوار آهن. تڪميل پذير يا ڪامل هئڻ جو ڇا مقصد ٿي سگهي ٿو؟ مثال طور سهڻن ۽ خوبصورت رنگن جي لحاظ کان پوپٽ سڀ کان مٿاهون درجو رکي ٿو. اليڪٽرانڪ اوزارن ۾ چمڙي جو ڪو مٽ نه آهي، ڇو جو هو هڪ مڪمل راڊار واري نظر رکندڙ هوندو آهي. دماغ ۾ يادداشت ڪي قائم ۽ محفوظ رکڻ جي سلسلي ۾ دماغ جي وزن جي معاملي ۾ بُلهڻ (Dolfen) سڀ کان وڌيڪ ترقي يافته مخلوق آهي. جڏهن ته ويڙهه جهيڙي جي لحاظ کان سڀ کان وڌيڪ ترقي يافته مخلوق اڏوهي آهي جيڪا ڪِوليءَ کان به ننڍڙي مخلوق آهي. ان جو هٿيار اهو زهر آهي جنهن جو ٽهڪڻ پد 100 ڊگري هوندو آهي ۽ جيڪو ان جي ماحول ۾ هر ننڍڙي مخلوق کي ماري ڇڏيندو آهي. انهن سيني کي ارتقائي عمل مان ڪنهن گذاريو؟ ۽ انهن جي ارتقا ڪهڙي مخلوق مان ٿي؟ ڪيميائي جنگ جي معاملي ۾ ته پولڙو انهيءَ خسيس اڏوهيءَ کان صفا پوئتي رهجي ويندڙ تمام قديمي مخلوق نظر اچي ٿو.

(7) ارتقا واري نظريي جا حامي چون ٿا ته سموري مخلوق فطري چونڊ يعني ”سڀ کان پلي مخلوق جو باقي رهجي وڃڻ“ واري اصول جي تابع آهي. انهيءَ باري ۾ اهي ڊائناسارس جو مثال ڏيندا آهن جنهن جو نسل هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. پر دنيا ۾ موجود پندرهن لک قسم جي مخلوق جي موجودگيءَ ۾، ختم ٿي وڃڻ واري مخلوق جو تعداد هڪ سؤ کان به وڌيڪ نه آهي. انهيءَ تي وڌيڪ بحث موضوع نمبر



48 ۾ ٿيندو. هن موقعي تي جيڪا سڀ کان اهم ڳالهه آهي، سا اها حقيقت آهي ته، ڪيترائي جاندار يا مخلوقات انتهائي ڏکين حالتن جي باوجود ڪيترن ئي لکين سالن کان موجود آهن. انهيءَ باري ۾ ٿي خاص مثال پيش ڪري سگهجن ٿا.

(الف) انڌي مڇي: اها هڪ خاص قسم جي مڇي ٿيندي آهي جنهن کي ڏسڻ لاءِ ڪوبه عضوو نه هوندو آهي. اها سمنڊ جي تري ۾ رهندي آهي. اهي مڇيون جيڪي راڊار جهڙي گونجاري ڪوج (Sonar) جهڙو نظام رکن ٿيون ۽ اهڙو نظام پڻ رکن ٿيون جنهن ۾ برقي ميدان جي مدد سان ڏسنديون آهن، سي گڏجي سڏجي هڪ ننڍڙي جاءِ تي رهنديون آهن. جيڪڏهن ارتقا جي نظريي کي مڃيندڙ صحيح هجن ها ته مڇين جا باقي ٻيا قسم انڌي مڇيءَ کي سموري سمنڊ منجهان ختم ڪري چڪا هجن ها پر مڇين جا اهي ٽئي قسم لکين سالن کان پر امن طريقي سان رهي رهيا آهن.

(ب) انڌو نانگ هڪ قسم جي ڪرڙي هوندو آهي. ان جا هٿ پير نه هوندا آهن، جنهن ڪري هن مخلوق جي لاءِ زندگي خاص طور انتهائي ڏکيائين سان پريل هوندي آهي. پر ان جو نسل به لکين سالن کان موجود آهي. اهو نه ته اڻ لپ ٿي ختم ٿي ويو آهي ۽ نه ئي ڪنهن ارتقا واري عمل جي وسيلي اهو ڪرڙي بڻجي ويو آهي. هاڻي ٻڌايو ته ارتقا واري نظريي جي باري ۾ گهڙيل قصا ۽ ڪهاڻيون ڪهڙي حيثيت رکن ٿيون؟

(ٻ) آسٽريليا ۾ ملندڙ هڪ خاص قسم جي سيڙهه يا ڪنڊائين پٽيءَ وارو ڪينگرو جهڙو جانور، پنهنجي ٻچي کي پيٽ ۾ لڳل ڳوٿريءَ ۾ ڪٽي هلندو آهي. هو پنهنجي جسم ۾ اهڙي تبديلي ڇونٿو آڻي جو ان جي انهيءَ ڳوٿريءَ مان جان ڇٽي پوي ۽ اهو به ٻين ڪنڊائين پٽيءَ وارن جانورن وانگر آرام سان رهي سگهي؟

ان جو سبب اهو آهي ته الله تعاليٰ ﷻ انهيءَ جي باري ۾ اهو ئي گهريو ۽ اهو ڪنڊائين پٽيءَ وارو جانور پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن آهي ۽ اهڙيءَ ئي طرح خدمت ۾ لڳو رهي ٿو. ارتقا واري نظريي جا حامي انهيءَ راز کي ڪڏهن به سمجهي نٿا سگهن ڇو ته اهي انڌي منطق جي ڏيڻ ۾ قائل آهن.

اهڙيءَ ريت فطري چونڊ واري قسم جو ڪوبه عجوبو نه هوندو آهي. الله تعاليٰ ﷻ مختلف قسم جي مخلوق جي تخليق پاڻ ئي ڪئي آهي، جنهن ڪري دنيا ۾ اڻ ڳڻيا جاندار يا مخلوقات نظر اچن ٿيون.

(8) صنفن جي گوناگوني: جيڪڏهن ارتقا جي حامين جو نظريو صحيح هجي ها ته هر جاندار يا مخلوق جي اندر اهڙي ئي قسم جي ترقي ٿئي ها جيڪا اميبا (amoeba)، جيڪو پاڻيءَ جو هڪڙو جاندار آهي ۽ خوردبين سان ئي ڏسي سگهبو آهي، کان شروع ٿي زنجير جي ڪڙين وانگر هڪ ئي قسم جي صنف

ناهيندي وڃي ٿي. يعني هڪ ئي قسم جو ڪيڙو، هڪ ئي قسم جي مڇي، هڪ ئي قسم جو پتنگ ۽ هڪ ئي قسم جو پکي انهيءَ اميبا مان نڪري ها يا وڻ ڪان وڻ هر هڪ ۾ ڪجھ گوناگون هجي ها پر ٻئي پاسي ڏسو تہ رڳو ڪيڙن ماڪوڙن جا ئي ٽي لک قسم آهن. پوءِ اها ڪهڙي قسم جي ارتقا آهي؟

وڏيڪ اهو تہ جانورن جي سڀني قسمن ۾ هر قسم جون تصور ۾ ايندڙ صورتون ۽ شڪليون آهن. جاميٽري ۽ حياتيات ۾ جيتريون بہ ممڪن صورتون آهن، ايتري ئي وڏي تعداد ۾ مخلوقن جا قسم آهن. رڳو پوپٽ جي پرن تي ئي رنگن جا ڏھ هزار نمونا موجود آهن. ان ڪان سواءِ هر قسم جون مخلوقات ننڍي ۽ وڏي جسامت ۾ موجود آهن، جھڙوڪ ڪرڙي ۽ واڳون، ٻلي ۽ شينهن، ڪوئو ۽ سوئر وغيره. جيڪڏهن ارتقا وارو عمل موجود هجي ها تہ هر مخلوق هڪ ئي رخ يا سائيز ۾ ترقي ڪري ها. جڏهن تہ الله تعاليٰ ﷻ لاتعداد مخلوق جي نمونن جي چڻ تہ تمام وڏي نمائش جو انتظام ڪيو آهي.

(٩) مختلف قسم جا سائنسي علم بہ هاڻي ويجھڙائي وارن سالن ۾ ئي سڀني جي سامهون ظاهر ٿيا آهن، انهن جي نقطي نظر ڪان بہ ارتقا جو عمل ناممڪن آهي.

(الف) علم طبعيات (Physics) ۾ ڪابہ ارتقا ممڪن نہ آهي. هائيڊروجن ڪان وڏيڪ ڳؤرو ڪوبہ عنصر پيدا نٿو ٿي سگهي خاص ڪري امن جي معنيٰ ۾. ڇو تہ جيڪڏهن توهان هائيڊروجن جي ٻن يا چئن ايٽمن کي ملائي هيليم ٺاهڻ گھرو تہ توهان کي ٿرمو نيوڪليئر بم (Thermonuclear Bomb) ئي ملي سگھندو ۽ سمورو ماحول ڪنيي واري شڪل جھڙي دونهين ۽ ڪکر سان ڀرجي ويندو.

(ب) رياضياتي طور تي ارتقا هڪ اڻ ٿيڻي شيءِ آهي. اميبا مان هڪڙو ڪيڙو ٺهڻ لاءِ جيني ڪوڊ ۾ $39\times10^{20}$ تبديليون کپن جيڪا هڪ سيڪنڊ ۾ تبديليءَ جي شرح سان هڪ سؤ ڪرب (10 ٽرلين) سالن ۾ ممڪن ٿي سگهي ٿي، يا وري نظر ايندڙ ڪائنات جي زندگيءَ جي پنج سؤٽي وقت ۾. هڪ پولڙي جي لاءِ انسان بڻجڻ تائين واري ارتقائي عمل لاءِ $3\times10^{520}$ تبديليون گهرجن. اهو تعداد ايترو تہ بيان ڪان وڏيڪ هوندو جو جيڪڏهن ڪائنات ۾ موجود سمورن ذرڙن جي چوٿين سگھ کي بہ ڪم آندو وڃي تہ اسان جو انهيءَ جي ويجھو پهچڻ جيتري نوبت بہ نہ اچي سگھندي. وڏيڪ پيٽا جي لاءِ اهو معلوم ٿيندو تہ هڪ ڪاٽو بار (اليڪٽران) جو قطر هڪ لحاظ ڪان سموري ڪائنات جي $10^{124}$ ڪان نٿو وڏي. اهي سڀئي حقيقتون ثابت ڪن ٿيون تہ ارتقا وارو نظريو رياضياتي طرح ناممڪنات مان آهي.

(پ) حياتياتي طور تي ڪابہ ارتقا ممڪن نہ آهي. اڄ ڏينهن تائين سائنسي ذريعا استعمال ڪري ڪوبہ انسان هڪ سٽسرن (Cistron)، جيڪو هڪ مخصوص پروٽين ڪوڊ جي لاءِ (DNA) جي ڊيگھ هوندو آهي، جيتري تبديلي بہ نہ آڻي



سگھيو آهي. مقصد تہ صفا معمولي تبديلي بہ نہ آڻي سگھيو آهي. دنيا ۾ اهڙو ڪوبہ مثال موجود نہ آهي، جنهن مطابق ڪنهن بہ مخلوق ۾ جيني تبديلي حاصل ڪئي وئي هجي. انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ جين (Gene) جنهن جي اندر نامياتي اڏاوت يا بلڊنگ جو فارمولو هوندو آهي، سا هڪ انتهائي خاص قسم جي نظام جي پناھ ۾ هوندي آهي. جيڪڏهن اهو نظام نہ هجي تہ سموري دنيا عجيب قسم جي غير ضروري مخلوق سان، تمام ٿوري وقت ۾ ڀرجي وڃي. ايئن اهو ثابت ٿيو تہ حياتياتي طور تي، ارتقا جو هجڻ ناممڪن آهي. جھڙي طرح نلسن هيري برٽ (Heribert) چيو آهي تہ زندگيءَ جون شڪليون اهڙي قسم جون آهن جو اهي تبديل نٿيون ٿين ۽ نہ ئي انهن ۾ تبديلي ممڪن آهي.

پروفيسر ميڪس ويسٽن هوفر (Westen Hofer) پنهنجي مطالعي، تجربن ۽ مڇين، پکين، رنگدار ۽ ڪير پيارينڊڙ جانورن جي هر زماني جي تاريخ جي مطالعي سان ثابت ڪري ٿو تہ اهي سڀئي گڏوگڏ موجود رهيا آهن. هن اهو نتيجو اخذ ڪيو آهي تہ پروفيسر وايزمين (Weismann) جو اهو نظريو جنهن کي جاوا جو انسان (Java Man) سڏيو وڃي ٿو، سو سائنس تي ٺٺوليءَ جي برابر آهي. اهڙي طرح پروفيسر گش سائنسدانن جي برادريءَ کي اطلاع ڏنو آهي تہ قديمي انسان جو ڍانچو، جنهن کي نبراسڪا مين (Nebraska Man) چون ٿا، مڪمل طور تي بناوٽي آهي ۽ اهو تہ رڳو هڪ ڏند جي بنياد تي سموري ڍانچي جي جوڙجڪ ڪئي وئي آهي. اسان کي سدائين ياد رکڻ گھرجي تہ ارتقا وارو نظريو هڪ سوچيل سمجھيل ڊؤنگ آهي جيڪو ڇڙواڳ عقيدن جو بنياد بڻجي ٿو ۽ معاشري جي تباهيءَ جو ڪارڻ آهي. انهيءَ باري ۾ جن ماڻهن کي دلچسپي هجي سي هيٺين ڪتابن جو مطالعو ڪن:

(1) جيريمي رفڪن (Algeny, Middlesex, Penguin, 1984)

(2) پال ايس مورهيڊ ۽ مارٽن ايم ڪپلان (Mathematical Cahllenges to Neo-Darwinian Interpretation of Evolution, Philadelphia: Wistar Institute Press 1967)

(3) نارمن ميڪ بيٿ (Darwin Retired, An Appeal to Reason, Boston, Gamlit, 1971)

(4) ڊوان – ٽي – گش (Evolution, The Fossils Say No!, San Diego: Creation Life Publishers, 1978)

(5) جان مور (On Chromosomes, Mutation and Philogeny, Philadelphia, 1971)

www.sindhsalamat.com

(6) واٽر جي بوڪ (Book Reviw of Evolution By Orderly Law, Science 164, 1969)

(7) هيرالڊ فرانس بلوم (Times Arrow and Evolution, Princetion University Press, 1968)

(8) نلسن اين هيري برٽ (Synthetsche Artbildung University of Lund, Sweden)

(9) پيري پال گريس (Evolution of Living Organism, New York Academic Press, 1977)

(10) ڊيوڊ راؤپ (Conflict Between Darwin and Paleontology, Field Museul of Natural History Bulletin, January 1979)

ارتقا واري نظريي جي غير سائنسي نوعيت جي باري ۾ گهڻو ڪجھ چئي سگهجي ٿو. هن موضوع کي هتي ئي ڇڏيان ٿو. جيڪڏهن ڪنهن پڙهندڙ کي ارتقا ۽ ان جي ڪامياب پروپئگندا جي باري ۾ ڪو سائنسي شڪ آهي ته اهو ذاتي طور تي لکي، ان کي مناسب جواب ملي ويندو.

جيتوڻيڪ سڀ کان وڏيڪ مشهور يهودي ۽ عيسائي سائنسدان به ارتقا واري نظريي تي ويساھ نٿا رکن، پر اهي هن بدتميزيءَ واري طوفان ۾ خاموش تماشائي بڻيل آهن. حقيقت هينئر به اها ئي آهي ته دنيا ۾ ارتقا جي پيداوار جو ڪوبه جاندار نه آهي. اهو هڪڙو خيالي نظريي ۽ فلسفو آهي. ٻين لفظن ۾ سائنس جي نالي تي انسان جي ابتدا ۽ ارتقا جون جيڪي دعوائون ڪيون وڃن ٿيون سي بلڪل ئي غلط آهن. اڄ ڏينهن تائين انهيءَ جو ڪوبه سائنسي ثبوت نه ملي سگهيو آهي. نه انهيءَ باري ۾ اهڙي ڪا هڪ به ننڍڙي شاهدي نه ملي سگهي آهي جيڪا اهو ٻڌائي سگهي ته انسان جي شروعات ڪيئن ٿي؟

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته آخر انسان جي شروعات ڪيئن ٿي؟ انهيءَ ڳالھ جو جواب اسان قرآن پاڪ جي آيت ڏانهن ايندي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

## آدم ۽ انسان

الله تعاليٰﷻ اسان کي ٻڌايو آهي ته هن آدم کي هڪ خاص قسم جي مٽيءَ منجهان پيدا ڪيو. اها مٽي بنيادي طور چيڪي ۽ گاري جي شڪل ۾ هئي پر مٽي مون جيڪي آيتون پيش ڪيون آهن تن مان اهڙي قسم جي ڪنهن خاص مٽيءَ جي ڄاڻ نٿي ملي. ڇو ته الله تعاليٰﷻ جو فرمايو آهي ته ”هن ان کي مٽيءَ مان ٺاهيو ۽



پوءِ چيو ٿيءُ ته هو ٿي پيو.“ ته اهو بيان ضروري نه هجي ها، پر اها مٽي پنهنجو پاڻ ئي حياتياتي نتيجو پيش ڪري ها. ٻئي پاسي ڪجھ ٻين آيتن ۾ زمين يا مٽيءَ جون ڪجھ مخصوص ۽ محدود خاصيتون بيان ڪيون ويون آهن. انهيءَ رُخ ۾ ان جي تحقيق ڪجھ هن طرح ڪئي وئي آهي ته ان جي شڪل چيڪي ۽ گاري جهڙي هئي. هاڻي سوال اهو آهي ته الله تعاليٰﷻ قرآن پاڪ ۾ مٽيءَ جي انهيءَ خاص قسم جو ذڪر ڇو ڪيو آهي؟

اڄ کان هڪ سؤ سال اڳ انهيءَ سوال جو جواب بلڪل ئي ناممڪن هو پر اڄ اسان ان قسم جي مٽيءَ جي خاصيتن کي سمجهڻ جي اهليت رکون ٿا. مٽيءَ ۽ چيڪي گاري ۾ ڪاربان ۽ نائٽروجن جي ايٽمن جي ميلاپ جي طاقت يا پڪڙ هن طرح آهي: $C^{-4}$ ۽ $N^{-3}$.

انهيءَ خاصيت ۾ ڪهڙا راز رکيل آهن؟ انهيءَ جو جواب اهو آهي ته آڪسيجن، فاسفورس ۽ هائيڊروجن، جيڪي زمين ۾ قدرتي طور ملن ٿا، پاڻ ۾ ڪاٽو چارج ٿيل ڪاربان ۽ نائيٽروجن جي ذريعي ملي سگهن ٿا. اهڙي طرح انساني جسم جا بنيادي جزا وجود ۾ اچن ٿا. اِهو ئي اُهو راز آهي جيڪو مٽي بيان ڪيل ٿنهي آيتن ۾ لڪيل آهي. هاڻي اهي ڪهڙا شرط ۽ ڪيفيتون آهن جن هيٺ ڪاٽو ڪاربان ۽ نائيٽروجن مٽيءَ ۾ موجود آڪسيجن ۽ فاسفورس کي پاڻ ۾ ملائي هڪ انساني جسم کي جوڙي سگهن ٿيون؟ ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن سمورا بنيادي جوهر به موجود هجن ۽ انهن لاءِ عمل ڪرڻ واريون حالتون به ميسر هجن، ته به اهي رڳو هڪڙي جيو گهرڙي کي پيدا نٽا ڪري سگهن، انساني جسم ته اڃا وڏي ڳالھ آهي. هاڻي سوال اهو آهي ته هتي آخر ڪهڙي شيءِ جي گهرج آهي؟

جنهن شيءِ جي گهرج آهي سا آهي الله تعاليٰﷻ جي رياضياتي مرضي يا حڪم، جيڪو انهن جزن کي انهيءَ حالت يا پروگرام جي ذيعي هڪ خاص ڪنڊ ۽ مخصوص وٿين تي گڏ ڪري. اها ئي اها شيءِ آهي جنهن جي باري ۾ الله تعاليٰﷻ انهيءَ سچ کي صاف صاف بيان ڪندي اعلان ڪيو ته ”اسان انهيءَ مٽيءَ کي چيو: ”ٿيءُ“ الله تعاليٰﷻ جو اهو حڪم ته ”ٿي وڃ“ هڪ رياضياتي پروگرام جو ڪوڊ (راز) هڪ بنيادي ڪوڊ (Source Code) آهي جيڪو لوح محفوظ تي موجود آهي ۽ جنهن جو ذڪر قرآن جي ڪيترين ئي آيتن ۾ ڪيو ويو آهي. حضرت آدم جي جسم جي خلقت جي باري ۾ الله تعاليٰﷻ اسان کي ٻن اهم سائنسي حقيقتن کان آگاھ ڪري ٿو:

(الف) مٽيءَ ۾ ڪاربان ۽ نائٽروجن، ايٽم جي ميلاپ يا پڪڙ جي ڪاٽو سگھ سان ملن ٿا.

(ب) ٻيو الله تعاليٰﷻ جو اهو حڪم آهي، جنهن سان رياضياتي پروگرام

www.sindhsalamat.com

ڪي ڪم آڻيو آهي. اهو رياضياتي پروگرام هڪ انتهائي دلچسپ راز آهي.

هن ڪان پهريان بيان ڪيل آيتن جي سلسلي ۾ مون اڳي ئي DNA جي باري ۾ ڳالهايو آهي، جيڪو تخليق جو بنيادي عنصر آهي. انهيءَ ذرڙي جي جوڙجڪ يا وجود ۾ جيڪي شيون هونديون آهن، سي هونديون آهن ڪاٺو ڪاربان، نائٽروجن ۽ آڪسيجن، فاسفورس ۽ هائيڊروجن. انهن جو ذڪر آئون هن ڪان اڳ بہ ڪري چڪو آهيان. سمورين مخلوقات يا جاندارن جو هڏ ڪاٺ ۽ خاصيتون هڪ رياضياتي پروگرام جي طور تي DNA جي ڏوري يا مالها واري ڪوڊ، خاص طرح قاعدن ۽ قانونن جي شڪل ۾ مهيا ڪيا ويا آهن ۽ اهو سمجهہ ڪان ٻاهر رياضياتي عمل رڳو انهيءَ صورت ۾ اڳتي وڌي سگهي ٿو، جڏهن ان کي الله تعاليٰ ﷻ جو حڪم ٿئي تہ ”ٿي پئو!.“

اصل ۾ سمورن انسانن جي جسماني خاصيتن جا قاعدا (ڪوڊ) آدمؑ جي نطفي ۾ هڪ پروگرام جي شڪل ۾ مهيا ڪيا ويا آهن. آدمؑ مان حوا جو پيدا ٿيڻ هن آيت جو هڪ ٻيو سائنسي عجوبو آهي. جي نہ تہ الله تعاليٰ ﷻ هيئن فرمائي ها تہ اسان آدم ۽ حوا کي مٽيءَ جي گاري مان پيدا ڪيو. حضرت عيسيٰؑ جي پيدائش جي باري ۾ انهيءَ لطيف عمل جو ورجاءُ بلڪل ابتڙ يا الٽي حالت ۾ ڪيو ويو آهي. سورت آل عمران جي آيت نمبر 59 پيدائش جي باري ۾ انهيءَ جيني ۽ حياتياتي معجزي جو بيان چٽائيءَ سان ڪري ٿي. ايئن بناوٽي فوٽن، تصويرن ۽ ڊانچن جي مدد سان، اشرف المخلوقات يعني انسان جا ارتقائي ابا ڏاڏا مقرر ڪرڻ، هڪ ڪِل جهڙي ڳالهہ، چريائپ يا دوڪو آهي جيڪو عقل ۽ استدلال جا ڇيارا ڪڍڻ جي برابر آهي.

قرآن پاڪ ۾ سورت السجده جي آيت نمبر 7 جي ذريعي الله تعاليٰ ﷻ هڪ دفعو ٻيهر آدم جي تخليق جو حياتياتي عجوبو بيان ڪندي انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ اها ڪهڙي نہ عجيب تخليق آهي. انسان هڪ اهڙي مادي جسم وارو آهي، جنهن جو تخليقي پروگرام مٽيءَ مان حاصل ڪيو ويو آهي ۽ ان جو روح الله تعاليٰ ﷻ پنهنجو پاڻ ان جي اندر ڦوڪيو آهي ۽ جڏهن اهي ٻئي هڪٻئي ڪان جدا ٿيندا آهن تہ ان کي موت اچي ويندو آهي.

روح جي موضوع وارين آيتن جي تشريح اڳتي هلي ڪئي ويندي. جسيتائين جسم جو معاملو آهي، اهو هڪ رياضياتي نظام آهي جيڪو مادي جي ننڍڙن ذرڙن جو ٺهيل آهي، پوءِ ٻلي ان کي ڪنهن بہ پاسي ڪان ڏٺو وڃي. خاص طور جيني ڪوڊ هڪ تمام وڏي ڪمپيوٽر جو پروگرام آهي. سيئي خاصيتون، هڪ ننهن ڪان وٺي منهن جي تِر تائين جا قاعدا (ڪوڊ) انهيءَ انتهائي ننڍڙي ٽبڪي ۾ مهيا ڪيا ويا آهن جنهن جي سائيز هڪ سينٽي ميٽر جي ڏهين لکين حصي ڪان بہ ننڍي آهي ۽ ڏهہ ارب انسانن جي جدا جدا پورن جا نشان (Finger Prints) بہ ايئن ئي مهيا ڪيا ويا آهن. اهو ئي الله تعاليٰ ﷻ جي طرف ڪان تخليق جو هڪڙو انتهائي وڏو راز آهي.



موضوع نمبر 26

# زمين جي بيضوي شڪل

وَ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ ذٰلِكَ دَحٰىهَا ﴿۳۰﴾ (النازعات: ٣٠)

”۽ پوءِ هن زمين کي بيضوي (اٺ پکيءَ جي آني جهڙي) شڪل ڏني.“

هن آيت مبارڪ جي پراڻين تشريحن مان ان جي معنيٰ هن طرح آهي: ”هن زمين کي پکيڙيو.“

جڏهن تہ استنبول جي مذهب واري شعبي (Istanbul Faculty of Theology) جي مرحوم کي ايچ بي چينتي (H.B. Canty) ۽ ڊاڪٽر علي اوزيڪ (Dr. Ali Ozek) پنهنجي جڳ مشهور تفسير ۾ انهيءَ جي اها ئي معنيٰ ڏني آهي جيڪا اسان مٿي بيان ڪئي آهي.

تشريحن ۾ معنيٰ جو فرق لفظ ”دحٰها“ جي معنيٰ ۾ اختلاف جي ڪري پيدا ٿيو آهي. عربي ٻوليءَ ۾ انهيءَ لفظ جو ماخذ يا اشتقاق اٺ پکيءَ سان نسبت رکڻ واري معنيٰ سان ملندڙ جلندڙ آهي. اچو تہ انهيءَ لاءِ ڪي مثال ڏسون.

الادحته :اٺ پکيءَ جو آکيرو يا واريءَ ۾ آنو لاهڻ جي جاءِ يا کڏو

الادحوۃ :اٺ پکيءَ جي آني واري جاءِ

تداحياً :سوراخ ۾ پٿر وجهڻ

علم اشتقاق جي ماهر (Etymologist) شمس الدين، پنهنجي لغت ۾ مدحي جي معنيٰ اٺ پکيءَ جي آني وارو سوراخ يا کڏو بيان ڪئي آهي. جڏهن تہ بيضاوي وٽ بہ دحا جي معنيٰ بيضو يا آنو ئي آهي. دحا جي معنيٰ پکيڙڻ (دحو) جي مفهوم ۾ ضرورت طور بيان ڪئي آهي. اها ان جي اصل معنيٰ نہ آهي. اڳاٽي وقت ۾ جيئن تہ دحا جي لاءِ آني جي شڪل جو هجڻ بي معنيٰ سمجهيو ويو، تنهن ڪري ان کي پکيڙڻ جي معنيٰ ۾ پڙهيو ويو.

www.sindhsalamat.com

دحا جي اصل معنيٰ اٺ پکيءَ جو آنو آهي. علم اشتقاق جي اصولن موجب سيني عربي لغتن ۾ مدحي کي اٺ پکيءَ جي آني جي کڏي يا سوراخ جي برابر سڏيو ويو آهي. ”م“ کي الڳ ڪرڻ کان پوءِ ڪجھ ماڻھن ان کي اٺ پکيءَ جو آنو چيو آهي. پر دحي کي پکيڙڻ سان پيٽ ڏني وئي آهي. انهيءَ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته اهي نظريا زمين جي شڪل جي معاملي ۾ بلڪل سادگيءَ وارا آهن.

ٻئي پاسي اها ڳالھ به هرگز نه وسارڻ گھرجي ته جن عالمن هن آيت مبارڪ جي تشريح جي باي ۾ ”پکيڙڻ“ واري معنيٰ ورتي آهي، اهي به مڪمل طور تي غلط نه آهن. اها ٻي معنيٰ آهي ۽ ميڄ جو ڳي آهي. بهرحال، منهنجي پنهنجي راءِ اها آهي ته هن آيت مبارڪ جي معنيٰ هن طرح آهي: ”۽ پوءِ اسان زمين کي اٺ پکيءَ جي آني جهڙي شڪل ڏني.“ هاڻي ان کان اڳ جو مان تفسير بيان ڪريان، هڪڙي ٻئي نقطي ڏانهن توهان جو ڌيان ڇڪائڻ گهران ٿو. ڪيتريون صديون اڳ جي مشهور مفسرن، جن ۾ بيضاوي، رازي، ابوالسعود ۽ مدارڪ شامل آهن، اعلان ڪيو ته تخليق جي وقت زمين تي ڪابه جاندار شيءِ نه هئي، ڇو ته اها ان وقت باھ وانگر تتل هئي. هنن اهو اعلان ان وقت ڪيو جڏهن انهن وٽ اڄوڪي دؤر وانگر ڪنهن به قسم جي سائنسي ڄاڻ نه هئي. سندن ڄاڻ جو بنياد رڳو قرآني سائنس هئي. انهن ماڻهن جي انهيءَ سمجھ ۽ قرآن فهمي جي واکاڻ نه ڪرڻ بي انصافي آهي. هاڻي اسان وري انهيءَ ڄاڻ ڏانهن اچون ٿا، جنهن تحت هن آيت جي تعبير، زمين جو آني جهڙي شڪل ۾ هئڻ بنسبت آهي.

(الف) سموري مخلوقات جي آنن منجهان اٺ پکيءَ جو آنو ئي اهڙو آهي جيڪو زمين جي ٽڪري سان ويجهي نسبت رکي ٿو.

(ب) زميني مٿاڇري جي اتر ۽ ڏکڻ قطبن جو قطر، زمين جي خط استوا جي طرف کان، قطر جي نسبت سان زمين جي جيڪا شڪل ٺاهي ٿو، سا آني جهڙي ئي آهي. خاص ڪري اها زميني شڪل، وڌيڪ صحيح طرح سان ڪجھ بگڙيل آهي، بلڪل ائين جيئن ناشپاتي هوندي آهي. انهيءَ کي جي اوِيڊ (Geoid) چوندا آهن. زمين جو استوائي گھيرو (Radius) 6378 ڪلوميٽر آهي جڏهن ته قطبن وارو گھيرو 6356 ڪلوميٽر آهي.

(ٻ) هيءَ آيت سڳوري ڇٽائيءَ سان زمين کي گولائيءَ واري شڪل ۾ ٻڌائي ٿي. وڌيڪ اهو ته انهيءَ مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته پنهنجي شروعاتي شڪل ۾ زمين اڄوڪي موجوده شڪل ۾ ڪونه هئي. اصل ۾ زمين جي موجوده سخت سطح (Solidification) کان اڳ ڪابه خاص شڪل ڪونه هئي. ڪائناتي طبعيات (Astrophysics) جي علم مطابق زمين جي تخليق جي باري ۾ ٻه نظريا آهن. هڪڙي نظريي موجب زمين شروع ۾ سج جو حصو هئي جيڪا هڪ ٽڪري وانگر اڇلجي جدا ٿي وئي. جڏهن ته ٻيو نظريو ٻڌائي ٿو ته سج ۽ زمين ٻئي هڪ سحابيه



(Nebula) يعني ڪڪرن واري تنويري پٽيءَ مان، جيڪا آسمانن ۾ نظر ايندي آهي، ڌماڪي سان جدا ٿيا. ٻئي نظريا اهو مڃن ٿا ته شروع ۾ زمين جي ڪابه خاص شڪل نه هئي، جنهن اڳتي هلي گول ۽ آني جهڙي شڪل اختيار ڪري ورتي. ايئن هيءَ آيت ڪليل طرح سان زمين جي شڪل، بيضوي (Oval) يا ٽيڪنيڪل ٻوليءَ ۾ Ellipsoidal ۾ ظاهر ڪري ٿي.

هن موقعي تي هڪ ڳالھ جو تبصرو اجايو نه ٿيندو ته ٻين مذهبي ڪتابن ۾ پنهنجي وقت جي ماڻهن کي حڪم ڏنا ويا آهن ۽ عبادت ڏانهن سڏيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح انهن جا سائنسي اعلان رڳو انهن جي زماني سان ئي هڪجهڙائي رکندا هئا. ان جي باوجود به انهن ڪتابن ۾ ملندڙ ڪيترن ئي حڪمن کي قرآن پاڪ ۾ پڻ محفوظ ڪيو ويو آهي، ايئن اهي هاڻي به لاڳو آهن.

پر قرآن جي اهم خاصيت هِن حقيقت ۾ لڪيل آهي ته ان ۾ ڏنل قانون آخر تائين اچڻ وارن انسانن تائين مڪمل طور تي لاڳو ۽ سچا رهندا. ڇو ته قرآن ڪريم لوح محفوظ جي نمائندگي ڪرڻ وارو ڪتاب آهي. جڏهن ته لوح محفوظ پنهنجو پاڻ ئي عظيم الشان علم واري خدائي ڪمپيوٽر جو هڪ تمام وڏو ذخيرو آهي. انهيءَ ڪري ئي قرآن پاڪ سائنسي حقيقتن کي سمجھڻ جي سلسلي ۾ معجزاتي خاصيتون رکي ٿو. جڏهن ته انهن مان ڪيتريون ئي حقيقتون ته قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ کان به ڪيئي صديون اڳ واري دؤر سان لاڳاپو رکن ٿيون. زمين جي گولائيءَ واري شڪل ۽ پوءِ وري زمين جي محوري گردش، جنهن کي قرآن ڪيترين ئي آيتن ۾ بيان ڪيو آهي، انهن ماڻهن جي لاءِ هڪ مڪمل ۽ سهڻو جواب آهي جيڪي اسلام تي ٺٺوليون ڪن ٿا. ڪيترائي اهڙا اڻ ڄاڻ دانشور به پيدا ٿي پيا آهن جيڪي گمان ڪن ٿا ته الله تعاليٰ جي دين کي مڃيندڙ ماڻهو اڄا تائين زمين کي تراڪڙي (Flat) سمجهن ٿا.

هن آيت سڳوريءَ جو هڪڙو تمام ئي اهم پاسو اهو به آهي ته هن کي سورت النّٰزعٰت ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جيڪا تخليق جي باري ۾ ڪيترن ئي ڳجهن کي بيان ڪري ٿي. وڌيڪ اهو ته آيت نمبر 28 کان 32 تائين ۾ زمين جي تخليق جو تت ڏنو ويو آهي. آيت نمبر 31 اهو اعلان ڪري ٿي ته جڏهن زمين آني جهڙي شڪل اختيار ڪئي ته ترتيبوار انهيءَ تي پاڻيءَ جو انتظام ڪيو ويو، ان کان پوءِ شروعاتي ٻوٽن کي چاري جي صورت ۾ پيدا ڪيو ويو. جديد دؤر جي ارضي طبعيات جا نظريا انهيءَ ترتيب سان مڪمل طور متفق آهن. جڏهن زمين پنهنجي بيضوي يا گول شڪل اختيار ڪري ورتي ته پوءِ ان تي پاڻي وجود ۾ آيو ۽ سمنڊ ٺهي پيا. ٻوٽن وارا جاندار (ٻُوڙا ۽ وڻ) ان کان پوءِ ظاهر ٿيا.

جيڪڏهن آيت جي تحقيق انهيءَ مڪمل هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي ڪئي وڃي ها ته انهيءَ جي پوري ڄاڻ ۽ دانائيءَ کي چڱيءَ پر پروڙي سگهجي ها.

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 27

# صمد جا اسرار

قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ﴿۲﴾ لَمۡ يَلِدۡ ۙ وَ لَمۡ يُوۡلَدۡ ﴿۳﴾
وَ لَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿۴﴾ (الاخلاص)

"چؤ ته اهو الله يڪتا آهي. الله سڀني کان بي نياز آهي ۽ سڀئي ان جا محتاج آهن. ان جو ڪو به اولاد نه آهي ۽ نه ئي اهو ڪنهن ٻئي جو اولاد آهي ۽ ڪو به ان جو مٽ نه آهي."

قرآن ڪريم جون هي آيتون اسلام کان اڳ وارن، عظيم پيدا ڪندڙ جي باري ۾ غلط عقيدن کي مٽائي ڇڏين ٿيون ۽ اهو ٻڌائن ٿيون ته انهيءَ پاڪ ذات کي ڪيئن سمجهيو وڃي.

سائنسي طور تي الله تعاليٰ ﷻ جي باري ۾ نظرين مان سڀ کان اهم خاصيت "صمد" جي راز ۾ لڪيل آهي. سورت اخلاص جي ٻي آيت ۾ جيڪا خدائي حڪمت بيان ڪئي وئي آهي سا سائنسي نقطي نظر کان انتهائي اهم آهي.

اچو ته هاڻي سڀ کان پهريان علم حرفن موجب صمد جي اصل معنيٰ تائين پهچون. لغوي اعتبار کان صمد جون ٽي معنائون ٿي سگهن ٿيون:

(الف) مڪمل – بي عيب – خالص – پُورو

(ب) اڻ کٽ سگهه جيڪا اڻ مِٽ ۽ بي ڪنار هجي

(ج) نه جهڪندڙ خدائي قوت (قادر مطلق هئڻ)

انهيءَ جي اها معنيٰ، جيڪا نبي ڪريم ﷺ جي ارشادن جي روشني ۾ ٻين تشريحن مان ظاهر ٿئي ٿي، سا هيءَ آهي ته اها سچي طاقت جنهن جو هرڪو محتاج آهي، پر هو پاڻ ڪنهن جو ڪنهن به طرح محتاج نه آهي. ائين اها پاڪ ۽ قادر مطلق ذات آهي جنهن جي ڪري ئي سموري مخلوق کي وجود آهي. سائنسي اصطلاح ۾ صمد منجهان اُها سچي ۽ حقيقي طاقت ظاهر ٿئي ٿي، جنهن کي نه ڪنهن واڌاري جي گهرج آهي ۽ نه ئي ڪنهن قسم جي ڪا کوٽ يا گسجڻ آهي. نه ان جو ڪو تجزيو



ڪري سگهڻ ممڪن آهي ۽ نه ئي وري انهيءَ ۾ ڪنهن قسم جو ميل جول ئي ممڪن آهي.

ڪائنات جي سمورين طبعي يا مادي حقيقتن جي تشريح "صمد" جي راز اندر تمام اهم طريقي سان موجود آهي. تڏهن ئي سموري مخلوق جي لاءِ الله تعاليٰ ﷻ جو شڪر ۽ ان جي تعريف سائنسي طور تي ظاهر ٿئي ٿي.

هڪ منٽ وچ ۾، جسم اندر ساهه کڻڻ جي ڳاٽيٽي جي سلسلي ۾ اهو سمجهيو ويندو هو ته انسان کي هڪ هڪ منٽ ۾ 16 دفعا صمد جي راز سان واسطو پوي ٿو. ڇا اهو واقعي صحيح آهي؟ اچو، هاڻي اسان مطالعو ڪريون ته ڪيترن کي صمد جي راز يا قادر مطلق جي ضرورت ٿئي ٿي.

طبعي طور سڀ کان پهريان، انسان جي تخليق ايٽمن سان ترتيب ڏني وئي آهي. انسان جي جسم ۾ $7\times10^{28}$ يا ڏهه ارب ارب ارب ايٽم هوندا آهن.

اچو ته هاڻي ايٽم ۽ صمد جي راز وچ ۾ موجود لاڳاپي جو ڪاٿو لڳايون.

هڪ ايٽم جو مرڪز هڪ سيڪنڊ ۾ ڏهه ارب دفعا لڏندو يا گونجندو آهي. هڪ مرڪز کي، پنهنجو پاڻ کي قائم رکڻ لاءِ، اها چرپر لازمي ڪرڻي پوندي آهي. ڇاڪاڻ ته مرڪز ۾ موجود سڀني پروٽان تي واڌو چارج هوندي آهي، جڏهن ته نيوٽران غيرجانبدار (Neutral) هوندا آهن. ايئن عام حالتن ۾ ته مرڪز کي هڪ پاسي اڏامي وڃڻ گهرجي، پر ايٽم جي هڪ ٻي سگهاري طاقت، هڪ ٻئي ابتدائي ذري، يعني ميزان (Meson) جي ذريعي دخل اندازي ڪندي آهي، جنهن جو ڪم ذرڙن کي هڪٻئي سان ٻڌي رکڻ آهي. (ميزان يا وچيون سطحون يُتَن بنيادي ذرن جو گروهه هوندو آهي جيڪي ڪاسمڪ شعاعن ۾ ملندا آهن ۽ وڏيڪ توانائي وارن ذرن جي بمباري جي اثر جي نتيجي ۾ مرڪزن مان خارج ٿيندا رهندا آهن). پروٽانن ۽ نيوٽرانن جي وچ ۾ ميزانز (Mesons) جي متاستا هڪ سيڪنڊ ۾ ڏهه ارب دفعا جي رفتار سان ٿيندي آهي، جيڪو ايتري تي ججهي تعداد وارو ورجاءُ (Frequency) آهي جتي ايٽم جو هڪ مرڪز صمد جي اسرار جو محتاج هوندو آهي.

جسيتائين ڪاٿو بجلي وارن اٽن (Electrons) جو، جيڪي مرڪز (Neculus) کي گهيريو بيٺا آهن، لاڳاپو آهي، سي (ايٽم بابت بوهر ماڊل جي مطابق) مرڪز جي چوگرد هڪ سيڪنڊ ۾ هڪ لک دفعا جي رفتار سان چڪر لڳائيندا آهن. جيئن ته اهو بيضوي محور جي اندر گردش ڪندا آهن، تن کي صمد جي راز جي مدد جي انهيءَ وقت گهرج ٿيندي آهي جڏهن چنڊ يا ٻيا زميني گرهه بيضوي جاءِ تي زمين کان سڀ کان ٿورڙي ئي مفاصلي تي هوندا آهن. يعني اها حالت هر چڪر ۾ چار دفعا ايندي آهي. اهڙي طرح مرڪز جي چوڦير هڪ سيڪنڊ ۾ چار لک دفعن جي رفتار جو وجود هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com

انساني جسم ۾ $14 \times 10^{29}$ اليڪٽرانن جي موجودگي تصور ڪئي وڃي ٿي. ايئن انسان ڪي صمد جي رمزن جي $10^{10} \times 7 \times 10^{28} + 4 \times 10^{5} \times 14 \times 10^{29}$ يا في سيڪنڊ $70.056 \times 10^{37}$ دفعن جي ضرورت ٿيندي آهي، جتي $10^{37}$ جو مطلب ڏهه ڪرب ڪرب ڪرب جو تعداد هوندو آهي. انساني جسم جي رڳو ايٽمن واري حصي کي هڪ سيڪنڊ ۾ ايترن صمد جي رازن منجهان مدد جي ضرورت هوندي آهي. جيڪڏهن اها ضرورت رڳو هڪ پلڪ لاءِ به پوري نه ٿئي ته انساني جسم هڪ ايٽم بم وانگر ڌماڪي سان ڦاٽي پوندو.

(ب) جيستائين جيو گهرڙن کي صمد جي رازن جي ضرورت وارو معاملو آهي ته سراسري طور هڪ جيو گهرڙي ۾ 2000 ڪيميائي ليبارٽريون هونديون آهن. يعني (Mitochondiria and Golgi Vessels) هونديون آهن جيڪي ڪيميائي جزن کي لڳاتار عمل ۾ رکنديون آهن. انهن مان تمام ئي سنهڙن جيوگهرڙن واري هر هڪ ليبارٽري هڪ ڪمپيوٽر جي حڪم هيٺ ڪم ڪندي آهي ۽ هڪ ڪمپيوٽري پروگرام هيٺ ئي جيو گهرڙي کي ان جي خاصيت عطا ڪندي آهي.

اهي ٻه هزار انتهائي ننڍڙيون ليبارٽريون، پنهنجو پروگرام هلائڻ جي لاءِ صمد جي اسرار جون محتاج هونديون آهن ۽ اهو به هڪ سيڪنڊ جي پندرهن هزار جي حد تائين. يعني انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته سڄي جيو گهرڙي کي صمد جي ضرورت لازمي طرح ٽي ڪروڙ دفعا في سيڪنڊ هوندي آهي. جيڪڏهن اهو ئي اندازو هڏين ۾ پيدا ٿيڻ واري مِک جي جيوگهرڙن تي لاڳو ڪجي ته جيني ڪوڊ (فامولي) ۾ تبديليءَ جي لاءِ ”صمد“ جي رازن جي ضرورت اربن جي تعداد تائين پهچي ويندي.

جيئن ته انساني جسم ۾ ٽيهه ڪرب جيو گهرڙا هوندا آهن، تنهن ڪري انساني جسم جي حياتياتي ضرورت جي لاءِ، صمد جي رازن جي مدد هڪ سيڪنڊ ۾ هڪ جيو گهرڙي جي بنياد تي هڪ ارب ڪرب جي تعداد تائين پهچي ٿي.

(ٻ) ٻين عضون جي صمد واري ضرورت ڇا آهي؟ يعني خوراڪ جي هڪ گرهه لاءِ اها پيچ ڊوڙ ۽ تبديليون ڇا آهن، جو ان جي هضم ۽ ان جي خرچ ٿي وڃڻ سان لاڳاپو رکن ٿيون؟ رت جي ذريعي ٿيڻ وارو اهو سلسلو ڪهڙي طرح آهي؟ انهيءَ وچ ۾ جيڪڏهن انهن عمل ڪرڻ وارن هزارين سلسلن تي چڱيءَ طرح تحقيق ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين کي ڇڏي ڏنو وڃي ته خبر پوندي ته حياتياتي خاصيتون ۽ حياتياتي ڪيميا جو مطالعو، منهنجي حساب ڪتاب موجب اهو ٻڌائي ٿو ته، هڪ انسان کي هڪ سيڪنڊ ۾ $1037 \times 4$ دفعا ”صمد“ جي اسرار ۾ لڪيل مدد جي ضرورت ٿيندي آهي. انهيءَ جو هڪڙو ننڍڙو بنيادي مثال هن طرح سان ڏئي



سگهجي ٿو ته جيڪڏهن رت جي اڇن ذرڙن کي يا جيو گهرڙن کي، جيڪي اسان کي بيمارين کان بچائين ٿا، ”صمد“ ۾ لڪيل مدد رڳو اک ڇنڀ جي لاءِ به نه ملي ته نتيجي ۾ يا ته اسان جي اندر جا بيڪٽيريا يا وري ڪينسر جا جيو گهرڙا اسان کي هضم ڪري ڇڏيندا.

”صمد“ ۾ لڪيل خدائي طاقت جي مدد نه رڳو انسانن جي لاءِ پر سموري ڪائنات جو بنيادي سهارو پڻ آهي. اها اهليت جيڪا ايٽمن، ٻوٽن، سج ۽ ڪهڪشائن کي مقرر ۽ قائم رکي ٿي، انهيءَ جو بنياد به الله تعاليٰ ﷻ جي اسرارن ۾ لڪيل آهي. انهيءَ جي غيرموجودگيءَ ۾ ڪا هڪ مخلوق به جيئري نٿي رهي سگهي، اڃا به اها بلڪل ئي ناپيد ٿي پوندي.

ديو قامت عظيم ستارن ۽ ڪهڪشائن جا جهرمٽ، هڪ ٻئي جي اندران ۽ تمام ويجهڙائيءَ کان گذرندا آهن، تنهن هوندي به انهن مان ڪنهن هڪڙي گرهه جو توازن به نٿو بگڙجي. خلابازن به ويجهڙائيءَ وارن ڪجهه سالن ۾ انهيءَ غير معمولي حقيقت ۽ واقعن جو انتهائي حيرت سان مشاهدو ڪيو آهي.

واقعي ڪنهن به شيءِ ۾ بگاڙ پيدا نٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته الله صمد آهي.

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 28

# جبلن جا راز

وَ اَلۡقٰی فِی الۡاَرۡضِ رَوَاسِیَ اَنۡ تَمِیۡدَ بِکُمۡ وَ اَنۡهٰرًا وَّ سُبُلًا لَّعَلَّکُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ ﴿۱۵﴾
(النحل: ١٥)

”۽ زمين ۾ مضبوط جبل کوڙيائين تہ متان اُها اوهان کي ڏوڏو ڏئي ۽ نديون (وهايائين) ۽ رستا بڻايائين تہ مَنَ اوهين سِڌو رستو لهو.“

انهيءَ آيت ڪريمہ جي تشريح ڪان پهريان مان مختصر طور ارضي طبعيات جي انهن واقعن کي بيان ڪرڻ گهرندس جيڪي زمين جي ابتدائي جوڙجڪ کان وٺي اڄ تائين ٿيندا رهيا آهن.

جيئن تہ هرڪنهن کي خبر آهي تہ زمين جو مٿي ۽ پٿرن مان ٺهيل مٿين تھ (Crust) هيٺان زمين جي پيٽري ۾ داتن جو پٽڙو ميگما (Magma) هوندو آهي. زمين، گرهن ۽ ستارن جي جهرمٽن کي نظر ۾ رکندي اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ جڏهن زمين وجود ۾ آئي هئي تہ ان وقت اها تمام ئي گهٽي گرمي پد واري هئي، پگهريل ڌاتن تي ٻڌل هئي ۽ بلڪل هڪڙي ٻاڦ جي گولي وانگر هئي پر انهيءَ باري ۾ ڪابہ پڪي ڳالھ نٿي ڪري سگهجي تہ مٿي ۽ ڇپن جا تھ ۽ ڪيترائي سمنڊ ڪيئن وجود ۾ آيا. انهن جو آسان حل انهن وضاحتن ۽ تشريحن ۾ ملي وڃي ٿو، جن موجب موجوده نظر اچڻ واري زمين آهستي آهستي ۽ لڳاتار ٿڌي ٿي. پر سمنڊن جي ٺهڻ جي باري ۾ سمورا نظريا، خاص طور تي ، انسان جي پنهنجي ذاتي سمجھ جي پيداوار آهن. ڪجھ سائنسدانن موجب گرم زمين جي ٿهڪندڙ ابڙس جهڙي حالت ۾ پاڻيءَ جا ماليڪيول فضا ۾ آهستي آهستي ٿڌا ٿيندا رهيا، جيڪي تمام وڏي مينهن جو سبب بڻيا ۽ ايئن سمنڊ وجود ۾ اچي ويا. پر اها سمجھ کان ٻاهر ڳالھ آهي تہ پاڻيءَ جا قطرا ايترو سخت گرم ۽ ساڙيندڙ ٻاڦ واري گولي تي پئجي بہ سگهيا ۽ وڏيڪ اهو تہ ان تي



ايترا قطرا گڏ بہ ٿي سگهيا. اها بہ اڻ ٽيٺي ڳالھ آهي تہ اهو سمجهيو وڃي تہ قطبن تي ٻاڦ جا قطرا گڏ (Condensed) ٿي ويا ۽ ڳڙي ڳڙي سمنڊن جي حوضن ۾ گڏ ٿي ويا. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ هڪ تمام گرم ٻاھ وارو ٿانءُ پنهنجي مخالف ڪنارن تي ڪيئن ٿڌو ٿي ڄمي ويو؟

زمين جي بناوت جي ترڪيب، سليڪون جي مرڪبن (Silicon Compound) جي صورت ۾ هئڻ هڪ حقيقت آهي. سچ اهو آهي تہ الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ جي سائنس ئي سليڪون جي جٽادار مرڪبن کي زمين جي سطح تي مهيا ڪيو ۽ هڪ اهڙي قسم جو عمل ٿي پيو، جيئن ڪنهن بوائلر کي بند ڪيو ويندو آهي. زمين جي مٿاهين سطح سخت ٿي ڪري پنهنجي اندر موجود ٻاھ کي لڪائي ڇڏيو آهي اهڙي طرح پاڻي کي هيٺاهين وارين جاين تي گڏ ٿيڻ جو موقعو ملي ويو آهي. جيڪڏهن اهو بوائلر جهڙو بند ٿيڻ نہ هجي ها تہ نہ زمين تي پاڻي گڏ ٿي سگهي ها ۽ نہ وري سمنڊ وجود ۾ اچي سگهن ها. اصل ڪائنات جي ڪيترن ئي ستارن جي باري ۾ اهو سمجهيو ويندو آهي تہ انهن تي پاڻيءَ جو وجود نہ آهي. ايئن انهن کي زمين جهڙي بناوت بہ نہ آهي. اسان جي زمين جو اهو مٿيون تھ، جنهن پنهنجي اندر هڪ ٻاھ کي لڪائي رکيو آهي هڪ پاڻمرادو ٿي وڃڻ وارو قدرتي عمل نہ آهي. جي ايئن هجي ها تہ زمين ۾ سليڪون کان بہ هلڪڙا ايٽم يا مادا موجود آهن سي پاڻمرادو انهن جي جاءِ والارين ها. جيڪڏهن زمين جي موجوده مٿين سطح يا تھ جهانن جي پالڻهار جي مرضيءَ يا حڪم سان نہ ٺهيل هجي ها، يعني اهو پنهنجو پاڻ ئي وجود ۾ آيل هجي ها تہ زمين جي اندر موجود تمام سخت طوفان ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏين ها ۽ آتشي ڊانچو ڦاٽي زمين جي مٿاڇري تي نڪري اچي ها ۽ ان جي پنهنجي ئي وجود کي بہ ختم ڪري ڇڏي ها.

دنيا جي عظيم خلقٺهار زمين جي سطح کي جٽاءُ ڏيڻ جي لاءِ، ان تي هڪ طرح سان وڏن وڏن ڇپن جو وزن رکي ڇڏيو آهي، جيڪو جبلن جي سلسلن جي صورت ۾ موجود آهي. انهن جي بناوت ۾ پوٽاشيم، سليڪون ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڌاتون شامل آهن. جابلو سلسلن کي زمين جي سطح تي ۽ سمنڊ جي تهن ۾ هڪ انتهائي نازڪ ۽ پيچيده پر گڏوگڏ بلڪل ٺيڪ ٺيڪ اندازي سان ٺاهيو ويو آهي. بلڪل هڪ مادي گريويور (Gravure) وانگر. ائين انهيءَ طريقي سان زمين جي مرڪز ۾ اندر واري پاري واري ٻاھ کي ضابطي ۾ رکيو ويو آهي.

اچو تہ مٿي ڏنل معلومات جي روشنيءَ ۾ انهيءَ آيت سڳوريءَ کي ٻيهر پڙهي انهيءَ مان لطف ماڻيون.

جبل هڪ لحاظ کان ڄڻ تہ بجلي واري لٺ آهن جيڪي عظيم زلزلن کي روڪي بيهن ٿا. جبلن کان سواءِ تہ اڻ ڪٿ چرپر ۽ زمين جي اندر ڌاتن جا لڳاتار جاري

www.sindhsalamat.com

رهندڙ وهڪرا اسان کي هڪ پلڪ لاءِ بہ آرام سان ويهڻ نہ ڏين. اسان کي هر گهڙيءَ نہ رڪجندڙ زلزلن کي منهن ڏيڻو پوي ها. زمين تي وڏا وڏا شهر اڏڻ تہ پري، پر اسان جيڪر هڪڙو خيمو بہ کوڙي نہ سگهون. ايئن هيءَ آيت ڪريمہ اسان کي اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ ئي زمين جي انهيءَ بناوت جي باري ۾ ٻڌائي رهي آهي ۽ تخليق جي باري ۾ اڻ ڳڻئي ۽ اڻ کٽ انتظام جي باري ۾ ڄاڻ مهيا ڪري رهي آهي.

ٻرندڙ جبل پڻ، جن جي باري ۾ بي دين ماڻهو عجيب غريب ۽ بيڪار قسم جون توجيهون پيش ڪن ٿا، اصل ۾ هڪ خدائي نعمت آهن. جيڪڏهن ٻرندڙ جبلن جو عمل نہ هجي ها تہ اسان ڪيترن ئي قسم جي ڌاتن کي رڳو عجائب گهرن ۾ ئي ڏسي سگهون ها. تنهن ڪري سمجهڻ گهرجي تہ ٻرندڙ جبل هڪ قسم جا ڌاتو ٺاهڻ جا ڪارخانا آهن، جيڪي زمين جي اندر موجود ڪيترين ئي شين کي مٿين سطح تي آڻڻ جو ڪم ڪن ٿا. ان کان سواءِ اهي زمين جي پيچري لاءِ هڪ قسم جو حفاظتي بٽڻ يا وال (Safety Valve) جو ڪم پڻ ڪن ٿا. جيڪڏهن انهن کي دٻايو يا ختم ڪيو وڃي تہ اهي تمام تيز ۽ خطرناڪ زميني عمل جو سبب بڻجيو پون.

ايئن جيڪي ماڻهو قرآن مان نڪرندڙ نوراني روشنيءَ ۾ الله تعاليٰ ﷻ جي اڻ کٽ حڪمت ۽ دانائيءَ جو ادراڪ حاصل نٿا ڪري سگهن، سي ڪنهن بہ شيءِ جو علم حاصل نٿا ڪري سگهن.



**موضوع نمبر** 29

# پروگرام ۽ تقدير

الَّذِىۡ خَلَقَ فَسَوّٰى ۪ۙ﴿۲﴾ وَ الَّذِىۡ قَدَّرَ فَهَدٰى ۪ۙ﴿۳﴾ (الاعليٰ: ٣ ۽ ٤)

”جنهن پيدا ڪيو ۽ سنئين لڳين ڪيائين. جنهن تقدير ٺاهي ۽ پوءِ (سڌي) واٽ ڏيکاري.“

اسان هن آيت مبارڪ کي ٽن طريقن سان واضح ڪري سگهون ٿا:

(الف) انهيءَ حڪم ڏنو. ان پيش ڪيو.

(ب) ان قسمت ڏني. ان تقدير مهيا ڪئي ۽ مڪمل ڪري ڇڏي.

(ٻ) ان پروگرام ٺاهيو ۽ انهيءَ پروگرام کي تڪميل جي آخري مرحلي تائين پهچايو.

هيءَ آيت اهو بنيادي قانون آهي جنهن تي علم طبعيات ۽ علم حياتيات جو دارومدار آهي. اها هڪ اهڙي سائنسي سچائيءَ کي بيان ڪري ٿي، جنهن جي سمجهہ کانسواءِ طبعي ۽ حياتياتي عجائبن کي سمجهڻ ناممڪن آهي. انهن ٻنهي سائنسي علمن جي لاءِ بہ ان جي رازن کي سمجهڻ رڳو گذريل پندرنهن سالن ۾ ئي ممڪن ٿي سگهيو آهي.

سورت الاعليٰ شروع ئي هنن لفظن سان ٿئي ٿي جن جي معنيٰ آهي ”تسبيح ڪريو (شان بيان ڪريو) انهيءَ وڏي شان واري پالڻهار جو جنهن پيدا ڪيو ۽ سنئين لڳين ڪيو.“ ان کان يڪدم پوءِ هيءَ آيت مبارڪ اچي ٿي. ايئن پوءِ الله تعاليٰ ﷻ پهريان پيدا ڪري ٿو، پوءِ خوبصورت تناسب ٺاهي ٿو؛ ان کان پوءِ پهريان تہ ان جو پروگرام تيار ٿيو پيو آهي (حڪم ڪري ٿو ۽ تقدير ٺاهي ٿو). پوءِ پنهنجي رحمت جي صدقي آخر تائين رهڻ واري پروگرام کي هڪ تحفو عطا ڪري ٿو.

ايئن اڄڪلهہ جي نسبت سان هيءَ ٽين آيت سڀني ننڍين وڏين مخلوقن جي

www.sindhsalamat.com

زندگيءَ جي ڪهاڻي بيان ڪري ٿي.

اچو ته هاڻي ڪيترن ئي حيرت ۾ وجهندڙ عجوبن مان، هن آيت جي رازن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ انهيءَ حقيقت جو مشاهدو ڪريون ته هيءَ آيت ڪهڙي طرح علم طبعيات ۽ علم حياتيات جو هڪڙو بنيادي قانون آهي.

## 1. ايٽمن ۽ ماليڪيولن جي زندگيءَ جو داستان

هڪڙو ايٽم، هڪ مخصوص چارج واري مرڪز جي چوڌاري، مخصوص تعداد واريون ڪاٽو چارجون (Electrons) رکندو آهي. پوءِ هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته هڪ عنصر آڪسيجن جڏهن ته ٻيو ڪاربان ڇو آهي؟ جيئن ته الله تعاليٰ ﷻ هر ايٽمي مرڪز جو پروگرام ٺاهي رکيو آهي ۽ اهڙي طرح ان جي اوسي پاسي موجود توانائيءَ جي مدارن جو به پروگرام جوڙيل آهي، تنهن ڪري انهن ڪوپن (Shells) ۾ مقرر ڪيل رفتارن سان، خاص تعداد ۾، ڪاٽو چارجن يعني اليڪٽرانن جو پروگرام پڻ ٺاهيو ويو آهي.

قادر مطلق جي رحمت آهي جو انهيءَ پروگرام کي هڪ تحفي وانگر ڪم آندو وڃي ۽ اهو انهيءَ ڳالهه جي ضمانت به ڏيندو آهي ته ان جو ڏنل پروگرام پورو ٿي وڃي. ايئن ايٽمن کي خدائي قانون کان جدا نٿو سمجهي سگهجي.

طبعيات جي جڳ مشهور ماهر هائزنبرگ (Heisenberg) جي ”بي يقيني واري اصول“ (Principle of Uncertainty) مطابق اهو ممڪن ئي نه آهي ته هڪ ايٽمي مرڪز ۾ ٿيندڙ انفرادي طبعي حالتن بابت ڪا اڳڪٿي ڪري سگهجي. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اهي ايٽم پنهنجي حيثيت ڪهڙي طرح قائم رکندا آهن؟ انهيءَ جو جواب اهو آهي ته الله تعاليٰ ﷻ شروع کان ئي انهن جو اهو پروگرام ٺاهي ڇڏيو آهي ۽ هو ئي انهيءَ ڳالهه جو خيال رکي ٿو ته اهي ايٽم پنهنجو مقصد پورو به ڪن. هتي اهو چٽيءَ طرح نظر اچي ٿو ته ڪهڙي طرح بنا اڳواٽ احساس يا علم جي، دنيا جو هڪ مشهور ماهر طبعيات هن آيت پاڪ جي سچائيءَ کي ثابت ڪري رهيو آهي.

## 2. نامياتي جيو گهرڙا (Organic Cells)

جيئن ته مون هڪ ٻي آيت جي تشريح جي سلسلي ۾ بيان ڪيو آهي ته زندگيءَ جي ڪهاڻي اصل ۾ پروگرام مهيا ڪرڻ جو معاملو آهي. ٻين لفظن ۾ بنيادي اوسر وارو جيو گهرڙو جيڪو دماغ ۾ هوندو آهي يا هڪ گل يا هڪ پوپٽ ۾ هوندو آهي، هڪجهڙو ئي هوندو آهي. اهي سيئي DNA جي ڪوپن ۾ داخل ڪيل پروگرامن جي اختلاف ۾ پوشيده آهن. آسان لفظن ۾، بنيادي تعميراتي بلاڪ جو



جيو گهرڙو، جيڪو دماغ ۾ هجي يا هڪ گل ۾ هجي يا وري هڪ پوپٽ ۾ هجي، هڪجهڙو ئي هوندو آهي. اهي سڀئي DNA جي جيني ڪوڊ يا فارمولن سان ٺهيل هوندا آهن. سندن زندگين ۾ جيڪو به فرق هوندو آهي سو انهن جي جيني ايڪن جي رياضياتي پروگرامن ۾ فرق جي ڪري هوندو آهي. جهانن جي پالڻهار هر هڪ کي هڪ مخصوص تقدير عطا ڪئي آهي ۽ انهيءَ تقدير جي حصول ۾ کين مدد ڪئي ويندي آهي. اها ئي اها جاءِ آهي جتي علم حياتيات جي سائنس به ويجهڙائيءَ ۾ ئي پهچي سگهي آهي ۽ آهستي آهستي هن آيت ڪريمه ۾ بيان ڪيل بنيادي قانونن جو شعور حاصل ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ان ڪان اڳ انهن اختلافن جي وجوديت يا جسماني ڍانچي ۾ پيدا ٿيڻ واري فرق جي سبب کي سمجهيو ويو. ائين هزارين گمراهه دانشورن کي ارتقا واري فضول نظريي جي ڪڍ لاتو ويو. جيڪڏهن رڳو هڪ سؤ سال اڳ ئي سائنسدانن کي قرآن ۾ موجود سائنسي قانونن جي ڄاڻ ٿي وڃي ها ته، لکين ماڻهن جا ذهن هر ڏهاڙي انهيءَ بي مقصد مادي پرستيءَ جي زهر سان ڀريل نه هجن ها ۽ دنيا اڄ جي خطرناڪ وهمن ۾ نه ڦاسي ها.

## 3. ستارا (گرهه)، ڪهڪشائون ۽ انهن جي خدائي پروگرامن جي تقدير

سڀ کان پهريان اهو سمجهيو ويندو هو ته گرهن جي جوڙجڪ نو تاري (Novae)* جي ڪري ٿيندي آهي. اڳتي هلي اها دريافت ٿي ته ڪهڪشائون (جيڪي اربين ستارن تي مشتمل آهن) انهن ستارن جهڙن آسماني جسمن (Quasars) مان ٺهن ٿيون جيڪي ڪهڪشائن جي لاءِ ٻجن جو ڪم ڏين ٿيون. هڪ پروگرام (حڪم) هيٺ ڪهڪشائون پنهنجو پاڻ ئي آسماني جسمن (Quasars) ۾ هڪ ٻج وانگر تيار ٿي انتظار ڪنديون آهن. جڏهن الله تعاليٰ ﷻ جو حڪم ٿيندو آهي تڏهن ڪهڪشائون ڇڻ ته جوين ۾ اچي، اهڙي طرح ٽڙي پونديون آهن جيئن اڻ ڳڻيا اربين ستارا هوندا آهن.

هاڻي ڏسو ته ڪهڙي طرح هن آيت جي تفسير تخليق کي بيان ڪري ٿي ته اهو الله تعاليٰ ﷻ پروگرام ٺاهي ٿو (پهريان کان حڪم ڏئي ٿو) ۽ هڪ تحفي طور اندر ئي رکي ٿو. (جيڪو ان جي حصول ڏانهن وٺي وڃي ٿو). جڏهن انسان جي سامهون قرآن ۾ بيان ڪيل تخليق جي باري ۾ سائنسي ۽ معجزاتي طور تي شاندار قانون اچن ٿا، ته اهو الله تعاليٰ ﷻ جي سامهون سجدي ۾ ڪري پوي ٿو.

* نوتارو: هڪ ستارو جيڪو پنهنجي مادي جو هڪ حصو گيسي ڪڪر جي شڪل ۾ خارج ڪندو آهي

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 30

# پکڙندڙ ڪائنات

وَ السَّمَآءَ بَنَيۡنٰهَا بِاَيۡىدٍ وَّ اِنَّا لَمُوۡسِعُوۡنَ ﴿۴۷﴾ (الذاريات:٤٧)

”آسمان کي اسان پنهنجي طاقت سان بنايو آهي ۽ اسان ان کي وڌايون ۽ پکيڙيون ٿا.“

هيءَ آيت سڳوري چٽائيءَ سان اهو بيان ڪري ٿي ته ڪائنات هڪڙي مرڪزي نقطي يا جاءِ کان ٻاهرين پاسي پکڙجي رهي آهي. جيئن مون هن کان اڳ هڪ موضوع ۾ تهه در تهه آسمانن جي باري ۾ بيان ڪيو آهي. ڪائنات جي پکڙجڻ جو مطلب ان جي آسمانن جي چقمقي پٽيءَ جو پکڙجڻ آهي. بهرحال، هن آيت جي منڊ ۾ هڪڙو تمام اهم پيغام موجود آهي. اهو هيءُ ته آسمانن جي بناوت قادر مطلق، وڏي طاقت واري الله تعاليٰ ﷻ ئي ڪئي آهي. ڪائنات جي هر شيءِ انهيءَ عظيم طاقت جي حڪم سان ئي جڙي آهي. هتي اهم نڪتو انهيءَ حقيقت جو اهو زوردار بيان آهي ته آسمانن جي چقمقي پٽي جون صلاحيتون، انهيءَ خدائي حڪم جو مظهر آهن، جيڪو آيت ڪريمه ۾ هن طرح آهي ته ”اسان ئي آسمانن کي بنايو.“

دنيا جي اڻ ڳڻين شين جو وجود، جنهن کي اسان ڪثرت (Multiplicity) سڏيون ٿا، تنهن جو بنيادي اصول پکيڙ آهي. حقيقت ۾ جديد سماوي طبعيات (Astrphysics) جي علم ۾ انهيءَ اصول کي تڪوينيات، يعني آسماني جسمن جي سائنس (Cosmogony) جو بنيادي نظريو مڃيو ويو آهي. ڪائنات جو ڌماڪي سان وجود ۾ اچڻ واري وزنائتي نظريي، جنهن کي بگ بينگ ٿيوري (Big Bang Theory) به چيو وڃي ٿو؛ ۽ ڪائنات جي پکيڙ (خاص ڪري آسماني جسم (Qausars)) کي جديد علم طبعيات مڃي ورتو آهي. هن نظريي موجب ڪائنات اڻ ڪٿ توانائين جي ايڪي (Singularity) ۽ هم مرڪز تهن جي شڪل ۾ ڌماڪي سان ڪرندي جدا جدا ٿي آهي. پوءِ مادي ۽ توانائيءَ جي مختلف علائقائي دٻاءَ ۽



لطيف پاڪائيءَ (Parfaction) جي ذريعي ملي ڪري گڏ ٿي آهي. عظيم ابتدائي ڌماڪي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيڻ واري ويڪر جو عمل اڃا تائين جاري آهي. اها به حقيقت آهي ته هن نظريي جا تنقيد جوڳا پاسا پڻ آهن پر اهو نظريو انهن ٻنهي بنيادي اصولن کي بيان ڪري ٿو، جن هيٺ فضائي ويڪر ۾ موجود ڪيترين ئي شين ۽ انهن جي جاين کي بيان ڪيو وڃي ٿو.

1. پکيڙ حاصل ڪرڻ ۽ هڪ خاص جاءِ تي هئڻ.
2. انهيءَ چقمقي اهليت وارو ٿيڻ ته جيئن انهيءَ مخصوص جاءِ تي موجودگي قائم رهي.

ايئن اها آيت پنهنجي انهيءَ ارشاد ته ”اسان آسمان کي پکيڙي ڦهلايون ٿا.“ جي ذريعي انهيءَ ڦهلاءَ کي ظاهر ڪري ٿي، جيڪو سموري مخلوقات جي حياتيءَ جو بنيادي قانون آهي ۽ جيڪو انهن جا علائقا مهيا ڪرڻ يا مخصوص ڪرڻ جو سبب آهي. آسماني طبعيات (Astrophysics) جي انهيءَ پيغام کي، جيڪو اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ انسانيت کي ڏنو ويو، ڪهڙي علم يا سمجهه سان سمجهي سگهجي ٿو، سواءِ ان جي ته اهو قرآن جو هڪ معجزاتي راز آهي.

اڄ ڪلهه آسماني طبعيات جا ماهر انهيءَ پکيڙ کي ويهه ارب نوري سالن جي حساب سان بيان ڪن ٿا. يعني نظر اچڻ واري ڪائنات جو قطر پنهنجي هم مرڪز آسماني پٽين جي نسبت سان 20 ارب نوري سالن تي يا $193 \times 10^{21}$ ڪلوميٽرن جي وٿي تي آهي. ويجهڙائيءَ وارن سالن ۾ ريڊيو ٽيلي اسڪوپ جي ذريعي اها به شاهدي ملي آهي ته اها حد لڳ ڀڳ روشنيءَ جي رفتار جي حساب سان وڌندي پئي وڃي.

وڏي ڌماڪي (Big Bang) واري نظريي موجب شروع شروع ۾ اهو سمجهيو ويندو هو ته هڪ مرڪز کان اڀَتي توانائي لڳاتار گهٽبي ويندي آهي پر آسماني جسمن (Quasars) جي کوجنا کان پوءِ اها ڳالهه پڌري ٿي پئي آهي ته سموري ڪائنات ۾ توانائي جا سمجهه کان مٿاهين حد تائين وارا ماخذ موجود آهن. گهٽ يا هيٺو ٿيڻ جي خلاف تمام تيز توانائيءَ جا عجوبا، لڳاتار ظاهر ٿيندا رهندا آهن. انهيءَ باري ۾ ٿيل جديد تحقيق پڻ ٻي ڏين سائنسدانن کي لاجواب ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي.

ڪهڪشائن جي باري ۾ ٿيل کوجنائن اهو ظاهر ڪيو آهي ته انهيءَ وسعت يا پکيڙ جو مرڪز اسان جي پنهنجي ڪهڪشان ئي آهي. ستارن جون موسمي تبديليون، جيڪي اتر ۽ ڏکڻ زميني اڌ گولي تان نظر اچن ٿيون، انهيءَ حقيقت جو وڏيڪ ثبوت مهيا ڪن ٿيون ته اسان جي ڪهڪشان ئي انهيءَ پکيڙ جو مرڪز آهي. جيئن ته مڪاني زمان (Space Time) پنهنجو پاڻ ئي هر طرف ۽ هر رخ

www.sindhsalamat.com

(Isotopic) آهي، ڪنهن ٻي ڪهڪشان کان مشاهدو ڪندڙ ڪي به اهو ئي نتيجو نظر ايندو.

پڪ سان اها هڪ قدرتي ڳالهه آهي ته الله تعاليٰ ﷻ جي مخلوق ڪائنات جي هر ڪنڊ ۾ موجود آهي. جيتوڻيڪ اسان جي هن زماني ۾ لڳاتار ڪوششون ٿينديون رهيون آهي ته ماڻهن کي اها پڪ ڏياري وڃي ته فضائي ويڪر مان ڪنهن قسم جي مخلوق زمين تي اچي وئي آهي. سندن پڪيڙيل ارتقا واري نظريي جا جڏهن پول پڌرا ٿي پيا ته بي دين ماڻهن وري غير دنياوي (Extra Terrestrial) زندگي ۽ ذهانت جون ڳالهيون شروع ڪري ڏنيون.

حقيقت ۾ اربن جي تعداد ۾ موجود ستارن جو جيڪڏهن معائنو ڪيو وڃي ته خبر پوندي ته اهي سڀئي برداشت کان وڌيڪ گرمي ۽ انتهائي گهٽي توانائيءَ جي طوفانن وارا هوندا آهن. قادر مطلق انهن جڳهن تي به مخلوقن کي پيدا ڪيو آهي. اهڙين مخلوقن جو وجود ئي توانائين مان ٺاهيو ويو آهي. پڪ سان سموري ڪائنات ويران ته نٿي ٿي سگهي. اِن ڳالهه جو قوي امڪان آهي ته انهن جاين تي ملائڪ ۽ جن الله تعاليٰ ﷻ جي حڪمن جي تعميل ڪري رهيا آهن. انهيءَ موضوع تي اڳتي هلي موضوع نمبر 36 ۾ تفصيلي بحث ٿيندو.

هن آيت جي تشريح جيئن مون ڪئي آهي، انهيءَ سان ملندڙ جلندڙ تشريحون اسلام جي مشهور مفڪرن به ڪيون آهن. هُنن اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته الله تعاليٰ ﷻ جي خالق هئڻ واري صفت جي معجزي تحت، تخليق جو عمل لڳاتار جاري رهندو آهي ۽ اجا به سموري ڪائنات ۾ جاري و ساري آهي. مثال طور ابن العربي به پنهنجي لکڻين ۾ اهو ئي موقف اختيار ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان آسماني طبعيات جي نقط نظر کان هن آيت پاڪ جو ۽ ان سان گڏوگڏ قرآن ۾ بيان ڪيل ستن آسمانن ۽ ڪائناتن جي صفحن جو غور سان مطالعو ڪريون ته اسان انتهائي حيرت ۽ دلچسپيءَ سان ڏسنداسين ته الله تعاليٰ ﷻ ڪيئن نه اسان جي زماني جي آسماني طبعيات جي حقيقتن کي تمام مهارت سان ۽ ڪليل طرح بيان ڪيو آهي.

اها اسان جي بدنصيبي آهي جو اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جي زور تي خراسان جي جابر، البيروني ۽ عمر خيام، (جيڪو اصل ۾ ماهر رياضيدان هو) علم طبعيات ۽ رياضي تي جيڪي ڪوجنائون شروع ڪيون هيون، سي اسان جي هٿن مان ڪسجي ويون آهن. اسان ته اها ڳالهه ڏسڻ ۾ به ناڪام ٿي ويا آهيون ته بي دين ماڻهن پنهنجون حقيقتون اصل ۾ اسلام جي سائنسدانن وٽان ئي حاصل ڪيون آهن. اها ڪيترو نه ڏک جهڙي ڳالهه آهي ته اڄوڪي ڏينهن ۽ انهيءَ زماني ۾ پڻ اسان جا ڪيترائي سائنسدان اهڙا آهن، جن انهن مسلمانن سائنسدانن جي باري ۾ ٻڌو ئي نه آهي.



**موضوع نمبر 31**

# قادر مطلق جي ڪمپيوٽري مرڪز ۾ ننڍڙي ڪائنات جو رڪارڊ

وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَاْتِيْنَا السَّاعَةُ ؕ قُلْ بَلٰى وَ رَبِّيْ لَتَاْتِيَنَّكُمْ ۙ عٰلِمِ الْغَيْبِ ۚ لَا يَعْزُبُ عَنْهُ مِثْقَالُ ذَرَّةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَ لَا فِي الْاَرْضِ وَ لَاۤ اَصْغَرُ مِنْ ذٰلِكَ وَ لَاۤ اَكْبَرُ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿۳﴾ (السبا:۳)

"هُن کان ڪا ذرڙي جيتري شيءِ به نه آسمانن ۾ لڪيل آهي ۽ نه ئي زمين ۾، اُن کان تمام ننڍي (ڪا شيءِ اهڙي) ڪانهي ۽ نه ڪي تمام وڏي جا پڌري ڪتاب ۾ (لکيل) نه آهي."

ننڍڙي ڪائنات (Microcosmos) جي سلسلي ۾، جيڪا علم طبعيات جي انتهائي خيال انگيز ۽ بيحد دلچسپ حد آهي، تنهن جي باري ۾ هيءَ آيت سڳوري غيرمعمولي اهميت وارا پيغام پيش ڪري ٿي.

غير ضروري تفصيل ۾ وڃڻ کانسواءِ، اسان کي هن آيت ۾ ڏنل ڪيفيتن ۽ اصطلاحن جو غور ۽ احتياط سان مطالعو ڪرڻ گهرجي. اسان جي مطالعي ۾ سڀ کان ننڍي ايٽم جو شروعاتي مطلب اسان جي ڄاڻ موجب 'اهو سڀ کان ننڍي ۾ ننڍو ذرڙو آهي جنهن جي طبعياتي ڄاڻ ذريعي ماپ ٿي سگهي (مثقال ذره)'. هڪ ٻي سڃاڻ "ننڍڙي" جي معنيٰ رکي ٿي. اسان جي ترجمي جي لحاظ کان انهيءَ جو مطلب انتهائي ننڍڙو، گهٽ ۾ گهٽ آهي. بهرحال، ننڍڙو انتهائي ننڍو هجڻ جي بلڪل ئي ويجهو آهي، نه ڪي ٿوري ننڍي سائيز. لاطيني ٻوليءَ ۾ اهو گهٽ ۾ گهٽ (Minumum) جي هم معنيٰ آهي.

www.sindhsalamat.com

ترجمي ۾ هڪڙو ٻيو ڏکيو مرحلو ظاهر ظهور يا ڪليل ڪتاب جي تشريح جو معاملو آهي. ڪليل ڪتاب، جنهن کي لوح محفوظ بہ چيو ويندو آهي، قرآن ۾ ڪيترين ئي جاين تي بيان ٿيو آهي. شروع ۾ اهو سمجهيو ويندو هو تہ ڪليل ڪتاب جو مطلب اهو ڪتاب آهي، جنهن ۾ هر شيءِ لکيل هوندي آهي. ڪائنات جي رازن کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ اها سچائي اٽپوري ثابت ٿيندي آهي. پر اسان جي دؤر ۾ انهن اصطلاحن کي سمجهڻ گهڻو ئي سئولو ٿي پيو آهي. مون پنهنجي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ انهيءَ نظريي کي هن طرح سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ اهو هڪ قسم جو ڪمپيوٽر سينٽر آهي، جتي تقدير (Destiny) جي باري ۾ سڀني قانونن ۽ حڪمن جو رڪارڊ رکيو ويو آهي.

هن آيت جي تشريح جي لاءِ مان ننڍڙي ڪائنات (Microcosmos) جي طبعياتي خاڪي جو تت پيش ڪرڻ گهرندس.

ننڍڙي ڪائنات (Microcosmos) ڇا آهي؟

ٻہ هزار سال اڳ يونانين ايٽم جي مادي کي ننڍي ۾ ننڍي ايڪي سان تعبير ڪيو هو. ذرڙي جو اصطلاح پنج هزار سال اڳ مصر، شام ۽ هندستان ۾ بہ استعمال هيٺ هو. ايٽم جنهن جو تصور مادي جي سڀ کان ننڍڙي ايڪي طور موجود هو، (وڌيڪ نہ ورڇجي سگهجندڙ Atom) سڀ کان ننڍڙي شيءِ جي نمائندگي ڪري ٿو پر عربي ٻوليءَ ۾ لفظ مثقال، ڪجهہ ٻي معنيٰ رکي ٿو. منهنجي تحقيق موجب اهو نظريو سڀ کان پهريان قرآن ۾ ئي ڏنو ويو آهي. ڇو تہ جيڪڏهن ننڍين ۾ ننڍين ورچ جوڳين شين کي قادر مطلق جي ڪمپيوٽر ۾ لکيو ويو آهي تہ انهيءَ مان اهو ظاهر آهي تہ اهي ذرڙا رياضياتي خاصيتن وارا آهن.

اڃو، هاڻي ڏسون تہ جديد علم طبعيات ننڍڙي ڪائنات کي ڪهڙيءَ ريت بيان ڪري ٿو؟

ڪائنات ۾ سڀ کان ننڍڙيون شيون، جنهن ۾ مادو بہ اچي وڃي ٿو، سڀ کان وڏين ڪهڪشائن کي وجود ڏين ٿيون. جديد طبعيات ۾ مادي جي سڀني خاصيتن جو تعين، ان جي تمام ننڍين شين (Infinitesimals)، جن کي بنيادي ذرڙا چيو ويندو آهي، جي وسيلي ٿيندو آهي. پوءِ وري مختلف شيون، جهڙوڪ رُڪ، هوا ۽ وڻ جي بناوت انهن ننڍڙن ذرڙن واري ننڍڙي ڪائنات جي سطح تي ئي وجود ۾ اچڻ شروع ٿي ويندي آهن.

ننڍڙي ڪائنات هڪ مرڪزي ڍانچي تي مشتمل هوندي آهي. هڪ ايٽم جي مرڪز کي هڪ گاديءَ جي هنڌ سان ڀيٽ ڏئي سگهجي ٿي. اهو گهڻو ڪري تہ پروٽانز (Protons) ۽ نيوٽرانز سان ملي ڪري ٺهيل هوندو آهي. ايٽم جي مضبوط سگهہ، انهن کي پاڻ ۾ ٻڌندي رکي ٿي ۽ اهڙي طرح مرڪز ۽ نتيجي طور مادي جي



وجود جي تسلسل کي برقرار رکي ٿي. هن ايٽمي شهر جي آسپاس اليڪٽرانن جا ڪڪر هوندا آهن جن جي توانائيءَ جي سطح تبديل ٿيندي رهندي آهي. انهن کي ڪائنات صغير جو آسمان بہ چئي سگهجي ٿو. هن کان اڳ ستن آسمانن جي تشريح مهل ۽ ان کان پهريان موضوع نمبر 6 "جوهري مرڪز" جي تشريح ڪندي مون ڪائنات صغير جون ڪجهہ خاصيتون بيان ڪيون آهن. ايٽم جي مرڪز ۾ پروٽانن ۽ نيوٽرانن سان گڏ اهي ابتدائي ذرڙا بہ ڇهٽيل رهندا آهن يعني ميزان ♣(Meson)، نيوٽرينو ♦(Neutrino)، اينٽي نيوٽرينو (Anti Neutrino) ۽ بريمزشٽالنگ (Bremsstrahlung)♥ هڪ مرڪز ۾ ڪنهن ذرڙي جي داخل ٿيڻ تي، ان جي "انگيختگي" ۽ ايڪسري ۽ گاماريز جا قدريا (Quantas)، ايٽمي توانائي جي مختلف سطحن تي گرفتار ٿي يا ڦاسي پوندا آهن. اهي سڀئي ايٽم کان انتهائي ننڍڙا هوندا آهن. اسان انهن مان ڪن ٿورڙن جي خاصيتن تي هيٺين بحث ڪنداسين.

ڇا توهان کي هن آيت ۾ موجود نہ وسهڻ جوڳو پيغام نظر اچي ٿو؟ اسان کي اهو اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ ٻڌايو پيو وڃي تہ جن جزن منجهان مادو جڙندو آهي، سي ايٽم کان بہ ننڍڙا هوندا آهن ۽ انهن جو ڳاڻيٽو قادر مطلق وٽ اڳي ئي موجود آهي.

پر اهي ذرڙا ڪليل ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ ڇاجي لاءِ لکيا ويا آهن؟ جڏهن ڪنهن شيءِ جي لکت انهيءَ سائنسي مرڪز ۾ ڪئي ويندي آهي تہ ڇا ٿيندو آهي؟ انهيءَ کي هڪ سائنسي تقدير عطا ڪئي ويندي آهي. انهن ذرڙن جو طبعياتي ڍانچو انهيءَ مرڪز ۾ متعين ٿيندو آهي. اهي ذرڙا پنهنجي اٽل ۽ نہ بدلجندڙ حساب ڪتاب جي خاصيت انهيءَ ڪمپيوٽر مان حاصل ڪندا آهن.

اهي لفظ رڳو اندازا نہ آهن ۽ نہ وري منهنجي پنهنجي ايجاد آهن. دنيا جي پنجن سڀ کان وڌيڪ مشهور طبعيات جي ماهرن مان هڪ ورنر هائزن برگ موجب انفرادي طبعي واقعن، جيڪي ايٽم جي مرڪز ۾ پيدا ٿيندا آهن، انهن جي باري ۾ اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي. انهيءَ کي بي يقينيءَ وارو اصول (Principle of Uncertainty) چيو ويو آهي. هتي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ پوءِ اهي انتهائي ننڍڙا ذرڙا پنهنجو وجود ڪهڙي طرح قائم رکي سگهن ٿا؟ اهي يڪدم توانائيءَ جي شڪل

---

♣ايٽمي ذرڙن جو درجو، جن لاءِ سمجهيو وڃي ٿو تہ ايٽمي نيوڪليئس ۾ نيوڪليان کي پاڻ ۾ جهلي بيهن ٿا.

♦بي بار زير ايٽمي مستحڪم ذرڙو، جنهن جو مايو تقريباً ٻڙي ٿئي ٿو ۽ روشنيءَ جي رفتار سان سفر ڪري ٿو ۽ عام مادي سان ورلي وچڙي ٿو.

♥برقي ڇقمقي تابڪاري جيڪا ڪنهن چارج ٿيل ذري جي نيوڪليئس جي ڇقمقي ميدان مان لنگهڻ بعد ان جي تيزي يا سست ٿيڻ سان پيدا ٿئي ٿي.

www.sindhsalamat.com

چاجي ڪري اختيار نٿا ڪري سگهن؟ هيءَ آيت سڀوري انهن سوالن جو جواب تمام چٽائيءَ سان ڏئي ٿي تہ ايٽم کان بہ ننڍڙا ذرڙا قادر مطلق جي جوڙيل مرڪز ۾ پروگرام ڏنا ويا آهن. انهيءَ ڪري اهي تمام ننڍڙا ذرڙا، ڪليل ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ لکيل پنهنجي مخصوص پروگرام تي عمل ڪندا رهندا آهن ۽ ڪنهن بہ قسم جي وائڙائپ يا پريشانيءَ جو شڪار نہ ٿيندا آهن.

هن آيت جو هڪڙو ٻيو معجزو اهو بہ آهي تہ اها اسان کي اڻ ورڇجندڙ شين (مخلوقات) ۽ ننڍڙن ذرڙن جهڙوڪ، ايٽم، پروٽونز، نيوٽرونز ۽ اهڙي قسم جي ٻين شين جي باري ۾ ڄاڻ ڏين ٿيون جيڪي پلي زمين تي هجن يا آسمان ۾. پراڻي زماني وارن انسانن جي لاءِ اها اڻ ٿيڻي ڳالهہ هئي تہ اهي آسمان ۾ موجود ذرڙن جو تصور بہ ڪري سگهن، جڏهن تہ انهيءَ جو ادراڪ زمين تي بہ مشڪل هو.

ڪليل ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ ان ايٽم کان ننڍڙن ذرڙن (Subatoms) جي تقدير مان ڪهڙي قسم جو طبعي عمل سمجهيو وڃي ٿو؟ اچو، انهيءَ جو جواب علم طبعيات جي هڪ نئين شاخ ۾ ڳوليون ٿا.

جوهري چقمقي پڙاڏو (Nuclear Magnetic Resonance) يا N.M.R هر ذرڙي يا ايٽم جي سجاڳپ ان مان نڪرندڙ لرزش يا آوازن جي ذريعي ڪندي آهي. N.M.R هڪ مقداري مڪينيڪل عمل جي خاصيت آهي جيڪا پروٽانن يا نيوٽرانن جي ايٽمي مرڪز ۾ اکي عددن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. اهڙا مرڪز غير ٻڙي (Non-Zero) چڪر وارا ٿيندا آهن. اهي چقمقي ميدان وارا ٿيندا آهن. جڏهن انهن کي ٻاهرين ساڪن چقمقي ميدان ۾ رکيو وڃي تہ اهي ان سان سڌائي يا قطار ۾ ٻڌجي ويندا آهن. انهيءَ ٻڌجي وڃڻ واري عمل دوران مرڪز چقمقي ميدان جي چوگرد لڏندي چرپر ڪندا آهن. اها پڙاڏي واري چرپر (N.M.R) قدرت جي نشاني آهي. ٻاهرين چقمقي ميدان جي استعمال جو مثال تنبوري جي آواز سان ڏئي سگهجي ٿي.

پر جڏهن هڪ دفعو مرڪزَ ٻاهرين چقمقي ميدان سان سڌائي ۾ اچي وڃن يا Allign ٿي وڃن تہ چقمقي چرپر هر ايڪي ۾ ڪنهن قسم جي لڏڻ لمڻ واري خاصيت کان خالي ٿي ويندي آهي. N.M.R جي اشاري يا سگنل جي مطالعي جي لاءِ اهو ضروري آهي تہ انهيءَ توازن کي لوڏيو وڃي. اهو اهڙي طرح لڏڻ يا بي قراري واري حالت ۾ اچي ٿو جو هڪ ٻئي عارضي فرق واري چقمقي ميدان کي، جيڪو اصلي ميدان کان هزارين ڀيرا هيٺو هجي ۽ جيڪو گوني ڪنڊ تي هجي، تنهن کي هن سان استعمال ۾ آندو يا ملايو وڃي. انهيءَ ميدان ۾ جيڪو مثال ريڊيائي ارتعاشي ميدان هوندو آهي، تنهن کي ضروري طور تي مرڪزن جي ارتعاشي فريڪوئنسي سان مڪمل طور تي ميلاپ ڪرڻ گهرجي. هن ٻئي ميدان جي استعمال



کي ڪنهن ساز جي تار کي ڇيڙڻ سان پيٽائي سگهجي ٿو ۽ مرڪزَ ان جواب، ميگا هرٽز جي سطح تي ڪو سُر ڪڍڻ جي انداز ۾ ڏيندا آهن. اهو سر هر قسم جي ايٽم ۽ هر جدا جدا سڪوني ميدان جي لاءِ ڪنهن حد تائين مختلف هوندو آهي. اهو ارتعاش بجلي جي وهڪري يا وولٽيج ۾ بدلجي ويندو آهي ۽ هر مرڪز جي نشاندهي اُن جي جهونگاريندڙ سُر سان هوندي آهي.

سورت يٰس جي آيت نمبر 40 ۾ جيڪو چيو ويو آهي تہ هر شيءِ ۽ هر ذرڙو هڪ خاص مدار ۾ چڪر هڻي رهيو آهي ۽ الله تعاليٰ ﷻ جا ڳڻ ڳائي رهيو آهي تہ اهو سُر يا موسيقي ئي الله تعاليٰ ﷻ جي نالي جو ذڪر آهي. ائين اهو بہ قادر مطلق جي انهيءَ ڪليل ڪتاب ۾ پهريان کان ئي لکي ڇڏيو ويو آهي تہ ايٽم کان بہ ننڍڙو جوهر ڪهڙي موسيقي يا ذڪر پيش ڪندو ۽ جيڪڏهن توهان تصوراتي طور هڪ "ايٽم جي شهر" ۾ داخل ٿي وڃو تہ توهان کي اهو خدائي ذڪر حيرت ۾ وجهندڙ حد تائين بيحد وڻندڙ موسيقيءَ جي شڪل ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو. جيڪڏهن توهان اهو سڃاڻي سگهو تہ ڪهڙو سُر ڪهڙي عنصر سان مطابقت رکي ٿو تہ توهان اهو بہ سڃاڻي ويندؤ تہ توهان ڪهڙي شهر ۾ داخل ٿيا آهيو. وڌيڪ اهو تہ توهان کي روشنيءَ جا اهي نقطا بہ ڏسڻ ۾ ايندا جيڪي مختلف رنگن واري آسمان جي وچ ۾ هڪ جرقل وانگر جهرمر ڪندا آهن. اهي هر قسم جون خوبصورت روشنيون ۽ آواز يڪسوئي وارين عبادتن ۽ ذڪرن کي بيان ڪن ٿا، جيڪي اسان جي روزاني واري سائنسي دنيا جي لحاظ کان، انهن جي واکاڻ ڪرڻ (يُسَّبِحَنَ) واري راز جو اظهار آهن.

اهو ئي سبب آهي جو قرآن ڪريم، علم طبعيات (Physics) آسماني طبعيات (Astrophysics) ۽ علم حياتيات جي عقلي ۽ استدلالي سائنسن کي ايتري پسنديدگي ۽ اهميت عطا ڪري ٿو جو جيڪڏهن سائنس قرآن جي عظيم بابرڪت نقطہ نظر کان حيات جو مشاهدو ڪري تہ ان کي انهيءَ ۾ ڏنل اڻ ڪٿ معنيٰ نظر ايندي. ان کي ننڍي ۾ ننڍي مخلوق ۾ الله تعاليٰ ﷻ جي واکاڻ ۽ ذڪر جو شعور حاصل ٿيندو. ٽيڪنيشن يا سپروائيزنگ ليول جا ماڻهو ڀلي انهيءَ ڳالهہ جو احساس ڪن يا نہ، پر اڄ N.M.R ليبارٽرين ۾ ذرڙن (Molecules) جي ذڪر واري موسيقيءَ جو مشاهدو انهن جي وڊيو اسڪرينن تي ڪيو پيو وڃي.

اچو تہ هاڻي هن آيت کي پوريءَ طرح پڙهي ان ۾ بيان ڪيل ڳالهين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون، جن ۾ چوڏهن سؤ سال اڳ انهن ذڪرن يا خدائي واکاڻ جي موسيقيءَ جي موجودگيءَ بابت ٻڌايو ويو هو. ان جي منڍ ۾ الله تعاليٰ ﷻ پهريون سائنسي پيغام، انسانيت کي ۽ قيامت تي ايمان نہ آڻيندڙن کي ڏنو آهي تہ "مان ئي ڳجهہ کي ڄاڻيندڙ آهيان." ان کان پوءِ هن هڪ پاڪ آسماني ڪمپيوٽر جي باري ۾ ٻڌايو آهي جنهن ۾ ايٽم ۽ ان کان بہ ننڍڙن ذرڙن جي وجود جا سائنسي ماخذ

www.sindhsalamat.com

ملن ٿا. هيءَ آيت سائنسدانن کي ٻي ديني‌ءَ کان اهڙيءَ طرح پاسو ڪرڻ لاءِ چوي ٿي جو جن کي ڄاڻ آهي سي انهن حقيقتن جو انڪار (ڪفر) نٿا ڪري سگهن. هڪ ماڻهو، جنهن اسڪرين تي آندل انهن تمام ننڍڙن ذرڙن ۽ انهن مان نڪرندڙ موسيقيءَ جو مشاهدو ڪيو هجي، سو ڪيئن انڪار (ڪفر) ڪري سگهي ٿو. اهڙين حقيقتن کي ڏسندي ڪفر جو وجود چئڻ تہ جاهل هجڻ جي مهر يا ثابتي آهي.

هتي هڪ ٻي اهم نڪتي واري ڳالهہ قادر مطلق جي سائنسي ڪمپيوٽر جي رڪارڊ ۾ موجود وڏي ڪائنات (Macrocosmos) بنسبت آهي. يعني اها ڪائنات جنهن جو تعلق ستارن ۽ ڪهڪشائن سان آهي. ٻين لفظن ۾ اهو تفصيل تہ فلاڻو ستارو ڪائنات جي ڪهڙي ڪنڊ ۾ ۽ ڪنهن وقت ۽ ڪهڙي حالت ۾ هوندو، انهيءَ حيرت ۾ وجهندڙ ڪمپيوٽر يعني لوح محفوظ ۾، اڳي ئي لکيل آهي. انهيءَ ۾ موت کان پوءِ واري زندگيءَ جو حساب پڻ لکيل آهي. ”پوءِ ڇا سبب آهي جو توهان اجا تائين شڪ ۾ پيل آهيو؟.“

ابتدائي ذرڙن بابت بحث ۾ مون ڄاڻي واڻي ڪوارڪز (Quarks) جي مضمون کي ناهي ڇيڙيو. ڇاڪاڻ تہ اهو موضوع ذراتي طبعيات جي ماهرن وچ ۾ اجا تائين هڪ اختلافي مسئلو آهي. ڪوارڪز جي باري ۾ اهو تصور ڪيو ويندو آهي تہ اهي پروٽان ۽ نيوٽران جون اڏاوتي سرون آهن. ائين قرآن جي اصطلاح ”ذرڙي“ جي معنيٰ ڳولڻ ۾ علم طبعيات انتهائي ننڍڙي شيءِ، اجا بہ سڀ کان ننڍڙي شيءِ جي ڳولا ۾ اجا تائين ڊڪ ڊوڙ ڪري رهي آهي.



موضوع نمبر 32

# اهو اسرار تہ الله تعالىٰ جهانن جو پالڻهار آهي

وَ كَاَيِّنْ مِّنْ دَآبَّةٍ لَّا تَحْمِلُ رِزْقَهَا ۖۗ اَللّٰهُ يَرْزُقُهَا وَ اِيَّاكُمْ ۖؗ وَ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦٠﴾ (العنڪبوت:٦٠)

”ڪيترائي جانور آهن جيڪي پنهنجو رزق کڻي نٿا هلن، الله انهن کي (بہ) رزق ڏئي ٿو ۽ توهان جو رزاق بہ اهو ئي آهي. هو سڀ ڪجهہ ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو.“

سورت العنڪبوت، جيڪا الله تعالىٰ ﷻ جي نالي ”رب“ جي خاصيت بيان ڪري ٿي، قرآن جي تمام ڏکين سورتن منجهان آهي. هن آيت ۾ جيڪو خاص پيغام ڏنو ويو آهي سو اهو آهي تہ ڪهڙي طرح قادر مطلق پنهنجي انهيءَ مخلوقات جي مدد ڪري ٿو، جيڪي پنهنجي لاءِ کاڌو يا زندگيءَ جا وسيلا حاصل نٿيون ڪري سگهن. ويجهڙائيءَ ۾ ئي اهڙيون شاهديون مليون آهن جيڪي هن آيت جي سچائيءَ کي ثابت ڪن ٿيون. انهيءَ باري ۾ تفصيل ۾ پوڻ کان اڳ مان علم حياتيات جي پس منظر ۾ الله تعالىٰ ﷻ جي نالي ”رب“ جي اهم خاصيتن جو تت پيش ڪرڻ گهرندس.

الله تعالىٰ ﷻ جي وجود بابت سڀ کان اهم شاهدين مان هڪ نشاني مخلوقات جي کاڌي خوراڪ جي ڪڙي (Food Chain) ٺاهڻ جي سلسلي ۾ آهي. سوال پيدا ٿئي ٿو تہ جڏهن مخلوق هڪ ٻئي کي کائي ٿي تہ پوءِ زمين تي ايترو جهجهي تعداد ۾ جاندار ڪهڙيءَ طرح سان موجود ۽ جيئرا آهن. انهن مان سڀ کان وڌيڪ طاقتور ۽ سڀ کان وڌيڪ هوشيار مخلوق باقي ٻين سمورين  مخلوقن کي ماري ختم ڇو نٿي ڪري ڇڏي؟ ان جي برعڪس هر جاندار يا مخلوق، ڀلي ڪيترو ئي ڏٻري ڇونہ هجي، پنهنجي نسل کي جاري رکيو پئي اچي ۽ بلڪل ناپيد نٿي ٿئي. جيڪا مخلوق مري کپي وئي يا گهٽجي وئي، سو خاص ۽ غير معمولي حياتياتي

www.sindhsalamat.com

حالتن جي نتيجي ۾ ٿيو ۽ انهن جو خوراڪ جي ڪَڙيءَ سان ڪوبہ لاڳاپو نہ آهي.

انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ کان اڳ مان توهان کي هن مطالعي ۾ تحقيق ڏانهن توجہ ڪرڻ گهرندس جيڪو اڏوهيءَ تي ويجهڙائيءَ وارن سالن ۾ ڪيو ويو آهي.

اڏوهي بہ ٻين زميني ڪيڙن ماڪوڙن وانگر آنا لاهي پنهنجي نسل کي وڌائيندي آهي. هڪ اڏوهي عام طرح هڪ هزار کان بہ هزار آنا لاهيندي آهي. انهن مان رڳو اڌ جيترا ئي زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ داخل ٿيندا آهن. انهيءَ معاملي ۾ مزي جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ اڏوهيءَ جو هڪ قسم اهڙو بہ آهي، جيڪو هڪ ئي وقت ويهہ لک آنا لاهيندو آهي. تحقيق سان ثابت ٿيو آهي تہ اهي آنا ٻين ڪيترن ئي جيتن جڻن لاءِ انتهائي وڻندڙ ۽ مزيدار طعام هوندا آهن ۽ هر جيت جڻو ڪوشش ڪندو آهي تہ انهن کي پنهنجي غذا بڻائي. انهيءَ ڪري ئي الله تعالىٰ ﷻ انهيءَ اڏوهيءَ کي اها خاص قسم جي اهليت ڏني آهي جو اها ايتري جهجهي تعداد ۾ آنا لاهي ٿي. ائين انهن ويهہ لک آنن منجهان رڳو پنج ڇهہ سؤ آنا ئي ڪنهن طرح بچي ويندا آهن تہ جيئن انهن جو نسلي تسلسل جاري رهي. نسل جي جاري رهڻ جو اهو عمل، انهيءَ حقيقت جي باوجود آهي تہ الله تعالىٰ ﷻ هڪڙي مخلوق کي ٻي مخلوق جي خوراڪ ٺاهيو آهي ۽ اها حقيقت هڪ ننڍڙي مخلوق يعني اڏوهي مان ظاهر ٿئي ٿي.

الله تعالىٰ ﷻ سموري مخلوق تي انهيءَ قسم جي عددي توازن کي مقرر ڪري ڇڏيو آهي جو ڪوبہ جاندار نسل انهيءَ مقرر ڪيل حد کان اڳتي وڌي نٿو سگهي. علم حياتيات جو اهو قانون ان وقت تائين انسان جي علم ۾ نہ اچي سگهيو هو، جيستائين پوکن ۾ موجود ڪيڙن ماڪوڙن تي ڪيميائي جنگ جي شروعات نہ ٿي هئي. اهڙيون ڪيميائي دوائون، جهڙوڪ ڊي ڊي ٽي جي وڏي پيماني تي استعمال سان اها خبر پئي تہ ڪيڙن ماڪوڙن جا نسل اهڙي طرح قدرتي طور هڪ اهڙي توازن ۾ موجود آهن جو انهن مان هڪ قسم جي ڪيڙن جي تباهيءَ سان ماحوليات جي توازن تي اهڙو تہ اثر ٿيو جو هڪ ٻئي قسم جو نقصان پهچائيندڙ ڪوريئڙو پيدا ٿي پيو جنهن سان سموري ماحول جو توازن بگڙي ويو.

لوح محفوظ جي اندر، جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ الله تعالىٰ ﷻ ڪيترين ئي جاين تي ڪيو آهي، سموري مخلوق جو اهڙو اهم رڪارڊ آهي، جو چڻ تہ اهو هڪ ڪمپيوٽر ۾ انتهائي احتياط سان لکيو ويو هجي. انهيءَ شيءِ جو اڳواٽ فيصلو ٿي چڪو هوندو آهي تہ ڪهڙي مخلوق ڪهڙي ٻي مخلوق کي ۽ ڪيتري تعداد ۾ پنهنجي خوراڪ بنائيندي. اهو حساب ڪتاب جيڪو ذهن ۽ سمجهہ کي ئي ڦيراٽيون ڏئي ڇڏي، الله تعالىٰ ﷻ جي انهيءَ خاصيت جي عڪاسي ڪندڙ آهي جنهن مان سندس ربوبيت ظاهر ٿئي ٿي.

سمورن صحيح ذهن وارن حياتياتي ماهرن جي لاءِ انهيءَ عجوبي جي ڪري



الله تعالىٰ ﷻ جي حمد ۽ ثنا لازم ٿي پوي ٿي. جيڪڏهن فطرت بي ترتيب ۽ جهنگلي ڳڻن واري هجي ها، جيئن ڪفر ۾ قاتل ماڻهو اجا تائين سمجهن ٿا، تہ خوراڪ جو اهو اصول لکين ڪروڙين سال اڳ ئي ختم ٿي چڪو هجي ها ۽ ڪي چند گوشت خور جانور ئي هڪ ٻئي کي کائي کپائي ڇڏين ها ۽ زمين تان زندگيءَ جا آثار وقت کان گهڻو اڳ ئي ختم ٿي وڃن ها. اهو ئي سبب آهي جو قرآن ۾ الله تعالىٰ ﷻ، غير الله کي مڃيندڙن ۽ بي دينن کي زور ڏئي ياد ڏياري ٿو تہ قرآن ۾ واڪاڻيل رب جي خاصيتن جو ڇا مطلب آهي. زمين تي خوراڪ جي انهيءَ ڪَڙِي يا سلسلي کي ايمان جو نصاب سمجهيو وڃي ٿو. انهن بي دين حياتياتي سائنسدانن جي لاءِ، جيڪي اجا تائين اونداهي ماضيءَ ۾ ٽِڪيا پيا آهن، جيڪا انهن لاءِ وڏي ئي بدنصيبي آهي، هيءَ آيت سڳوري هڪ وڏو سبق آهي.

سوچ سمجهہ کان ڪي ڪورا ماڻهو خوراڪ جي سلسلي ۾ جيتن جڻن ۽ ننڍڙن جاندارن جي هڪٻئي تي گذاري کي هڪ وڏو الميو سمجهندا آهن. پر نامياتي حيات ۾ جيڪا گوناگون ۽ جهجهائيءَ جو هڪ اظهار آهي، سا تباهہ ٿي وڃڻ ۽ ڪنهن نتيجي تي پهچڻ واري گوناگون ۽ جهجهائيءَ جو هڪ اٽمٽ ۽ لافاني قانون آهي. هڪڙي ماليڪيول کان ٻئي ماليڪيول ۾ بدلجي وڃڻ خدائي ڪاريگريءَ جو ڏس ڏيندڙ آهي. مٽيءَ جي ليبارٽريءَ ۾ هڪ مئل پوپٽ، هڪ نہ رڪجڻ واري سلسلي جي ذريعي، هڪ نازڪ گلاب جي شڪل ۾ نڪري نروار ٿيندو آهي.

جيستائين هن آيت جي خاص پيغام جو لاڳاپو آهي، ڪيترين ئي مخلوقات لاءِ انهن جي جيئري رهڻ خاطر وسيلن جي فراهميءَ جو اهڙو تہ خدائي نظام موجود آهي، جنهن جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ هرڪو سالن تائين حيران ۽ پريشان رهي سگهي ٿو. مثال طور هڪ خاص قسم جو چبرو پنهنجي خاص جاءِ تي بنا چرڻ پرڻ جي ويٺو هوندو آهي ۽ هڪ اهڙي خاص قسم جا برقي شعاع خارج ڪندو آهي جنهن جي اثر جي ڪري ڪا جهرڪي يا اهڙي قسم جو ٻيو ڪو پکي، پاڻمرادو ان جي اڳيان اچي ويهي رهندو آهي. ائين اهو چبرو پنهنجي شڪار کي بنا ڪنهن محنت جي پڪڙي وٺندو آهي. هڪ خاص قسم جو پاڻيءَ وارو پکي (پليڪان) مڇيءَ کي ان وقت تائين پڪڙي نٿو سگهي، جيستائين جو هو ڍٻڻ ۾ بنا چرڻ پرڻ جي لڳاتار ڇهن ڪلاڪن تائين پنهنجي شڪار جو انتظار نہ ڪري.

پر هن آيت ۾ ڏنل پيغام انهن عجائبن کان بہ اڳتي وڌي وڃي ٿو جتي اها مخلوق، جيڪا ظاهري طرح پنهنجو پاڻ جيئري نٿي رهي سگهي، پنهنجي خوراڪ ڪيئن حاصل ڪري ٿي؟ ويجهڙائيءَ وارن ڪجهہ سالن ۾ انهيءَ سان لاڳاپيل ۽ حيران ڪندڙ دريافتون ڪيون ويون آهن جيڪي هن طرح آهن:

پهرين دريافت الاسڪا ۾ حياتياتي تحقيق ڪندڙ هڪ گروپ ڪئي آهي. اها

www.sindhsalamat.com

هڪ تمام سهڻي فوٽو تي ٻڌل آهي جنهن ۾ هڪ ننڍڙي ڪيڙي ڪي برف ۾ ڦاٿل ڏيکاريو ويو آهي، پر ان جي وات ۾ سائي پن جو هڪ ٽڪرو آهي. ايئن پيو معلوم ٿئي ته الله تعاليٰ ﷻ هن آيت جو هڪ جيئرو جاڳندو ثبوت ڏيکاريو آهي جو هڪ ڪيڙي کي خوراڪ پهچائڻ جي لاءِ، ڪهڙي طرح ايتري برفاني گهرائيءَ ۾ به ٻوٽي جو بندوبست ڪيو ويو آهي.

ٻيو مثال پڻ حياتياتي سائنس جي علم ۾ انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

ٻرندڙ جبلن مان وهندڙ لاوي جي ڪري، لاوي جو هڪ غار ٺهي ويندي آهي. جيئن ته اها غار گرم لاوي جي ڪري وجود ۾ ايندي آهي، جنهن جو گرمي پد 200 کان 3000 سينٽي گريڊ تائين هوندو آهي، اهڙين غارن ۾ نئين زندگيءَ جي تخليق جي امڪانن تي تحقيق ڪرڻ واري هڪ ٽيم انهيءَ غار ۾ نانگ سان ملندڙ جلندڙ هڪ مخلوق ڳولي لڌي آهي. پهريان ته انهن کي خيال ٿيو ته اهو ٻاهرين دنيا جو هڪ عام نانگ آهي پر اهو ڏسي اهي حيران ٿي ويا ته انهيءَ مخلوق جو نانگن جي نسل سان ڪو به لاڳاپو نه آهي. اهو هڪڙو ديو قامت ڪيڙو هو، جيڪڏ ڏيڍ به ميٽر ڊگهو هو. پر حقيقي حيرانگي ان وقت ٿي جڏهن انهيءَ جو معائنو ليبارٽري ۾ ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته اهو هڪ تمام وڏو ڪيڙو ٻين عام ڪيڙن جهڙو نه هو. ان ۾ نه ته ڪو هاضمي جو نظام هو ۽ نه ئي ساهه کڻڻ جو. ان مخلوق ۾ هڪ ئي شيءِ هئي ۽ اها هئي ان جي دل. هو ڪيئن جيئرو رهيو هوندو؟ ڪيئن کائيندو هوندو؟ ۽ ڪيئن ساهه کڻندو هوندو؟

انهيءَ مخلوق جي ڪَلَ تي تحقيق انهن سوالن جا جواب ڏئي ڇڏيا. اُن جي ڪَلَ تي رهندڙ خوردبيني جراثيم ان کي خوراڪ پهچائن پيا ۽ انهن جي ئي وسيلي اها مخلوق آڪسيجن حاصل ڪري پئي. ايئن هڪ دفعو ٻيهر الله تعاليٰ ﷻ هن آيت سڳوريءَ ۾ بيان ڪيل اسرار کي حياتياتي ليبارٽري ۾ ظاهر ڪري ڇڏيو.

اِن ٻه ميٽر ڊگهي ڪيڙي جي کوجنا ارتقا واري نظريي جي حامين جي غلط استدلال کي پڻ هميشه هميشه جي لاءِ ڪوڙو ثابت ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڪيڙي نه ته هڪ گهرڙي واري اميبا (Unicellular Amoeba) مان ارتقا ورتي آهي ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي جاندار مان. ڇو جو اهو ته پيدا ئي انهيءَ غار ۾ ٿيو جنهن کي ٻرندڙ جبل جي تمام گهڻي گرميءَ ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو هو. اهو هڪ انتهائي حيرت ۾ وجهندڙ واقعو هو جيڪو الله تعاليٰ ﷻ جي رب هجڻ واري صفت جو ثبوت آهي.

انسان کي سائنس جو علم انهيءَ لاءِ ڏنو ويو آهي ته جيئن هو الله تعاليٰ ﷻ جي ڪاريگريءَ جو ادراڪ حاصل ڪري. انهيءَ جي مخالفت ۾ جيڪا به سوچ آهي، اها انسان جو پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيڻ برابر آهي. اها رچ آهي ۽ اهڙي سوچ لازمي طور ارتقا واري نظريي وانگر ختم ٿي ويندي.



موضوع نمبر 33

# لوط ۽ عاد قوم تي خدائي عذاب

وَ اَمۡطَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الۡمُنۡذَرِيۡنَ ﴿۵۸﴾ (النمل:٥٨)

”۽ انهن ماڻهن تي مينهن وسايو سون جيڪو تمام بڇڙو مينهن هو انهن ماڻهن جي حق ۾ جن کي ڊيڄاريو ويو هو.“

آگسٽ 1945 جو واقعو آهي، هڪ سمنڊ جي وچ ۾ ٻه ٻيٽ هئا: ڄڻ ته چمڪندڙ زمرد هجن.

ٻنهي ٻيٽن جا ٻه اهم ۽ وڏا شهر به هئا، جن مان هڪڙي جو نالو هيروشيما ۽ ٻئي جو نالو ناگاساڪي هو. ٻن مختلف ڏينهن تي صبح مهل انهن کي هڪ انتهائي وڏي تباهيءَ جو شڪار ٿيڻو هو. سندن قسمت ۾ موتمار تباهي هئي جنهن جي باري ۾ سموري انسانيت سدائين جي لاءِ بحث ڪندر رهندي پر انهن سيني بحثن ۾ هڪ تمام ئي اهم نڪتي ڏانهن شايد ڪنهن جو به خيال نه ويو.

جڏهن هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي ايٽم بم ڪيرايا ويا ته گرميءَ ۾ ٽهڪندڙ انهن ٻنهي شهرن کي هڪ طاغوتي، شيطاني باهه وڪوڙي وئي. شروعاتي ڌماڪي مان بچي ويل ماڻهن پنهنجو پاڻ کي گهٽين ۾ آٽي ڦٽو ڪيو. پوءِ اوچتو آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا جن مان انهن مٿان هڪ قسم جو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. مٿن اصل موت تابڪار ڪرپٽون (Krypton) جي شڪل ۾ نازل ٿيڻ شروع ٿي ويو. انهن ٻنهي شهرن ۾ جيڪي ٻه لک انسان مري ويا، تن مان گهڻا تابڪار مينهن ڦڙن لڳڻ سان اجل جو شڪار ٿيا.

ڪ سان اها دعويٰ نٿي ڪجي ته اهي ٻئي شهر خدائي سزا جا حقدار هئا يا الله تعاليٰ ﷻ پاڻ انهن کي سزا طور تي تباهه ڪيو پر قرآن جي آيتن ۾ موجود ڪجهه ڳجهه اِن کان پوءِ ضرور ظاهر ٿي پيا.

سيني مفسرن اهو بيان ڪيو آهي ته لوطؑ جي قوم ڪي پٿرن جي مينهن سان تباهه ڪيو ويو، اهو ڪا ٻوڏ نه هئي. هيروشيما واري تباهي پکيڙيندڙ واقعي تائين واري دؤر ۾ رڳو ايمان وارا ئي موت واري مينهن تي يقين رکن پيا، جڏهن ته ڪافر نفرت ۾ اچي انهيءَ جو انڪار ڪندا هئا پر اهو بيان اڳتي هلي مڪمل طور صحيح ثابت ٿيو ۽ بي دين ماڻهو ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيا، ايتري تائين جو هن عجوبي انهن سائنسدانن کي پڻ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو جن پاڻ ئي اهي بم ٺاهيا هئا.

مان وارا پڙهندڙؤ! هن موقعي تي مان هڪ نڪتي کي زوردار نموني بيان ڪرڻ گهرندس. اهو هي ته جڏهن الله تعاليٰﷻ ڪنهن قوم کي تباهه ڪرڻ جو فيصلو ڪندو آهي ته، پنهنجي اڻ کٽ طاقت جي هوندي انهيءَ لاءِ رڳو حڪم ئي ڏيندو آهي. ان جو قهر ڪهڙي به شڪل ۾ هجي، انهيءَ جي ڄاڻ اسان کي نٿي ٿي سگهي ۽ نه ئي دنيا جي ڪنهن وڏي کان وڏي سائنسدان کي به ڪو اندازو ٿي سگهي ٿو. نتيجي ۾ اسان اهو نٿا چئي سگهون ته لوطؑ جي قوم هڪ تابڪاري واري ڪڪر مان وُٺل مينهن جي ذريعي تباهه ٿي پر اها ڳالهه پڻ ظاهر آهي ته قرآن پاڪ جون سموريون آيتون سائنسي اشارا ڏيندڙ آهن. تابڪاري ڪري پٿون ڪڪرن مان وسندڙ موت وارو مينهن آهي. اهو موتمار مينهن همجنس پرست ڏوهارين، گمراهن ۽ سرڪشن تي نازل ٿيو.

عاد قوم جي بت پرستن جڏهن ڪڪرن کي ڏٺو ته ڏاڍا خوش ٿيا ته اهي انهن جي لاءِ راحت جو سبب بڻبا. انهيءَ نُڪتي کي ابن العربيءَ انتهائي وڻندڙ انداز ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. ان موجب ”اهو مينهن انهن جي لاءِ سچ پچ رحمت بڻجي آيو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ مينهن سان انهن جي ڪفر واري زندگي به ختم ٿي وئي.“ هن آيت سڳوريءَ انهيءَ ئي نڪتي کي تمام اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. مولانا جلال الدين روميؒ پڻ فرمايو ته جڏهن موت انهن جي مٿان اچي پهتو، تڏهن عاد قوم وارن حق کي سڃاڻي ورتو ۽ سمجهي ورتو ته موت جو ڪڪر انهن جي لاءِ ڇڙ ته ڇوٽڪارو ئي هو. ائين ئي هيروشيما جي ماڻهن به موت جي ڪڪر کي پنهنجي لاءِ نعمت سمجهيو.

قرآن ۾ اها ڳالهه ڇٽائيءَ سان بيان ڪئي وئي آهي ته جيڪي قومون پنهنجي ڪفر ۾ ضدي بڻجي ويندیون آهن ۽ لڳاتار سرڪشي ڪنديون رهنديون آهن ته اهي الله تعاليٰﷻ جي قهر هيٺ اچي تباهه ٿي وينديون آهن. جيڪي ماڻهو انهيءَ ۾ ويساهه نه رکندا آهن، تن کي دعوت ڏني وڃي ٿي ته اهي پاڻ وڃي پنهنجي اکين سان انهن قومن جي تباهه ٿيل زمينن ۽ علائقن کي ڏسن. اهڙي قسم جي هڪڙي بيان ۾ فرمايو ويو ته ڪيترين ئي قومن جي تباهي هڪ سخت آواز واري ڌماڪي سان ٿي. لغوي معنيٰ ۾ اهو انتهائي سخت آواز هڪ زبردست ڌماڪي جي برابر آهي.



ڌماڪي مان پيدا ٿيندڙ تمام سخت آواز جي سلسلي ۾ اهو دلچسپيءَ سان ڏٺو ويندو ته ان جو مثال تمام گهڻي وسعت وارن انهن ڇقمقي ميدانن جي انهيءَ ڏڪڻيءَ جهڙو آهي، جنهن ڏانهن هلندڙ سالن دوران سائنسدانن توجهه ڏيڻ شروع ڪيو آهي. جيڪڏهن مادو هڪ ڇقمقي ميدان ۾ داخل هجي ته اهو قدرتي طور لڏندو يا ڏڪندو آهي. جڏهن اهو ميدان انتهائي شدت اختيار ڪري وٺندو آهي ته انهيءَ جو اثر انساني دماغ تي به پوندو آهي، جنهن سان اوچتو موت يا چريائپ پيدا ٿي پوندي آهي. انهيءَ پڙاڏي کي هڪ تمام وڏي آوازي تيزيءَ سان پيٽائي سگهجي ٿو، جيڪا ڌماڪي يا ميزائل کان مٿانهين آوازي رفتار تي سفر ڪرڻ جي ڪري ٿيندي آهي. انهيءَ کي (Sonic Wave) به چوندا آهن جيڪا موتمار خاصيت رکي ٿي.

قيامت جي ڏينهن جو ڌماڪو به هڪ اهڙي ئي زبردست قسم جي ڏڪڻي ٿي سگهي ٿو جيڪا ڇقمقي واڌي گهاٽي جي نتيجي ۾، هڪ سخت ۽ موتمار ڏڪڻيءَ جو سبب ٿيندي. اها سوچ ئي قرآن جي دانائي، حڪمت جي سڃاڻ ۽ واکاڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. ايئن خاص طور انهيءَ ماڻهوءَ سان ٿي سگهي ٿو، جيڪو سائنس جي حقيقتن کي سمجهندو ۽ مڃيندو هجي. سورت الحاقته جي 6 نمبر آيت ۾ اعلان ڪيو ويو آهي ته عاد قوم هڪ سخت ۽ ڇمائي ڇڏيندڙ يخ ٿڌي طوفاني هوا جي وسيلي تباهه ڪئي وئي هئي. عام قدرتي حالتن ۾ وچ اوير ۾ هن قسم جون ٿڌيون هوائون ڪا غير معمولي ڳالهه نه آهي. آخر اها ڪهڙي هوا آهي جنهن عاد قوم کي سخت ٿڌي هوا سان ڇمائي ڇڏيو؟

انهيءَ سوال جو جواب به ڇقمقي تبديلين بنسبت سائنسي حقيقتن ۾ لڪيل آهي. تپش يا گرمي، جيئن هرڪو ڄاڻي ٿو، ته هڪ ماپڻ جوڳي چرپر يا ڏڪڻي آهي. انهيءَ باري ۾ پلي ڪيميائي عمل هجي، برقي گرمي هجي، يا سج جي ڪرڻن جو معاملو هجي، ذرڙن جي ماليڪيولن جي اها چرپر هڪ بنيادي عنصر آهي. اڳي اهو سمجهيو ويندو هو ته گرمي هڪ جدا قسم جي توانائي آهي پر موجوده دؤر ۾ انهيءَ نظريي مڃتا ماڻي ورتي آهي ته گرمي قدرت جي چئن بنيادي برق ڇقمقي قوتن (Electromagnetic Forces) مان هڪ آهي. اهي بنيادي چار قوتون هي آهن: ڪشش ثقل، برق ڇقمقي، طاقتور نيوڪلائي توانائيون ۽ ڪمزور نيوڪلائي توانائيون. هتي مان دوزخ جي معنيٰ جي تشريح ڪندس ۽ ثابت ڪندس ته پٿرن جو دوزخ جي باهه جو ٻارڻ ٿيڻ به هن بلڪل خسيس سائنسي نظريي سان پوريءَ طرح مطابقت رکي ٿو.

هڪ علائقي ۾ ڇقمقي اثر ان جي چرپر کي گهٽائي يا وڌائي سگهي ٿو. تنهن ڪري هاڻي سمجهي سگهجي ٿو ته جيڪو طوفان يا هوا عاد قوم وارن مٿان موڪلي وئي هئي، سا انهيءَ ڇقمقي اثر (عمل) جي ذريعي يخ ٿڌي ڪئي وئي هئي.

www.sindhsalamat.com

ماضيءَ جا دقيانوسي دانشور، جن قرآن جو مطالعو نہ ڪيو هو، هِتان هُتان جي ٻڌل ڳالهين جي بنياد تي، قرآن مٿان اها تنقيد ڪندا هئا تہ قرآن ۾ سخت ٿڌ ۽ سيءُ جو ڪوبہ ذڪر نہ آهي. ڪين اها ڄاڻ هئڻ گهرجي تہ قرآن ۾ نہ رڳو ٿڌ جو باقاعده ذڪر موجود آهي، پر اها سخت ٿڌ (زمهرير) جي لفظ جي صورت ۾ موجود ۽ استعمال هيٺ آيل آهي جيڪو حبشہ (Abyssnian) ٻوليءَ جو لفظ آهي.

جديد طبعيات جي نقطہ نظر کان قرآن ۾ ڏنل خدائي عذاب ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ جو نظريو بہ، تحقيق جي نتيجي ۾ تمام اهم نتيجا پيش ڪري ٿو. انهن ڳالهين جو مطالعو ايندڙ صفحن ۾ جدا جدا ڪيو ويندو. پر هن موقعي تي اها ڳالهہ تہ عاد قوم ۽ لوط[٤] جي قوم جي مثالن مان جديد انسان، خاص طور تي سائنسدانن کي اهم پيغام ڏنا پيا وڃن. قرآني بيان جي عظمت، دنيا جي باقي رهڻ تائين اکين کي کولڻ لاءِ رهنمائي ڏيندي رهندي، پر انهيءَ لاءِ شرط اهو آهي تہ اهي اکيون شروع کان ئي انڌيون نہ هجن.



موضوع نمبر 34

# انسان خساري ۾

اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَفِیۡ خُسۡرٍ ۙ﴿۲﴾ (العصر: ٢)

”حقيقت ۾ انسان گهاٽي ۾ آهي.“

هن باب ۾ اسان قرآن جي معجزن مان هڪ انتهائي حيرت ۾ وجهندڙ ۽ تمام خوبصورت معجزي کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

هن جي پوري معنيٰ مان اسان کي اها ڄاڻ ملي ٿي تہ جنهن ماڻهوءَ ۾ ايمان نہ آهي تنهن جي عمل ۾ سچائي ۽ سڌارو نہ هوندو آهي. ان ڪانسواءِ ان جي اندر صبر ۽ انصاف وارا ڳڻ بہ نہ هوندا. اهڙي طرح اهو گهاٽي ۾ هوندو آهي. مطلب تہ هو مايوسي، محرومي، بدنصيبي، بدحالي ۽ پريشاني جو شڪار هوندو آهي.

قرآن پاڪ جي انهيءَ عظيم الشان فيصلي جي تشريح کان اڳ مان علم نفسيات جي ماهرن ۽ طبي نفسيات جي انهن بيانن جو مختصر طور ذڪر ڪندس جن جو مقصد خودي (نفس) جي تشريح ڪرڻ آهي. مون انهيءَ موضوع جو ٿورڙو ذڪر موضوع نمبر 12 ۾ ان کان اڳ بہ ڪيو آهي.

فرائيڊ (Freud) جي نظرين جي اثر ۾ اچي، ڪيترن ئي سالن تائين جنسي جذبن کي انساني روين ۽ اخلاقيات جو آخري بنياد سمجهيو ويندو هو. پر گذريل پنجويهن سالن ۾ اهو متفقہ طور تي مڃيو ويو آهي تہ انسان ۾ سڀ کان وڌيڪ اثرائتو جذبو خوف آهي. انساني وجود ۾ خوف جو عنصر ايتري تہ اهميت رکي ٿو جو ڪيتريون ئي حياتياتي علتون ۽ خرابيون پڪ سان خوف يا خوف سان لاڳاپيل وهمن مان پيدا ٿين ٿيون.

انهيءَ جو مشاهدو خاص طور تي ٻار جي پيدائش جي وقت ٿيندو آهي. جيئن تہ سڀ ڪو ماڻهو ڄاڻيندو آهي تہ هڪ شهري عورت، ڳوٺاڻي عورت جي ڀيٽ

www.sindhsalamat.com

۾ وڏي تڪليف سان ٻار ڄڻيندي آهي. شهري عورت کي ٻار جي پيدائش دوران ڪجهه وڌيڪ قسم جا مسئلا پيش ايندا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ ڪيس ڪيترن ئي قسمن جون دوائون استعمال ڪرڻيون پونديون آهن. جڏهن ته ڳوٺاڻين عورتن کي اهڙي قسم جا ڪي به مسئلا نه هوندا آهن، ڇاڪاڻ ته انهن کي پنهنجي ڪم ڪار دوران وڌيڪ ورزش ملي وڃي ٿي.

گذريل ڏهاڪي دوران مون کي خبر پئي ته جيئن جيئن پيدائش جو وقت ويجهو ايندو آهي، تيئن تيئن ماءُ ۽ ٻار جي وچ ۾ ڪمپيوٽر جهڙو ٻه طرفو عمل ٿيندو آهي. ٻار جي پيدائش جي وقت ماءُ ۽ ٻار ڄڻ ته ڪنهن ڪمپيوٽر سينٽر کان هدايتون حاصل ڪندا آهن. بلڪل ائين جيئن هوائي جهاز لهڻ وقت آٽوميٽڪ پائليٽ کان مدد وٺندو آهي. اها غلطي جيڪا انهيءَ نظام ۾ خلل وجهندي آهي سا رڳو خوف وارو جذبو ئي آهي. جيئن ته شهري عورتون ڳوٺاڻين عورتن کان ڪجهه وڌيڪ ڊڄڻيون ٿينديون آهن، تنهن ڪري انهن لاءِ ٻار ڄڻڻ جو عمل به وڌيڪ ڏکيو ٿي پوندو آهي ۽ انهن لاءِ ڪيترن ئي قسمن جا مسئلا پيدا ٿي پوندا آهن.

روزاني جي زندگيءَ جي نقطي نظر کان اهو مثال وڌيڪ سمجهه عطا ڪري ٿو. جيڪڏهن اسان سمورن پيش ايندڙ واقعن کي ٿورو ڪليل دل ۽ بي فڪري سان نه وٺون ته اسان ايندڙ وقت جي باري ۾ ڳڻتي ۽ ڊپ جو شڪار ٿي ويندا آهيون. اهو جذبو الجهن پيدا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ اندروني ڳڻتي ۽ پريشاني ئي ڏک ۽ مصيبت جو سبب بڻبي آهي.

الله تعاليٰ ﷻ تي ايمان نه رکڻ واري ماڻهو جي لاءِ ٻه وڏا خوف هوندا آهن. پهريون خوف موت جو هوندو آهي جڏهن ته ٻيو خوف تباهي ۽ بربباديءَ جو خوف هوندو آهي. اهو ٻيو خوف ايندڙ وقت بابت انديشي ۽ ڳڻتي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. اهڙي قسم جي ماڻهن کي انهن ٻنهي قسم جي خوفن جڪڙي رکيو هوندو آهي ۽ هڪ قسم جي ناقابل برداشت ٻاهه ۾ اڇلائي ڇڏيو هوندو آهي. انهن خوفن جي ڪري ڪيترن ئي قسمن جا نفسياتي مونجهارا پيدا ٿيندا آهن ۽ ان سان گڏوگڏ مختلف قسم جون بيماريون، مثال طور معدي جي السر، دل جي شريانين جو سيڙجي وڃڻ، اڌرنگو ۽ ايتري تائين جو ڪينسر وغيره به پيدا ٿي پوندي آهي. انهيءَ ڪانسواءِ انسان جي اندر اهڙي ته هلچل پيدا ٿي پوندي آهي جو ان جو حوصلو خطا ٿي پوندو آهي ۽ هو ڏک ۽ پيڙا جي سڙاند ۾ سڙندو رهندو آهي.

موت ۽ مستقبل جي باري ۾ خوف کي انسان ڪيئن منهن ڏيندو آهي؟ هو يا ته سخت قسم جي شراب خوريءَ جو شڪار ٿي ويندو آهي يا وري نشي (خاص طور تي هيروئن) جهڙي عادت ان کي پنهنجي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائي ڇڏيندي آهي. اهڙِي طرح هو يا ته پنهنجي اصولن ۽ اخلاق کي ڇراخ جهڙي فطرت واري بي رحم هيڇ جي حوالي



ڪري ڇڏيندو آهي، يا وري چرياڻپ جي سرحدن ويجهو نيم چرياڻپ واري حالت ۾ رلندو وتندو آهي.

خوف واري جذبي جي برخلاف ٻيو جذبو وري اعتبار يا ڀروسي جو هوندو آهي. انهن احساسن جي چڱيلائي ۽ سڌارو وري ايمان جي منزل سان سڌي نسبت رکي ٿو. ڪافر انسان ڀروسي جي حقيقت کان پري ۽ محسوس ٿيندڙ شين جي پيروي ڪندو آهي. خوف کان بچڻ لاءِ هو مال ۽ دولت جي پويان لڳندو آهي. جيئن ته ان جي اها عادت ڪيس ڪنهن ٻي شيءِ تي اعتبار ڪرڻ نٿي ڏئي، اهو روڳ ان جي تحت الشعور ۾ اُڪري وڃي ٿو، جنهن ڪري هو سدائين گهاٽي جو شڪار رهي ٿو. اعتبار ۽ ڀروسي کان خالي انسان جو ذهن ماڻهوءَ کي شراب، هيروئن، ظلم ۽ چرياڻپ وارن خيالن ۾ پناهه وٺڻ جي ترغيب ڏيندو آهي. جڏهن ته انهن سان اِن جو مسئلو حل ته نه ٿيندو آهي، الٽو ان جو نقصان اجا به وڌندو ويندو آهي. اِهو ئي اُهو بنيادي استدلال آهي جنهن جي ڪري اسلام شراب کي حرام سڏيو آهي. هڪ سمجهه ڀريي ايمان واري ماڻهوءَ جي لاءِ شراب ۾ سڪون ڳولڻ بيوقوفي، اجا به چريائي آهي. ٻئي پاسي هڪ بي دين ماڻهو پنهنجي نقصان جي ٻاهه کي شراب ۾ وسائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جنهن ڪري ناڪام ٿي وڃي ٿو.

ٻيو اهم جذبو جيڪو انساني زندگيءَ تي اثر وجهي ٿو سو آهي ڪينو ۽ ساڙ. انهيءَ نفرت ۽ لالچ جي ڪري انسان سٺي اخلاق ۽ نيڪ عمل جي برڪتن کان هميشه محروم رهندو آهي. سورت العصر جي آيت نمبر 3 ۾ انهيءَ حڪم جي وسيلي هڪ عظيم معجزاتي دانائي بيان ڪئي وئي آهي. يعني "سواءِ انهن ماڻهن جي، جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪندا رهيا" واري فرمان وسيلي چوڏهن سؤ سال اڳ ئي انهيءَ حقيقت کي بيان ڪري ٻڌايو ويو هو. ايئن اها هڪ اٽل حقيقت آهي ته جيڪو به ماڻهو ايمان نٿو آڻي، تنهن کي خوف ئي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏي ٿو. ٻئي پاسي جنهن جو عمل نيڪ نه آهي ۽ جنهن ۾ ايمان تي آڌاريل ايمانداري نه آهي، تنهن لاءِ نفرت ۽ لالچ جي جذبي وسيلي تباهي آهي.

هلندڙ سالن دؤران، تمام اهم سائنسي مشاهدن منجهان هڪ اهو نظام آهي، جنهن هيٺ انساني جسم ۾ جذباتي ردعمل کي هڪ ڪمپيوٽر ۾ لکيو يا رڪارڊ ڪيو ويندو آهي. انساني جسم ۾ هائيپو ٿلمڪ (Hypothalmic) حصي (جيڪو دماغ کان هيٺ هوندو آهي) ۽ واڌ ۽ اوسر سان لاڳاپيل يا واسطو رکندڙ نظام (Vegetative System) جي تعلق کي رڳو ٽيهه سال اڳ ئي ڳولي لڌو ويو هو. انهيءَ ڳالهه جو تفصيل معلوم نه ٿي سگهيو هو ته انسان جي مادي ۽ اخلاقي نظام تي ان جا جذبا ڪهڙي ريت اثر ڪندا آهن. ويجهن سالن ۾ وڌيڪ تجربن ڇتائي ڪري ڇڏي ته ذهني دٻاءُ انساني جسم تي ڪهڙي طرح اثر ڪري ٿو. ان سلسلي ۾ ڪيل نين

ڪوجنائن جي نتيجن جو تت اسان هيٺ بيان ڪريون ٿا.

انسان جو جذباتي ۽ مادي يعني جسماني بناوت جو نظام گهڻي ڀاڱي هارمونن (Harmones) ۽ هارمون پيدا ڪرڻ وارن غدودن (Endocrine) جي نظام سان سلهاڙيل آهي. ڪيترائي اهم عمل، جهڙوڪ رت جي شريانين جي ويڪرو ٿيڻ کان وٺي بک لڳڻ تائين وارو عمل انهيءَ اينڊو ڪرائن نظام جو اثر وٺي ٿو. اهو نظام اندروني رطوبت وارن غدودن تي مشتمل هوندو آهي جيڪو جسم ۾ ڪيترين ئي سرگرمين، جهڙوڪ ڳل جي مضبوطي ۽ تازگي کان وٺي مدافعتي نظام (Immune System) تائين اثر ڏيکاريندو آهي ۽ اهي غدود پنهنجو پاڻ به پيچوٽري غدود (Pituitary Gland) جي، جيڪو دماغ جي پوئين حصي سان لاڳاپيل هوندو آهي، مرڪزي اختياري جي حڪم سان ڳنڍيل هوندا آهن. هن غدود جي هڪ شاخ تي هڪ خاص قسم جو پردو ويڙهيل هوندو آهي جنهن ۾ دماغ کان ايندڙ هڪ نس پڻ هوندي آهي. اهو پردو جنهن دماغ کي ويڙهي رکيو هوندو آهي، پيچوٽري جي تري تي ڇاتي ۽ پيٽ کي الڳ ڪندڙ مشڪائون پردو (Diaphragm) ٺاهيندو آهي. جيڪڏهن اهو گهٽبو يا سسندو آهي ته شريانين کي به سسائيندو آهي ۽ پيچوٽري گليند مان ٿمي جسم ۾ اچڻ وارن هارمونن جو وهڪرو به گهٽائي ڇڏيندو آهي. انهيءَ جو سڀ کان سٺو مثال چڙ جي ڪري پيدا ٿيڻ واري نامردي يا ڪمزوري (Impotency) آهي. جيڪڏهن اهو پردو ڍلجي ٿو ته پيچوٽري نسون به کلي وڃن ٿيون ۽ هارمون آزاديءَ سان وهي سگهن ٿا. ائين ان جو تمام سٺو مثال بهادري جي ذريعي بيماريءَ منجهان شفا حاصل ڪرڻ آهي. جيئن ئي پيچوٽري وڏيڪ رطوبت خارج ڪندي آهي، ٿيمائيمس گليند (Thymus Gland) مان، جيڪو ڪنڌ واري حصي ۾ هوندو آهي، حفاظت ڪندڙ رطوبتن جو اخراج به وڌي ويندو آهي، جنهن ڪري جسم جي مدافعتي سگهه پڻ وڌي ويندي آهي. وڌيڪ اهو ته ضابطي ۾ آڻڻ وارو اهو نظام پاڻ به هائپو ٿلمر ۾ اڻاوت وارن جيو گهرڙن جي اندروني اهم مرڪز (Nucleus) جي انتظام هيٺ هوندو آهي ۽ اهو مرڪز مڪمل طور تي جذبن جي اثر هيٺ هوندو آهي. نئين تحقيق اها ڳالهه ثابت ڪري ورتي آهي ته جذبا، جهڙوڪ نفرت، لالچ، خوف وغيره هائپو ٿلمس جي انهيءَ مرڪز وسيلي هارمون ٺاهڻ واري غدود جي نظام ۾ رڪاوٽ وجهندا آهن، جڏهن ته ان جي برخلاف محبت ۽ ڀروسي وارا جذبا انهيءَ مرڪز کي ان جي ڪم ڪارين ۾ تمام وڏي مدد ڏيندا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ اهو هارمون ٺاهڻ واري نظام کي وڌيڪ سٺي نموني هلائيندو آهي.

ڇا توهان ڪڏهن انهيءَ سائنسي مشاهدي جي عظيم الشان اشاري ۽ مقصد تي غور ڪيو آهي؟



جي ها! الله تعاليٰ جل جلاله انسان جي جسم جي شاندار نظام کي اهڙيءَ طرح ٺاهيو آهي جيئن اهو ايمان ۽ اخلاقي عمل جي قانونن سان جڙي هلي. وڌيڪ چٽائيءَ سان چئي سگهجي ٿو ته انساني حياتيات هڪ حيرت ۾ وجهندڙ ڪمپيوٽري نظام آهي ۽ انهيءَ نظام جي پروگرام جا بنيادي اصول، ايمان ۽ اخلاق سان مطابقت رکن ٿا.

جڏهن ڪنهن انسان جا بي دينيءَ وارا جذبا، خوف جي بنياد تي پيدا ٿيندڙ نفرت ۽ لالچ سان ڀرجي ويندا آهن ته اهي پنهنجي انهيءَ انتهائي اهم نظام کي بلڪل پوئين پير هلائڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. اها ئي اها حقيقت آهي، جيڪا سورت العصر جي ٻي آيت سڳوريءَ ۾ اسان کي ٻڌائي وئي آهي. اسان جو عظيم خالق اسان کي ٻڌائي رهيو آهي ته ”اي انسانو! مون توهان کي اهڙي طرح جوڙيو آهي جو توهان ۾ ايمان ۽ ٻيون خوبيون هجن. پر جيڪڏهن توهان ان جي برخلاف عمل ڪريو ٿا ته پوءِ توهان گهاٽي ۾ آهيو.“ انهيءَ خالق هارمون پيدا ڪرڻ واري غدود جي نظام کي اهڙو ته ڪمپيوٽري نظام عطا ڪيو آهي جيڪو هائپو ٿلمس کان وٺي پيچوٽري جي شاخ (Stem) ۽ ان جي پردي جي صورت ۾ هڪ طرح سان سرڪٽ وارو ڪم ڪندو آهي. ائين جيڪڏهن اسان پنهنجي زندگي، جهانن جي پالڻهار سان محبت ۽ ان تي ڀروسي جي جذبن سان گڏ گذاريون ته اهو سرڪٽ ڇڱيلائيءَ واري اصول هيٺ ڪم ڪندو. رت جون ناليون ڪليل ۽ صاف رهنديون. عضون ۽ گوشت کي پوري خوراڪ ملندي رهندي. جسم جو حفاظتي نظام (Immune System) بلڪل چستيءَ سان هلندو رهندو ۽ اعصابي نظام سڪون ۽ خوشيءَ جي وسيلي مڪمل هڪجهڙائيءَ جو مظهر هوندو.

پر ان جي برخلاف جيڪڏهن توهان مختلف قسم جي خوف، پريشانين، نفرت ۽ لالچ ۾ ڦاٿل آهيو ته پوءِ توهان وڏي نياڳ ۽ گهاٽي ۾ آهيو. نه شراب، نه هيروئن، نه بي لغام جذبا ۽ نه وري ڪا ڇريائپ توهان کي انهيءَ بي يقيني ۽ مصيبت مان ڪڍي سگهي ٿي جنهن ۾ توهان گرفتار آهيو.

انساني حياتيات لاديني ۽ انتشار کي رد ڪري ڇڏي ٿي. قرآن ۾، جنهن جي آيتن جي خوبصورتيءَ جي حد ڪو به ماڻهو پوريءَ طرح سان ڏسي نٿو سگهي، انهيءَ جهانن جي پالڻهار چوڏهن سؤ سال اڳ ئي هڪ اهڙو ته عظيم الشان پيغام عطا ڪيو آهي جو انساني سوچ کان به ٻاهر آهي. ڪفر ۽ بي ديني ئي گهاٽي ۾ آهي ۽ هڪ اونداهيءَ گهٽيءَ وانگر آهي. ٻئي پاسي ايمان ڏانهن اچو. گڏن (سٺن عملن) ڏانهن اچو، توهان کي صبر ۽ سڪون وارو رستو ملي ويندو.

”اي انسان! تون گهاٽي ۾ آهين. تون بند گهٽيءَ جي اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو آهين. انهيءَ جو صحيح علاج رڳو ايمان، اخلاق ۽ سچ تي ڪاربند رهڻ ۽

www.sindhsalamat.com

توڪل ۾ آهي.

ڪيترو نه سنو ٿئي ها جو دل جي سڪون ۽ راحت جو سامان ڪنهن پساريءَ جي دڪان تان ملي وڃي ها، جتان ان کي خريد ڪرڻ لاءِ ماڻهو تولن جا تولا ٿي اچن ها پر بدقسمتيءَ سان ائين نه آهي. ان جو نسخو ۽ انهيءَ جي دوا رڳو اسلام جي دواخاني ۾ ئي آهي.

جيڪو به انهيءَ جو ادراڪ حاصل ڪري وٺندو ته هو محروميءَ جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي ۽ ان کي ڪوبه دڳ نظر نٿو پيو اچي، ته هو هڪ ڏينهن انهيءَ علاج يعني اسلام ڏانهن ضرور ايندو. اها ڪيتري نه حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه آهي ته اسلام جي دواخاني ۾ موجود هوندي به اسان مان ڪيترائي ماڻهو علاج لاءِ ٻئي پاسي هليا وڃن ٿا.



**موضوع نمبر 35**

# ڪائنات جو مدار، ڦير گهير، عمل ۽ رد عمل

وَ السَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجۡعِ ﴿۱۱﴾ (الطارق: ۱۱)

"قسم آهي هٽندڙ وڌندڙ هلڻ واري آسمان جو (عمل ۽ رد عمل واري آسمان جو)"

قرآن مجيد ۾ سورت الطارق به تفسير جي لحاظ کان تمام ڏکين سورتن منجهان هڪ آهي. جيئن ته آيت نمبر 13 ۽ 14 ۾ ان ڳالهه جو اعلان ڪيو ويو آهي ته قرآن الله تعاليٰ ﷻ جو آخري ۽ نبيرو ڪندڙ ڪتاب آهي ۽ اهو انهيءَ لاءِ نه آهي ته ڪي نالائق ماڻهو، ان جون غلط تشريحون ڪن. آيت نمبر 13 ۾ جيڪو فرمايو ويو آهي ته اهو هڪ نبيرو ڪندڙ ڳالهه آهي، ته اها سورت الطلاق کي خاصي اهميت ڏيڻ وارو ڪلام آهي، جنهن جي هر هڪ آيت سڳوري عظيم سائنسي سچائين کي بيان ڪري ٿي. اهو ئي سبب آهي جو شروعاتي مفسرن اهو مناسب سمجهيو ته انهن آيتن جي تشريح انهيءَ زماني جي سائنس سان ڳانڍاپي ڪانسواءِ ڪئي وڃي، جيڪو هڪ صحيح طريقو هو پر ان کان پوءِ اڳتي هلي انهيءَ احتياط کي نظر انداز ڪيو ويو.

پهريون سائنسي پيغام، جيڪو هيءَ سورت ڏئي ٿي، سو پنهنجو پاڻ ئي لفظ "الطارق" آهي. شروع وارن زمانن ۾ انهيءَ جي معنيٰ طارق ستارو نه هئي. پر پوءِ وارن مفسرن الطارق جي معنيٰ انتهائي چمڪندڙ ستارو ڪئي. بهرحال، هن سورت جون آيت نمبر 2 ۽ 3 صاف ظاهر ڪن ٿيون ته طارق ستاري جي قسم جي ڪا به شيءِ نه هئي.

موجوده دؤر ۾ آسماني طبعيات (Astrophysics) تحت دريافتن کي سامهون رکي اها ڳالهه ممڪن ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته طارق جي معنيٰ ستارن جهڙا آسماني جسم آهن، جن مان اڪثر شديد ريڊيائي لهرون نڪرن ٿيون. اهي پنهنجي جسامت

www.sindhsalamat.com

۾ تمام وڏا آهن ۽ انتهائي ڏورانهين مفاصلي تي سمجهيا وڃن ٿا ۽ ڪهڪشائن جي مقابلي ۾ لکين دفعا وڌيڪ روشني خارج ڪن ٿا. هڪ ٻئي نقطي نظر کان اهي پنجين يا ڇهين آسمان جي مقرر ڪيل فضائن کي ظاهر ڪن ٿا. ڪوثر (Quasar) ڪهڪشائن جي لاءِ هڪ ٻجن واري ٻاريءَ جو ڪم ڪن ٿيون ۽ اهي وري وڌيڪ اربن جي تعداد وارين وڌيڪ ڪهڪشائن کي جنم ڏين ٿيون.

رڳو پنجويهه سال اڳ تائين آسمان ۽ ڪائنات جي باري ۾ ڄاڻ نہ هئڻ جي برابر هئي. فلڪي طبعيات جا اهي ماهر، جيڪي بي دينيءَ ۾ قائل هئا، سي پنهنجي پر ۾ انهيءَ خوش فهمي ۾ مبتلا ڪندڙ خيالن ۾ قائل هئا تہ ڪائنات رڳو انهن تمام ديو قامت ستارن جي جهڳٽن جي صورت ۾ هئي، جنهن جي ويڪر ۾ اهي سيئي پکڙيل هئا. سندن ويجهو هڪ خاص سائيز جا گرهہ پنهنجي پنهنجي سجن جي اوسي پاسي طواف ڪندا هئا ۽ جڏهن انهن سجن جون توانائيون گم ٿي وينديون هيون يا خرچ ٿي وينديون هيون تہ اهي بہ لامڪان ۾ گم ٿي ويندا هئا. ڪائنات جي باري ۾ جديد نظريا ان وقت پيدا ٿيا، جڏهن انتهائي وڏن آسماني جسمن ۽ ڪائناتي ڪارين غارن بابت ڄاڻ ملي. ڪارين غارن جي موضوع تي مون پنهنجي ڪتاب جي منڍ ۾ ئي (موضوع نمبر 2 ۾) ڪنهن حد تائين تفصيلي بحث ڪيو آهي.

آسماني طبعيات جي ماهرن جي ڄاڻ موجب ڪائنات جي سلسلي ۾ نظريا يا قانون چئن اهم گروپن ۾ ورهائي سگهجن ٿا.

1. ثقلي ڪشش (Centripetal) ۽ مرڪز گريز (Centrifugal) قوتن جي وچ ۾ عمل ۽ رد عمل (Reciprocity) يعني سخت قسم جي ثقلي ميدانن جي موجودگيءَ جي باوجود گرهن ۽ ٻين مخلوقن جي وجود جو طواف ڪندڙ چرپر ذريعي تحفظ مهيا ٿيڻ، عمل ۽ رد عمل جو سلسلو، هر گهڙي ڪشش ثقل جي ذريعي توازن جي حالت ۾ رهي ٿو.

2. ڪارين غارن ۽ وڏن آسماني جسمن (Quasars) جي وچ ۾ عمل ۽ رد عمل واري سلسلي جي نتيجي ۾ هڪ مرندڙ ستارو، ڪشش ثقل جي ايڪي ۾ بدلجي ويندو آهي، جنهن کان ڪابہ شيءِ بچي نٿي سگهي. مادو ۽ توانائي، جيڪي ان جي اندر ڪري پوندا آهن، تن کي ڪائنات جي هڪ ٻي جاءِ تي پهچايو ويندو آهي، جتي ڪاريون غارون، فضائي ويڪر، ڪيئين واري سوراخ (worm hole) جهڙي عمل جي ذريعي پنهنجو پاڻ کي اڇي غار (White Hole) جي روپ ۾ آٽي ڇڏيندا آهن. اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ اهي اڇيون غارون ئي هونديون آهن جيڪي ڪوثرن جي حقيقي طور تي پکيڙيل توانائين جو جواز پيش ڪنديون آهن ۽ اهي ڪوثرن پنهنجي واري ۾ نون ڪهڪشائن کي جنم ڏيندا آهن.

3. ڇقمقي صلاحيت يا ڪوانٽم فيلڊ (Quantum Field) جيڪو



آسماني طبعيات ۾ قدرت جي مظهرن کي انهن جي اصلي رنگ ۾ ظاهر ڪري ٿو.

4. ڪائنات جو هڪ اڻ ڄاتل مرڪز شعاع جو فوڪس (Focus) يا محور کان شروع ٿي، مرڪز کان ٻاهرين پاسي پکڙجڻ.

مون بنيادي آسماني حقيقتون، ڪيترين ئي آيتن جي تشريح جي سلسلي ۾ هن کان اڳ بہ بيان ڪيون آهن. هاڻي مان سورت الطارق جي آيت نمبر 11 جي اسرارن ڏانهن اچان ٿو. ”قسم آهي هٽندڙ وڌندڙ (عمل ۽ رد عمل واري) آسمان جو.“

هيءَ آيت انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏئي ٿي تہ آسمان ۾ عمل ۽ رد عمل جو سلسلو جاري آهي. اهو عمل ۽ رد عمل، جنهن کي Reciprocity سڏيو ويندو آهي، اصل ۾ ڪهڙو عجوبو آهي؟

عمل ۽ رد عمل جو فعل ٻن لاڳاپيل، پر مخالف واقعن مان هر هڪ جي اندر ٿيندڙ محوري يا پري واري تبديليءَ چئبو آهي. انهيءَ جو مثال ائين ئي آهي جيئن هڪ نڪتي تي جاءِ تائين پهچڻ ۽ پوءِ اتان کان واپسي. ڪنهن بيماري جو ٻيهر ٿي پوڻ. ڪنهن مخلوق جو فنا ٿي وڃڻ ۽ پوءِ وجود ۾ اچي وڃڻ يا ڪنهن جاندار جو موت ۽ ان جو ٻيهر جيئرو ٿي پوڻ. اهي سيئي عمل ۽ رد عمل جا واقعا آهن.

اهو تہ ظاهر آهي تہ آسمانن ۾ عمل ۽ رد عمل جي نظريي جو حل سورت الطارق ۾ لڪيل آهي. اصل ۾ ڪوثرن ئي انهيءَ عمل ۽ رد عمل واري فعل جو مظهر آهن. فضائي ويڪر جي گهرائي ۾ ڪيترائي ستارا، ڪارن غارين ۾ فنا ٿي ويندا آهن. جڏهن تہ ڪواثر نئين ڪهڪشائن کي جنم ڏينديون آهن. اهو عمل ۽ ردعمل جو فعل وقت جي انهيءَ عرصي ۾ ٿيندو آهي، جنهن جو اندازو اربين سالن تي ٻڌل هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو آسمان عمل ۽ رد عمل جي فعل ۾ آهن. تخليق، ٻئي ڊانچي ۾ سمائجي وڃڻ ۽ نتيجي ۾ تباهيءَ جي ڪنڌي تي پهچي وڃڻ هڪ اهڙو سلسلو آهي جيڪو ڪائنات ۾ بنا ڪنهن وقفي جي جاري آهي.

هڪ ٻيو بہ گهٽ سمجهہ ۾ اچڻ وارو پاسو آسمان، يعني فضائي ويڪر ۾ ڪائنات جي پکڙبو رهڻ وارو عمل آهي. پر جيئن تہ سائنس اڃا تائين انهيءَ معاملي ۾ ڪا حتمي ڳالهہ نہ ڪئي آهي، اسان بہ ان جي ماپ يا جسامت جي باري ۾ وڌيڪ بحث يا قياس آرائي کي هن موقعي تي ملتوي ڪريون ٿا. هڪ ٻي تشريح هن طرح بہ ڪري سگهجي ٿي تہ الله تعاليٰ ﷻ جي ٻاجهہ ۽ شفقت زمين ڏانهن لهي ٿي، جڏهن تہ الله تعاليٰ ﷻ جي لاءِ واڪاڻ ۽ شڪرگذاري مٿي آسمان ڏانهن ويندي آهي. اها ڳالهہ بہ هن وقت اسان جي موضوع کان ٻاهر آهي.

هن موقعي تي مان هڪ اهم نڪتي ڏانهن توهان جو ڌيان ڇڪائڻ گهرندس. اهو هي تہ سماوي طبعيات جي علم (فلڪي طبيعيات) ۾ ڪائنات (Cosmos) ۽ فضائي ويڪر (Space) جا اصطلاح ڪثرت سان استعمال ٿين ٿا. جڏهن تہ ٻئي

www.sindhsalamat.com

پاسي قرآن ۾ لفظ ’آسمان‘ سدائين آسماني طبعيات جي سلسلي ۾ ئي استعمال ٿيندو آهي. انهيءَ جو هڪ اهم سبب آهي.

جديد علم طبعيات تحت ڪائنات سان لاڳاپيل هر تحقيق، چئن پاسن جي نقطي نظر سان ڪئي ويندي آهي ۽ انهيءَ چاڻ ۾ اهو سمجهيو ويندو آهي ته ڪائنات رڳو مادي جي ئي ٺهيل آهي ۽ سڀني دنيائن کي انهيءَ نقطي نظر سان ڏٺو ويندو آهي. ان جي برخلاف قرآن دنيائن جو ڏيک اڻ ڳڻين پاسن کان ڏئي ٿو، جتي هي دنيائون اهو مڪمل نظام هونديون آهن، جن جي اصل مضبوطي انهن ڄاتل سڃاتل چئن طرفن کان سواءِ ڪيترن ئي ٻين طرفن سان به ٿيندي آهي. هاڻي اهي ڪائناتون، جن کي اسان آسمان يا فضائي ويڪر به چئي سگهون ٿا، هڪ طرح جي پٽين واري آسماني نظام سان ٺهيل هونديون آهن، جتي چقمقي قوتون پنهنجو ڪم ڪري رهيون هونديون آهن ۽ جتي طبعيات ۽ جاميٽري جا اصول صحيح ثابت ٿيندا آهن. ائين رڳو هن نازڪ فرق کي چٽو ڪرڻ لاءِ قرآن ۾ سائنس سان لاڳاپيل سڀني آيتن ۾ لفظ آسمان ئي استعمال ٿيو آهي. پر قرآن پنهنجي پهرين ئي آيت کان وٺي دنيائن جو ذڪر انهن جي عظمت ۽ انهن جي اڻ ڳڻين خوبين ۽ صلاحيتن سميت ڪري ٿو ته ”سڀ سارا الله جي لاءِ ئي آهي جيڪو سمورين ڪائناتن جو پالڻهار آهي.“

جيئن ته انهيءَ کان اڳ مون موضوع نمبر 21 ۾ بيان ڪيو آهي ته آسمان جي تخليق انهيءَ جاميٽري ۽ مادي نظام سان ٿي آهي، جيڪو ستن چقمقي پٽين تي مشتمل آهي ۽ حقيقت ۾ بهشت جو تصور، ان آسماني نظام جي اندر ظاهر نه ڪيو ويو آهي. ان کي هڪ اهڙي دنيا تصور ڪيو ويو آهي، جنهن جون جسماني ماپون (Dimensions) بلڪل ئي جدا قسم جون آهن. مان انهيءَ موضوع تي اڳتي هلي بهشت واري مضمون ۾ ڳالهائيندس.

ٻين دنيائن ۽ ان قسم جي جسماني ماپن کي سمجهڻ سچ پچ تمام ڏکي ڳالهه آهي. انهيءَ جو مثال ائين آهي ته جيڪڏهن اسان هڪ ايٽم جي اندر رهي رهيا هجون ها ته اسان اهو سمجهون ها ته شايد فضائي ويڪر رڳو ان جي پنهنجي توانائي جي مدار تائين ئي محدود آهي ۽ اهو ته سموري پکيڙ انهيءَ تمام ننڍڙي دنيا جي اندر گهيريل آهي. ايئن اسين سچ جي باري ۾ تفصيلن کي سمجهي سگهنداسين. وڌيڪ اهو ته هن دنيا ۾ جتي اسان جو وجود جيڪڏهن سيڪنڊ جي ڏهين لکين حصي جيتري وقت جيترو هجي ها ته اسان ڏينهن ۽ سالن کي ڪهڙي طرح سمجهي سگهون ها؟ آسمان ۽ مختلف جسامت جي ماپن (Dimensions) کي، جن کي اسان اجا تائين بيان ڪرڻ جي حيثيت ۾ نه آهيون، چو جو وچ وارو عمل ۽ رد عمل به هڪ قسم جو تفصيلي راز هو.

سائنس کي اهو هڪ نئون راز ٻڌايو ويو آهي ته ڪائنات ۾ وقت هر جاءِ تي



هڪ ئي رفتار سان نٿو گذري. اسان اها حقيقت ڪائناتي شعائن جي سخت لاهن چاڙهن ۽ ڳجهي ۽ پيچيده سفر جي مطالعي مان سمجهي آهي. جيتوڻيڪ زمين تي انهن جي هيٺن بنيادي ذرڙن جي گروهه (PI Mensons) جي عمر هڪ سيڪنڊ جي هڪ ارب حصي کان به گهٽ هوندي آهي. پر ڪائنات جي ٻين حصن ۾ وقت جي فراخي (Dilation) جي ڪري ان جو وجود ڪيترن ئي ڏينهن تائين رهي سگهي ٿو. اهو هڪ ٻئي نئين نظام جو عجوبو آهي. يعني وقت جي وهڪري جي حساب سان آسمان جي وچ ۾ به عمل ۽ رد عمل جو فعل موجود آهي. ائين اِهي اُهي عظيم طبعياتي سچايون آهن جن کي هيءَ آيت پاڪ عمل ۽ رد عمل جي فعل جي صورت ۾ ظاهر ڪري ٿي.

خدارا، توهان هن موضوع جي سلسلي ۾ اسان کي پيش ايندڙ ڏکيائين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ انهيءَ ڳالهه جو مشاهدو ڪريو ته ڪهڙي طرح جديد ترين ۽ ترقي يافته علم طبعيات به ڪيترين ئي سخت ڏکيائين مان گذري، ان کي سمجهي ۽ بيان ڪري ٿو. منهنجي ڪجهه دوستن، جن هن تشريحي مسودي کي، انهيءَ ئي شڪل ۾ پڙهيو تن مشورو ڏنو ته وڌيڪ ڏکهي تشريح جي ذريعي هن کي وڌيڪ سادو ۽ آسان بڻايان پر منهنجي لاءِ وڌيڪ سچائي انهيءَ ڳالهه ۾ ئي آهي ته قرآن جي فطري عظمت جو مشاهدو ماهراڻي طبعياتي نقطي نظر کان ئي ڪيو وڃي. باقي نه مونکي ۽ نه وري ڪنهن ٻئي کي اهو حق پهچي ٿو ته انهيءَ ۾ ڪا ٿورڙي به کوٽ پيدا ڪري.

www.sindhsalamat.com

**موضوع نمبر 36**

# قيامت جي ڏينهن زمين ۽ آسمان ۾ مخلوق جو حال

وَ نُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَصَعِقَ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَنْ فِي الْاَرْضِ اِلَّا مَنْ شَآءَ اللّٰهُ ؕ ثُمَّ نُفِخَ فِيْهِ اُخْرٰى فَاِذَا هُمْ قِيَامٌ يَّنْظُرُوْنَ ﴿٦٨﴾ (الزمر: ٦٨)

”۽ جنهن ڏينهن صور ڦوڪيو ويندو ۽ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي ٻه آهن سي سڀئي ڪري مري ويندا، سواءِ انهن جي جن کي الله جيئرو رکڻ گهري. پوءِ وري هڪ ٻيو صور ڦوڪيو ويندو ۽ اوچتو سڀئي اٿي (پنهنجي اوسي پاسي) ڏسڻ لڳندا.“

جيئن سڀڪو ڄاڻي ٿو ته مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿيڻ هڪ اهڙو واقعو آهي، جيڪو سمورن انسانن جي نصيب ۾ لکيل آهي. هن آيت سڳوري جو هڪ دلچسپ پاسو اهو فقرو آهي، جنهن ۾ اهو اعلان ڪيو ويو آهي ته صور ڦوڪڻ وقت اهي به مري ويندا، جيڪي آسمان ۾ آهن. سڀئي مسلمان، اچا به سمورا اهل ڪتاب ان ڳالهه تي ايمان رکن ٿا ۽ ڄاڻن ٿا ته، جيڪا به زنده مخلوق زمين تي آهي، سا پهرين صور ڦوڪجڻ سان مري ويندي ۽ ٻئي دفعي صور ڦوڪجڻ تي اٿاري ويندي پر قيامت جي ڏينهن آسمان ۾ اهي ڪير هوندا جيڪي پهريان ماريا ويندا ۽ پوءِ وري ٻيهر جيئرا ڪيا ويندا؟ هن آيت جي تشريح جي سلسلي ۾ منهنجو پهريون مقصد ته اهو آهي ته مان پنهنجي سمجهه ۽ بصيرت موجب انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان. ٻي اها ڳالهه ته ”خلائي مخلوق“ جي انهيءَ تصور تي روشني وجهي سگهان جيڪو ويجهڙن سالن ۾ پيدا ٿيو آهي ۽ جيڪو اصل ۾ هڪ شرارت ۽ بگاڙ کي ظاهر



ڪري ٿو، جنهن جو اصل مقصد الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ جي پاڪ ڪتابن جي فرمانن کي ڪوڙو ڪرڻ آهي.

قيامت جي ڏينهن يعني مرڻ کان پوءِ وري زندگي ملڻ واري ڏينهن پهرين صور ۾ ڦوڪجڻ کي ”صعق“ چيو ويو آهي. صعق جو مطلب اهو سخت آواز يا ڌماڪو آهي، جيڪو هر شيءِ کي ماري ڦٽو ڪندو. اها ڳالهه انهيءَ سائنسي حقيقت کي ظاهر ڪري ٿي جنهن کي نقل ڪرڻ جي ڪوشش جديد فزڪس به ڪري رهي آهي. هن وقت تائين اهو ته ثابت ٿي چڪو آهي ته هڪ خاص تعدد ارتعاش يعني فريڪوئنسي ۽ شدت واريون آوازي لهرون جاندارن کي ماري ڇڏڻ واري خاصيت رکن ٿيون.

مرڻ کان پوءِ واري زندگي جسماني ماپ (قويٰ) جي سموري نظام کي بدلائي ڇڏي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو رڳو خالق مطلق جو عمل ئي آهي، جيڪو هر معمولي جاءِ کي سڌو ڪري ڇڏي ٿو پر اسان اهو نٿا ڄاڻون ته مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ جو اهو پاسو ڪڏهن وقت جي وهڪري کي بدلائي ڇڏيندو. قيامت ان وقت شروع ٿيندي جڏهن ملائڪ اسرافيل صور ڦوڪيندو. جيئن ته هن موضوع بابت تفسيرون خاموش آهن، هن ڪتاب ۾ جيڪو سائنسي حقيقتن بابت آهي، اسان به انهيءَ موضوع تي بحث نه ڪنداسين.

ٻيو دفعو صور ۾ ڦوڪجڻ کي ”رادفة“چيو ويو آهي. اها انهيءَ بصري تعدد ارتعاش (فريڪوئنسي) کي ظاهر ڪري ٿي، جنهن جو اثر ٻيهر روح ڦوڪڻ جهڙو آهي. سائنسي نقطي نگاهه کان انهيءَ صور جي نوعيت اڃا تائين نه سمجهه ۾ ايندڙ ۽ ڳجهي آهي. ٻيهر جيئرو ڪرڻ وارن آوازن جي خاصيت ۽ نوعيت اڃا تائين سائنس جي ڄاڻ ۾ نه اچي سگهي آهي.

قيامت جي ڏينهن سڀني جاندارن، خاص ڪري انسان جو ٻيهر جيئرو ٿي اٿڻ بيشڪ هڪ خدائي معجزو هوندو پر انهيءَ جو ٻه ڪو نه ڪو سبب ته هوندو ته آخر اهو ڪم اسرافيل[۴] جي ئي حوالي ڇو ڪيو ويو آهي؟ انهيءَ جو مثال ائين آهي ته تحقيقن منجهان اها به ڄاڻ ملي آهي ته هڪ خاص قسم جي ڪمي پنهنجي ٻچن جي واڌ ويجهه پنهنجي آنن تي نظرون کپائي رکڻ واري عمل سان ڪندي آهي. ان جي اکين مان نڪرندڙ شعاعن ۾ واڌ ويجهه ڏيڻ ۽ پچائڻ واري خاصيت هوندي آهي. اسان جي ٻيهر جيئرو ٿيڻ جي ڪنجي، ٻيو دفعو صور ۾ ڦوڪجڻ وارين آوازي لهرن جي وسيلي جسم ۾ روح جي سچائي ۽ زندگيءَ جي اسرار جي مدد سان ٻيهر جيئرو ڪرڻ تي آڌاريل آهي.

اهو ته ظاهر آهي ته پهريون ۽ ٻيو دفعو صور ۾ ڦوڪجڻ جي وچ واري وٿي جي دوران الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ مئل جسمن جي جيو گهرڙن کي حياتيءَ جو هڪ خاص راز

www.sindhsalamat.com

عطا ڪندو ۽ اڳي ئي تيار ڪيل جسم ڪي، اڳ ۾ ئي مقرر روح جي وسيلي، ٻيو دفعو صور ۾ ڦوڪجڻ تي جيئرو ڪيو ويندو. جيئن تہ مئل جسم جا جيني ڪوڊ يا فارمولا لوح محفوظ واري ڪمپيوٽري ٽيپ تي اڳي ئي رڪارڊ تي چڪا هوندا آهن، انهيءَ ڪري جسم جي ٻيهر زندگي حاصل ڪرڻ ۽ ڳرڻ سڙڻ واري عمل سان انهيءَ جي آزادي گڏوگڏ وجود ۾ اچي سگهن ٿا. مٿي ٻڌايل ڳالھ ڪي اسان چٽيءَ طرح سان سورت يٰسن جي آخري صفحي تي ڏسي سگهون ٿا. الله تعاليٰ ﷻ سيني ڪافرن ۽ بي دينن ڪي پنهنجي هن فرمان سان هوشيار ڪري ٿو.

"ڇا اهو جنهن آسمانن ۽ زمين ڪي پيدا ڪيو آهي سو انهيءَ ڳالھ تي وس وارو نہ آهي تہ انهن جهڙن ڪي پيدا ڪري سگهي؟ بيشڪ هو ائين ڪري سگهي ٿو، (ڇاڪاڻ تہ) هو هر شيءِ ڪي خلقڻ ڄاڻي ٿو."

"هو جڏهن ڪنهن شيءِ جي لاءِ ارادو ڪندو آهي تہ هن جو ڪم رڳو اهو آهي تہ ان ڪي حڪم ڏئي تہ ٿي وڃي تہ پوءِ اها ٿي پوندي آهي. پاڪ آهي اها ذات جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جي حڪومت آهي ۽ ان ڏانهن ئي توهان موٽايا ويندؤ."

اچو تہ هاڻي اسان ٻيهر پنهنجي اصلي موضوع ڏانهن اچون. اهي ڪير آهن جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن ۽ جيڪي دنيا جي ختم ٿي وڃڻ تي مري ويندا پر وري حساب ڪتاب واري ڏينهن ٻيهر جيئرا ڪيا ويندا.

جيئن مون هينئر بيان ڪيو آهي تہ انهيءَ وقتيءَ ۾ موت تمام سخت آوازي ڌڪڻي جي وسيلي ان وقت ايندو، جڏهن اجا تائين فضائي ويڪر ختم نہ ٿي وئي هوندي. انهن مري وڃڻ واري مخلوق ۾ ملائڪ شامل نہ هوندا. ڇو جو اهي تہ ٻئي قسم واري فضائن جي مخلوق آهن. ان ڪانسواءِ قيامت جي ڏينهن انهن ڪي ڪيترن ئي قسمن جا ڪم ڪرڻا هوندا. هن آيت جو اهو بيان تہ اهي جيڪي آسمانن ۾ آهن، هڪ تمام ئي اهم ڳالھ آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن انهيءَ ۾ رڳو آسمان ئي چيو ويو هجي ها تہ ان ڪي زمين ڪي سڀ کان وڌيڪ ويجهو آسمان ئي سمجهيو وڃي ها.

انهيءَ فرمان ۾ جنهن جاءِ ڪي مڪمل طرح ظاهر ڪيو ويو آهي، آسمانن ۾ تباھ ٿي وڃڻ واري مخلوق مان هڪ مخلوق پڪ سان جِنَ بہ هوندا. جيئن تہ قرآن ۾ جنن ۽ انسانن سان ئي ڳالھ ٻولھ ٿي آهي، انهيءَ ڪري آسمانن ۾ تہ جن ئي مري ويندا جن ڪي ٻيهر جيئرو ڪيو ويندو ۽ انهن ڪي بہ پنهنجي عملن جو حساب ڏيڻو پوندو.

پر جيستائين انسانن جي باري ۾ معنائون آهن، اهو حصو چٽيءَ طرح سان انهن معجزاتي رازن وارو آهي، جنهن ڪي رڳو موجوده دؤر ۾ ئي ظاهر ڪيو ويو آهي. جڏهن قرآن نازل ٿيو هو، ان وقت ڪير بہ نہ پيو ڄاڻي تہ هڪ ڏينهن انسان آسمانن، اجا بہ فضائي ويڪر ۾ اڏام ڪندو. ايئن اهو بہ هن آيت پاڪ جو هڪ



معجزاتي پاسو آهي. جيڪڏهن اهو فرمان نہ هجي ها تہ ڪافر ۽ بي دين ماڻهو گستاخي ڪندي مسلمانن تي ٺٺوليون ڪرڻ جي جرئت ڪن ها ۽ چون ها تہ "جڏهن قيامت ايندي تہ ان وقت اسان سڀئي فضا ۾ هوندا سين." هيءَ آيت قيامت جي ويجهڙي يا ائين ڪٿي چئجي تہ اسان جي دؤر واري فضائي سوچ جي پيش گوئي ڪري ٿي. ائين هڪ دفعو وري اسان قرآن جي هر آيت، اجا بہ هر لفظ جي معجزاتي دانائيءَ ڪي ڏسي سگهون ٿا.

## جِنَ

جن جو تصور سمورن آسماني مذهبن ۾ نظر اچي ٿو. اهو تصور انهن مذهبن ۾ بہ موجود آهي جيڪي يا تہ افراتفري جو شڪار آهن يا وري جن جون شڪليون ئي بگاڙيون ويون آهن. جن هڪ اهڙي مخلوق آهي، جنهن جي پيدائش هڪ نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ توانائيءَ سان ٿي آهي. ٻئي پاسي انهن ڪي عقل ۽ شعور پڻ آهي ۽ انهن جي ارتعاشي رفتار، جيڪا 300000 ڪلوميٽر في سيڪنڊ کان بہ وڌيڪ آهي، اِن ڳالھ ڪي ناممڪن بڻائي ڇڏي ٿي تہ اهي ڪنهن بہ ماپي سان ڏسي يا محسوس ڪري سگهجن. اِن نظريي ڪي ڪنهن حد تائين سمجهڻ جي لاءِ اهو ڪافي ٿيندو تہ اسان عام مادي جي خاصيتن ڪي پنهنجي سامهون رکون.

هر عام مادو ۽ انهيءَ قسم جون شيون، بنيادي ذرڙن (Elementary Particles) مان ٺهن ٿيون. انهن سيني جي رفتار روشنيءَ جي رفتار کان گهٽ هوندي آهي. جڏهن اهي شيون فضا ۾ هڪ ٻئي جي نسبت سان جاميٽري (عددي) حرڪت حاصل ڪنديون آهن تہ مختلف شيون وجود ۾ ايندڙيون آهن پر انهن شين جي مزاحمتي سگھ تپش (Heat) جي اڳيان گهٽجي ويندي آهي. جيتوڻيڪ هڪ اڪيلو ذرڙو تپش ڪي برداشت ڪري سگهي ٿو، پر فضا جو اهو نظام، جيڪو انهن ذرڙن جي تاڃي پيٽي مان ٺهيل هوندو آهي، سخت قسم جي تپش ۾ ٽڙي پکڙي غائب ٿي ويندو آهي. انهن جون جسماني خاصيتون ختم ٿي ويندڙيون آهن ۽ 5000 ڊگري سينٽي گريڊ تي ئي اهي انفرادي ايٽمن ۾ بدلجي ويندا آهن ۽ آسماني نقطي نگاھ کان جِنَ جو وجود نہ هئڻ جي برابر هوندو آهي. ڪائنات ۾ هڪ سؤ ارب ستارا آهن ۽ انهن مان هر ڏھ لک مان هڪ جي اندر شايد گرمي پد هڪ لک يا شايد ڏھ لک ڊگري ڪان گهٽ ئي هوندو.

الله تعاليٰ ﷻ پڪ سان ستارن يا ستارن جي ويجهو ڪافي مخلوق پيدا ڪئي آهي پر انهن ڪي جيئرو رهڻ جي لاءِ ڪهڙين خاصيتن وارو هئڻ گهرجي؟ انهيءَ سوال جو جيڪو عقلي يا استدلالي جواب ٿي سگهي ٿو، سو اهو آهي تہ ڪائنات ۾ رهڻ وارين هستين جو وجود توانائيءَ (Energetic) ئي هئڻ گهرجي؛ نہ اهو مادي هجي

جنهن کي ڇهي سگهجي. ٻين لفظن ۾ انهن جو نظام، توانائيءَ جي ايڪن يعني توانائيءَ جي واضح ايڪن يا Quanta مان ٺهيل هئڻ گهرجي ۽ اهو نظام اهڙين توانائين مان جڙيل هجي جنهن تي تمام سخت گرمي پد (تپش) جو به ڪو اثر نه ٿئي. اها بلڪل جائز ڳالهه ٿيندي جيڪڏهن انهيءَ سلسلي ۾ اها اميد ڪئي وڃي ته اهڙن نظامن ۾ اهڙي مخلوق به هوندي جيڪا حساس ۽ شعور واري هوندي.

قرآن پاڪ جون ڪيتريون ئي تشريحون اهو ظاهر ڪن ٿيون ته آسمانن ۾ به مخلوق جو وجود آهي. ان مان گهٽي ته الله تعاليٰﷻ جي اها فرمانبردار مخلوق آهي، جيڪا جِنَ جي عنوان هيٺ اچي ٿي. قرآني آيتون به اهو ئي ٻڌائن ٿيون ته آسمانن ۾ الله تعاليٰﷻ جي مخلوق ان جي عبادت ۾ مصروف آهي ۽ ان جي نالي جو ورد به ڪري ٿي.

جيئن ته سائنس انهيءَ حقيقت کي مڃي ورتو آهي ته ڪائنات ۾ سيئي ستارا سخت قسم جي تپش جا مرڪز آهن. انهيءَ ڪري ظاهر آهي ته انهن تي رهڻ يا آباد ٿيڻ لاءِ اهڙا مختلف نظام هئڻ گهرجن، جيڪي توانائيءَ جي ايڪي يا ڪوانٽا مان جڙيل هجن؛ يعني جِنَ. اڄڪلهه جا بي دين ماڻهو به اهو ئي چون ٿا ته ڪائنات ۾ ڪنهن قسم جي غير زميني مخلوق جو وجود ضرور هوندو. هتي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته اها مخلوق انساني جسم جي شڪل ۾ نه هوندي. پڪ سان ڪائنات جي اندر ڪيترائي اهڙا گرهه به هوندا جتي مادي وجود رکڻ واري مخلوق جي زندگي ممڪن ٿي سگهي ٿي پر اهم ڳالهه اها آهي ته ڪائنات ۾ مجموعي طور اهڙي مخلوق تمام گهٽي هوندي جيڪا توانائي جي ايڪن تي مشتمل هوندي. ڪائنات ۾ وٿيون ايتريون ته پکڙيل ۽ گهٽيون آهن جو رڳو نج توانائيءَ جي وجود واري مخلوق ئي انهيءَ لائق ٿي سگهي ٿي ته اها هڪ ستاري کان ٻئي ستاري تائين سفر ڪري سگهي.

اسان جو مقصد اهو نه آهي ته ڪائنات ۾ شعور رکڻ واري زندگيءَ تي بحث ڪريون. بهرحال مٿين بحث مان ٽي نڪتا سامهون اچن ٿا جيڪي ايمان وارن جي لاءِ تمام اهم آهن.

1. جنن جو وجود آهي ۽ ڪائنات ۾ زندگيءَ جي بنيادي وجود جي لحاظ کان، عام طور تي اها ئي جيئري مخلوق اتي رهي ٿي. آسمانن ۾ وسندڙ مخلوق جي اها گهڻائي غير مادي ۽ توانائيءَ مان ٺهيل آهي.

2. فضا ۾ انسان يا انسان سان ملندڙ جلندڙ ڪنهن مخلوق جو هجڻ لڳ ڀڳ ناممڪن آهي پر جيڪڏهن اها ڳالهه مڃجي به ڪٽي ته ڪنهن ٻي ڪهڪشان ۾ اسان جي زمين جهڙيون خاصيتون رکندڙ ٻيو ڪو گرهه موجود به آهي، ته به اها ڳالهه غلط ٿيندي ته اڏندڙ ٿالهي جهڙين فرضي ۽ خيالي شين جو وجود گهڙي ونجي جو انهيءَ ۾ ته اربين نوري سالن جا مفاصلا آهن. تڏهن وڃي اهي اسان جي زمين تي يا ان جي



ويجهو پهچي سگهن ٿا. اهي فرضي ڪهاڻيون اصل ۾ بي دين ذهنن جي پيداوار آهن جن جو مقصد ئي اهو آهي ته اهي آسماني ڪتابن ۾ ماڻهن جي ايمان کي تباهه ڪن ۽ ان جي جاءِ تي ارتقا واري انهيءَ نظريي کي آڻين جنهن جي ڪوڙ جو ننڍڙو بوڙيو به هاڻي ئي ڦاٽو آهي.

3. هن آيت جا لفظ ”۽ اهي سيئي جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي مري ڪري پوندا“ مان جيڪو تصور اڀري ٿو، سو جِنَ يا انهن سان ملندڙ جلندڙ ڪنهن مخلوق جي وجود بابت ئي آهي. ائين ٻي آيت سڳوري ٻن معجزاتي صفتن جي نشاندهي ڪري ٿي.

الف — اهو ته آخرت يا قيامت جي ويجهڙ واري زماني ۾ انسان فضائي ويڪر تي سوڀ ماڻي وٺندو.

ب — اهو ته آسمان ۾ اها حس واري مخلوق، جيڪا توانائيءَ مان ٺهيل آهي سا جِنَ ئي آهي.

پر توانائيءَ مان ٺهيل انهيءَ مخلوق کان سواءِ ملائڪن جو وجود پڻ آهي. اهو ضروري آهي ته ملائڪن جي باري ۾ هن طرح سمجهيو وڃي ته اِها اُها مخلوق آهي جيڪا پنجين يا ڇهين رخ يا ماپ (Dimension) ۾ وجود رکي ٿي. جيڪڏهن انهن جو وجود ٻئي ڪنهن رخ ۾ آهي پر انهن جو اهو وجود مادي ڪائنات جي فضا ۾ به اوچتو ظاهر ٿي سگهي ٿو. انهيءَ موضوع تي مان هن کان اڳ موضوع نمبر 29 ۾ به اشارو ڪري چڪو آهيان.

بهرحال، اڄوڪي دؤر جي سائنس جي لاءِ، ملائڪن ۽ جنن جي باري ۾ هر موضوع بي مهل ۽ وقت کان اڳ آهي. ايندڙ سالن ۾ اميد آهي ته انهيءَ باري ۾ ڪجهه وڌيڪ ٻڌائي سگهبو.

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 37

# زندگي ۽ موت جي تبديلي

يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَيُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۗ وَ كَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿١٩﴾ (الروم ٦٩)

”هو جيئري مان مئل کي ڪڍندو آهي ۽ مئل کي زنده مان ڪڍندو آهي ۽ زمين کي ان جي مري وڃڻ کان پوءِ حياتي ڏيندو آهي. ائين ئي توهان به (مئل حالت مان) ڪڍيا ويندؤ.“

قرآن پاڪ ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون آيتون آهن، جيڪي هن آيت سان ملندڙ جلندڙ آهن. اسان هتي هن آيت جي خاص طرح سان تشريح ڪنداسين: ڇاڪاڻ ته اهي ماڻهو، جيڪي مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ تي يقين نٿا رکن، سي هن آيت ۾ ڏنل تمام اهم سائنسي پيغام کي ڄاڻي سگهن. ڏنو وڃي ته هن آيت جي شروعات خاص طرح سان هنن لفظن سان ٿي رهي آهي: ”هو جيئري کي مئل مان ڪڍندو آهي“، جيڪڏهن انهيءَ جي شروعات ان کان يڪدم پوءِ آيل فقري سان ٿئي ها ته اسان کي اهو عام قسم جو قدرت جي حياتياتي مظهر جو بيان نظر اچي ها.

ڪيترن ئي مفسرن هن آيت جي مجازي معنيٰ ورتي آهي جنهن موجب هنن ڪفر کي موت سان ۽ ايمان کي زندگيءَ سان تشبيهه ڏني آهي. اهي خيال به احترام جوڳا آهن پر انهن واقعن کي جيڪڏهن آيت جي آخري حصي ۾ ڏنل، مرڻ کان پوءِ واري زندگي ۽ قيامت جي بيان کي سامهون رکي ڏٺو وڃي ته اها حقيقت ظاهر ٿي پوي ٿي ته هن جي پهرين ۽ اصلي معنيٰ سائنسي ۽ حياتياتي پاسي واري آهي.

اچو ته هاڻي اسان انهن حياتياتي عجائبن جو شمار ڪريون جتان جيئرو مئل مان نڪرندو آهي.



1. ڪجهه جاندار اُن وقت ئي مري ويندا آهن جڏهن اهي ٻچا ڄڻيندا آهن. انهيءَ مخلوق جي اها نه بدلجندڙ قسمت آهي. مثال طور:

الف – نانگ جهڙي بام مڇي دريائي ڊيلٽا ۾ ملندي آهي، يعني انهن علائقن ۾ جتي درياءُ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. هڪ قسم جي بام مڇي، ميڪسيڪو نار ۾ ڊگهو سفر ڪري آنا لاهڻ واري جاءِ تائين پهچندي آهي ۽ ٻچن جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي مري ويندي آهي. اهو ائين ئي آهي جو ڄڻ ته اهي ٻچا مئل مان ئي نڪرندا آهن. حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه اها آهي ته اهي ئي ٻچا ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ ۾ انهيءَ ڊيلٽا تائين پهچندا آهن جتان کان انهن جي ماءُ آئي هئي. اهو فاصلو ڏهه هزار ڪلوميٽر آهي. اهي ٻچا انهيءَ ئي جاءِ تي رهڻ شروع ڪندا آهن. قدرت جي انهيءَ عظيم راز جي ڪهاڻي هاڻي ويجهڙائيءَ ۾ ئي معلوم ٿي سگهي آهي، جيڪا ڪليل ذهن وارن حياتياتي ماهرن کي ايمان آڻڻ تي مجبور ڪري ٿي.

ب – ڪوريئڙن ۽ پوپٽن جا ڪجهه قسم آنو لاهڻ کان ڪي ٿورڙا پلڪ گهڙيون اڳ مري وڃن ٿا. ڪوريئڙن جا ڪي اهڙا قسم به آهن جن ۾ مادي ڪوريئڙو نر ڪوريئڙي کي لڱ واري عمل دوران ئي ماري ڇڏيندو آهي، جڏهن ته نر ڪوريئڙي جي مني ان جي مري وڃڻ کان پوءِ ئي مادي ڪوريئڙي جي ڳڀيرڻ ۾ داخل ٿي سگهندي آهي.

ٻ – انسانن ۾ به ڪيترائي دفعا ائين به ٿيو آهي ته هڪ ٻار پنهنجي ماءُ جي مرڻ کان چوويهه ڪلاڪ پوءِ پيدا ٿيو آهي. ماءُ جي مرڻ کان ڪجهه ڪلاڪ پوءِ جا ته ڪيترائي واقعا ٿيندا رهندا آهن.

2. اهي جيڪي مئل حالت مان واپس اچن ٿا. گذريل ڏهن سالن ۾ آمريڪا جي اهڙن هزارين ماڻهن تي انتهائي دلچسپ ۽ سنجيده کوجنائون ڪيون ويون آهن، جيڪي طب جي اصولن تحت مئل سڏيا ويا هئا، پر پوءِ اهي جيئرا ٿي پيا اهڙين کوجنائن جو مختصر تت جيڪو روح جي وجود جو ثبوت ڏئي ٿو، هيٺ بيان ڪيو وڃي ٿو.

آمريڪا جي مخلتف يونيورسٽين ۾ جدا جدا قسم جا تجربا ڪيا ويا آهن. ماهر نفسيات ريمنڊ موڊي (Moody) اهڙن پنجانوي ماڻهن جا تجربا لکيا آهن جن کي انهن جي مرڻ کان پوءِ زندگيءَ ۾ ٻيهر موٽڻ جو موقعو مليو هو. آمريڪا جي مخلتف حصن سان تعلق رکندڙ انهن ماڻهن جا اهي تجربا، جيڪي انهن کي انهيءَ وقت ٿيا جڏهن انهن جي دلين جي ڌڙڪڻ رڪارڊ نه ٿي سگهي هئي، سدائين هڪجهڙا ئي نڪتا. يعني اها اڻ کٽ فضائي ويڪر ۾ هڪ چمڪاٽ ڪندڙ لافانيت (Radiant Immortality) هئي. ڪنڪٽيڪٽ يونيورسٽي جي پروفيسر ڪينٿ رنگ جي تحقيق به اهڙي ئي قسم جا نتيجا ظاهر ڪيا آهن. ڪجهه سائنسدانن انهيءَ

www.sindhsalamat.com

جو اهو سبب بيان ڪيو آهي ته اهڙي قسم جا نتيجا انهيءَ ڪري مليا آهن جو لاڳاپيل ماڻهن جي زندگيءَ جو پس منظر عيسائيت جي زير اثر هو. پر جڏهن ڪارلس اوسس (Osis) پنهنجي ويٽنام ۽ هندستان وارين ڪوجنائن منجهان به اهو ئي نتيجو ڪڍيو ته ان کي به معتبر سائنسي لکڻين ۾ شامل ڪيو ويو. ڊاڪٽر فريڊ سڪونس (Fred Schoonis) اهڙن ماڻهن جي اي سي جي (Electro Cardiogram) جو غور سان لڳاتار مطالعو ڪيو ۽ رڪارڊ ڪرڻ وارين مشينن ۽ اوزارن جي مدد سان انهن جي موت ۽ پوءِ واري زندگيءَ ۾ انهن جي ٻيهر واپسي جا مثال گڏ ڪيا. ايئن اها ڳالهه ڄاڻ ۾ آئي ته جڏهن انهن مريضن هڪ مخصوص وقت جي باري ۾ اهو ياد ڪيو ته انهن تي موت نه آيو هو ته بلڪل انهيءَ ئي وقت انهن جي دلين جي ڌڙڪڻ رڪيل ڏٺي وئي هئي.

پڪ سان اهو هڪ اهڙو آخري پيغام آهي جنهن جي ذريعي الله تعاليٰﷻ انسانن ۾ روح جي موجودگيءَ جي باري ۾ يادگيري ڪرائڻ گهري ٿو.

3. هن آيت سڳوريءَ مان سڀ کان اهم معنيٰ جيڪا ڪڍي سگهجي ٿي سا بنا ڪنهن شڪ جي مٿي زمين مان جاندار (Organism) جو نڪرڻ آهي. انهيءَ عظيم حقيقت جي باري ۾ مان هن کان اڳ ۾ به بيان ڪري چڪو آهيان. يادگيريءَ کي تازو ڪرڻ لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته (DNA) جي سڀ کان ننڍڙي ذرڙي جي بنياد تي زندگيءَ جو وجود ۾ اچڻ، حقيقت ۾ الله تعاليٰﷻ جو هڪ عظيم الشان معجزو آهي. اهو عجوبو جيڪو اڄ جي ڪٽر بي دين کي به حيرت ۾ وجهي ڇڏي ٿو، سو زمين مان پهرين جيئري (DNA) جي جوڙجڪ آهي. ايئن مٿي زمين مان پهرين جاندار (مخلوق) جي نڪرڻ جو اهو ئي عمل آهي.

زمين تي ڪريل گلاب جي گل مان هڪ ڪيڙي يا پوپٽ جي نئين زندگي واري حقيقت، انهيءَ فرمان واريون رمزون رکي ٿي ته، هو مئل کي جيئري مان ڪڍندو آهي. جن ماڻهن علم حياتيات جو مطالعو ڪيو آهي، انهن جي لاءِ آيت سڳوريءَ جو اهو فرمان هڪ سچو معجزو آهي. هڪ مرندڙ جاندار پنهنجي جسم جا سمورا ذرڙا (ماليڪيول) مٽيءَ جي ليبارٽريءَ جي حوالي ڪندو آهي. حقيقت ۾ آيت جي ٻئي حصي جي معنيٰ به اتي ئي اچي ملي وڃي ٿي. هڪ جاندار پنهنجي جسم جي ذرڙن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري هوا ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي شڪل ۾ ڇڏي ڏيندو آهي. اهو هڪ طرح سان جيئري مان مئل کي ڪڍڻ آهي. اِن نڪتي جي وڌيڪ تشريح اسان اڳتي هلي ڪنداسين.

انهيءَ سلسلي ۾ اسان لاوي واري غار ۾ جنهن ڪيڙي جو مثال موضوع نمبر 32 ۾ ڏنو هو، سو پڻ مئل مان جيئري کي ڪڍڻ جو ناقابل انڪار ثبوت آهي. 3000 ڊگري جي تپش واري انهيءَ غار ۾ جيڪڏهن ڪا نامياتي باقيات (Organic Remainants) نه به هجي، ته به اتي ڏيڍ کان ٻه ميٽر ڊگها ۽ عجيب قسم جا ڪيڙا پيدا ٿي سگهن ٿا. اهڙي طرح پاڻيءَ مان زندگيءَ جو پيدا ٿيڻ پڻ پنهنجو پاڻ ئي هڪ تمام اهم مثال آهي ته ڪيئن نه مئل مان جيئرو نڪري ٿو.



4. قرآن جي آيتن ۾ الله تعاليٰﷻ جيڪو ڪيترين ئي جائين تي اهو اعلان ڪيو آهي ته ”اسان جيئري کي مئل مان ڪڍندا آهيون“ سو پنهنجي اندر بي دينن لاءِ هڪ تمام ئي سنجيده جواب رکي ٿو. ڇاڪاڻ جو بي دين ماڻهو سدائين ائين چوندا آهن ته ”زندگي ته رڳو زندگيءَ مان ئي ڦٽندي آهي.“ مٿي ڏنل مثال چٽيءَ طرح سان اهو ٻڌائن ٿا ته اهي ماڻهو ڪيترو نه غلطيءَ تي آهن.

هِن موقعي تي مان هڪڙي تمام اهم نڪتي جي وضاحت ڪرڻ گهرندس. هر جاندار جو نمائندگي ڪندڙ جيني ڪوڊ پنهنجن سمورن تفصيلن سميت هڪ طرح سان سڪوني حالت ۾ هوندو آهي، اجا به ائين چئجي ته مئل هوندو آهي. جيستائين جو ان کي حرڪت وارو ٿيڻ لاءِ حڪم نٿو ملي وڃي. حقيقت ۾ تمام سنهڙا جراثيم ۽ وائرس هڪ بي جان مئل حالت ۾ ائين هلندا ويندا آهن، جيئن چميل بلور هوندا آهن ۽ اهي ان وقت تائين انهيءَ ئي حالت ۾ رهندا آهن، جيستائين حفاظتي ڪوٽ وارن انتهائي ننڍڙن ۽ هڪ جيو گهرڙي وارن اندروني خوردبيني بناوت کي پاڻي نٿو ملي وڃي. انسانن ۾ پڻ اهڙي قسم جو مشاهدو ملي ٿو. هر جيو گهرڙو، مثال طور ٻاهرين کَل جي تهه وارو جيو گهرڙو (Epidermal Cell) هڪ مڪمل انسان جي جيني ڪوڊ وارو هوندو آهي. اهي جيو گهرڙا پنهنجو پاڻ ڪڏهن به هڪ انسان کي جوڙي نٿا سگهن ڇاڪاڻ ته سواءِ هڪڙي حصي جي، باقي سمورو ڪوڊ لڪيل هوندو آهي. هڪ لحاظ کان اهو ڪتابي علم جي نظر ۾ سڪوني تارُن (Static Wiring) جهڙو آهي. ٻئي پاسي جراثيمن جي حفاظتي ڪوٽن وارن جيو گهرڙن ۾ ۽ شفاف بلورن جي شڪل جي وائرس ۾ زندگيءَ جي لهر جو ڊوڙڻ ائين ئي آهي جيئن مئل مان جيئري کي ڪڍڻ.

نسلي يا نموني جي باري ۾ اهو ئي پيغام اسان کي حوا جي خلقت ۾ نظر اچي ٿو. ڪيترائي ماڻهو اها ڳالهه سمجهڻ کان قاصر آهن ته ڪهڙي طرح حوا کي آدمؑ جي پاسري مان پيدا ڪيو ويو. جيڪڏهن الله تعاليٰ گهري ها ته حوا کي مٽيءَ مان ڪن پل ۾ پيدا ڪري وٺي پيو، ته پوءِ آخر ان کي آدمؑ جي پاسريءَ مان ڇو پيدا ڪيائين؟

حياتيات جي جديد علم مان اسان کي اها ڄاڻ ملي آهي ته انساني جسم ۾ ٻيهر پيدا ڪرڻ لائق جيڪي جيو گهرڙا آهن، سي رڳو هڏي جي مِکُ وارا جيو گهرڙا ئي آهن. اڄ ڪلهه اهي جيو گهرڙا مک مان جدا ڪري ليبارٽريءَ ۾ ٻيهر پيدا ڪري سگهجن ٿا. اهي جيو گهرڙا خاص طور پاڻ به رڳو هڏيءَ جي مِک جا نوان جيو گهرڙا

www.sindhsalamat.com

ئي ناهي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن اهي سمورا قانون (ڪوڊ) چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچي وڃن ته هڪ انسان جي سموري تقدير جي باري ۾ به ڪو آخري فيصلو ڪري سگهجي ٿو. پاسريءَ جي هڏيءَ مان حوا جي پيدائش اسان کي انهيءَ عظيم حياتياتي اسرار کان آگاهه ڪري رهي آهي. ائين انهيءَ فرمان ته ”اسان مٽي مان جيئري کي ڪڍندا آهيون“ جو هڪڙو اسرار ته آدم کي مٽيءَ مان پيدا ڪرڻ سان واسطو رکي ٿو، جڏهن ته حوا جي پيدائش جو اسرار انهيءَ جي پاسريءَ سان لاڳاپو رکي ٿو.

جيستائين جيئري مان مٽي کي ڪڍڻ واري راز جو لاڳاپو آهي، ته سڀ کان پهريان اسان کي جيڪا ڳالهه ذهن ۾ اچي ٿي سا آهي جيئرين شين جو فنا ٿي يا مري وڃڻ وارو تصور. اسان کي علم حياتيات مان ڄاڻ ملي ٿي ته (DNA) جا ذرڙا (ماليڪيول)، جيڪي انتهائي ننڍڙن ايڪن وارا ٿيندا آهن، توانائيءَ جي نمائندگي ڪندا آهن ۽ پنهنجو ئي نقل تيار ڪندي سدائين لاءِ جيئرا رهي سگهندا آهن. انهن جو موت ڏانهن وک وڌائڻ، يعني انهن جي وجود جو سدائين لاءِ ختم ٿي وڃڻ، رڳو الله تعاليٰ ﷻ جي حڪم سان ئي ٿئي ٿو.

هڪ ٻي معنيٰ پڻ انساني جسم جي باري ۾ آهي. پيدائش کان پوءِ، انساني جسم، ٻين لفظن ۾ آدم ؑ جي تقدير ۾ جنت آهي جيڪو عام زندگيءَ واري عرصي تائين محدود نه آهي. اهو گهڻو ڪري عام اعتقاد جي خلاف ڳالهه آهي. ٻين لفظن ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته انساني جسم هميشگيءَ وارو راز رکي ٿو. جڏهن اهو حڪم ڏنو ويو ته ”اڳهاڙا ٿي وڃو ۽ هيٺ لهي وڃو“ ته ان وقت زندگيءَ جو هڪ وقت مقرر ڪيو ويو. ٻين لفظن ۾ فنا يا موت به زندگيءَ جي هميشگيءَ مان نڪتو آهي. هن آيت جي انهيءَ حصي ۾ اهو ئي عرفان ۽ ادراڪ آهي، جنهن جو انهن ماڻهن طرفان اعلان ڪيو ويو آهي جيڪي مرڻ کان پوءِ جياپي ۽ زندگيءَ جي هميشگيءَ تي ويساهه نٿا رکن.

الله تعاليٰ ﷻ جي زنده جي هڪ خاصيت توانائي پڻ آهي ۽ انهيءَ جو بنيادي راز ان جو دوام يا هميشه رهڻ آهي. انهيءَ مان موت جو سڏ قادر مطلق جي حڪم جو راز آهي. ڪيترائي ئي چڱا ڀلا ماڻهو مري ويندا آهن جن جي موت جو ڪو به ظاهري سبب نظر نٿو اچي. ٻئي پاسي ڪيترائي اهڙا بيمار ماڻهو هوندا جيڪي اهم جسماني عمل جي سگهه به وڃائي ويهندا آهن پر پوءِ به جيئرا هوندا آهن. اهو انهيءَ فرمان جو هڪ ٻيو مثال آهي ته ”اسان جيئري مان مٽي کي ڪڍندا آهيون.“ ان کانسواءِ هڪ ٻيو مثال انسان جو پنهنجي اندر جاندار جيوڙن (Organic Molecules) کي داخل ڪرڻ يا هضم ڪرڻ آهي ۽ پوءِ انهن کي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي شڪل ۾ ساهه ٻاهر ڪڍڻ وسيلي ڪڍڻ آهي.

جيئن ته مون هن کان پهريان به ڪيترن ئي موضوعن ۾ توانائيءَ جي باري ۾



چيو آهي ته ڪاربان ۽ نائٽروجن انهيءَ وقت تائين جيئرا هوندا آهن، جيستائين انهن جو بجلي چارج ڪاٽو هوندو آهي. جڏهن اها بجلي چارج واڌو هوندي آهي ته انهيءَ وقت اهو ”مٽي“ هوندو آهي. اهي ٻئي، سموري جيئرن مخلوق جي زندگيءَ جي وچ ۾ پنهنجا پنهنجا نشان لڳاتار بدلائيندا رهندا آهن. اسان انهيءَ عمل جي تياري کي مٽيءَ جي ليبارٽري ۾ ڏسندا رهندا آهيون. ”مٽي زمين کي جيئرو ڪرڻ“ وارن مثالن جي روشنيءَ ۾ اسان کي ٻڌايو پيو وڃي ته قادر مطلق جي حڪم تي ٻيهر جيئرو ٿيڻ جو عمل تمام سؤلائيءَ سان ٿي پوندو.

ڄاڻايل مثالن جي باوجود به قيامت جي ڏينهن ۽ ٻيهر جيئرو ٿيڻ تي ايمان نه آڻڻ لاءِ زور پرڻ، حياتيات جي بنيادي حقيقتن کان اڻ ڄاڻائي جي ڪري ئي ٿي سگهي ٿو. توانائي ۽ موت سان لاڳاپيل اصولن جي سلسلي ۾ وڌيڪ ڄاڻ هن ڪتاب جي موضوع نمبر 10 ۽ موضوع نمبر 13 ۾ پڻ اچي چڪي آهي. سائنس ته سدائين الله تعاليٰ ﷻ جي اها دانائي ۽ سمجهه آهي، جيڪا مٽي دلين ۾ ايمان پيدا ڪندي آهي.

موضوع نمبر 38

# زمين جو حيرت ۾ وجهندڙ ڪمپيوٽر نظام

وَ الۡاَرۡضَ مَدَدۡنٰهَا وَ اَلۡقَيۡنَا فِيۡهَا رَوَاسِيَ وَ اَنۡۢبَتۡنَا فِيۡهَا مِنۡ كُلِّ شَیۡءٍ مَّوۡزُوۡنٍ ﴿۱۹﴾ (الحجر:١٩)

”اسان زمين کي هڪ خاص ڍنگ سان پکيڙيو، ان ۾ جبل کوڙيا سون ۽ انهيءَ ۾ هر شيءِ کي هڪ خاص اندازي سان ڄمايو سون.“

هن آيت کي پهريون دفعو پڙهڻ ڪانپوءِ انهيءَ جي عطا ڪيل عظيم سائنسي پيغام کي سمجهڻ ڪجھ ڏکيو لڳندو آهي. هيءَ آيت اهڙين حقيقتن کي بيان ڪري ٿي جيڪي اڄڪلھ جي ڪوڙن ۽ ٻي دين ماڻهن جي ذهنن تي هڪ هٿوڙي وانگر ڌڪ هڻن ٿيون. جڏهن انهن ٻي دينن کي، جيڪي زمين جي وجود کي هڪ ڪائناتي حادثو سڏين ٿا، هن آيت جي حقيقتن ۽ معنيٰ کي ڏسن ٿا ته ان وقت انهن جي شرمساريءَ جو اندازو ئي نٿو ڪري سگهجي.

هن ڪتاب جي شروع واري هڪ مضمون ۾ زمين جي جوڙجڪ جي سلسلي ۾ حيران ڪندڙ ڳالهين جو مطالعو ٿي چڪو آهي. زمين جو پنهنجي مدار ۾ 23.5 ڊگرين تي جهڪاءُ هڪ اهڙي ته پيچيده ۽ نازڪ حساب ڪتاب جو معاملو آهي، جنهن کي نه ته علم طبعيات جا فارمولا ۽ نه ئي وري فلسفي جا تخمينا حل ڪري سگهن ٿا. مثال طور جيڪڏهن زمين جو جهڪاءُ 25 ڊگري تي هجي ها ته قطبن جا ڇيڙا ٿورڙن ئي سالن ۾ ڳري وڃن ها، جنهن ڪري دنيا جا سمنڊ وهندڙ برف سان سٽجي وڃن ها. ٻئي پاسي جيڪڏهن انهيءَ جو جهڪاءُ 22 ڊگرين تي هجي ها ته اتر قطب جي سموري برف سموري يورپ کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏي ها، جنهن جي نتيجي ۾ زمين جي خط استوا واري حصي تي زندگيءَ جو وجود ممڪن ئي نه رهي



ها. الله تعاليٰ ﷻ هن آيت سڄوريءَ جي شروع ۾ ئي انهيءَ حقيقت کي انتهائي مهارت ۽ چٽائيءَ سان بيان ڪري ڇڏيو آهي ته هن زمين کي هڪ تڪيل توريل اندازي تي وڇايو آهي. ايئن زمين جو وڇائڻ ۽ انهيءَ جو حڪم ڏيڻ، زمين جو ان جي مدار تي 24 ڪلاڪن ۾ گردش پوري ڪرڻ سان خاص لاڳاپو رکي ٿو. جيڪڏهن اها پنهنجي انهيءَ ڦيري کي ٽيهن ڪلاڪن ۾ پورو ڪري ها ته ان جو نتيجو اهو ٿئي ها جو انهيءَ تي ايتريون ته تيز هوائون گهلڻ لڳن ها جو اها هر جيئري مخلوق جي لاءِ هڪ طوفاني بيابان بڻجي وڃي ها. ٻئي پاسي جيڪڏهن زمين پنهنجو ڦيرو ويهن ڏينهن ۾ پورو ڪري ها، ته زمين تي ڦٽندڙ ڪيترائي ٻوٽا پنهنجي حياتياتي سرگرمي پوري نه ڪري سگهن ها جنهن ڪري اهي آخرڪار سڙي سڪي ختم ٿي وڃن ها.

زمين جو پکيڙڻ ۽ انهيءَ کي هڪ خاص ڍنگ سان وڇائڻ، جيئن هن آيت جي پهرين حصي ۾ ذڪر ٿيو آهي، تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن زمين پنهنجي مدار تي سهڻي نموني ۽ هڪجهڙائيءَ سان گردش ڪري. هڪ مشهور پادري پروفيسر چواڻي: جيڪڏهن اهو لاجواب نتيجو ڪنهن اتفاقي عمل سان حاصل ٿي سگهي ها ته پوءِ جي لاءِ ڪروڙن جي تعداد ۾ آزمائشن مان گذرڻو پوي ها.

قرآن پاڪ جي اندر ڪيترين ئي جائين تي الله تعاليٰ ﷻ پنهنجي پيدا ڪيل ترتيب ۽ طريقن جي باري ۾ جيڪي حيرت ۾ وجهندڙ حقيقتون بيان ڪيون آهن، انهن جو مقصد اهو آهي ته جڏهن انهن جو غور سان مطالعو ڪيو وڃي ته زمين ۽ ڪائنات جي تخليق سان لاڳاپيل عظيم رياضياتي ۽ طبعياتي معجزا انساني ذهن کي لاجواب ڪري ڇڏين ته جيئن هو الله تعاليٰ ﷻ جي عظمت جو شاهد بڻجي وڃي.

هن آيت سڄوريءَ ۾ جيڪو سڀ کان اهم پيغام ڏنو ويو آهي، سو اهو آهي ته زمين جي پيدا ڪيل شين کي بلڪل پورو تناسب ۽ توازن عطا ڪيو ويو آهي. اهي شيون ڇا آهن؟ ۽ انهن شين جي تناسب جي لاءِ ڪهڙا بي مثال وسيلا آهن؟

اڄ تائين جيڪي سائنسي کوجنائون ٿي چڪيون آهن، انهن مطابق حيوانن ۽ بيڪٽيريا جي وچ ۾ هڪ متوازن عمل ۽ رد عمل جو سلسلو قائم آهي. بيڪٽيريا جي ذمي اهو ڪم آهي ته اهي حيوانن منجهان نائٽروجن حاصل ڪري، انهن کي ٻوٽن تائين پهچائن؛ ٻوٽا آڪسيجن تيار ڪن ٿا جيڪا وري حيوانن ۽ ٻين جراثيمن جي ضرورت آهي. ٻئي پاسي جانور ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ نائٽروجن بيڪٽيريا جي واسطي سان ٻوٽن تائين پهچائن ٿا. انهيءَ کي زندگيءَ جي ڪَڙي پڻ سڏيو ويندو آهي.

زندگيءَ جي ڪڙي ته انهيءَ طرح ملي ٿي، پر اهم ڳالھ اها آهي ته هوا ۾ آڪسيجن جو ويھ سيڪڙو تائين قائم رهڻ تمام ضروري هوندو آهي. اها ئي اها جاءِ آهي جتان قدرت جي انتهائي باريڪ بينين جي ابتدا ٿئي ٿي. هر قسم جو دونهون ۽

www.sindhsalamat.com

خارج ٿيڻ واريون شيون، ٻوٽن جي وسيلي آڪسيجن ۾ بدلجي وڃن ٿيون. انهيءَ مقصد جي لاءِ هڪڙي سپر ڪمپيوٽر جي ضرورت پوي ٿي جنهن جي وسيلي مطالعو ڪيو وڃي ۽ مختلف ٻوٽن جي قسمن جو حسابي اندازو لڳائي سگهجي، جن جي ضرورت هوا ۾ ويهه سيڪڙو آڪسيجن جي وجود کي قائم رکڻ لاءِ پوي ٿي. ائين انهيءَ لاءِ هڪ عظيم خدائي ڪمپيوٽر گهرجي جيڪو ٻوٽن جي انهيءَ تعداد جو حساب رکي، جيڪو ٻُخارِين مان نڪرندڙ دونهين ۽ انسانن کي گهربل آڪسيجن جو پڻ حساب رکي سگهي ۽ پوءِ هوا جي لاءِ مناسب مقدار ۾ آڪسيجن جي فراهميءَ جو انتظام ڪري. ايتري حيرت ۾ وجهندڙ حد تائين حساب ڪتاب ته هڪڙو معجزو ئي ٿي سگهن ٿا. هيءَ آيت سڳوري انهيءَ ڳالهه جو اعلان ڪري ٿي ته ”هن (الله) هر قسم جا ٻوٽا تڪيل توريل مقدار سان اپايا آهن.“ اها ڳالهه چوڏهن سؤ سال اڳ انهيءَ وقت ٻڌائي وئي جڏهن انهن سيني حقيقتن جي ڄاڻ ڪنهن کي به نه هئي.

لکين ڪروڙين سال اڳ، زمين تي پري پري تائين پکڙيل ٻوٽن جي ڄڻ ته ڪا سَوَڙِ اوڍيل هئي. انهيءَ جو مقصد اهو هو ته فضا ۾ آڪسيجن جي توازن کي وڌايو وڃي. اهڙن ٻوٽن جي مناسبت سان ئي ته ڊائنوسار جهڙا ديوقامت جانور هن زمين تي هلندا ڦرندا هئا. آخر ڪار آڪسيجن جي نسبت ويهه سيڪڙي کان وڌڻ لڳي. انهن وڏن جانورن جو انهن ٻوٽن کي کائي وڃڻ ۽ انهن جانورن منجهان خارج ٿيندڙ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ به ايتري نه هئي جو ٻوٽن مان ضرورت کان وڌيڪ پيدا ٿيندڙ آڪسيجن کي ڪنهن طرح سان روڪي سگهجي.

ائين انهيءَ موقعي تي هڪ تمام وڏي ارضياتي اٿل پٿل آئي جنهن جي نتيجي ۾ ديوقامت وڻ ۽ ڊائناسار جهڙا ازدها جانور زمين جي ٽڪري تان غائب ٿي ويا. ان کان پوءِ الله تعاليٰ ﷻ مڇين، پکين ۽ کير ڏيندڙ جانورن کي پيدا فرمايو. (ارتقا واري نظريي جي حامين جا ڪِلَ جهڙا نظريا هتي بلڪل پوئتي رهجي ويا آهن، جڏهن ته دوان گش (Duane Gish) مطابق سڀ کان ويجهي دعويٰ اها ئي آهي جيڪا هينئر بيان ڪئي وئي).

جيئن ته هيءَ آيت ڪريمه ان ڳالهه جو اعلان ڪري ٿي ته ٻوٽن جو تعداد ايترو ته تناسب سان ۽ توازن ۾ آهي جو هر وڻ جي ذمي اهو ڪم لڳايو ويو آهي ته اهو هر بخاريءَ مان نڪرندڙ دونهين کي صاف ڪري. انسان گڏيل طور ايترو ته اڻ ڄاڻ ۽ بي احساس ٿي ويو آهي جو هو قادر مطلق جي انهيءَ نازڪ حساب ڪتاب جي گَهرائيءَ تائين پهچي نٿو سگهي. اهو ئي سبب آهي جو هو جهانن جي پالڻهار جي اسرارن جو صحيح طرح سان شعور به حاصل نٿو ڪري سگهي. اسلام وڻن جي اهميت ۽ حفاظت ۽ انهن جي وڌيڪ پوکيءَ جي لاءِ جيڪو حڪم ڏنو آهي تنهن مان مٿي بيان ڪيل حقيقتن جو اظهار ٿئي ٿو.



هاڻي مان وڌيڪ حيرت ۾ وجهندڙ حساب ڪتاب جو ذڪر ڪريان ٿو. هر بيماريءَ جي لاءِ الله تعاليٰ ﷻ هڪ ٻوٽي (وڻ وغيره) ۽ خوردبيني مخلوق کي علاج طور مقرر ڪيو آهي. پوءِ چاجي ڪري گمراهه ۽ اڻ ڄاڻ زبانون انهيءَ نظام يعني زمين جي تخليق کي، ان تي انسانن جي آبادڪاريءَ کي ۽ ان جي لاءِ ٻوٽن، جراثيمن ۽ بيڪٽيريا جي وسيلي علاج مهيا ڪرڻ کي هڪ اوچتي واقعي جو نالو ڏين ٿيون.

هتي مان هڪ ٻي حقيقت جو به انڪشاف ڪندس جنهن کان پوءِ ٻي دين ماڻهو پنهنجو ڪنڌ جهڪائڻ تي مجبور ٿي پوندا. دنيا ۾ بلڪل اوترائي فاڪس گلو* (Foxglove) ٻوٽا موجود آهن، جيڪي دل جي سيني مريضن جي لاءِ ڪف ثعلب (Digitalias) علاج مهيا ڪري سگهن ٿا. ڀنگ جا ٻوٽا دنيا اندر ايتري تعداد ۾ آهن جو انهن مان تيار ڪيل دوائون سمورن مريضن جي بيمارين، سندن مصيبت کي گهٽائي سگهن ٿيون، پر افسوس جو انهن ئي ٻوٽن مان ٺهيل هڪ شيءِ چرس ته ڪاري ڏنڌي جو وڪر بڻجي پيو آهي، جنهن جو بنياد خود غرضي ۽ لالچ آهي. اها شيءِ ڪن اٻوجهه، اجا به ائين چئجي ته چريائپ جي حد تائين پهتل ماڻهن جي لاءِ وقتي، پر خطرناڪ حد تائين خوشيءَ جو سامان مهيا ڪري ٿي.

زمين ۾ شين جي متوازن پيداوار جو هڪ تمام اهم مثال هي به آهي ته اڄ کان لڳ ڀڳ سؤ سال اڳ تائين انسان جي لاءِ گرمي ۽ توانائيءَ جون ضرورتون رڳو جلائو ڪاٺ جي وسيلي ئي پوريون ٿي سگهنديون هيون. جيڪڏهن ڪوئلو ۽ تيل نه ملي ها ته زمين جي مٿاڇري تان وڻن ۽ ٻيلن جو وجود ئي اڻ لڀ ٿي پوي ها. پر انهيءَ اهم موقعي تي قدرت جي ڪمپيوٽر لکين، ڪروڙين سالن کان تيار ڪيل ڪوئلو ۽ تيل مهيا ڪري ورتو ۽ ايترو ته جهجهي مقدار ۾ مهيا ڪيو جو دنيا جي سيني ماڻهن لاءِ ڪافي ٿي پيو آهي. پر بدقسمتيءَ سان انسان پنهنجي انانيت جي بنياد تي تيل کي هٿيار جي طور استعمال ڪندي، تاريخ جي سڀ کان وڏي جنگ وڙهي رهيو آهي. انهيءَ ۾ اسلامي دنيا جو ڪهڙو ڪردار آهي؟ جيئن ته ان هِن وقت تائين صحيح طرح سان قرآن کي نه پنهنجايو آهي، ته اها انهيءَ مسئلي جي باريڪين کي سمجهي نه سگهي آهي ۽ نه نين ڪِي سائنسي ايجادن جي اهميت کي سمجهي سگهي آهي. ائين اها پنهنجي گهر جي پٺ ۾ اڀرندڙ دولت کي هڪي ٻڪي ٿي ڏسي رهي آهي.

اچو ته هاڻي اسين زمين جي وجود ۾ ڌاتن جي موجودگيءَ جي لحاظ کان صحيح توازن جو مطالعو ڪريو.

اسان زمين جي اندر واري مرڪزي ڍانچي ۽ ان جي چوڦير پٿري حالت ۾ ڌاتن جي تناسب جي باري ۾ ڪا به ڄاڻ نٿا رکون پر زمين جو مٿاڇري تي، جنهن تي اسان

---

*ڪف ثعلب جي جنس منجهان هڪ ٻوٽو جنهن تي واڱڻائي يا اڇا گهنڊڙي نما گل ٿين ٿا.

www.sindhsalamat.com

رهون ٿا، مختلف قسم جا عنصر (Elements) اهڙي طرح ورهايا ويا آهن، جو ائين ٿو سمجهه ۾ اچي ڄڻ ته ڪنهن سائنسي ڪميٽيءَ خريداريءَ جي هڪ فهرست ٺاهي ورتي آهي ۽ انهيءَ موجب شيون هڪ اڻ کٽ ۽ طاقتور ڪارخاني مان مهيا ڪيون پيون وڃن. تهذيب ۽ تمدن جي جيڪا سطح الله تعاليٰ ﷻ مقرر ڪئي آهي انهيءَ تناسب سان زمين تي هر هڪ جوهر يا مادو ملي ٿو. عمارتن جي جوڙڻ ۾ سليڪان جا مرڪب، لوهه ۽ پوٽاشيم وغيره بنيادي جزا آهن. جيڪڏهن انهن مان هڪ جز به موجود نه هجي ته اسان دنيا جي شهرن جا موجوده نظارا نه ڏسي سگهون ها.

ايا ڪالهه تائين اسان کي اها به خبر نه هئي ته پاڻي الله تعاليٰ ﷻ جي ڪيڏي نه وڏي نعمت آهي. اڄ اسان ڄاڻون ٿا ته پاڻيءَ ۾ موجود ڪيلشيم بائيڪاربونيٽ، هاضمي واري نظام کي ترتيب ڏيڻ لاءِ انتهائي ڪارائتي شيءِ آهي. تمام اهم جزن، مثلاً لوڻ جي زمين تي ورڇ، انهيءَ نسبت سان ڪئي وئي آهي جو ائين ٿو محسوس ٿئي ته انسان جو نزول چڱيءَ طرح سان ليس هڪ حياتياتي ليبارٽري ۾ ٿيو آهي. ڇا توهان ڪڏهن انهيءَ ڳالهه تي ويچار ڪيو آهي ته لکين سالن کان سمنڊ جو پاڻي ٻاڦ بڻجي اڏامي ٿو ۽ پوءِ وري دريائن وسيلي سمنڊ ۾ ئي واپس پيو اچي؟ انهيءَ سموري سلسلي ۾ نوان جزا زمين تان وهي سمنڊ ۾ پهچندا رهن ٿا. پوءِ به سمنڊ جي پاڻيءَ جي ترتيب نه بدلي آهي. اِهو اِن خدائي ڪمپيوٽر جي عظيم الشان معجزي تي ويچار ڪريو ته لکين واقعا ٿين ٿا، پر زمين جي پيداوار تي الله تعاليٰ ﷻ جيڪو متوازن تناسب قائم ڪيو آهي، سو ڪڏهن به نٿو بدلجي. انهيءَ ڪري آهي جو لوح محفوظ، جنهن تي اهو سڀ ڪجهه لکيو ويو آهي، قدرت جو هڪ عظيم قانون آهي ۽ اهو ئي قرآن جو قانون پڻ آهي.

ڌاتن ۾ ڪن ڌاتن جا نالا ته رڳو گذريل ڏيڊ سؤ سالن ۾ ئي ٻُڌا ويا آهن: جهڙوڪ بريليم (Belyllium)، يورونيم، ڪاڊميم (Cadmium)، ٽنگسٽن (Tungsten)،ٽنٽلم (Tuntalum) ۽ گيليم (Gallium) وغيره. جڏهن اهي ڌاتو پهريون پهريون دفعو لڌا ويا هئا، تڏهن هر ڪنهن انهن کي رڳو ليبارٽرين جو سينگار ئي سمجهيو هو. ان ڳالهه جو احساس ته اڳتي هلي ٿيو ته ترقي يافته ٽيڪنالاجي جي اڏاوت ۾ انهن جو وجود اٽر آهي. تمام گهٽي گرمي پد وارن فني ڪمن جي لاءِ ايٽمي توانائيءَ جي استعمال ڪان وٺي، انهن مان هر هڪ ڌاتو تمام اهم خاصيت جي نمائندگي ڪري ٿو. زمين تي انهن جو وجود انهيءَ ئي ترتيب سان آهي جنهن ترتيب سان انهن جي ذمي ڪو ڪم سونپيل آهي ۽ جيڪو انهن جي تقدير طور مقرر آهي.

زمين جي مٿاڇري تي موجود سيني عجوبن منجهان هڪ عجوبو اهو آهي جيڪو الله تعاليٰ ﷻ انسان کي ان تي موڪلڻ کان اڳ دنيا جي تابڪاري جزن جي



موجودگيءَ وسيلي عطا ڪيو. زمين جي سطح (Crust) ۾ انهيءَ جو وجود ايترو ته صحيح ۽ مڪمل تناسب ۾ آهي جو انسانن جي ڪا سائنسي ڪميٽي به انهيءَ کي اهڙيءَ طرح مهيا نٿي ڪري سگهي.

ائين يورونيم 235 ايٽمي توانائي مهيا ڪري ٿو. پنهنجي اصلي قدرتي ملنڊڙ جاءِ تي بلڪل معصوم ۽ بي ضرر هوندو آهي پر جڏهن ان کي صاف يا Purify ڪيو ويندو آهي ته هڪ انتهائي خطرناڪ شيءِ بڻجي ويندو آهي. ڪانسواءِ ڪاربان 14 حياتياتي سرگرمي کي ظاهر ڪري ٿو جيڪي اصلي ۽ حيران ڪري ڇڏڻ واري حد تائين خوبصورت شيءِ آهن، سي آهن ڌاتوءَ وارا چشما. اهي اهڙا پاڻي هوندا آهن جيڪي ٿوري ۽ مناسب مقدار ۾ تابڪاري جزن وارا هوندا آهن ۽ سموري دنيا ۾ لکين ۽ ڪروڙين انسانن جي چڱڀلائيءَ جو ذريعو آهن.

هاڻي توهان زمين جي تابڪاريءَ کي بلڪل ئي ٻئي پاسي کان ڏسو. جيڪڏهن زمين ۾ يورونيم رڳو يورونيم 235 آئسوٽوپ جي شڪل ۾ ملنڊڙ هجي ها ته دنيا پنهنجي تخليق جي ٿورڙي ئي عرصي کان پوءِ هڪ طرح سان هڪ جادوگرياڻي يا ڏائڻ جي ڪڙاهي بڻجي وڃي ها. ٻئي پاسي جيڪڏهن يورونيم 235 يورونيم 238 ۾ 0.7% جي حساب سان نه ملي ها ته اسان ڪڏهن ايٽمي توانائي حاصل نه ڪري سگهون ها. الله تعاليٰ ﷻ يورونيم 235 کي اهڙي خاصيت عطا فرمائي آهي جو اهو رڳو ان وقت ئي ايٽمي توانائيءَ ۾ بدلجي سگهي ٿو، جڏهن اهو جدا ڪيل (Seperated) حالت ۾ هجي. هونئن اهو پنهنجي قدرت بناوتي يعني يورونيم 238 جي حالت ۾ بلڪل بي ضرر هوندو آهي.

ڪيترائي ئي حياتياتي واقعا ڪڏهن ٿي ئي نٿا سگهن، جيڪڏهن جو فضا ۾ ڪاربان ڪاٿو چوڏهن (24-) ۾ موجود نه هجي. جيڪڏهن اهو عنصر جيڪو ترتيب ۾ ڏهه لکهون حصو (PPM) يعني (Part Per Million) ٿيندو آهي، جيڪڏهن ڪجهه وڌيڪ مقدار ۾ ملي ته اهو هڪ وڏي خطري جو سبب بڻجي ويندو ۽ جيڪڏهن قدرتي چشمن ۾ سوڊيم (24-) آئسوٽوپ ملن ها ته پاڻي ۾ وهنجڻ ائين ئي هجي ها ڄڻ ڪو هيروشيما ۾ ايٽم بم ڪرڻ مهل اتي موجود هجي. جيتوڻيڪ قدرتي ڌاتن وارن چشمن ۾ گهٽو عنصر سوڊيم ئي هوندو آهي، پر سوڊيم (24-) جي بدران ٻيا عنصر وڌيڪ مقدار ۾ هوندا آهن.

مهربان پڙهندڙؤ! جيڪڏهن اسان ڪتابن تي ڪتاب لکندا رهون ته به الله تعاليٰ ﷻ جي قدرت جو بيان ۽ تشريح ڪٿڻ جي نه آهي. تنهن ڪري مون به هن مختصر خلاصي تي ئي ڪٽي بس ڪئي آهي. اچو ته هن آيت کي وري وري پڙهون جيڪا بي دينن جي تباهيءَ جو بنياد آهي ۽ اچو ته هاڻي انهيءَ جي حيرت ۾ وجهندڙ بيان تي غور ڪريون ته ”اسان زمين جي پيدائش تڪيل توريل مقدار سان ڪئي آهي.“

www.sindhsalamat.com

**موضوع نمبر** 39

# الله تعاليٰ جي تخليقي چونڊ جو اڻ کٽ حسن

يَسْـَٔلُهٗ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِىْ شَاْنٍ ﴿۲۹﴾ (الرحمٰن:۲۹)

”زمين ۽ آسمانن ۾ جيڪي بہ آهن سيئي پنهنجون پنهنجون ضرورتون ڪائنس گهري رهيا آهن، هر ڏينهن هو نئين شان ۾ آهي (هو قادر مطلق هئڻ جي ڪري هر گهڙي هر شيءِ ڪي ترتيب ڏئي ٿو جنهن سان ان جو شان ظاهر ٿئي ٿو).

سورت الرحمان هڪ اهڙي سورت آهي، جيڪا الله تعاليٰ ﷻ جي تخليق جي عظيم رازن ڪي بيان ڪري ٿي. هيءَ آيت الله تعاليٰ ﷻ جي انتظام ۽ انهيءَ جي قدرت جي انتهائي اهميت وارن رازن ڪي بيان ڪري ٿي. اها اهڙن واقعن تي روشني وجهي ٿي جيڪي سائنسي طور تي ناقابل تشريح آهن. هن آيت جي مطلب ڪي سمجهڻ جي لاءِ اسان ڪي ان جي پهرين حصي ۾ الله تعاليٰ ﷻ جي انهيءَ ارشاد تي غور ڪرڻ گهرجي تہ ”سيئي پنهنجون پنهنجون ضرورتون ڪائنس گهري رهيا آهن“، ان ڪان ئي هر شيءِ گهري رهيا آهن. انهيءَ معاملي تي هاڻي اسان سائنس جي ڪيترين ئي شاخن جي تناظر ۾ تحقيق ڪريون ٿا.

هڪ ايٽم جو مرڪز انتهائي نازڪ توازن وارو هوندو آهي. قادر مطلق بيشمار توانائين ڪي هڪ مرڪز ۾ جڪڙي رکيو آهي. انهيءَ جو نتيجو ڇا ٿيندو جيڪڏهن انهيءَ مرڪز ڪي ڄاڻي واڻي ٻاهران مادي طور تي ڇيڙيو ويندو؟ علم طبعيات جي ماهر هائزن برگ جي ڪوانٽم جي اصول (نظريي) جي لحاظ ڪان هڪ مرڪز ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جي سلسلي ۾ ڪابہ حتمي اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي. ٿورو سوچيو تہ انهيءَ وقت ڇا ٿيندو جڏهن مثال طور مرڪز ۾ تبديليءَ جي اهليت رکندڙ هڪ نيوٽران مرڪز ۾ داخل ٿي وڃي؟



جيڪڏهن قادر مطلق جو وجود نہ هجي ها تہ، جيئن بدنصيب بي دين ماڻهو سمجهن ٿا، تہ مرڪز جو توازن نہ جڙڻ جي حد تائين بگڙي وڃي ها. پوءِ پلي انهيءَ جي رفتار ٿورڙي ئي ڇو نہ هجي ها. ڇاڪاڻ تہ مرڪز ۾ داخل ٿيندڙ نوان نيوٽران انهيءَ توازن ڪي ايترو تہ بگاڙي ڇڏيندا جو مرڪز ۾ قيد ٿيل توانائيون هڪ بم وانگر ڌماڪي سان ڦاٽي پونديون. حقيقت ۾ الله تعاليٰ ﷻ يورونيم 235 واري مرڪز ڪي اهڙن ئي امڪانن جي يادگيريءَ لاءِ خلقيو آهي ۽ انهيءَ ٻهروپ (Isotope) ڪي قدرتي طور ملندڙ يورونيم ۾ لڪايو آهي. جيڪڏهن نيوٽران اهڙي ڪنهن مرڪز ۾ داخل ٿي وڃي تہ توهان ڪي هڪ ايٽم بم ملي وڃي ٿو. پر اهو انتشار (Disintegration) يا في ايڪو ورهاست ئي پوريءَ طرح سان فنا ٿيڻ نہ هوندو آهي پر اهو هڪ محدود پيماني تي ڦانڊ يا ورڇ هوندي آهي.

ائين اهو ان وقت ٿيندو آهي جڏهن ايٽمي مرڪز تي نيوٽران سان بمباري ڪئي وڃي پر عام طور تي ڦانڊ يا ورڇ جو اهو طاقتور عمل واقع نہ ٿيندو آهي. جيستائين توازن ڪي واپس آڻڻ جو معاملو آهي تہ انهيءَ جي لاءِ سائنسدانن جي هڪ ڪميٽي سوين سالن جي سخت محنت ڪان پوءِ بہ حاصل نہ ڪري سگهي ها.

انهيءَ صورت ۾ پوءِ ڇا ٿئي ها؟

اهو مرڪز ربِ ذوالجلال ڪان دعا ڪندو آهي ۽ الله تعاليٰ ﷻ پنهنجي اڻ کٽ شان جي وسيلي اِن ڪي انهيءَ مهل اهو عطا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ مرڪز تمام مهارت سان نيوٽران ڪي پروٽان ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي. مرڪز ڪي هڪ ٻئي عنصر ۾ پهچايو ويندو آهي ۽ توازن ٻيهر قائم ٿي ويندو آهي. هاڻي توهان سوچيو تہ اهو سمورو عمل ڪيتري وقت ۾ پورو ٿيندو آهي؟ جي ها، هڪ سيڪنڊ جي ڪروڙين حصي ۾!

اچو تہ هاڻي ٻئي مثال ڏانهن هلون. ويهہ سال اڳ فلڪيات جي ماهرن ڏٺو تہ تمام ڏورانهن ستارن جي نظام واريون بہ ڪهڪشائون هڪ ٻئي ڏانهن وڌي رهيون آهن. اربين ستارن تي ٻڌل اهي ٻئي ڪهڪشائون هڪ ٻئي سان ٽڪرائجڻ واريون ئي هيون ۽ قيامت اچڻ واري ئي هئي. اهڙي عظيم ٽڪراءَ جي ڳالهہ تہ پري ٿي، پر اهو توازن جيڪو اربين ستارن، سيارن جي ڪشش ثقل ۽ مرڪز گريز توانائين سان وجود ۾ اچي ٿو، سو رڳو هڪ سج جو واڌارو بہ برداشت نٿو ڪري سگهي. ائين اربن جي تعداد ۾ ستارا پنهنجي پنهنجي وجود ڪي هڪ ٻئي ڪان خاص مفاصلن تي رکي، خاص رفتارن سان گردش تي قائم رهندا آهن. اهو ٽڪراءُ انهن جي انهيءَ سموري توازن ڪي برباد ڪري سگهي پيو.

پر ڪي بہ امڪاني واقعا پيش نہ آيا ۽ ٻئي ڪهڪشائون هڪ ٻئي جي اندران بنا ڪنهن رهڙ جي گذري ويون. اهو عقلي معجزو ڪهڙي طرح ٿي ويو؟

سورت الرحمان جي آيت نمبر 29 انهيءَ جو اڳواٽ جواب مهيا ڪري ٿي ته ”آسمانن ۾ جيڪي به آهن سي مون کان گهرندا آهن ۽ مون کان ئي مدد طلب ڪندا آهن.“ ائين انهن ڪهڪشائن به خاموشيءَ سان پنهنجي پالڻهار کان مدد جي درخواست ڪئي ۽ ان جي جواب ۾ الله تعاليٰ ﷻ پنهنجي اڻ ڪٿ قدرت جي وسيلي ۽ انساني عقل کان مٿي انتظام جي وسيلي انهن ٻنهي ڪهڪشائن کي هڪٻئي جي اندران آسانيءَ سان گذاري ڇڏيو. انهيءَ سلسلي ۾ سائنس حيران ٿي وئي ۽ انهن ڪهڪشائن جي ستارن ۽ سيارن جي توازن تي اڄ تائين حيرت ۾ آهي.

رڳو اهو هڪڙو ئي واقعو الله تعاليٰ ﷻ جي قادر مطلق هئڻ جو ۽ ان جي اڻ ڪٿ شان کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. ان جو شان هر گهڙيءَ ظاهر ٿيندو رهندو آهي.

هاڻي مان انهيءَ حياتياتي عجوبي جو ذڪر ڪندس جنهن جي تشريح ۽ توجيهه جي سلسلي ۾ سيني سائنسدانن جي مڪمل ناڪامي مقدر بڻجي وئي آهي.

ماءُ جي ڳيرڻ ۾ جيڪو جنين يعني ايمبريو (Embrio) ٽي هفتا پورا ڪري وٺندو آهي، سو انهيءَ سطح وانگر هوندو آهي جيئن ڪنهن مک جو پر هوندو آهي. ان وقت ان جو ٽه پاسائون (Three Dimensional) وجود نه هوندو آهي، جنهن ڪري اهو هڪٻئي سان ڳنڍيل جيو گهرڙن جي هڪڙي سلسلي تي مشتمل هوندو آهي. اينڊو ڊرم (Endoderm) ۽ اڪٽو ڊرم (Ectoderm) جا جيو گهرڙا گڏ گڏ هڪ خاص ترتيب سان ڳنڍيل هوندا آهن. اهڙي طرح اهي مختلف جيو گهرڙا، جيڪي اڳتي هلي هارمون خارج ڪندا، سي به انهيءَ ئي ترتيب ۾ رکيا ويندا آهن. ائين ئي گوشت، اعصابي نسن ۽ هڏين جي جيو گهرڙن ۾ به ٿيندو آهي. اهڙن جيو گهرڙن جون اهي ترتيبون جيڪي پڪيڙ ۾ هڪ مک جي پر جيتريون به نه هونديون آهن، ڪهڙي طرح هڪ ئي وقت وجود ۾ اچن ٿيون؟ مثال طور اهي چار بنيادي جيو گهرڙا، جيڪي معدي کي ٺاهيندا، انهن ترتيبن جي مختلف ۽ جدا جدا علائقن ۾ هوندا آهن. منجهانئن هڪ جيو گهرڙو وڏيڪ تخليق جي عمل سان هاضمي واري نظام جي گوشت کي ٺاهيندو. ٻيو جيو گهرڙو وري معدي جي اعصابي نظام کي ٺاهيندو آهي، جڏهن ته ٽيون رطوبت ٺاهڻ وارا تاندورا ٺاهيندو ۽ چوٿون وري معدي جي اندرين چادر يا تهه ٺاهيندو.

جيتوڻيڪ رڳو هڪڙي ئي معدي جو مسئلو هجي ها ته انهن جيو گهرڙن جو اهو ميلاپ يا اتحاد شايد امڪانن جي حدن ۾ اچي سگهي پيو، پر اسان کي ته اهو ڏسڻو آهي ته سمورا عضوا اهڙي قسم جي حالت ۾ هوندا آهن. جگر، دل، گردن ۽ ٻين سمورن عضون جي زندگي رڳو ان وقت ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي، جڏهن انهن جا پنهنجا پنهنجا جيو گهرڙا، پنهنجي مخصوص مرڪز تائين پهچي وڃن. هاڻي



انهيءَ مک جي پر جيتري پن تي ڪهڙو ۽ ڪيئن عمل ڪيو وڃي جو هر هڪ عضوو پنهنجي تاندوري (Tissue) جوڙجڪ جي لاءِ ٽن يا چئن بنيادي جيو گهرڙن کي ڳولي هڪ ئي جاءِ تي گڏ ڪري سگهي؟

ماضيءَ ۾ اهو سمجهيو ويندو هو ته مرڪز تي گڏ ڪرڻ جو اهو عمل جيو گهرڙن جي مڙي يا تهه ٿي وڃڻ تي هوندو آهي. پر پوءِ وارين تحقيقن اهو ظاهر ڪيو ته سمورن عضون جي لاءِ انهيءَ عمل جو هڪ ئي وقت ٿي وڃڻ ناممڪن آهي. وڌيڪ اهو ته جڏهن سائنس ماءُ جي ڳيرڻ ۾ ايمبريو جي بناوت تي تحقيق ڪئي ته اهي هڪ شاندار عجوبي کي ڏسي حيران ٿي ويا. هڪ پن جهڙي شڪل تاندوري واري مرحلي تي اهو ايمبريو پنهنجي ئي مٿان هڪ چڪر واري گردش ڪري ٿو ۽ اهو چڪر اهڙو هوندو آهي جو هر جيو گهرڙو پنهنجي پنهنجي سنگتي کي ڳولي وٺندو آهي ۽ هر عضوي جي جاءِ کي به چٽو ڪندو آهي. اهو چڪر ۽ تهه ٿيڻ وارو عمل جيو گهرڙن جي ڪنڊن ۽ چڪر جي رفتار (Rotational Velocity) جي هڪ اهڙي خاص تعلق يا نسبت سان ئي اڳتي وڌي ٿو، جنهن جو حساب ڪتاب انساني عقل کان مٿاهون آهي ۽ هڪ ئي عضوي جي مختلف ترتيبن وارا جيو گهرڙا، بنا ڪنهن ننڍڙي غلطي ڪرڻ جي، خاص مرڪز تي گڏ ٿي ويندا آهن. اهو معجزاتي چڪر يا تهه ٿيڻ جو عمل ڪيئن ٿئي ٿو؟

انهيءَ جو جواب ٻي آيت ڏئي ٿي: ”آسمانن ۽ زمين ۾ هر شيءِ انهيءَ الله کان گُهر ڪندي آهي، جيڪو هر گهڙيءَ پنهنجي عالم ڪل ۽ قادر مطلق هئڻ کي عيان ڪندو آهي.“

جي ها، اهو هڪ پن جي شڪل جو انتهائي ننڍڙو تاندورو پنهنجي پالڻهار کان مدد جو درخواست گذار ٿيندي چوي ٿو ته ”مان ڪهڙي طرح جيو گهرڙن کي گڏ ڪري هڪ عضوو ٺاهي سگهان ٿو؟“ ۽ پوءِ اهو رڳو الله تعاليٰ ﷻ جو ئي شان هوندو آهي جو تاندوري جي مٿاڇري کي خاص قسم جي گردش ۽ تهه ٿيڻ جو عمل مهيا ڪري ٿو، جنهن جي ذريعي سمورا جيو گهرڙا گُهربل جي عضوي جي تياريءَ جي لاءِ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي گڏ ٿي وڃن ٿا. انهيءَ گردش ۽ تهه ٿي وڃڻ واري عمل ۾ هڪ مائيڪرون (ميٽر جون ڏهون حصو) جي برابر ٿيڻ واري غلطيءَ سان معدي جي تيزابيت خارج ڪندڙ جيو گهرڙو جيڪڏهن اک واري حصي ۾ پهچي وڃي ته پيدا ٿيڻ وارو ٻار انڌو ٿي ڄمندو.

هن آيت جي عظيم الشان دانائيءَ جي اندر الله تعاليٰ ﷻ جي شان هيٺ هر گهڙي ۽ هر ڏينهن، اربن جي تعداد ۾ واقعا بنا ڪنهن غلطيءَ جي ٿيندا رهن ٿا. ائين هر شيءِ جي خبر رکندڙ حقيقي خالق هر گهڙيءَ پنهنجي عظيم ڪاريگريءَ ۾ مصروف آهي.

www.sindhsalamat.com

الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ جي هر گهڙيءَ واري عظيم شان جو راز هڪ تمام اهم سائنسي ڄاڻ ۾ پڻ لڪل آهي. انهيءَ علم يا سمجهه جو بيان ٿورو ڏکيو آهي. انهيءَ جو مطلب ڪجهه هن طرح آهي ته الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ جي شان جا نشان ۽ انتظام ڪائنات جي هر جاءِ تي، هر گهڙيءَ، بدلجندڙ حالتن ۾ به مضبوطي ۽ درستگيءَ وارا آهن.

هر ايندڙ ڏينهن هڪ ڪهڪشان ۽ ڪهڪشائن جا جهرمٽ ۽ حرڪتون هڪ پاسي ۽ ڪائنات جي لڳاتار ٿيندڙ وسعت ٻئي پاسي، مختلف حالتون پيدا ڪن ٿيون. يعني جهڙي طرح ماضيءَ ۾ سمجهيو ويندو هو، اُن جي برخلاف هڪ ستارو يا سيارو، ڪائنات جي هڪ خاص جاءِ تي ڄمي يا تبديل نه ٿيڻ واري مادي حالت ۾ قيد نه هوندو آهي. اهي چقمقي ۽ جاميٽري شڪليون ۽ صورتون، جيڪي انهيءَ تي اثر ڪنديون آهن، هر گهڙي پاڻ ئي تبديليءَ جو شڪار ٿينديون آهن. هاڻي عظيم خدائي علم ۽ ڪامل انتظام انهن لڳاتار تبديل ٿيندڙ حالتن ۾، هر ڏينهن نئين شان کي ظاهر ڪري ٿو. مثال طور ڪائنات شعاعن جو هڪ خاص قسم آهي جنهن کي پُتَن بنيادي ذرڙن جو گروهه يا Plmeson چوندا آهن. انهيءَ جي ڄمار يا زندگيءَ جو عرصو هڪ سيڪنڊ جو ڏهه لک اربون حصو هوندو آهي. الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ جو شان انهن ذرڙن جي ايتري ننڍڙي زندگي کي، جتي به ضرورت ٿئي ٿي، وقت جي رفتار کي پکيڙي وڌائي ڇڏي ٿو. علم طبعيات انهن ذرڙن جي اصل ۽ حقيقي زندگيءَ واري عرصي جي ماپ ڪئي آهي. ائين الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ جي شان جي اظهار جي طور، هر ايندڙ ڏينهن تبديل ٿيندڙ قوت، توانائي ۽ انتظام هيٺ، انهيءَ ئي گهڙي ۾ لڳاتار نئين زندگي حاصل ڪندو رهندو آهي. پُتَن بنيادي ذرڙن جي گروهن جي تمام ننڍڙي ڄمار مان اسان کي اها به ڄاڻ ملي ٿي ته آيت سڄوريءَ ۾ جيڪو لفظ ”هر ايندڙ ڏينهن“ آهي، انهيءَ جو مطلب سيڪنڊن نه پر هڪ سيڪنڊ جا ڪيترائي اربين حصا ڪڍي سگهجي ٿو.

هڪ نشاني يا هڪ عالم جي هر ايندڙ ڏينهن، بدلجندڙ نظريو، جيڪو هن آيت عطا ڪيو آهي، لفظ شان ۾ لڪيل آهي. انهيءَ لاءِ جو ”شان“ جي تصور کي انهيءَ جي خاصيت سان سڃاڻڻ گهرجي، جنهن سان هو سموري مخلوق جي ضرورتن کي پورو ڪري ٿو.

انساني جيري جو هڪ جيو گهرڙو، هڪ بلڪل ئي نئين ڪيميائي جوهر کي وصول ڪري، ان کي انهيءَ ئي گهڙي بي ضرر مرڪب ۾ بدلائي ڇڏي ٿو. ڪيميائي ترياق جو اهو ڪهڙو ڪتاب آهي جيڪو هن جيو گهرڙي کي اهڙو ڪم سيکاري ٿو؟

اهو جيو گهرڙو پنهنجي قادر مطلق کان دعا ڪندو آهي ۽ مدد گهرندو آهي ۽ الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ پنهنجي شان موجب ان کي ان جي ضرورت موجب ڪيميا جي مناسب ڄاڻ عطا ڪري ٿو.



ائين سورت الرحمان ۾ سائنس جو هڪ بلڪل بنيادي اصول عطا ڪيو ويو آهي، جنهن کي به اها ڄاڻ ۽ سمجهه نه آهي سو ڪائنات کي بنا اکين جي ئي ڏسڻ گهري ٿو ۽ اهو شعور ۽ آگاهي به حقيقت ۾ الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ جي عظمت تي ايمان آڻڻ سان ئي ملي ٿي.

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 40

# هوائن جا ڳجها راز

وَ تَصۡرِيۡفِ الرِّيٰحِ اٰيٰتٌ لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ (الجاثيہ:٥)

”۽ هوائن جي ڦير گهير (رخ مٽائڻ) ۾ ڪيترين ئي نشانيون آهن انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا.“

قرآني آيتن ۾ موجود ڪيترين ئي سائنسي حقيقتن کي گهٽو ڪري عام قسم جا پيغام سمجهيو ويندو آهي. اهو سڀ ڪجهه اسان جي علمي ڪوٽ جي ڪري آهي. خاص طور تي جيڪڏهن بيان اهو هجي تہ ”انهيءَ ۾ ڪيترين ئي نشانيون آهن انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا“ تہ پوءِ انهيءَ تي بنا ڪنهن شڪ جي ويساهہ ڪرڻ گهرجي تہ اها آيت پڪ سان ڪن سائنسي حقيقتن جي ڄاڻ ڏئي ٿي. جيئن تہ هيءَ آيت سڳوري بہ اهو ئي پيغام ڏئي رهي آهي، تنهن ڪري ان کي بہ انهيءَ ئي انداز سان ڏسڻ گهرجي.

اچو تہ هاڻي ڏسون تہ هوائون ڪهڙي طرح وجود ۾ اچن ٿيون. هڪ تمام سادي سمجهاڻي جنهن کي هرڪو ڄاڻي ٿو، سا اها آهي تہ مرڪزن ۾ جدا جدا گرمي پد هجڻ جي ڪري وهندڙ ڪرنٽ (Convectional Current) هوا ۾ اپرندا آهن. اهو هڪ عام خيال آهي، جيڪو هر شيءِ کي ضرورت کان وڌيڪ سادو ۽ آسان ظاهر ڪندو آهي. اسان ڄاڻون ٿا تہ هر پاسي کان ايندڙ هوائون زمين جي هر علائقي تائين پهچنديون آهن، ايتري تائين جو اسان جي شهر جي زهر ڀريل فضا بہ انهن مناسب رفتار وارين هوائن جي ڪري صاف ٿيندي رهندي آهي. هوائن جو اهو هڪ تمام پڪڙيل نظام آهي، جيڪو ڪڪرن کي لکين انساني آبادين تائين وٺي اچڻ جو بندوبست ڪري ٿو. اِن سان هوا صاف ٿيندي آهي ۽ ضرورت موجب برف پگهربي يا ڄمندي آهي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ تپش جو مرڪز يا نظر ايندڙ نظام ڪيترو گرم



يا ٿڌو هئڻ گهرجي تہ جيئن زندگيءَ جي نعمتن کي مٿي بيان ڪيل آبادي جي لکين مرڪزن ۾ پهچائي سگهجي؟

بي دين ماڻهو اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جڻ تہ انهن کي هوائن جا اهي حيرت ۾ وجهندڙ نمونا نظر ئي نٿا اچن ۽ هو انهن ئي هوائن جا اهي عام طرف سمجهندا آهن جن ۾ گرمي يا ٿڌ ٿيندي آهي. پر الله تعاليٰ ﷻ قرآن پاڪ جي معجزاتي فرمان جي ذريعي سندن اِن طريقي کي بيڪار ڪري ڇڏي ٿو.

انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي غور ڪرڻ وارا آهن، هوائن جي مختلف طرفن ۾ ڪيترين ئي نشانيون آهن. هوائن جي مضمون کي سمجهڻ جي لاءِ اچو تہ اسان ان جو مطالعو ڪجهہ ٻئي انداز سان ڪريون.

(الف) ان وقت ڇا ٿئي ها جڏهن زمين هڪ قسم جو اهڙو گرهہ هجي ها جنهن جو مدار ان جي گردش واري رستي جي نسبت سان عمودي هجي ها؟ اهڙي صورت ۾ زمين تي هوا تہ نہ هجي ها، باقي سهپ کان وڏا طوفان سدائين جي لاءِ زمين جي قطبن کان وٺي خط استوا تائين ۽ اتان کان پوئين پير هلندا رهن ها. ائين ان وقت ٿئي ها، جڏهن زمين هڪ ڪدوءَ جي شڪل واري عمودي حالت ۾ قائم ڪئي وئي هجي ها. جڏهن الله تعاليٰ ﷻ زمين کي 23.5 ڊگري تي جهڪيل ٺاهيو آهي. اهڙي طرح اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب جي ٿڌي هئڻ جو عمل ۽ سج جو اثر سال جي هر ڏينهن ۾ مختلف هوندو آهي. اهڙي طرح هوائن جي رفتار ۾ گهٽتائيءَ جو اثر پڻ پيدا ٿئي ٿو. جيئن جيئن خط استوا جي نسبت سان هر هڪ زميني قطب جي وچ ۾ گرمي پد ۾ فرق ايندو آهي، هوائون بہ مناسب رفتار سان گهلڻ شروع ٿي وينديون آهن.

(ب) جيئن تہ فضا جي اوچائي قطبن جي خط استوا کان نسبت جي لحاظ کان مختلف هوندي آهي، انهيءَ ڪري فضا جي مٿين ۽ هيٺين حصي ۾ هوائن جي رفتار بہ انهن ٻنهي حصن تي جدا جدا ٿي ويندي آهي. انهيءَ عمل جي ذريعي گرم ۽ ٿڌي طرف وارن نظامن جي نون ۽ گهٽي تعداد ۾ مرڪزن جنم ورتو آهي ۽ هوائن ۾ اها خاصيت پيدا ٿي وئي آهي تہ اهي ڪنهن هڪ پاسي هلڻ بدران مختلف طرفن ۾ هلن ٿيون.

(ٻ) زمين جو مٿاڇرو ڪهڙي شڪل ۾ هئڻ گهرجي؟ يعني جبلن جي بناوت، ميدان ۽ مٿاڇرو ڪهڙي قسم جو هجي جو دنيا جي آبادي جا سمورا مرڪز هر پاسي کان هوائون حاصل ڪري سگهن ۽ گرم ۽ ٿڌن طرفن جا متبادل نظام ان ۾ هر هڪ مرڪز جي اوسي پاسي ۾ پيدا ٿي سگهن.

انهيءَ ڳالهہ کي ٻين لفظن ۾ هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو تہ فرض ڪريو تہ زمين جو ٽڪرو اڄا نئون نئون وجود ۾ آيو آهي. توهان هزارن جي تعداد ۾ سائنسدانن ۽ ايتري ئي تعداد ۾ ڪمپيوٽرن کي گڏ ڪريو ٿا. ان کان پوءِ توهان انهن

www.sindhsalamat.com

ڪي چئو تہ اهي اهڙي ڍنگ سان جابلو سلسلا، ميدان ۽ مٿانهان پٽ پيدا ڪن جو زمين جي هر ڪنڊ ڪڙڇ تائين ٿڌين ۽ ڪوسين هوائن جي پهچڻ جو بندوبست ٿي سگهي يعني آبادي جو هر هڪ مرڪز سيني پاسن کان هوا حاصل ڪري سگهي. سائنسدانن جو گروهہ جيڪڏهن هڪ هزار سالن تائين لڳاتار جاکوڙيندو رهي تہ بہ جبلن جي رڳو هڪڙي سلسلي کي بہ ترتيب ڏئي نہ سگهندو. جڏهن تہ الله تعاليٰ ﷻ زمين تي جبلن جي نمونن جي اهڙي تہ انداز ۾ ترتيب ٺاهي آهي جو زمين تي هر سال جي هر ڏينهن تي هوا جو هڪ نئون پاسو پيدا ٿئي ٿو ۽ هوا هر پاسي کان گهلي ٿي. اهڙيءَ طرح جيڪي بي عقل ماڻهو اهو چوندا آهن تہ هوا ڇا آهي؟ اها تہ رڳو گرم ۽ ٿڌين هوائن جو هڪ عام نظام آهي؛ تن کي هيءَ آيت سڄوري اهو جواب ڏئي ٿي تہ توهان سوچ ويچار ئي نٿا ڪريو، توهان تہ سائنس مان ڪجهہ بہ نہ سکيو آهي.“

(پ) هوائن جي اها مهم اتي ئي ختم نٿي ٿئي. الله تعاليٰ ﷻ فضا کي بہ اهم خاصيتون عطا ڪيون آهن، تہ جيئن گرم ۽ ٿڌن مرڪزن ۾ گرمي پد جو فرق ضرورت کان وڌي نہ وڃي ۽ هوائون برداشت کان چڙهي نہ وڃڻ. انهن مان پهرين خاصيت اوزون جو تهہ (Ozone Layer) آهي، جيڪو ضرورت کان وڌيڪ سج جي گرميءَ کي پنهنجي اندر جذب ڪري، گرمي پد کي وڌي وڃڻ کان روڪي ٿو. ٻي خاصيت هوا ۾ موجود ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو سَوَڙِ جهڙو اثر آهي، جيڪو زمين کي نهايت ٿڌو ٿي وڃڻ کان بچائي ٿو، خاص ڪري رات جي وقت. سائنسي لحاظ کان اهي سيئي عجوبا گڏيل طور تي هڪ اهڙي صورتحال پيدا ڪن ٿا جو هوائون وسندين تائين پهچي سگهن ٿيون. جيڪڏهن توازن کي بحال رکندڙ اهو نظام موجود نہ هجي تہ اهي طوفان جيڪي اسان کي خوفزده ڪن ٿا، سي هن زمين کي تباهہ ڪري ڇڏين ها. جيڪڏهن هڪ انسان کي، هڪ ٽچڪندڙ ڏينهن ۾ چانهن جا سرڪ پريندي انهيءَ ڳالهہ جو احساس ٿي وڃي تہ هن وقت گهلندڙ هوا جي هڪ ٿڌڙي هير جي پٺيان ڪيترو نہ نازڪ قسم جو حساب ڪتاب ڪم ڪري رهيو آهي تہ هو يڪدم اٿي ڪڙو ٿيندو ۽ بي اختيار سجدي ۾ ڪري پوندو.

هوائن جي مختلف طرفن ۾ هلڻ جا ڪيترائي اهم سبب آهن. اهي جيڪي ٿڌين ۽ گرم هوائن کي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي وٺي وڃن ٿيون تہ انهن جو پهريون ۽ اهم مقصد مينهن لاءِ تياري ڪرڻ هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هوائون تيز ٿي وينديون آهن ۽ پاڻ سان گڏ هوا مان آئن (Ions) کي ڇڪي وٺي وينديون آهن. اهڙي طرح برقي توانائيون، جيڪي زندگيءَ جو بنياد هونديون آهن، مينهن جي ذريعي هوا سان گڏ زمين تائين پهچنديون آهن، جتي پاڻي جي هڪ ننڍڙي بوند بہ بجليءَ مان چارج ٿيل زندگي ڏيندڙ شيءِ بڻجي پوي ٿي. هوا جي وسيلي ٻوٽن جي ٻجن جو هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين پهچڻ، ايتري تائين جو گلن جي ٻُور تي نرائڻ



(Insemination) يعني ٻوٽن ۾ تخليقي عمل بابت بہ قرآن ۾ ذڪر مليو ٿو.

هوائن جو هڪ تمام اهم ڪم انهن جو آڪسيجن ۽ تازي هوا کي شهرن ۾ آڻڻ ۽ شهرن جي زهريلي ۽ خراب هوا کي ٻيلن ڏانهن صفائيءَ جي لاءِ کڻي وڃڻ بہ آهي. اها هوا جيڪا اسان کي خراب نظر اچي ٿي، ڪنهن حد تائين وڻن جي لاءِ خوراڪ جو ذريعو پڻ آهي. اهڙي طريقي دنيا ۾ آڪسيجن جي هڪ خاص حد برقرار رهي ٿي. اهي سيئي حيران ڪري ڇڏيندڙ عمل، قادر مطلق جي عظيم ڪمپيوٽري نظام ۾ پهريان کان ئي لکيل آهن، جيڪي بنا ڪنهن خرابيءَ جي هلندا رهن ٿا.

جي ها، مهربان پڙهندڙؤ! توهان اهو ويساهہ ڪريو تہ هر شيءِ جي ڄاڻ رکندڙ الله تعاليٰ ﷻ جي ڪمپيوٽر ۾ اهو اڳواٽ ئي لکيل آهي تہ ڪهڙي هوا ڪهڙي علائقي ۾ پيدا ٿيندي، ڪهڙي هوا ڪهڙي شهر ۾ گهلندي ۽ ڪهڙي وقت گهلندي. انهن سيني ڳالهين جو انتظام هن وقت کان وٺي قيامت جي ڏينهن تائين اڳواٽ ئي ترتيب ڏنل آهي. اها ئي اصل سائنس آهي. انهيءَ جي برخلاف سوچڻ ۽ اها دعويٰ ڪرڻ تہ ڪڪر تہ رڳو پاڻي جا ڦڙا آهن ۽ هوائون رڳو هوائن جو وهڪرو آهن، عقلي سائنس جي نالي تي هڪ داغ آهي. اها ئي اها حقيقت آهي جنهن تي آيت جي آخري حصي ۾ زور ڏئي ڪري فرمايو ويو آهي تہ ”انهيءَ ۾ انهن ماڻهن لاءِ ڪيتريون ئي نشانيون آهن جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا.“

هن آيت جي هڪ تمام اهم باريڪ بيني اها آهي تہ سيني علائقن ۾ هوائن جو مٽ سٽ طرفن ۾ هلڻ خاص اهڃاڻن واري ڳالهہ آهي. جيئن تہ مون بيان ڪيو آهي تہ ڪيترن ئي طرفن ڏانهن هلندڙ هوائن جو وجود ڪيترين ئي طبعياتي عجوبن تي مشتمل آهي.

هائو! هوا جي هر جهوٽي سان، اسان جو پالڻهار اسان مان تمام گهڻي شڪرگذاري ۽ حمد و ثنا جي اميد رکي ٿو.

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 41

# ڪائنات جو عظيم ڌماڪي سان وجود ۾ اچڻ وارو نظريو

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۝ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ۝ (الفلق)

"چئو ته مان فلق جي پالڻهار جي پناهه گهران ٿو. هر انهيءَ شيءِ جي بڇڙائيءَ کان جيڪا هن خلقي آهي."

اهي به آيتون، جن جي روزانو تلاوت ڪرڻ جي باوجود به اسان ان جي معنيٰ جي گهرائي تائين پهچي نه سگهيا آهيون، سي اصل ۾ ڪائنات جي جوڙ جڪ جي باري ۾ اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ انهيءَ علم کان واقف ڪن ٿيون، جنهن کي جديد سائنس هاڻي بيان ڪرڻ شروع ڪيو آهي. سورت الفلق ۾ انسان ۽ ٻي مخلوق جي پيدائش جي حوالي سان مجموعي طور انتهائي اهم نُڪتا بيان ڪيا ويا آهن پر سڀ کان وڌيڪ دلچسپ پيغام اهو آهي جيڪو طبعيات ۽ حياتيات جي علم جي نقط نظر کان پهرين آيت ۾ عطا ڪيو ويو آهي.

جيئن ته هرڪو ڄاڻي ٿو ته لفظ خلق انهن ٻنهي آيتن جي تشريح جي سلسلي ۾ بنيادي اهميت رکي ٿو. انهيءَ کان اڳ هڪ موقعي تي مون ذڪر ڪيو هو ته الله تعاليٰ ﷻ جيڪي لفظ چونڊيا آهن، سي انتهائي اهم آهن. سندس اهو فرمان ته اسان "ان جي رحمت جي پاڇي ۾ پناهه ڳوليون ٿا ان جي پيدا ڪيل شين جي بڇڙائيءَ کان،" اهو الله تعاليٰ ﷻ جي انهيءَ صفت جو خاص طرح سان اهو اظهار آهي ته هو "فلق" جو پالڻهار آهي.

وڌيڪ تشريح سان اها ڳالهه اجا به چڱي نموني سمجهه ۾ ايندي. "فلق جي پالڻهار" جو نظريو الله تعاليٰ ﷻ جي صفتن جي اظهار ڪي، ان جي پيدا ڪيل سيني



شين جي تناظر ۾ بيان ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ "فلق جي پالڻهار" جي خاص ڳجهي معنيٰ هر تخليق ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي. اصل ۾ لفظ "فلق" ۾ ئي اهو راز لڪيل آهي ۽ اهو ئي رب جليل جي وصف جو بيان آهي.

علم اللسان جي انهيءَ شاخ موجب، جيڪا ٻوليءَ جي بناوت ۽ معنيٰ تي بحث ڪري ٿي، لفظ فلق جون ڪيتريون ئي معنائون آهن پر ان جو بنيادي مطلب "اوچتو ڦاٽي پوڻ يا هڪ تمام وڏو ڌماڪو"آهي. اهو لفظ فلق جو مصدر آهي. هڪ ٻي معنيٰ جي لحاظ کان انهيءَ جي هڪ معنيٰ "ڦاٽي پوڻ"آهي. يعني هي نظريو هڪ خاص قسم جي ڌماڪي جي نتيجي کي ظاهر ڪري ٿو. "فلق" هڪ تمام شديد ڌماڪي جي پيداوار آهي. فلق جي هڪ معنيٰ تمام گهڻي ۽ غير معمولي رفتار به آهي. انهيءَ باري ۾ به مثال ڏنا وڃن ٿا:

"تفلق!" تيز رفتاري سان ڊڪڻ.

"مفلق!" اهو شاعر جيڪو تمام گهڻو وڌاءُ ڪري.

علم اللسان جي انهيءَ مختصر بيان کان پوءِ هاڻي اسان فلق جي لغوي معنيٰ ڏانهن اچون ٿا. فلق هڪ اسم آهي جنهن مادو يا بنياد فلق آهي. اهميت جي ترتيب جي لحاظ کان هيٺ ڏنل معنائون پيش ڪري سگهجن ٿيون.

- ڪنهن مخلوق جو عدم مان تمام تيزيءَ سان وجود ۾ اچڻ.
- اهو سلو جنهن جو وجود ٻج جي ڦاٽڻ سان ٿيندو آهي.
- صمد جو متبادل يا جوابي ٿيڻ. يعني هڪ مخلوق جنهن کي ڦاٽڻ واري عمل جي ضرورت هوندي آهي. جيڪو لا وجود جي اندر مان وجود ماڻي ٿو. اها تعريف اي. حامدي يزير The Religion of Truth and Language of Koran (Turkish Vol.9)) ۾ ڪئي آهي.
- روزانو جي استعمال ۾ ان جي پيٽ انهيءَ روشنيءَ سان ڪري سگهجي ٿي، جيڪا اونداهيءَ مان ڦٽندي هجي، يعني پرهه ڦٽڻ.
- ڳنڍين واري اها ڪاٺي جنهن سان پيرن جي ترين کي ڪُٽيو وڃي.

ان جي تشريح جي سلسلي ۾ گهڻن مفسرن عام فهم واري معنيٰ ورتي آهي. ڪيترن ماڻهن ان جي تمثيلي معنيٰ کي پسند ڪيو آهي (يعني پرهه ڦٽي، سج جو نڪرڻ). ڪن مفسرن وري ان جي معنيٰ دوزخ ۾ ٿيندڙ تمام وڏا ڌماڪا ورتي آهي. انهيءَ معنيٰ جي بنياد تي ملندڙ حديثون به گهٽيون ئي بحث طلب آهن. ابن سينا انهيءَ جي معنيٰ انهيءَ ٻار جي ڪئي آهي جيڪو ماءُ جي پيٽ مان نڪرندو آهي.

اصل حقيقت اها آهي ته لفظ فلق جي معنيٰ آهي اهو نتيجو يا وجود جيڪو هڪ اوچتي ۽ سخت ڌماڪي سان پيدا ٿئي. ان جي ٻي معنيٰ ثانوي ۽ تمثيلي آهي. اهڙي قسم جي معنيٰ جو بنيادي سبب گذريل چوڏهن سؤ سالن ۾ طبعيات ۽ آسماني

www.sindhsalamat.com

طبعيات جي ڪافي ۽ مناسب ڄاڻ نہ هئڻ آهي.

اڃو تہ طبعيات ۽ آسماني طبعيات جي علم جو ڪائنات جي تخليق جي سلسلي ۾ مطالعو ڪريون ۽ اُن جي ذريعي اسان اهو ڏسون تہ اهو ڪهڙو عظيم الشان واقعو هو جنهن سان ڪائنات جي شروعات ٿي؟

جيئن تہ هر ڪنهن کي خبر آهي تہ سائنسي حقيقتون ۽ اها ڄاڻ جنهن کي بي دين ماڻهن ٿوڙي مروڙي بگاڙي ڇڏيو آهي، بہ بلڪل ئي مختلف ڳالهيون آهن. اهي بي دين ماڻهو ڪنهن هڪڙي سائنسي حقيقت کي ڪٽي، بيڪار قسم جي مفروضن ۾ منجهائي، ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا آهن. اهي سائنسي حقيقتون جن جو واسطو ڪائنات جي تخليق سان آهي، تن کي ڪٽي مان انهن ماڻهن جي پيدا ڪيل بگاڙ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. هاڻي اسان هيٺين سٽن ۾ ڪائنات جي عظيم ڌماڪي سان وجود ۾ اچڻ واري نظريي (The Big Bang Theory) کي مختصر طور بيان ڪنداسين تہ ڪيئن ڪائنات جي تخليق سچ پچ هڪ ابتدائي ڌماڪي جو ئي نتيجو آهي.

گذريل چوٿائي صديءَ دوران ڪائنات جي پکيڙ بنسبت تمام اهم ڪوجنائون منظر عام تي اچي چڪيون آهن. سموري ڪائنات، هڪ ڦوڪڻي وانگر پکڙجي رهي آهي. انهيءَ جو تصور اهڙي طرح ڪري سگهجي ٿو تہ زميني گولي جي سطح پنهنجي مرڪز کان ٻاهرين پاسي لڳاتار پکڙجي رهي آهي. جيئن هن کان اڳ واري هڪ مضمون ۾ بيان ٿي چڪو آهي تہ قرآن ۾ الله تعاليٰ ﷻ فرمايو آهي تہ ”اسان ڪائنات کي پکيڙيندا آهيون.“ ايئن اهي دريافتون انهيءَ عظيم آسماني ڪتاب جي فرمان سان پوريءَ طرح مطابقت رکن ٿيون.

1950ع واري ڏهاڪي ۾ ”عظيم ڌماڪي وارو نظريو“ رالف الفر (Ralph Alpher)، بيٿي (Hanse Bathe) ۽ جارج گاموو (George Gmow) پيش ڪيو هو. هنن انهيءَ نظريي جو بنياد آئن اسٽائن جي انهيءَ تصور تي رکيو تہ ڪائنات کي لازمي طور تي وڌڻو يعني پکڙجڻو آهي. ڪيترن ئي سالن تائين انهيءَ نظريي تي ڇتا بحث ٿيندا رهيا. مادي پرست بي دينن انهيءَ جي سخت مخالفت ڪئي. ڇاڪاڻ تہ کين خبر هئي تہ انهيءَ جي ذريعي پاڪ ڪتابن ۾ تخليق جي باري ۾ جيڪي بہ ڳالهيون آهن سي سيئي سچ ثابت ٿي وينديون.

هلندڙ سالن ۾ ٻن ڪوجنائن ”عظيم ڌماڪي واري نظريي“ کي بلڪل سچ ثابت ڪري ڇڏيو آهي. انهن مان پهريون ايڊون پي هبل (Hubble) جي آسماني ڳاڙهي تبديلي (Red Shift) وارين پري هٽندڙ ڪهڪشائن جي ڪوجنا آهي. ان سلسلي ۾ تمام ئي اهم واقعو 1965ع ۾ 3 ڊگري ڪيلون مائيڪرو ويو جي پس منظر مان نظر ايندڙ انهيءَ شعاع جي نڪرڻ جي ڪوجنا هئي، جنهن سان ڪائنات ۾ داخل ٿي وڃڻ واري ابتدائي سخت ڌماڪي جي نشاندهي ٿئي ٿي. ان وقت کان وٺي ”عظيم ڌماڪي وارو نظريو“ وڌيڪ وڌندڙ انداز ۾ ٿيندو رهيو آهي ۽ جديد دور جي آسماني طبعيات جي سيني حيرت ۾ وجهندڙ ڪوجنائن تي بحث جو بنياد بڻجي ويو آهي.



طبعيات واري علم جي مهيا ڪيل هڪ ٻي ڪوجنا پڻ آهي، جنهن سائنسدانن جي تصورن کي اهو ڄاڻڻ ۾ مدد ڪئي آهي تہ ڪهڙي طرح عظيم ڌماڪو ٿيو. اهو ايٽم جي مرڪزن کان خالي، آزاد خلا (Free Vacum) جو ڳري (Decay) وڃڻ آهي. شروع شروع ۾ اهو سمجهيو ويندو هو تہ خلا ۾ ڪابہ شيءِ موجود نہ هوندي آهي، پر هاڻي اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ خلا حقيقت ۾ انهيءَ ڪانسواءِ بہ ڪا شيءِ آهي.

اهو جديد نظريو هائزن برگ جي ”غير يقيني واري اصول“ (Uncertainty Principle) تي مبني آهي. واضح ايڪن ۾ موجود توانائي يعني ڪوانٽم واري عمل جي غير يقيني سان هڪ اليڪٽران جي توانائي پاڻمرادو گهٽ وڌ ٿيندي رهندي آهي. جيڪڏهن انهيءَ اليڪٽران سان ٻي توانائيءَ کي پري بہ ڪيو وڃي، تڏهن بہ اهو ئي اصول هڪ خلا جي جاين يا نقطن تي پورو اچي ٿو. جيڪڏهن انهن ٻڙي درجن جي سيني حرڪتن (Zero Point Fluctuations) کي پکڙي گڏ ڪيو وڃي تہ اهي هڪ تمام وڏي شڪل واري توانائي بڻجي پونديون ۽ انهيءَ کي ڪائنات جي ٻئي علائقي کان توانائيءَ جو اڌارو حاصل ڪرڻ سمجهيو ويندو. نتيجي ۾ هڪڙو ذرڙو پيدا ٿي، انهيءَ اڌاري توانائي جي وسيلي، اُن ئي گهڙي يڪدم تباهہ ٿي ويندو. اهو نظريو، جيڪو هڪ سمجهہ پريي ماڻهوءَ کي بہ آسانيءَ سان سمجهہ ۾ نٿو اچي، سڀ کان اڳ 1948ع ۾ هڪ ڊچ ماهر طبعيات هينڊرڪ ڪيسيمير (Hendrik Casimir) پيش ڪيو هو. انهن ذرڙن کي ”واقعاتي يا ڀوت ذرڙا“ سڏيو ويندو آهي. جيڪڏهن انهن کي ٻاهران ڪافي ۽ مناسب توانائي مهيا ڪئي وڃي تہ انهن ۾ وڏي طاقت پيدا ٿي ويندي آهي. اهڙن ذرڙن جو وجود انهيءَ ئي سال آمريڪا جي طبعيات ماهر ولس ليمب بہ ثابت ڪري ڇڏيو. (تفصيل لاءِ هن ئي ڪتاب جي موضوع نمبر 20 کي ڏسو) ويجهڙائيءَ ۾ ئي طبعيات جي مشهور پروفيسر پال ڊيويز (Paul Davies) وڏي بهادريءَ سان انهيءَ ڳالهہ جو اعلان ڪيو تہ لاوجود مان نئين مادي جو پيدا ٿي وڃڻ الله تعاليٰ ﷻ جي قدرت جو ڪليل ثبوت آهي.

اهڙن جديد نظرين عظيم ڌماڪي واري نظريي جي باري ۾ اسان جي سمجهہ کي اڃا وڌايو آهي.

اسان ڏسون ٿا تہ شدت سان ڦاٽندڙ ڌماڪو ئي ڪائنات جو بنياد هو ۽ اهو ئي

www.sindhsalamat.com

ستارن ۽ ڪهڪشائن ڪي مادي ڍانچن جي وجود ۾ آڻڻ جو سبب پڻ هو. ويجهڙائي ۾ گڏ ڪيل انگن اکرن موجب، انهيءَ عظيم ڌماڪي پنهنجو پهريون مرحلو هڪ سيڪنڊ جي هڪ ارب واري حصي جي اندر ئي پورو ڪري ورتو هو. ان وقت ڪهڪشائن ۽ ستارن جو ٺاهيندڙ مادو هڪ انتهائي گرم، رِجيل ۽ پاڻ ۾ گڏيل هڪ گهاٽيتو هو. ان جو ابتدائي جدا جدا ٿيڻ جو عمل هڪ سيڪنڊ جي پهرين هزارين حصي ۾ ئي ٿي ويو.

هاڻي اسان آسماني طبعيات جي هڪ ٻي ڪوجنا تائين پهچي چڪا آهيون. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڪهڪشائن پنهنجو وجود ڪهڙي طرح قائم رکيو آهي؟ ڪجهه عرصو اڳ تائين اِن سوال جو جواب ڏيڻ تمام ڏکيو هو. ڇاڪاڻ ته انهن جو مقدار ۽ ثقلي قوتون ايترو مضبوط نه هيون جو اهي انهن ايڪن جي صورت ۾ نظر اچي سگهن. نظر نه اچڻ واري مادي جو اهو پراسرار نظريو اچا ويجهڙائيءَ ۾ ئي ظاهر ٿيو آهي، جيڪو انهيءَ ڳنڍ کي کولي سگهي ٿو. ستارن جي وچ ۾ نظر نه اچڻ وارو مادو ۽ ڪهڪشائن جي قالب ۾ موجود ڪاريون غارون ملي ڪري، پاڻ ۾ ڳنڍيل رهڻ واري قوت يا خاصيت کي پيدا ڪري ڇڏين ٿا. اهو سمورو سلسلو پهرين ۽ ابتدائي ڌماڪي سان ئي قائم ٿيو، جنهن کي عظيم ڌماڪو (The Big Bang) سڏين ٿا.

اچو ته هاڻي آسماني طبعيات جي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ هن آيت سڳوريءَ جو مطالعو ان جي سڀني عظمتن سان ڪريون.

”مان پناهه گهران ٿو (عظيم ڌماڪي واري تخليق جي) پالڻهار کان، ان جي پيدا ڪيل شين جي بڇڙائيءَ کان.“

شين ۽ مخلوق جي تشريح جي لاءِ قرآن ”فلق“ جو اصطلاح ڪم آندو آهي ته جيئن اهو ٻڌايو وڃي ته انهن جو وجود هڪ ابتدائي ڌماڪي سان قائم ٿيو. هن ايت جو سڀ کان اهم پاسو اهو آهي جنهن تحت الله تعاليٰ ﷻ جي قادر مطلق هئڻ جي صفت واري لفظ جو فلق سان جوڙ پيدا ڪيو ويو آهي. جيئن ته ڪيترن ئي مفسرن محسوس ڪيو آهي ته اها ئي اها آيت آهي جيڪا الله تعاليٰ ﷻ جي خالق ۽ مالڪ ڪل هئڻ جي صفت کي سڀ کان سٺي نموني بيان ڪري ٿي. ڪائناتي سطح جي هڪ عظيم ڌماڪي جي نتيجي ۾ هڪ سيڪنڊ جي ڏهه اربين وقت ۾ ئي ڪربن جي تعداد ۾ ستارا تخليق ٿي ويا ۽ اهو رڳو الله ﷻ جي پاڪ صفت جي ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. جهانن جي پالڻهار جي خاصيت جو مطلب الله تعاليٰ ﷻ جي طرفان حڪم ٿيڻ، مادي ترتيب عطا ڪرڻ، رهنمائي ڪرڻ ۽ واڌ ويجهه کي مڪمل ڪرڻ آهي. اصل ۾ سڀني ٻي دينن کي جنهن سوال پرِيشان ڪري ڇڏيو آهي، سو اهو آهي ته عظيم ڌماڪي جي ڪري پوري ڪائنات ۾ مادو ڇاجي ڪري هڪجهڙو ۽



هڪجيترو نه پکڙيو آهي؟ قدرت جي ڪارخاني ۾ اسان کي نظر ايندڙ اهي مونجهارا ۽ ڳجهه ڇاجي ڪري پيدا ٿي پيا آهن؟ اِن جي جواب ۾ اڻ سوچيل سمجهيل ۽ اٽڪلن تي ٻڌل اندازي وارو ارتقائي نظريو بلڪل پوئتي ۽ اڻ پورو رهجي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري ڪمپيوٽر جي تحقيق ۽ جديد علمن اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته جيڪڏهن اها رڳو اٽڪلن تي ٻڌل، غير سنجيده دخل اندازي هجي ها ته اهي نتيجا ڪڏهن به حاصل نه ٿين ها جيڪي هاڻي ڪائنات جي مادي ۾ اسان کي نظر اچن ٿا. اربن جي تعداد ۾ ڪهڪشائن ۾ لکين قسم جا نمونا ڪهڙي طرح ٺهيل آهن؟ اِهو ئي اُهو سوال آهي جنهن جو جواب اسان کي هن آيت ۾ ملي ٿو. جي نه ته ڪائنات جي سمجهه ۾ اچڻ کان ٻاهر مونجهارن کي، ڪائنات جي ابتدا سان لاڳاپيل پاڻيءَ جو بنياد هائڊرولڪ جي خوشفهمي تي مبني سادن نظرين کي ٻڌائڻ انهيءَ يوناني فلاسفر جي ياد ڏياري ٿو، جنهن جي خيال ۾ انساني ذهن، جيڪو ڪائنات ۾ سڀ کان وڏيڪ منجهيل نظام آهي، رڳو جسم کي ٽڏو رکڻ جو هڪ اوزار هو.

ڪائنات جي مادي شڪل هڪ ڌماڪي جي ذريعي الله تعاليٰ ﷻ جي انهيءَ مرضيءَ سان پيدا ٿي ته ”ٽي وڃ“ ۽ فلق يا انهيءَ ڌماڪي سان پيدا ٿيڻ واريون سموريون موجود شيون، الله تعاليٰ ﷻ جي ربوبيت جي صدقي هڪ ناقابل بيان حد تائين عظيم آسماني ڪمپيوٽر سان هڪجهڙائيءَ ۾ اچي ويون.

عظيم ابتدائي ڌماڪي سان گڏو گڏ هيءَ آيت سڳوري انفرادي طور تي تمام ننڍڙن ڦاٽي پوڻ وارن يا ڌماڪن جي نتيجي کي به بيان ڪري ٿي. مثال طور هڪ ٻوٽي جي ٻج جو ڦٽڻ به انهيءَ زمري ۾ اچي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪنهن جاندار جسم جي فلق جو مثال اهڙِي طرح آهي جو اهو ٽي پوڻ کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان ٿيندڙ مرحلن ۾، ٽوڙ ڦوڙ جي عمل ذريعي، اڻ سڌي ورهاست واري عمل مان گذرندو آهي. انهيءَ جو مثال جيو گهرڙي جي ورهاست وانگر آهي جيڪو غير پيدائشي حصن ۾ هوندو آهي، پر هڪ مان به جيو گهرڙا ٺهي پوندا آهن. انهيءَ عمل کي مائٽوسس (Mitosis)* چوندا آهن. اهڙين سڀني صورتن ۾ انهن جي لاءِ اها اٽل حقيقت آهي ته ڌماڪي جي ڦاٽي پوڻ تي انهن جي حياتي ۽ انهن جو نظم ۽ ضبط رڳو الله تعاليٰ ﷻ جي قدرت تي ئي منحصر آهي.

اهو ئي سبب آهي جو هيءَ آيت سڳوري لفظ فلق جي نسبت کي رڳو مالڪ ڪائنات جي ذات سان ئي جوڙي ٿي. ڇاڪاڻ ته سموري مخلوق جي ابتدا يا پيدائش

---

*مائٽوسس جيو گهرڙي جي اهڙي ورهاست کي سڏيو ويندو آهي جنهن ۾ هڪ جيو گهرڙو ٻن ڀاڱن ۾ اهڙي طرح ورهائجي ويندو آهي جو انهن ۾ هڪ جيترا ۽ هڪجهڙا ڪروموسوم هجن. (سنڌيڪار)

www.sindhsalamat.com

ڦاٽڻ يا ڌماڪي جي ڪري ٿئي ٿي آهي ۽ لفظ فلق جي لغوي معنيٰ به انهيءَ ٿئي عمل کي ظاهر ڪري ٿي. پوءِ به هر شيءِ کي سڀ کان پهريان پنهنجي زندگي ۽ بقا جي لاءِ الله تعاليٰ ﷻ جي عظيم مادي ۽ حياتياتي ڪمپيوٽر جهڙي انتظام تي مڪمل انحصار ڪرڻو پوندو آهي ۽ اهو انحصار هميشه لاءِ قائم رهندو.

هيءَ سورت اسان کي اهو اصل نسخو عطا ڪري ٿي ته اسان هر قسم جي بڇڙائيءَ کان جهانن جي پالڻهار جي پناهه حاصل ڪريون. انهيءَ بيان ۾ اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ ئي سموري مخلوق جي ابتداء ۽ شروعات کي به بيان ڪيو ويو آهي. پڪ سان هيءَ سورت انسان جي لاءِ تمام وڏي بصيرت آهي.

هيءَ سورت الله تعاليٰ ﷻ جي زباني اهو چوندي محسوس پئي ٿئي ته "منهنجي ربوبيت ۾ انهن سڀني پيدا ڪيل شين کان پناهه گهرو جيڪي منهنجي حڪم تي هڪ ڌماڪي جي ذريعي وجود ۾ آيون آهن. مان ئي توهان جو مالڪ آهيان ۽ مان ئي انهن ڪهڪشائن جو حاڪم مطلق آهيان جن کي هڪ حيران ڪندڙ ڌماڪي جي ذريعي، جيڪو هڪ ايڪي کان شروع ٿيو، پيدا ڪري فضائي ويڪر جي اڻ ڪٿ ڏورين تائين پهچايو ويو آهي، جيڪو به مون کان پناهه گهرندو آهي سو هر قسم جي بڇڙائين کان محفوظ ٿي ويندو آهي."



**موضوع نمبر 42**

# سوئر جي گوشت جا نقصان

اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَ الدَّمَ وَ لَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَ مَآ اُهِلَّ بِهٖ لِغَيْرِ اللّٰهِۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّ لَا عَادٍ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۷۳﴾ (البقرة: ۱۷۳)

"الله تعاليٰ ﷻ جي طرف کان جيڪڏهن توهان تي ڪا جهل پل آهي ته اها هيءَ آهي ته توهان مئل ڍور نه کائو، رتُ ۽ سوئر جي گوشت کان پاسو ڪريو. يا اهڙي ڪا شيءِ نه کائو جنهن تي الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو نالو ورتو ويو هجي. ها، جيڪو ماڻهو مجبوري جي حالت ۾ هجي ۽ هو انهن (منع ڪيل شين) کي کائي پر شرط اهو آهي ته هو نافرماني جو ارادو نه رکندو هجي، يا حد کان لنگهندڙ نه هجي، ته پوءِ اهڙي ماڻهوءَ تي ڪو گناهه نه آهي. الله بخشڻهار ۽ رحم ڪندڙ آهي."

روزمره جي زندگيءَ ۾ سوئر جي گوشت کان پاسو ڪرڻ لاءِ اهو ئي سبب ڪافي آهي ته اهو هڪ انتهائي گندو جانور آهي. ان کان منجهس هڪ مشهور قسم جي نقصان ڏيندڙ جراثيمن جي ڦيلهي هوندي آهي پر بدقسمتيءَ سان انهيءَ معاشري ۾، جتي ڪيترن ئي سالن تائين سوئر جي گوشت تي پابندي رهي آهي، ڪجهه ماڻهن هاڻي اهو چوڻ شروع ڪيو آهي ته هن جانور جي ڊاڪٽري معائني کان پوءِ ان کي کائي سگهجي ٿو.

اچو ڏسون ته سوئر جي گوشت کائڻ کان روڪڻ جي پويان ڪهڙا سبب آهن؟
گذريل پنجويهن سالن ۾ قرآن جي انهيءَ حڪم جي تائيد ۾ سائنس ڪيترا ئي سبب ڳولي لڌا آهن ۽ سائنسدان پاڻ به الله تعاليٰ ﷻ جي انهيءَ چٽي حڪم تي حيران آهن، جيڪو قرآن پاڪ جي هن آيت سڳوريءَ ۾ ڏنو ويو آهي. هاڻي مان سوئر جي

جسم جي انهن حصن بابت ڳالهه ٻولهه ڪندس جيڪا انساني صحت جي لاءِ نقصانڪار آهن.

جرمني جي مشهور طبي سائنسدان هائزڪ ريڪوگ (Heinrich Reckweg) سوئر جي گوشت ۾ هڪ عجيب قسم جي زهريلي پروٽين سٽوڪسن (Sutoxin) جي نشاندهي ڪئي آهي، جنهن سان ڪيترن ئي قسمن جي الرجي واري بيماري پيدا ٿيندي آهي. اهو زهر الرجي وارن بيمارين، مثال طور ايگزيما ۽ دمر (Asthmatic Rash) جو سبب بڻبو آهي. جيڪڏهن سٽوڪسن جو مقدار يا خوراڪ گهٽ هجي ته به انهيءَ سان ٽڪاوٽ ۽ سنڌن جو مرض ٿي پوي ٿو. انهيءَ نقطه نگاهه کان جيڪڏهن ڪن ماڻهن جي انهيءَ ڳالهه کي ٿوريءَ دير لاءِ ئي مڃي وٺجي ته سوئر جو گوشت سستو هوندو آهي ته انهيءَ مان پيدا ٿيندڙ بيمارين سان وقت جي زيان ۽ دوائن جي خرچن کي به سامهون رکيو وڃي ته سوئر جي گوشت ۾ ڪابه چڱائي نظر نه ايندي.

جانورن تي تجربن جي سلسلي ۾ سوئر جي گوشت جو خراب اثر هر دفعي نظر ايندو آهي. انهيءَ جانور جي رطوبتون ڇڏڻ وارن غدودن جي نظام (Lymphatic System) ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ ڪمزوري جي ڪري اهڙيون اوٿايون ٿي پونديون آهن جو هي جانور نقصان ڏيندڙ بيڪٽيريا سان پريل ڪاڌو لڳاتار ۽ بنا وقفي جي کائيندو رهندو آهي.

سوئر جي گوشت ۾ هڪ عنصر ميوڪوپولائزڪ چيرائيڊز (Mucopolysac Charides) تمام گهڻي مقدار ۾ ملي ٿو. جيئن ته انهيءَ ۾ گندرف ضرورت کان وڌيڪ هوندو آهي، انهيءَ ڪري سنڌن جون ڪيتريون ئي بيماريون پيدا ٿي وينديون آهن. سوئر ۾ واڌ جي عمل ۾ تيزي پيدا ڪرڻ وارا هارمون جهجهي مقدار ۾ ٿيندا آهن، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو اِن جي گوشت کائڻ وارن ماڻهن جا جسم به بي ڊولا ۽ عيبدار هوندا آهن.

هڪ ٻي پريشان ڪندڙ بيماري جيڪا سوئر جي گوشت کائڻ سان پيدا ٿيندي آهي، انهيءَ کي شيپ وائرس (Shape Virus) چوندا آهن. اهو وائرس انساني ڦڦڙن کي نقصان پهچائيندو آهي. چاڪاڻ ته اهو وائرس سوئر جي ڦڦڙن ۾ به جهجهي مقدار ۾ هوندو آهي.

هاڻي مان انساني صحت تي سوئر جي نقصانڪار اثرن جي نشاندهي ڪندس.

سوئر جو گوشت رت ۾ چربي وارن جزن جو تناسب ضرورت کان وڌيڪ مقدار ۾ پيدا ڪري ڇڏيندو آهي.

سوئر کائڻ وارن جا جسم آهستي آهستي هڪ لوهي چُلهي جي صورت اختيار ڪري وٺندا آهن. يورپ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ اها حقيقت آسانيءَ سان ڏسي



سگهجي ٿي. پروفيسر ليٽري (Lettre) تابڪاري طريقا استعمال ڪندي اهو ثابت ڪيو آهي ته خوراڪ جسم جي انهيءَ حصي ۾ گڏ ٿي ويندي آهي، جنهن حصي جي اها خوراڪ آهي. ايئن انهيءَ نظريي جو ثبوت ملي وڃي ٿو ته سوئر کائڻ وارن جي چٽڻ تي چربي گڏ ٿي وڃي ٿي.

هاڻي مان انهيءَ موتمار بيماريءَ جو ذڪر ڪندس جيڪا سوئر کائڻ وارن کي ٿي پوندي آهي. اها ڪيڙن واري بيماري هوندي آهي جنهن کي Trachina سڏبو آهي.

سٽاهل اِن موضوع تي پنهنجي ڪتاب ”دي وارمي ورلڊ“ (The Wormy World) ۾ اهو ٻڌايو آهي ته دنيا ۾ لڳ ڀڳ ٽي ڪروڙ ماڻهو انهيءَ بيماريءَ جو شڪار آهن. اڄ ڄاڻائيءَ تي ٻڌل خيالن جي برخلاف مٿي بيان ڪيل بيماري دماغ ۾ رڳو نقصان ڏيندڙ ڳنڍ ئي نٿي ناهي، پر اها رت ۾ رڪاوٽ يا ڄمائڻ جو عمل به پيدا ڪندي آهي، جنهن ڪري انهيءَ منجهان ٽائفائيڊ جهڙو موذي مرض به پيدا ٿي پوندو آهي. ان ڪانسواءِ انهيءَ بيماري جي ڪري اوچتو موت به اچي سگهي ٿو. سوئر جو گوشت جسم جي ماس ۾ گڏ ٿي ماس جي خطرناڪ بيمارين کي جنم ڏيندو آهي.

سوئر جي گوشت کائڻ سان ”ويڪرا سوئر وارا ڪيڙا“ (Tape Worm) نالي هڪ ٻي بيماري پڻ ٿي پوندي آهي. تنهنڪري ڪيترن ئي يورپي ملڪن ۾ سوئر جا ڦڦڙن کائڻ کان منع ڪيل آهي. پوءِ به سوئر جي عام گوشت کائڻ سان به بيماري پيدا ٿي سگهي ٿي. انساني صحت کي سڀ کان وڌيڪ نقصان انهيءَ بيماريءَ سان ٿيندو آهي، جنهن ۾ انهيءَ جانور جي گردن جي سخت چربيءَ جي ڪري، آنڊن ۾ خاص قسم جا طفيلي ڪيڙا پيدا ٿي ويندا آهن. اها عام سمجهه ۾ ايندڙ ڳالهه آهي ته جانورن جي گوشت ۾ ٻن قسم جي چربي ٿيندي آهي. هڪ ته اها آهي جيڪا صاف نظر ايندي آهي ۽ گوشت جي مٿان ويڙهيل هوندي آهي. جڏهن ته چربيءَ جو ٻيو اهو قسم آهي جيڪو ماس جي تاندورن ۾ اندر ئي اندر موجود هوندو آهي. جيستائين چربيءَ جو گوشت ۾ گڏ ٿيڻ جو معاملو آهي، ٻئي قسم جي چربيءَ کان خاص طرح هوشيار رهڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ سلسلي ۾ عام قسم جي گوشت وارين شين ۾ چربيءَ جو تناسب هيٺين ريت هوندو:

| | | |
|---|---|---|
| 1. | ڳابي جو گوشت | 10 سيڪڙو |
| 2. | رڍ جو گوشت | 20 سيڪڙو |
| 3. | ڳهٽي جو گوشت | 23 سيڪڙو |
| 4. | سوئر جو گوشت | 35 سيڪڙو |

جانورن مان حاصل ٿيندڙ چربي جيڪا اسان جي جسم ۾ وڃي ٿي تنهن بابت اها تحقيق ٿي چڪي آهي ته انساني رت ۾ اها سڀ کان گهٽ مقدار ۾ ڳرندي آهي.

ايئن سوئر جي گوشت کائڻ سان، جنهن ۾ چربي جو گهڻو مقدار موجود هوندو آهي، رت ۾ چربي (Lipid) ۽ ڪوليسٽرول (Cholesterol) جي مقدار ۾ واڌارو ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن اهي جزا رت جي وهڪري ۾ گهڻي عرصي تائين موجود رهن ته اهي پنهنجي چنبڙڻ واري خاصيت جي ڪري رت جي وهڪري ۾ رڪاوٽ پيدا ڪندا آهن ۽ رت جي شريانين کي سخت ڪري ڇڏيندا آهن. اڄ ڪلهه ته خاطريءَ سان مڃيو ويو آهي ته ڪاڌي ۾ چربي جو مقدار وڌيڪ هجڻ ئي دل جي شريانين جي بيمارين جو سڀ کان وڏو ڪارڻ آهي. رت ۾ چربي جو مقدار ضرورت کان وڌيڪ هجڻ ئي وقت کان اڳ ڪراڙپ، هيڻائي، اڌرنگي ۽ دل جو دؤرو پوڻ جو اهم سبب آهي.

اڄڪلهه قاصائيءَ جي دڪان ۾ داخل ٿيڻ وارو هر گراهڪ بنا چربيءَ واري گوشت جي گُهر ڪري ٿو. اصل ۾ انهيءَ چربيءَ جي ڪابه اهميت نه آهي جيڪا گوشت جي ٻاهران ظاهري طرح نظر اچي ٿي، پر انهيءَ چربيءَ کان هوشيار رهڻ جي ضرورت آهي، جيڪا ماس جي تاندورن ۾ اندر لڪيل هوندي آهي.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اتي ڇا ڪيو وڃي، جتي قاصائي پنهنجي دڪان تي رڳو سوئر جو گوشت ئي وڪرو ڪندو هجي؟ انهيءَ باري ۾ ٻه ڳالهيون آهن:

(الف) يا ته انهيءَ گوشت کي خريد ڪيو وڃي جيڪو سڄي صحت کي زهريلو ڪري ڇڏي ٿو، خاص ڪري تي رت جي شريانين کي.

(ب) يا وري اهو ته توهان اهو چئي سگهو ٿا ته مان مسلمان آهيان، تنهنڪري انهيءَ دڪان تان ڪجهه خريد ڪرڻ ڪانسواءِ ئي ٻاهر نڪري اچو ۽ ايئن پنهنجي صحت کي خراب ٿيڻ کان بچائي وٺو.

اسان چٽيءَ طرح ڏسي سگهون ٿا ته قرآن انهيءَ فرمان جي ذريعي اجائي نڪته چيني نٿو ڪري، پر اهو فرمان هڪ طرح انساني صحت جي لاءِ هڪ تمام قيمتي تحفو پڻ آهي.

حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه اها آهي ته سوئر جي گوشت جي انهن نقصانن جي وڏي پيماني تي ڄاڻ ملڻ کان پوءِ به انهيءَ کي لڳاتار کاڌو وڃي ٿو. منهنجي خيال ۾ انهيءَ سلسلي ۾ معاشي حالتن جو وڏو عمل دخل آهي پر تمام جلد اها شيءِ صحت جي لاءِ هڪ خطرناڪ مسئلو بڻجي ويندي. اڄڪلهه اها ڳالهه بلڪل پڌري ٿي پئي آهي ته دل ۽ رت جي شريانين جون بيماريون انهن معاشرن ۾ گهٽيون ٿين ٿيون، جتي سوئر جو گوشت عام کاڌو ويندو آهي. پوءِ به هاڻي ويجهي وقت تائين سوئر جي گوشت ۾ ضرورت کان وڌيڪ چربيءَ جو وجود، عوام ۾ ڳُٽتي يا بحث مباحثي جو موضوع نه بڻيو آهي. بهرحال اهو مسئلو هاڻي انهيءَ حد تي پهچي چڪو آهي ۽ اها



اميد ڪري سگهجي ٿي ته دنيا مستقبل قريب ۾ سوئر جي گوشت کان پاسو ڪندي ان کي ان جي حال تي ڇڏي ڏيندي.

سوئر جي گوشت ۾ موجود تمام گهڻي چربي سان هڪ ٻيو نقصان به ٿئي ٿو، سو اهو آهي ته انساني جسم ۾ وٽامن اِي (Vitamin – E) ضرورت کان وڌيڪ خرچ ٿي وڃي ٿي. اِن گوشت کائڻ وارن ۾ وٽامن اِي جي جلدي ڳري وڃڻ جي عمل جي ڪري انهيءَ وٽامن جي اندروني ڳجهي کوٽ پيدا ٿي پوندي آهي. هاڻي اها ته هر ڪنهن کي خبر آهي ته وٽامن اِي ڪيترائي اهم ڪم ڪندي آهي. انهن مان هڪ اهم ڪم جنسياتي غدودن تي پوندڙ اثر آهي. ٿلها ماڻهو، خاص ڪري سوئر جو گوشت کائڻ وارا ماڻهو وٽامن اِي جي کوٽ جو شڪار ٿي ويندا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ جنسي طور نامرد ٿي ويندا آهن. وٽامن اِي جي کوٽ جي ڪري مختلف قسم جون چمڙي ۽ اکين جون بيماريون به پيدا ٿي پونديون آهن.

جيئن مون هن باب جي شروع ۾ بيان ڪيو آهي ته مستقل ۽ لڳاتار گندو ڪاڌو ۽ گونهه کائڻ جي ڪري سوئر جي جسم جو لمفي (رطوبتون پيدا ڪرڻ وارو) نظام لڳاتار ڪم ڪندو رهندو آهي ۽ انهن مدافعتي جزن سان هر وقت ڀريل رهندو آهي جنهن ۾ خاص اچي چربي البومن (Albumin) هوندي آهي. اهي جزا جيڪي جسم جي مدافعتي نظام (Immunse System) ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ جن ۾ موذي مرضن جي باري ۾ ڪوجنائون ٿي رهيون آهن، سي ٻين جاندارن يا مخلوق جي لاءِ انتهائي زهريلا اثر رکن ٿيون. ڇاڪاڻ ته هڪ جاندار يا مخلوق پنهنجي جسم جي جيو گهرڙن لاءِ زهر جو اثر رکي ٿو. انهيءَ حقيقت جي بنياد تي سوئر جي گوشت جي لڳاتار استعمال سان مختلف قسم جون الرجي پيدا ڪندڙ ۽ سوڄ جهڙيون بيماريون ٿي پون ٿيون. جيتوڻيڪ اهو قطعي طور ثابت نه ٿي سگهيو آهي، پر اها ڳالهه قياس جوڳي آهي ته اهي ئي جزا اسان جي نسن ۾ رطوبت پيدا ڪرڻ واري نظام جي عمل ۾ ٽوڙ ڦوڙ جو سبب بڻجندا آهن.

جيئن ته سوئر هڪ اهڙو جانور آهي، جيڪو ڪيترين ئي بيمارين جو شڪار رهندو آهي، انهيءَ ڪري اهو ناممڪن آهي ته ان جي گوشت کائڻ ۽ هاضمي جي ذريعي نقصان ڏيندڙ اچي چربي واري البومنز، جن کي اينٽي باڊي (Antibodies) به چوندا آهن، سي انسان جسم ۾ اندر داخل نه ٿي وڃن. حاصل مطلب ته سوئر جو گوشت هڪ اهڙي خوراڪ آهي جنهن کي واڌ ويجهه لاءِ نه پر پنهنجو پاڻ کي زهريلو مواد ڪارائڻ جي لاءِ ئي استعمال ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ته اِن سلسلي ۾ هر قسم جون حقيقتون سامهون اچي چڪيون آهن. اهي ماڻهو جيڪي ان کي رڳو شوق ۽ ڏيکاءَ لاءِ ئي کائيندا آهن، تن جو مسئلو ته اڃا به وڌيڪ خراب آهي.

آخر ۾ آئون اهو سائنسي نقطه نظر پيش ڪندس، جنهن ۾ سوئر جي گوشت

www.sindhsalamat.com

بابت هڪ ٻي اهم ڳالهه ڪئي ويندي آهي. ڪيترن ئي مسلمان دانشورن اها دعويٰ ڪئي آهي ته رڳو سوئر ئي هڪ اهڙو جانور آهي جنهن ۾ پنهنجي مادي جي سلسلي ۾ ڪنهن قسم جي غيرت جو جذبو نه هوندو آهي ۽ اهو انهيءَ ڪري جو هو پنهنجي ماديءَ جي لاءِ وڙهندو به نه آهي. انهيءَ نسبت سان سوئر جو گوشت کائڻ وارا ماڻهو به جنسياتي طور بي حس هوندا آهن. جيئن ته هن کان اڳ به مون بيان ڪيو آهي ته وٽامن اي جي سخت کوٽ، جيڪا سوئر جي چربيءَ جي ڪري پيدا ٿيندي آهي، پڻ هن نظرئي کي سگهارو ڪري ٿي.

هڪ ٻي اهم نشاني اها آهي ته اسان جو پاڪ ڪتاب يعني قرآن ڪريم لحم الخنزير کائڻ کان چئن جدا جدا آيتن ۾ روڪي ٿو. ان جي حرام هجڻ جو حڪم سورت البقره جي آيت نمبر 173، سورت المائده جي آيت نمبر 3، سورت الانعام جي آيت نمبر 145 ۽ سورت النحل جي آيت نمبر 115 ۾ چٽائيءَ سان ڏنو ويو آهي. انهيءَ حڪم کي چئن مختلف سورتن ۾ ڏيڻ جو مقصد اهو آهي ته انهيءَ حقيقت کي زور ڏئي ڪري ماڻهن کي ٻڌايو وڃي ته هر ماڻهو انهيءَ مسئلي تي مڪمل ڌيان ڏئي. چاڪاڻ ته سوئر جي گوشت جي مسئلي جي نشاندهي اسان جي پنهنجي زماني ۾ ئي ٿي وئي آهي ۽ سائنسدانن هن خطرناڪ خوراڪ تي تفصيلي ڪوجنائون ڪري ورتيون آهن.



**موضوع نمبر** 43

# دوزخ جو ٻارڻ

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ عَلَيْهَا مَلٰٓىِٕكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَاۤ اَمَرَهُمْ وَ يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ ﴿۶﴾

(التحريم٦)

”اي ايمان وارؤ! پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي گهرن وارن کي انهيءَ باهه کان بچايو جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر هوندا. جن تي تمام بي رحم ۽ سختيءَ سان پڪڙيندڙ ملائڪ مقرر هوندا جيڪي ڪڏهن به الله تعاليٰ ﷻ جي حڪم جي نافرماني نٿا ڪن ۽ جيڪو حڪم انهن کي ڏنو وڃي ٿو تنهن کي پورو ڪن ٿا.“

هن آيت سڄوريءَ ۾ جنهن پيغام جي اسان تشريح ڪنداسين سا آهي ”اها باهه جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن.“ هن موضوع تي اڳتي وڌڻ کان اڳ، اسان کي اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته قرآن اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ نازل ٿيو هو. انهيءَ دؤر ۾ اهو تصور ڪرڻ به ناممڪن هو ته هڪ اهڙي باهه به ٿي سگهي ٿي، جنهن جو ٻارڻ پٿر هوندا.

اڳي وانگر، اچو ته اسان آيت سڄوريءَ جي سڀ کان اهم نڪتن جي نشاندهي ڪريون.

پهرين ڳالهه اها ته هن آيت ۾ دوزخ ۽ باهه جي باري ۾ ان جي ٻارڻ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ۽ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته ان جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر هوندا.

جيڪڏهن هيءَ آيت رڳو اهو بيان ڪري ها ته جهنم جي باهه جو ٻارڻ انسان هوندا ته اسان کي يڪدم اهو خيال اچي ها ته هيءَ ڳالهه هڪ تشبيهه يا استعاري طور

ڪئي وئي آهي ۽ انهيءَ جو مطلب اهو ٿي سگهي ٿو ته انسانن جو ٻارڻ بڻجڻ انهن جو پنهنجي اندر ئي عذاب ۾ سڙڻ آهي پر جيئن ته انسانن سان گڏو گڏ پٿرن کي به دوزخ جو ٻارڻ ٻڌايو ويو آهي، انهيءَ مان اها ڳالهه چٽي ٿي پوي ٿي ته هتي اها ڳالهه استعاري يا تمثيل جي طور تي نه ڪئي وئي آهي ۽ نه وري اهڙي قسم جي ڪا تشريح ڪري سگهجي ٿي.

پيو اهو ته آخر دوزخ جي باهه جي ٻارڻ کي ايترو چٽائيءَ سان ڇو بيان ڪيو ويو آهي؟ انهيءَ ڳالهه کي ڪجهه ڳجهي يا تمثيلي انداز ۾ به بيان ڪري سگهجي پيو؟ مثال طور اهو به چئي سگهجي پيو ته هيءَ اها باهه آهي جنهن سان جنن کي پيدا ڪيو ويو آهي ۽ اهو ته هيءَ اها باهه آهي جنهن کي قادر مطلق پيدا ڪيو آهي، وغيره وغيره. انهيءَ جي برخلاف هن ارشاد جي ذريعي هڪ اهڙو تصور پيش ڪيو پيو وڃي، جيڪو اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ جي ماڻهن کي مشڪل ئي سمجهه ۾ اچي سگهي پيو ته ”اهي اهڙا پيڙ هوندا جن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر هوندا.“

هن آيت جي بنياد تي اسلام جي ڪيترن ئي مفڪرن اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته دوزخ جو آغاز ان وقت ٿيندو جڏهن حساب ڪتاب وارو ڏينهن پورو ٿي ويو هوندو. ان جي برخلاف، انهن وٽ بهشت سدائين قائم آهي.

ٿيون اهو ته هن آيت جو سڀ کان اهم پيغام اهو آهي، جنهن جي ذريعي هڪ انتهائي اهم سائنسي سوال پڇيو ويو آهي. اهو سوال ڪليل طور اهو آهي ته اها ڪهڙي توانائي آهي جنهن جو ٻارڻ پٿر آهن؟ هيءَ آيت اسان کي دعوت ڏئي ٿي ته طبعيات جي گرمي ۽ توانائي وارن نظرين هيٺ اسان هن سوال جو جواب ڳوليون.

چوٿون اهو ته ظاهري طرح ان جي جواب ۾ ڪوئلي جو نالو وٺي سگهجي ٿو پر اهو جواب صحيح نٿو ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته پهرين ڳالهه اها ته عربي ۾ ڪوئلي جو لفظ موجود هئڻ جي باوجود به هن آيت ۾ استعمال نه ڪيو ويو آهي. ٻي ڳالهه اها ته هن آيت ۾ عام قسم جي پٿرن کي ئي ٻارڻ جي طور تي ظاهر ڪيو ويو آهي. پر ان ڳالهه کي به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته جڏهن انسانن کي هڪ ٻارڻ ڄاڻايو ويو آهي ته اهو به ٻارڻ واريون بنيادي خاصيتون رکي ٿو. زمين جي مٿاڇري تي جهجهي مقدار ۾ ڪاربان ملي ٿو. جيئن ته انساني جسم ۾ ڪاربان جا ايٽم جهجهي مقدار ۾ ملن ٿا، تنهن ڪري انهيءَ مفهوم ۾ انسانن کي ٻارڻ سمجهي سگهجي ٿو. اصل ۾ جيڪڏهن انسانن کي پٿرن بدران ڪوئلي سان ملائي ٻارڻ چيو وڃي ته جديد سائنس انهيءَ ڳالهه ۾ حق تي هوندي ته اها انهيءَ ڳالهه جي وڌيڪ آسان تشريح پيش ڪري ٿي.

تنهن ڪري اسان کي لازمي طور سڀ کان پهريان انهيءَ ڳالهه جي سائنسي توجيهه ڳولڻ گهرجي ته عام قسم جا پٿر ڪهڙي طرح ٻارڻ بڻجي سگهن ٿا. انهيءَ سلسلي ۾ اسان کي پنهنجي ڄاڻ کي تازو ڪرڻ لاءِ جديد طبعيات جي گرمي



(Heat) ۽ توانائيءَ (Energy) جي نظرين جو مطالعو ڪرڻ گهرجي.

جيئن ته هرڪو ڄاڻي ٿو ته بنيادي طور تي گرمي هڪ ڏڪٽي هوندي آهي ۽ جوهرن (ايٽمن) جو ڏڪڻ 273 ڊگري سينٽي گريڊ يا ٻڙي ڊگري ڪيلون تي رڪجي ويندو آهي. انهيءَ مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته اهي ايٽم، جيڪي اسان جي فطرت سان روزمره جي لاڳاپن دوران اسان کي گهيري رکن ٿا، لڳاتار ڏڪٽي جي حالت ۾ رهندا آهن. دنياوي يا زميني ڪيفيتون يعني نَهرا جسم (Solid)، پَڙِا جسم (Liquid) ۽ گيسون (Gases) مخلتلف سطحن جي توانائيءَ کي ظاهر ڪن ٿيون. جڏهن ايٽم ۾ توانائيءَ کي داخل ڪيو ويندو آهي ته انهيءَ جي ڏڪٽي وڌي ويندي آهي. هڪ نهري جسم ۾ ايٽم هڪ خاص ڍانچي اندر ڄميل هوندو آهي ۽ ان جي ڏڪٽي ان کي تمام معمولي سطح تي هٽائيندي آهي. پٿڙي ۾ جيڪي ٻنڌڻ ايٽمن کي پنهنجي جاءِ تي نهري حالت ۾ برقرار رکن ٿا، سي ايترا سگهارا نه هوندا آهن جو انهيءَ ڏڪٽيءَ کي قابو ۾ رکي سگهن. ائين ايٽم ۽ ماليڪيول هڪ ٻئي جي مٿان آسانيءَ سان ترڪندا رهندا آهن. هڪ گيس ۾ توانائيءَ جي سطح وڌيڪ مٿاهين هوندي آهي جنهن ۾ ايٽم ۽ ماليڪيول مٿي اڏامندي ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ ٽڪرائجي به ويندا آهن. جيئريون مخلوقون پنهنجو وجود انهن ئي ڪيفيتن ۾، خاص ڪري پاڻي جي ڄميل ۽ پٿڙي حالت ۾، قائم رکڻ جي قابل هونديون آهن. ڇاڪاڻ ته اهي ڪيميائي ٻنڌڻ، جيڪي انهيءَ جي زندگيءَ لاءِ ضروري هوندا آهن، پنهنجو پاڻ کي هڪ جاءِ تي گڏ رکندي، گرمي پدن ۾ داخل ٿيل هوندا آهن. زميني گرمي پد هڪ خاص حد يعني 80 ۽ 3000 ڊگري سينٽي گريڊ جي اندر ئي هوندو آهي.

بهرحال فرض ڪريو ته اسان توانائيءَ کي ايتري حد تائين وڌائيندا رهون جو اسان لکين ۽ اربين ڊگرين تائين پهچي وڃون: انهيءَ سان اهڙيون حالتون پيدا ٿي پونديون آهن جو رڳو قدري طور تي ستارن جي اندروني ڍانچي ۾ هونديون آهن. انهيءَ جو مثال سج ٿي سگهي ٿو يا وري نون ستارن جا ڌماڪا (Novae) ٿي سگهن ٿا. هاڻي ٿيندو ائين آهي ته مضبوط نيوڪليائي طاقت (اها طاقت جيڪا ذرڙن يا مرڪزن کي پاڻ ۾ جوڙي رکي ٿي) ۽ چئن مادي قوتن مان سڀ کان سگهاريون قوتون ان قابل نٿيون رهن ته اهي پروٽونز (چٽادار بنيادي ذرڙن) ۽ نيوٽران کي قابو ۾ رکي سگهن. ائين بعد ۾ ذڪر ڪيل ڪاٽو اليڪٽرانن سان ملي ڪري هڪ قسم جي ايٽمي گيس جي صورت ۾ هيڏي هوڏي اڏامڻ شروع ڪنديون آهن. مادي جي اها ”چوٿين حالت“ هوندي آهي.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ايتري وڌيڪ توانائي ڪيئن وجود ۾ اچي ٿي؟ بنيادي طور توانائي حاصل ڪرڻ جا ٻه طريقا آهن. انهن مان هڪڙو ته ڪيميائي طريقو هوندو آهي. جڏهن ته ٻيو طريقو ايٽمي يا نيوڪليائي هوندو آهي. جيئن ته

www.sindhsalamat.com

اسان هتي باهه جي باري ۾ ڳالهه ڪري رهيا آهيون، انهيءَ ڪري اسان هتي توانائيءَ جي ميڪانيڪي طريقي کي ڇڏي ڏنو آهي. ڪيميائي شين جي هڪ ٻئي تي اثر اندازي جي ذريعي اهڙا ردعمل ٿيندا آهن، جيڪي گرميءَ کان مٿي (Extro Thermal) هوندا آهن يعني اهي توانائي خارج ڪندا آهن. اهي اهڙا هوندا آهن جهڙا ڪاربان ۽ آڪسيجن جي ميلاپ سان ٻيڙ ڪري ٻرڻ (Combustion) وارو عمل. اسان سيئي اهو ڄاڻون ٿا ته ايٽمن جي ٻاهرين ڪوپي ۾ اليڪٽرانن جي پاڻ ۾ ادل بدل جي ذريعي ئي ڪيميائي رد عمل ظاهر ٿيندو آهي.

پر مادي مان توانائي حاصل ڪرڻ جو هڪ ٻيو طريقو به آهي. انهيءَ جي لاءِ اسان کي سڌو ايٽم جي مرڪز ۾ وڃڻو پوندو. ايٽمن جا مرڪزَ يا عنصَرَ مختلف مقدار جي توانائيءَ جي ذريعي هڪ ٻئي سان ٻڌل هوندا آهن. انهن عنصرن کي وقفي وقفي سان پروٽانن جي ذريعي وڌائي سگهجي ٿو ۽ گڏي ٻڌڻ واري توانائيءَ جو ونگ (Curve of Binding Energy) جيڪو هر مرڪز کي ٻئي سان جوڙي رکندو آهي، حاصل ٿي ويندو آهي. پوءِ اهو ڏسي سگهجي ٿو ته اهو ونگ لوهه جي اوسي پاسي، جيڪو سڀ کان وڌيڪ مضبوط عنصر آهي، هڪ ڏونگهي يا ٿالهه جي شڪل جو هوندو آهي. جيئن جيئن انهيءَ ونگ جي آخري ڪنارن ڏانهن وڌبو، تيئن تيئن وڌيڪ مقدار ۾ توانائيءَ جي گهرج ٿيندي آهي، جنهن سان مرڪزن کي گڏي هڪ ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته سڀ کان هلڪا عنصر سڀ کان ڳري عنصر سان ڪمزوريءَ سان ڳنڍيل رهندا آهن. عنصرن جا مرڪزَ جڏهن لوهه سان ملي ويندا آهن ته اهي وڌيڪ چست، سگهارا ۽ مضبوط شڪل وارا ٿي ويندا آهن. هلڪن عنصرن کي پاڻ ۾ جوڙيو ويندو آهي ته جيئن انهن کي مضبوط ڪري انهن مان توانائيءَ جو ڪجهه مقدار حاصل ڪري سگهجي. ٿيندو ايئن آهي ته شڪل صورت جي تبديل ٿيڻ سان معمولي مقدار جو مادو به توانائيءَ ۾ بدلجي ويندو آهي. اهڙي قسم جا امڪان ته آئن اسٽائن جي دؤر ۾ به موجود سمجهيا ويندا هئا.

جيڪڏهن اسان هڪ ڳري مرڪزَ (مثال طور يورونيم) کي نيوٽران سان بمباري ڪري ڦاڙيون ۽ مرڪز کي ٻن مرڪزن ۾ ڦاڙي جدا ڪريون، جنهن کي جوهري ردعمل (Nuclear Fission) چيو ويندو آهي ۽ اهو انهيءَ لاءِ چوندا آهن جو انهن سيني مرحلن ۾ انتهائي مٿانهين درجي جي گرمي پد جي ڳالهه ٿيندي آهي. ڦاٽڻ جو اهو طريقو يا عمل ئي ايٽم بم ٺاهڻ جو اصول آهي. جڏهن ته ڦاٽڻ جو طريقو يا عمل ٿرمو نيوڪليئر يا هائيڊروجن بم جو اصول آهي. آخري ذڪر ڪيل ئي اها توانائي آهي، جيڪا ستارن جي ٻارڻ جو ڪم ڪندي آهي. اجا به سچ کي ته انهيءَ جاءِ سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي جتان هر سيڪنڊ جي وقت ۾ ڪيترن ئي لکن جي تعداد ۾ هائيڊروجن بم ڦاٽي رهيا هوندا آهن.



جڏهن انشقاق يا ڦاٽڻ جي عمل کي ضابطي ۾ آندو وڃي ته انهيءَ مان ايٽمي بجلي گهر ٺهي پوندو آهي. هاڻي ڏسو ته اهڙي بجلي گهر جو ٻارڻ نه ته ڪوئلو هوندو آهي ۽ نه وري انهيءَ ۾ ڪو تيل استعمال ٿيندو آهي. اهو ٻارڻ يورونيم 235 هوندو آهي جيڪو يورونيم 238 مان حاصل ٿيندو آهي. انهيءَ قسم جو يورونيم هڪ مرڪب جي صورت ۾ عام قسم جي هڪ پٿر ۾ ملندو آهي. باقي اهو ضرور آهي ته خرچن جي لحاظ کان رڳو اهو پٿر جن ۾ يورونيم جو مقدار گهڻو هوندو آهي، سو ئي کوٽي ڪڍڻ جي لائق هوندو آهي.

پر هن آيت سڳوريءَ مان مطلب، اِن ڪانسواءِ به هڪ اهم شيءِ آهي. اها هڪ اهڙي عمل کي بيان ڪري ٿي جيڪو تمام خاص حالتن هيٺ حاصل ڪيو ويو هجي. باقي نه ته انهيءَ ۾ رڳو پٿرن جو ئي بيان هجي ها، نه انسانن جو.

توانائيءَ جو گهڻو مقدار مرڪزن ۾ قيد هوندو آهي. آئن اسٽائن جي مساوات يعني $E=MC^2$ جي لحاظ کان اها مڃيل ڳالهه آهي ته جيڪڏهن رڳو هڪ گرام جي مقدار واري مادي کي توانائيءَ ۾ بدلايو وڃي ته انهيءَ مان حاصل ٿيڻ واري توانائي ايتري هوندي جيتري 2500 ٽن ڪوئلي مان حاصل ٿيندي آهي. جيڪڏهن انسانن ۽ پٿرن جي ايٽم کي سڌيءَ طرح توانائيءَ ۾ بدلايو وڃي ته اسان کي اڻ کٽ ۽ نه ختم ٿيندڙ ٻارڻ ملي ويندو. ٻين لفظ ۾ انهيءَ جو مقصد اسان کي سچائيءَ کان آگاهي ڏيارڻ آهي جيڪا مادي جي جوهر ۾ لڪيل آهي. جيڪڏهن مسلمان سائنسدان جهڙوڪ البيروني ۽ جابر بن حيان جهڙن ماڻهن کي هن سونهري دؤر کي جاري رکڻ جو موقعو ملي وڃي ها ته اسان ايٽمي يا نيوڪلائي ڦاٽڻ کي اڄ کان پنج صديون اڳ ئي ڳولي چڪا هجون ها.

هِن مرحلي تي مان انهيءَ سوال طرف توجهه ڏيارڻ گهران ٿو جيڪو ڪيترن ئي پڙهندڙن جي ذهنن ۾ پيدا ٿيو هوندو. مون پنهنجي تحريرن ۾ اها ڳالهه سمجهائي آهي ته قرآن ڪهڙي طرح طبعيات ۽ حياتيءَ جي علم بابت حيرت ۾ وجهندڙ پيغام عطا ڪيا آهن. پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو اسلام ۾ انهن علمن ۾ ذڪر جوڳي ترقي نه ٿي آهي.

انهيءَ سوال جو جواب ڳولڻ کان اڳ اسان کي اها ڄاڻ هئڻ گهرجي ته دنيا ۾ اسلام جي اچڻ سان 100 کان 300 جي اندر اندر مسلمان سائنسدانن سائنس جي ميدانن ۾ بنيادي کوجنائون ڪري ورتيون هيون. البيروني طبعيات ۾، جابر خراساني رياضي ۾ ۽ ان سان گڏوگڏ ڪيميا ۾، عمر خيام رياضي ۾، ابن سينا حياتيات ۾، طب ۾ اهڙا ته بنياد مهيا ڪيا هئا جن تي جديد سائنس جي عمارت ممڪن ٿي سگهي. جڏهن تاريخ جو مطالعو انصاف ۽ غير جانبداريءَ سان ڪيو وڃي ته اها حقيقت چٽيءَ طرح ظاهر ٿي وڃي ٿي ته طبيعيات، رياضي ۽ حياتيات جي

علمن جون پاڙون مڪمل طور تي مسلمان سائنسدانن جي ڪيل ڪارنامن مان ئي نڪتيون آهن. اسلام جي انهن ڪوجنائن کي يورپ وارن پنهنجائي، ترقي ڪري ورتي جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو تهذيب ۽ تمدن جي ڊوڙ ۾ اسان جا پورا 900 سال ضايع ٿي ويا.

اڳتي هلي اسلامي دنيا ٻن پاسن کان حملن جو شڪار ٿي وئي. هڪ پاسي ته ان کي منگولن جي حملن ۽ انهن جي سوڀ کان سخت نقصان ڪٽڻو پيو. ٻئي پاسي انهن کي صليبي جنگين مان نقصان پهتو. پهرين مصيبت انهن کي رت وهنتو ڪري ڇڏيو ته ٻي هڪ پراڻي بيماري وانگر صدين تائين کين گهليندي رهي. جڏهن سورهين صدي عيسوي تائين اهو طوفان ماٺو ٿيو ته اولهه وارن نئين زندگي حاصل ڪري ورتي. يعني اتي نئين سر تعمير ۽ ترقي جي ذريعي علمن ۽ فنن کي جاڳائڻ جو زمانو شروع ٿي چڪو هو. جڏهن ته ٻئي پاسي اسلام هر قسم جي سياسي ڇڪتاڻ جو شڪار ٿي ويو. مسلمانن کي نه ته دين سان ۽ نه وري سائنس سان ڪو لاڳاپو باقي رهيو.

اچو ته هاڻي آيت سڳوريءَ جي تشريح ڏانهن موٽي اچون. انسانن ۽ پٿرن کي هڪ ئي وقت ۽ وڏي پيماني تي هڪ عظيم توانائي ۽ تمام گهڻي تپش ۾ تبديل ٿيڻ جي عمل مان گذاري، الله تعاليٰ جل جلاله انسان کي پنهنجي ڪامل قدرت جي ذريعي ڇوٽڪارو عطا ڪندو. پر اجا تائين ڪيترن ئي ذهنن ۾ اهو سوال حل نه ٿيو هوندو ته ايتري سخت گرميءَ ۾، جتي هڪ ايٽم پگهرجي پلازما ۾ تبديل ٿي وڃي، انسانن جي زندگيءَ جو نالو نشان ڪهڙي طرح باقي رهي سگهي ٿو؟ انهيءَ سوال جي جواب جي اهميت رڳو هن آيت سڳوريءَ جي مفهوم اندر ئي نه، پر انهيءَ جو تعلق هن سوال سان به آهي ته دوزخ ۾ رڳو عام قسم جي باهه جي تَوَ ۾ به ڪهڙي طرح انساني زندگي قائم رکي سگهي ٿي؟ انهيءَ مقصد جي لاءِ سڀ کان ضروري ڳالهه انهيءَ حقيقت جي سڃاڻ ۽ سمجهه حاصل ڪرڻ آهي ته هن دنيا کان ٻاهر به جڏهن حواس خمسه کان مٿاهون نظام قائم ٿي وڃي ته زندگيءَ جو سفر وري ٻي طرح سان جاري رهندو. توانائيءَ جي مخصوص ايڪن (ڪوانٽا) ۽ ذرڙن (ماليڪيولز) جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو قائم رکڻ جي صلاحيت الله تعاليٰ جل جلاله جي حڪم سان پيدا ٿيندي آهي. خاص ڪري جيئري مخلوق جي معاملي ۾ اهو ڳانڍاپو هڪ اهڙي وقت کي ظاهر ڪري ٿو جيڪو هن مخلوق جي جسماني بناوت ۾ پهريان ئي ترتيب ڏنو ويو آهي. پر انهيءَ ڳانڍاپي کي قائم رکڻ جي لاءِ زندگي سان لاڳاپيل زميني پروگرام ترتيب ڏيڻ ضروري شيءِ نه آهي. يعني هتان کان ٻئي پاسي به زندگي جي وجود جو اهڙي طرح هئڻ ضروري نه آهي. اصل ۾ اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ڪائنات کي اربين سالن تي ٻڌل واڌ ويجهه ۽ پڪڙجڻ واري ڪوڊ (فامولا)، انهيءَ عظيم ابتدائي ڌماڪي



جي پهرين سيڪنڊ جي ڏهه لکين حصي ۾ ئي مقرر ڪري ڇڏيو ويو هو. انهيءَ ڌماڪي جي ڇهين سيڪنڊ تائين ڪائنات جي ويڪر کي پيدا ڪري، ان مان ٺهندڙ ڪهڪشائن کي به پنهنجي پنهنجي جاءِ تي مقرر ۽ متعين ڪري ڇڏيو هو.

ائين دوزخ ۾ انسان مڪمل طور ڪوئلو ٿي ويندو ته جيئن ٻئي ئي پلڪ ۾ هو ٻيهر وجود ۾ اچي وڃي. اهو سلسلو اڻ ڪٽ طريقي تي سدائين جاري رهندو. اسلام جي عظيم مفڪرن موجب واقعن جي انهيءَ باقاعدي سلسلي جو مقصد اهو هوندو ته انسان مان ان جي خراب ۽ گند پريل پاسي کي ڪڍيو وڃي ۽ دوزخ هڪ ليبارٽري وانگر گنهگار ماڻهن کي پاڪ صاف ڪري ڇڏيندو. اصل حقيقت هيءَ آهي ته الله تعاليٰ جل جلاله جو نظام ربوبيت، انسان کي، جيڪو ڪائنات جو رستو ڀليل ٻار وانگر آهي، پاڪ ۽ صاف ڪرڻ سان گڏوگڏ انهيءَ کي سزا به ڏيندو رهندو، بلڪل جيئن هن دنيا ۾ به ان کي سزا ڏئي ٿو.

اِها ئي اُها معنيٰ آهي جيڪا انسان جي ٻارڻ هجڻ واري راز ۾ لڪيل آهي.

www.sindhsalamat.com

**موضوع نمبر** 44

# دل جا راز

خَتَمَ اللّٰہُ عَلٰی قُلُوۡبِہِمۡ وَ عَلٰی سَمۡعِہِمۡ ؕ وَ عَلٰۤی اَبۡصَارِہِمۡ غِشَاوَۃٌ ۫ وَّ لَہُمۡ عَذَابٌ عَظِیۡمٌ ﴿۷﴾ (البقرة: ۷)

”الله تعاليٰ ﷻ انهن جي دلين ۽ ڪنن تي مهر هڻي ڇڏي آهي ۽ انهن جي اکين تي ڇوڙ چڙهي ويا آهن. اهي سخت سزا جا مستحق آهن.“

هيءَ آيت قرآن پاڪ جي سڀ کان وڌيڪ اهم سائنسي شاهڪارن مان هڪ آهي. اهو ته بلڪل ئي ناممڪن آهي ته انهيءَ کي سمجهڻ ڪانسواءِ ۽ انهيءَ ۾ ڏنل سائنسي حقيقتن کي سمجهڻ بنا انسان کي سمجهي سگهجي. جيڪي ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته دل گوشت جي ٽڪري کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه نه آهي ۽ اهو ته هڪ هٿراڌو دل به انهن جي مدد ڪري سگهي ٿي، سي هڪ تمام وڏي غلط فهمي ۾ ڦاسي وڃن ٿا، جنهن جو بنياد رڳو جهالت ئي آهي. قرآن ڪريم، جيڪو ڪائنات جي سڀني دانائين جو سرچشمو آهي، انسان جي تشريح ان جي انهيءَ سڀ کان وڌيڪ پراسرار ۽ اهم مرڪز جي نسبت سان ڪري ٿو. جيڪي ماڻهو منهنجي لکڻين ۾ هنن پنجاهه آيتن جو مطالعو ڪندا رهيا آهن، جيڪي عظيم سائنسي عجوبن کي ظاهر ڪن ٿيون، اهو سوال پڇي سگهون ٿا ته قرآن جي انهن معجزن جي باوجود ماڻهو يڪدم ايمان ڇو نه ٿا آڻين؟ ڇا انهن وٽ دماغ ۽ عقل نه آهي؟ قرآن ڪريم انهيءَ جو جواب اهو ڏئي ٿو ته ”انهن وٽ دماغ ته آهن پر انهن جون دليون نه آهن.“

اچو ته هاڻي اسان الله تعاليٰ ﷻ جي هن فرمان ۾ ڏنل پيغام جي نشاندهي ڪريون ڪريون.

(1) دل سان گڏوگڏ ٻن بنيادي عضون يعني اک ۽ ڪن تي لاڳاپي کي زور ڏئي بيان ڪيو ويو آهي.



(2) انهيءَ حقيقت کي بيان ڪيو ويو آهي ته دل ئي انساني شعور ۽ سمجهه جو مرڪز آهي ۽ انسان سچائي ۽ حقيقتن تائين ڪڏهن به پهچي نٿو سگهي جيڪڏهن خالق مطلق انهيءَ جي دل تي مهر هڻي ڇڏي.

(3) جيتوڻيڪ ظاهري طرح اک، ڪن ۽ دل پنهنجو پنهنجو ڪم ڪندي محسوس ٿين ٿا پر اهي جاچڻ پرکڻ جي خوبي کان، جيڪو انهن جو اصل ڪم آهي، عاري به ٿي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ ته انهن عضون جي ذريعي ڪائنات ۾ انسان جيڪا سڀ کان وڌيڪ عظيم الشان ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو، سا الله تعاليٰ ﷻ جي سڃاڻ آهي. جيڪڏهن هو انهيءَ راز کي نٿو حاصل ڪري سگهي ته اهو سمجهڻ گهرجي ته اهي عضوا پنهنجي اصل صلاحيتن ۽ خوبين کان بلڪل خالي آهن. اها ئي اها علم جي گهرائي آهي جيڪا سائنس جي اندر موجود آهي.

(4) انسان کي جيڪا شيءِ انسان بنائي ٿي سا دل جو وجدان يا الهام ئي هوندو آهي.

(5) اک ۽ ڪن رڳو حسي ذريعا ئي نه آهن پر اهي پنهنجي عام ڪمن کان سواءِ فيصلو ڪندڙ ۽ سمجهه وارا پڻ هوندا آهن.

هن آيت سڳوريءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي تشريح ڪرڻ کان اڳ اسان کي انهيءَ عضوي جي، جنهن کي دل چوندا آهن، سيني پاسن کان واقفيت حاصل ڪرڻ گهرجي. هتي مان دل جي ڪمن کي سائنسي اصطلاحن جي ذريعي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. مان هڪ تاريخي جواب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. انهيءَ جي لاءِ مان انهن ماڻهن جي معاملي ۾ هن آيت جي عظيم الشان معنيٰ ۾ پناهه ڳوليندس، جيڪي پردي پٺيان ضمير، محبت ۽ ايمان جي خلاف ڪم ڪندي سالن کان اهو چوندا رهيا آهن ته دل ته عام قسم جي گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي. هيٺ بيان ڪيل تفصيلي معلومات مان اهو نه سمجهيو وڃي ته اسان پنهنجي اصل موضوع کان هٽي رهيا آهيون. ڇاڪاڻ ته دل جو رڳو رت جي ورڇ وارو ڪم ئي خدائي دانائيءَ جو هڪ عظيم مظهر آهي.

انهيءَ جا اهي ڪهڙا مخصوص ڪم آهن جيڪي ان کي ٻين عضون کان هڪ جدا حيثيت ڏين ٿا؟

پنهنجي بناوت جي لحاظ کان دل سيني تي مٺ جيترو هڪ عضوو آهي پر اصل ۾ اهو هڪ بلڪل ئي خاص قسم جو عضوو آهي جيڪو جسم جي سڀ کان ڏورانهين عضوي تائين رت کي پهچائي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهي حصا جن کي اسان رت واريون رڳون چئون ٿا، رڳو دل سان ڳنڍيل پائيپ ئي نه آهن، پر اهي پاڻ دل جو واڌارو هوندا آهن. عضون جي تشريح جو علم (Anotomy) ۽ جين جي بناوت جو علم (Embryology) پڻ انهيءَ رد نه ڪري سگهڻ جهڙي حقيقت جي شاهدي ڏين

www.sindhsalamat.com

ٿا، جنهن جو تفصيل هيٺ بيان ڪجي ٿو.

دل سڀ کان ڏورانهين جيو گهرڙي کي بہ هڪ هڪ ماليڪيول ڪري زندگي پهچائي ٿي ۽ اهڙي حساب ڪتاب ۾، جنهن ۾ هزارين ڪمپيوٽرن جي ضرورت هجي، اها ترَ جيتري بہ غلطي نٿي ڪري. هر جسم ۾ مختلتف گڻ ۽ خاصيتون هونديون آهن، جن ۾ لڳاتار هر گهڙي تبديليون ٿينديون رهنديون آهن پر دل هڪ عظيم رياضيدان وانگر انتهائي مهارت سان انهن جو ڳاٽيتو يا اندازو ڪندي رهندي آهي. اهڙي طرح اها جسم جي سيني عضون جي سمورن حياتياتي عملن کي جاري رکندي آهي. اهو ڳاٽيتو ۽ اندازا ڪنهن بہ طرح هڪ ڪهڪشان جي طبعي ڍانچي کان گهٽ اهم ۽ حيران ڪندڙ نہ آهن. جيئن تہ دل جي باري ۾ ڄاڻ کي اهو نڪتو سمجهڻ کان پوءِ ئي اڳتي وڌائڻ گهرجي، انهيءَ ڪري هن مضمون کي مان ڪجھ مثالن سان چٽو ڪرڻ گهرندس.

فرض ڪريو تہ توهان ڪجھ پڙهڻ گهرو ٿا. انهيءَ جي جواب ۾ دل ۽ دماغ ياداشت جي مرڪزن ۾ موجود شريانين کي کولي ڇڏيندي. ٻئي پاسي آرام جي حالت ۾ هجڻ وقت معدي جو نسون يڪدم سسي وينديون. جيڪڏهن انهيءَ وقت توهان کير جو هڪ گلاس پيئو تہ اهي نسون ٻيهر ڦهلجي وينديون، ايتري تائين جو مناسب توازن ٻيهر برقرار ٿي ويندو. فرض ڪريو تہ توهان ڊوڙڻ گهرو ٿا تہ اهڙي حالت ۾ توهان جي ماس کي وڌيڪ رت جي ضرورت ٿيندي. اهڙي وقت ۾ دل پنهنجي ڌڙڪڻ کي وڌائي ڇڏيندي آهي. انهيءَ قسم جا پورا پورا اندازا لڳائڻ جي لاءِ دل کي "جيئري" هجڻ جي نشاني سڏي سگهجي ٿو. ڇا انهن حقيقتن کي نڪرائيندي توهان اجا بہ دل کي سيني جي اندر هڪ عام قسم جي گوشت جوٽڪرو سڏي سگهو ٿا؟

انهيءَ کان بہ وڌيڪ دلچسپ ڳالھ اها آهي تہ دل پنهنجي نسن جي ديکھ جي ذريعي جسم ۾ ٻن ڪليل سوراخن وارين جائين تائين بہ رهنمائي ڪري ٿي. اهي جايون آهن ڦڦڙ ۽ بڪيون. پهرين جاءِ تي آڪسيجن جي ذريعي رت جي صفائي ٿيندي آهي، جڏهن تہ ٻي جاءِ تي ڪاڏي جي باقيات کي صاف ڪيو ويندو آهي. توهان ڏسو تہ اهي ٻئي عمل دباءَ جي اهڙي تہ نازڪ ترتيب سان ڪيا ويندا آهن جو جن جو تصور ڪرڻ بہ تمام ڏکيو آهي. انهيءَ دباءَ جي ننڍي کان ننڍڙي غلطي بہ رت جي ڦاٽي ڪري ٻاهر نڪرڻ جو سبب ٿيندي يا وري نسن مان انهيءَ جي واپسي ڏکي ٿي پوندي. هڪ غيرمعمولي ذهانت واري مالڪ جي مهارت جي ذريعي، جهڙي طرح هوندو آهي، انهن برابرين جو اندازو لڳائڻ لاءِ دل بہ واري واري سان ڦنڊندي ۽ سسندي آهي ۽ اهو عمل خدائي شان جي خوبصورت هڪجهڙائيءَ جي ذريعي هڪ ڏينهن ۾ هڪ لک ڀيرا ٿيندو آهي. جديد ترين پر حيرت ۾ وجهندڙ ڪوجنا اها ٿي



آهي تہ دل هارمون پيدا ڪرڻ وارن غدودن جو ڪم پڻ ڪندي آهي ۽ هڪ اهڙو مادي خارج ڪندي آهي جيڪو ٻين هارمونن سان ملي انهيءَ هڪجهڙائيءَ ۾ دل جي مدد ڪندو آهي.

دل انهيءَ وقت بہ زندگيءَ جا انتهائي دلچسپ ۽ حيرت ۾ وجهندڙ نمونا پيش ڪندي آهي جڏهن اها ماءُ جي ڳيپرڻ ۾ رت جي نالين سان گڏو گڏ وڌندڙ عمل ۾ هوندي آهي. اها جهلي دار نالي (Valve) جي جوڙجڪ بہ هڪ عجوبو هوندي آهي. دل جا اندريان ۽ ٻاهران تاندورا ڇئن تهن جي شڪل ۾ اهڙن شاندار ۽ وڪڙن وارن چڪرن جي بڻاوت ڪندا آهن، جو جڻ تہ ڪو شاهي پردو هجي. انهن مان ٽائيڪسڊ (Tricuspid)، پلمنري (Plumonory)، اي اورٽڪ (Aortic) ۽ مائيٽرل (Maietral) وال (Valves) حاصل ٿيندا آهن. جيئن جيئن دل رت کي اندر ۽ ٻاهر پمپ ڪندي آهي، اهي پردا بہ، جيڪي دل جي اندر تائين پهچندا آهن، دل ۾ لڳ ڀڳ هڪ لک ڀيرا اهڙي طرح کلندا ۽ بند ٿيندا رهندا آهن جو جڻ تہ الله جي هٿان ترتيب ڏنل هڪ خوبصورت منظر پيش ٿي رهيو آهي. ريشمي ڪپڙي جي وڪڙن جهڙا اهي وال انتهائي نزاڪت سان هڪ سيڪنڊ جي بہ گهٽ مدت ۾ بند ٿي ويندا آهن. اهو سسڻ جو عمل هڪ سيڪنڊ جي سوين حصي ۾ ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ اهي آهستي آهستي لڳاتار کلندا آهن. اها حرڪت اهڙي طرح لڏندڙ هوندي آهي جو جڻ تہ واپس ويندڙ رت جي لاءِ پردا انتهائي خوبصورتي سان ڪيرايا ويندا هجن ۽ اهي پردا آهستگيءَ سان ڏڪندي محسوس ٿيندا آهن. اهو سمورو عمل هڪ عبادت وانگر هوندو آهي. "وال" جي اها رياضياتي درستگي هڪ اهڙو تہ شاندار ۽ عظيم ڪمپيوٽر وارو عمل هوندو آهي، جو جيڪڏهن انهيءَ سسڻ واري عمل ۾ هزارين جيو گهرڙن مان هڪ بہ غلطي ڪري وجهي تہ موت اچي سگهي ٿو.

دل جو تاندورو هڪ عظيم خدائي مظهر هوندو آهي. سمورا عضوا اهڙن تاندورن مان ٺهندا آهن جيڪي پاڻ بہ خاص جيو گهرڙن مان ٺهندا آهن. دل جا تاندورا هڪ خاص بناوت رکن ٿا. بنيادي طرح انهن کي ماس وارا جيو گهرڙا چئي سگهجي ٿو پر تنهن هوندي بہ اهي جسماني لحاظ کان ماس وارن ٻين سيني تاندورن کان جدا قسم جا هوندا آهن. دل جا سيئي جيو گهرڙا اهڙي طرح پاڻ ۾ مطابقت رکندا آهن، يعني Synchronized هوندا آهن جو جڻ تہ اهي هڪڙو ئي جيو گهرڙو هجن. انهن جو عمل لازمي طرح سان جدا جدا نہ هوندو آهي. وڌيڪ اهميت واري ڳالھ اها آهي تہ ماس جي تاجي ٻيٽي ۾ اهڙي طرح ئي عصبي تاندورن سان گينبريل هوندا آهن جو دل کي عصبي ماس وارو تاندورو چئي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪانسواءِ دل جي ماس اندر ۽ ٻاهر بہ عصبي مرڪز هوندا آهن. اِن کان علاوه دل جي پٽين وچ ۾ عصبي نسن جو هڪ بنڊل آهي. انهن ٺنهي عصبي مرڪزن کي ننڍڙن دماغن سان ڀيٽ ڏئي

www.sindhsalamat.com

سگھجي ٿي ۽ اهي ئي ننڍڙا دماغ مٿي بيان ڪيل سيني ڪمن جو حساب ڪتاب ۽ ڳاٽيٽي جو انتظام ڪندا آهن. دل جو هڪ جدا دماغ ۾ موجود سيريبرل (Cerebral) نظام هوندو آهي. اها حقيقت انهيءَ ڳالھ جي باوجود آهي تہ هڪ ٻي واضح نس بہ دل کي دماغ سان ملائي ٿي. جسماني علم (Anotomy) جي ڪيترن ئي ماهرن انهيءَ حقيقت کي مڃي ورتو آهي تہ دل جو هر هڪ جيو گھرڙو پنهنجي ئي بجلي پيدا ڪري سگھي ٿو ۽ اهو آزاد طور تي هڪ عصبي (Neuron) وانگر ڪم ڪري ٿو. اها دل جي پنهنجي جدا نروس سسٽم جي برڪت آهي جو جيڪڏهن دل تائين دماغ کان اچڻ واري بجلي ڪٽجي بہ وڃي تڏهن بہ دل پنهنجو ڪم جاري رکي سگھي ٿي. انهيءَ انتهائي اهم ۽ قيمتي تنتي نظام کان علاوه اورٽا (Aorta) جي ويجهو عصبي بافتن يا نسن جو هڪ اهڙو ميلاپ ٿيندو آهي جيڪو دل ۽ تنتي نظام جي وچ ۾ هڪ ڳانڍاپو مهيا ڪري ٿو. انهيءَ ميلاپ جي ذريعي غدودن جي باري ۾ ۽ جذبن جي اثرن بابت پيغام بہ دل کي پهچندو رهندو آهي.

دل جي جِهلي بہ الله تعاليٰ ﷻ جي ڪاريگريءَ جو شاهڪار نمونو هوندي آهي. انهيءَ ٻن تهن واري جهلي جو اهو ڪم اهو هوندو آهي تہ جڏهن بہ اها ڌڙڪي تہ ان جي ويجهو وارن عضون کي محفوظ رکيو وڃي. انهيءَ مقصد جي لاءِ انهيءَ جهليءَ جي ٻاهرين پٽ هڪ تہ دل کي پاسرين جي ويجهو سيني سان چنبڙائي رکندي آهي، ٻيو اهو تہ پنهنجي اندروني جهلي جي وچ واري جاءِ ۾ هڪ ننڍڙي رطوبت ڇڏيندي رهندي آهي.

انهيءَ رطوبت کي دل جي سڄي سطح تي اهڙي طرح ڦانڊيو ويندو آهي جو جڻ تہ هڪ تمام نازڪ ٽيوننگ ڪئي وئي هجي. انهيءَ سان دل جي ٻاهرين سطح سڪندي ناهي. اها رطوبت ضرورت کان وڌيڪ بہ پيدا ناهي ٿيندي. جيڪڏهن ٽيوننگ ۾ خلل پئجي وڃي ۽ رطوبت خشڪ ٿي وڃي تہ اسان جي دل ائين ڦٿڪجي ويندي جڻ تہ اها ڪنهن ڪنڊائين تار ۾ وچڙي وئي هجي. ٻئي پاسي جيڪڏهن اها رطوبت وڌي وڃي تہ دل جي ڌڙڪڻ بند ٿي ويندي. انهيءَ جهلي جا جيو گھرڙا رڳو الله تعاليٰ ﷻ جي حڪم مطابق ئي انهيءَ رطوبت کي لڳاتار ترتيب ڏيندا رهندا آهن. اهڙي طرح اهو ئي اهو عجوبو آهي جيڪو دل جي بناوت جو اصل حصو آهي.

دل جي باري ۾ سڀ کان اهم پاسو ان جي خاص بجليءَ واري چقمقي (Electromagnetic) بناوت آهي. پنهنجي عمل دوران هر عضوو بلڪل ٿورو بجلي ڪرنٽ پيدا ڪندو آهي پر ٻين تاندورن جي ڀيٽ ۾ دل ۾ انهيءَ ڪرنٽ جو مقدار يا طاقت ايتري تہ وڌيڪ ٿي ويندي آهي جو انهيءَ کي جسم جي سيني حصن ۾ محسوس ڪري سگھجي ٿو. جيئن تہ اهو بجلي جو ڪرنٽ دل جي عمل ڪرڻ واري طريقي سان گڏ بدلبو رهندو آهي، تنهن ڪري انهيءَ کي هڪ ڪاغذ تي گراف جي شڪل ڏئي



سگھجي ٿي. ان سان انهيءَ وقت دل جي چگيلائيءَ جي جاڻ حاصل ٿي ويندي آهي. انهيءَ کي اليڪٽرو ڪارڊيو گرام يا مختصر طور ECG چيو ويندو آهي.

دل جو سڀ کان گهڻ مشهور پر اهم سائنسي پاسو انهيءَ جو چقمقي ميدان آهي. دل کي قدرت واري ڇاتي جي کڏي ۾ بي ترتيبي يا بنا ڪنهن مقصد جي نہ رکيو آهي. انهيءَ جي برخلاف اهو هڪ اليڪٽروني عضوو آهي جنهن کي هزارين پاسن جي اندازن کان پوءِ پنهنجي جاءِ تي لڳايو ويو آهي. اهو بلڪل راڊار جي رسيور وانگر هوندو آهي. اِن کي بلڪل صحيح جاءِ تي لڳائڻ جي ڪري ۽ ٽن مختلف هنڌن تي ٽن مختلف حصن جي مدد سان دل هڪ چقمقي ميدان ٺاهيندو آهي. انهن مان پهريان اها چقمقي سطح هوندي آهي جيڪا مرڪز کان ڪٻي پاسي جهڪيل هوندي آهي. ٻي اها عمودي سطح هوندي آهي جيڪا دل جي ساڄي ڪنڌ کان گذرندي انساني ڌڙ جي برابر ٿي ويندي آهي. ٽيون چقمقي ميدان انهيءَ سطح ۾ هوندو آهي، جيڪو ڪٻي ڪلهي کان شروع ٿي جيري جي مٿين ڪنڌ تائين پهچندو آهي. اهو ٽيون ۽ آخري محور ئي ECG رڪارڊنگ جي اصل رخ کي ظاهر ڪندو آهي.

جيئن تہ دل جي ڪم ڪرڻ جو انتظام برقي طور ٿيندو آهي، انهيءَ ڪري انهيءَ جي چقمقي نظام جو مضبوط هئڻ بہ انتهائي اهم آهي. پر هتي هڪ تمام اهم نڪتو لڪيل آهي. دل جي عمل سان پيدا ٿيڻ وارو چقمقي ميدان سموري جسم جي جيو گھرڙن تي اهڙي طرح اثر انداز ٿيندو آهي جو اهو جسم جي هر جاءِ کي پنهنجي توانائي جي نظام ۾ ويڙهي ڇڏيندو آهي. دل سيني پراسرار عجوبن جو بنياد هوندي آهي.

مان پنهنجي پڙهندڙن کي درخواست ڪندس تہ آيت سڳوريءَ جي هن موضوع جي تفصيلي معلومات سان هڪجهڙائي رکڻ لاءِ منهنجي بيان تي غور ڪن. چو تہ دل جي سائنسي حقيقتن ۽ اهم نازڪ عملن کي سمجھڻ جي لاءِ پهريان اسان کي دل جي بناوٽ کي سائنسي طريقي سان سمجھڻ گھرجي. مان هاڻي انهيءَ ڳالھ جي وضاحت ڪندس تہ ڪيئن دل مادي ۽ روحاني تجربن جي لاءِ هڪ گڏيل جاءِ (Interface) آهي. انهيءَ جي مادي وجود جا حيرت ۾ وجهندڙ گڻ، جسماني چقمقي ميدان سان گڏ انتهائي بلندي تي پهچي ويندا آهن.

هاڻي ڏسو تہ دل کي اهو چقمقي ڍانچو ان وقت ڪيئن سونپيو ويندو آهي جڏهن اها پنهنجي زندگي بخشيندڙ جادو جي ذريعي جسم جي آخري جيو گھرڙي تائين رت کي پهچائي ٿي ۽ جنهن جي ڪنهن حصي ۾ ٿيندڙ ڪنهن بہ واقعي جي نشاندهي دل جي انهيءَ اليڪٽراني (Electronic) نظام جي ذريعي ڪيئن ٿئي ٿي، جنهن کي هاڻي حياتيات جي علم الابدان (فزيالوجي) بہ مڃي ورتو آهي؟ دل جو پنهنجو هڪ جدا ننڍڙو (Artioventricule) دماغ يا A-V هوندو آهي. جڏهن تہ جسم جي ٻيا سيئي عضوا، هڪ تنتي تار جي ذريعي دماغ سان ڳنڍيل هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com

اهي سيئي عجوبا ثابت ڪن ٿا تہ دل هڪ عام قسم جو پمپ نہ آهي پر انهيءَ ۾ تہ الله تعاليٰ ﷻ جي هڪ انتهائي حيران ڪندڙ خوبصورت ڪاريگري لڪيل آهي.

جيڪڏهن اسان دل جي جذباتي پاسي ڪي ڏسون تہ اسان ڏسنداسين تہ دل جو جذباتي اثر عام قسم جي تنتي نظام ڪان انتهائي متاهون ۽ اوچو آهي. هڪ ماڻهو جڏهن پنهنجي محبوب يا محبوبہ سان هم ڪلام ٿيندو آهي تہ ان ڪي بڪ يا سُور جو احساس نہ رهندو آهي. ڏُکاري ڪهاڻي ٻڌڻ وقت توهان جون اکيون آليون ٿي وينديون آهن. انهيءَ تجربي ۾ دماغ يا تنتي نظام جو ڪوبہ حصو نہ هوندو آهي. توهان ڪي انهيءَ موقعي تي رڳو دل جي ئي ويجهو ڪجهہ اثر محسوس ٿيندا آهن. ماضيءَ جي ياد توهان جي دل ڪي انبوريءَ وانگر مضبوطيءَ سان پڪوڙيندي آهي. محبت جي اثر هيٺ توهان پنهنجي سيني ۾ گرمي، جوش ۽ سرهائي محسوس ڪندا آهيو.

اڄڪلهہ جي روسي سائنسدانن بہ دل ۽ تنتي سسٽم ڪان سواءِ انهيءَ ٽئين تنتي نظام جي موجودگيءَ جو خيال پيش ڪيو آهي. هُنن انهيءَ ٽئين نظام ڪي پيش ڪندي ٻڌايو آهي تہ انساني سيني جي اندر هڪ اهڙو حيران ڪندڙ فعل هوندو آهي، جنهن جي جاءِ ڪي مقرر نٿو ڪري سگهجي پر حقيقت اها آهي تہ انهيءَ تنتي سرشتي جو مرڪز دل ئي هوندي آهي جيڪا دماغ ڪان مٿي يا ماورا جذباتي واقعن ڪي پنهنجو پاڻ سان هڪجهڙائي عطا ڪري ٿي. اها حقيقت جنهن جي ڇانئٽ تي سائنس اڃا هاڻي هاڻي پهتي آهي، انسان جي هستيءَ جو هڪ بنيادي راز آهي. هاڻي مان قرآن جي اڻ ڪٽ ۽ عظيم ڪائناتي علم جي روشنيءَ ۾ انهيءَ نظام ڪي بيان ڪندس.

تنتي سرشتو اڻ سڌي طرح سمورن عضون سان مليل هوندو آهي. جيتوڻيڪ هڪ پاسي تہ مرڪزي تنتي سرشتو ۽ جسم جي هڪ مخصوص جاءِ تي واڌ ۽ اوسر سان تعلق رکندڙ تنتي سرشتو دل سان ڳنڍيل هوندو آهي. ٻئي پاسي دل پاڻ بہ پنهنجي طور تي انهن سان ڳنڍيل هوندي آهي. جيتوڻيڪ اهڙن ڳانڍاپن جي باري ۾ قطعي طور ڪجهہ بہ نٿو چئي سگهجي، پر اهو سمجهيو ويندو آهي تہ تاري جي شڪل جهڙن عصبي تاندورن جي انهيءَ ميلاپ جي ذريعي، جيڪو ساهہ واري رڳ جي بلڪل ويجهو هوندو آهي، دل سموري واڌ ۽ اوسر سان تعلق رکندڙ تنتي سرشتي ڪي مدد پهچائي ٿي. دل ڪان شروع ٿي  تنتي سرشتي جي مرڪز تائين پهچندڙ اثرَ، بڪين جي ويجهو موجود هارمون خارج ڪرڻ وارن غدودن (ادرينل گليندز) تائين پهچندا آهن ۽ انهن غدودن تائين بہ پهچندا آهن جن جي عمل سان اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳندا آهن. وڏيڪ اهم ڳالهہ اها آهي تہ دل پنهنجي چقمقي ميدان جي ذريعي واڌ ويجهہ ۽ اوسر سان لاڳاپيل تنتي سرشتي تي بہ پنهنجو ضابطو قائم رکندي آهي.

اٺويهين صدي عيسويءَ جي دقيانوسي ٽُڪ بندي هاڻي تمام پري جي ڳالهہ ٿي چڪي آهي. هاڻي اسان انهيءَ ڳالهہ ڪي مڃڻ تي مجبور ٿي پيا آهيون تہ دل گهٽ



۾ گهٽ برقي چقمقي پيغام پهچائڻ جو هڪ اهم ذريعو ضرور آهي.

اسان جي جسم ۾ مرڪزي تنتي سرشتو ۽ دماغ، جتي رڪارڊ رکيا ويندا آهن، هڪ اهڙو ڪمپيوٽري نظام آهي، جتان جسم جي مختلف حصن ڪي حرڪت جا حڪم جاري ڪيا ويندا آهن. جڏهن تہ جسم جي واڌ ويجهہ سان لاڳاپو رکندڙ حصا ڪيترن ئي پاسن تي مشتمل اهڙو نظام ترتيب ڏيندا آهن، جيڪو جذباتي اثرن ۽ ٻين ڪيترن ئي حياتياتي عملن تي نظر رکندو آهي. ٻئي پاسي هڪ ٽيون نظام، جيڪو اهم ماپن ڪي ظاهر ڪندو آهي، سا دل آهي جيڪا اسان جي سموري مادي ۽ روحاني وجود ڪي هڪ ايڪي ۾ مڙهي برق چقمقي ٻنڌڻن جي ذريعي دماغ ۽ ٻين تاندورن سان جوڙي ٿي.

زمين تي موڪلڻ ڪان اڳ اسان جي پياري پالڻهار اسان ڪي ٻہ انتهائي اهم راز عطا ڪري ڇڏيا آهن. انهن مان هڪ ذهن يا سمجهہ آهي جيڪا دماغ جي ڪمپيوٽر ۾ اچڻ واري معلومات جي ڇنڊڇاڻ واري عمل ذريعي حاصل ٿيندي آهي. جڏهن تہ انهن مان ٻي دل آهي جيڪا پاڻ علم ۽ وجدان ڪي تخليق ڪندي آهي. ان ڪي انهيءَ باري ۾ ٻئي ڪنهن عضوي جي مدد جي ضرورت نہ هوندي آهي. دل ئي انهيءَ علم ۽ ادراڪ جي توجيهہ ۽ تشريح ڪندي آهي. اسان دماغ جي ذريعي بحث ۽ تمحيص ڪري معلومات ڪي اهڙي طرح استعمال ۾ آڻيندا آهيون جو منطقي نتيجا حاصل ٿي ويندا آهن پر دل جي ذريعي اسان علم ڪي پيدا بہ ڪري سگهون ٿا ۽ انهيءَ جو مشاهدو بہ ڪري سگهون ٿا. انهيءَ عجوبي جو نالو وجدان آهي. وجدان دماغ ۾ موجود معلومات جي ڪري ئي پيدا نہ ٿيندو آهي پر اهو خدائي راز جي ذريعي علم جي حاصلات هوندي آهي جنهن ڪي اسان شعور يا ادراڪ چوندا آهيون. اسان جي رسول ﷺ ڪائنات جي عظيم ترين هستيءَ جو امي (اڻ پڙهيل) هئڻ جو راز بہ اهو ئي آهي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ ﷺ دنياوي احساس ڪان مٿي، عظيم سچائين ڪي پنهنجي پاڪ دل جي شعور ذريعي ئي بيان ڪيائون.

ان ڪري ئي سورت البقره جي شروع ۾ ايمان ڪي ايمان بالغيب سڏيو ويو. اهو انهيءَ حقيقت جي بنياد تي آهي تہ قرآن سڌو سنئون دل ڪي مخاطب ٿئي ٿو ۽ انهيءَ جي جواب ۾ رڳو دل ئي انهيءَ ڪي سمجهي سگهي ٿي. اصل ۾ ذهن نہ تہ ڏسي سگهي ٿو ۽ نہ ئي محسوس ڪري سگهي ٿو تہ ڪائنات جا سمورا ذرڙا الله تعاليٰ ﷻ جي نالي جي تسبيح ڪن ٿا. ڇو تہ اهو ايئم ڪي نٿو ڏسي سگهي پر دل، جيتوڻيڪ اهو نہ بہ ڏسي سگهي تہ بہ انهيءَ حقيقت ڪي محسوس ضرور ڪري سگهي ٿي. اڃا بہ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اها نڙيءَ مان لهندڙ پاڻيءَ جي هر هڪ ذرڙي (ماليڪيول) جي حمد جي موسيقي ڪي بہ ٻڌي رهي آهي.

جڏهن دل تي مهر لڳل هجي تہ اکين جي ڏسڻ ۽ ڪنن جي ٻڌڻ واري

www.sindhsalamat.com

صلاحيت غائب ٿي ويندي آهي. ائين مرڪز ڪان شروع ٿي سموري واڌ ويجهہ سان لاڳاپيل تنتي نظام ۾ پکڙجي وڃڻ واري عمل جي ذريعي دل ئي اکين ۽ ڪنن کي اهڙو شعور ۽ ادراڪ عطا ڪري ٿي، جيڪو روشني ۽ آواز جي مادي حساب ڪتاب ڪان اعليٰ ۽ جدا هوندو آهي. وڌيڪ اهو تہ دل پنهنجي برق چقمقي قوت جي ذريعي، جيڪا اک ۽ ڪن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻيندي آهي، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي صلاحيتن ۾ واڌارو ڪري ڇڏيندي آهي. اچو تہ هاڻي انهيءَ اثر کي سائنسي نقطي نظر ڪان ڏسون.

جڏهن توهان ڪنهن خوبصورت ناريءَ کي ڏسندا آهيو تہ توهان کي يڪدم احساس ٿيندو تہ ڪهڙي طرح توهان جي دل جي چقمقي سطح يا ميدان لڏي پوي ٿو. نتيجي ۾ توهان جا احساس جاڳي پوندا آهن. توهان جي محبوب هستيءَ جي آواز جو مادي پيمانو پلي ڪهڙو بہ هجي، ڇا توهان انهيءَ خوشيءَ واري احساس کي بيان ڪري سگهو ٿا، جيڪو اهو آواز توهان تي اثر ڇڏي ٿو؟ ڇا توهان ڪڏهن غور نہ ڪيو آهي تہ جڏهن توهان هزارين سال پراڻي داستان کي بہ ٻڌندا آهيو تہ ڪهڙي طرح توهان جي دل جي چقمقي سطح لڏي پوندي آهي ۽ ڪهڙي طرح يڪدم پوءِ توهان جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳندا آهن؟ اهو سمورو سلسلو دل ڪان ئي شروع ٿيندو آهي ۽ ڳوڙها پيدا ڪندڙ غدود ۽ انهيءَ جي نالي پنهنجو ڪم رڳو دل جي حڪم تي ئي ڪندا آهن. اها عجوبي جهڙي صلاحيت رڳو دل کي ئي حاصل آهي. دل ۽ شريانين مان پيدا ٿيندڙ تڪليف سموري واڌ ويجهہ سان لاڳاپيل اعصابي نظام ۾ ڦهلجي، سموري جسم جي چقمقي سطح تائين پکڙجي ويندي آهي. انهيءَ جي ڪري ئي اسان اداسي، ڪمزوري ۽ سخت ٿڪاوٽ محسوس ڪندا آهيون. اسان جي هر بک، ويندي جنسي خواهش بہ ختم ٿي ويندي آهي.

هڪ انتهائي اهم حقيقت هڪ ٻي شيءِ کي ڪليل طرح سان ثابت ڪري ٿي ۽ اها آهي الهام يا اڳواٽ آگاهي.

اڳواٽ آگاهي يا الهام، محسوس ڪري وٺڻ جو اهو فن آهي، جيڪو دماغ جي ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي ظاهر نہ ٿيندو آهي. بي چيني يا خوشيءَ جو احساس دل جون ئي حيران ڪندڙ ۽ خوبصورت صلاحيتون آهن. دل هڪ اهڙو اوزار يا مانيٽر آهي جيڪا وقت جي مدار ۾، ڪائنات جي سمورين سچائين سان لاڳاپيل ڪنهن بہ واقعي جي ٿيڻ ڪان اڳ ئي انهيءَ جو ادراڪ حاصل ڪري وٺندي آهي. توهان کي هر هڪ پيغام دل جي ذريعي ئي ملندو آهي. دل جو اهو راز انهيءَ جي مادي وجود جي برقي چقمقيت ڪان بہ وڌيڪ اعليٰ ۽ عظيم صلاحيت آهي. اهڙا الهام ايترو تہ وڌيڪ چٽائيءَ سان دل تي ايندا آهن جو سائنس جي لاءِ اهو انتهائي حيرت، تجسس ۽ مدح ۽ ثناء واريون ڳالهيون آهن.

انهيءَ ڪان اڳتي دل جي سڀ ڪان حيران ڪندڙ صلاحيت ظاهر ٿئي ٿي. اها



آهي ان جي محبت جي خاصيت.

محبت جو جذبو، جنهن کي ڪا مادي شيءِ يا ڪا اسڪرين ظاهر ڪرڻ ڪان عاجز آهي، هڪ لحاظ ڪان خود دل جي وجود جو مقصد آهي. انهيءَ جي اسان جي پوري وجود تي حڪمراني هوندي آهي. دل، اک جي پردي جي پويان انساني وجود جي جنهن خوبصورت پاسي جو نظارو ڪري ٿي سا محبت آهي.

محبت جو حسن ۽ دانائيءَ ڪان، جيڪا رڳو دل سان لاڳاپو رکي ٿي، انڪار ڪرڻ ائين آهي جيئن سموري ڪائنات جو انڪار ڪيو وڃي. جڏهن توهان پنهنجي اندر محبت جو ڀرپور طريقي سان احساس ڪريو ٿا تہ توهان کي اندازو ٿي ويندو تہ توهان جي دل انهيءَ وقت ڪيتري شدت سان ڌڙڪي رهي آهي.

دل جي مادي خاصيتن ڪان مٿاهان گڻ، انهيءَ جي مادي عمل تي بہ اثرندار ٿيندا آهن. هڪ محبت سان سرشار دل، جسم ۾ 150000ڪلوميٽر ڊگهين نسن جي ذريعي رت جي پهچ وڌيڪ طاقتور ۽ سٺي نموني ڪندي آهي. انهيءَ حالت ۾ رت ورهائيندڙ ناليون هڪ بهترين ڪمپيوٽري نظام جي ذريعي وڌڪ ويڪريون ۽ وڌيڪ پرسڪون هونديون آهن. نفرت ڀريل دل پنهنجو پاڻ کي بہ تباهہ ڪري ڇڏيندي آهي ۽ انهن جيو گهرڙن کي بہ جن تائين اها نسن جي ذريعي رت پهچائيندي آهي. محبت هڪڙو راز آهي. اهو هڪ خدائي حڪم آهي ۽ هڪ اهڙو پاڪيزه جذبو آهي جيڪو جهانن جي پالڻهار تي ايمان جي برڪت سان دل ۾ پيدا ٿيندو آهي.

اللّٰه پاڪ، جنهن انسان کي جيڪو ڪائنات جي اک جو تارو بڻايو ويو آهي، پنهنجي پاڪ اسرار سان دل جو معجزو عطا ڪيو آهي. ان انساني دل تي پنهنجي مهر هڻي ڇڏي آهي. هاڻي مان توهان کي انسان جي دل تي اللّٰه تعاليٰﷻ جو اهو آٽوگراف ڏيکارڻ گهرندس جنهن کي مان گذريل ويهن سالن ڪان مختلف موقعن تي شايع ڪندو رهيو آهيان.

لفظ اللّٰه جي ٻاهرين پاسي هڪ پردو ”۱ “ شڪل ۾ ٿهيل آهي. هتي جيڪا تصوير پيش ڪئي پئي وڃي سا جڳ مشهور سوبوٽا اٽلس، 1952ع واري ڇاپي جي 60-61 صفحي تي ڏنل آهي ۽ اها ئي مهر صاف صاف طريقي سان ايبٽ جي جڳ مشهور ٽرانسپيرنٽ اٽلس آف اناٽومي ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿي.

هن آٽوگراف کي ڏسڻ لاءِ هڪ مٿل ماڻهوءَ جي دل کي ٻن پاسن ڪان چيرڻو پوندو. ڇو تہ اها مهر ٻن تهن جي شڪل ۾ اهڙي طرح هوندي آهي جيئن هٽ جي ٽري هوندي آهي.

جيئن تہ دل هڪ منٽ ۾ اسي دفعا ڌڙڪندي آهي تہ اها هر ڌڙڪڻ تي کُلندي آهي، هر دفعي انهن مهرن کي هڪ جهنڊي وانگر کولي ظاهر ڪندي آهي. اهو جهنڊو اربن جي تعداد ۾ انسانن جي دلين ۾ ائين ئي هر گهڙي جهولندو رهندو آهي.

اهو هڪ اهڙو آٽوگراف آهي، جنهن تي پاڻ الله تعاليٰ ﷻ پنهنجو نالي سان صحيح ڪئي آهي. اهو هن آيت سڳوريءَ جو خوبصورت معجزو آهي جنهن جي اسان هن باب ۾ تشريح ڪري رهيا آهيون. ايئن ٿو معلوم ٿئي ته رب جليل اهو حڪم ڪيو آهي ته ”مون دل تي پنهنجي مهر هنيئن آهي، اها دل منهنجي تخليق جو شاهڪار آهي. جيڪڏهن توهان ان ڪي ايمان سان نٿا پريو ته مان ان تي هيءَ مهر لڳائي ڇڏيندس.“

پڪ سان ڪيترا ئي ماڻهو اهڙا به هوندا جيڪي الله تعاليٰ ﷻ جي خوبصورت تخليق ۾ اهڙي طرح ايمان نه رکندا هوندا. انهن جي دعويٰ هوندي ته اها هڪ اجائي سِجائي توجيهه آهي ۽ اهو ته اها مشابهت رڳو اتفاقي ۽ سطحي قسم جي آهي. اِهي اُهي ماڻهو آهن جيڪي پوري ڪائنات ڪي ئي هڪ اتفاق جو نتيجو سمجهن ٿا. انهن ڪي هيءَ ئي آيت سڳوري اهو جواب ڏئي ٿي ته ”جڏهن توهان جي دلين تي مهر لڳي وئي هجي ته توهان پنهنجي اکين سان ڪهڙي طرح ڏسي سگهو ٿا؟“ اهو جنهن جي دلين تي مهر ۽ اکين تي ڇوَڙ چڙهي ويو هجي ته پنهنجي نڪ هيٺان به سچ ڪي نٿو سڃاڻي سگهي.

انساني جسم ۾ موجود ٽيهه ٽرلين ٽرلين ٽرلين ايٽمي مرڪزَ هر وقت الله تعاليٰ ﷻ جي نالي جي تسبيح سوريندا رهن ٿا. اها تسبيح سمورين دنيائن ۾ نشر ٿيندي آهي ۽ هر جوهر جي مختلف شڪل هوندي آهي. جيئن ته بي دين ماڻهن جي دلين تي مهر لڳل هوندي آهي ۽ اکين تي پردا چڙهيل هوندا آهن، تنهن ڪري انهن جون دليون انهيءَ سرور بخشيندڙ خدائي موسيقي جو مزو نٿيون ماڻي سگهن، جنهن موسيقيءَ جي حسن جي ڪابه حد نه آهي. اهڙيءَ طرح هن آيت جو هڪ ٻيو معجزو به ظاهر ٿئي ٿو ته ”انهن جا ڪن به بند ٿي چڪا هوندا آهن.“

هوائن ۾ اڏامندڙ ايٽمن جي شاندار ۽ وڻندڙ موسيقي، ڪائناتي جسمن جي اٽڪڻ تسبيحن جي لهرن جا ايٽمي چقمقي پڙاڏا ۽ دل جا راز ايمان وارن ماڻهن ڪي پڪ سان ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، باقي نه ته انسان هن دنيا ڪي گونگو ئي سمجهندو.

سموري ڪائنات ۾ خدائي شان جو ظهور آهي. جيتوڻيڪ ڇوڙَ چڙهيل اکيون انهيءَ جو نظارو نٿيون ڪري سگهن، اها ڳالهه ته مهر لڳل ڪن، ڪائنات جي اڻ ڪٿ موسيقي ڪي ٻڌي نٿا سگهن، الله تعاليٰ ﷻ جي عظمت ڪي نٿا لڪائي سگهن. الله تعاليٰ ﷻ جي اڻ ڪٿ ڪاريگري پنهنجي اسرار ڪي هر وقت قائم رکيو اچي. اهو رڳو انهن ئي اکين ڪي نظر اچي سگهي ٿو، جن ۾ ايمان جي ذريعي صلاحيت حاصل ٿي چڪي هجي. شڪرگذاريءَ جون دائمي لهرون پاڻ به زمان ۽ مڪان ڪي پري نه آهن. اجا به فضائي ويڪر جي وڏي پيماني وارين ۽ تمام ننڍڙي پيماني وارين ڪهڪشائن جي وچ ۾ ناچ ڪري رهيون آهن.



هڪ دفعي جڏهن روحاني اک تي ڇوَڙ چڙهي وڃي، جڏهن ڪنن ۽ دل تي مهر لڳي وڃي ته واقعي هر شيءِ ختم ٿي ويندي آهي. اهڙو ماڻهو ڏکو سفر ڪري سگهي ٿو، اهو لکي سگهي ٿو، پڙهي سگهي ٿو، ايتري تائين جو حسابي عددن ڪي ٻڌي سگهي ٿو پر انهيءَ جي لاءِ موسيقي رڳو آواز جو لاهه چاڙهه ۽ جيڪو ڪجهه پڙهندو يا سوچيندو، انهيءَ جي لاءِ اهو ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي انگن ڪان وڌيڪ ڪجهه نه هوندو.

اهو ماڻهو جيڪو دل جي اک سان نٿو ڏسي سگهي، اها دعويٰ نٿو ڪري سگهي ته هُن ڪجهه ڏٺو آهي. جيڪو ڪجهه هو ڏسي سگهي ٿو، سو هڪ ڪارٽون جهڙي فلم ڪان وڌيڪ ڪا اهميت نٿو رکي. هر قسم جي فساد، غلط فهمي ۽ چراخ جهڙي سخت لالچ واري زندگي، هڪ مهر لڳل دل ڪي ظاهر ڪري ٿي. ان جي برخلاف جيڪو ماڻهو دل جي خدائي راز واري درياءَ مان مشاهدو ڪري ٿو، سو خدائي فنڪاري جي حسن ۽ بي حساب ۽ بيمثال ڪاريگري ڪي پنهنجي سامهون ڏسي ٿو ۽ جيڪو ڪليل دل سان ٻڌي ٿو، تنهن ڪي هر شيءِ ۾ الله تعاليٰ ﷻ جي تسبيح ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

www.sindhsalamat.com

**موضوع نمبر** 45

# زمين جي ڦاٽي پوڻ واريون جايون

وَ الۡاَرۡضِ ذَاتِ الصَّدۡعِ ﴿۱۲﴾ اِنَّهٗ لَقَوۡلٌ فَصۡلٌ ﴿۱۳﴾(الطارق: ۱۲ ۽ ۱۳)

”۽ قسم آهي ڦاٽي پوڻ واري زمين جو. اها هڪ فيصلو ڪندڙ ڳالھ آهي.“

عربي لفظ صدع جي معنيٰ ڦاڙڻ يا ڦاٽڻ واري آهي. انهيءَ جي اصل معنيٰ جي متبادل جيڪا معنيٰ آهي سا آهي ڦوٽ وجهڻ.

اچو تہ سڀ ڪان پهريان اسان مختصر طور زمين جي بناوت جو مطالعو ڪريون. اها حيران ڪندڙ ڳالھ محسوس ٿئي ٿي تہ جتيوڻيڪ اسان فضائي ويڪر جي پري پري وارن ستارن ۽ ڪهڪشائن جي باري ۾ گهٽي حد تائين معلومات رکون ٿا، پر پوءِ بہ اجا تائين زمين جي اندر انهيءَ جي قالب تائين وارين خاصيتن جي باري ۾ صفا گهٽ سائنسي معلومات حاصل ٿي سگهي آهي. اسان جي پيرن هيٺان اندر 6378 ڪلوميٽر زمين جي ڍانچي تائين  ڪيتري ۽ ڪهڙي قسم جا تہ موجود آهن؟ زمين جي مرڪز تائين ڪهڙا ڪهڙا واقعا ٿيندا آهن؟ تمام گهرائيءَ ۾ ڪهڙي قسم جون شيون آهن؟ اهوسڀ ڪجھ اسان بہ قطعي طور تي نہ ڄاڻي سگهيا آهيون، پر ڪجھ معلومات جي بنياد تي ۽ اڻ سڌين شاهدين کي نظر ۾ رکندي، ڪجھ قياس کي ويجها اندازا ضرور لڳائي سگهون ٿا. زمين جي مٿين تہ جي باري ۾ جيڪي ڪوجنائون آهن، انهن جي باري ۾ اهو خيال ڪيو وڃي ٿو تہ انهيءَ جي ٿولھ 30 ڪلوميٽرن ڪان وڌيڪ نہ آهي ۽ اهو هيٺين طريقي سان آهي.

سڀ ڪان مٿين سطح، جنهن تي اسان رهون ٿا، مٽي، پاڻي ۽ ٻرندڙ جبلن واري مادي ۽ گرمي ۽ دٻاءَ سان تبديل ٿيل ڇپُن جي انهيءَ حصي تي مشتمل آهي، جنهن کي زمين جو ڇوڏو (Crust) چئي سگهجي ٿو. سڀ ڪان وڏي جبل ڏانهن ڏسو



تہ ان جي ٿولھ (اوچائي) وڌ ڪان وڌ 40 ڪلوميٽر ٿيندي. ٻئي پاسي زمين جي گهٽو اندر مرڪز ۾ لوھ ۽ نڪل تي ٻڌل هڪ سخت ڍانچو موجود آهي. انهيءَ جي قطر جو اندازو 2400 ڪلوميٽر لڳايو ويو آهي. انهيءَ ڍانچي ۽ زمين جي مٿين ڇوڏي جي وچ ۾ جيڪا بناوت آهي، انهيءَ جي باري ۾ حتمي طور ڪجھ بہ نٿو چئي سگهجي ۽ انهيءَ موضوع تي چڱو بحث ٿي چڪو آهي پر ٻرندڙ جبلن جي ذريعي، جيڪي انهيءَ باري ۾ سمجھ ۽ شعور جو بنياد بڻيا آهن، اهو سمجهيو ويندو آهي تہ زمين جي وچ واري سطح ٻن حصن تي مشتمل آهي. اندروني آخري ڍانچي جي اوسي پاسي ٻاهريون ڍانچو آهي جيڪو لوھ ۽ نڪل جو پٽڙي حالت ۾ ڳهاٻيٽو آهي جنهن جي ٿولھ 2300 ڪلوميٽر آهي ۽ جيڪو زمين جي سطح ڪان 3000 ڪلوميٽر هيٺ آهي.

انهيءَ پٽڙي تہ ۽ زميني ڇوڏي جي وچ ۾ ٻہ جدا تہ آهن. مٿيون تہ 600 ڪلوميٽرن جي گهرائي تائين ۽ هيٺيون تہ 3000 ڪلوميٽرن تائين هليو ويندو آهي. اهو تہ جنهن ۾ طاقتور حرڪي ڪرنٽ وهندو رهندو آهي، پگهريل ڇپن ۽ زميني ڇوڏي کي پاڻ ۾ ملائي رکندو آهي. اهو پگهريل ڳهاٻيٽو هڪ اهڙو تہ ڳهاٽو پٽڙو مادو هوندو آهي جنهن تي زمين جو ڇوڏو تري رهيو آهي. يعني انهيءَ ڇوڏي کي انهيءَ ڪام سان مشابهت ڏئي سگهجي ٿي جيڪا زمين ۾ ڳهاٽي ڳهاٻيٽي واري سمنڊ جي تہ تي انتهائي سست رفتاريءَ سان حرڪت ڪري رهي هجي. پر جيئن جيئن اهو ڇوڏو حرڪت ڪندو آهي تہ اهو گڏيل طور تي مضبوط ۽ ڪمزور دٻاءَ وارن علائقن ۾ بدلبو رهندو آهي. اهي عام طور تي ڳهاٽين زميني ليڪن وانگر هوندا آهن جن جي ڪنارن تي جبلن جا سلسلا ٺهجي ويندا آهن.

گرمي ۽ ڇقمقي اثرن هيٺ زمين جي قالب ۽ زميني ڇوڏي جي وچ ۾ تمام گرم پٽڙي گند ڪچري جي عمل سان وڏا ڪنڊ ۽ سمنڊ وجود ۾ ايندا آهن. انهيءَ گند ڪچري جي ڪمپيوٽر جهڙي عمل جي ذريعي ئي زمين جي موجوده شڪل نڪتي آهي. ڪو وقت اهڙو بہ هو جو زمين جي ڪنڊن جا مٿاڇرا پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا. گرميءَ جي پسرڻ سبب پيدا ٿيندڙ چڪر، ايٽلانٽڪ سمنڊ جي وچ ۾ هڪ ڦوٽ پيدا ڪئي. پوءِ اها ڦوٽ ٻنهي پاسي پکڙبي وئي ۽ وڏن ڪنڊن کي هڪ ٻئي ڪان جدا ۽ پري ڪندي وئي. انهيءَ عمل واري مفروضي بابت تفصيل سڀ ڪان پهريان الفرڊ واگنر (Alfred Wagner) پيش ڪئي، جنهن کي ڪيترن ئي سالن تائين سخت تنقيد کي بہ منهن ڏيڻو پيو. انهيءَ کي وڏي ڪنڊ جو وهڪرو (Continental Drift) چوندا آهن، جنهن جي ابتدا ماضيءَ ۾ 20 ڪروڙ سال اڳ سمجهي وڃي ٿي. اهو جدائيءَ جو عمل پنج ڪروڙ سال اڳ مڪمل ٿيو جنهن ۾ زمين جي گولي موجوده شڪل اختيار ڪري ورتي پر هاڻي بہ اهو وهڪرو ۽ جدائيءَ وارو عمل 5 سينٽي ميٽر في صدي جي حساب سان جاري آهي ۽ وڏن ڪنڊن کي جدا ڪرڻ واري اها ڦوٽ بہ اجا

تائين موجود آهي.

ائين زمين جو مٿاڇرو پڻ ڪيترين ئي جاين کان ڦاٽل يا ڦوٽ پيل آهي. جيئن ته هِن مضمونن جي سلسلي ۾ ڏسي سگهجي ٿو، قرآن ڪريم اڄ کان چوڏهن صديون اڳ ئي انهيءَ عظيم عجوبي جو ذڪر اِن اعلان جي ذريعي ڪري ڇڏيو هو ته "قسم آهي ڦاٽي پوندڙ زمين جو." اڄو ته هاڻي انهيءَ آيت سڳوريءَ جي معجزي کي زمين جي نقشي تي ڏسون.

پهريون ۽ سڀ کان وڏو ڦاٽ (Mid – Atlantic Ridge) ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ جي اتر ۾ گرين لينڊ جي اوسي پاسي کان شروع ٿئي ٿو ۽ ڏکڻ ۾ پوري ائٽلانٽڪ تائين پکڙجي وڃي ٿو. ٻيو زميني ڦاٽ اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جي پئسفڪ وڏي سمنڊ جي ڪناري سان گڏ گڏ هلندو آهي. اهو ڏکڻ ايشيا کان شروع ٿي هماليه جبلن هيٺان گذرندو ترڪي وڃي پهچي ٿو.

ٻيا به ڪيترائي ننڍا ننڍا ڦاٽ آهن. اهي سيئي ڦاٽ زلزلن وارا علائقا ڳڻيا ويندا آهن. جيڪڏهن اسان انهن جي بناوت تي غور ڪريون ته اسان کي قرآن جو هڪ ٻيو معجزو نظر ايندو.

جيڪڏهن شيون ايئن ئي هجن ها جيئن بدقسمت بي دين ماڻهن سمجهيو آهي ته زمين جي گولي تي اهي ڦاٽ زمين جي اندر رجيل گرم مادي جي دٻاءَ هيٺ وڏيڪ وڌا ٿي زمين کي ئي وسيع ۽ زبردست ٻرندڙ جبلن جا ڪنارا بنائي ڇڏين ها. اهو به هڪ سبب آهي ته هڪ ڊگهي عرصي تائين ويگنر جو نظريو قبول نه ڪيو ويو. اصل ۾ ٿيندو هيئن آهي ته اهو ٻرندڙ جبل مان نڪرندڙ لاوو ، جيڪو مٿانهين کان هڪ ڪوهه مان اُڀرڻ وانگر نڪرندو آهي، گڏ ٿي ڍيري جي شڪل ۾ سخت حالت ۾ اچي ويندو آهي ۽ ائين زمين جي سطح تي ڦاٽ وارو علائقو ٻڌجي ويندو آهي ۽ اهڙي قسم جا جابلو سلسلا ٺهي پوندا آهن ۽ هڪ خدائي سئيءَ جي خوبصورت پرت وانگر ڦاٽ جي ٻنهي پاسي خوبصورت ڪنار ٻڌجي ويندا آهن. حقيقت ۾ انهيءَ قسم جو فرمان سورت النحل جي آيت نمبر 15 ۾ هن طرح ڏنو ويو آهي "هُن زمين ۾ جبلن جون ميخون ٺوڪي ڇڏيون ته جيئن زمين توهان کي هڪ پاسي لڙڪائي نه ڇڏي." ٻين لفظن ۾ جبل زلزن جي عمل کي اعتدال تي آڻين ٿا. سورتِ الانبياء جي آيت نمبر 31 به انهيءَ ئي حقيقت کي بيان ڪري ٿي. ٻئي پاسي زمين جي ڪل جو هڪ تهه ٻئي تهه جي هيٺان لنگهي ويندو آهي جنهن کي ارضياتي تهه جو ٻئي تهه هيٺان ڪسڪاءُ وارو علائقو سڏيندا آهن. مثال طور جڏهن پئسفڪ سمنڊ جي ڏکڻ اولهه ۾ آمريڪا جي ڪناري تي هڪ ڦاٽ ۾ سامونڊي ڪل جو تهه، زميني ڪل جي تهه سان مليو، جنهن کي پرووين چليين پليٽ (Peruvian Chilean Plate) سڏيندا آهن، ته ان جي نتيجي ۾ هندستاني جبلن جو سلسلو انهيءَ علائقي سان ٺهي ويو.



اهڙي طرح سمنڊ جي وچ ۾ ئي ڪارنس جي شڪل جو اڀرندڙ مادو تهه تهه ٿي ڄمندو ويو ۽ ديو قامت پليٽن جا ڍير ٺهندا ويا جيڪي هڪ ٻئي کان آهستي آهستي هٽندا به ويا. انهيءَ ڦاٽ جي ٻنجڻ جو هڪ ٻيو طريقو اهو عمل آهي جنهن جي ذريعي مشهور ٽونگا (Tonga) ڪاهي يا ڪڏ ٺهي ٿي. اهو ائين ٿيو ته جڏهن سامونڊي پليٽ ٻڏي وئي ته انهيءَ جي پاسي کان هڪ اونهائي ٺهي پئي.

زميني سطح ۾ ڦوٽن ۽ انهن جي چرپر جي ڪري پليٽ ٽيڪٽرونڪس (Plate Tetronics) جو نظريو سامهون آيو. انهيءَ هيٺ عمل ڪندڙ ڦوٽن زمين تي ان جي خشڪي ۽ سمنڊن سميت 95 ڪلوميٽر اونهائي تائين پليٽن (Plates) کي ڻاهيو آهي. انهيءَ جو لازمي ۽ منطقي نتيجو اهو آهي ته اهي پليٽون پاڻ به لڳاتار حرڪت ۾ آهن. (انهيءَ بابت تفصيل موضوع نمبر 8 ۾ ڏسو)

ارضياتي تاريخ انهيءَ نظريي کي هن طرح سگهارو ڪري ٿي ته چرپر ڪندڙ وهندڙ وڏن ڪنڊن جي انهن ڦوٽن جي ڪنارن تي، هڪ ٻئي سان ملڻ جي ڪري جبلن جا سلسلا وجود ۾ اچن ٿا. يورال جبل اُن وقت ٺهيا جڏهن وڏو ڪنڊ يورپ ايشيا وڏي ڪنڊ سان اچي مليو. اِن کان علاوه ڏکڻ اوڀر ايشيا جي وڏي پيماني تي سرڪڻ واري عمل جي ڪري سمنڊ جي تهه ۾ اهڙا گهنج پئجي ويا جن جي ڪري انڊونيشيا جي ٻيٽن جي هڪ ڪڙي ٻڌجي پئي. اڄڪلهه ائٽلانٽڪ سمنڊ جي وچ واري جبل ۽ پئسفڪ سمنڊ ۾ ٺهندڙ پليٽن جون تصويرون وڏين وڏين انسائيڪلوپيڊيائن ۾ ڇاپجي چڪيون آهن، جيڪي هن آيت سڳوريءَ جو جيئرو جاڳندو ثبوت پيش ڪنديون رهن ٿيون. هن آيت سڳوري کي پوري تفصيل ۽ گرافن ۽ اسڪرين جي مدد سان وري وري ثابت ڪيو پيو وڃي.

هن آيت جو هڪ اهم پاسو اهو به آهي جنهن سان سورت الطارق جي باري ۾ خدائي پيغام ڏنو پيو وڃي. سورت الطارق جي آيت 1 کان 3 ۾ الله تعاليٰ ﷻ اسان کي فضائي ويڪر جي اسرارن ۽ ڪهڪشائن جي باري ۾ ڄاڻ عطا فرمائي ٿو. ان کانپوءِ آيت نمبر 4 کان وٺي 10 تائين اسان جو ڌيان انسان جي تخليق ڏانهن ڇڪائن ٿيون. اڳتي آيت نمبر 11 ۾ آسمانن جي عمل ۽ رد عمل بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي. اهڙي طرح زمين جي ڦوٽن جي باري ۾ پڻ ٻڌايو ويو آهي. ان کان پوءِ، جيئن ته هن کان اڳ به ٻڌايو ويو آهي، فضائي ويڪر ۾ چقمقي ڇڪ جو تمام اهم نظام اسان جي لاءِ ڻاهيو ويو آهي. هاڻي وري موجوده موضوع ۾ هن آيت سڳوريءَ جي نازڪ ترين باريڪين کي ڏسو. طاقتور ڪرنٽ جو وهڪرو، جيڪو زمين اندر لاوي ۾ هوندو آهي، زمين جي مٿاڇري جي ڦاٽن جو حيران ڪندڙ عمل ۽ زمين جي اندروني چقمقي قوتن جي موجودگي الله تعاليٰ ﷻ جي عظيم نظام جي يادگيري ڏياري ٿي. زمين جي ڦاٽي پوڻ جو عمل پاڻ ئي رد عمل جي اصول جي ياد ڏياري ٿو. مطلب ته

زمين ۾ پيدا ٿيندڙ قوت، زمين جي چوڏي جي پليٽن کي جدا جدا ڪرڻ جو ڪم ڏئي ٿي ۽ بلڪل انهيءَ وقت انهن کي پاڻ ۾ ملائي، هڪبئي مٿان تهن جي صورت ۾ ڄمائڻ واري عمل ڏانهن آڻي ٿي. ڪيترن ئي سائنسدانن جي نظر ۾، ننڍڙا ۽ وڏا جبل، جن کي اسان زمين جا سوراخ چئي سگهون ٿا، پاڻ به انهن زميني قوتن ۽ انهن جي رد عمل، زمين جي گهنجيل هجڻ ۽ ان جي سطحن جو ته در ته هئڻ جي ڪري ٺهن ٿا. جيڪي ماڻهو قرآن کي رڳو مٿاڇرو پڙهن ٿا اهي سمجهن ٿا ته قرآن ۾ لفظن جي چونڊ شايد شاعراڻي خوبصورتي پيدا ڪرڻ لاءِ ئي ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ان جا سمورا لفظ سائنسي گڻ رکن ٿا. جيئن هن سورت سڳوريءَ ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ جيڪو رجع ۽ الصدع جي لفظن کي استعمال مان به ظاهر آهي.

وڏيڪ اهو ته زميني بناوت جا اهي سلسلا جيڪي قوتِن جي ڪري ٺهندا آهن، پاڻ به رخن جي هڪجيترن چقمقي ميدانن جي عمل ۽ رد عمل جي ڪري وجود ۾ ايندا آهن. ايتري تائين جو اهو به مڃيو ويو آهي ته زمين جي چقمقي قطبن ۽ چقمقي قوتن جا رخ پراڻن زمانن ۾ مختلف قسم جا هئا. ڇو جو پٽڙي حالت ۾ نڪل ۽ لوهه جي ڌاتن جي زمين هيٺ لڳاتار وهڪري جي ڪري مختلف وقفن سان چقمقي ميدان ٺهندا رهيا آهن. زمين جا چقمقي ميدان هميشه لاءِ اتر ۽ ڏکڻ قطبن واري پاسي ئي وهندو رهڻ جي ڪري، اجا تائين تسلي جوڳي طريقي سان بيان نه ٿي سگهيا آهن. اصل ۾ اهو انهيءَ ڪري آهي جو زمين جي اندروني ڍانچي کي سخت ۽ نه تبديل ٿيڻ جوڳو مڃيو ويو آهي ۽ ان جي اوسي پاسي لاوي جو هڪ سمنڊ به تصور ڪيو ويو آهي.

پڪ سان انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي قرآن جي سائنس کي مڪمل طور سمجهن ٿا، اهو باور ڪرائڻ ۾ ڪابه جهجهڪ نه آهي ته اهي چقمقي وهڪرا ۽ عمل ۽ رد عمل جا ڪيترائي توازن، جن سائنس جا حواس خطا ڪري ڇڏيا آهن، زمين جي باري ۾ الله تعاليٰﷻ جي سپر ڪمپيوٽر واري نظام ۾ پهريان کان ئي لکيل آهن. انهيءَ موزونيت کي ڇتائيءَ سان سورت الحجر جي آيت نمبر 19 ۾ به بيان ڪيو ويو آهي. حقيقت ۾ انهيءَ آيت ۾ زمين جي قوتن ڏانهن ڌيان ڏيارڻ جو سبب اهو آهي ته جيئن اسان جو ڌيان تمام وڏي زيرزمين آتشي چقمقي ڪينوئڙي (Fire Ball) جي توازن جي واپس ۽ اونڌي ٿيڻ ڏانهن ڇڪائي سگهجي. زميني واقعن جي عمل ۽ رد عمل واريون ڪوجنائون هيٺين سوالن تي غور ڪرڻ جي دعوت ڏين ٿيون ۽ پوءِ وري دل سان انصاف ڪندي قدرت جي انهيءَ عظيم خالق جي اڳيان سجدو ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿيون.

(الف) زمين جا اهي عظيم ڦاٽ ڪهڙي طرح هڪ ٻئي کي متوازن ڪن ٿا؟ اهو ڪهڙو سبب آهي جو لاوو، جنهن تي تمام گهڻو دٻاءُ آهي، هڪ وڏي باهه جي



ٻاهر نڪري اچڻ واري عمل سان زمين کي هڪ پاسي لاڙي ڇو نٿو ڇڏي؟

(ب) اهو ڪهڙو سبب آهي جو زمين هيٺ وهندڙ لاوي جي گهاٻيٽي جي حقيقي ۽ چقمقي چرپر زميني مٿاڇري کي ايترو آرام ڏيندڙ ۽ رهڻ لائق بڻائي رکيو آهي.

(ٻ) اهو ڪيئن ممڪن آهي جو اهڙن سخت قسم جي عمل ۽ رد عمل سان ترتيب ڏنل زميني قوتِن جي ٺهڻ دوران حيرت ۾ وجهندڙ حد تائين خوبصورت ساحلي تلاءَ ٺڄي ويا آهن ۽ اهو ڪهڙي طرح لکين صدين کان بنا ڪنهن عيب جي انهن تبديلين کي برداشت ڪندا رهيا آهن.

(پ) اهو ڪيئن ممڪن ٿيو ته زمين جي انهيءَ چقمقي ميدان سان خاص طرفن جي جاميٽري وارا علائقا ظاهر ٿيا جن کي ايلن ريڊي ايشن بيلٽ (Allen Radiation Belts) سڏيندا آهن. اها بناوٽ زمين کي خطرناڪ آسماني شعاعن ۽ فضائي ويڪر مان ايندڙ چقمقي طوفانن کان بچائي ٿي. سڀ کان اهم سوال هيءُ آهي ته انهن سڀني جو توازن ڪيئن قائم آهي؟

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 46

# سڀ کان وڌيڪ خوبصورت جوڙون

وَ التِّيۡنِ وَ الزَّيۡتُوۡنِ ۙ﴿۱﴾ وَ طُوۡرِ سِيۡنِيۡنَ ۙ﴿۲﴾ وَ هٰذَا الۡبَلَدِ الۡاَمِيۡنِ ۙ﴿۳﴾ لَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ فِيۡۤ اَحۡسَنِ تَقۡوِيۡمٍ ۫﴿۴﴾ ثُمَّ رَدَدۡنٰهُ اَسۡفَلَ سٰفِلِيۡنَ ۙ﴿۵﴾ اِلَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمۡ اَجۡرٌ غَيۡرُ مَمۡنُوۡنٍ ؕ﴿۶﴾ فَمَا يُكَذِّبُكَ بَعۡدُ بِالدِّيۡنِ ؕ﴿۷﴾ اَلَيۡسَ اللّٰهُ بِاَحۡكَمِ الۡحٰكِمِيۡنَ ﴿۸﴾ (التين)

”قسم آهي انجير ۽ زيتون جو ۽ طورسينا ۽ هن امن واري شهر جو (ته) اسان انسان کي بهترين جوڙ سان جوڙيو. پوءِ ان کي ابتو ڦيرائي سڀ کان هيٺاهون ڪري ڇڏيو. سواءِ انهن ماڻهن جي جن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪندا رهيا ته انهن جي لاءِ اڻ کٽ اجر آهي. بس ان کان پوءِ ڪير جزا ۽ سزا جي معاملي ۾ توهان کي ڪوڙو ڪري سگهي ٿو. ڇا الله سڀني حاڪمن کان وڏو حاڪم نه آهي؟.“

سورت التين ۾ اهڙا موضوع آيا آهن جن جون ڪيترين ئي تشريحون ٿي سگهن ٿيون. اها پڪي ڳالهه آهي ته هن ڪتاب جي مقصد تحت آئون هن سورت جي تشريح رڳو سائنسي نقطي نظر کان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

مجموعي طرح تي هيءَ آيت نه رڳو انسان جي جسماني پر مادي زندگيءَ جي باري ۾ رازن ۽ انهيءَ سان لاڳاپيل باريڪ بينين کي ته بيان ڪري ٿي، پر انهيءَ جي روحاني زندگيءَ جو پڻ احاطو به ڪري ٿي. گڏوگڏ اها انساني زندگي جي مصيبتن کي پڻ بيان ڪري ٿي. انساني تخليق سان لاڳاپيل حسن کي آيت نمبر 4 ۾ بيان ڪيو ويو آهي. انهيءَ حسن جي بنيادي تشريح آيت نمبر 1 ۽ 3 ۾ موجود آهي. جيئن ته انهيءَ کان اڳ ڪيترين ئي آيتن جي تفسيرن ۾ مون بيان ڪيو آهي ته قرآن ۾ جڏهن به ڪنهن مضمون جي شروع ۾ قسم کنيو ويو آهي ته اُن جو واضح مطلب اهو آهي ته



اتي هڪ سائنسي پيغام ڏنو پيو وڃي. انسان جي ”بهترين جوڙ“ (احسن تقويم) واري اسرار مطابق انسان جي تخليق ۽ بڻاوت الله تعالیٰ ﷻ جي قدرت جي انڪار نه ڪري سگهڻ جهڙي اهم قانون جو اظهار آهي. انسان جو وجود بهترين ترتيب، جوڙجڪ ۽ ترڪيب وارو آهي. اهو جسماني ۽ روحاني، ٻنهي طريقن سان الله تعالیٰ ﷻ جي سهڻي ۾ سهڻي مخلوق آهي.

جيئن ته الله تعالیٰ ﷻ انساني تخليق ۾ زندگيءَ جي شروعات جا بهترين عنصر ئي استعمال ڪيا آهن، تنهن ڪري جسماني طور تي به انسان بهترين جوڙ (بڻاوت) وارو آهي. عام طور زندگيءَ جي شروعات وارو اهو نظام الله تعالیٰ ﷻ جي خاصيتن جو عڪس آهي. يعني الله تعالیٰ ﷻ جون پاڪ خاصيتون، نظر نه اچڻ وارين شين ۾، سمجهه ۾ نه اچڻ واري طريقي سان ظاهر ٿينديون آهن. تخليق جي انهيءَ نظام ۾ تخليق جي هڪجهڙائي ۽ ترتيب سان الله تعالیٰ ﷻ خوبصورتي ۽ حسن کي جڻ ته گهڙيندو آهي. انهيءَ لحاظ کان انسان ۾ ته اهو حسن سمورين مخلوقن مان سڀ کان وڌيڪ داخل ڪيو ويو آهي.

انساني وجود جو انتهائي ۽ سڀ کان وڌيڪ خوبصورت ڏيک ويک ۽ حقيقي جوهر، جيڪو انهيءَ جي جسماني ۽ طبعي طور تي ساڳين مرڪزن وارن دائرن ۾ ملندو آهي، سمجهه وارن ماڻهن جي زبانن کي الله تعالیٰ ﷻ جي واکاڻ ۽ ثناء سان تازو ڪري ڇڏي ٿو. اها حقيقت آهي ته انساني جسم ۾ سمورن عنصرن جو هجڻ، پوءِ اهي ڀلي ذاتوئي هجن يا ذاتن جهڙا، اها ڳالهه سمجهائڻ لاءِ ڪافي آهي ته خود انسان جو وجود ئي ”تمام سهڻي جوڙ“ آهي. حياتياتي ضرورتن جي نقطہ نظر کان انساني جسم ۾سمورن عنصرن جو گڏ ٿي وڃڻ هن وقت تائين سمجهه کان مٿاهون ڳجهه آهي. انساني ضرورت جي لاءِ عنصرن جو محدود تعداد، مثال طور ويهن جو تعداد ئي ڪافي آهي. جڏهن ته قدرت جي ڪارخاني ۾ ملندڙ سمورا 92 ئي عنصر انساني جسم ۾ ملن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن ۾ ڪي ٿورڙا تمام گهٽ مقدار ۾ نالي ماتر هوندا آهن.

جيو گهرڙن جو اهو نظام جيڪو سموري مخلوق جو بنياد آهي، انساني جسم ۾ پنهنجي انتهائي مٿانهين حد ۾ نظر اچي ٿو، جيڪو بهترين جوڙ کي ظاهر ڪري ٿو. هر جاندار مخلوق جي جيوگهرڙن جون جدا جدا خاصيتون ملن ٿيون، جيڪا هڪ محدود هڪجهڙائيءَ جو مظهر هوندي آهي. پڪ سان اهو به الله تعالیٰ ﷻ جي خوبصورت تخليق جو حصو هوندي آهي پر انساني جيو گهرڙو جيئن ته سڀ کان بهترين هجڻ جي نمائندگي ڪري ٿو، انهيءَ ڪري ان جي خاصيت ۽ قابليت به غير معمولي هوندي آهي. جيري جو جيو گهرڙو اهڙا اهڙا ڪيميڪل ٺاهيندو آهي، جيڪي ڪا فيڪٽري به نٿي ٺاهي سگهي. مثال طور اهو سموري زمين

www.sindhsalamat.com

تي ملندڙ هر قسم جي زهر جي ڪيميائي خاصيت کي تبديل ڪري ڇڏڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

انساني جسم تي زهر جو اثر رڳو وڏيڪ مقدار ۾ زهر کائڻ سان ئي ٿيندو آهي. انهيءَ ۾ انساني جيري جي ڪمزوريءَ جو ڪوبہ عمل دخل نہ هوندو آهي.

انساني دماغ جو عصبي جيو گهرڙو، جيڪو جوڙ جڪ جي لحاظ کان ميٽر جي ڏهين لکين حصي کان بہ ننڍڙو ٿيندو آهي، پنهنجي يادگيري ۾، يادگيري کي ذخيرو ڪري رکڻ واري اهليت جي ايڪي (Bit) جي لڳ ڀڳ ڏهہ لک تعداد کي ذخيرو ڪري سگهي ٿو ۽ تخليق ٿيل مادي جي اها سڀ کان وڏيڪ ۽ آخري درجي جي صلاحيت آهي.

انساني جسم جي حفاظت لاءِ مقرر اڇن جيو گهرڙن جي بناوت ”بهترين تخليق“ وارو راز رکي ٿي. ڏارين ۽ نوَن پيدا ٿيندڙ جيو گهرڙن کي، اهي حفاظت تي مقرر جيو گهرڙا، سون جي تعداد ۾ گهيري وٺندا آهن. جيڪڏهن اهو نئون جيو گهرڙو ڪينسر جو هو تہ انهيءَ کي يڪدم ماري ڇڏين ٿا. رت جي انهن اڇن جيو گهرڙن کي ڳلي جي غدود ۾ لڳ ڀڳ ٽيهہ هزار نشانيون يا ڪنجيون ڏنيو ويون آهن، جن جي مدد سان اهي نئين داخل ٿيندڙ جيو گهرڙي جي سڃاڻپ ڪن ٿا. اهي ڪنجيون ايترو تہ حساس آهن جو ڪوبہ ڪينسر وارو جيو گهرڙو يا ٻيو ڪو ڏاريو جيو گهرڙو، پوءِ اهو پلي بيماري وارو نہ بہ هجي يڪدم ختم ڪيو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو عضون جي پيوندڪاري جي سلسلي ۾ ايترا تہ مسئلا پيدا ٿي ويندا آهن جو انهن کي سنڀالڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. اڇن جزن جو اهو عمل اهڙي جديد ۽ اعليٰ درجي جي حياتياتي ترقيءَ کي ظاهر ڪري ٿو، جيڪا ڪنهن مخلوق جي لاءِ ممڪن نہ آهي ۽ اهڙي صلاحيت واري ڪابہ شيءِ ڪنهن بہ ليبارٽريءَ ۾ ٺاهي نٿي سگهجي. اهڙيءَ طرح اها هڪ بهترين تخليق جي نشاندهي آهي.

انهيءَ کان اڳ ٻي آيت جي سلسلي ۾ مون ماءُ جي ڳپيرڻ ۾، انسان جي جسماني واڌ ويجهہ جي دوران ڪيترن ئي حيران ڪندڙ نظامن ۽ ڪمن جو ذڪر ڪيو آهي. ائين اسان ڏسون ٿا تہ هتي بہ اهڙا اهڙا غير معمولي حياتياتي عمل ملن ٿا، جيڪي ڪنهن ٻي مخلوق (جاندار) ۾ نہ هوندا آهن. انساني جسم ۾ لڳ ڀڳ اڻ ڳڻين خاصيتن جا ڪوڊ مقرر ڪرڻ، انساني عقل کي حيران ڪري ڇڏڻ واري ڳالهہ آهي ۽ عام سمجهہ کان مٿانهين ڳالهہ آهي. ايتري تائين جو انتهائي سنهڙيون اپريل سطحون، مثال طور آڱرين جا پور (Finger Prints) جيڪي اربين انسانن مان هر هڪ جا جدا جدا نقشو ٺاهين ٿيون، سي بہ انساني تخليق جو پلي ۾ پلي هجڻ وارو راز رکن ٿيون. انساني مني (Sperm) جي ننڍڙي ڪارڊ ۾، اڳي ئي لکيل ڪوڊ رکيا ويا آهن. انتهائي ننڍڙي سائز جا اهي ڪوڊ هڪ مائيڪرون سان بہ نٿا ماپي سگهجن،



جڏهن تہ هر انسان جي منهن جي جدا تصوير بہ انهن ڪارڊن ۾ رکيل هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اهو جيني رڪارڊ، جيڪو انتهائي باريڪين کي ظاهر ڪري ٿو، سو بہ انساني تخليق جي اڻ ڪٿ حسن کي ظاهر ڪري ٿو.

DNA ماليڪيول تي، جن جي ماپ ملي مائيڪرون ۾ ڪري سگهجي ٿي، انساني فوٽوگراف کي فٽ ڪرڻ جي لحاظ کان سموري ڪائنات ۾ پلي ۾ پلي جوڙ واري فن جو مظاهر ڪرڻ آهي. انساني جسم ۾، جيڪو سڀ کان پلي جوڙ جوڙيل آهي، جيني رازن کي انتهائي باريڪيءَ ۽ ڪمال ذريعي سان هڪ نقطي جي ڏهين لکين حصي ۾ لکيو ويو آهي. اها ئي سمجهہ کان مٿانهين ۽ عجيب ڳالهہ مادي جي اندر بهترين جوڙَ جي راز کي هڪ فن وانگر پيش ڪري ٿي. انهيءَ حقيقت جي خاص طرح يادگيريءَ لاءِ قرآن ڪريم پنهنجي اڻ ڪٿ دانائيءَ اندر، پهرين ۽ ٻي آيت ۾ هڪ هڪ معجزاتي پيغام عطا ڪري ٿو.

توهان انهيءَ حقيقت جو اظهار ڪهڙيءَ ريت ڪري سگهو ٿا تہ مرداڻي مني جا جزا انتهائي ننڍڙا ۽ اڻ ڳڻيا ٿيندا آهن. جڏهن تہ ماءُ يا ماديءَ ۾ رڳو هڪ ئي بيضو هوندو آهي ۽ ڪهڙيءَ ريت انهن ٻنهي جو معجزاتي ميلاپ پندرهن صديون اڳ جي انسان جي عقل ۽ سمجهہ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي ٿو؟

”قسم آهي انجير ۽ زيتون جو........ اسان انسان کي پلي جوڙ ۾ جوڙيو آهي.“

ائين تخليق جي سلسلي ۾ اهم ڳالهہ اها آهي تہ پلي جوڙَ يعني انسان جي مني ۽ ٻئي پاسي انجير ۽ زيتون جي مادي ۾ ڪا نہ ڪا هڪجهڙائي هئڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح اهو ناممڪن آهي تہ نر جي منيءَ جي مشابهت انجير جي ٻجن سان ۽ ماديءَ جي ٻجن جي مشابهت زيتون سان نظرن کان لڪيل رهجي وڃي. انهيءَ کان بہ وڏيڪ حيران ڪندڙ ڳالهہ اها آهي تہ انجير جي ٻجن جي سائيز جي نسبت زيتون سان لڳ ڀڳ اها ئي آهي جيڪا مرد جي منيءَ واري جيو گهرڙي جي ماديءَ جي بيضي سان آهي.

هاڻي مان انهن ٻن اهم پيغامن جو ذڪر ڪندس جيڪي هن سورت ۾ انسان جي بهترين بناوت تي پيدا ٿيڻ بابت آهن. پهرين نياپي جو واسطو انهيءَ موسم ۽ صحت سان لاڳاپيل گهربل شين سان آهي، جيڪي ڪائنات جي سڀ کان وڏيڪ نازڪ مخلوق يعني انسان جي واڌ ويجهہ لاءِ ضروري آهن. جيئن تہ ڪيترن ئي مفسرن اهو سمجهيو آهي تہ انجير، زيتون ۽ پهرين ٽن آيتن ۾ طورسينا يا طور سينين جو ذڪر، فائديمند فضا يا موسم جي موجودگيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. جيتوڻيڪ عام طور تي سينا جو مطلب اهو جبل آهي جيڪو ساوڪ سان ڍڪيل هجي، پر هتي انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ اها آب و هوا ۽ موسم، جيڪا انجير ۽ زيتون جي

www.sindhsalamat.com

پيدائش جي لاءِ بيحد موزون آهي ۽ جنهن جاءِ جون موسمي حالتون سائي ستابي جبل (طور سينين) جي لاءِ موافق هجن، سو علائقو انساني صحت لاءِ بہ تمام پلو پاڻي ۽ هوا مهيا ڪري ٿو. انهيءَ نقطي نظر کان ڏکڻ يورپ، اتر آفريڪا، رومي سمنڊ (Mediterranean) جي پٽي ۽ آمريڪا جو ڏاکڻيون ڪنارو اهڙي آبهوا جي نمائندگي ڪرڻ وارا علائقا آهن. انهن علائقن جي باري ۾ تمام اهم ڳالهہ اها آهي تہ اتان جي هوا جا وهڪرا هڪ پاسي فضائي گدلاڻ کي روڪين ٿا تہ ٻئي پاسي اتي جهجهي تعداد ۾ وڏڪار انساني صحت جي لاءِ خوراڪ ۽ توانائي گڏوگڏ پهچائي ٿي.

ايئن شروع واريون آيتون انسان کي الله تعاليٰ ﷻ جي طرف کان پلي ٻڌاوت جي صحت جو نسخو پيش ڪن ٿيون. اڄ ڪلهہ انساني صحت جي لاءِ ٽي اهم ضرورتون تمام بنيادي حيثيت رکن ٿيون. انهن مان پهرين ضرورت تہ صاف هوا آهي. سائي ستابي جبل جو نظريو، جنهن کي طور سينين چيو ويو آهي، گدلاڻ کان پاڪ هوا جي سڀ کان سٺي ۽ معجزاتي تعريف ۽ توجيهہ آهي. گدلي هوا جي صفائي ۽ چاڻڻ جي عمل سان گڏوگڏ گهاٽي وڏڪار مان آڪسيجن جي رسد پنن جي وجود ۾ ”زندگيءَ“ جا راز رکي ٿي.

جيستائين قسم کڻڻ ۾ زيتون جو لاڳاپو آهي يعني سائنسي پيغام جي صورت ۾ تہ اها بہ انسان جي پلي جوڙ هئڻ واري راز جي لاءِ هڪ معجزاتي عقيدو آهي. سڀ کان پهريان اها ڳالهہ آهي تہ زيتون هڪ اهڙي غذا آهي، جيڪا رڳو انسانن جي لاءِ ئي مخصوص آهي. جيستائين انهن جي اثرن جو تعلق آهي تہ اها بہ دريافت ٿي آهي تہ جيو گهرڙن جي تاندورن جي پيدائش کان وٺي دماغي نيورون جي ڪيترين ئي ڪارروائين ۽ جنسي جيو گهرڙن جي عملن تائين جي لاءِ اهو هڪ عجيب حياتياتي خزانو آهي. وڌيڪ اهو تہ وٽامن اي، جيڪا دل جي ماس وارن مچڪن ۽ جنسي جيو گهرڙن جي جوڙ جڪ ۾ اهم هوندي آهي، سا زيتون جي حياتياتي وجود يا جوڙ ۾ مڪمل طور تي ملي ٿي. زيتون جي اها غير معمولي جوڙ، هڪ دفعو ٻيهر الله تعاليٰ ﷻ جي طرف کان ڏنل انسان جي حياتياتي برتري کي ظاهر ڪري ٿي، جنهن کي پلي جوڙَ جي اسرار وارو ٺاهيو ويو آهي. زيتون جانورن لاءِ رڳو چارو نہ آهي، پر اهو زندگيءَ جو هڪ پلو نسخو پڻ آهي جنهن جي تياري ۾ سمجهہ کان مٿاهان ڪيميائي عمل ڪم ڪن ٿا.

جيستائين انجير جو لاڳاپو آهي، ٻوٽن جي امرت يا آب حيات بنائڻ ۾ انهيءَ جو درجو ٻين ميون کان مٿاهون آهي. اهو امرت حياتي ڪيميا جو هڪ خزانو آهي جنهن ۾ پروٽين، فاسفورس ۽ رائبوز جا مرڪبَ ملندا آهن. اهو پٽڙو مادو، جيڪو کير جي شڪل ۾ هوندو آهي، هڪ اهڙي ليبارٽري جي معجزي وانگر تيار ٿيندو



آهي جيڪو زمين ۾ زندگيءَ جا راز رکندو آهي، تنهن جو ڪوبہ ذهن احاطو نٿو ڪري سگهي. اهو نہ رڳو زمين مان زندگيءَ جي واڌ تي زور ڏيندو آهي، پر اهو فاسفورس، رائبوز ۽ پروٽين جي هڪ جاءِ تي هجڻ يا انسان ۾ ڊي اين اي ماليڪيول جي موجود هئڻ جي نشاندهي بہ ڪندو آهي.

انجير جي اها خاصيت انسان جي وجود جي حياتياتي بنيادن کي ظاهر ڪرڻ کان سواءِ انهيءَ حقيقت جو بہ اظهار ڪندي آهي تہ انجير جي سگهہ پيدا ڪندڙ غذائيت بنيادي خوراڪ جو ذريعو آهي. اهو مرڪب جيڪو شروع ۾ کير وانگر هوندو آهي، ان کان پوءِ انجير جي ٻج لاءِ هڪ پاٽياني ڍانچي يا ڳپيرڻ جو ڪم ڏيندو آهي. ان وقت اهو جيو گهرڙن جي لاءِ ٽن بنيادي مادن کي بہ سانڍي رکندڙ هوندو آهي. الله تعاليٰ ﷻ جو پيغام هڪ حقيقي حياتي بخشيندڙ خوراڪ واري کير جي ياد ڏياري ٿو. اهو اهڙو ئي هڪ مادو آهي جيئن رت جي صلاحيتن واري پٽڙي ڪا شيءِ. انجير جي جوڙ، انساني حيات جي ٻن بنيادي پٽڙن مادن جي ياد ڏياري ٿي. اهي پٽڙا مادا آهن کير ۽ رت. ائين الله تعاليٰ ﷻ جي وديعت ڪيل ٽن اسرارن يعني صاف هوا، انجير ۽ زيتون جون خاصيتون الله جي انهيءَ مخلوق جي لاءِ نعمت ۽ رحمت آهن جنهن کي انسان چوندا آهن ۽ جيڪو پاڻ بہ هڪ پلو وجود رکي ٿو ۽ الله تعاليٰ ﷻ جي تسبيح ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com

موضوع نمبر 47

# ”ٿي پئو“ واري حڪم جو راز

اِنَّمَآ اَمْرُهٗٓ اِذَآ اَرَادَ شَيْـًٔا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٨٢﴾ (يٰس: ٨٢)

”هو جڏهن ڪنهن شيءِ (جي ٺاهڻ) جو ارادو ڪندو آهي ته ان جو ڪم رڳو اهو هوندو آهي ته هو ان کي حڪم ڏئي ته ’ٿي پئو‘ ۽ پوءِ اها ٿي پوندي آهي.“

جڏهن سائنسي علمن اٺويهين صديءَ ۾ اجا ترقي نه ڪئي هئي ته اهو سمجهيو ويندو هو ته ڪائنات هڪ اهڙو نظام آهي، جيڪو ابديت کان آهستي آهستي ارتقا واري عمل ذريعي وجود ۾ آيو آهي. اسان جي دؤر ۾ به ڪي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي اڃا به انهيءَ بي بنياد نظريي تي ويساهه رکن ٿا. اها هڪ اهڙي چريائپ آهي، جنهن کي ڪي نالي چڙهيا جديد ماڻهو ڇڏي نٿا سگهن. باقي انهن کي تخليق جي باري ۾ الله تعاليٰ ﷻ جي عظيم رمزن ۽ اسرارن تي ايمان آڻڻو پوندو، پوءِ پلي اهي ڪائنات جي ابتدا جي باري ۾ هجن يا ڪٽي ڪائنات جي مادي پاسن کان تحقيق بابت هجن.

بهرحال تخليق سان لاڳاپيل حقيقتن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٽن اهم شين يعني مفاصلي، فضائي ويڪر، ۽ وقت جي باري ۾ نظرين ۽ تصورن جي مڪمل سمجهه حاصل ڪرڻ پهريون شرط آهي. اهڙي طرح آسماني طبعيات جو علم، جيڪو تخليق جو ارضياتي پروگرام پيش ڪري ٿو، پڻ تمام ئي ضروري آهي. ماضيءَ جي برخلاف، اڄوڪي سائنس اهي سيئي حقيقتون ڳولي لڌيون آهن، جيڪي قرآني سائنس سان هڪجهڙائي رکن ٿيون. مان انهن کي هڪ جدا ڪتاب جي صورت ۾ سهيڙڻ جو ارادو رکان ٿو پر هن وقت مان الله تعاليٰ ﷻ جي تخليقن جي انهن سائنسي تشريحن کي مختصر طور بيان ڪندس جيڪي قرآن ڪريم ۾ ڏنل



انهيءَ حڪم ’ٿي پئو‘ سان هڪجهڙائي رکن ٿيون.

ڪنهن واقعي جي ابتدا ۽ انتها ٿيڻ جي وچ ۾ هڪجهڙائي هڪ تمام ڊيان طلب نڪتو آهي. انهيءَ واقعي جي وچ وارو اهو عرصو، هڪ معنيٰ ۾ موجودات جو قسم به هوندو آهي ۽ ٻي معنيٰ ۾ اهو زندگيءَ جو عرصو يا وقت به هوندو آهي. جديد طبعيات ۽ حياتيات اسان کي اهو ٻڌائي ٿي ته ڪابه شيءِ پنهنجي تخليق جي ابتدائي رياضياتي پروگرام کي بدلائڻ سان ئي پنهنجي ظاهر شڪل کي بدلائي نٿي سگهي. مثال طور طبعيات ۾ ڪنهن چرپر ڪندڙ شيءِ جي فطرت ئي اها آهي ته اها انهيءَ نتيجي سان هڪجهڙائي رکي، جيڪو ان جي تيزي (رفتار) يا فريڪوئنسي، لهر جي عمل (Lengh Wave) ۽ توانائي جي پاڻ ۾ عمل سان پيدا ٿيو هجي. ائين سج ۽ زمين جي وچ ۾ هزارين اٿرن مان گذري، روشني جو هڪ ڦڪو ڪرڻو، بنا ڪنهن تبديليءَ جي اسان جي اکين تائين پهچي ٿو.

هاڻي اسان هن آيت سڳوريءَ جي تشريح ڏانهن اچون ٿا. هن آيت جو مفهوم ٻن لفظن تي آڌاريل آهي. انهن مان پهريون اهو آهي جيڪو تخليق يعني ڪائنات جي ابتدائي تخليق جي باري ۾ آهي. هن آيت ۾ ٿيل ارشاد موجب قادر مطلق اهو حڪم ڏنو ته ’ٿي پئو‘ ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سموري ڪائنات وجود ۾ اچي وئي.

ٻيو هن آيت جي معنيٰ انهيءَ حقيقت جو اظهار ڪري ٿي ته الله تعاليٰ ﷻ جي مرضي، ڪائنات جي عملن ۾ جڏهن به گهري دخل انداز ٿي سگهي ٿي. الله تعاليٰ ﷻ جڏهن به گهري، هو پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن بي شيءِ کي يڪدم وجود ۾ آڻي سگهي ٿو.

اهي ٻئي خاصيتون پنهنجي اندر عظيم سائنسي معنيٰ رکن ٿيون، جن کي سمجهڻ جي لاءِ اڳواٽ ئي ڪجهه بنيادي مادي باريڪين جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. انهيءَ درجي کان اڳتي انسان جي لاءِ اهو ناممڪن آهي ته هو زمين تي پنهنجي مختصر حياتيءَ ۾ ٿيل تجربن جي آڌار تي، ڪائنات جي آخري سوڌي علم جي اونهائين تائين پهچي سگهي.

هن آيت جو اهم نڪتو اها حقيقت آهي ته اهو سمورو خدائي عمل هڪ پلڪ ۾ ئي ٿي ويندو آهي. انهيءَ ڪري سڀ کان اڳ ضرورت انهيءَ ڳالهه جي آهي ته وقت جي پنهنجي نوعيت کي سمجهيو وڃي. اِن سلسلي ۾ ڪجهه تشريحون ته موضوع نمبر 19 ۾ به بيان ٿي چڪيون آهن. بهرحال هن وقت مان هن موضوع کي هڪ ٻئي نقطي نظر سان بيان ڪرڻ گهران ٿو.

ٻين موجود شين جي وچ ۾ وقت جي ڪهڙي حيثيت هوندي آهي؟ ڇا وقت هڪ سرگرميءَ جو نالو آهي يا اهو پنهنجو پاڻ به ڪا مخلوق آهي؟ پڪ سان هر مؤمن انسان اهو سمجهي ٿو ته هن ڪائنات جي اندر جيڪا به شيءِ موجود آهي، سا

www.sindhsalamat.com

الله تعالىٰ ﷻ جي ئي پيدا ڪيل آهي. اڃو تہ هاڻي ڏسون تہ سائنس انهيءَ موضوع بابت ڇا ٿي چوي.

عظيم ڌماڪو يا بگ بينگ نظريو، جنهن جي باري ۾ اسان هن کان اڳ بہ بحث ڪري چڪا آهيون، وقت جي سوال تي هڪ تمام خوبصورت ۽ دلچسپ نقطو پيش ڪري ٿو. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ انهيءَ نظريي هيٺ، ڪائنات جي پيدائش جو عمل هڪ ابتدائي عظيم ڌماڪي جي ذريعي، هڪ سيڪنڊ جي هزارين حصي جي اندر ئي مڪمل ٿي ويو هو. ڪهڪشائن جي ابتدائي جوڙ پهرين ڇهن سيڪنڊن جي اندر ئي ٿي وئي هئي. پر انهيءَ جي برخلاف زمين جي گولي تي ڪنڊن جي ٺهڻ ۽ پنهنجي موجوده بيهڪ حاصل ڪرڻ ۾ ڪروڙين سالن جو عرصو لڳي ويو. انهيءَ علم جي روشنيءَ ۾، جيڪو طبعي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو، سو اهو آهي تہ وقت هڪ اهڙو ايڪو يا مقدار آهي، جيڪو 'عظيم ڌماڪي' سان گڏ ئي وجود ۾ اچي ويو هو. ڪيترائي طبعيات جا ماهر اهو مڃن ٿا تہ ابتدائي عظيم ڌماڪي سان گڏ ئي وقت جو وهڪرو شروع ٿي ويو هو. انهيءَ واقعي کان اڳ وقت جي باري ۾ اڄ وانگر سوچڻ ئي هڪ بيڪار ڳالهہ آهي.

مادي نقطي نظر کان وقت هڪ تخليق آهي ۽ هڪ پيدا ڪيل سرگرمي آهي. ڪائنات جي تخليق جي باري ۾ اسلامي سوچ تحت 'وقت کان اڳ' جو بيان انهيءَ طبعي علم ۽ سمجهہ سان پوريءَ طرح هڪجهڙائي رکي ٿو.

انهيءَ نظريي جي بنياد تي هاڻي اسان طبعيات جي اهم حقيقتن جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪريون ٿا. توهان کي ياد هوندو تہ هن ڪتاب جي موضوع نمبر 4 ۾ اسان ڏٺو تہ مشهور سائنسدان آئن اسٽائن مطابق وقت بہ هڪ خاص ماپو (Dimension) آهي ۽ هڪ برابري تمثيل (Coordinate) آهي. جڏهن تہ مشهور روسي ماهر طبعيات نڪولائي ڪوزيريف مطابق وقت پاڻ بہ هڪ توانائيءَ جي شڪل آهي. ماهر طبعيات ڊيوڊ فنڪل سٽائن تہ 'ڪرونونز' (Coronons) يا وقت جي ذرڙي جي وجود جو تصور ڏنو آهي. اهي سمورا طبعي نظريا صاف ظاهر ڪن ٿا تہ وقت هڪ مخلوق آهي ۽ اهو تہ اهو هڪ اهڙو ايڪو آهي جنهن کي الله تعالىٰ پيدا ڪيو آهي.

اسان انهيءَ باري ۾ ڪو بہ سبب نٿا سوچي سگهون تہ الله ﷻ انهيءَ جي تخليق ڇو ضروري سمجهي. پوءِ بہ اسان کي ڪائنات جي ڪمن ۾ انهيءَ جي اثر ۽ عمل جو چڱيءَ طرح سان اندازو آهي. آسماني نظام ۾ وقت جو اهم استعمال مختصر طور هيٺين طريقي سان بيان ڪري سگهجي ٿو.

1. واقعن جي ترتيب: انهيءَ جو مثال "اڳ ۽ پوءِ" جو تصور آهي ۽ جنهن جو مثال رات ۽ ڏينهن جي اختلافن کي ظاهر ڪرڻ آهي.



2. جهجهائي واري دؤر ۾ واقعن جو مڪمل ٿي وڃڻ: واقعن جي شروعات ۽ پڄاڻي، جيئن زندگي ۽ موت يا ننڊ ۽ ٻيا فعل وغيره.

3. مختلف حالتن جي مادي ۽ توانائيءَ جي تخليق: اِن سلسلي ۾ وقت جيڪو ڪردار ادا ڪري ٿو، سو تمام اهم آهي. توانائيءَ جي مختلف سطحن تي ڪوانٽا جي ڏڪڻي ذريعي مادي ۽ توانائيءَ جي وچ ۾ سڃاڻ پيدا ٿيندي آهي. ايتري تائين جو وقت جي مخصوص ماپ جي اندر ئي برقي چقمقي شعاعن (Photons) جي لڏڻ واري عمل سان مختلف رنگ پيدا ٿيندا آهن. جيڪڏهن روشني جا شعاع جدا جدا قسم جون حرڪتون يا لهرون نہ رکن تہ سموري ڪائنات رڳو هڪ ئي رنگ جي روشني واري هجي ها.

4. پهريان کان مقرر ڪيل قسمت جو عمل ۾ اچڻ: اهو ايڪو رياضيءَ تي دارومدار رکي ٿو جنهن کي اسان "وقت" جو نالو ڏيون ٿا. مثال طور جيڪڏهن سموري زندگيءَ جو پروگرام پهريان کان حامله بيضي ۾ داخل ڪجي ٿو، تہ انهيءَ داخل ڪيل پروگرام هيٺ عمل دوران ٿيندڙ منتقلي، وقت جي محور تي ئي مدار رکي ٿي. چاليهن هفتن جي اندر هڪ ٻچو ماءُ جي ڳڀيرڻ کان ٻاهر رهڻ جي قابل ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح زندگي جي پردي تي وقت هڪ پهريان کان مقرر ٿيل پروگرام کي ظاهر ڪري ٿو.

5. سڀ کان آخري پر تمام ئي اهم ڳالهہ اها آهي تہ وقت بہ ماپن يا طرفن واري نظام اندر تبديليءَ جو شڪار ٿي سگهي ٿو. عام طور ڄاتل سڃاتل ٽن پاسن يا طرفن (Dimensions) ۾ وقت جو عمل بلڪل چٽو نظر اچي ٿو پر اهو پنجين ۽ ڇهين طرف ۾ غير مادي ۽ لچڪدار هوندو آهي.

ڄاڻايل سيني سائنسي حقيقتن کي سامهون رکندي هاڻي اسان 'ٿي پئو' واري حڪم جو مطالعو ڪنداسين. الله تعالىٰ ﷻ جو فرمان تہ "جڏهن اسان ان کي حڪم ڏيندا آهيون تہ 'ٿي پئو' تہ اهو ٿي پوندو آهي" ائين ئي عظيم ڌماڪي واري وقت بہ ٿيو. ڇو تہ وقت بہ ٻي هر شيءِ سان گڏوگڏ انهيءَ ئي خدائي حڪم ۽ مرضيءَ جي ذريعي پيدا ٿيو. خدائي مرضيءَ جي زمان ۽ مڪان کان مٿي قوت ۽ شدت جو عمل، جيئري ۽ مئل هر مخلوق تي انهيءَ ئي گهڙيءَ، سندن وجود جي پنهنجي پنهنجي مخصوص پروگرامن جي شڪل ۾ ٿيو. اهو واقعو وقت جي تسلسل ۾ پنهنجو وارو اچڻ تي وري انهيءَ ڳالهہ تي مجبور هوندو آهي تہ اهو 'ٿي پئو' واري حڪم جي خاصيتن هيٺ، پنهنجي ڏنل پروگرام تي عمل ڪري. مثال طور دنيا جو خاتمو 'ٿي پئو' جي حڪم مطابق پروگرام ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ وقت هڪ پلي خدمتگار وانگر انهيءَ پروگرام کي عمل ۾ آڻڻ کان پوءِ، ان کي ختم ڪري ڇڏڻ تي مقرر آهي. اڃو تہ هاڻي انهن سمورن سوالن جا جواب 'ٿي پئو' واري حڪم جي

www.sindhsalamat.com

تناظر ۾ ڏسون، جن کي اسان سموري زندگي سوچيندا رهندا آهيون.

ظالم پنهنجي ئي ظلم سان تباهه ٿيندو. اهو خدائي پروگرام جو اٽل ۽ اٽل قانون آهي. جهڙيءَ ريت اگهاڙي تار کي ڇهڻ سان ماڻهو موتمار بجليءَ جي جهٽڪي جو شڪار ٿي وڃي ٿو، ائين ئي ظالم ماڻهو به پنهنجي ئي انسانيت سوزي جي ذريعي تباهه ٿي ويندا. ڪين خاص وقت تائين ڏنل مهلت لازمي مقدر کان نٿي بچائي سگهي.

هاڻي ڏسو ته زميني گولي جي پوريءَ طرح نهڻ ۾ هڪ وڏو عرصو 'ٿي پئو' واري حڪم کي پورو ڪرڻ ۾ لڳو ته اهو هڪ غير متوقع سستي کي ظاهر نٿو ڪري، پر ان جي برعڪس زمين جي گولي جو ٿڌو ٿيڻ ۽ ان جي ڪيميائي ۽ ارضياتي ڍانچي جو نهڻ، ان جون هوائون ۽ ان جي فضا 'ٿي پئو' جي حڪم هيٺ پهرين ئي گهڙيءَ ۾ پروگرام ڏئي ڇڏيو ويو هو. ان جي اٽل تقدير ڪي ته وقت جي عمل هيٺ ائين ئي پورو ٿيڻو هو. اهي دنياوي وقفا، جيڪي اسان کي ايترو ڊگها محسوس ٿين ٿا، سو انهيءَ جي ڪري جو اسان جون پنهنجون زندگيون ئي مختصر آهن ۽ انهيءَ لاءِ به جو اسان کي لوح محفوظ ۾ لکيل پروگرام جي ڄاڻ به نٿي ٿي سگهي.

'ٿي پئو' جي حڪم ۾ ٻئي شيون يعني اٽل ٿي وڃڻ ۽ رفتار يا شدت جو هئڻ ضروري آهن جيڪو فوري خدائي مرضيءَ جو انهيءَ پروگرام ۾ ظهور آهي. انهيءَ خاصيت جي شروعات هڪ چاٻيءَ تي هلندڙ گهڙيءَ وانگر يڪدم شروع ٿي ويندي آهي. جڏهن هڪ دفعو ڪنهن ٿيڻ واري شيءِ جي زندگيءَ جو پروگرام جڙي وڃي ٿو ته هڪ طرح سان اهو واقعو ٿي چڪو هوندو آهي. انهيءَ ڪري هيءَ آيت سڄوري ارشاد فرمائي ٿي ته "جڏهن اسان چوندا آهيون 'ٿي پئو' ته اها شيءِ ٿي پوندي آهي."

هاڻي ٻيهر انهن سمورين ڪهڪشائن، جيو گهرڙن، ايٽمن ڏانهن ڌيان ڪريو جن جي وجود سان ڪائنات ٺهي آهي. اهي سڀئي هڪ نه بدلجندڙ خاصيت وارا هوندا آهن ۽ اهو انهن شين جو ارضياتي پروگرام آهي، نه ڪو انهن جو مادي وجود. ٻه جيو گهرڙا ڪيميائي طور تي بلڪل هڪ جهڙا هوندا آهن پر اهو انهن جو جدا جدا پروگرام ئي هوندو آهي، جيڪو انهن کي مختلف خاصيتون عطا ڪندو آهي. سمورا ايٽم ۽ شعاع انهيءَ ئي اصول هيٺ ڪم ڪندا آهن. ايئن هر مخلوق جي لاءِ ان جي انفراديت ان جي رياضياتي پروگرام ۾ لکيل آهي. جڏهن ته 'ٿي پئو' جي حڪم سان پيدا ٿيندڙ پروگرام ئي انهيءَ جو مقدر آهي. سائنس جي اها حقيقت صاف ظاهر ڪري ٿي ته 'ٿي پئو' جي حڪم جي ذريعي ئي هر شيءِ پيدا ٿيندي آهي ۽ پهريان کان ئي مقرر هوندي آهي. حقيقت ۾ آيت سڄوريءَ جي تشريح ئي مرڻ کان



پوءِ موت ۾ ايمان نه رکڻ وارن جي لاءِ هڪ پڪو پختو ۽ سائنسي جواب آهي.

انهيءَ نقطي نظر کان هيءَ آيت سڄوري صاف ظاهر ڪري ٿي ته هن ارضي دنيا جي خاتمي ۽ موت کان پوءِ ٻيهر جيئرو ٿي اٿڻ 'ٿي پئو' واري حڪم جي سري هيٺ اچي ٿو. يعني انسانن جي مرڻ کان پوءِ واري زندگي جو پروگرام انهيءَ مٽيءَ ۾ اهڙي طرح قائم ڪيو ويو آهي، جهڙو هن دنياوي حياتيءَ جو پروگرام منيءَ جي قطري ۾ پهريان کان مقرر ڪيو ويو آهي. قيامت جو ڏينهن به انهيءَ 'ٿي پئو' جي حڪم موجب آهي جنهن جي ذريعي هيءَ ڪائنات وجود ۾ آئي.

وڏيڪ اهو ته پيدائش، تقدير جو جيئن لکيل آهي تيئن ٿيڻ، موت ۽ انسان جو قيامت جي ڏينهن ٻيهر جيئرو ٿيڻ به انهيءَ خدائي حڪم موجب پروگرام ترتيب ڏنل آهي. ائين، انهيءَ ڳالهه جو نه ٿيڻ ناممڪن آهي. اها انساني تقدير ئي آهي جو هو زمين مان ٻيهر پيدا ٿي پوي ۽ اهو ائين ئي آهي جيئن الله تعاليٰ ﷻ جي حڪم 'ٿي پئو' جي پهريان کان ئي لکيل ثبوت جي طور تي ماءُ جي ڳڀيرڻ ۾ پوندڙ منيءَ، ٻار جي پيدائش کي لازمي بڻائي ڇڏي ٿي. آيت نمبر 83 جو اهو فرمان ته "پاڪ آهي اها ذات جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جي حڪمراني آهي ۽ انهيءَ ڏانهن ئي توهان موٽايا ويندؤ" 'ٿي پئو' واري حڪم جي تشريح ڪري ٿو ۽ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته جهانن جي پالڻهار ڏانهن اسان جو موٽي وڃڻ هڪ اٽل ۽ اٽل خاتمو آهي.

سورت يٰس جي آخري صفحي تي آسانيءَ سان نظر اچي وڃي ٿو ته ڪهڙي طرح قرآني آيتن جي تشريح ان جي ٻين آيتن جي مدد سان ڪري سگهجي ٿي، جتي هر هڪ آيت ٻي آيت جي شارح آهي. هن آيت کان اڳ، جيڪا 'ٿي پئو' جي حڪم کي مستحڪم ڪري ٿي. انهيءَ ۾ انسان جي منيءَ جي هڪ قطري جي مدد سان تخليق ٿيڻ واري پروگرام جو ذڪر آهي. پوءِ آيت نمبر 82 جي قرآني تشريح سموري مخلوق جي رياضياتي پروگرام جي سلسلي ۾ آيت نمبر 71 کان 81 ۾ ئي ملي ٿي.

آخر ۾ انهيءَ فرمان ته "انهيءَ ڏانهن ئي توهان موٽايا ويندؤ" جي باري ۾ ڪجهه چوڻ گهرندس. الله تعاليٰ ﷻ ڏانهن موٽ جو ڪهڙو مطلب ٿي سگهي ٿو؟

هن آيت جي ظاهر معنيٰ ته انسان جو قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب جو ٿيڻ آهي ۽ انهيءَ ڳالهه تي ڪيترائي مفسر متفق به آهن. پر هيءَ آيت بلڪل صاف طرح سان سائنسي معنائون رکي ٿي. جيئن مون مٿي بيان ڪيو آهي ته هر تخليق پنهنجو پاڻ ئي 'ٿي پئو' جي حڪم جو هڪ ڪليل ثبوت آهي، تنهن ڪري هر واقعي کي انهيءَ حڪم جي ذريعي ترتيب ڏنو ويو آهي. ائين انهيءَ جو هڪ خاتمي تي پهچڻ انهيءَ جي قسمت آهي. انسان جو دنياوي وجود به انهيءَ ئي حڪم جو هڪ حصو آهي. يعني انهيءَ جو وجود هن دنيا کان اڳ به ۽ پوءِ به. ان جي ڪري دنياوي

www.sindhsalamat.com

زندگيءَ جو نتيجو روح ڏانهن مڙڻ تي ظاهر ٿئي ٿو. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته انسان جو روح دنيا جي امتحانن کان ڇوٽڪارو ماڻڻ کان پوءِ الله تعاليٰ ﷻ کي وڌيڪ ويجهو ٿي وڃي ٿو. الله تعاليٰ ﷻ جو اصل تصور، هڪ طرح ان ڏانهن موٽي وڃڻ جي تصور کي پيدا ڪري ٿو. طبعيات ۾ اهڙي قسم جو نظريو ملي ٿو. هڪ ايٽم ۾ قيد ٿيل مادو توانائيءَ جي شڪل ۾ جڏهن آزاد ٿيندو آهي ته اهو هڪ اڻ کٽ ويڪر ۽ ڪائنات جي ويجهي لاڳاپي مان مزو ماڻيندو آهي. اهڙي طرح انسان جي مرڻ کان پوءِ واري زندگي به الله تعاليٰ ﷻ جي ويجهڙائپ حاصل ڪندي، جنهن جو وسيلو پڪو پختو ايمان ۽ عقيدو آهي.



**موضوع نمبر** 48

# **بهشت جو راز**

عِنۡدَ سِدۡرَةِ الۡمُنۡتَهٰى ﴿۱۴﴾ عِنۡدَهَا جَنَّةُ الۡمَاۡوٰى ﴿۱۵﴾ (النجم: ١٤ ۽ ١٥)

”سدرة المنتها تي (ٻير جي وڻ جي آخري چوٽيءَ تي) جنت الماويٰ (پناهه وارو باغ) موجود آهي.“

مون هي لکڻيون قرآني آيتن جون سائنسي توجيهون بيان ڪرڻ جي لاءِ وقف ڪيون آهن ۽ آخرڪار مون انهيءَ ڳالهه جي ضرورت محسوس ڪئي آهي ته بهشت جي نظريي سان لاڳاپيل سائنسي تشريح به پيش ڪريان. انهيءَ احساس جا ٻه سبب آهن:

پهريون اهو ته انهن بي دين ماڻهن کي، جيڪي اهو چوندا آهن ته بهشت جو نظريو سائنس سان هڪجهڙائي نٿو رکي سگهي، هڪ اهڙو جواب ڏنو وڃي جنهن جا اهي حقدار آهن.

ٻيو اهو ته بهشت سان لاڳاپيل انهن جي غلط تشبيهن جو خاتمو آندو وڃي، جيڪي اهي ماڻهو پيش ڪندا آهن، جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ انهن جي ڪا به بدنيتي نه هوندي آهي.

اهو چوڻ جي ته ضرورت ئي نه آهي ته اسان بهشت جي نظريي کي رڳو دنياوي اصولن جي پويان ئي جاچي سگهون ٿا. بهرحال بهشت سان لاڳاپيل قرآن ۾ ٻين هنڌن تي بيان ڪيل خاصيتن کي سامهون رکي، مان انهيءَ تي سائنسي هڪجهڙائي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم سائنسي پيغام، جيڪو هن مضمون تي روشني وجهي ٿو، سو سورت النجم ۾ ئي موجود آهي. اڃو ته سڀ کان اڳ انهيءَ سوال جو جواب ڳوليون ته بهشت ڪٿي آهي؟ انهيءَ جو جواب به هن ئي آيت مهيا ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com

بهشت ٻير جي وڻ جي آخري چوٽيءَ يا سرحد تي آهي. انهيءَ جي باري ۾ سمورين تفسيرن ۾ مختلف قسم جون تشريحون ڪيون ويون آهن. سڀ کان وڌيڪ سائنسي نقطي نظر کان، انهيءَ جو مطلب ڪائناتي نظام جو هڪ وڻ آهي، يا اسان جي هن ٽه پاسائين (Three Dimensional) ڪائنات جي سرحد. ڪن مفسرن ڇهين آسمان جي سطح کي مادي ڪائنات جي سرحد سڏيو آهي. حقيقت ۾ اهو تصور فلڪي طبعيات جي نظرين سان هڪجهڙائي رکي ٿو. اهو ڪو وڏو بحث طلب مسئلو نه آهي، ڇو جو هيءَ آيت بهشت کي اهڙو ظاهر ڪري ٿي جيڪو ان جي مادي ڪائنات جي سرحدن کان اڳتي آهي. هتي اهم نڪتو اهو آهي ته بهشت، هن مادي ڪائنات جي اندر نه آهي. جيئن مون هن کان اڳ موضوع نمبر 7 ۾ جسامت جي ماپن (Dimensions) تي بحث جي دوران نشاندهي ڪئي هئي ته ڪائنات ۾ طرفي ماپن جا ڪيترائي ماپا آهن. فضائي ويڪر جنهن جو بنياد ڊيگهه، اوچائي ۽ ويڪر جي ماپن تي آهي، مادي وجود جي فضا آهي. پر انهن ٽه پاسائين ماپن کان سواءِ جسامت جون ٻيون ماپون پڻ آهن جيڪي انهن پنجن ۽ ڇهن پاسن کان شروع ٿينديون آهن جن جو وجود به مجيل ۽ يقيني آهي. طرفن جي اها ماپ پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي وچ ۾ اهڙي فضا ناهي ٿي جيڪا عام فضا کان مختلف هوندي آهي. حقيقت ۾ الله تعاليٰ ﷻ ڪيترين ئي فضائن کي ڪتاب جي صفحن سان تشبيهه ڏني آهي.

ايئن بهشت پرانهين سرحد تي ٻير واري وڻ جي ويجهو آهي، يعني انهيءَ جاءِ يا ڪائناتي نقطي تي، جتي ڪائنات ختم ٿئي ٿي. هتي هڪ ٻيو باريڪ نُڪتو سامهون اچي ٿو، سو اهو ته انهيءَ حد کان اڳتي ڪهڙي شيءِ آهي؟ ان جو جواب اهو آهي ته اتي ”پناهه وارو باغ“ يا جنت الماويٰ آهي. انهن جاين تائين پهچڻ لاءِ اسان کي هن مادي ڪائنات جي حدن مان نڪري وڃڻ ضروري آهي. هتي سوال مفاصلي جو نه پر رفتار (Speed) جي ڳالهه آهي. هڪ گهمنڌڙ تيز حرڪت، هڪ اهڙو ٽينگ (Jump) مهيا ڪري ٿي جيڪو مادي وجود جي صفحي کان بهشت جي صفحي ۾ پهچائي ڇڏي ٿو. بيشڪ اها هڪ اهڙي صلاحيت آهي جيڪا انسان کي الله تعاليٰ ﷻ وٽان ملي ٿي ۽ جنهن جو استعمال به انهيءَ سمورن جهانن جي پالڻهار جي حڪم سان ٿيندو آهي.

هن آيت سڳوريءَ جو ٻيو پيغام انهيءَ بيان ۾ ڏنو ويو آهي جيڪو مادي جي آخري سرحد جي نشاندهي ڪري ٿو. عربيءَ ۾ حدن جي نظريي کي بيان ڪرڻ جي لاءِ مختلف قسم جا ڪيترائي طريقا موجود آهن. پوءِ به الله ﷻ انهيءَ طريقي کي خاص طور تي چونڊيو آهي. بهشت ڪائنات جي ڪنارن تي آهي. اها خلقيل شين جي نظام جي ڪنارن تي آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪائناتن جون سڀ کان اهم اصليتون بهشت ۾ به موجود آهن. اجا به ڪائناتن جو وڻ جيڪو جيتوڻيڪ عام



ڪائنات ۾ به نظر اچي ٿو، اصل ۾ بهشت جي ايڪن جو ٻوٽو آهي. هن موجوده دنيا جو سمورو حسن، بهشت جي حسن جو هڪ ميرانجهڙو اولڙو آهي. بهشت هڪ حقيقي زندگيءَ جو نالو آهي، جڏهن ته هيءَ مادي دنيا رڳو ٻن طرفن وارو هڪ فلمي ڪارٽون آهي.

ٻه نظريا، جن جي سلسلي ۾ انساني ذهن کي سڀ کان وڌيڪ ڏکيائي پيش ايندي سي بهشت ۾ وقت ۽ ڪشش ثقل (وزن) جي باري ۾ آهن. ٽي طرف (Three Dimensions) ڪائنات يعني اسان جي مادي دنيا جون مادي نسبتون ۽ لاڳاپا سمورين شين ۽ جاندارن تي تمام ئي شدت سان اثرانداز ٿيندا آهن سي آهن وقت ۽ ڪشش ثقل يا وزن. جڏهن ته بهشت ۾، جيڪو ماپن جي اهڙن طرفن، جيئن ڇهين، ستين ۽ اٺين طرف جو ٺهيل هوندو آهي، اتي اهي گهٽجي مطابقت پيدا ڪري وٺندا آهن يا وري اهي اثر اڻ ڇتا ۽ غائب ٿي ويندا آهن.

اچو ته سڀ کان پهريان اسان بهشت ۾ ڪشش ثقل ۽ وزن جي موضوع تي غور ڪريون. انهيءَ سلسلي ۾ اسان کي قرآن ڪريم مان ٻه اهم پيغام ملن ٿا: ”اهي باغ جن جي هيٺان واهيون وهن ٿيون“ ۽ ”اريڪته“ (ڇڱيءَ طرح سينگاريل تخت) جنهن جي تعريف يا توجيهه انسان سان ئي نسبت رکي ٿي ۽ بهشت جي جاءِ کي ظاهر ڪري ٿي.

ڄاڻايل ٻنهي تعريفن مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته بهشت ۾ ڪشش ثقل يعني وزن ۽ جذب ٿي وڃڻ واري خاصيت گهٽجي وڃي ٿي. جيڪڏهن بهشت ۾ به وزن جو اهو ئي تصور هجي ها جيڪو زمين تي آهي ته آيت هن طرح هجي ها ته ”باغ جن جي اندر درياءَ وهن ٿا“ نه ڪِي ائين ته ”باغ جن جي هيٺان درياءَ وهن ٿا.“ ائين هڪ لحاظ کان بهشت جو هوا ۾ ئي ٽنگيل رهڻ ممڪن آهي. يعني انهيءَ خوبصورت ۽ شاندار زندگيءَ ۾ بهشت جا دريا بهشتي ماڻهن جي هيٺان وهي رهيا هوندا. اريڪة جو تصور انهيءَ تشريح کي اجا به اڳتي ڪٽي وڃي ٿو. انهيءَ جو مطلب بهشتي ماڻهن جي لاءِ اهڙو بهشت هوندو جتي اهي قرآن ۾ ڄاڻايل هڪ جاءِ کان سمورن طرفن کي ڏسي سگهندا. ائين وزن جو وجود ۽ ڪشش ثقل، جيڪا دنيا جي موجودات لاءِ لازمي سمجهي وڃي ٿي، بهشت ۾ به هوندي. باقي ايترو سو آهي ته انهيءَ جو دارومدار هڪ ٻئي عجوبي تي هوندو. يعني جيڪڏهن انهيءَ عجيب شيءِ جي لاءِ ضروري هوندو ته انهيءَ جي تخليق به هڪ خاص واقعي سان لاڳاپيل هوندي (جيئن دريائن جو وهڻ).

بهشت ۾ وقت جو تصور به ڪشش ثقل سان اهڙي طرح هڪجهڙائي رکي ٿو ته جڏهن ضرورت هوندي ته وقت واقعن سان گڏ گڏ ئي هوندو آهي. اِن جي ڪري جيئن ته وقت جو ڪوبه عمل دخل نه هوندو آهي، انهيءَ ڪري بيزاري (بيزار ٿيڻ) جو به ڪو تصور ئي نه آهي ۽ نه ئي وري انهيءَ جو ڪو سوال ئي پيدا ٿئي ٿو. بهشت جي اندر

www.sindhsalamat.com

ڪنهن بہ خواهش جو يڪدم پورو ٿي وڃڻ، بيحد خوبصورت خوشين جو هڪ ڀئي پنيان حصول بہ وقت جي تمام آهستي هلندڙ لهرن سان گڏ گڏ هوندو آهي. ائين وقت اتي هڪ نہ رڪجندڙ انسان ڪي لازمي طور تي فنا ڏانهن وٺي وڃڻ وارو عمل نہ آهي، پر بهشت ۾ اهو انسان جي خدمت جو هڪ خوشيءَ ڀريو وسيلو آهي. مثال طور روشنيون ۽ قسمين قسمين رنگ، عام دنيا ۾ پنهنجا جلوا ڏيکارڻ لاءِ وقت جي عملن جو سهارو وٺندا آهن. جڏهن تہ انهيءَ جي برخلاف بهشت ۾ انهن جون خاصيتون ۽ اثرَ جدا جدا قسمن جا هوندا. سڀ کان اهم مثال سورت الرحمٰن ۾ زمرد جهڙي سرسبز بهشت جو ذڪر آهي. اهڙي طرح بهشت ۾ سنگهڻ جي حس بہ مختلف قسم جي هوندي، جيڪا اهڙي تہ خوشيءَ جي نمائندگي ڪندي جيڪا انسان جي رڳ رڳ ۾ پکڙجي ويندي. اها قدرتي ڳالهہ آهي تہ هن ڪتاب ۾ جتي اسان بنيادي طور سائنسي حقيقتن جو مطالعو ڪري رهيا آهيون، بهشت جي جاءِ ۽ اتان جي حالتن تي وڌيڪ تفصيلي ڳالهہ ڪرڻ ممڪن نہ آهي.

بهشت جو هڪ اهم پاسو، انهيءَ جي اندر انسان جي مادي ۽ جسماني وجود جو غير فاني هئڻ بہ آهي. هرڪو ماڻهو اهو ڄاڻي ٿو ۽ مڃي ٿو تہ مٽيءَ مان پيدا ٿيڻ کان پوءِ حضرت آدمؑ پنهنجي خاڪي جسم سان گڏ ئي بهشت ۾ رهندو هو. ائين اها ڳالهہ ثابت آهي تہ انساني جسم جي تخليق انهيءَ ئي نموني تي ڪئي وئي آهي تہ هو سدائين جي لاءِ بهشت ۾ رهي سگهي ٿو. زمين تي اِنسان جو هي فاني وجود تہ هڪ ٿورڙي عرصي لاءِ ۽ وقتي آهي. خاص ڪري جڏهن اُن جي پيٽ انهيءَ اصلي حياتيءَ سان ڪئي وڃي جيڪا جسماني حالت ۾ ئي بهشت ۾ سدائين جاري رهندي.

هن دنيا ۾ جيڪا شيءِ جسم کي موت جي ويجهو ڪري ڇڏي ٿي سا توانائيءَ جو ختم ٿي وڃڻ آهي. وقت جي عمل ۽ ڪشش ثقل (وزن) جي ڪري هيءَ دنيا انساني جسم جي توانائيءَ جي وڌ کان وڌ خرچ ڪرڻ ۽ انهيءَ موجب خوراڪ کي جسم ۾ وجهڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏي ٿي. آخرڪار انهيءَ سموري سلسلي جو نتيجو پريشاني ۽ موت جي شڪل ۾ ظاهر ٿيندو آهي. حقيقت ۾ جيو گهرڙن ۽ تاندورن جي پوڙهو ٿي وڃڻ ۽ موت جي ويجهو ٿي وڃڻ ڪري، جسم ۾ خوراڪ جي ذخيرو ٿيڻ واري عمل جي ڪري رت جي نالين جو سسڻ، بيڪار ٿي وڃڻ ۽ سخت ٿي وڃڻ وغيره جهڙا مسئلا پيدا ٿي پوندا آهن.

جڏهن تہ بهشت ۾ توانائيءَ جي اهڙي ڪابہ ضرورت نہ ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ تہ اتي وزن ۽ وقت جي عمل کي ئي جدا جدا ڪيو ويندو آهي. رڳو بهشت جا ميوا ئي اتي جي خوشيءَ جو ذريعو هوندا آهن. اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ ميوا تاندورن ۽ رت جي نالين جي بيڪار ٿي وڃڻ جو سبب نہ هوندا آهن. تشريح واري علم جي ذريعي اسان کي ڄاڻ ملي ٿي تہ بهشت ۾ اسان جي ڪُل هڪ خاص بڻاوت واري



هوندي. ڇو تہ حضرت آدمؑ کي بهشت مان ڪڍڻ وقت اهو حڪم ڏنو ويو هو تہ "اُگهاڙا ٿي وڃو ۽ هيٺ لهي وڃو."

اها مخصوص ڪُل هميشگيءَ جو غلاف سمجهي ويندي آهي. دنيا ڏانهن ايندي وقت اسان کي انهيءَ خاص ڪُل کان جدا ڪرڻ ئي اهو سڀ کان اهم ڪارڻ آهي، جنهن هن مادي دنيا ۾ اسان کي فنا جي زنجيرن سان جڪڙي ڇڏيو آهي.

جيئن تہ بهشت ۾ وچڙندڙ بيماريون جهڙوڪ ڪينسر يا دل جون بيماريون ، جيڪي فنا ۽ موت جو ڪارڻ ٿينديون آهن، پيدا نٿيون ٿين، تہ اتي زندگي جي هميشگيءَ جو تصور بہ ڏکيو نہ آهي. وڌيڪ اهو تہ جيئن تہ خوبصورتيءَ کي بگاڙيندڙ عمل يعني ڪراڙپ ۽ گهنج پئجي وڃڻ، انهيءَ خاص ڪُل جي ڪري نٿو ٿئي، تہ پوءِ بهشت ۾ انهيءَ ابدي حيات سان گڏو گڏ لافاني حسن بہ برقرار رهندو.

هڪ ٻيو اهم نڪتو اهو آهي تہ بهشت ۾ جيڪي شربت پيئڻ لاءِ ملندا، انهن ۾ آبِ حيات وارو راز لڪيل آهي. جيئن تہ ڪيترين ئي آيتن ۾ انهيءَ جو ذڪر ٿي بہ چڪو آهي، اهي شربت خوشين سان گڏ گڏ انسان کي دائمي توانائي، نہ ختم ٿيڻ واري غذائيت ۽ تازگي مهيا ڪندا رهندا.

ائين بهشت هڪ جدا قسم جي ڪائنات آهي، جيڪا هن مادي ۽ طبعي وجود کان بلڪل جدا آهي، جنهن جا اسان هن دنيا ۾ عادي هوندا آهيون. جيئن تہ مون وضاحت ڪئي آهي تہ سائنسي نقطي نظر کان انهيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ تصور تہ قائم ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ جاءِ کي بيان ڪندي قرآن ڪريم انهيءَ تصور کي هن طرح پيش ڪري ٿو تہ "آخري سرحد واري ٻير جي وڻ جي ڀرسان"؛ اها تخليق جي عظيم طبعيات کي ظاهر ڪري ٿي. هاڻي انهيءَ بيان کان صديون پوءِ وڌيڪ تعداد وارن پاسن (Dimensions) جو شعور پيدا ٿيڻ شروع ٿيو آهي ۽ اهو احساس پيدا ٿي ويو آهي تہ پنجين، ڇهين ۽ ستين طرف جي ڪري ڪيترين ئي ٻيون فضائون بہ وجود رکن ٿيون.

بهشت ۾ ملائڪن جو وجود بہ اهڙن خاص طرفن کي ظاهر ڪري ٿو. هتي بہ اسان کي طبعي ۽ مادي علم جا اهم تفصيل قرآن جي ذريعي ئي حاصل ٿين ٿا. بهشت ۾ وقت جي وهڪري جي رفتار تمام تيز ٿي ويندي آهي. ايتري تائين جو مفاصلا ئي ختم ٿي ويندا آهن. بهشت ۾ وقت ۽ ڪشش ثقل جيئن تہ هڪ معمولي نظر ايندڙ پردي جي شڪل ۾ رهجي ويندا آهن، انهيءَ ڪري اسان اهڙو آخري نتيجو ڪڍي سگهون ٿا. ائين بهشت هڪ اڻ مٽ حسن ۽ خوشيءَ جي هڪ اهڙي بيان کان وڌي دنيا آهي، جيڪا مادي فضا جي سرحدن کان گهڻو پري آهي.

موضوع نمبر 49

# ماءُ جي کير جي اهميت

وَ الۡوَالِدٰتُ يُرۡضِعۡنَ اَوۡلَادَهُنَّ حَوۡلَيۡنِ كَامِلَيۡنِ لِمَنۡ اَرَادَ اَنۡ يُّتِمَّ الرَّضَاعَةَ ؕ وَعَلَى الۡمَوۡلُوۡدِ لَهٗ رِزۡقُهُنَّ وَكِسۡوَتُهُنَّ بِالۡمَعۡرُوۡفِ ؕ لَا تُكَلَّفُ نَفۡسٌ اِلَّا وُسۡعَهَا ۚ لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌ ۢ بِوَلَدِهَا وَلَا مَوۡلُوۡدٌ لَّهٗ بِوَلَدِهٖ ۚ وَعَلَى الۡوَارِثِ مِثۡلُ ذٰلِكَ ۚ فَاِنۡ اَرَادَا فِصَالًا عَنۡ تَرَاضٍ مِّنۡهُمَا وَتَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ عَلَيۡهِمَا ؕ وَاِنۡ اَرَدۡتُّمۡ اَنۡ تَسۡتَرۡضِعُوۡٓا اَوۡلَادَكُمۡ فَلَا جُنَاحَ عَلَيۡكُمۡ اِذَا سَلَّمۡتُمۡ مَّآ اٰتَيۡتُمۡ بِالۡمَعۡرُوۡفِ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعۡلَمُوۡٓا اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِيۡرٌ ﴿۲۳۳﴾

” ۽ مائرون پنهنجن ٻارن کي پورا ٻہ ورهيہ ٿڃ پيارين (اِهو حڪم) اُنهيءَ لاءِ آهي جيڪو ٿڃ پيارڻ جي مدت پوري ڪرڻ گهري ۽ اُنهن (مائرن) جي خوراڪ ۽ اُنهن جي پوشاڪ هليءَ چليءَ وانگر پيءُ تي آهي، ڪنهن کي سندس وس کان وڌيڪ تڪليف نٿي ڏجي، ماءُ کي ٻار سببان تڪليف نٿي ڏجي ۽ نڪي پيءُ کي ٻار سببان (تڪليف ڏجي)، ۽ وارث تي (ٻہ) اهڙو ئي (حق) آهي، پوءِ جيڪڏهن ٻئي پنهنجي رضامندي ۽ صَلاح سان (ٻار جي ٿڃ) ڇڏائڻ گهرن تہ مٿن گناه نہ آهي ۽ جيڪڏهن پنهنجي اولاد کي (ٻئي کان) ٿڃ پيارڻ گهرو تہ جڏهن اوهان رواج موجب (پياريندڙ کي) جيڪي ڏيٹو ڪيو سو پهچايو تڏهن اوهان تي ڪو گناه نہ آهي ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو تہ جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي.“

ماءُ جو ٻار کي کير پيارڻ، ان جي ٻار جي صحت لاءِ انتهائي اهم شيءِ آهي پر بدقسمتيءَ سان ڪن مادي پرست ڊاڪٽرن ۽ ڏبي وارو کير ٺاهيندڙ ڪمپنين جي



پروپيگنڊا، ماءُ جي قدرتي کير جي خلاف اهڙو تہ زهر پکيڙي ڇڏيو آهي جو ماءُ جي کير کي ڪڏهن ڪڏهن تہ مذاق طور ڏٺو ويندو آهي پر ويجهڙائي وارن سالن ۾ سائنس انهيءَ ڳالهہ تي مجبور ٿي وئي آهي تہ اهي صحت جي عالمي اداري (WHO) جي چوڻ موجب اهڙي قسم جي پروپيگنڊا کي روڪڻ جي ڪوشش ڪن.

مان انهيءَ آيت جي تشريح جي سلسلي ۾ هيٺين سوالن جا جواب سائنسي نقطي نظر کان ڏيندس.

1. ماءُ جو کير ٻار کي ڇاٿو ڏئي؟
2. ماءُ جو کير ڪيترا دفعا ۽ ڪيتري وقفي سان ڏيڻ گهرجي؟
3. کير پيارڻ سان ماءُ تي ڪهڙو اثر ٿيندو آهي؟

هاڻي مان مٿين سوالن جا جواب ساڳي ئي ترتيب سان ڏيندس:

1. ماءُ جي کير جون فطري صفتون:

اها عام سمجهہ ۾ ايندڙ ڳالهہ آهي تہ غذائيت جي لحاظ کان انسان کي ٽن قسمن جي بنيادي خوراڪ يعني فاسفورس ۽ وٽامن جي ضرورت ٿيندي آهي. اهي سيئي جزا يعني حياتين، گلوڪوز، سٽپ، فاسفورس ۽ وٽامن ماءُ جي کير ۾ موجود هوندا آهن، پر انهيءَ کير جو خاص فرق اهو آهي تہ انهيءَ ۾ اهي جزا انتهائي حيران ڪندڙ ۽ تمام ئي نازڪ تناسب سان ترتيب ڏنل هوندا آهن. انهيءَ جو سڀ کان وڏو راز اهو آهي تہ انهيءَ جي اندر چربيءَ وارا ذرڙا تمام ننڍڙن ذرڙن جي شڪل ۾ هڪ جهڙا پکڙيل هوندا آهن.

ماءُ جي جسم جي حالت ڀلي ڪهڙي بہ هجي، انهيءَ جو کير ايترو تہ سگهارو هوندو آهي جو هڪ ارب پتي رئيس جي مانيءَ واري ميز تي رکيل ڪا ڀلي ۾ ڀلي شيءِ بہ انهيءَ جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. خاص ڪري پهرين ڇهن مهينن ۾ تہ نيئن ڄاول ٻار جي وٽامنز جون سموريون گهرجون ماءُ جي کير ۾ موجود هونديون آهن. سچي سائنس تہ انهن پيءُ ماءُ جي اڀوجهائپ تي کلندي نظر اچي ٿي، جيڪي ٻين هٿرادو طريقن سان ٻار جي ضرورتن کي، جن ۾ وٽامن سي آهي، پورو ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪندا رهندا آهن.

هاڻي مان ماءُ جي کير ۾ رکيل هڪ تمام حيران ڪندڙ خاصيت کي بيان ڪري ٿو.

شروع وارن ڇهن مهينن ۾ ماءُ جي کير ۾ اهڙيون اينٽي باڊيز (Anti Bodies) ملنديون آهن، جيڪي ٻار کي هر قسم جي بيمارين کان محفوظ رکن ٿيون. ماتا واري بيماريءَ کان بچاءَ جون اينٽي باڊيز انهيءَ ماءُ جي کير ۾ بہ هونديون آهن جنهن کي پاڻ کي بہ ڪڏهن ماتا نہ ٿي هجي. حياتياتي طور اها هڪ سمجهہ کان

مٿاهين ڳجهارت آهي. باقي اها انهيءَ حقيقت جي نشاندهي آهي ته الله تعاليٰ ﷻ انسان کي ڪيترو نه پيارو رکي ٿو ۽ ان کي ڪيتري اهميت ڏئي ٿو.

ڪن بي دين سائنسدانن جو اهو چريائپ وارو بيان آهي ته ماءُ جي کير ۾ فولاد (آئرن) جي کوٽ هوندي آهي. موجوده سالن ۾ اهو معلوم ٿيو آهي ته ٻاروتڻ ۾ رت جيري ۾ ئي پيدا ٿيندي آهي (جڏهن ته وڏن ۾ رت هڏين جي مِک ۾ پيدا ٿيندي آهي) ۽ اهو ته ٻار اڃا ماءُ جي پيٽ ۾ ئي هوندو آهي جو ان جي جيري ۾ فولاد ذخيرو ٿيل هوندو آهي. انهيءَ خيالي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ فولاد واريون دوائون جيڪي ٻارن کي ڏنيون وينديون آهن، سي ان کي سموري زندگي لاءِ آنڊن جي سوج جو مريض بڻائي ڇڏينديون آهن.

حياتياتي علم موجب اهو تمام ضروري آهي ته ٻار کي شروع وارن ڇهن مهينن ۾ ماءُ جو کير لازمي طور ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ ته جيرو، جيڪو عام طور هاضمي جي ڪم جو مرڪز هوندو آهي، سو انهيءَ دؤر ۾ ٻار جو رت ٺاهڻ واري ڪم ۾ جنبي ويندو آهي. وڌيڪ اهو ته انهيءَ زماني ۾ ٻار غذائيت وڏڻ ۽ وڏو ٿيڻ جي مقصد لاءِ خرچ ڪندو آهي، نه رڳو توانائي حاصل ڪرڻ لاءِ. انهيءَ ڪري اها اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي ته خاص قسم جي خوراڪ ۽ حياتين (وٽامن) ٻئي ڪنهن طريقي سان حاصل ڪيون وڃن. اسان اهو ڄاڻون ٿا ته پنجاهه کان وڌيڪ وٽامن ٿينديون آهن جن مان ڪن ٿورڙين ئي وٽامن کي علم طب (Medicine) سمجهي سگهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو جهانن جي خلقڻهار نئين ڄاول ٻار جي واڌ ويجهه، پنهنجي بي مثال ۽ مڪمل ضابطي هيٺ رڳو کير ۾ ئي رکي آهي. انهيءَ آسماني نعمت جو نقل ناقص انساني عقل جي ذريعي ڪرڻ ائين ئي چريائپ واري ڳالهه آهي جيئن ڪو ماڻهو خلائي جنگ تيرن ۽ تلوارن سان وڙهي.

2. ماءُ جي کير جا وقفا ۽ گهربل مدت

ٻار جي کير پيئڻ تي بي دين ماڻهو جيڪا پابندي لڳائيندا آهن، سا اها هوندي آهي ته ان کي ڄمڻ جي ڇئن ڪلاڪن کان پوءِ کير ڏنو وڃي. هاضمي جي عام وقت کي سامهون رکي انهن اها خيالي پابندي لڳائي آهي. ويجهن سالن جي تحقيق اهو ثابت ڪيو آهي ته کير رڳو 45 منٽن ۾ هضم ٿي ويندو آهي. جڏهن اهو وقت يا وقفو پورو ٿي ويندو آهي ته ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ اضطراري روحاني تعلق (Telepathic Reflex) جي ذريعي کير پاڻمرادو لهي ايندو آهي ۽ ٻار عام طور تي بک کان روئڻ لڳندو آهي. اهو سڀ ڪجهه هڪ طرح سان حياتياتي ڪمپيوٽري نظام آهي ۽ جڏهن قدرت جي عطا ڪيل وقت واري نظام کي ڇڏي ڊگهو عرصو ڪيو وڃي ته انهيءَ جي ڪري ٻار جي پيٽ ۾ تيزابيت (Acid) گهٽي مقدار ۾ پيدا ٿي ويندي آهي، جنهن سان ان جي هاضمي واري نظام کي سخت نقصان پهچندو



آهي. اهو به اندازو ڪيو ويو آهي ته اڳتي ايندڙ زندگي ۾ انهيءَ جي ڪري السر (Ulcer) پيدا ٿي پوي ٿي، جنهن جو عذاب سموري زندگي رهي ٿو.

جيستائين کير پيارڻ واري وقت يا عرصي جو واسطو آهي، انهيءَ سلسلي ۾ علم طب ويجهڙائيءَ ۾ ئي ماءُ جي کير جي اهميت کي سمجهڻ شروع ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ دل گهريو وقت تجويز ڪيو ويو آهي، جيڪو رڳو نو مهينا آهي. ماءُ جي کير پيارڻ جو سبب رڳو ٻن حقيقتن جي بنياد تي رکيو ويو آهي.

پهريون اهو ته جيرو اڳي ئي تمام مصروف هوندو آهي ۽ سدائين رت ٺاهڻ ۾ لڳو پيو هوندو آهي. ائين کير جي سخت ضرورت ٿيندي آهي. رت ٺاهڻ جي سلسلي ۾ جيري کي پورا ٻه سال لڳي ويندا آهن. انهيءَ کان اڳ جو هو پنهنجي اصلي ڪم ڏانهن اچي، اهو ئي سبب آهي جو ماءُ جو کير ٻه ٻن سالن تائين جاري رکڻ تمام ضروري هوندو آهي.

ٻيو اهو ته ٻار جي وڌڻ جو سڀ کان اهم مرحلو، جڏهن حياتياتي طور تي سخت ضروري ٿيندو آهي، پهرين ٻن سالن وارو وقت ئي هوندو آهي. طبي سائنس به انهيءَ حقيقت کي مڪمل طور مڃي ورتو آهي ته ٻار جي زندگيءَ جا پهريان ٻه سال ان جي واڌ ويجهه لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

هاڻي ڏسو ته ڪهڙيءَ طرح هن آيت ۾ اهو معجزو بيان ڪيو ويو آهي ته ماءُ جو کير پيارڻ جي مدت ٻه سال ئي آهي.

بي دينن کي لڄي ڪرڻ لاءِ مان هتي هڪ ٻئي نڪتي جي باري ۾ به توهان کي ٻڌائڻ گهران ٿو. اسلام کان اڳ ٻه وچ اوڀر جي معاشرن ۾ کير پيارڻ جي مدت ڇئن کان پنجن سالن تائين هوندي هئي.

کير پيارڻ جي سلسلي ۾ هڪ آخري نڪتو اهو به آهي ته ٻالڪپڻ واري زماني جي ذهني تڪليف ۽ بيمارين جي باري ۾ تحقيق سان اها ڳالهه سامهون آئي آهي، ته جيڪو ٻار ٻن سالن تائين پنهنجي ماءُ جو کير پيئندو رهي ته ان جي ذهني صحت تمام مضبوط هوندي آهي. سڄي دنيا جي اندر ٿيندڙ تحقيق اهو ظاهر ڪيو آهي ته انڊونيشيا ۽ فلپائن ۾ ڪوبه ٻار ذهني مرض جو شڪار نه ٿيو آهي. انهيءَ تي تحقيق ڪندڙ ڪميٽيءَ جاچ سان ڄاڻي ورتو ته انهيءَ حيران ڪندڙ حقيقت جو سبب، انهن ملڪن ۾ ٻارن کي ٻن سالن تائين ماءُ جو کير ملندو رهڻ آهي، جيڪو ٻارن ۾ تحفظ ۽ ماءُ جي شفقت جو احساس پيدا ڪري ٿو.

3. کير پيارڻ جو ماءُ تي پوندڙ اثر

(الف) ڇاتيءَ جي غدودن جي صحتمند ڪارڪردگي:

سموري دنيا مان ملندڙ انگ اکر اهو ٻڌائين ٿا ته انهن مائرن، جن پنهنجي ٻارن کي ٻن سالن تائين کير پياريو هجي، تن کي ڇاتين جي ڪينسر نه هئڻ جي

برابر ٿيندي آهي. ٻئي پاسي جن مائرن پنهنجي ٻارن کي کير نہ پياريو هو، تن کي انهيءَ بيماريءَ لڳڻ جو سخت خطرو رهي ٿو. رڳو انهيءَ ئي سبب جي ڪري هڪ ڪان ٻن سالن تائين ماءُ جو کير پيارڻ ان جي لاءِ ڪينسر کان بچاءَ جو هڪ اثرائتو ذريعو پڻ آهي.

(ب) کير پيارڻ دوران ماءُ جي جسم جو نئين زندگي ماڻڻ:

کير پياريندڙ مائرن جو جيرو پوري طاقت سان ڪم ڪري رهيو هوندو آهي. اهڙي طرح ماءُ جي جسم جي سمورن ڪيميائي مسئلن جو قدرتي طور معائنو ٿيندو رهندو آهي. وڌيڪ اهو تہ جيئن تہ انهيءَ وقت ماءُ جي رت ۾ سمورن جوهرن کي هڪ ٿي يا گڏجي وڃڻو هوندو آهي، تنهن ڪري ماءُ جا جيو گهرڙا کير پيارڻ واري زماني ۾ سموري قسم جي ڪوٽ کي پورو ڪري وٺندا آهن. اِن ڪانسواءِ کير پيارڻ وقت جسم جا پيچوئري گليندءِ پوري طرح ڪم ڪري رهيا هوندا آهن. اهڙي طرح ماءُ جون نفسياتي ڪيفتون بہ سٺي حالت ۾ هونديون آهن. ايئن ماءُ جو هارموني توازن ۽ هڪجهڙائي ۽ نفسياتي ڪيفيتن ۾ سڪون جو زمانو، ٻار لاءِ هڪ املهہ تحفو آهي. توهان ڏٺو هوندو تہ جسماني ٿڪاوٽ جي باوجود بہ کير پياريندڙ مائرون ڪڏهن بہ بدمزاجيءَ جو شڪار نہ ٿينديون آهن. انهيءَ جو اصل سبب کير پيارڻ دوران مختلف قسم جي غدودن جي رطوبتن ۾ هڪجهڙائي ۽ توازن جو پيدا ٿي وڃڻ آهي.

اها انهيءَ هارموني توازن جي ئي برڪت آهي جو کير پياريندڙ ماءُ جي ڳپيرڻ (Womb) ۽ ٻچيندانيءَ (Overies) کي آرام ۽ سڪون جو وقفو ملي ويندو آهي. جيتوڻيڪ اهو وقفو کير پيارڻ وقت هڪجيترو نہ هوندو آهي، پر پوءِ بہ ماءُ جي جنسي عضون کي گهٽ ۾ گهٽ ڇهن مهينن جو آرام ملي وڃي ٿو جيڪا پڻ هڪ وڏي نعمت آهي. انهيءَ دوران ماءُ جي ڳپيرڻ ۽ ٻچيندانيءَ جي عام قسم جون تڪليفون بہ ختم ٿي وينديون آهن. کير پيارڻ ۾ ٻن سالن جو وقفو بہ هڪ مثالي دؤر هوندو آهي، جنهن سان ماءُ کي گهڻو ئي فائدو ٿيندو آهي.

مائرن ۽ ٻارن جي خلاف ٻي دين طب جيڪي ڏوهہ ڪيا آهن ۽ جهڙي طرح موتمار ۽ غلط علاج ڪيا آهن، سي تمام ئي شرمناڪ ۽ طب جي تاريخ تي ڪارو ڇُٽو آهن.

هڪ کير پياريندڙ ماءُ صحتمند هوندي آهي ۽ انهيءَ جو کير پيڻ واري ٻار کي سڄي ڄمار تندرست رهڻ جي ضمانت ملي ويندي آهي. اهي انعام بہ قرآن ڪريم جو هڪ وڏو معجزو آهن.



**موضوع نمبر 50**

# ڪنوارپڻي جي پيدائش جو معجزو

اِنَّ مَثَلَ عِيْسٰى عِنْدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ؕ خَلَقَهٗ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۵۹﴾ (آل عمران: ۵۹)

”الله وٽ عيسيٰ جو مثال آدم وانگر آهي جو الله آدم کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ۽ حڪم ڏنو تہ ’ٿي پئو‘ تہ هو ٿي پيو.“

اسان جي عظيم آسماني ڪتاب قرآن مجيد جي فرمان موجب هر مسلمان جو اهو ايمان آهي تہ حضرت عيسيٰ؈ جي پيدائش بنا پيءُ جي ٿي هئي. هيءَ آيت حضرت عيسيٰ؈ جي پيدائش کي حضرت آدم؈ جي تخليق واري خاصيت رکندڙ سڏي ٿي. الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ حضرت جبرائيل؈ جي ذريعي حضرت بي بي مريم؈ ۾ روح ڦوڪي، انهيءَ ۾ حضرت عيسيٰ؈ جي پيدائش جي سلسلي جي شروعات ڪئي. ٻين لفظن ۾ حضرت عيسيٰ؈ پيءُ ماءُ واري ميلاپ جو نتيجو نہ هو، جيئن عام ماڻهن جي سلسلي ۾ ٿيندو آهي، پر اهو هڪ معجزاتي حمل هو جيڪو بي بي مريم؈ کي ٿي پيو.

اڻويهين صديءَ ۾ مادي پرستي شدت سان وڌڻ لڳي ۽ انهن سمورن روحاني قدرن تي حملو ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ جي ڪري حضرت عيسيٰ؈ جي بنا پيءُ جي معجزاتي پيدائش کي رد ڪري، اِن معاملي کي ڪِل ٺٺول ۽ چرچي جو ذريعو بڻايو ويو، ايتري تائين جو علم حياتيات جي انهيءَ نظريي تہ ڪابہ شيءِ پاڻمرادو پيدا نٿي ٿئي، جو مقصد بہ حضرت عيسيٰ؈ تي حملو ڪرڻ هو.

بي دين ماڻهن جي اها عام عادت آهي تہ علم حياتيات جي وقت کان اڳ ۽ اڻپورين دريافتن کي بنياد بڻائي، گمراهہ ڪندڙ نتيجا ڪڍندا آهن. انهن تہ ويهين صديءَ جي شروع ۾ ڪن غير سنجيده مهم جُو ماڻهن جي بيان جي بنياد تي، آفريڪا جي انسان کي وحشي ۽ گهٽ حيثيت واري مخلوق قرار ڏئي ڇڏيو هو.

www.sindhsalamat.com

افسوس انهيءَ ڳالهه جو آهي تہ بيانن جي سچائي پرکڻ لاءِ موقعي تي معائني جي تڪليف بہ نہ ڪئي. انهيءَ جي برخلاف 1960ع ۾ ڪوجنائن اهو ثابت ڪري ڇڏيو تہ آفريڪي انسان ڏکڻ صحارا ۾ مرڪزي آفريڪي علائقي جي هڪ عظيم تهذيب جي وڪرجي وڃڻ جو نتيجو آهي؛ ۽ اهو تہ جيڪي ماڻهو ڏکڻ پاسي هليا ويا هئا سي غير تهذيب يافتہ حالت ۾ هليا ويا. اهڙي طرح مارڪسزم جي علم تمدن جي بنياد تي قائم ڪيل ارتقا واري نظريي وارن کي هڪ دفعو ٻيهر شرمندگي ڏسڻي پئي.

جيڪڏهن اسان کي حضرت عيسيٰ؈ جو بنا پيءُ جي پيدا ٿيڻ واري معجزي کي سمجهڻو آهي تہ اسان کي جديد انساني حياتيات جو غور سان مطالعو ڪرڻو پوندو. استدلالي سائنس جي ٽن نتيجن جو اڳواٽ مطالعو ڪري سگهجي ٿو. مطالعي هيٺ عجوبو استدلالي سائنس جي تناظر ۾ يا تہ هڪ ناممڪن شيءِ ٿي سگهي ٿي يا انهيءَ جو هئڻ يقيني ڳالهه هئي يا وري اهو امڪانن مان هو. انهن ٽنهي نتيجن جو دارومدار رڳو هڪ خاص زماني ۾ استدلالي سائنس وٽ موجود سرمائي جي مقدار تي آهي. مثال طور ويهين صديءَ جي شروع ۾ لکيل درسي ڪتابن ۾ انهيءَ پُٽي خيال سان اتفاق ڪيو ويو هو تہ هوا جون لهرون ۽ شين جا عڪس يا تصويرون هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين ڪنهن مادي ذريعي يا بنا تار جي نٿيون پهچائي سگهجن پر اهو خيال غلط ثابت ٿي چڪو آهي جنهن جو چٽو ثبوت اسان وٽ موجود ريڊيو ۽ ٽيليويزن جهڙيون ايجادون آهن، جن کي هرڪو استعمال ڪري ٿو.

جديد حياتياتي علم ڳڀ (Embryo) يا ڇئن مهينن تائين جي پيٽ ۾ ٿهندڙ ٻار جي ٿهڻ ۽ ان جي واڌ ويجهه جي عمل کان پوريءَ طرح واقف آهي. ايتري تائين جو پيدائشي بنياد، يعني حمل ٿيڻ وارو عجوبو اصل ۾ ڪهڙي شيءِ آهي؟ اهو ڪيئن ٿئي ٿو؟ ان جي لاءِ سڀ کان پهريان اسان کي انهن سوالن جا جواب ڳولڻ گهرجن، ٻي صورت ۾ اسان حضرت عيسيٰ؈ کي ڇڏي، ٻي ڪنهن بہ شيءِ جي پيدائش تي بہ ڪو آخري فيصلو نٿا ڏئي سگهون.

ڪيترن ئي قسمن جي جيو گهرڙن تي ٻڌل جسمن جي سڃاڻ انهن جي تاندورن واري نظام سان ٿيندي آهي. انهن مان انسان بہ هڪ آهي جيڪو خاص قسم جي ٻيهر پيدا ڪندڙ جيو گهرڙن (Reproductive Cells) جي ذريعي ٻيهر پيدا ٿي ويندو آهي پر عام طور اربن جي تعداد ۾ سمورا انساني جيو گهرڙا سمورن انساني جيني ڪوڊن وارا ٿيندا آهن. ڇا توهان انهيءَ ڳالهه تي ڪڏهن غور ڪيو آهي تہ آخر ڪُل يا معدي جي جيو گهرڙن جي مرڪزن ۾ اهي جاندار، يعني ڪروموزوم ٿيندا ئي ڇو آهن؟ ۽ اهو تہ انسان جي ٻيهر پيدائش جي لاءِ انسان کي مختلف جيو گهرڙن جي جدا جدا قسم جي عملن جي ضروت ڇو پوندي آهي؟



انسان جي ڪُل مان ملندڙ جيو گهرڙن جي مرڪزن ۾ انهن جو جيني ڪوڊ رڪارڊ هوندو آهي پر اهو جيو گهرڙو ئي هڪ انسان کي نٿو ٺاهي سگهي. جيو گهرڙي جي ٻيهر پيدا ڪرڻ وارو عمل انهيءَ وقت ضروري ٿي پوندو آهي، جڏهن ڪنهن زخم ڪانپوءِ تاندوري کي مڪمل ٿيڻ جي ضرورت ٿيندي آهي پر اهو تہ رڳو ٻئي ڪُل واري جيو گهرڙي کي ئي پيدا ڪندو آهي، نہ کي انسان جي جيو گهرڙي کي. ٻئي پاسي هڪ انسان جو هوبهو خاڪو ٺاهيندڙ جيو گهرڙو، مڪمل فارمولا (ڪوڊ) رکڻ جي باوجود بہ هڪ سموري انسان کي ٺاهڻ جي صلاحيت نٿو رکي. اهو تہ ٻئي قسم جي خاص ۽ مخالف جنس جي ڪوڊن جي، جيڪي ماءُ جي ڳپيرڻ ۾ هوندا آهن، ميلاپ سان ئي هڪ نئين انسان کي پيدا ڪري سگهن ٿا. جديد دؤر جا حياتياتي ماهر اهو ڳولڻ لاءِ جاکوڙي رهيا آهن تہ ڇا اهو اصول ئي تخليق جو عظيم قانون آهي جيڪو انسان جي هوبهو خاڪي جي صورت ۾ تخليق ٿيڻ کان روڪي ٿو؟ اهي انهيءَ ڳالهه جي بہ تحقيق ڪري رهيا آهن تہ ڇا نر يا مادي انسان جي پنهنجن پنهنجن جيو گهرڙن کي، هڪ ڪري ڇڏڻ (Cloning) سان انهيءَ جو هوبهو نقل تيار ٿي سگهي ٿو؟ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي حياتياتي ماهرن جي اها دعويٰ آهي تہ هڪ ڏيڏر جي آنڊي مان حاصل ٿيل جيو گهرڙي تي تجربن وسيلي اها ڄاڻ ملي آهي تہ انهيءَ ۾ جيني ڪوڊ داخل ڪري سگهجي ٿو. يعني ڪين انهن ڪيفيتن جي ڄاڻ حاصل ٿي چڪي هئي، جن جي وسيلي انهيءَ جيو گهرڙي مان ئي ڏيڏر جو هوبهو نقل تيار ڪري سگهجي ٿو. اهو بحث طلب تجربو ۽ انهيءَ قسم جا ٻيا تجربا ڪيترين ئي حياتياتي ليبارٽرين ۾ ڪيا پيا وڃن. انهيءَ کان اڳ جون اهي ڪوششون بہ آهن، جيڪي مذهبي ذهن رکندڙ سائنسدانن اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوئي (هميسٽر) جي ماديءَ تي ڪيون هيون، جن جو مقصد اهو ڄاڻڻ هو تہ انهيءَ کي بنا نر ڏيڻ جي رڳو گاما شعاعن (Gama Rays) جي وسيلي ڪهڙي طرح حامله ڪري سگهجي ٿو، تن کي بہ نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

اسان هن پيچيده مضمون کي ڪجهہ هن طرح آسان ڪري سگهون ٿا تہ هڪ انسان جي جيو گهرڙن اندر جيني ڪوڊ ٿيندا آهن. ڪوبہ جيو گهرڙو انهيءَ لائق نہ هوندو آهي جو هو پنهنجي انهن ڪوڊن جا ڪُلف کولي سگهي پر ٻيهر پيدائش (هوبهو نقل) کان اڳ انهن جيو گهرڙن جي تياري واري شڪل يا حالت تمام ئي دلچسپ هوندي آهي. جيڪڏهن اسان هڪ عورت جو پيداواري جيو گهرڙو ڪٺون (جيڪو هڪ تمام وڏو جيو گهرڙو (بيضو) هوندو آهي) تہ اسان ڏسنداسين تہ اهو انهن گهاٽن زرخيز (Rich) قسم جي ڪيميائي جزن سان ويڙهيل هوندو آهي جن جي ايجا تائين پوري سڃاڻ نہ ٿي سگهي آهي. هر عورت ۾ اهڙي قسم جا چار سؤ جيو گهرڙا ٿيندا آهن، جيڪي ان جي بالغ ٿيڻ تي عمل جي لاءِ تيار هوندا آهن. انهن مان هر هڪ

www.sindhsalamat.com

انتهائي احتياط سان تيار ڪيل هوندو آهي، ڇو جو عام جيو گهرڙن جي تعداد جي نسبت انهن جو تعداد حيران ڪندڙ حد تائين گهٽ هوندو آهي. هر مهيني، انهن مان هڪڙو جيو گهرڙو (بيضو) تمام ٿورڙي تبديلي سان هڪ پيچيده هارموني عمل جي وسيلي بيضيدانيءَ ۾ ڪرندو آهي جتان پوءِ ڳيپرڻ وارين نالين جي رستي ڳيپرڻ جي ٻن نالين ۾ داخل ٿي ويندو آهي. مٿي جنهن ننڍڙي تبديليءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، سو اصل ۾ انهن جيو گهرڙن جو ٻن حصن ۾ ورهائجي جدا ٿيڻ آهي. جيئن ئي اهو جيو گهرڙو يا بيضو هڪ انسان جي جوڙجڪ ۾ مصروف ٿيندو آهي، انهن جو جيني ڪوڊ بہ ٻن حصن ۾ ورهائجي ٻئي اڌ ڪوڊ کي پيءُ جي طرف کان وصول ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح هڪ نئون پيدا ٿيندڙ انسان پنهنجي ئي حياتياتي خواهش سان وجود ۾ ايندو آهي. اهي خواهشون پلي کهڙي بہ قسم جون هجن، اهي مڪمل طور الله تعاليٰ ﷻ جي حڪم جون محتاج هونديون آهن. جيڪڏهن شيون انهيءَ کان مختلف هجن ها، يعني مثال طور جيڪڏهن ٻيهر پيدا ڪرڻ جي صلاحيت وارو عورت جو سمورو بيضو ئي ان جي ڳيپرڻ ۾ ڪري پوي ها ۽ پنهنجو ئي ٻار پيدا ڪندڙ هجي ها تہ ماءُ جو وجود ئي سدائين جي لاءِ ۽ هر هر ورجايو وڃي ها. اتي نون مهاندن ۽ نئين حسن جي پيدائش جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿئي ها. اهو هڪ عظيم ۽ انتهائي نازڪ دانائيءَ جي ڪري آهي تہ جيتوڻيڪ ماءُ جو بيضو پنهنجو پاڻ ئي هڪ ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو، پر تنهن هوندي بہ ان کي پنهنجي انهيءَ خاص صلاحيت کي استعمال ڪرڻ جي اجازت نہ هوندي آهي. ايئن اصل معجزو بنا پيءُ جي حمل ٿي وڃڻ نہ آهي پر اها هڪ مجبوري آهي تہ ٻار هڪ پيءُ جي ذريعي ئي پيدا ٿئي.

مٿي بيان ڪيل حياتياتي حقيقتن جي موجودگيءَ ۾ هڪ سائنسدان جي اها دعويٰ تہ حضرت عيسيٰ جو بي داغ حمل ٿي وڃڻ اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي، هڪ طرح سان انهيءَ ڳالهہ جو اقرار آهي تہ ڪيس حياتيات جي باري ۾ ڪا ڄاڻ ئي نہ آهي. انهيءَ جي لاءِ جهانن جي خلقڻهار جي سڌو سنئون ۽ خاص قسم جي دخل اندازي جي ئي ضرورت هوندي آهي تہ بيضو پنهنجو ڪوڊ پاڻ ئي کولي وٺي ۽ ٻيهر پيداوار واري عمل سان هڪ نئين انسان کي وجود ڏئي. سورت مريم ۾ قرآن پاڪ انهيءَ نازڪ باريڪ بينيءَ کي هڪ تمام ئي اعليٰ درجي جي سائنسي معجزي طور بيان ڪري ٿو. حضرت مريمؑ جي طرف حضرت جبرائيل جو شعاع (Radiation) يا انهيءَ تي ڪنهن ٻئي چقمقي طريقي سان اثر انداز ٿيڻ، انهيءَ ئي حقيقت جو بيان هڪ بيان آهي. باقي الله تعاليٰ ﷻ جو ارشاد هن طرح ٿئي ٿو تہ ”اسان اها خواهش ڪئي ۽ عيسيٰ کي مريم جي پيٽ مان پيدا ڪري ورتو“ الله تعاليٰ ﷻ جي طرف کان جبرائيل کي وچ ۾ آڻڻ جو اعلان انهيءَ حياتياتي حقيقت تي زور ڏئي ٿو.



اڄڪلهہ مؤمن ۽ بي دين سائنسدان جنهن قسم جي تحقيق وڏين وڏين ليبارٽرين ۾ ڪري رهيا آهن، سي ڄاڻي واڻي يا اڻ ڄاڻائيءَ سان هن آيت جي حقانيت کي ثابت ڪري رهيا آهن. شعاعن (Radiations) جو عمل اڄڪلهہ کليل طرح سان استعمال ٿي رهيو آهي تہ جيئن عام جيو گهرڙي (Arbitrary Cell) ۽ گڏوگڏ پيدائشي جيو گهرڙي جي ڪوڊ کي کولي سگهجي ۽ اهڙي طرح هڪ نئين مخلوق پيدا ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ انسان جي لاءِ اهو ممڪن نہ ٿيندو تہ حضرت عيسيٰ جي معجزاتي پيدائش کي هڪ اشارو سمجهي، ان جي پيدائش جو نقل ڪري سگهي پر اها سموري تحقيق قرآني آيتن جي سائنسي معجزي کي ظاهر ڪري ٿي ۽ اهڙي طرح حضرت عيسيٰؑ جي بنا پيءُ واري پيدائش جي راز کي بہ جزوي طور ئي سهي، ظاهر تہ ڪري ٿي. اهي ماڻهو جيڪي ڪالهہ تائين حضرت عيسيٰؑ جي باري ۾ اهو چوندا هئا تہ ”بنا پيءُ جي پٽ ٿي ئي نٿو سگهي“ اڄ پاڻ ئي ليبارٽرين ۾ بنا پيءُ جي ٻار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن، ڇاڪاڻ جو اهي انهيءَ ڳالهہ کي ممڪن سمجهن ٿا. حضرت عيسيٰ جو راز ليبارٽرين ۾ ڪڏهن بہ ورجائي نٿو سگهجي، پر انهن ماڻهن کان پڇو، جيڪي حضرت عيسيٰؑ جي پيءُ هجڻ تي ايمان نٿا رکن تہ ”پوءِ توهان ڇاجي ڪري انهن امڪانن تي تحقيق ڪري رهيا آهيو، جن سان ليبارٽرين ۾ نوان جسم وجود ۾ اچي سگهن ۽ پوءِ ڇاجي ڪري توهان بيضي جي انهيءَ ڪلف کي، جيڪو جيو گهرڙن کي ورهائجڻ ۾ مدد ڪندو آهي، کولڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو؟“

جهانن جي خلقڻهار اهڙي طرح حضرت عيسيٰؑ کي پيدا ڪرڻ ۾ نہ رڳو مٿي بيان ڪيل حياتياتي باريڪ بينين کي ظاهر ڪيو آهي پر هن انسان جي خدائي يا آسماني اصل جوهر يا بنياد جي باري ۾ بہ اسان کي انهيءَ فرمان ذريعي آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي تہ ”مان انهيءَ (انسان) ۾ پنهنجو روح ڦوڪيندس.“

www.sindhsalamat.com

ضميمو

# قرآن

## غير مسلم ڏاهن جي نظر ۾

ترتيب ۽ ترجمو

**علامہ عبدالمؤمن ميمڻ**

## قرآن، هميشہ مسلمانن جي لاءِ روشن دليل رهيو آهي

**– پروفيسر ايڊورڊ مونٽي**

جيڪڏهن لغطي ۽ تاريخي حوالي سان شائستگي ۽ معقوليت (Rationalism) جي معنيٰ کي وڏيڪ اهميت ڏجي تہ: اسلام، يقيناً هڪ معقول مذهب آهي. دليلن جي حوالي سان قائم ڪيل اصولن تي جن مذهبن جو بنياد رکيو وڃي ٿو تہ، اُن قاعدي موجب اسلام تي 'معقوليت' جي تعريف بلڪل ٺهڪي اچي ٿي. اهو سچ آهي تہ: حضور اقدس ﷺ سراپا ذوق ۽ جذبي جو شاندار نمونو هئا ۽ پاڻ سڳورن جي دل جو آئينو، ايماني جوش جي روشني ۽ ڪامل يقين جي تجليءَ سان منور هو. پاڻ سڳورن، ان انمول صفت جي جلون سان پنهنجي ڪوڙ سارن پيروڪارن جي سينن کي روشني بخشي. پاڻ، پنهنجي ان آئين کي الهام طور دنيا جي سامهون پيش ڪيائون. ان قسم جو الهام هڪ قسم جو ڪشف آهي. پاڻ سڳورن جو مذهب مڪمل طور تي اهڙن اصولن جو مجموعو آهي جيڪي اصول معقوليت جي مجيل ڳالهين تي ٻيڌل آهي. مسلمانن

اسلام کي اجمالي طور هنن لفظن ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو تہ: خدا هڪ آهي ۽ ان جو رسول برحق آهي. اسين جڏهن ٿڌي دماغ سان، پاڻ سڳورن جي تعليم ۽ اصول تي ڳوڙهو غور ڪريون ٿا تہ اسلام جي عقيدي کي مختصر تي هنن لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو تہ: توحيد ۽ رسالت جو يقين ۽ خدا ۽ آخرت تي ايمان. اهي بہ



اصول، جيڪي مذهبي عقيدي جو بنياد ۽ مذهبي ماڻهن وٽ استدلال ۽ معقوليت جي بنياد تي ٻيڌل آهن، سي در اصل قرآن حڪيم جي مقدس تعليمات جو لُب لُباب آهن. هن ڪتاب جي سادگي ۽ چٽائي، حقيقت ۾ اهم ترين خصوصيتون آهن، جيڪي اسلام ۽ اسلامي دنيا ۾ لاڳيتو عمل ڪري رهيون آهن.

قرآن ، اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ توحيد جو مسئلو اهڙي تہ نفاست ۽ پاڪيزگي، اهڙي تہ جلال ۽ جبروت ۽ ڪمال يقين سان بيان ڪيو ويو آهي جو اسلام کان سواءِ ڪنهن ٻئي مذهب ۾ ان جو مثال مشڪل سان ملندو. هڪ اهڙي مذهب بابت جيڪو ايڏو مڪمل، روحانيت جي مڙني پيچيدگين کان آجو ۽ ايڏو آسان آهي جو هر شخص ان جا مسئلا آساني سان سمجهي سگهي ٿو، يقيناً، قرآن پاڪ ۾، ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪرڻ جي معجزاڻي طاقت آهي ۽ واقعي بہ اسلام ۾ اهڙي طاقت موجود آهي.

## قرآن تي عمل ڪرڻ سان سموري دنيا جي حڪمراني ملي سگهي ٿي

**– موسيوليون روشن**

(موسيوليون روشن، ماضي قريب ۾ فرانسي حڪومت جي هڪ نهايت اعتماد واري جاسوس جا تاثرات قابل غور آهن. ”موسيو“ کي فرانس جي حڪومت، امير عبدالقادر الجزائري جي جاسوسيءَ تي مقرر ڪيو ۽ اهو بہ اشارو ڏنو هو تہ وٽس مسلمان ٿي رهي ۽ ڪو اهڙو رستو ڪڍي جو امير الجزائري جو مٿس اعتماد بحال ٿي وڃي. هن ائين ڪيو ۽ ڪامياب ٿيو ۽ مسلمانن جي ملڪ ۾ ٽيهہ سال ٽڪيو رهيو. ان وچ ۾ 'موسيو' عربي ٻولي، ان جي فنون، اسلام ۽ اسلامي علوم جي تعليم حاصل ڪئي ۽ الجزائر، تيونس، مصر، حجاز ۽ قسطنطنيہ جهڙن عظيم الشان اسلامي ملڪن جا حالات معلوم ڪيائين ۽ پوءِ هڪ ڪتاب لکيائين، جنهن جو نالو آهي: ”اسلام ۾ ٽيهہ سال“ ان ۾ هن اسلام ۽ قرآن بابت جيڪي شاندار حقيقتون لکيون آهن، انهن جو خلاصو هتي بيان ڪجي ٿو.)

... مان وڏي عرصي کان اسلام کي ان ڪري اپنايو تہ امير عبدالقادر کي حڪومت فرانس جي ڪنهن چال ۾ ڦاسايان. مان ان چال ۾ ڪامياب ٿيس ۽ امير، مون کي پوري اعتماد سان پنهنجو سيڪريٽري بڻائي ڇڏيو... مون ان دين کي، جنهن کي اسان منجهان گهٽا ماڻهو سمجهندا آهن، جيستائين منهنجو پنهنجو خيال آهي تہ، مون ان کي هر دين کان افضل ڏٺو. اهو هڪ انساني، طبيعي، اقتصادي ۽ ادبي دين آهي. اسان جي وضعي قانونن ۾ مون کي ڪو ئي اهڙو قانون ياد ڪونهي، جيڪو قرآن ۾ موجود هجي. مون ان قانون ڏانهن بہ واجهايو ۽ جنهن کي جول

سيمون، ’شريعت طبيعية‘ چوي ٿو اهو بہ اهڙو ئي ڏنم جهڙو اسلامي شريعت مان ورتل هجي! وري اهو بہ ڏنم تہ، مسلمانن جي ذاتي زندگيءَ ۾ اسلام جو ڇا تاثير آهي. تڏهن مون کي اندازو ٿيو تہ اسلام، جرئت، بهادري، سخاوت، غيرت، بردباري، نياز نوڙت ۽ سونهن سوڀيا سان ڀرپور آهي.

مون ڏٺو تہ مسلمان بلڪل سڌا سادا آهن، جيڪي ڪنهن سان بدگماني نہ ڪندا آهن. مسلمان، روزيءَ جي طلب ۾ ڪنهن حرام شيءِ کي حلال نہ سمجهندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو هو يهودين ۽ عيسائين کان مال ملڪيت ۾ پوئتي هجن ٿا.

مون، اسلام ۾ ٻن اهڙن اجتماعي مسئلن جو حل ڳولهي لڌو آهي، جنهن جي سڄي دنيا کي ضرورت آهي.

* پهريون حل قرآن پاڪ جي هن فرمان ۾ آهي تہ:

اِنَّمَا الۡمُؤۡمِنُوۡنَ اِخۡوَةٌ

”ايماندار پاڻ ۾ ڀائر هوندا آهن“

اهو، اشتراڪيت جو بهترين قانون آهي.

* ٻيون حل آهي: هر مالدار تي زڪوٰة جو فرض هجڻ، جيڪا مفلسن کي، جيڪڏهن مالدار ادا نہ ڪن تہ انهن کان مسلمان حاڪم کي زبردستي اوڳاڙڻ جو حق ڏنو ويو آهي.

اسلام، خوبين جي کاڻ آهي. جيڪڏهن اسلام کي اهڙا شخص ملي پون، جيڪي ماڻهن کي جيڪا تعليم ملڻ گهرجي اها تعليم ڏين، ان جو صحيح صحيح تفسير ڪن تہ، يقيناً مسلمان، اڄ سڄي دنيا کان اڳتي ۽ هر ميدان ۾ اڳڀرا ٿي وڃن. پر افسوس! جو مسلمانن ۾ اهڙا پير ۽ مشائخ پيدا ٿي پيا آهن، جيڪي ان جي حڪمن ۾ هيرا ڦيري ڪن ٿا، ان جي سونهن کي نهوڙين ٿا ۽ ان ۾ جڙتو ڳالهيون شامل ڪن ٿا. مون، قيروان، اسڪندريہ ۽ مڪي ۾ اهڙن ڪوڙ عالمن، پيرن ۽ مشائخن کي استعمال ڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻي آهي! انهن کان اهڙيون اهڙيون فتوائون تحرير ڪرايم جن ۾ هنن ”دليلن“ سان ثابت ڪيو تہ فرانس جي ماڻهن تي فرانس جي حڪمرانن جي اطاعت واجب آهي، سندن خلاب لب ڪشائي ڪرڻ حرام آهي ۽ اهو بہ لکرايو مان تہ فرانس جي حڪومت، اتان جي عوام جي لاءِ خدا پاڪ جي بهترين نعمت آهي. مون اتان جي مفتين ۽ مشائخن کان اهڙو ڪم وٺڻ ۾ ٻي ڪا بہ تڪليف محسوس نہ ڪئي سواءِ ڪجھ سونن ٿانوَن پيش ڪرڻ جي!



# بيشڪ قرآن الهامي ڪتاب آهي

**– ريورنڊ آر ميڪسيوئل ڪنگ**

(ريورنڊ، 17 جنوري 1915ع تي، قديم پرسبي ٽيرين چرچ نيو ٽونارڊز ۾ جيڪا ’دين اسلام‘ جي موضوع تي تقرير ڪئي هئي، ان ۾ چيو هئائين تہ:)

اسلام جو آسماني ڪتاب قرآن پاڪ آهي جيڪو حضورﷺ جي نبوت واري دؤر جي احڪامات جو مجموعو آهي جنهن ۾ نہ رڳو اسلام جا اصول ۽ قانون درج آهن بلڪ اخلاقيات جي تعلي، روزاني ڪار وهنوار بابت هدايتون ۽ قانون بہ بيان ٿيل آهن. ان لحاظ کان مسلمانن کي عيسائين تي فوقيت حاصل آهي تہ اسلام جي مذهبي تعليم ۽ قانون کي الڳ شيون نہ آهن.

قرآن پاڪ، يهودين، عيسائين ۽ زرتشتين جي مذهب تي پوري پوري روشني وڌي آهي.

جهڙيءَ ريت خدا، يهودين جي تورات ذريعي ۽ عيسائين جي انجيل جي ذريعي رهنمائي ڪئي، اهڙيءَ ريت مسلمانن کي قرآن جي ذريعي صراط مسطقيم ڏَسي آهي.

اسلام جو بنياد، جمهوري تي آهي. خدا، مڙني انسانن کي برابر سمجهي ٿو ۽ انساني روح کي ان پاڪ ذات سان اجا وڏيڪ سلهاڙي ٿو، جنهن سان ان روح جو پهريان کان ئي گهرو تعلق آهي ۽ جيڪا ذات ان روح جو سرچشمو پڻ آهي.

اسلام جي جمهوري تعليم ۾ هڪ پاڳو عورتن بابت بہ آهي. قرآن ۾ جتي بہ ڪنهن جو ذڪر ڪرايو آهي اتي عورت جي لاءِ عظمت ڀريا الفاظ استعمال ڪيا ويا آهن، ماءُ سان محبت ڪرڻ ۽ ان جي تعظيم ڪرڻ زال سان پيار ۽ شفقت ڪرڻ تي تمام زورائتي نموني اتساهيو ويو آهي.

اسلام جي پيروڪارن جو اخلاق قابل تعريف آهي. سندن طرز عمل خدا جي احڪامات جي تابع آهي. تسليم ۽ رضا. يعني پنهنجا سمورا معاملا خدا جي حوالي ڪري ڇڏڻ، مسلمانن جي مذهبي زندگيءَ جو هڪ لازمي شرط آهي.

جيڪو مذهب، خدا جي فيصلن تي راضي رهڻ جي ايڏي عمدي تعليم ڏئي، ان جا پيروڪار، يقيناً سچ جا دوست ۽ انصاف پسند، وڻج واپار ۾ ۽ واعدي جا پڪا هوندا آهن. جيڪڏهن اسين قرآن جي خلاف انڪار جي واٽ وٺنداسين تہ خود اسان جو عقل ئي اسان کي حيرت مان گهوريندو!

ڪي دوست چون ٿا تہ: قرآن، حضرت محمدﷺ جي تصنيف آهي ۽ ان ۾ جيڪو ڪجھ آهي، سو تورات ۽ انجيل مان ورتل آهي پر منهنجو ايمان آهي تہ: جيڪڏهن الهامي دنيا ۾، ايمان نالي ڪا شيءِ آهي ۽ الله جو وجود برحق آهي تہ قرآن

حڪيم بيشڪ الهامي ڪتاب آهي. عيسائي چون ٿا ته: پيغمبر اسلام سچو نبي نه هو ۽ قرآن سندس ذاتي تصنيف آهي. جيڪڏهن ائين هجي، ته محمد کي اهڙي ڪتاب جي ڪهڙي ضرورت هئي، جنهن ۾ هو پاڻ کي تنبيهه ڪري ۽ اها تنبيهه ان ڪتاب ۾ به رهڻ ڏي؟!

## بيشڪ قرآن وحيءَ جي ذريعي نازل ٿيو

**– ڊاڪٽر غرينيه**

(ڊاڪٽر غرينيه، اڳوڻو مجلس شورن فرانس، استاد محمود بڪ پنهنجي اسلام جي قبوليت جو سبب بيان ڪندي لکيو آهي ته:)

مان جوانيءَ ۾ بحري طبيب هيس ۽ هميشه جهازن ۾، پاڻي ۽ آسمان جي درميان ڏينهن گهاريندو هئس. هڪ ڀيري مونکي، فرانسي ٻوليءَ ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو مليو، اُن ۾ سورة نور جي هڪ آيت جو ترجمو پڙهيم. جنهن ۾ ذڪر هو ته: اهو ديوانگيءَ جي حالت ۾ چرين وانگر ائين ٿو هٿ پير هڻي، جيئن، ڪو ٻڏندڙ، سياري جي ڏينهن ۾، جڏهن انڌاڌند بادل ڇانيل هجن ۽ لهرن وچ ۾ گهپ اوندهه ۾ هٿو راڙيون هڻندو هجي:

اَوكَظُلُمت ... فَمالَه مِن نورِ...

(ترجمو): يا وري انهن جو مثال ائين سمجهو، جيئن گهري سمنڊ ڪي لهرن جي چادر ڍڪي ڇڏيو هجي، هڪ لهر مٿان ٻي لهر ۽ لهرن جي مٿان بادل ڇانيل هجن. جهڙوڪ اونده ئي اونده. هڪ اونده جي مٿان ٻي اونده، ماڻهو جيڪڏهن پنهنجو هٿ ڏسڻ چاهي ته اهو به نه ڏسجيس. ۽ جنهن جي لاءِ الله ئي سوجهرو نه ڪيو آهي ته پوءِ ان جي لاءِ روشنيءَ ۾ ڪهڙو حصو ٿي سگهي ٿو؟ (النور: 40)

جنهن زماني ۾ مون اها آيت پڙهي هئي، تيستائين اڃا، اسلام قبول نه ڪيو هيم ۽ نه ڪي مون ڪي ڪو سر سيد اعظم ﷺ بابت ڪا ڄاڻ هئي. مذڪوره آيت پڙهڻ سان منهنجي دل ۾ اها ڳالهه ويهي وئي ته: يقيناً محمد ﷺ ڪو اهڙو شخص آهي، جنهن پنهنجي سموري زندگي سمنڊ ۾ گذاري آهي پر ان جي باوجود به آئون حيران هئس ته ڪنهن شخص جي لاءِ اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿئي ته، ڀٽڪيلن جو آواز ٿي جو ايڏو مختصر انداز ۾ حال بيان ڪري، جو ٿورن لفظن ۾ سمنڊن جا سمورا خطرات ۽ طبعي حالتون ايڏي جامع انداز ۾ اچي وڃن جهڙوڪ انسان، انهن جو پنهنجي حواس ذريعي مشاهدو ڪندو هجي ۽ اسلوب به اهڙو جو سمنڊن جي خطرن جي نشاندهي ڪو وڏي ڪان وڏو ماهر به ائين نه ڪري سگهي.



وري جڏهن مون کي اهو پتو پيو ته محمد ﷺ ڪڏهن به ڪنهن به سمنڊ ۾ سفر نه ڪيو ۽ وڏي ڳالهه ته هو امي به هو، ته پوءِ مون قرآن پاڪ هٿ ۾ ڪنيو ۽ سورة نور ۽ باقي ٻين آيتن تي به خوب غور ڪيو، تڏهن مون کي يقين ٿي ويو ته هي ڪنهن بشر جو ڪلام ٿي ئي نه ٿو سگهي. ضرور اهو ڪلام وحيءَ جي ذريعي ئي نازل ٿيل آهي. پوءِ آئون مسلمان ٿي ويس ۽ هميشه اسلام تي فخر ڪندو رهندس، جيڪو منهنجي نظر ۾ هڪ معقول فطري دين آهي ۽ جيڪي شيون ٻين مذهبن ۾ بت پرستيءَ جي باقيات آهي، اسلام انهن سڀني ڪان پاڪ آهي!

## قرآن، هڪ عظيم الشان ملڪي ۽ تمدني نظام پيش ڪري ٿو

**– موسيو اوجين**

(موسيو اوجين ڪلافل، ناليوارو فرانسي مستشرق ٿي گذريو آهي، هن يهودين، عيسائين ۽ مسلمانن جي مذهبي عقيدن ۽ مسئلن بابت تحقيق ۾ پنهنجي سڄي عمر صرف ڪري ڇڏي. 1901ع ڌاري فرانسسي اخبارن ۾ شايع ٿيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته:)

قرآن، رڳو مذهبي مسئلن ۽ عقيدن جو مجموعو ناهي، بلڪ ان ۾ اجتماعي (سوشل) احڪامات به آهن جيڪي انسانيت جي لاءِ زندگيءَ جي هر حالت ۾ مفيد آهن. ان لحاظ ڪان اسين چئي سگهون ٿا ته قرآن هڪ اهڙو مجموعو آهي، جنهن مان تمدن جا قانون، ڏوهن ۽ ان جي سزائن جا قانون ۽ اهي قانون. جن جي ذريعي دنيا جي مختلف قومن جي درميان تعلقات قائم ٿيندا آهن يعني بين الاقوامي سياسي قانون ۽ وڏي ڳالهه ته صحت جي حفاظت جا قانون به قرآن ۾ بيان ٿيل آهن. ان ۾ شڪ ڪونهي ته، حضرت محمد ﷺ ان نظام کي جنهن جو دائرو وسيع آهي، دنيا جي سمورين قومن ۾ ڦهلائڻ ٿي چاهيو، ڇاڪاڻ جو سندن وڏي ۾ وڏو مقصد اهو هو ته مسلمانن کي مادي ترقيءَ جو بلند ترين درجو حاصل ٿئي. ان لحاظ ڪان مسلمانن جي قومي اتفاق جو مسئلو جيڪو اڄڪلهه يورپ ۾ زير بحث آهي، ڪا نئين ڳالهه ناهي. ڇاڪاڻ جو اسلام جو بنياد ئي ان اصول تي رکيو ويو آهي ۽ ان جو مقصد ئي اهو آهي ته دنيا جون مختلف قومون، اسلام جي جهنڊي هيٺان ڪٺيون ٿين. مسلمانن جي اتفاق جو مسئلو، سلافي ۽ جرمن قومن جي خيالن ڪان بنهه مختلف آهي ۽ ٻنهي جو مقصد ساڳيو ناهي.

جڏهن اسين ان زماني جو تصور ڪريون ٿا، جنهن ۾ پيغمبر اسلام پنهنجي نبوت ۽ رسالت جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ جنهن ۾ هڪ اهڙو ڪامل قانون جو مجموعو

www.sindhsalamat.com

تيار ڪيو ويو جيڪو دنيا جي ملڪي، مذهبي ۽ تمدني هدايتن جي لاءِ ڪافي آهي، تہ اسين نهايت حيران ٿيندا آهيون.

## قرآن کان بهتر، انسان جي لاءِ ڪوئي دستور ڪونهي

– **مسٽرجان ڊيون**

(مسٽر جان ڊيون پورٽ، جڳ مشهور اديب ۽ ناميارو سيرت نگار ٿي گذريو آهي. هو پنهنجي تصنيف: The Great Teacher ۾ لکي ٿو:)

قرآن هڪ عام فهم مذهبي قانون آهي، جنهن ۾ انساني زندگيءَ جي اصلاح جي لاءِ سڀ ڪجهه موجود آهي. ان جو هڪ نرالو شان اهو آهي تہ ان جي تعليم انساني فطرت جي عيب مطابق آهي ۽ اهو دلڪش انداز ۾ اصلاح جي دعوت ڏئي ٿو. ان جي عام فهم تعليمات مان عرب جا جاهل وحشي سمجهدار ۽ پرهيزگار بڻجي ويا. ان جي مذهبي قانون، هڪ طرف روح جي اصلاح جي لاءِ هدايت ڪئي آهي تہ ٻئي پاسي مادي ترقيءَ جا بہ انمول اصول پيش ڪيا.

قرآن چوي ٿو تہ: پنهنجي روزيءَ جي لاءِ محنت ڪريو! ڇا اها هڪ سهڻي هدايت ناهي؟ تاريخ شاهد آهي تہ جن شخصن قرآن تي عمل ڪيو، اهي روحاني حوالي سان بہ ڪامياب رهيا ۽ مادي حوالي سان بہ! جيڪي ان جي هدايت کي سامهون رکندا هئا، اهي حيرت انگيزتدبر جا مالڪ هئا. سندن ذهني صلاحيتون غير معمولي ۽ سندن تخيل اعليٰ درجي جو هو. هو پنهنجي نفس تي پورو ضبط رکندا هئا ۽ اميرن غريبن سان هڪ جهڙو سلوڪ ڪندا هيا. اسين انصاف جي روشنيءَ ۾ اهو چئي سگهون ٿا تہ، قرآن کان بهتر ڪوئي دستورالعمل انسان کي عملي طور تي نيڪيءَ ڏانهن راغب نہ ٿو ڪري سگهي ۽ نہ ڪي قرآن کان بهتر ڪو ٻئي ڪتاب، برائين کان بچائڻ ۾ رهنما ٿي سگهي ٿو.

(The Great Teacher P; 960)

## قرآن مشترڪ قانون ۽ هڪ زبردست عملي تحريڪ آهي

– **مسٽر جان ڊيون**

ساڳيو مصنف، پنهنجي ڪتاب: 'محمد ۽ قرآن' ۾ قرآن بابت آسماني صحيفو هجڻ جي حوالي سان لکي ٿو:)

قرآن، اسلامي دنيا جو مشترڪ قانون آهي. قرآن، معاشرتي، ملڪي، تجارتي، فوجي، عدالتي ۽ تجزيري معاملات ۾ بہ رهنمائي ڪري ٿو پر ان سان گڏ هڪ مذهبي



ضابطو بہ آهي. ان هر شيءِ کي باقاعده جوڙيو آهي. مذهبي عبادتن کان وٺي روزانو جي ڪرت، روحاني نجات کان وٺي جسماني صحت، اجتماعي حقن کان وٺي انفرادي حقن تائين ويندي اخروي معاملات تائين ضابطي جي هڪ پويل لڙهي آهي.

قرآن جي اڻ ڳڻين خوبين مان بہ خوبيون وڌيڪ نراليون آهن:

هيبت ۽ احترام جو لهجو، جيڪو خلقٽهار جي متعلق هرجاءِ تي محفوظ رکيو ويو آهي، جنهن خلقٽهار ڏانهن ڪا بہ انساني ڪمزوري ۽ انساني خواهش منسوب ڪيل ناهي.

قرآن ۾ منڍ کان آخرتائين، ٻي تڪي ڳالهہ، اخلاق بگاڙيندڙ نامناسب خيالات، معاجز ۽ حڪايتون نالي باتر بہ توهان کي نظر نہ ايندیون. افسوس! اهي سڀ خاميون ان ڪتاب ۾ وڏي مقدار ۾ ملنديون، جنهنڪي عيسائي 'عهدنامہ قديم' جو نالو ڏين ٿا.

عيسائين ۽ اسلام جي ڀيٽ ڪندي لکي ٿو:

اها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ عيسائي، فطرتاً اهو ظاهر ڪندا آهن تہ متن عيسائيت جو اثر ۽ گرفت، عيسائيت جي اصولن جي ڪري آهي. ان طرح عيسائي مذهب ۽ اخلاقيات کي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجندڙ قرار ڏيندا آهن. عيسائيت جي برعڪس، اسلامي اصول عملي طور تي پنهنجن پيروڪارن جي اخلاقي، اجتماعي، آئيني ۽ سياسي خيالن ۽ حالتن تي اثرانداز ٿيا آهن. ان جي ڪري مسلمانن وٽ هڪ لفظ: 'اسلام' حب الوطني، شريعت، روايت، حڪومتي آئين، حق جي سمورين معنائن جو احاطو ڪري ٿو. قرآن حڪيم، جنهن مذهب جو بنياد وڌو آهي، اهو زبردست ۽ مڪمل وحدانيت آهي. ان ۾ هرجاءِ تي صاف سٿرو الوهيت جو جلوو نظر اچي ٿو.

ٻي جاءِ تي لکي ٿو:

ڪجهہ هوڙهيائي ڪندڙ ماڻهن جي اها ڳالهہ مون کي بلڪل بہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي، جيڪي چون ٿا تہ: (مڪان اقامہ) محمد جعل ساز هو ۽ قرآن، هن پاڻ لکيو هو! مان سمجهان ٿو تہ جيڪو بہ مصنف ماڻهو قرآن پڙهندو، ان جو يقين، هوڙهن ماڻهن کان بلڪل مختلف هوندو.

## قرآن، دنيا جي ڪايا پلٽي ڇڏي

– **پروفيسر ڪارلائل**

قرآن هڪ آسان ۽ عام فهم مذهبي ڪتاب آهي، جنهن بابت مسلمانن جو اهو عقيدو آهي تہ اهو خدا جي طرفان نازل ٿيو آهي. اهو ڪتاب، اهڙي وقت ۾ دنيا

www.sindhsalamat.com

جي آڏو آيو، جڏهن عجيب و غريب قسم جون گهرايون مشرق کان مغرب ۽ اتر کان ڏکڻ تائين ڦهليل هيون. انسانيت، شرافت، تهذيب ۽ تمدن جو دنيا ۾ نانءُ نشان بہ باقي نہ رهيو هو. هر پاسي بي چيني ۽ بدامني نظر ايندي هئي ۽ چؤ طرف نفس پرستيءَ جو طوفان برپا هو. قرآن پنهنجي تعليمات جي ذريعي امن ۽ سکون جا محبت ڀريا جذبا پيدا ڪيا. بي حيائيءَ جي اونداهين جو انت آيو. ظلم ۽ ڏاڍ جي بازار ماٺي ٿي وئي. ڀٽڪيل انسان، سنئين واٽ تي اچي ويا ۽ بي شمار وحشي، تهذيب جا پرستار بڻجي ويا. هن ڪتاب دنيا جي ڪايا پلٽي ڇڏي. جاهلن کي عالم، ظالمن کي رحمدل ۽ عيش پرستن کي پرهيزگار بڻائي ڇڏيو. اهو ئي اهو ڪتاب آهي جيڪو اڄ بہ چاليهہ ڪروڙ انسانن جي دلين تي حڪمراني ڪري ٿو.

(The Religion of the World * 115)

## قرآن جي ڪلام تي عقل حيران آهي

— ڪونٽ هنري

(ڪونٽ هنري دي ڪاستري، فرينچ ٻوليءَ ۾ لکيل پنهنجي ڪتاب: ’الاسلام‘ ۾ جنهن جو ترجمو مصر جي مشهور عالم احمد فتحي بڪ زاغلول، 1898ع ۾ شايع ڪيو هو، لکي ٿو:)

قرآن جي وحي جو مسئلو اجا بہ وڌيڪ مشڪل ۽ پيچيدو آهي، ڇاڪاڻ جو بحث جا ڪوڏيا، اجا ان کي حل ڪري نہ سگهيا آهن. عقل مڪمل طور تي حيران آهي تہ اهڙو ڪلام، آخرڪار ان شخص جي زبان مان ڪيئن ادا ٿيو آهي، جيڪو امي هو؟! سموري مشرق اقرار ڪيو آهي تہ هي اهو ڪلام آهي جو نوع انسان، لفظي توڙي معنوي، هر لحاظ کان ان جو مثال پيش ڪرڻ کان عاجز آهي. هي اهو ئي ڪلام آهي جنهن جي بلند انشا پردازيءَ عمر بن خطاب جهڙي ارڏي ۽ اڙٻنگ انسان کي سڪون بخشي ڇڏيو ۽ هو پيغمبر اسلام جو غلام ٿي ويو. هي اهو ئي ڪلام آهي جو، جڏهن حضرت يحيٰ جي ولادت بابت آيت، جعفر بن ابي طالب، نجاشيءَ جي آڏو پڙهي تہ ان جا نيڻ برسي پيا ۽ بشپ رڙ ڪري چيو تہ: هي ڪلام ان ئي سرچشمي مان نڪتو آهي، جنهن مان عيسيٰ عليه السلام جو ڪلام نڪتو هو.

حضرت محمدﷺ قرآن کي پنهنجي رسالت جي دليل طور آڏو آندو ۽ اهو تڏهن کان اڄ سوڌو هڪ اهڙو نہ زورائتو راز آهي جنهن جو طلسم ٽوڙڻ، ڪنهن بہ انسان جي وس جي ڳالهہ ئي ڪانهي.

ايشيا ۽ ڏکڻ آفريقا ۾ اسلام جي ڦهلجڻ ۽ مختلف قومن کي پنهنجي آغوش ۾ آڻڻ جو هڪ ٻيو بہ سبب آهي... اسلام جو اصول اهو هو تہ جيڪا قوم، اسلام



قبول ڪندي هئي، ان جي هر شخص جي جان ۽ مال محفوظ ٿي ويندا هئا. باقي جيڪا قوم، اباڻي مذهب تي رهڻ کي ترجيح ڏيندي هئي، ان تي هڪ هلڪو ٽيڪس، جزيي جي نالي سان لاڳو ڪري، ان سان اهو ئي سلوڪ ڪيو ويندو هو جيڪو ڪنهن عام مسلمان سان ڪيو ويندو هو ۽ اسلام جا پرچارڪ، انهن کي بلڪل بہ نشانو نہ بڻائيندا هئا. اهو قرآن پاڪ جي تعليم جو اثر هيو ۽ خلفاءِ راشدين بہ اُن تي ئي عمل ڪيو.

اسلام جي پناهہ ۾ عيسائي بہ مطمئن ٿي ويا. اسلام جي دعوت ۾ ڪير بہ ٽڪراءُ ۾ نہ ايندو هو، جيڪي عقلي بنياد تي پنهنجي تيز ذهانت سبب اسلام کان سواءِ ڪنهن ٻئي نظريي جا پيروڪار ٿيندا هئا. انهن سان بہ اسلام جو سلوڪ نهايت مهربانن وارو هيو. اهڙو سلوڪ دراصل قرآن پاڪ جي تعليم جو نچوڙ آهي، جنهن تي خلفاءِ راشدين بہ ڪار بند رهيا.

## قرآن جو مَٽُ سڄي جهان ۾ نہ ٿو ملي سگهي

— ڊاڪٽر گبن

(انگلستان جو ناليوارو مؤرخ ڊاڪٽر گبن پنهنجي مشهور تصنيف ’رومي سلطنت جو زوال‘ جي پنهنجين جلد جي پنجاهين باب ۾ لکي ٿو تہ)

قرآن جي باري ۾ ائٽلانٽڪ سمنڊ کان وٺي، گنگا نديءَ تائين، مڙئي تهذيبون اها ڳالهہ مڃن ٿيون تہ: قرآن هڪ بنيادي دستور آهي، نہ رڳو مذهبي اصولن جي لاءِ بلڪ دفتري فوجداري نظام جي لاءِ بہ ! ۽ جن قانونن تي عمرانياتي نظام جو مدار آهي، جن سان نوع انسان جي زندگي وابستہ آهي، جن جو اجتماعي زندگيءَ جي ترتيب ۽ سليقي سان تعلق آهي، انهن کي خدا جي مرضيءَ جي ماتحت، هر قسم جي نقص ۽ عيب کان پاڪ سمجهيو ويندو آهي. حقيقت اها آهي تہ حضرت محمد ﷺ جي شريعت سڀ تي حاوي آهي. هو پنهنجن سمورن حڪمت ۾، وڏي کان وڏي شهنشاهہ کان وٺي ننڍي کان ننڍي مسڪين ۽ لاچار تائين، مڙني جي لاءِ هڪ بنيادي رهنما آهي.

هي اها شريعت اهي جيڪا اهڙن دانشمندانہ اصولن ۽ اهڙي قسم جي عظيم الشان قانوني انداز سان مرتب ٿي آهي جو سڄي دنيا ۾ ان جو ڪٿي بہ مثال نہ ٿو ملي.

هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو:

تثليث ۽ خدا جي مجسم هجڻ جون رمزون ۽ اسرار، وحدة الوجود جي عقيدي ۽ اصول جي ضافي آهن. تثليث مان صاف ظاهر آهي تہ اهي ٽن هم مرتبہ خدائن جي تعليم ڏين ٿا ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جيڪو هڪ انسان آهي،

تنهن کي خدا جو پٽ ظاهر ڪن ٿا. قديم زماني جي تفسير صرف هڪ راسخ العقيده عيسائيءَ کي مطمئن ڪري سگهي ٿي. حضرت محمد ﷺ جو پيش ڪيل عقيدو هر قسم جي ور وڪڙ کان پاڪ ۽ صاف آهي ۽ قرآن حڪيم، خدا جي وحدانيت بابت هڪ زبردست شاهد آهي.

پنهنجي تصنيف ۾ ٻئي هنڌ لکي ٿو:

قرآن، خدا جي يڪتا هجڻ جو هڪ تمام وڏو شاهد آهي. هڪ موجد فيلسوف، بلا تڪلف اسلام قبول ڪري سگهي ٿو. هڪ مذهب. جيڪو شايد اسان ماڻهن جي موجوده سمجهه جي لاءِ تمام بلند آهي.

گبن، پنهنجي مشهور تاريخ: ’هسٽري آف دي ورلڊ‘ ۾ لکي ٿو:

هر انصاف پسند ماڻهو ان حقيقت جو اقرار ڪرڻ تي مجبور آهي ته قرآن هڪ بي مثال قانون هدايت آهي. قرآني تعليمات انساني فطرت جي عين مطابق آهن ۽ اهو پنهنجي اثر جي لحاظ کان هڪ حيرت انگيز پوزيشن رکي ٿو. قرآن، وحشي عربن ۾ زبردست سڌارا آندا. همدردي ۽ محبت جي جذبات سان سندن دلين کي واسي ڇڏيائين ۽ قتل و غارت کي ممنوع قرار ڏئي ڇڏيائين. اهو قرآن جو عظيم الشان ڪارنامو آهي.

## قرآن مسلمانن جي ترقيءَ جو ذريعو آهي

**– ڊاڪٽر ڊريپر**

ڊاڪٽر ڊريپر، پنهنجي مشهور تصنيف : انٽلڪچوئل ڊويلپمينٽ آف يورپ (يورپ جي ذهني ارتقا) جي پهرئين جلد ۾ لکي ٿو:

اها قابل غور حقيقت آهي ته، عيسائيت جي عمر، ان وقت جڏهن اسلام هجرت کان تقريباً ڇهه سؤ سالن جو عرصو طئي ڪري چڪو هو، تيرهن سؤ ورهين کان وڌيڪ هئي پر جيڪڏهن تهذيب، تمدن، معاشرت ۽ سياست وغيره جي حوالي سان ٻنهي مذهبن ۾ ڀيٽ ڪجي ته سامهون جيڪو نتيجو اچي ٿو سو يقيناً اهو آهي ته: عيسائيت، انساني ترقيءَ ۾ رڪاوٽ رهي آهي.

عيسائي يورپ جي ان جهالت ۽ وحشت تي غور ڪريو ۽ پوءِ انهن واقعن کي تنقيدي نگاهه سان جاچيو، جن جو اسين تذڪرو ڪنداسين ۽ ان جي مقابلي ۾ علم، فضيلت، تهذيب ۽ تمدن کي اسلام جي سرپرستي، حمايت ۽ ترقي ڪندي ڏسو، جن کان دنيا، بعثت کان پهريان اڻ سونهي هئي. بي شڪ! نتيجو پڌرو آهي ته: ترقيءَ جو ذريعو صرف اسلام آهي.



جيڪڏهن انهن تاريخي واقعن کي به سامهون رکجي جيڪي مسلمانن ۽ عيسائين جي موجوده حالت جو ڪارڻ آهن ته بيشڪ! ٿيون نتيجو. جيڪو پوين ٻن دعوائن جو ثبوت ٿي سگهي ٿو، سو اهو آهي ته عيسائي دنيا جي ترقيءَ جو آغاز تڏهن کان ٿيو آهي، جڏهن کان اسلامي تعليم جي واقفيت پيدا ٿي جنهن ڪري ماڻهو عيسائين کان عملي طور تي پاسيرا ٿيندا ويا. مسلمانن جو تنزل، نسبتاً تڏهن شروع ٿيو، جڏهن اسلام جي اصولن تي مسلمانن عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو. مطلب ته جيستائين عيسائي، عيسائيت تي عمل پيرا هئا، اهي ترقيءَ جا دشمن، جاهل ۽ وحشي هئا. جڏهن عيسائيت کي عملي طور تي ترڪ ڪري ڇڏيائون ۽ اسلامي اصولن تي عمل ڪرڻ شروع ڪيائون تڏهن کان سندن ترقيءَ جي شروعات ٿي. ان جي برعڪس، جڏهن مسلمانن جو دستور العمل قرآن هو. تڏهن اهي روزانو نت نئين ترقيءَ ڏانهن گامزن رهيا. جڏهن قرآن کان غافل ٿي ويا، تڏهن پستين ڏي ڏڪجڻ شروع ٿي ويا.

ڊاڪٽر ڊريپر پنهنجي ساڳي ڪتاب جي ٻئي جلد جي ٻئين باب ۾ لکي ٿو ته:

جڏهن پيغمبر اسلام کان سندس رسالت جي ثبوت ۾ معجزو طلب ڪيو ويو ته پاڻ پنهنجي خاص انداز سان قرآن پاڪ جي ترتيب ڏانهن اشارو ڪيائون، جيڪا هڪ اهڙي خوبي آهي جنهن کي ڪائي شيءِ نه ٿي پهچي سگهي ۽ جيڪا قرآن جي الهامي هجڻ جو چٽو ثبوت آهي.

## قرآن جي تعليم اخلاقي قانون جو ساٿ ڏئي سگهي ٿي

**– مسٽر مارما ڊيوڪ**

اهي قانون جيڪي قرآن پاڪ ۾ درج آهن ۽ جيڪي پيغمبر اسلام سيکاريا آهن، صرف اهي ئي اخلاقي تعليم جو ڪم ڏئي سگهن ٿا. توهين ان کان ڪنهن به طرح انڪار نه ٿا ڪري سگهو ته اهو ئي هڪ قانون آهي جنهن ۾ تي هر ملڪ، ملت ۽ قوم جا اهي رهواسي عمل پيرا ٿي سگهن ٿا، جيڪي انساني ڀلائي ۽ ترقيءَ جي ذريعي، خدا جو قرب حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. صرف قرآن ئي آهي جنهن اسلام جي ٻنهي رڪنن: حقوق العباد ۽ حقوق الله کي مڪمل طور تي هڪ ٻئي سان لازم ملزوم ڪندي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته، حقوق الله دراصل حقوق العباد کي بهتر طريقي سان ادا ڪرڻ جي روحاني مشق آهي. ان ڳالهه جو اقرار نه رڳو مسلمانن، بلڪ انهن يهودين ۽ عيسائين به ڪيو آهي، جن قرآن پاڪ جو شعور ۽ ادراڪ سان مطالعو ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com

گذريل ڳچ ورهين کان، حڪمران، قرآن جي اوريجنل پيغام کي اپاهج بڻائي ۽ ان جي روح کي مسخ ڪندا رهيا آهن ۽ هو جڙتو ‘شيخ الاسلام’ ، مفتين ۽ ‘مجتهدن’ جي اهڙين فتوائن جي انڌي تقليد ۾ مست ۽ مگن آهن. جيڪي فتوائون دراصل هو س پرستيءَ جي نشي ۾ ڌُت آهن. حق جي احڪامات ۾ هيرا ڦيري ڪري، انهن کي مفاد پرست طبقن جي مفاد ۾ تحرير ڪري، علماءِ حق جي اقوال کي پاسيرو ڪي، علماءِ سو جي فتوائن کي اکين تي رکڻ جهڙين حرڪتن کي قرآن ۾ سختيءَ سان ننديو ويو آهي.

مسٽر ڊيوڪ، لنڊن جي مسلمانن آڏو ‘خدا باشاهيءَ’ جي موضوع تي تقرير ڪندي فرمايو ته:

قرآن جي جنهن معجزي کي خود حضرت محمدﷺ گهٽي ياڳي الاهي مقصد جي ثبو ت طور پيش ڪيو، سو حقيقت ۾ هڪ ئي معجزو ڏسجي ٿو: ڇاڪاڻ جو حضرت محمدﷺ توڙي تهذيب يافته هو پر ساڳي وقت امي به هو ۽ ان ڳالهه ۾ شڪ ڪرڻ جو ڪو به معقول سبب ڪونهي ته قرآن جهڙي عجيب و غريب فصاحت ۽ بلاغت جو هڪ وڏو حصو پاڻ سڳورن ﷺ تي بيهوشيءَ جي عالم ۾ نازل ٿيو...! هن ڪتاب جهڙو ڪوئي ڪتاب پوري دنيا ۾ موجود ڪونهي، قرآن واقعي زماني جو تمام وڏو عجائب آهي.

## قرآن هڪ ڇتو معجزو آهي

**_ الڪس لوازون**

الڪس لوازون، هڪ مشهور فرانسي فلاسفر پنهنجي هڪ ليڪچر ۾ فرمائي ٿو:

قرآن جيڪو خدا، محمدﷺ جي دل تي انسانن جي رهنمائيءَ واسطي نازل ڪيو، سو بي شڪ، هڪ روشن ۽ حڪمت ڀريو ڪتاب آهي. ان ۾ ڪنهن به قسم جي شڪ شبهي جي گنجائش ڪانهي ته حضرت محمدﷺ سچو نبي، صديق ۽ جيڪو خدا جو هر ڪم پورو ڪري سگهڻ جي طاقت رکي ٿو، ان جي پاران موڪليل آهي. بلڪ حضرت محمدﷺ هڪ اهڙو عظيم الشان ۽ جليل القدر نبي هو جنهن الله پاڪ جي مشيت سان اسلام جهڙي عالمگير مذهب جو بنياد رکيو ۽ جنهن کي عدم جي پردي مان وجود جي جهان ۾ آڻڻ جي توفيق ماڻي. ان جي پيروڪارن جو انگ ٽيهن ڪروڙن بلڪ (چاليهن ڪروڙن) کان وڌي هليو، جن روم جهڙي سلطنت کي پنهنجي گهوڙن جي ٽاپن هيٺان چيٽاڙي ڇڏيو ۽ گمراهيءَ جون، پنهنجن تيرن



سان پاڙون اکيڙي ڇڏيون. ايستائين جو، سندن ذڪر سان مشرق ۽ مغرب جون سگهاريون طاقتون به ڇرڪڻ لڳيون!

ساڳيو محقق پنهنجي ڪتاب: لائف آف محمدﷺ ۾ لکي ٿو :

محمدﷺ باوجود ان جي ته هو امي هو ۽ لکي پڙهي نه سگهندو هو، هڪ ئي وقت ۾ ٽن عظيم مقصدن يعني. قوميت، ديانت ۽ خلافت جو بنياد رکيو. ان کان علاوه هڪ اهڙو ڪتاب دنيا جي آڏو پيش ڪيائين جيڪو بلاغت جو هڪ زبردست نشان، شريعت جو واجب العمل دستور ۽ دين ۽ عبادت جو قابل يقين فرمان آهي. اِهو اُهو مقدس ڪتاب آهي جيڪو هن وقت دنيا جي 1/6 حصي ۾ معتبر ۽ مسلم سمجهيو وڃي ٿو. ان جي حڪمت کي ڇتو معجزو مڃيو وڃي ٿو ۽ خود ان جي مخاطب به ان کي معجزي طور پيش ڪيو آهي.

هڪ ٻي جاءِ تي فرمائي ٿو:

جديد علمي انڪشافن ۾ يارهن مسئلا جيڪي اسان پنهنجي علم جي زور تي حل ڪيا آهن يا ڪٽي اجا تحقيق هيٺ آهن، ڪائي اهڙي ڳالهه ڪانهي جيڪا قرآني تعليمات جي مخالف هجي. اسان عيسائين، عيسائيت کي علم ۽ سائنس سان هم آهنگ ۽ هم نشين بنائڻ ۾ هينئر تائين جيڪي ڪوششون ڪيون آهن، اسلام ۽ قرآن ۾ اهو سڀ ڪجهه پهريان کان موجود آهي.

## قرآن ۾ حڪمت ۽ فلسفي جا آداب ۽ اصول موجود آهن

**_ موسيو سيديو**

موسيو سيديو، جيڪو فرانس جو هڪ مشهور مستشرق آهي، ‘خلاصئه تاريخ عرب’ جي 59، 63 ۽ 64 صفحن تي لکي ٿو:

قرآن، هڪ واجب التعظيم ڪتاب آهي، جنهن ٻڌايو آهي ته خدا جا حق ٻانهن تي ڪهڙا آهن ۽ ٻانهن جا حق ۽ تعلقات، خدا سان ڪهڙي قسم جا هجڻ گهرجن. قرآن ۾ هر قسم جي فلسفي ۽ اخلاق جون ڳالهيون موجود آهن. فضل و ڪمال. عيب نقصان. شين جي حقيقت. عبادت ۽ اطاعت. گناهه ۽ نافرماني. مطلب ته ڪائي اهڙي ڳالهه ڪانهي جيڪا قرآن ۾ موجود نه هجي. واقعات جي حوالي سان قرآن جون آيتون، رسول الله تي نازل ٿينديون رهيون آهن ۽ قرآن ئي هو، جنهن سموري عرب ۾ قومي جذبو پيدا ڪيو. جنگجو قبيلن ۾ اتفاق ۽ اتحاد جو بنياد وڌائين ۽ دنيا ۾ هڪ عالمگير رابطو پيدا ڪيائين.

www.sindhsalamat.com

اهي آداب ۽ اصول جيڪي فلسفي ۽ حڪمت تي قائم آهن، جن جو بنياد عدل ۽ انصاف تي ٻڌل آهي، جيڪي دنيا کي ڀلائي ۽ انصاف جي تعليم ڏين ٿا، انهن منجهان ڪو به اهڙو جز ڪونهي، جيڪو قرآن ۾ موجود نه هجي. قرآن، اعتدال ۽ وچٿرائيءَ جو سڌو رستو ڏيکاري ٿو. گمراهيءَ کان بچائي ٿو. اخلاقي ڪمزورين جي اونداهيءَ مان ٻاهر ڪڍي فضيلت جي روشنيءَ ۾ آڻي ٿو ۽ انساني زندگيءَ جي ڪوتاهين کي ڪمالات ۾ بدلائي ڇڏي ٿو...

اسلام کي جيڪي ماڻهو وحشياڻو مذهب چون ٿا، انهن جي ضمير جي اندي هجڻ جو وڏو دليل هيءُ آهي ته هو قرآن جون اهي آيتون ڏسڻ کان بلڪل اکيون ٻوٽي وڃنا آهن، جن جي ئي اثر جي ڪري عرب جون سڀ بڇڙايون، جيڪي وڏي عرصي کان لاڳيتو منجهن هلنديون پئي آيون، سڀ جو سڀ نه رڳو مِٽجي ويون بلڪ چڱاين ۾ تبديل ٿي ويون، جهڙو ڪ: پلاند وٺڻ، خانداني دشمني پاڙڻ، ڪدورت رکڻ، ظلم ۽ ڏاڍ ڪرڻ، جنهن جو رواج يورپ ۾ ٻهريان هو ۽ هاڻي به آهي. نياڻين جي تذليل ۽ کين زنده پورڻ وغيره؛ قرآن اهي سموريون بڇڙايون مِٽائي ڇڏيون.

## قرآن هڪ نئون عملي مذهب پيش ڪري ٿو

— ڊڊلي رائٽ

ڊڊلي رائٽ، هڪ مشهور عيسائي مصنف لکي ٿو ته:

حضرت محمدﷺ جي دؤر ۾ عيسائين جو هڪ فرقو سائنڻ مريم عليها السلام جي پوڄا بطور خدا جي ڪندو هو. ٻيو فرقو پنهنجي تثليثي تصور جي آڌار تي کين عزت بخشيندو هو. هڪ ٻئي فرقي وٽ، يسوع مسيح، الله جو پٽ نه بلڪ خود خدا هو، جيڪو انسان جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو. عيسائين ۾ ٻيا به ڪوڙ فرقا هئا. هڪڙو فرقو ته عيسائي هجڻ جي باوجود ماڳهين، حضرت عيسيٰ کي محض انسان سمجهڻ ۽ يهودي قانون جو معترف ۽ يهودي رسمن جو پابند هو.

اهڙي ابتري ۽ انتشار جي حالت ۾ حضرت محمدﷺ جي ذريعي خدا جو ڪلام نازل ٿيو، جنهن انسان کي خدا جي ڪامل اطاعت سيکاري.

رسول الله جو مقصد قومن ۾ بت پرستيءَ کي مٽائڻ هو، ماڻهن کي خدا جي صحيح پرستش ڏانهن مائل ڪرڻ. توحيد ڪامل ڦهلائڻ ۽ ڪافرن کي حق جي نور کان آگاهه ڪرڻ هو.

هڪ قادر مطلق خدا جو يقين، دين اسلام جوهڪ اهم ترين ابتدائي اصول آهي. اهڙو خدا، سمورن ديوتائن ۽ بتن کان بالاتر آهي. رب العالمين آهي، جنهن نه ڪنهن کي ڄڻيو آهي، نه کي ڪيس ڪنهن ڄڻيو آهي ۽ نه کي سندس ڪو شريڪ



آهي. خدا جي وحدانيت، هڪ اهڙو مسئلو آهي جنهن کي قرآن ۽ قرآن جا علمبردار وڏي اهميت ڏيندا آهن.

اسلام ۾ يقين ۽ عقيدي جا لفظ، علم ۽ عمل ٻنهي تي نهڪن ٿا. اسلامي عقيدا ، چڙو رٽڻ جي لاءِ نه آهن بلڪ انساني زندگيءَ جي روحاني ۽ اخلاقي ٻنهي پاسن جو دارومدار انهن ئي عقيدن تي آهي.

اسلام قطعي طور هڪ مذهب آهي، جيڪو پنهنجي پابندي ۽ سختيءَ جي باوجود سمورن زمانن ۽ سمورين قومن جي سمورين ضرورتن سان مطابقت رکي ٿو ۽ انسان کي ان قابل بڻائي ٿو ته هو انهن فرضن کي احسن طريقي سان ادا ڪري، جيڪي خدا ۽ خدا جي خلق سان لاڳاپيل، سندس ذمي آهن.

## قرآن کان سواءِ دنيا جو امن قائم نه رهي سگهندو

— موسيو گارسٽن

ناليواري فرينچ مستشرق: 'موسيو گارسٽن' فرانس جي مشهور اخبار 'فگارو' ۾ هڪ نهايت دلچسپ مضمونن جو سلسلو شايع ڪيو، جنهن جو عنوان هو: ڇا، اسلام دنيا مان گم ٿي ويو ته امن امان قائم رهي سگهندو؟ جنهن جو ترجمو ان زماني ۾ بيروت جي مشهور اخبار: 'البلاغ' (مطبوعه 13 صفر 1330هه) شايع ڪيو، جنهن مان هڪ ٽڪرو هتي پيش ڪجي ٿو.

اها هڪ واضح ۽ چٽي ڳالهه آهي ته اسلام حقيقت ۾ هڪ قسم جو اجتماعي مذهب (سوشل رليجن) آهي جنهن کي دنيا جي 2/3 آبادي حق جو دين تسليم ڪري ٿي، يعني دنيا جي هستي، گويا اسلام جي بقا ۽ هستيءَ تي منحصر آهي. اسان کي پتو آهي ته ان عقلي مذهب جي قانون (قرآن حڪيم) ۾ اهي سمورا قاعدا ۽ مصلحتون موجود آهن، جن جي ذريعي موجوده ترقي ممڪن ٿي آهي ۽ جيڪا ترقي، گويا اسلام جي ئي عناصر جي مرهون منت آهي. اسلام جهڙي حيرت انگيز سائنٽيفڪ مذهب، دنيا جي عمراني ترقيءَ جي لاءِ بنيادي وسيلا ۽ ذريعا يورپ کي ميسر ڪيا آهن. ڀلي اسان منجهان ڪير به ان فضيلت جو اعتراف نه ڪري اسلام جو ٿورائتو نه بڻجي، پر بهرحال اها حقيقت آهي.

روءِ زمين مان اگر اسلام مٽجي ويو، مسلمان نابود ٿي ويا، قرآن جي حڪمراني ويندي رهي ته ڇا ان کان پوءِ به امن امان قائم رهي سگهندو؟

۽ پوءِ فاضل مصنف پاڻ ئي جواب ڏئي ٿو ته:

نه هرگز نه!

www.sindhsalamat.com

## قرآن صحت جي حفاظت جي لحاظ کان سمورن الهامي ڪتابن ۾ نرالو آهي

**— دي بولف**

دي بولف، جرمنيءَ جي مشهور رسالي 'دي لائف' (بابت 1913ع) ۾ 'اسلام جا صحت جي حفاظت بابت واجب ۽ فرض' تي بحث ڪندي لکي ٿو:

مان هن وقت اسلام جي ان خاص پهلوءَ تي بحث ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن تي هن وقت تائين، شايد ڪنهن يورپيءَ غور ناهي ڪيو. اهو پهلو انهن احڪامن ۽ قانونن سان تعلق ٿو رکي جيڪي قرآن پاڪ، صحت جي حفاظت ۽ تندرستيءَ جي حوالي سان پنهنجن پيروڪارن تي فرض ڪيا آهن. مان وڏي اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته روءِ زمين جي سمورن آسماني ڪتابن ۾ قرآن ڪي، ان حوالي سان نرالي حيثيت حاصل آهي. جيڪڏهن اسين انهن شاندار پر صحت جي حفاظت جي حوالي سان سادن ضابطن ۽ فرضن تي غور ڪريون، جيڪي قرآن پاڪ ۾ بيان ڪيل آهن. ۽ پوءِ ان ڳالهه تي غور ڪريون ته انهن جي پابندي ڪندڙن کي جنت الفردوس جو حقدار قرار ڏيڻ ۾ ان جي ڪهڙي حڪمت عملي آهي، ته اسان تي واضح ٿي ويندو ته جيڪڏهن آسماني صحيفو الاهي ڪلام ايشيا جي رهواسين کي نه ملي ها ته ايشيا جهڙو وبائي زميني خطو يورپ جي حق ۾ اجا به وڌيڪ خطرناڪ هجي ها. اسلام، صفائي، طهارت ۽ پاڪيزگيءَ جون صاف ۽ صريح هدايتون نافذ ڪري تباهي ڦهلائيندڙ جراثيمن کي مات ڏئي ڇڏي آهي.

## قرآن انساني دنيا لاءِ بهترين راهنما ڪتاب آهي

**— ٽالسٽاءِ**

روس جو مشهور فلاسافر ۽ اديب ٽالسٽاءِ، پنهنجي هڪ شاندار تصنيف: دي لا آف رليجن ۾ لکي ٿو:

قرآن، مسلمانن جو هڪ مذهبي ڪتاب آهي، جنهن بابت سندن خيال آهي ته اهو خدا جي پاران نازل ڪيل آهي. اهو ڪتاب، انساني دنيا جي رهنمائيءَ جي لاءِ هڪ بهترين رهبر آهي. قرآن ۾ تهذيب آهي، شائستگي آهي، تمدن آهي، معاشرت آهي ۽ اخلاقيات جي اصلاح لاءِ هدايت آهي. جيڪڏهن صرف اهو ڪتاب دنيا جي به آڏو هجي ها ۽ ٻيو ڪوئي ريفارمر (مصلح) پيدا نه ٿئي ها تڏهن به اهو عالم انسانيت جي هدايت جي لاءِ ڪافي هو. اهڙين خصوصيتن سان گڏ جڏهن اسين ان ڳالهه تي غور ڪريون ٿا ته اهو ڪتاب، اهڙي وقت ۾ دنيا جي آڏو پيش ڪيو ويو هو جڏهن هر



پاسي فساد جي باهه جا ڀڀڙ ڀڙڪي رهيا هئا. رتوڇاڻ ۽ مار ڌاڙ جي تحريڪ جاري هئي، فحش ڳالهين کي بلڪل معيوب نه سمجهيو ويندو هو ۽ ڪتاب انهن مڙني گمراهن کي پاڙئون اکيڙي ڇڏيو ته اسان حيران ٿي دنگ رهجي وڃون ٿا.

## قرآن جي ذريعي انسان روحاني ۽ مادي ترقي ڪري سگهي ٿو

**— پروفيسر هربٽ وائل**

پروفيسر هربٽ وائل، جيڪو يورپ جو هڪ ڏاهو مورخ ٿي گذريو آهي، اهو پنهنجي ڪتاب: 'اَ ليڪچر آف اسلام' ۾ لکي ٿو:

قرآن، جيڪو اخلاقيات ۽ ڏاهپ جي ڳالهين سان ڀرپور آهي، اهڙي وقت ۾ دنيا جي آڏو پيش ٿيو، جڏهن هر پاسي جهالت جي اوندهه ڇانيل هئي. ڌرتيءَ تي ڪو به اهڙو خطو نه هو جتي نيڪيءَ جو راڄ هجي ۽ ڪا به اهڙي جماعت ڪا نه هئي جيڪا سڌي رستي تي هلندڙ هجي. قرآن، انسانيت جو زبردست اصلاح ڪيو ۽ وحشين کي ڪامل انسان بڻايائين. جن ماڻهن، قرآن جي مطالب تي غور ڪيو آهي اهي خوب سمجهن ٿا ته قرآن مڪمل هدايت جو قانون آهي. انساني زندگيءَ جو ڪو به رخ ڪٿو، ناممڪن آهي جو قرآني تعليم ان بابت رهنمائي نه ڪندي هجي. منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن قرآني تعليمات تي عمل ڪيو وڃي ته سمجهدار ماڻهو هڪ ئي وقت روحاني ۽ مادي ترقي ماڻي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن اهي اخلاق ڪٿو جيڪي انسانيت جو شرف آهن، مثال طور: سچ گوئي، پرهيز گاري، رحم ۽ ٻاجهه جي ته قرآن ۾ انهن مڙني بابت هدايتون موجود آهن. جيڪڏهن انهي اخلاقيات کي وٺو جنهن جو تعلق مادي ترقيءَ سان آهي، مثال طور: محنت ۽ حيثيت، عزم ۽ استقلال، جرئت ۽ شجاعت ته اهڙين هدايتن سان به قرآن ڀريو پيو آهي. مطلب ته قرآن پاڪ هدايت جي قانونن جو هڪ حيرت انگيز ڪتاب آهي. (صفحہ: 153)

## قرآن پرزور ايماني جوش پيدا ڪري ٿو

**— ڊاڪٽر گستاولي**

فرانس جو ناليوارو مستشرق ڊاڪٽر گستاولي بان چوي ٿو:

قرآن، جيڪو مسلمانن جو مقدس ڪتاب آهي، نه رڳو مذهبي دستور العمل آهي بلڪ سندن ملڪي ۽ معاشرتي دستور العمل به اهو ئي ڪتاب آهي. سمورن عالمي مذهبن ۾ اهو فخر رڳو اسلام کي ئي حاصل آهي جو ان (قرآن جي ذريعي) دنيا ۾ خالص وحدانيت جي اشاعت ڪئي. جنهن، انهن مڙني قومن کي، جيڪي

www.sindhsalamat.com

قسطنطنيہ جي مصري بادشاهن کان وٺي عيسائي رهنديون پئي آيون، نبوي دعوت ملڻ سان مسلمان بنجڻ تي آماده ڪري ڇڏيو. حالانڪ اهڙو ڪو بہ مثال ڪنهن بہ قوم جو خواه اها فاتح هجي يا مفتوح، موجود ڪونهي، جنهن ڪنهن ڪو عيسوي دين قبول ڪيو هجي!

ڪنهن مذهبي ڪتاب جي عام فائدن جو اندازو ڪرڻ وقت اهو نہ ڏسڻ گهرجي تہ ان ۾ فلسفي جي حوالي سان ڪهڙا خيالات آهن، (ڇاڪاڻ جو فلسفي خيال گهٽو ڪري ڏاڍا ڪمزور هوندا آهن) بلڪ اهو ڏسڻ گهرجي تہ جن ديني عقيدن جي تعليم هن ڪتاب ۾ ڏني وئي آهي، تنهن دنيا ۾ ڪهڙو اثر پيدا ڪيو؟ جڏهن اسلام کي ان نگاهہ سان ڏسون ٿا تہ پتو پوي ٿو تہ اسلام، دلين ۾ ان قسم جو زنده ۽ پرجوش ايمان پيدا ڪري ٿو جو وري ان ۾ بهرحال ڪنهن بہ شڪ ۽ ابهام جي ڪا ئي گنجائش نہ ٿي رهي.

## قرآن قانون فطرت آهي

**– سر وليم ميور**

سر وليم ميور، پنهنجي سڄي ڄمار جي توانائي تثليث جي حمايت ۽ اسلام جي مخالفت ۾ صرف ڪري ڇڏي هئي. توڙي جو، تعصب ڪيس پيغمبر اسلام جي رسالت ۽ قرآن پاڪ جي معجزا تي ڪتاب هجڻ جو اعتراف ڪرڻ نہ ڏنو پر سچ جي طاقت ڏسو تہ آخرڪار اسلام جي خوبين جو اعتراف، ڪيس چاهيندي يا نہ چاهيندي بہ بهرحال ڪرڻو ئي پئجي ويو. هو لکي ٿو:

قرآن ۾، فطرت ۽ ڪائنات مان ڪوڙ دليل ورتا ويا آهن، جن مان مقصد، خدا جي اعليٰ ترين هستي ثابت ڪرڻ ۽ انسانيت کي ان جي اطاعت ۽ شڪرگذاريءَ ڏانهن متوجهہ ڪرڻ آهي. قرآن ۾، نيڪين ۽ بَديَن جي حوالي سان آخرت ۾ اجر، چڱائي ڪرڻ ۽ برائيءَ کان بچڻ جي ضرورت، مخلوق تي خلقڻهار جي عبادت جو فرض هجڻ ۽ ان جا خوشگوار نتيجا وغيره نهايت فصيح ۽ مؤثر انداز ۾ بيان ٿيل آهن. ڪيترن ئي موقعن تي حقيقي شاعريءَ جهڙو شان پيدا ٿي پيو آهي. اهڙي ريت قيامت جي عقيدي جو معقول هجڻ سگهارن دليلن سان ثابت ڪيل آهي، ان ڏس ۾ خاص طور تي ان زمين جو مثال پيش ڪيو اٿس، جيڪا وڏي عرصي کان ويران پئي هجي پر اوچتو وڏ ڦڙو مينهن وسي پوي ۽ ان ۾ زندگيءَ جا، ساوڪ جا وٽندڙ آثار پيدا ٿي پون...



## قرآن عقل ۽ علم کي جِلا بخشي ٿو

**– عما نوئل**

محقق نوئل ڊي . ايچ (اسرائيلي) ڪوارٽرلي رويو جي جلد نمبر 127 جي صفحي نمبر 254 تي ’اسلام‘ جي عنوان تحت لکي ٿو:

اسين ان عجيب ڪتاب جي ماهيت ڏانهن توجهہ ڪريون ٿا، جنهن جي مدد سان عربن، سڪندرِ اعظم جي جهان کان بہ وڏو جهان جوڙيو ۽ روم جي سلطنت کان وسيع تر سلطنت فتح ڪري ورتي ۽ جيترو زمانو، روم کي فتوحات ۾ گهربل هو، ان جي ڏهون جيترو وقت بہ انهن کي نہ لڳو. اهڙو ڪتاب . جنهن جي مدد سان سمورن سامي نسلن ۾ صرف عرب ئي سپهہ سالار جي حيثيت سان يورپ جي سلطنتن ۾ آيا هئا، جتي فتيقيہ وارا، تاجر جي حيثيت سان ۽ يهودي پناهہ گيرن، قرآن جي مدد سان، انسانيت جي روشني ڦهلائڻ لاءِ ظاهر ٿيا هئا. اهي عرب، جڏهن جهالت جي اوندهہ جو راڪاس ڇانيل هو، يونان جي مرده عقل ۽ علم کي زنده ڪرڻ واسطي ۽ مغرب ۽ مشرق وارن کي، فسلفي . طب . معيشت ۽ انتظامي معاملات جهڙا دلچسپ فنون سيکارڻ واسطي آيا ۽ جديد علمن جا باني بڻيا.

هو هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو:

هي تبادل (ڪلام پاڪ جو هڪ حالت مان ٻيءَ حالت ۾ بدلجي دلين کي جنجهوڙي ڇڏيندڙ انداز) جيڪو وڄ جي وراڪن وانگَر تيز ۽ تُز آهي، قرآن پاڪ جو نهايت سحر انگيز انداز بيان آهي.

## قرآن وڏيڪ ترقيءَ جو ذريعو ٿي سگهي ٿو

**– پروفيسر آرنلڊ**

پروفيسر ڊي ڊبليو آرنلڊ، پنهنجي ڪتاب ’پريچن آف اسلام‘ جي صفحي 379 کان 381 تائين آفريقا جي شروعاتي مدرسن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

جيڪڏهن انهن مدرسن ۾ صرف قرآن پڙهايو وڃي ٿو تہ اهو بہ ترقيءَ جو ڪم گهٽ ذريعو نہ آهي ڇاڪاڻ جو اهو تہ وڏيڪ ترقيءَ جو ذريعو ٿي سگهي ٿو... عربي ٻولي سکڻ جو هڪ فائدو اهو بہ ٿيو تہ آفريقا جي سردارن کي بجاءِ ان جي تہ هو محض پنهنجي مرضيءَ سان حڪومت ڪن، ڪين سلطنت جي انتظام لاءِ هڪ ضابطو ۽ دستور العمل ملي ويو ۽ اها هڪ اهڙي تبديلي هئي جنهن سان سندن تهذيب ۾ ترقي ٿي، تجارت ۽ صنعت وڌي وئي ۽ هاڻي سوداگري صرف ايتري نہ رهي جو گونگن وانگر آيا ۽ شين جو، شين جي بدلي سودو مُڪائي هليا ويا...

مسلمانن جي تاثير ۽ اسلام جي طرز حڪومت ڪي ڏسندي آفريقا ۾ ايڏا وڏا وڏا شهر قائم ٿي ويا جو يورپ جي سياحن جڏهن شروع ۾ انهن جا حالات لکيا ته يورپ جي ماڻهن ڪي چڱيءَ طرح يقين ئي نه پئي آيو.

## قرآن انسانيت ۽ رواداري سيکاري ٿو

**– مسز سروجني نائيڊو**

مسز سروجني نائيڊو، 28 ڊسمبر 1919ع تي ووڪنگ سجد ۾ مسلم جماعت جي آڏو تقرير ڪندي فرمايو:

محمدﷺ کي جنهن مذهب جي تبليغ ڪرڻ واسطي موڪليو ويو هو، بي تعصبي ان جو عجيب و غريب پهلو هئي. محمدﷺ جي وطن واسين ذري گهٽ روءِ زمين تي حڪمراني ڪئي ۽ عيسائين جي سلطنت: اسپين تي ست سؤ سالن کان وڌيڪ ڏاڪو ڄمائي رکيو پر ايڏي اختيار جي باوجود عوام جي عبادت ۽ پوڄا جي حقن ۾ دست اندازي بلڪل به نه ڪئي.

مسلمان عيسائيت جو احترام ان جي ڪري ڪندا هئا جو قرآن حڪيم کين، غير مسلمان سان رواداريءَ جو سلوڪ ڪرڻ سيکاري ٿو.

دنيا جا سمورا وڏا وڏا مذهب، گهڻو ڪري قربانيءَ جي تعليم ڏين ٿا پر اسلام، ان ڏس ۾ سڀ کان اڳاهون آهي. تنهن ڪري اسلام عالمگير ڀائيچاري جو اصول دنيا جي آڏو پيش ڪيو. اڄ به دنيا ان اصول تي عمل پيرا ٿي ڪري خوشحال بڻجي سگهي ٿي.

## قرآن زندگيءَ جو ڪُلي احاطو ڪندڙ ڪتاب آهي

**– ڊاڪٽر جانسن**

ڊاڪٽر جانسن، جنهن ڪمال جو هو، اهو ڪنهن به تعليم يافته ماڻهو کان ڳجهو ناهي، قرآن حڪيم بابت سندس راءِ آهي ته:

جيڪڏهن قرآن شعر ناهي ۽ اهو چوڻ مشڪل آهي ته قرآن شعر آهي يا نه. ته اهو شعر کان به ڪا وڏي شيءِ آهي!

قرآن نه ڪِي تاريخ آهي ۽ نه ڪِي سوانح عمري! اهو پهاڙي گونج (انجيل جي هڪ حصي وانگر شاعريءَ جو مجموعو به ناهي، نه ڪِي ٻُدَ جي ڪتاب وانگر مابعد الطبيعيات وارو منطق آهي ۽ نه وري افلاطون جي عاقلن جي مجلسن وانگر نصيحت نامو آهي!



قرآن،هڪ پيغمبري آواز آهي، جيڪو پلي شروع کان آخر تائين سامي آهي، تڏهن به ان جا مطالب، ايڏا ته عام فهم ۽ وقتائتا آهن جو زماني جا سمورا آواز، ان جي آڏو دٻجي وڃڻ ٿا. قرآن جا پڙاڏا محلن ۽ ريگستانن ۾ ساڳيءَ طرح گونجندا رهن ٿا. اهي پڙاڏا پهريان ته منتخب دلين کي آماده ڪري تيار ڪن ٿا ۽ پوءِ پاڻ کي مصلح ۽ تاريخ ساز طاقت جي شڪل ۾ائين سميٽين ٿا جو يونان ۽ ايشيا جي سموري تخليقي روشني، عيسائي يورپ جي گهپ اونده ۾ ان وقت لاٿ ٻاري ٿي جڏهن عيسائيت، محض هڪ اونداهي رات جي راڻي هئي.

## قرآن رڳو تخيل نه، مستقل لائحه عمل آهي

**– ڊاڪٽر رامداس**

ڊاڪٽررامداس، (رشيد الدين ناز) ايم . اي . پي . ايڇ ڊي، اڳوڻو پرنسپل سناتم ڌرم ڪاليج لاهور ۽ پرنس آف ويلز ڪاليج ڄمون، بادشاهي مسجد لاهور ۾ اسلام قبول ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو هو:

قرآن پاڪ ئي واحد دستورالعمل آهي، جيڪو مختلف فرضن جي هر دائري ۾ انسان جي پوري پوري رهنمائي ڪري ٿو. گيتا ۽ قرآن ۾ هڪجهڙائيءَ جا ڪوڙ سارا پهلو آهن. گيتا جي دعوت جو ڍنگ اهو آهي ته: انسان جا جوڙيل سمورا مذهب ڇڏي ڪري، صرف هڪ ئي برتر خدا جي حضور پناه وٺجي... اهو حقيقت ۾، اسلام جي ان هدايت جي نور جو پهريون ڪرڻو آهي جنهن جي تڪميل جون سموريون منزلون قرآن حڪيم ۾ پوريون ٿيون.

قرآن پاڪ ۾ اسلام (يعني پنهنجو پاڻ کي اندر جي رضا جي حوالي ڪري ڇڏڻ) محض هڪ تخيل ناهي، بلڪ زندگيءَ جو مستقل لائحه عمل آهي. قرآن حڪيم جي دائمي تقديس جي اها سڀ کان وڏي علامت آهي ته ان عملي زندگيءَ کي مرڪز ۽ محور بڻايو ۽ ٻين شين کي ان جي تابع رکيائين. تعصبات جو دؤر ختم ٿي چڪو آهي. اچو، اسين وري هن مقدس ڪتاب يعني قرآن پاڪ ڏانهن متوجه ٿيون. ان کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو ڪونهي ته اسين هن هدايت جي سرچشمي مان روشني ۽ مدد وٺون ۽ اسان جو مقصد اهو هئڻ گهرجي ته ان جي حقيقي ۽ زنده مقام تائين پهچون. انسانيت جي تڪميل ۽ فلاح ان ۾ لڪل آهي. اسلام، ڪنهن هڪ انساني گروهه جو مذهب ناهي بلڪ پوري ڪائنات جو مذهب آهي.

## قرآن جي تعليم انقلاب برپا ڪري ڇڏيو

– سر فيروز شامهتہ

پارسي جماعت جي ناليواري اڳواڻ: سر فيروز شامهتہ ايم. اي. ايڊيٽر: جامِ جمشيد: پنهنجي مشهور تصنيف: ”مذهب جي روشنيءَ ۾“ لکي ٿو:

قرآن ۽ مسلمانن جو هڪ مذهبي ڪتاب آهي. هن ڪتاب کي عزت ۽ احترام جو جيڪو درجو حاصل آهي، سو شايد ئي ڪنهن ڪتاب کي حاصل هجي. قرآن، اهڙي وقت ۾ دنيا جي آڏو پيش ڪيو ويو، جڏهن هر پاسي هڪ خوفناڪ اونداهي ڦهليل هئي. هر پاسي ظلم ۽ ستم جو طوفان برپا هيو.

عربستان جتي حضرت محمد ﷺ پيدا ٿيو ۽ جتي هن ڪتاب جي پهرئين پهرئين اشاعت ٿي، سموري دنيا کان خراب حالت ۾ هيو. جتي ڪو بہ حڪومتي يا قانوني ضابطو نہ هو. اتان جا ماڻهو، معمولي ڳالهين تان درندن وانگر هڪ ٻئي کي چيريندا ڦاڙيندا هئا. ويڙهہ شروع ٿيندي هئي تہ اها صدين تائين جاري رهندي هئي. بت پرستي ۽ مار ڌاڙ، عربن جو دلچسپ شغل هو ۽ سندن فطرت، ايتري قدر مسخ ٿي وئي هئي جو هو پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن تي فخر ڪندا هئا. يورپ جنهن کي اڄ پنهنجي ترقيءَ تي ناز آهي، اهو بہ نهايت پست حالت ۾ هيو. اتي بہ هر پاسي جهالت جي حڪمراني هئي. اهڙي حالتن ۾ هدايت جو سج اڀريو: حضرت محمد ﷺ دنيا جي آڏو قرآن پيش ڪيو! جنهن جي عام تعليمات دنيا ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سڄي دنيا ۾ انصاف ۽ تهذيب جي روشني ڦهلجي وئي.
(صفحو: 110)

## قرآني تعليم ترقيءَ جو سرچشمو آهي

– مسٽر ايچ. ايس ليڊر

مسٽر ايچ. ايس ليڊر پنهنجي ليڪچر دوران (جيڪو، ”عربن جو تمدن تي احسان“ جي عنوان تحت اورينٽل لٽرري سرڪل لنڊن ۾ ڏنو هئائين) فرمايائين تہ:

ٿوري نظر انهن اصولن تہ بہ وجهو، جيڪي ان وقت عرب جي آڏو هئا، جڏهن اهي فاتح قوم جي حيثيت سان گذري هڪ امن ۽ ترقي بخش قوم جو شان ماڻي چڪا هئا. انهن اصولن جي لاءِ اسان کي قرآن ۽ حديث ڏانهن ڏسڻو پوندو.

انهن (مسلمانن) جي ٻارڙن جي تعليم قرآن جي تعليم سان شروع ٿيندي هئي، جيڪا وٽن سمورين ديني ۽ مادي ترقين جو سرچشمو هئي. قرآني تعليم جي ذريعي وٽن فلسفي ۽ حڪمت جا مدرسا قائم ٿيا. انهن مدرسن اڳتي وڌي



يونيورسٽين جي شڪل اختيار ڪئي. ان جو نتيجو هو جو وچ آفريقا جيڪو بر اعظم جو تمام پراڻهون علائقو آهي، جنهن کي اڄوڪي ويهين صديءَ جي روشنيءَ جي زماني ۾ اونداهو براعظم چيو ويجي ٿو. اهو ترقيءَ جي حوالي سان پنهنجي دؤر جي سڀ کان وڏي يورپين سلطنت کان بهتر هو!.

## قرآن جي بدولت صدين جي گمراهي لمحن ۾ ڪافور ٿي وئي

– پنڊت شانتارام

پنڊت شانتارام، بي. اي. پروفيسر اندرا ڪاليج بمبئي، پنهنجي اَملهہ تصنيف: حضرت محمد ﷺ صاحب جو جيون چرتر ۾ لکي ٿو:

مون ڪيترن سالن کان ان ڳالهہ تي غور پئي ڪيو تہ آخرڪار اسلام اهڙي حيرت انگيز ترقي ڪيئن ماڻي ۽ کهڙن سببن جي ڪري قرآن کي اهڙي شهرت ۽ ڪاميابي ملي؟! نيٺ قرآن پاڪ کي انگريزي ترجمي سان پڙهيم تہ مان ان نتجي تي پهتس تہ قرآن جي تعليم نهايت آسان، عام فهم ۽ انسان جي فطرت جي عيب مطابق آهي. ڪو مسئلو بہ قرآني تعليمات ۾ ڪو اهڙو عيب ڏيکاري نہ ٿو سگهي جيڪو انساني تهذيب جي معيار کان ڪريل هجي.

قرآن، عرب جي انهن جاهلن جو زبردست اصلاح ڪيو، جيڪي ڪنهن جي بہ هدايت جو پيغام ٻڌڻ گوارا نہ ڪندا هئا. هن اهڙي دلڪش انداز ۾ هدايت جو پيغام ڏنو جو صدين جي گمراهي چند لمحن ۾ ڪافور ٿي وئي. اهي ئي جاهل عرب، جيڪي ٿوري ٿوري ڳالهہ تان پنهنجن ڀائرن جو خون وهائڻ ۾ دير نہ ڪندا هئا، اهي امن ۽ عافيت جا علمبردار بڻجي ويا. قرآن پاڪ جي اها هڪ حيرت انگيز ڪاميابي آهي. (صفحو: 148)

## قرآن ٻڌي انسان بي اختيار سجدي ۾ ڪري پوندو آهي

– جان جاڪ ريس

مسٽر جان جاڪ ريس. مشهور جرمن فلاسافر جنهن مقامات حريري، تاريخ ابوالفداء ۽ معلقہ طرفہ وغيره جهڙن عربيءَ جي شاهڪار ڪتابن جو لاطيني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ انهن تي حاشيا لکيا آهن، سو لکي ٿو تہ:

ڪجهہ ماڻهو، ٿوري عربي سکي قرآن جو مذاق اڏائيندا آهن، جيڪڏهن انهن کي خوش نصيبيءَ سان ڪڏهن ان قسم جو موقعو ملي وڃي ها جو پاڻ سڳورا، پنهنجي فصيح زبان ۽ مؤثر لجهي ۾ قرآن پاڪ جي ڪا سورة پڙهي رهيا آهن، جنهن

www.sindhsalamat.com

جو دلين تي بجليءَ جهڙو اثر ٿئي ٿو ۽ جڏهن وري ڪنهن آيت بابت اهو ڪٿڪو ٿئي ته سامعين ان جي حقيقي مفهوم تائين نه ٿا پهچي سگهن ته پاڻ، پنهنجي معجزاتي زبان مبارڪ سان قوت بيان جي ذريعي ان جي وضاحت فرمائين ٿا ته يقيناً اهو شخص بي اختيار سجدي ۾ ڪري پوي ها ۽ سڀ ڪان پهريان سندس زبان مان اهو آواز نڪري ها ته: منهنجا سائين! توتي لک لک سلام . منهنجو هي هٿ وٺو ۽ مون کي پنهنجي پيروڪارن ۾ شامل ڪرڻ جي عزت بخشيو!

## قرآن باطل کان ڦيرائي حق ڏي آڻي ٿو

**– ٿيوڊور نولڊيڪي**

ٿيوڊور نولڊيڪي پنهنجي مشهور ڪتاب: ’جيشش ديش قرآنس‘ جيڪو 1908ع ۾ شايع ٿيو، لکي ٿو:

مڪي سورتن ۾ محمدﷺ جو اولين مقصد صرف اهو آهي ته ماڻهن کي ترغيب ۾ تحريڪ جي ذريعي باطل معبودن جي ڇار مان ڪڍي واحد خدا جي طرف آڻجي، سندس گفتگوءَ جو محور پلي کهڙو به هجي، ان جي گهرائيءَ ۾ اهو ئي مقصد نظر اچي ٿو. پنهنجي سامعين کي منطقي دليلن جي ذريعي قائل ڪرڻ بجاءِ انهن جي دلين تي قوّت تخيل جي ذريعي اثر وجهڻ جي لاءِ هميشهه فصاحت ۽ بلاغت جو استعمال ڪري ٿو. اهو ئي مقصد سامهون رکندي هو خدا جو تقدس بيان ڪري ٿو. قدرت جي شاهڪارن ۽ تاريخ جي عبرت انگيز داستانن جي تذڪري مان ڪم وٺي ٿو ۽ باطل معبودن جي بي ويسيءَ جي نشاندهي ڪري ٿو. باڪردار انسانن جي دائمي مسرتن ۽ گناهه گارن جي تڪليفن جي حالات کي خاص اهميت حاصل آهي. اهي ئي ڳالهيون اسلام جا شاندار اسباب سمجهڻ گهرجن.

قرآن پاڪ جون سڀ شاندار سورتون اهي آهن جن ۾ محشر جي ڏينهن جي آمد جي خبر ڏني، ڪائنات جي تهس نهس ٿيڻ جو بيان آهي. ائين ٿو لڳي ڄڻ اسين زمين کي لرزندي، پهاڙن کي ڦاٽندي ۽ دز ٻڄندي ۽ تارن کي انتها درجي جي بي ترتيبيءَ سان ورڪرندي، پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهيون.

## قرآن پوپ جي جابرانه اقتدار جو خاتمو آڻي ڇڏيو

**– مسٽر اسٽين لين پول**

مسٽر اسٽين لين پول، پنهنجي ڪتاب: ’منتخبات القرآن‘ ۾ لکي ٿو ته:



جڏهن اسلام، قرآن جي نوراني مشعل ڪٺي دنيا جي اونداهن ماڳن کي ورشن ڪري رهيو هو، تڏهن يورپ جهالت، بت پرستي ۽ وهم پرستي، تعصب ۽ پاڻ ۾ سخت اختلافن جو شڪار هو. پر ڏهين صدي عيسوي يورپ جي تاريخ ۾ هڪ نئين انقلاب جو ٻج پوکڻ جي صدي ثابت ٿي.

هاڻي اهو زمانو نه رهيو هو، جو يورپ قرآن کان غافل هجي. قرآن جي تعليم، يورپ وارن جي دلين تان آهستي آهستي جهالت جي ڪٽ لاهي رهي هئي. قرآن جي مطالعي جو فطري نتيجو اهو ٿيو جو هڪ پاسي ته اسلام جي اخلاق جو ڪڏهن به نه متجندڙ نقش سندن دلين تي ڇڄي ويو. ٻئي پاسي روم جي پوپ جي جابرانه حڪومت ۽ سندس اقتدار کي پاڙئون اکيڙڻ جو جذبو دل ۾ پيدا ٿي ويو. سرفروشن جون ڪوششون روم جي سلطنت کي نه رڳو ڌاهڻ لڳيون بلڪ هڪ آزاد فرقو جڙي پيو، جنهن جو باني ’لوٿر‘ هو. لوٿر، اطاليه جي جامعة العلوم ۾ تعليم پرائي هئي، جتي عربي فلسفي جي تعليم ڏني ويندي هئي.

## قرآن قديم ۽ جديد سياسيات جو گنج آهي

جيڪڏهن مشرق ۽ مغرب جا مسلمان، قرآني احڪامات جي مضبوطيءَ مان پابندي ڪن ۽ ان تي پورو پورو عمل ڪن ته پوءِ اهي يقيناً ديني، سياسي ۽ سمورن اجتماعي معاملن ۾ زبردست غلبو حاصل ڪري ماڻي وٺندا. ڇو جو مونکي اهو يقين آهي ته قرآن، قديم ۽ جديد سياست جي خزانن جو گنج آهي ۽ مقدس ڪتابن ۾ جامعيت جي حوالي سان نرالو ۽ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي.

قرآن پاڪ جا ڪيترائي ترجما مون تائين پهچي چڪا آهن ۽ هڪ انگريزي ترجمو هن وقت به منهنجي هٿ ۾ آهي ۽ مان ان جي مطالعي ۾ مصروف آهيان.

ان مقدس ڪتاب جي حڪمت بالغه ۽ اعليٰ قسم جو اسلوب جو مطالعو ڪندي، مان ته حيرت جي درياهه ۾ غرق ٿي ويندو آهيان.

مان مسلمانن جي ان غفلت تي سخت عجب ڪائيندو آهيان ته هو ديني معاملات جي روح تي ڪماحقه عمل ڇو نه ٿا ڪن؟! مون کي يقين آهي ته، جيڪڏهن مسلمان، قرآن پاڪ جي روح کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ پلٽي ڇڏين ته، هو ترقيءَ جي عروج تائين پهچي سگهن ٿا.

(اخبار: حمايت اسلام، لاهور 31 آڪٽوبر 1935)

www.sindhsalamat.com

## قرآن: ذات پات جي متيپيد جو واحد علاج

— پروفيسر ديجاداس

پروفيسر ديجاداس: 'مسلم آؤٽ لُڪ' (لاهور) ۾ لکي ٿو ته: بي شڪ! قرآن حڪيم، هندوءَ جي لاءِ هڪ تمام وڏو خزانو آهي. قرآن، انسانيت جي هر فرد جي لاءِ ظاهر ٿيو. صرف انهن ماڻهن جي هدايت جي لاءِ نه، جيڪي مسلمان سڏجن ٿا. قرآن، حڪم ڏنو آهي ته ڪير به، الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پنهنجو مالڪ ۽ معبود قرار نه ڏي. قرآن پاڪ جو پيش ڪيل ڀائيچارو ۽ مساوات، جمهوريت جي جان آهي ۽ ذات پات جي فرق ۽ متيپيد جو واحد ۽ يقيني علاج صرف ۽ صرف قرآن پاڪ آهي.

هو وڌيڪ لکي ٿو ته:

آه! اهو وقت ڪڏهن ايندو جڏهن اسين هندو، مسلمان، عيسائي، قرآن پاڪ جي انمول نصيحتن جي سونهري حرفن کي پنهنجين دلين تي نقش ڪنداسون ۽ ان جي تعليمات تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش جا سچ پچ اپاءَ وٺنداسين؟!

## قرآني ڀائيچارو

— ايچ - جي ويلز

مشهور مصنف ۽ افسانه نويس: ايچ - جي ويلز لکي ٿو:

قرآن کي يورپ وارن تمام گهٽ پڙهيو آهي ۽ جهالت جي ڪري قرآن ڏانهن ڪوڙ اهڙيون ڳالهيون منسوب ڪن ٿا، جيڪي دراصل جڙتو آهن ۽ قرآن پاڪ ۾ بلڪل به نه آهن!

قرآن الله جي حڪم جي ماتحت اسلام کي زبردست ڀائيچاري ۾ سلهاڙي ڇڏيو آهي ۽ اهو ڀائيچارو اهڙو آهي جيڪو نسل، رنگ ۽ زبان جي فرق کان بنهه بالاتر آهي ۽ جنهن جي آڏو مسيحي ڀائيچاري جي ڪائي اهميت ڪانهي. اهي فتوحات، جن عرب کي ان قابل بڻايو جو هو، جمادات جي علم، حسابن جي علم، ستارن جي علم، تعمير جي علم، فنون لطيفه ۽ فلسفي کي تمام اعليٰ درجي تائين ڪڻي آيا؛ اهو صرف ان ڪري ممڪن ٿيو، جو قرآن پاڪ جي تعليم متحد ڪندڙ مادي ۽ روحاني ترقيءَ کي گڏيل طور تي وڏي اتساهه مان اڀاريندڙ هئي...



## قرآن غلاميءَ کان نجات ڏياري

— چارلس اوڊن برٽن

انگلستان جو ناليوارو قلمڪار مسٽر چارلس اوڊون برٽن لکي ٿو ته جڏهن اسين بائيبل (توريت - زبور - انجيل) ڏانهن رجوع ڪندا آهيون ته اتي به غلاميءَ جي قديم رسم نظر ايندي آهي. پولوس رسول اهو نه ٿو چوي ته عيسائيت قبول ڪندڙ غلامن کي آزاد ڪري ڇڏجي بلڪ اهو ٿو چوي ته، غلامن کي پنهنجن آقائن ڏانهن واپس موڪلي ڇڏيو!

غلاميءَ جي ان بدترين رسم جي موجوگيءَ ۾ ياد رکڻ گهرجي ته قرآن حڪيم غلامن سان سهڻي سلوڪ ۽ ڀاجهه جي تعليم ڏني آهي ۽ اهو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ته غلامن کي آزاد ڪري ڇڏڻ هڪ انتهائي عظيم ڪم آهي.

## قرآن امن ۽ سلامتيءَ جو مذهب پيش ڪري ٿو

— پادري والرمسين

پادري والرمسين ڊي - ڊي، پٽس برگ جي گرجا ۾ 'عالمي امن جو صحيح رستو' جي موضوع تي ليڪچر ڏيندي، عيسائيت بابت واضح ڪيو آهي ته عيسائيت، اهڙن ملڪن ۾ به امن قائم ڪرڻ کان قاصر آهي، جن ۾ رڳو عيسائين جي ئي آبادي آهي. موصوف، اسلام کي هنن لفظن سان ساراهيو آهي:

انهن (مسلمانن) جو مذهب، جيڪو قرآن جو مذهب آهي، امن ۽ سلامتيءَ جو مذهب آهي ۽ ان جو نالو آهي: اسلام! جيڪو شخص اسلام جي پيروي ڪري ٿو ، ان کي مسلمان چئجي ٿو. يعني اهو شخص جيڪو خدا سان صلح ڪري ٿو ۽ خلق خدا ۾ امن قائم ڪري ٿو. مسلمان، هڪ ٻئي کي سلام ڪندي ڪيڪاريندا آهن: "السلام عليڪم". يعني مان توهان کي يقين ڏياريان ٿو ته توهين منهنجي حوالي سان هرحال ۾ امن ۽ سلامتيءَ ۾ آهيو! يعني منهنجو ذهن توهان جي پاسي کان هر لحاظ کان مثبت آهي!. (اسلامڪ ريڊيو. ڊسمبر1916 : صفحو : 574)

## قرآن جو بيان انتهائي حيرت انگيز آهي

— برنارڊشا

انگريزي ٻوليءَ جي يگاني اديب: 'جارج برنارڊ شا' ممباسه ۾ مشهور مسلم اسڪالر مولانا ايم - اي - اي صديقيءَ سان، امن ۽ جنگ جو فلسفو ۽ اسلام جو

مذهبي نظام تي گفتگوءَ دؤران فرمايو:

مان قرآن جي زورائتي ۽ حيرت انگيز طرز بيان جو بي حد معترف آهيان. انهن آيتن ۾ ڪيڏي دلڪش ۽ دل آويز فضيلت ۽ خوبصورتي پاسجي ٿي، جن ۾ حشر جي ميدان جو نهايت هولناڪ نقشو چٽيو ويو آهي ۽ ٻارن کي ڪهڻ واري بيان ڪي، زنده دفن يا قتل ٿيندڙ معصوم ٻارڙيءَ کان اهو سوال پڇي ڪيڏي نه طاقت ۽ روح کي جنجهوڙي ڇڏيندڙ انداز سان سورت جي پڇاڙي ٿئي ٿي ته:

بِاَيِّ ذَنب قُتِلَت

ڪهڙي ڏوهه ۾ قتل ڪئي وئي؟

منهنجي خيال ۾ ماڻهن جي دلين تي هڪ حقيقي ۽ پائيدار نقش قائم ڪرڻ جي لاءِ اهو نهايت ئي اثرائتو طريقو آهي.

(اخبار: استار، الہ آباد 18 جنوري 1937ع، صفحو 5، ڪالم 2)

## قرآن غريبن جو غمخوار ۽ دوست آهي

— **گارڊ فري هيگنس**

گاري فري هيگنس لکي ٿو ته:

مسيح جي انجيل وانگر، قرآن غريب ماڻهوءَ جو دوست ۽ غمخوار آهي. وڏن ماڻهن جي ناانصافيءَ کي جا بجا ننڌي ٿو. قرآن، ماڻهن جي سماجي مرتبي جي لحاظ کان عزت نه ٿو ڪري. اهو عمل قرآن جي صاحب محمدﷺ توڙي سندس برحق خليفن جو هڪ لازال ڪردار ۽ نيڪ ناميءَ جو باعث آهي. قرآن ۾ اهڙو هڪ به حڪم نه ٿو ملي جنهن ۾ سياسي خوشامد ۽ رک رکاءُ جو تر جيترو به ميلان هجي. جيئن 'ويسٽ منسٽر ريويو' ۾ مصنفاڻي راءِ ڏنل آهي ته جيڪڏهن خودمختيار ۽ جابر ايشيائي فرمانروائن کي سندن ارادن کان ڪا شيءِ روڪي سگهي ٿي ته اها، غالباً قرآن جي ڪا به آيت ڪنهن جرئتمند مقرر جي زباني ئي ٿي سگهي ٿي.

## قرآن تي پنهنجي اصلي شڪل ۾ محفوظ آهي

— **مارگريٽ فان اسٽائن**

بيرونس مارگريٽ فان اسٽائن، جرمنيءَ جي هڪ فصيح البيان مقرره هئي، جنهن سمورن مذهبن جو غور سان مطالعو ڪيو هو. 18 مئي 1934ع تي هن مذهب جي مشترڪ اصول جي موضوع تي برلن مسجد ۾ تقرير ڪندي چيو:



حضرت موسيٰ عليه السلام، ادلي جي بدلي جي تعليم ڏني ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام، درگذر ۽ معافيءَ جي تعليم ڏني پر حضرت محمدﷺ پنهنجي تعليم ۾ انهن ٻنهي کي ملائي ڇڏيو. اهڙيءَ ريت، توڙي جو سمورا مذهبي صحيفا خدا جي طرفان نازل ٿيا، تڏهن به صرف قرآن ڪريم ئي هڪ اهڙو آسماني صحيفو آهي، جنهن ۾ تر جيتري به ردو بدل ناهي ٿي ۽ اهو پنهنجي اصلي شڪل ۾ محفوظ آهي.

## بيشڪ، قرآن الله جي پاران نازل ڪيل آهي

— **ڊاڪٽر ڪينن**

ڊاڪٽر ڪينن آئنڪ ٽيلر، پنهنجي تصنيف: 'التواريخ' ۾ لکي ٿو:

انهن لڙاين کي 'ڪروسيڊ' يا 'جهاد مقدس' چون ٿا ۽ ڪوڙ اڳڪٿيون آهن جيڪي سڀ جو سڀ پاڻ سڳورن جي ارشاد مبارڪ مطابق ئي پوريون ٿيون/ ظاهر ٿيون. اسلام جي مهندار حضرت محمدﷺ کي ڪنهن به نه لکايو، نه پڙهايو . حضور اقدس جا والد گرامي سندن ولادت کان اڳ ئي رحلت فرمائي چڪا هئا.والده سائڻ کي به بلوغت واري ڄمار ۾ نه ڏٺائون. نه ڪِي ڪنهن ڏاهي يا فيلسوف سان سنگت رهين. اهڙي حالت ۾ هڪ مڪمل شريعت جو ظاهر ٿيڻ ۽ قرآن جهڙي فصيح ۽ بليغ ڪتاب جو نازل ٿيڻ الله جي طرفان ناهي ته ٻيو ڇاهي؟! اهڙي يتيمي ۽ مسڪينيءَ جي حالت ۾ سموري عرب جزيري ۾ ايڏي زور شور سان توحيد جي گونج، اسلام جو سڄي دنيا ۾ ڦهلجي وڃڻ، وڏن وڏن بادشاهن جو مطيع ۽ فرمانبردار ٿي وڃڻ ۽ قدمن ۾ ڪري پوڻ صاف صاف ۽ ڪليل دليل آهي ته قرآن الله جي پاران ئي نازل ڪيل آهي.

## قرآن تهذيب ۽ تمدن جو بنياد آهي

— **ڊاڪٽر ڪينن**

ڊاڪٽر ڪينن آئزڪ ٽيلر، 1877ع ۾ انگلستان جي ڪليسائن جي صدر جي حيثيت ۾ هڪ تقرير ڪئي هئي، جيڪا تڏهوڪي وقت ۾ 'لنڊن ٽائمز' ۾ شايع ٿي هئي. ان تقرير جو تت اهو آهي ته:

اسلام جو بنياد قرآن تي آهي، جنهن تمدن جو جهنڊو جهولايو، جيڪو تعليم ڏئي ٿو ته: انسان، جيڪو نه ٿو ڄاڻي سو سکي وٺي. جيڪو ٻڌائي ٿو ته صاف سٿرا ۽ ڌوتل پوتل ڪپڙا پهريو ۽ صفائيءَ سان رهو ... جيڪو حڪم ڏئي ٿو ته

www.sindhsalamat.com

استقلال ۽ استقامت ۽ عزت نفس نهايت لازمي شيون آهن. بي شڪ! اسلام جا فائدا يقيني آهن ۽ اُن جون خاصيتون، شائستگي ۽ تمدن جا بهترين بنياد آهن.

## قرآن سياسي ۽ اجتماعي زندگيءَ تي اتساهي ٿو

— علامہ مغني

علامہ مغني مسيحي مستشرق، 'ترجمة القرآن' جي مقدمي ۾ لکي ٿو:

مسلمانن جو رهنما محض قرآن آهي ۽ اهو صرف مذهبي ڪتاب ناهي بلڪ علم ۽ ادب جو بہ مجموعو آهي. اُن جي اندر توهان کي سياسي ۽ اجتماعي زندگيءَ بابت مڪمل تفصيل ملندا. صرف ايترو ئي نہ، بلڪ قرآن، انسان جي روزاني زندگيءَ جي سمورن معاملن جو بہ تفصيلي بيان ڪري ٿو.

قرآن بيواهہ عورتن کي سڀ کان وڌيڪ حق ڏنا آهن

'ايوليوشن آف ميرج اينڊ آف دي فيملي' نالي هڪ ڪتاب جو مصنف پنهنجي ان ڪتاب جي صفحي نمبر 259 تي لکي ٿو تہ:

بيواهہ عورتن جي حقن جي معاملي ۾ قرآن جي تعليم ٻين ڪتابن ايستائين جو انجيل کان بہ بلند ترين آهي. قرآن، مڙس جي وفات کان پوءِ عورت کي وارث قرار ڏئي ٿو. مڙس، جيڪڏهن منجهانئس ڪو اولاد ڇڏي وڃي ٿو تہ ڪيس ملڪيت جي ايٺين پتي ملي ٿي ۽ لا اولاد هجڻ جي صورت ۾ بيواهہ، ڪل ملڪيت جي چوٿين حصي جي حقدار بيهي ٿي.

قرآن جي حسن ۽ خوبيءَ کان صرف انڌو ئي انڪار ڪري سگهي ٿو

لنڊن جي هفتيوار اخبار: 'نير ايسٽ' پنهنجي 13 اپريل 1922ع جي اشاعت ۾ لکي ٿي تہ:

اسين، حضرت محمد ﷺ جي تعليم ۽ ارشاد بابت ڀلي ڇا بہ سمجهون، پر اسان کي اهو بهرحال مڃڻو ئي پوي ٿو تہ نزول ۽ ترتيب جي لحاظ کان قرآن پاڪ، حيرت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندڙ معجزي نما صحيفو آهي ۽ توڙي جو ان جي ٻولي ۽ خيالات، جيڪي منجهس درج آهن، اسان جي پنهنجي زبان ۽ خيالات کان گهڻو مختلف آهن. پر جيڪڏهن اسين انهن جي قدر ۽ قيمت، عظمت ۽ فضيلت ۽ گهٽي ڀاڱي ان جي حسن ۽ خوبيءَ کي تسليم نہ ڪنداسون تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ اسين عقل ۽ سمجهہ کان بلڪل ڪورا آهيون.



## قرآن وت کان وڌيڪ ٻوجهہ نٿو وجهي

— مسٽر چيننگ پولڪ

مسٽر چيننگ پولڪ، پنهنجي تاليف: 'دي اينيميءَ' جي صفحي نمبر: 96. 97 تي لکي ٿو:

شايد اسان جي مذهب (عيسائيت) ۾ اها خرابي آهي تہ هو، انسان تي ان جي وت کان وڌيڪ ٻوجهہ رکي ٿو. جيڪڏهن توهين ڪنهن ماڻهوءَ کي چئو تہ توهان جي صحت جو دارومدار، وچٿري کاڌي پيتي تي آهي تہ غالب گمان آهي تہ هو ان ڳالهہ جي ڪوشش ڪندو پر توهين ساڳين ان کان اهو مطالبو ڪريو . ڪجهہ کاءُ پيءُ، تہ هو يقيناً چوندو: ڳالهہ تہ ڏاڍي ڀلي آهي، پر ناممڪن آهي. قرآن، انساني فطرت تي تمام گهٽ ٻوجهہ رکي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو قرآن قابل اطاعت ڪتاب آهي.

## قرآن، مغرب جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ هجڻ گهرجي

— سر ايڊورڊ ڊينيسين

سر ايڊورڊ ڊينيسين راس، سي . آئي . اي، سيل جي قرآن پاڪ جي ترجمي جي آخري ايڊيشن (مطبوعہ 1922) ۾ جيڪو مهاڳ لکيو آهي، تنهن ۾ لکيو اٿس تہ:

تيرهن سؤ سالن جي سمورن انقلابن دوران، قرآن ڪريم مڙني ترڪن، ايرانين، هندستانين جي تقريباً چوٿون حصو آباديءَ جو مقدس صحيفو رهيو آهي ۽ مسلمان ان ڳالهہ تي زور ڏيندا آهن تہ يقيناً اهڙو ڪتاب جهڙو قرآن حڪيم آهي، ان لائق آهي تہ مغرب جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پڙهيو وڃڻ گهرجي، خاص ڪري دؤر حاضر ۾، جڏهن موجوده ايجادن جي ذريعي زمان ۽ مڪان جون بندشون ٻنهہ ميسارجي ويون آهن ۽ جڏهن عام مفادات سڄي دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

## قرآن، نهايت آسانيءَ سان سمجهہ ۾ ايندڙ ڪتاب آهي

— مسٽر سي. ايف رائڊر

مسٽر سي. ايف رائڊر، اسلام ۽ عيسائيت جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪندي هڪ جلسي ۾، جيڪو لنڊن ۾، جولاءِ 1916 ۾ مسٽر عبدالله يوسف علي جي صدارت ۾ ڪوٺايو ويو هو، چيو هو تہ:

هن ملڪ (انگلستان) جا ديني اڳواڻ هِن حقيقت تي رت جا ڳوڙها ڳاڙين جو، آفريقا ۾ اسلام، عيسائيت جي مقابلي ۾ وڌيڪ تيزيءَ سان ڦهلبو پيو وڃي.

www.sindhsalamat.com

شايد هو ان ڳالھ کان آگاھ ناهن تہ اسلام قبول ڪرڻ جي ان تڪڙي رفتار جو سبب، ان جي سادگيءَ ۾ لڪل آهي. چاڪاڻ جو عيسائيت جي ڀيٽ ۾، اسلام جا عقيدا بنھ سهنجا ۽ سِڌا آهن.

اسلام، قرآن جي صورت ۾ جيڪو زندگيءَ جو ضابطو انسان جي آڏو پيش ڪيو آهي، اهو نهايت آسانيءَ سان سمجھ ۾ ايندڙ آهي. قرآن پاڪ جو عام فهم هجڻ يا آفريقا ۾ اسلام جي تيزرفتاريءَ سان قبوليت جو هڪ تمام وڏو ڪارڻ آهي.

## قرآن ۾ وسيع جمهوريت جا سمورا اصول موجود آهن

**— لبن ڪرهل**

لبن ڪرهل، پنهنجي ڪتاب: 'دي ليبن دي محمد' ۾ جيڪو ليپسہ ۾ 1884ع ۾ شايع ٿيو هو، لکي ٿو تہ:

قرآن، عقيدن ۽ اخلاقيات تي مبني قانون جو هڪ مڪمل ضابطو پيش ڪري ٿو. قرآن ۾ وسيع جمهوريت جا سمورا اصول، رشد وحدانيت جي لاءِ، انصاف ۽ عدالت جي لاءِ ، فوجي تنظيم ۽ تربيت جي لاءِ ، ماليات جي لاءِ، غريبن بابت نهايت محتاط قانون سازيءَ جي واسطي بنياد موجود آهن پر انهن سمورن جو سنگ بنياد، الله پاڪ جي ذات تي عقيدو رکڻ آهي جنهن جي قدرت جي هٿ وس، انسانن جي قسمت جي واڳ آهي.

## قرآن، مذهب ۽ علم جو سنگم آهي

**— مسٽر هورٽن**

مشهور جرمن مستشترق: 'هورٽن' پنهنجي ڪتاب: استعداداالاسلام بقول الثقافة الروجبة ۾ لکي ٿو تہ:

توهان کي اسلام هڪ اهڙو مذهب نظر ايندو جيڪو مذهب ۽ علم جو سنگم آهي. اسلام ئي واحد دين آهي، جيڪو ٻنهي کي گڏوگڏ هلائي ٿو. جيڪڏهن توهين غور ڪندؤ تہ توهان کي اسلام عقل جي عين مطابق نظر ايندو
(صفحو: 9)



## قرآن، جديد قديم صداقتن جو سرچشمو آهي

**— هرهائنيس شهزادي خير النساء**

هرهائنيس شهزادي خير النساء (ڊيانگ سوڊا) جزيره سراوڪ جي رهواسڻ جنهن هوائي جهاز ۾ هڪ سفر دوارن ئي اسلام قبول ڪيو هو، هوءَ اها لکي ٿي تہ:

قرآن ۾ خدا جي وحدانيت جون عظيم الشان صداقتون موجود آهن. هن ماديت ۽ دهريت جي زماني ۾ رسول پاڪﷺ جون ڳالهيون دلين ۾ لاڳيتو گهر ڪنديون وڃن ٿيون

اسلام جي خلاف رومن ڪيٿولڪ فرقي پاران شديد مخالفت واري مهم باوجود اهو ڏينهن پري ڪونهي، جڏهن نبوي ارشادات يورپ ائين عام ٿي ويندا جيئن مشرق ۾ عام آهن. قرآن ۾ موجوده زماني جون عظيم صداقتون ۽ بائيبل، مسيح، ڪنفوشس ۽ ويدن جي ڏاهپ جو ئي ڪو پڙاڏو ياسجي ٿو. هي عقل کي حيران ڪري ڇڏيندڙ ڪتاب، تسلي، اميد ۽ محبت جي دولت سان مالا مال آهي.
(اخبار: لائٽ، لاهور)

## قرآن زبردست دعوت عمل آهي

**— ڊاڪٽر جارج ايس**

ڊاڪٽر جارج ايس، ارنديل، پريزيڊنٽ ٿياسافيڪل سوسائٽي، لکي ٿو تہ:

حضرت محمدﷺ بيشڪ، تعريف جي لائق آهي. سندس سموري زندگي، عظمت ۽ چمڪندڙ نشانن سان روشن هئي ۽ هڪ نهايت وڻندڙ، نهايت گهري ۽ نهايت سادي روحانيت سندس خاص خوبي هئي. حضرت محمدﷺ يقينن هڪ نبي هو چاڪاڻ جو ڪيس پنهنج صدا هڪ وحشتناڪ ويراني ۾ بلند ڪرڻي پئي. قرآن جي عظمت محض ان جي ڪتاب هجڻ ۾ ناهي بلڪ ان حقيقت ۾ لڪل آهي تہ قرآن، ايندڙ نسلن جي لاءِ هڪ زبردست دعوتِ عمل آهي، جيڪو شاندار اسلامي تمدن ۽ حڪمراني قائم ڪري سگهڻ جي صلاحيتن سان ڀرپور آهي.
(ثروت، لاهور ڀهرين جولاءِ 1935ع)

www.sindhsalamat.com

## قرآن امن جو پيغام کڻي آيو

– منشي ڪنهيا لال

هندي ٻوليءَ جو بي مثال ۽ مقبول رسالي ’چاند‘ جو ايڊيٽر منشي ڪنهيا لال (ايڊووڪيٽ) پنهنجي رسالي ۾ لکي ٿو:

رمضان جو مهينو، مسلمانن جي آسماني ڪتاب جي نزول جو مهينو آهي. هي اهو ڪتاب آهي جنهن جي عظمت جو راز ان جي پاڪيزه تعليم ۾ لڪل آهي. قرآن پاڪ، دنيا جي لاءِ امن ۽ اتحاد جو پيغام آهي. اصلاح ۽ ڪاميابيءَ جو ضابطو آهي. قرآن جون خوبيون تڏهن معلوم ٿي سگهنديون، جڏهن ان تي عقيدو رکندڙ ان جي احڪامات تي پوريءَ طرح عمل ڪن ۽ پنهنجو پاڻ کي نمونو بنائي ڏيکارين ته مسلمان هيئن ٿيندا آهن...

جنهن ڪتاب ڪنهن زماني ۾ هڪ زبردست قوم جوڙي ڏيکاري، اهو ڪڏهن به بيڪار ۽ اجايو نه ٿو ٿي سگهي.

## قرآن، هڪ مستقل ۽ زنده معجزو آهي

– مسٽر سي- اي، سورما

مسٽر سي . اي سورما، (بي . اي) جنهن قرآن جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ اسلام قبول ڪيو، هڪ طويل مضمون ۾ لکي ٿو:

قرآن، رسول خدا ﷺ جي ذريعي جنهن صورت ۾ نازل ٿيو ، ان ئي صورت ۾ اڄ به موجود آهي. هڪ ذري جو به منجهس فرق نه آيو آهي. انساني هٿ ۽ دماغ ان ۾ ڪا به دخل اندازي نه ڪئي آهي ۽ اها هڪ اهڙي ڳالهه آهي جيڪا ڪُلي بلڪ جزوي طور تي به ڪنهن مذهبي ڪتاب بابت نه ٿي چئي سگهجي. حضرت محمد ﷺ جي دعويٰ هئي ته: قرآن هڪ مستقل ۽ زنده معجزو آهي ۽ واقعي، قرآن حقيقت ۾ هڪ معجزو ئي آهي.

## قرآن ئي قابل قبول ۽ دل کي اطمينان بخشيندڙ ڪتاب آهي

– بابا نانڪ

حضرت بابا نانڪ فرمائي ٿو ته:

توريت، زبور، انجيل تري تري پڙهه سن ڏٺي ويد

رهي قرآن ڪتاب ڪذڪل جنگ مين پروار

(جنم ساکي ڪلان ص: 147)



’توريت، زبور، انجيل ۽ ويد وغيره سمورا ڪتاب پڙهي ڏٺاسون، بس قرآن حڪيم ئي قابل قبول ۽ دل کي اطمينان بخش نظر آيو.

رهي ڪتاب ايمان دي بيچ ڪتاب قرآن

جيڪڏهن سچ پڇو ته سچو ۽ ايمان وارو ڪتاب، جنهن جي ملاقات سان دل باغ بهار ٿي وڃي، قرآن حڪيم ئي آهي.

## قرآن، خود پنهنجي تعظيم ڪرائيندو آهي

– مسٽر وڊول

مسٽر وڊول، جنهن قرآن پاڪ جو ترجمو شايع ڪيو، سو لکي ٿو ته:

اسين جيترو به هن ڪتاب (قرآن) کي اٿلايون پٿلايون ٿا، اوترو قدر، پهريان ان جي مطالعي جي نون نون رخن کان پنهنجو رنگ ڄمائي ٿي... پر وري فوري طور! ها فوري طور تي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٻيهاري، پنهنجو تابع ڪري، حيران ڪري ڇڏي ٿو...!!! آخرڪار، اسين ان جي عظمت جي آڏو سيس نمائي بيهي رهڻ تي مجبور ٿي پئون ٿا.

قرآن جو طرز بيان، ان جي مضمونن ۽ مقصدن جي لحاظ کان مؤثر، عاليشان ۽ لرزائي ڇڏيندڙ آهي. پڙهندڙ، جابجا ان جي مضمونن جي گهرائيءَ تائين پهچي ذهني بلنديون ماڻي وٺي ٿو. مطلب ته قرآن هر زماني ۾ پنهنجو زورائتو اثر پاڻ ئي ڏيکاريندو رهندو.

## قرآن، اسلامي فوجن سان هميشه گڏ رهيو

– مسٽر روبن سن

مسٽر روبن سن لکي ٿو ته:

اسلام جي سوڀارين فوجن، شام ملڪ فتح ڪيو يا شمالي آفريڪا ۾ پنهنجي تسخير جو علم کوڙيو، يا ڳاڙهو سمنڊ پار ڪري، ڪاري سمنڊ ۾ پنهنجا پير کوڙيا... مطلب ته اهي جتي به پهتيون قرآن جي تعليم انهن سان گڏ گڏ هئي. اهو ئي سبب آهي جو انهن ڪٿي به ڪا به زيادتي نه ڪئي. ڪو به ڏاڍ نه ڪيو. ڪو به ظلم نه ڪيو. ڪنهن به قوم کي هُنن اِن بنياد تي ڪڏهن به پنهنجي تلوار جي زد ۾ نه آندو ته انهن اسلام قبول ڪرڻ کان انڪار ٿي ڪيو.

www.sindhsalamat.com

## قرآن، زندگيءَ جا طبعي لوازمات پورا ڪندڙ ڪتاب آهي

**— اي۔ آر، واڊيا**

مسفر اي . آر واڊيا، پروفيسر آف فلاسافي ميسور يونيورسٽي، 25 جولاءِ 1936ع تي ٽريننگ ڪاليج جي ٽيچرز ايسوسيئيشن جي عيد ميلاد النبيﷺ جي جلسي ۾ تقرير ڪندي فرمايو:

اسلام کي صحيح طور تي سمجهڻ جي لاءِ قرآن ۽ ان جي سچن پيروڪارن جي سيرت جو مطالعو ضروري آهي. جيڪڏهن اچ مون کان پڇيو وڃي ته، اهو ڪهڙو مذهب آهي، جيڪو زندگيءَ جي طبعي لوازمات جي سمورن مطالبن جو پورائو ڪندڙ آهي؟ ته مان اولين ترجيح اسلام کي ڏيندس.

(رڪن ٽائمز: 6 آگسٽ 1936ع)

## قرآن هڪ ناقابل تشريح طلسم آهي

**— اي۔ ڊبليو، بلائيڊن**

اي . ڊبليو، بلائيڊن . جيڪو هڪ حبشي عيسائي آهي. پنهنجي هڪ ڪتاب: ’عيسائيت، اسلام ۽ حبشي نسل‘ ۾ لکي ٿو:

جتي خيال انهن حبشين جي سمجهه ۾ نه ايندا آهن، اتي قرآن حڪيم جا الفاظ به انهن جي لاءِ هڪ ناقابل بيان خوبصورتي ۽ موسيقي ۽ هڪ ناقابل تشريح طلسم بڻجيو وڃن، جيڪي مغربي ٻوليون ڄاڻندڙن جي لاءِ قطعاً ناقابل فهم آهن.

## قرآن، ذهني انقلاب آندو

**— مسٽر ونڊ وڊايڊ**

مسٽر ونڊ وڊايڊ پنهنجي تاليف: ”انسان جي شاهدي“ ۾ لکي ٿو:

جنهن زماني ۾ يورپ بي علمي ۽ جهالت ۾ ٻڏل هو، اسلامي هسپانيه جي دؤر ۾ علم و فضل جو دؤر رائج هو ۽ اتي ڪيميائي تجربا ڪيا ٿي ويا ۽ اهو ذهني انقلاب، سچو جو سچو اسلام جي ڪتاب (قرآن) جي بدولت ممڪن ٿيو.



## قرآن، تاريخي واقعا تنبيهي طور پيش ڪري ٿو

**— پروفيسر مارگوليٿ**

پروفيسر ڊي . ايس، مارگوليٿ، جنهن قرآن ۽ اسلام جي مخالفت واري لٽريچر ۾ ڪافي اضافو ڪيو آهي، اهو پنهنجي ڪتاب: محمد ازم، ۾ لکي ٿو ته:

قرآن، ٻين مذهبي صحيفن جي ڀيٽ ۾، جيڪو براه راست تاريخي بحث ڪري ٿو، ان جي حيثيت نرالي آهي. جيستائين قرآن جو تعلق آهي اهو تاريخ کي صرف اخلاقيات جي نفاذ واسطي پيش ڪري ٿو، ايستائين جو قرآن ۾ جيستائين حاضر واقعات کي بيان ڪيو ويو آهي اتي به اهو ئي مقصد آهي. قرآن جو مقصد، ڪا آکاٽي ٻڌائڻ بلڪل به ناهي بلڪ واقعا ٻڌائڻ مان صرف اهو مقصد آهي ته ٻڌندڙ کي تنبيهه ٿئي.

قرآن جي ذريعي قادر مطلق مسلمانن ۾ برتري، عظمت ۽ حڪمرانيءَ جو احساس پيدا ڪيو ۽ اها ڳالهه ڪنهن نه ڪنهن وقت ۾ تمام وڏين قومن جي ترقيءَ جو باعث رهي آهي.

## قرآن جي مثل تعليمي قوت

**— گوئٽي**

گوئٽي، قرآن جي تعليمي قوت تي گفتگو ڪندي ايڪر من کي چيو:

تون ڏسي رهيو آهين ته هن قرآن جي تعليم کي ڪڏهن به ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو نه پيو آهي. پنهنجن سمورن تعليمي نظامن سميت جيڪڏهن اسين ڪوشش ڪريون، تڏهن به ان تعليم کان اڳتي نه وڌي سگهنداسين ۽ عام نظر سان ڏسجي ته ان تعليم کان تجاوز ڪرڻ جي ڪنهن ۾ به همت ناهي.

گوئٽي، پنهنجي هڪ تصنيف ۾ لکي ٿو ته:

جيتري قدر اسين هن (ڪتاب) کي ويجهو ٿيندا آهيون، تيئن ان تي وڌيڪ غور ڪندا آهيون، ته هو اوترو ئي ڏورانهون ڇڪي ويندو آهي يعني تمام بلندين ڏانهن ويندي محسوس ٿيندو آهي. قرآن، بتدريج دل کي لپائيندو آهي، پوءِ عجب ۾ وجهندو آهي، پوءِ فرحت بخش حيرت ۾ مبتلا ڪندو آهي ۽ آخرڪار پنهنجو احترام ڪرڻ تي مجبور ڪندو آهي. ان ريت، هي ڪتاب سمورين نظرن ۾ هميشه اثر پيدا ڪندو آهي.

www.sindhsalamat.com

## قرآن جي مطابق ئي دنيا تي حڪومت قائم ڪرڻ گهرجي

**– نپولين بونا پارٽ**

نپولين بوناپارٽ لکي ٿو ته:
منهنجي خواهش اها آهي ته دنيا تي قرآن پاڪ جي اصول ۽ آئين مطابق حڪومت ڪجي، ڇاڪاڻ جو صرف ان ۾ ئي انسانيت جي حقيقي ڪاميابي آهي.
(مسلم ريويو، جنوري 1934 ص: 12)

## قرآن جي صفحن ۾ خود جلوه افروض آهي

**– عثمان واٽڪنز**

عثمان واٽڪنز، جنهن کي خدا عيسائيت کان اڳتي آڻي اسلام قبول ڪرڻ جي توفيق بخشي، هو فرمائي ٿو ته:
رب العالمين اسان جي فهم ۽ ادراڪ کان بالاتر آهي. اسين ان کي صرف ان جي ڪمن جي ذريعي ڄاڻي سگهون ٿا ۽ ان جو جلوو، اسين قرآن پاڪ جي لافاني صفحن ۾ پسي سگهون ٿا.

## قرآن جو قانون بائيبل کان وڌيڪ مؤثر آهي

**– ڊين اسٽينلي**

مشهور مسيحي پادري، ڊين اسٽينلي مشرقي ڪليسا جي صفحي نمبر: 279 تي لکيو آهي ته:
قرآن جو قانون بيشڪ، بائيبل جي قانون کان وڌيڪ مؤثر ثابت ٿيو آهي.

## قرآن بلند خيالن جو خزانو آهي

**– واشنگٽن ارونگ**

واشنگٽن ارونگ، سيز محمدﷺ ۾ لکي ٿو ته:
قرآن ۾ نهايت بلند ۽ اخلاص سان ڀرپور خيالات بيان ڪيل آهن.



## قرآن، بيشڪ! هڪ الهامي ڪتاب آهي

**– مهاتما گانڌي**

برصغير جو عظيم رهنما مهاتما گانڌي، 'ينگ انڊيا' ۾ لکي ٿو ته:
مون کي قرآن کي الهامي ڪتاب مڃڻ ۾ ذرو به جهجهڪ ڪانهي.